
ماٹھو

بدر ابڑو





ماٹھو

ماڻهو

(انسان جي ارتقا جي ڪهاڻي)

بدر ابڙو

نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ٽنڊو ولي محمد حيدر آباد سنڌ.
1998ع

نيو فيلڊس پبليڪيشنس جو ڪتاب نمبر ٻه سؤ ايڪيهه

ڇپائيندڙ	نيو فيلڊس پبليڪيشنس ٽنڈو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ.
ڇپيندڙ	ذڪي پرنٽنگ پريس، ڪراچي.
ڪمپيوٽر ڪمپوزر	حسين سومرو ۽ راڻو ميگھواڙ
پھريون ايڈيشن	ڊسمبر 1998ع
	قيمت -/250 رپيا

(سڀ حق ۽ واسطا قائم)

MANHOO (THE MAN) Written by BADAR ABRO. Published by New Fields Publications, Tando Wali Mohammad, Hyderabad, Sindh. Pakistan. First Edition December 1998.

Price Per Copy Rs. 250/-

Book No. 221

انهن هٿن ۽ پيرن جي نالي
جن
لکها سالن جي پورهئي ۽ پنڌ
سان
ماڻهوءَ کي ماڻهپي جي منزل تائين پهچايو

One of many negative pictures of the human hand from the cave at Gargas in France.



فرانس جي غار ۾ رهندڙ هڪ گمنام ۽ قديم ترين فنڪار جي هٿ جو نشان.



پيليولٿڪ ماڻهوءَ جي پير جو لڏ قديم ترين نشان ــ اٽلي.

ترتيب

پہ اکر	بدر ابڑو	17
مھاگ	کليم لاشاري	21

ڏرتي

ڏرتيءَ جي عمر ۾ اُنجا دؤر	25
ڏرتيءَ تي زندگي	27
ڏرتيءَ تي برفاٹا دؤر	33
واڦن جي ڪرونولاجي	37

ماڻھوءَ جو جنم

ماڻھوءَ جو جنم	38
ماڻھوءَ نما مخلوق جا ابتدائي اھجاڻ	43
ھڏل برگ جو نِيم ماڻھو	44
پرياتي ماڻھو	45
ماڻھوءَ جا ارتقائي مرحلا	47
نيندرٿال	56
ڇا نيندرٿال ۾ ڪروميگنان جو نسلي ميلاپ ٿي ويو؟	58
ماڻھوءَ جو ڪٽنب	60

عظيم ٻوڏ ۽ اُنجا ڪردار

يوناني ڏند ڪٿا ۾ عظيم ٻوڏ	68
عظيم ٻوڏ: عراقي ڏند ڪٿا ۾	71

پرلئ (عظيم ٻوڏ)، هندو ڏند ڪٿا ۾ 72
طوفانِ نوح 74

ثقافتي واڌ ويجھ

ثقافتي دؤر 77
اولھ ۾ نيوليٿڪ ثقافت جي واڌ ويجھ 80
مڊيم پرديش 82
نيوگنيا 83
ابوظهبي ۾ پٿري دؤر 84
قديم انسان جو مختصر خاڪو 85

آفريڪا

آفريڪا 87
قديم ترين انسان ۽ پٿري هٿيارن جي ارتقا 89
آفريڪي ڏنڊن جا ڪنارا، جتي پٿر جو دؤر شروع ٿيو 92
آفريڪا ۾ پهريان اوزار 95
آفريڪا مان 80 هزار سال پراڻا اوزار مليا 97
آفريڪي آسٽرالوپٿيڪس 98
آپو انسان- ڳالهائيندڙ شڪاري 99
باهھ جو استعمال 100
آفريڪا جي ڪاناپوئي ڏنڊ 101

اوائلي شڪاري

ماٹھو، دؤر ۽ جاگرافيائي حالتون 104
اوزارن جي ارتقا 106

اوائلي شڪاري 123
ڪجهه مخصوص جانورن جا شڪاري 130
ننڍن جانورن جي شڪار ۾ شڪارين جو دؤر 139
ميڃيءَ جو شڪار 140

باهه جو استعمال

هڪ وڏي ڪاميابي 144
آتش دان 149

پوشاڪ

برفاني پيليولٿڪ لباس 154
سِبڙ جون سُيون 156
سينگار 158

اوائلي آڃها

ڏڌن علائقن ۾ رهائش 161
پهريون گهر، جهوپڙي 162

اوائلي قبرون

موت جو احساس ۽ قبرون 167
نيندرٿال قبرون 171
برفاني دؤر جي شڪارين جون قبرون 174
نيوليٿڪ دؤر جا مقبرا 178
ڏملوٽيءَ ۾ ڪافرن جون قبرون 179
يورپي ڏولمن ۽ پٿري دائرا 183

اوائلي آرٹ

يورپ جا اوائلي فنڪار 191
بت تراشي 205

يورپ ۾ نيوليٿڪ دؤر

ڏاڙين ۾ نفيس پيچرو 216
برفاني انسان 218

هندستان ۾ پٿري دؤر

اوائلي پيليوليٿڪ دؤر جا ماڳ 223
تاريخ کان اڳ واري زماني جو آرٽ 233
اتر واري گروپ ۾ چترڪاري 236
مرڪزي گروپ 238
زرعي دؤر جي ابتدا 239
ڪشمير وادي 242
پوٺوار 246
اوپر پنجاب هماچل پرديش 247
راجستان ۽ گجرات 247
سينٽرل انڊيا 253
ميسوليٿڪ ثقافتون 256

پاڪستان

سوان ماٿري ۽ پوٺوار 261
سوان ماڳن جي درجي بندي 267
سنگهاؤ غار 268

سنڌو ماڻري ۾ پٿري دؤر جو آرٽ	277
چِلاس	279
بلوچستان ۾ آڳاٽي چترڪاري	286

سنڌ

سنڌ جا جبل ۽ ٽڪريون	296
سنڌ ۾ انساني سرگرميون	301
سنڌ ۾ پٿري دؤر جا ڪجهه ماڳ	305
ڪائي	311
گنجو ٽڪر	314
قديم سنڌين گهر ٺاهڻ ڪيئن شروع ڪيا؟	316
گهاڙ ۾ چقمقي پٿر	323
پروفيسر آلچن ۽ سنڌ جون پٿري آبادیون	324
اڪيولين اوزار	327
تاريخ کان اڳ ۾رپاسي ۾ موسمي حالتون	329
روهڙيءَ واريون ٽڪريون	331
سنڌ ۾ پرپاتي اوزار (Eoliths)	336
پيليوليٿڪ ماڳ	336
نئين تحقيق	339
ہڏ ڪي غار	343
ڪالڪان غار	344
ڇچ جي غار	346
راڪاس جو روٽو I-	348
راڪاس جو روٽو I- (B)	352
راڪاس جو روٽو II-	352

راکاس جو روٿو -II (B)	355
ايراني پير/ نوندو ماڳ	356
وچين پيليولٿڪ دؤر جا اوزار	358
ميل پٿر 101	363
کارونجهر ۾ امکان	369
مکليءَ واري ٽڪري	371
مکليءَ ۾ پوريل ڏوماڻي غارون	372
رني کوٽ جون غارون	378
کرچات غار	381
آدم ڏر	382
گوندراڻي غارون	382
ڪراچيءَ لسبيلي جي ڀرپاسي ۾ پٿري دؤر	390
سنڌو تهذيب کان آگاڻا کوٽ	392
سنڌ بلوچستان ۾ ساموندي ڪنڌيءَ جا ڪجهه پٿري ماڳ	394
ٽرڙو	397
جهول ماڙي- سون ماڙي	403
سيوهڻ ۾ لکيءَ لڳ غارون	406
يڪ ٽنبي	406
لکي غار	409
بزن جهڏو	409

تصويرون

412 کان 448

پہ اکر

سنڌو ماڻري جي تهذيب، جنهن کي دنيا مهن جو ڏڙو تهذيب جي نالي سان سڃاڻي ٿي لڳ ڀڳ 1800 کان 2500 سال قبل مسيح جي چاتي ويچي ٿي. ڪجهہ محققن جو خيال آهي تہ اها تهذيب قديم ميسوپوٽيما جي ماڻهن جي سنڌ ڏانهن لڏپلاڻ ڪانپوءِ شروع ٿي، يعني هاڻوڪي سنڌو ماڻريءَ ۾ ٻاهريان ماڻهو اولهہ وارن علائقن کان جابلو ماڻريون ۽ ميدان لتاڑي آيا ۽ اچي تهذيب جا بنياد وڌائون.

محققن جي هڪ طبقي جو خيال اهو پہ آهي تہ سنڌو ماڻريءَ ڏانهن ٻي وڏي ۽ جارحاڻي لڏپلاڻ لڳ ڀڳ 1500 قبل مسيح ۾ ۽ ان کانپوءِ ٿي. هي ماڻهو اتر اولهہ ايشيا کان سنڌ آيا ۽ اچي آريا سماج قائم ڪيائون. محققن جي سوچ ڈسي ايئن لڳي ٿو تہ هو سنڌو ماڻريءَ کي اهڙو جاگرافيائي هنڌ سمجهن ٿا جيڪو پرديسي ماڻهن اچي آباد ڪيو. شروع ۾ پرامن طريقي سان ۽ پوءِ طاقت جي زور تي.

مان ذاتي طور تي انهن ٻنهي لڏپلاڻن جي موقف سان سهمت نہ آهيان. مان سمجهان ٿو تہ سنڌو ماڻريءَ ۾ انسان جڳن کان رهندو پيو اچي، اها ٻي ڳالهہ آهي تہ پرڏيهي ماڻهن جا وڏا گروهہ مختلف وقتن کان سنڌ ڏانهن سفر ڪندا ۽ هميشہ لاءِ رهائش اختيار ڪندا رهيا آهن. ساڳئي طرح سنڌي ماڻهن جا گروهہ ٻہ ٻاهرين ملڪن ڏانهن لڏيندا رهيا آهن. ايئن ريتون، رسمون، ٻوليون، تجربا ۽ سامان هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ تائين منتقل ٿيندو رهيو آهي.

اسان جي خوشقسمتي آهي جو سنڌو ۽ بولان وادين سان گڏ سنڌ ۽ بلوچستان جي ڊيگهہ ويڪر ۾ اهڙا ٻي شمار ماڳ لڌا ويا آهن، جيڪي مهن جي وڏي واري دؤر کان ٻہ اڳ جا آهن. انهن ماڳن کي مجموعي طور تي سنڌو تهذيب کان اڳيون ثقافتون (Pre-Indus Cultures) چيو وڃي ٿو. پر ٿلهي ليکي انهن کي آمري ثقافت، ڪوٽڏيجي ثقافت ۽ مهر ڳڙهہ ثقافت جا نالا ڏنا ويا آهن. مهر ڳڙهہ جو دور هن مهل تائين لڌل دنيا ۾ سڀني قديم ثقافتن ۾ ٻئي نمبر تي آهي. مهر ڳڙهہ سبيءَ ويجهو بولان نديءَ جي ڪنڌيءَ

تي آهي ۽ اهو ماڳ 9 هزار سال پراڻو سمجهيو وڃي ٿو. اهي ٽيئي ثقافتون پنهنجي پر ۾ اهو ثابت ڪرڻ لاءِ ڪافي آهن ته انهن ئي مهن جي دڙي جهڙي شاندار تهذيب جا بنياد وڌا.

پر، اهو سوال ايڏا ۾ باقي آهي ته انهن ٽنهي ثقافتن جا ماڻهو ڪٿان آيا؟ ڇا اهي ماڻهو ۾ ٻاهران آيا؟ هرگز نه. اهي ماڻهو ايامن کان سنڌ ۾ هئا ۽ سنڌ جي ٽاڪرو علائقن ۾ لکا سالن کان پنهنجي ڪارڪرت ۾ مشغول هئا. هن مختصر تحقيقي سلسلي ۾ مون انهن ماڳن جا تفصيل ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. پٿر جي دور جا سنڌي ماڻهو هتي ئي رهندا هئا. اهي ماڳ سڄي سنڌ جي جبلن ۽ ٽڪرن ۾ موجود آهن.

مان اقرار ڪيان ٿو ته آرڪيالاجي ۽ اينٿروپالاجي ڳوڙهيون سائنسون آهن، جن تي گرفت رکڻ خود انهن لاءِ ۾ ڏکيو آهي، جن وٽ انهن موضوعن تي باقاعدي ڊگريون آهن. مون هتي تاريخ کان اڳ واري تسلسل جون ڪڙيون ڳنڍڻ جي نندڙي ڪوشش ڪئي آهي. ممڪن آهي ته ڪا ڳنڍجي ۾ پوي. ايتري گذارش ضرور ڪندس ته سنڌ جي حوالي سان جنهن جنهن ماڳ جو ذڪر ڪيو اٿم، اهو مون اکين سان ڏٺو آهي، ان جي پيمائش ڪئي آهي ۽ مختلف محققن سان خيالن جي وٽ سان گڏوگڏ ڪي ثبوت هٿ ڪيا آهن، جيڪي ڪنهن ۾ صورت ۾ نظر انداز ڪري نٿا سگهجن.

انساني تهذيب جي ارتقا ۽ ان جي دورن کي سمجهڻ لاءِ ضروري آهي ته خود انسان جي پنهنجي ارتقا ۽ جاگرافيائي تاريخ تي سرسري نگاهه وڌي وڃي، ڇاڪاڻ ته زندگي ۽ تهذيب جي واڌ ويجهه ۾ سڀ کان وڏو هٿ خود جاگرافيائي ڦيرڦار جو رهيو آهي. جتي آباد ٽيڻ جهڙيون حالتون موجود هونديون، انسان توڙي جانور اتي ئي رهندا آهن ۽ جتي حالتون موافق نه هونديون، اتان لڏي ويندا آهن. انهن حالتن تي نظر وجهڻ لاءِ مون ٻين تحقيقي ڪتابن تان وڌ ۾ وڌ مواد ورتو آهي.

سنڌ ۾ انساني سرگرميءَ جا پراڻا آثار سنڌ جي جبلن ۽ ٽڪرين تي محفوظ آهن، باقي ميداني علائقن ۾ درياهن ۽ سمنڊ جي اڪتي پوئتي ٽيڻ واري يا رخ بدلائڻ جي ڪري ڪنهن تمام اوائلي آثار جو ملڻ ناممڪن ٿي ويو آهي. بهرحال، هن ڪتاب ۾ آدڪاڏي انسان جي ارتقا ۽ سفر جي ڪهاڻي سمجهڻ ڪهڙجي. جنهن جي آخري باب ۾ سنڌ جي حوالي

سان اوائلي لوڪن جي ٽاڪن جي نشاندهي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. شال قبول پوي.

آئون انهن صاحبن جو ٿورائتو آهيان جن کوجنا جي هن ڪم ۾ منهنجي عملي ۽ علمي مدد ڪئي. مسٽر عبدالقادر منگي جنهن روهڙي، ڪوٽڙجي ٽڪرين ۽ ڪارونجهر ۾ وسيلا پيدا ڪري ڏنا. ڪليم لاشاري جيڪو اڪثر مهمن ۾ گڏ رهيو، تاج صحرائي جنهن هن ڪم لاءِ اتساهه ڏنو، فقير انور بلوچ جنهن ڪراچي ۽ لسبيلي جي ڏکين علائقن ۾ ساٿ ڏنو. آئون انهن گمنام ريڊارن ۽ ٻڪرارن جو ٿورائتو آهيان جن جبلن جي ورن وڪڙن ۾ لڪل غارن جي نشاندهي ڪئي ۽ اوستائين پهچايو.

- بدر ابڙو

مهاڳ

جڏهن انسان پنهنجي چوڦير نظر ڊوڙايون ٿا تہ انسان کي ڪيئي عجيب ۽ غريب نظارا حيرت ۾ وجهيو ڇڏين. هر قدم تي کا نہ کا ڏسڻ پسڻ جهڙي شئي ملي ٿي. هيءَ عمارت آهي، عقل کي دنگ ڪندڙ- جيڪڏهن اوچائي ڇاڇجي تہ سوين فٽ اوچي، ڏيگهہ ويڪر تي ويجي تہ ايڪڙن ۾ وسعت! وري جي زيب زينت ڏي ڏيان ڏجي تہ پوءِ ماڻهو مسحور تي ويٺو رهي. نہ نظر ڪيي سگهي ۽ نہ ئي نظاري جي لطف مان جيءُ ڀرجي.

هتيارن ۽ اوزارن تي نظر ڪجي تہ الائي ڇا مان ڇا آهي جيڪو حضرت انسان آڻي موجود ڪيو آهي، جن جي ڪارگذاري جي حدن ۽ امڪانن متعلق سمورا اندازا ڪٽي ٿا پون. جي وري کاڌ خوراڪ ڏي ڏيان آڇجي تہ بس ذائقي جي لامحدود وسعتن ۾ ڪوئجي وڃڻ ۽ جڙ گهٽ آهي. اهو ۽ ايڏا ۽ گهڻو ڪجهہ انسان جي عقل رسا ڪري ممڪن ٿي ۽ انسان جي ملاحظي لاءِ موجود آهي.

ساڳيو انسان آدجڳاد کان هن زمين تي پنهنجي ڪرت ۾ مصروف رهيو ٿو اچي، هو هر دور ۾ پنهنجي ڪارگذاري جا نشان ڇڏيندو آيو آهي.

هي حضرت ڪرت هي لاحد امڪانن ڪري هڪ ڏاڍو ڏکيو موضوع رهيو ٿو اچي. عمل ۽ ڪردار جا ماهر هن لاءِ محتاط اندازا ڪندا پنهنجي مشاهدي کي ان علم جو بنياد قرار ڏيڻ لڳا آهن. ان ڪري فرد ۽ نسل انساني جي حال کي سمجهڻ جي ضرورت ڏينهون ڏينهن وڌندي پئي وڃي.

جيئن تہ حضرت انسان شروع کان وٺي پنهنجي توانائين جي پورائي ۽ اظهار لاءِ ڪيترا اهڙا عمل پڙ ڪيا آهن جن مان سندس خالص جبلي ضرورت شايد پوري نہ ٿي هجي پر ظاهر آهي تہ انسان ڪڏهن بہ صرف هڪ خالص جبلي حيوان ناهي.

جبلت مڃان جذبن جي معتبري کي تسليم ڪندڙ اڄوڪو انسان، قرباني جا ڪارناما جو پرچارڪ هي آدم گهٽو اڳ بہ بک جي پورائي جي جدوجهد ۾ مصروف هوندي بہ حسن جي ڪشش ۽ نظاري جي نيندر کي سمجهي پيو. حسن جي سختي، مُدن جي قير، ضرورتن جي شين جي گهٽتائي ۽ وسيلن جي ناشناسائي بہ سندس اوچن مقصدن جي حصول ۾ رڪاوٽ بڻجي نہ سگهي. تصور جي اڪ ذهن کان تيز هئڻ سبب عمل جون حدون ڏينهون

ڏينهن وسيع ٿيندیون ويون. اهڙي طرح هڪ اهڙو سفر جاري رهيو جنهن جا ثمر اڄوڪي تهذيب جي صورت ۾ اسان جي سامهون آهن.

جڏهن اسان پنهنجي اڄوڪي دنيا جي رنگينين ۽ واڌارن کي ڏسون ٿا تہ حيرت ٿئي ٿي. اهو سيڪجهہ ان وقت ئي سمجهہ ۾ اچي ٿو جڏهن اسان انسان جو پيرو ڪٿي سندس سفر جا نشان ڏسندا اچون ٿا.

بدر جي هن ڪتاب ۾ پڙ حضرت انسان جو پيرو ڪنيل آهي. اها ڳالهہ بي شڪ يقين سان چئي سگهجي ٿي تہ انسان جي سڀ کان دلچسپ پڙهڻي انسان پاڻ ئي آهي ۽ هي ڪتاب بہ سندس ئي متعلق آهي.

ان بي حد اهم موضوع تي سنڌي زبان ۾ ڪو قابل توجہ مواد نٿو ملي. بدر جنهن محنت ۽ سنجيدگيءَ سان ويهي اهو مواد سهيڙيو آهي اهو تعريف جي لائق آهي.

اسان جي سماج کي اهڙي موضوع تي بنيادي معلومات جي سخت ضرورت آهي ڇو تہ اسان جي جهنگن جبلن ۾ ايڏا سوڌي پراڻي ماڻهوءَ جي بود باشي ۽ صنعت حرفت جا نشان بي انتها آهن، جن کي رڪارڊ تي ناهي آندو ويو. اسان جو عام ماڻهو اهو سيڪجهہ ڏسندي بہ ان جي اهميت کان واقف نہ هڻڻ سبب اهڙي معلومات کي هين تائين پهچائڻ جو سوچي نٿو. وري جيڪڏهن ڪيس اهڙا آثاري نشان متوجہ ڪن بہ ٿا تہ هو نٿو چاڻي تہ کهڙي نموني انهن کي هٿيڪو ڪري تہ جيئن هين ڪم ڪرڻ وارن کي ان مان مدد ملي سگهي.

يقين اٿم تہ اسان جو عام قاري هاڻي انهن اهجاڻن جي اهميت کي پوريءَ طرح سمجهي سگهندو ۽ ضرور چاهيندو تہ انهن آثارن ۽ نشانن کي ڪنهن نہ ڪنهن نموني هين جي ڏيان تائين آڻڻ جو ڪو بندوبست ڪري.

اوائلي ماڻهو پنهنجي شغل جي طور تي جيڪي نشان ڇڏيا آهن، اهي نہ صرف انساني تهذيب جي پينگهي جي مهڙين جهولن کي محسوس ڪرائين ٿا بلڪ اسان جاگرافيائي خطن ۾ جيوت جي ۽ ماحولياتي تبديلين متعلق چاڻي سگهون ٿا.

فن جي ان شاخ کي گهٽو اڳ محسوس ڪيو ويو هيو. سترهين صديءَ جي شروع ڌاران برازيل ۾ ان جي نمونن کي چاپيو ويو. بهرحال، اهو اعزاز مصر جي نشانن کي حاصل آهي تہ اتي موجود پاهڻي دور جي مورتن جي

نمونن جو سائنسي مطالعو ٿيو. بعد ۾ اسپين ۽ فرانس ۾ موجود غڻائن اندر ناهيل تصويرن کي دنيا آڏو آندو ويو. علم الانسان جي ماهرن انهن تصويرن ۾ انساني ذهن کي پڙهڻ جا سعيہ ڪيا. اهو تصور تہ سپيئي پراڻا ماڻهو جيتوڻيڪ علائقائي جدائي ۽ وقت جي دوري هوندي بہ ساڳي طرح سوچيندا ۽ ساڳي طرح عمل ڪندا هئا درست نہ ٿي پئي سگهيو. ٻيو تہ وري انهن تصويرن ۾ معنيٰ خيزي جي ڳولها پڻ ٿيندي رهي آهي. جادو ۽ مذهب جي اهجاڻن جا پاڇا ڪيترن سمجهو عالمن کي نظر آيا. ڪن تہ نفسياتي مطالعي جا سامان پڻ ڪڍا ڪيا.

ايتري اهم شئي جي حفاظت ۽ انهن کي محفوظ رکڻ جي اهميت جي پيش نظر ويچار جا دروازا کلن ٿا. ڇو تہ جتي جتي اهي تصويرون ناهيون ويون، اهي هنڌ ڪيترن جُگن کان مسلسل انساني تصرف هيٺ رهندا آيا آهن ۽ اتي مختلف دور ۾ تصويرن پرسان ۽ تصويرن مٿان ماڻهن پئي هنر ۽ فن ڏيکاريو آهي. بعضي تہ ان ۾ انفرادي تصوير ڌار ڪري ڏسي سگهڻ ممڪن ڪونہ ٿو رهي. جدا جدا طريقن سان ناهيل تصوير جي انداز جي جداگانہ هئڻ جي بنياد تي سڃاڻپ پڻ ڏکي آهي جو هڪئي مٿان ناهيندي ناهيندي طريقت جو دوکو ٿي سگهي ٿو. سائنسي تجزئي جي غير موجودگيءَ ۾ صرف اندازا ئي لڳائي سگهجن ٿا.

جنهن نموني ۾ ڏکڻ ايشيا جي همالياڻي سلسلن ۾، خاص ڪري سوالڪ جبلن ۾ همالياڻي ارتقا جو مڪمل رڪارڊ محفوظ آهي، ساڳي طرح ڪير ٿر پڻ گذريل زمانن جي پڙهڻي جا ڪل سامان پاڻ وٽ قابو رکيا آهن. جنهن لاءِ ضرورت آهي تہ سائنسي بنيادن تي ايڪسپيڊيشن ترتيب ڏيئي ارضياتي توڙي حياتياتي مطالعي جو بندوبست ڪجي جنهن ۾ بنيادي Geological حوالي کان ونڊي Biostratignaphied ڏسن ۽ پراڻي ماحول جي جاچ جو بلو ٿيڻ گهرجي.

اهڙي وقت ۾ ان ڳالهہ جي ضرورت ويتر وڌيڪ ٿيو وڃي تہ جاچ جي نتيجن کي مڪمل تفصيل سان محفوظ ڪجي. جاچ جي لکت لاءِ جيڪي بين الاقوامي طريقا مروج ٿيل آهن اهي جاچ ڪرڻ وارن کي پوري طرح سمجهي ڇڏڻ گهرجن تہ جيئن جاچ جا نتيجا سڀني ماهرن کي پوري طرح ڪم اچي سگهن. اهڙي ضرورت جي پيش نظر آئون ان حق ۾ آهيان تہ اهو طريقہ ڪار اشاعت هيٺ آڻجي. ڏسجي ڪڏهن ٿا اهڙا سبب ٿين.

اسان جو خطو تاريخي دور توڙي ان کان اڳ واري دور جي ماهرن لاءِ نہ صرف هڪ چئلنج آهي بلڪ انهن کي پاتڑائڻ جا سمورا سامان رکي ٿو. ان جو واحد سبب اهو آهي تہ سندن جاچ جا وسيلا سامهون ناهين. ڇو تہ هتي ڪم ناهي ٿيو.

سماج جيڪي تهذيبي ڏاڪا چڑهي اچوڪي منزل تي پهتو آهي انهن جون ڪيئي ڪڑيون اسان جي سامهون موجود ناهين. اهڙي صورت ۾ علم الانسان جي شاگردن توڙي ماهرن لاءِ ڪيترن رخن ۾ اندازا لڳائڻ ۽ ڏکيا آهن. اڳئين پاهٽي دور جي انسان جي ڪرت ۽ بعد ۾ سندس ڪاريگري ڪيترين ڏسائن ۾ معنيٰ ۾ريا اشارا ڪندڙ آهن. ۽ اهڙن اشارن جي منظر عام تي نہ اچي سگهڻ ڪري ڏکڻ ايشيا جي اوائلي دور متعلق تمام گهڻ لکت هيڻ آيو آهي. اهو ۽ اهڙن ٻين سببن ڪري ثقافتي هلت ۽ چڑهت کي سمجهڻ ممڪن ٿو رهي.

هند و پاڪ ۾ برطانوي اثر هيڻ جان مارشل ۽ وهيلر جي زير نگراني جيڪو ڪم ٿيو آهي، ان تي برطانوي تاريخ پسندي جو اثر رهيو آهي. اهو ئي سبب آهي جو هت آرڪيالاجي جو لاڙو سماجي سائنس بدران تاريخ طرف مڙئي ڪجهہ وڌيڪ رهيو آهي. هت جنهن طرح قديم ادب ۽ ڏند ڪٿائون پنهنجين مڙني مزيدارين سوڌيون موج ۾ رهيون آهن، انهن کي گهربل مواد قرار ڏيئي ڪم هلايو ويو. نتيجو اهو نڪتو تہ جيڪو ٿيڻ گهربو هيو سو نہ ٿيو.

بدر کي آڳاٽي انسان جي ڪم ۽ ڪرت ۾ اصل کان دلچسپي هئي. ايتري قدر جو جڏهن تاريخي دور جي آثارن ۽ يادگارن تي ڪم دوران بہ جيڪڏهن ياهٽي دور جي ڪنهن ممڪن آثار جي کا ٻڑڪ ٿي پوائين تہ نند ڪشور ٿي ويس. همراهہ بي وس ٿي پاسا ورائيندو ٿي ويو. جڏهن بہ وس پڳس تہ مون سان ڳالهہ ڪري چند ڪلاڪن جي وٿيءَ لاءِ ڇڏي اهڙي ممڪن نشانن کي جاچي ٿي آيو. اهڙي وقت ۾ سندس اکين ۾ شوق ۽ جستجو جي چمڪ هن جي اندر جي اڏمن کي ظاهر ڪندي هئي. انهن آثارن تائين پهچڻ جي جلدي ڪيترا دفعا مون کي ناگوار بہ گذري پر بدر جي شوق جي شدت ڪري مون کي اڳيئي طئ ڪيل پروگرامن ۾ ڪجهہ ترميم ڪرڻي پئي.

بهرحال، سندس اهو شوق ۽ اها آڻ ٽوڙ اباڻي هرگز نہ هئي. ٻلا هي ڪتاب جيڪو اڄ اسان جي هٿن ۾ آهي، اهو ٻيو ڪيئن ممڪن ٿي سگهي ها؟

ڪليم لاشاري

ڏرتي

ڏرتيءَ جي عمر ۽ ان جا ڏؤر:

انسان، حياتي ۽ ڏرتيءَ جي عمر کي ڪنهن به صورت ۾ هڪڙي سان پيٽي نٿو سگهجي. البت انسان جو حياتيءَ سان ۽ حياتيءَ جو ڏرتيءَ سان سڌو تعلق آهي، تنهن ڪري بهتر آهي ته مهڙ ۾ ئي ڏرتي، حياتي ۽ انسان جي عمر ۽ ارتقا جا مرحلا ۽ سوال ڏسندا هلون.

ڏرتي، لڳ ڀڳ چار پنج ارب سال اڳ سج کان ڇڄي ڌار ٿي هوندي ۽ ايائي ارب سال اڳ حياتيءَ ابتدائي شڪل ورتي هوندي. ڏرتيءَ تي زندگي ڪيئن شروع ٿي؟ اهو علم حياتيات جو سڀ کان بنيادي ۽ گوڙهو سوال آهي. امڪان آهن ته تڪي آس ۽ تانگهو پائي، حياتيءَ لاءِ بنياد بنيا هوندا. خاص ڪري ابتدائي سمندن ويجهو ڏينهن ۽ تلائن ۾. سڀ کان پهريون حياتي جي شڪل نرم مادي جهڙي هئي. انهن تي ڪي به ڪويا يا هڏڙن جڏهن هوندا ان حياتيءَ جي شايد اهڙي ڪا باقاعدي شڪل ۾ نه هجي. سو اسان پنڌ پهڻ (Fossil) ٿي سگهي.

جيئن جيئن ڏرتي ڦرندي وئي تيئن تيئن ڏينهن ۽ ڪريون، پهڻ ۽ پاڻي ٺهندا ويون. ڏرتي وديا ۾ اهي پهريان مسئلا سمجهيا ويون ٿا. جن ذريعي انسان ڪائنات جون ڳجهارتون پڇڻ جي ڪوشش ڪئي. سائنسدانن انهن چين ۾ تهن جي حساب سان ڏرتيءَ جا مختلف دور ڪڍيا آهن. انهن ئي تهن ۾ ڪٿي انسان کي حياتيءَ جي تاريخ ۽ ان جا مرحلا پنڌ پهڻ جي صورت ۾ نظر آيون ٿا.

زمين جا اهي تهه ڪنهن ترتيب ۾ ناهن، ڪنهن ڪنهن ۾ ڪنهن تهن ۾ موجود پنڌ پهڻ به ساڳي ترتيب تاريخ بڌائين ٿا. هڪ اهڙو تاريخي تسلسل جنهن جا پنا اڪثر پوٽي ٿي ويا آهن، ڪٿي پيا آهن يا وري مسخ ٿي ويا آهن يا وري ڪٿي ڪٿي نابود ٿي ويا آهن.

پنڌ پهڻ لڳ ڀڳ سڄي دنيا ۾ ملن ٿا. دنيا ۾ ڪهڙو ڪوبه ڪنڊ

تي پنڌ پهٽن سان عجيب ڏند ڪٿائون ۽ قصا ۽ جڙيل آهن. هندستان ۾ هندو مت وارا اڄ ڏينهن تائين سپين ۽ ڪوڏن جي پنڌ پهٽن کي وشنو پگهوان سمجهندا آهن. پر نئين دنيا کي خبر آهي نه اهي ديوتائي، ديومالائي ۽ جادوئي شيون نه آهن. اهي ڏرتي جي عمر ۽ ڏرتيءَ تي حياتيءَ جي تاريخ جا مختلف باب ۽ ڪردار آهن.

پنڌ پهٽن جي باري ۾ يونانين کي ڇهين صديءَ قبل مسيح ۾ به خبر هئي. ٽين صدي قبل مسيح ۾ اليگزينڊريا ۾ اراٽوسٿينيس ۽ ٻين پنڌ پهٽن تي سوچ ويچار ڪئي هئي. اهو بحث مختصر طور تي 20-10 قبل مسيح ڏاري استرابو جاگرافيءَ ۾ ڏنو ويو آهي. پنڌ پهٽن بابت اٽليءَ جي شاعر Ovid کي به جاڻ هئي پر ڪيئن انهن جي نوعيت سمجهه ۾ نه آئي هئي. سندس خيال هو نه اهي ڪائناتي تخليقي سگهه جون ابتدائي ۽ اڻگهيون ڪوششون هيون. ڏهين صدي عيسويءَ ۾ انهن تي عرب ليکڪن به غور ڪيو. سورهين صديءَ ۾ ليوناردو دي ونسي (1519-1429) انهن پهرين يورپين مان هو جن پنڌ پهٽن جي اصل اهميت کي محسوس ڪيو هو. پر اها گذريل صديءَ ڏيڍ جي ڳالهه آهي جو ماڻهن پراڻي تاريخ جي هن قديم ورقن کي ترتيب ڏيڻ ۽ انهن تي تحقيق طرف سنجيدگيءَ سان ڌيان ڏنو آهي. ان تحقيق سان سائنسدانن ڏرتيءَ جي مختلف دورن ۾ زندگيءَ جي ارتقا جو هڪ خاڪو ترتيب ڏنو آهي.

ڏرتي وديا جي ڄاڻن ڏرتيءَ جي ڇمار کي ڏار ڏار جُگن (Era)، هر جُگ کي ڏار ڏار زمانن (Period) ۽ پوئين جُگ جي هر زماني کي ڏار ڏار ايامن (Epoch) ۾ ورهايو آهي.

حياتيات جي پنڌ پهٽن جي رڪارڊ موجب جُگن جي حساب سان ڏرتيءَ تي حياتيءَ جي عمر 57 ڪروڙ 5- لک سال بيهي ٿي، پر "پري ڪيمبرين وقت" ۽ ازوئڪ (Azoic) جُگ شمار ڪرڻ سان ڏرتي جي عمر ساڌا چار ارب سال يا ان کان به وڌيڪ ٿئي ٿي.

سنڌ جي پيدائش وچين جُگ جي پهرين زماني جي چئي وڃي ٿي. ٻين لفظن ۾ سنڌ کي جائي ساڌا تيرهن ڪروڙ ورهيه ٿي چڪا آهن، پر ڪيرٿر جبل جي عمر 6- ڪروڙ سال ۽ ڪارونجهر جبل جي عمر ايائي ارب سال ٻڌائي وڃي ٿي.

لئمبرڪ، 'سنڌ جو ٽاڪرو علائقو' واري باب جي مهڙ ۾ چوي ٿو ته،


"سنڌ جو الهندو ٽاکرو علائقو انهن نندين ڇڙوڇڙ ٽکرين سميت، جيکو سنڌ جي ميداني تر ۾ آهي، ذري گهٽ سڄي جو سڄو سينوزوئڪ (Cenozoic) جُگ جي ٽرشري زماني جي ٽکر جو ٺهيل آهي. انهن جي وڏي اکثريت تهي (Sedimentary) يعني ساموندي مول آهي. اهي ٽکر چن پٿر جا آهن، جيکو فورامنيفيرا (Foraminifera) جي سٽيل کوپن (Shells) مان جڙيل آهي. انهن جيتامڙن جي زرخيزي بي حساب هئي ۽ آڳاٽا سمنڊ انهن سان پريل هئا. آپ هيٺي هندوستان ۾ ڏورانهين زماني کان خشڪي آهي، پر سنڌ ۽ ان جي ترت اولهه وارو ملڪ ٽرشري زماني جي ايوسين ايام جي پڇاڙي (ست ڪروڙ سال اڳ) تائين گهٽي ياگي سمنڊ هيٺ رهيو آهي. جيتوئيڪ وڃ ۾ ڪي بري حالتن جا دور به آيا آهن."

لئمبرڪ 'سنڌ جا ميدان ۽ سنڌوندي' واري باب ۾ هندستان جي ميداني علائقن جي ٺهڻ واري عمل کي هن ريت لکيو آهي ته، "ڪو وڏو ارضياتي زمانو نه گذريو آهي جو هاڻي جتي اتر اولهه هندستان جا پٽ ۽ گنگا جي ترائي آهن، ان جي وڏي حصي تي سمنڊ هوندو هو. ٽرشري زماني ۾ ۽ پاسي وارين ٽکرين جي نروار ٽيڙ تي نيون نديون وجود ۾ آيون، جن پراڻين سان گڏجي، اها زمين ٺاهڻ شروع ڪئي، جتان سمنڊ پٺتي هٽندو ٿي ويو."


ڌرتيءَ تي زندگي

سائنسدانن ڪائنات جي ڇمار 10- ارب سالن کان 90- ارب سالن جي وچ ۾ ڪٿي آهي. اسان جي ڪهڪشان 10- کان 12- ارب سال اڳ وجود ۾ آئي. جڏهن ته اسان جي شمسي نظام ۽ ڌرتيءَ سميت چئن کان 5 ارب سال اڳ وجود ورنو. ان کان پوءِ ڌرتيءَ تي جاگرافيائي ۽ ارضياتي ڇڪ ڀاڪ ۽ تبديلين جو ڊگهو سلسلو هليو، جنهن مختلف وقتن ۾ مختلف قسمن جي حياتين کي جنم ڏنو، نابود ڪيو يا تبديل ڪيو. سائنسدان انهن ارضياتي تبديلين جو رکارڊ ٺاهڻ ۾ وڏي حد تائين ڪامياب ٿي ويا آهن. (ڏسو چارٽ)

1- **ازوئڪ جُگ:** ڌرتيءَ جي جنم کان وٺي پري ڪئمبرين تائين جو ڊگهو عرصو، جيکو ڌرتيءَ جي عمر جي اڌ کان وڌيڪ حصي تي ٻڌل آهي، ان عرصي ۾ زمين تي ڪابه زندگي ڪونه هئي.



يورپ ۾ گذريل 80 هزار سالن دوران
گرمي ۽ ٺڏ جو گراف



ڌرتيءَ تي آيل جاگرافيائي دور ۽ زندگي جي ارتقا جا ڦيرا .

2- **ڪئمبرين ڪان اڳيون وقت** (Pre-Cambrian Period): هڪ ارب 20 ڪروڙ سال اڳ ڪان وٺي ست ڪروڙ سال اڳ تائين جو اهو دؤر جڏهن ڌرتيءَ جا سڀ ڪان قديم جبل ۽ ٽڪريون ٺهڻ شروع ٿيون. ان عرصي ۾ زندگي جنم وٺي چڪي هئي، پر تمام گهٽ.

3- **پيليوزوئڪ جُگ** (Palaeozoic Era): ماهرن هن جُگ کي ڌرتيءَ جو اوائلي ارتقا وارو جگ ڪري ليکيو آهي، جيڪو ست ڪروڙ سال اڳ ڪان شروع ٿي، سادا ٻاويهه ڪروڙ سال اڳ ختم ٿي ويو. ڌرتي ۽ زندگيءَ جي ارتقائي مرحلن جو تعين ڪرڻ ۾ سمجهڻ لاءِ ماهرن پيليوزوئڪ جُگ کي ڇهن زمانن ۾ ورهايو آهي:

(i) **ڪئمبرين زمانو**: ست ڪروڙ سال اڳ ڪان پنجاهه ڪروڙ سال اڳ تائين پکڙيل هن دؤر ۾ ابتدائي سامونڊي مخلوق جنم ورتو، جيڪا لڱلڱدار مادي جهڙي هئي.

(ii) **آردوويشين زمانو**: پنجاهه ڪروڙ سال اڳ ڪان چوئيتاليهه ڪروڙ سال اڳ تائين. ان عرصي ۾ سامونڊي زندگيءَ ڪوڏن جي صورت تائين ترقي ڪئي.

(iii) **سليورين زمانو**: چوئيتاليهه ڪروڙ سال اڳ ڪان چاليهه ڪروڙ سال اڳ تائين جو زمانو، جنهن ۾ سامونڊي سُرٽن جنم ورتو.

(iv) **ڊيوونين زمانو**: چاليهه ڪروڙ سال اڳ ڪان 35- ڪروڙ سال اڳ تائين وارو زمانو، جنهن ۾ استار فش ۽ ٻيون مڇيون نظر اچن ٿيون. پنج ڪروڙ سالن جي عرصي ۾ پکڙيل هن زماني ۾ پهريون پيرو اهڙا جانور به نظر اچن ٿا، جيڪي هڪ ئي وقت پاڻي ۾ ۽ خشڪيءَ تي رهي پئي سگهيا. انهن کي جل ٿلي (Amphibian) مخلوق چئجي ٿو.

(v) **ڪاربانيفيريس زمانو**: ماهرن هن زماني کي ٻن حصن ۾ ورهايو آهي. پهريون ۽ پويون. مجموعي طور تي هي زمانو اڄ کان 35- ڪروڙ سال اڳ شروع ٿي ستاويهه ڪروڙ سال اڳ ختم ٿي ويو. هن دؤر ۾ ڪوئلو به وجود ۾ آيو. حياتياتي لحاظ ڪان هن عرصي ۾ خشڪيءَ جي زندگيءَ به وجود ورتو، جنهن ۾ ڪجي ۽ ناريل جهڙا وڻ ۽ اڏامندڙ ننڍڙا جيت به هئا.

(vi) **پرمين زمانو**: هي عرصو ستاويهه ڪروڙ سال اڳ ڪان سادا ٻاويهه ڪروڙ سال اڳ تائين برقرار رهيو، جنهن ۾ ڇٽن پيرن تي هلندڙ مخلوق وجود ورتو.

4- **ميسوزوئڪ جُڳ** (Mesozoic Period): هن دؤر کي ماهرن ٽن زمانن ۾ ورهايو آهي. مجموعي طور تي هيءُ جڳ سادا ٻاويهه ڪروڙ سال اڳ کان شروع ٿي ست ڪروڙ سال اڳ تائين جاري رهيو. ٽنهي زمانن جا نالا هن ريت آهن: ٽرائيسڪ زمانو، جوراسڪ زمانو ۽ ڪريٽاسيوس زمانو.

(i) **ٽرائيسڪ زمانو:** هن عرصي ۾ ريڑهيون پائيندڙ جانور سامهون آيا، خاص ڪري وڏي جسم وارا ڊائنوسار. هي زمانو سادا ٻاويهه ڪروڙ سال اڳ کان ارڙهن ڪروڙ سال اڳ تائين وارو آهي. هن دؤر ۾ ئي دنيا جو سڀ کان وڏو ڊائنوسار ۽ ان سان گڏ وڏي جسامت وارا گوشت خور پکي به نظر اچن ٿا.

(ii) **جوراسڪ زمانو:** 18- ڪروڙ سال اڳ کان سادا 13- ڪروڙ سال اڳ تائين واري هن دؤر ۾ ڌرتيءَ تي ڊائنوسارن جو راج هو.

(iii) **ڪريٽاسيوس زمانو:** 13- ڪروڙ سال اڳ کان ست ڪروڙ سال اڳ تائين جو دؤر.

5- **سينوزوئڪ جُڳ** (Cenozoic Era): ست ڪروڙ سال اڳ شروع ٿيو ۽ تازي دؤر تي پورو ٿيو آهي. هن جُڳ ۾ زمين اها صورت ورتي ۽ زندگيءَ جي واڌ ويجهه ٿي، جيڪا اڄ زمين تي ڏسجي ٿي. هن ئي دؤر ۾ ڪير ڏيندڙ جانور ۽ گل ٻوٽا وغيره وڏي پئماني تي پکڙيا آهن. ڌرتي وديا جي ماهرن هن دؤر کي ٻن حصن ۾ ورهايو آهي.

(i) **ٽريشري زمانو:** ست ڪروڙ سال اڳ کان 25- لک سال اڳ تائين. هن عرصي ۾ زمين تي وڏن جبلن خاص ڪري همالیه ۽ الپس وجود ورتو. زمين جي جاگرافيائي بيهڪ ۾ ٿوري گهڻي فرق سان ساڳي هئي. البت هاٿوڪو سنڌو ۽ گنگا وارو ميداني پاڳو سمنڊ هيٺ هو. عربستان، عراق ۽ ايران جا ۾ ڪي حصا پاڻيءَ هيٺ هئا. سائيبيريا ۽ الاسڪا وارا حصا پاڻ ۾ خشڪيءَ رستي ڳنڍيل هئا، جنهن سبب جانور آمريڪا کان يورپ ۽ ايشيا ۽ يورپ مان آمريڪا ڪنڌ ڏانهن پکڙيا. هن دؤر ۾ ممالیه گهڻي ارتقا ڪئي.

ماهرن ٽريشري دؤر کي اڳا پنجن دؤرن ۾ ورهائي ڇڏيو آهي:

(a) **پيليوسين** (Palaeocene): سادا ڇهه ڪروڙ سال اڳ کان پنج ڪروڙ 90- لک سال اڳ تائين.

(b) **ايوسين** (Eocene): 5- ڪروڙ نوي لک سال اڳ کان ٿي ڪروڙ ڇاليهه لک سال اڳ تائين.

(c) **اوليگوسين** (Oligocene): ٽي ڪروڙ چاليهه لک سال اڳ کان 2- ڪروڙ پنجاهه لک سال اڳ تائين.

(d) **مايوسين** (Miocene): ايائي ڪروڙ سال اڳ کان هڪ ڪروڙ 20 لک سال اڳ تائين.

(e) **پلايوسين** (Pliocene): هڪ ڪروڙ ويهه لک سال اڳ کان 25 لک سال اڳ تائين.

پلايوسين دؤر ۾ راماپٿيڪس وجود ۾ٿي چڪو هو. جيڪڏهن ان مخلوق کي سڄ پڄ انساني نسل جو ٽڙ ڏاڏو تصور ڪيو وڃي تہ پوءِ اهو چئي سگهبو تہ اڄ کان پنجاهه لک سال اڳ ٽريشري دؤر ۾ جنم وٺندڙ ماڻهو ان جو ئي اولاد هوندو. ٽريشري زمانو اوائلي انساني توڙي بن مانس نسل جي ٽڙ ڏاڏن جي ارتقا، زمين جي مختلف حصن تي پکڙجڻ، مختلف ڪنڊن ۾ ورهائجي وڃڻ ۽ موت ۽ حيات جي تمام نازڪ مرحلن کي مُنهن ڏيڻ تي مشتمل آهي.

پيليوسين زماني جا پنڌ پاهڻ تمام گهٽ ملن ٿا. ڪجهه ڊائنوسارن جا پنڌ پهڻ هاٿوڪي آمريڪي رياست مان مليا آهن. البت ڪير ڏيندڙ مماليه وڌي ويجهي رهيا هئا.

ايوسين جُڳ ۾ ڪرن وارا مماليه ظاهر ٿيا. هن ئي دؤر ۾ ڪي اهڙا مماليه به ظاهر ٿيا، جيڪي هٿن پيرن سان ڪجهه جهلڻ ۽ وٽن تي چڙهڻ ۽ لڏڻ جون صلاحيتون رکندڙ هئا ۽ انهن جي جسم ۽ ميڇالي جي نسبت اڇوڪي ماڻهوءَ جيتري هئي. اوليگوسين زماني ۾ ڌرتيءَ تي گاهه جا وڏا ميدان پيدا ٿيا ۽ ان ئي دؤر ۾ وڏي جسامت وارو جانور "اندرا ڪوٿيزيم" ايشيا ۾ نظر اچي ٿو. ڊگهي ڳچي واري هن رينوسارس جو قد لڳ ڀڳ 15- فٽ هو. هن ئي زماني سان تعلق رکندڙ هڪ اهڙي مخلوق جا پنڌ پهڻ مصر جي "فايوم" علائقي مان مليا آهن، جيڪي انسان/ بن مانسي نسل جا ٽڙ ڏاڏا ٿي سگهن ٿا.

مايوسين زماني ۾ ايشيا ۽ يورپ ٻيلن سان ڀريل هئا. ان زماني جي پڇاڙڪي وقت ۾ ايشيا، يورپ ۽ آفريڪا جي وچ ۾ موجود خشڪ گذرگاهن تان پولڙا، بن مانس ۽ ان سلسلي جون ٻيون مخلوقون اتر ڏانهن وڌيون. انهن ۾ هڪ ٻيو ڳرو نسل "ڊرايوپٿيڪس" هو. جيڪو اڇوڪن

جيئرن بن مانسن جو پڙ ڏاڏو سمجهيو ويڇي ٿو، جن ۾ چمپانزي، گوريلو، اورنگوٽان ۽ گبن شامل آهن. ڊرايوپٿيڪس کان پوءِ ان ئي دؤر جي پڇاڙڪي وقت ۾ راماپٿيڪس ظاهر ٿيو، جيڪو هاڻوڪي انساني نسل جي ارتقا واري سلسلي ۾ سڌي ليڪ تي بيٺل نظر اچي ٿو. دلچسپ ڳالهه اها آهي ته راماپٿيڪس جا پنڌ پاهڙ سنڌو ماٿريءَ جي ڪنڌي تي موجود پوٺوهار علائقي مان به ملیا آهن. مايوسين دؤر جي مهڙ ۾ ئي بلوچي ٿيريم ڊائنوسار بلوچستان ۾ موجود هو، جنهن جو قد ڪلهن تائين 18- فٽ هو. هي جانور، ڏرتيءَ جي تاريخ ۾ سڀ کان ڳرو ۽ ڊگهو مماليه هو. مٿي تي سگ ڪونه هئس، گاهه خور هو. سائنسدانن جو خيال آهي ته اهو گينڊن جو تڙ ڏاڏو هو.

پلايوسين زماني ۾ ڏرتيءَ جي آبهوا ۾ تبديليون نظر اچن ٿيون، جنهن ڪري وڏي پاڳي ۾ خشڪ ۽ ٿڌيون هوائون هليون، تڏهن کان جانورن ٻيلن ۽ ميداني علائقن مان ڪنهن هڪ پاسي رهڻ جي چونڊ ڪئي. هن زماني ۾ اسان کي Gigantopitheus بن مانس به ميداني علائقي ۾ ڏسجي ٿو، جيڪو قد بت ۾ ڊرايوپٿيڪس کان به ڳرو هو. ساڳئي دؤر ۾ ڏاڪٽو ماڻهو يعني آسٽرالوپٿيڪس به سامهون آيو.

6- **ڪوارٽرنري زمانو:** هيءُ دؤر اڄ کان پنجويهه پنجاهه لک سال اڳ شروع ٿي، اڄ تائين پهتو آهي. ڪي محقق هن دؤر کي سينوزوئڪ جُڳ کان پوءِ چوٿون جُڳ ڪري ليکين ٿا. بهرحال ڏرتي ۽ زندگيءَ جي ارتقا جي لحاظ کان هيءُ جديد زمانو آهي، جنهن کي ايا به ٻن حصن ۾ ورهايو ويو آهي:

(i) **پلائسٽوسين** (Pleistocene): هي دؤر لڳ ڀڳ پنجاهه لک سال اڳ شروع ٿي 11-10 هزار سال اڳ ختم ٿي ويو. ان دؤر ۾ ڪيئي ڀيرا زبردست موسمي تبديليون آيون ۽ ڏرتيءَ جي وڏن پاڳن تي برف جا وڏا تهه چڙهي ويا. اتر وارن علائقن ۾ اهي تهه اڪثر هنڌن تي ڏهه ڏهه هزار فٽ اوچا هئا. جڏهن جڏهن برف جا تهه وڌيا ٿي، تڏهن تڏهن سمنڊ جي سطح هيٺ ٿي ڀئي وئي ۽ مختلف قسم جا جانور ۽ مخلوقون ڏرتيءَ جي مختلف حصن تي سولائي سان پکڙجي ٿي ويون. وري جڏهن برف پگهرڻ ٿي لڳي ته سمنڊن جي سطح وڌڻ سبب هيٺاهينءَ واريون زمينون پاڻيءَ هيٺ اچي ٿي ويون، جنهن ڪري مخلوقون هڪٻئي کان جدا حالتن ۾ ارتقائي ڏاڪا طئي ڪرڻ ٿي

لڳيون. ان عظيم دؤر وچ ۾ برف جمڻ ۽ پگهرڻ جا اٽ وڏا دؤر لڏا ويا آهن، جن مان آخري دؤر اڄ کان ڏهه هزار سال اڳ ختم ٿي ويو آهي. ان کري هن سڄي دؤر کي برفاني دؤرن جو دؤر چئي سگهجي ٿو. هن کان اڳ وارو برفاني دؤر اٽڪل 57 کروڙ سال اڳ هو. موسمن ۾ تبديلين ۽ سختين سبب زندگيءَ ۾ وڏا عذاب ڏٺا، کيئي نسل ختم ٿي ويا ۽ انسان هاٿوکي شڪل اختيار کري پٿر جي دؤر ۾ شامل ٿيو. ماهرن جي اندازي موجب پٿري دؤر جي پرپات اڄ کان پنجويهه ٽيهه لک سال اڳ شروع ٿي. آرکيالاجيءَ جي ماهرن پٿر جي پرياتي دؤر سان تسلسل ۾ پٿر جو قديم دؤر شامل کيو آهي، جنهن کي پٿر جي سڀ کان قديم، وچين ۽ آخري قديم دؤر ۾ ورهايو ويو آهي.

(ii) **هولوسين** (Holocene): اڄ کان پندرهن هزار سال اڳ زمين تان برف ڳرڻ شروع ٿي وئي هئي، پر پوءِ (اٽڪل ڏهه هزار سال اڳ) برف ڳرڻ جو عمل اوچتو ئي اوچتو وڌي ويو. ڌرتيءَ تي گرميءَ جي لهر تکي ٿي، سمنڊن جي سطح گهٽ وڌ ٿي، اتر وارن علائقن خاص کري همالين جي دامن مان ندين پرجي هوڏ آٿڻ لڳيون ۽ ميدان موچارا ٽيڻ لڳا. سائنسدانن جي راءِ آهي ته مذهبي ڪتابن ۾ جنهن عظيم هوڏ جو تصور آهي، سو ان ئي زماني جو پڙاڏو آهي. برفاني دؤر جي پڄاڻيءَ کان پوءِ پاڪستان ۾ زرعي دؤر شروع ٿيو، جنهن جو هيل تائين هٿ آيل پهريون ثبوت مهرگڙهه (سبي، بلوچستان) آهي. انساني ارتقا جي لحاظ کان مهر گڙهه نيوليٿڪ سماج ۾ شامل ٿئي ٿو.

ڌرتيءَ تي برفاٽا دؤر

هي اهي دؤر آهن جڏهن ڌرتيءَ جا ڪنڊ ٿورا يا مڪمل حد تائين برف جي تهن ۽ گليشئرن هيٺان ڍڪجي ٿي ويا. اڄ کلهه جا گرين لينڊ ۽ انٽارڪٽڪا وارا برفاٽا تهه آخري برفاني دؤر جون پاڇيون آهن، جيڪو پلائسٽوسين (Pleistocene) دؤر ۾ شروع ٿيو ۽ اڄ کان اٽڪل 10 هزار سال اڳ پورو ٿيو. ڌرتيءَ جو اڪثر ڏاکڻو اڌ گول کاربونيفيرئس دؤر جي پڇاڙيءَ ۾ برفاٽي دؤر هيٺ آيو هو. گذريل هڪ ملين سالن دوران اتر اڌ گول جو ڪُڄ اتريون حصو برفائن تهن هيٺ ڍڪيل رهيو آهي، جيڪو هاڻي گهڻجي آرڪٽڪ واري بچيل مختصر حصي (Ice Cap) تائين وڃي بچيو آهي.

برفاني دؤر کي گليشل دؤر ۾ چيو وڃي ٿو. برفاني دؤر ۽ انهن جي وچ ۾ گرم وقفا ڇو ٿا اچن؟ ان بابت سائنسدانن جا رايا مختلف آهن. بهرحال اهو نظريو سڀ کان پهرين 1837ع ۾ لوئس اگاسيز ڏنو هو ته زمين تي برفاني دؤر ايندا رهيا آهن. کوجنائن مان پتو پيو آهي ته سڀ کان عظيم برفاني دؤر ۾ اڄ کان تيرهوڻ پيرا وڌيڪ حصي تي برف جمي چڪي آهي، جنهن ڪري اتريون اڌ گول ڍڪيو. آمريڪا ۾ اها برف ان هنڌ تائين پکڙيل هئي، جتي هاڻي نيويارڪ شهر، سينٽ لوئس ۽ مسوري (Missori) ندي آهي. يورپ ۾ لنڊن جي اتر تائين برف هئي. ڏکڻ يورپي روس جي به ساڳي حالت هئي، اڪثر هنڌن تي برف جي سرحدي ليڪ ان جي هاڻوڪي حد کان 4000 فٽ هيٺ هئي. آرڪيٽڪ وڏي سمنڊ تي برف جميل هئي ۽ برف اينٽلانٽڪ سمنڊ تائين پکڙيل هئي. اسڪينڊينيويا وارو برفاني تهه جيڪو ڳڄ يورپ تي ڇڪيل هو، اٽڪل 10 هزار فٽ ٿلهو هو. اتر آمريڪا ۾ لائورينٽائڊ برفاڻو تهه انگلينڊ واري تهه کان به 5500 فٽ يا وڌيڪ ٿلهو هو. ماهرن جو چوڻ آهي ته جيئن ته اهي برفاڻا تهه سمنڊ جي پاڻين مان ٺهيا، ان ڪري سمنڊ جي سطح گهٽ ۾ گهٽ 300 فٽ گهٽجي وئي هئي. ان کان پوءِ جڏهن برف ڳرڻ لڳي، تڏهن خالي ٿيل گهرايون هيٺ ڀرجڻ لڳيون. اهڙيءَ طرح هيل تائين ڪافي هنڌن تي سطح ۾ 1000 فٽن جي اوچائي ماپي وئي آهي، جڏهن ته اها واڌ اڃا جاري آهي.

پيئرز سائيڪلوپيڊيا موجب ڪاربان ڊيٽنگ واري ٽيڪنڪ جي بنياد تي اندازو لڳايو ويو آهي ته گذريل برفاني دؤر جي شروعات 25 هزار سال اڳ ٿي ۽ 16 هزار کان 18 هزار سال اڳ اها پنهنجي عروج تي پهتي ۽ پڄاڻيءَ مهل يعني تقريبن 8 هزار سال اڳ بالٽڪ علائقن ۽ وڏين ڊنڊن تان برف هٽڻ شروع ٿي.

ان کان اڳيون برفاڻو دؤر اٽڪل 60 کان 40 هزار سال اڳ برپا ٿيو. ان کان اڳيون وقفو غالباً 70 هزار سال اڳ ختم ٿيو. اوائلي پلائسٽوسين برفاني دؤر بابت خاطري سان نٿو چئي سگهجي، پر هڪ ڪاٽي موجب اهو هڪ ملين سال اڳ شروع ٿيو. انهن زمانن ۾ زمين جي وچن حصن ۾ گرمي جو سراسري درجو 6 ڊگريون سينٽي گريڊ تائين رهيو هوندو. ممڪن آهي ته استوائي علائقن ۾ گرميءَ جي قيرقار ۾ وڏو فرق نه هجي، پر برفاني علائقن

جي ويجهو اهو فرق ڪافي هيٺ مٿي ٿيندو رهيو هو.

پلائسٽوسين دؤر ڪان اڳ وارن زمانن ۾ بہ برفاني دؤر آيا هئا، پر اهي گهٽو اڳ جا واقعا آهن. اٽڪل 200 ڪان 600 ملين سال اڳي ۽ شايد ان ڪان اڳ بہ اهڙا دؤر آيا هوندا.

هن ڪان اڳ سمجهيو ويندو هو تہ دنيا تي فقط ٽي يا چار برفاني دؤر آيا آهن، پر جديد تحقيق ٻڌائي ٿي تہ اهڙا لڳ ڀڳ 20 دؤر اچي چڪا آهن ۽ امڪان آهن تہ هڪ نئون دؤر وڌ ۾ وڌ ايندڙ 60 هزار سالن ۾ عروج تي پهچندو، ڇو تہ اهو بالڪل ممڪن آهي تہ پلائسٽوسين دؤر ايڏا ختم نہ ٿيو هجي.

مکيہ برفاني دؤر

ملين سال اڳ

Pleistocene	1.7 ملين سال اڳ ڪان 10 هزار سال اڳ
Permo-Carboniferous	330-250
Ordovician	440-430
Verangian	615-570
Sturtian	820-770
Gnejoso	940-880
Huronian	2,700-1800

تازو ٽي اتر يورپ تي هڪ نديڙو برفاني حملو 13 ڪان 17 يا 16 ڪان 19 صدي عيسويءَ ۾ ٿيو. ان دؤر جون لکٹيون ظاهر ڪن ٿيون تہ درياهہ ٿيمز (Thames) جيڪو هاڻي ڪونہ ڇمندو آهي، اڳ ايترو ڇمي ويندو هو جو ان تي ميلا لڳندا هئا.

	ارضياتي صورتحال	ارتقائي صورتحال
پلائسٹوسين ايام	پھريون برفاني دؤر 6,00,000 کان 5,40,000 سال	هومو ايرکٹس يا آپو ماٹھو
	پھريون گرم وقفو 5,40,000 کان 4,80,000 سال	
	ٻيو برفاني دؤر 4,80,000 کان 4,30,000 سال	
	ٻيو گرم وقفو 4,30,000 کان 2,40,000 سال	اوائلي باشعور ماٹھو
	ٽيون برفاني دؤر 2,40,000 کان 1,80,000 سال	سائٽ 101 (ٽتو) اوائلي باشعور ماٹھو
	ٽيون گرم وقفو 1,80,000 کان 1,20,000 سال	باشعور ماٹھو
	چوٿون برفاني دؤر 1,20,000 کان 19,000 سال 1,00,000 کان 40,000 هزار سال.	نينڈرٿال
	پٿر جي اوائلي دؤر جي پڄاڻي ۽ وچين دؤر جي شروعات. 40,000 کان 10,000 سال اڳ	مڪمل آدم ڪروميگنان

واقعن جي ڪرونولاجي

30,000,000 سال اڳ سڀ کان اوائلي بن مانس جا پنڌ پاهڙ. اوليگوين دؤر.

20,000,000 سال اڳ اوائلي بن مانس جا پنڌ پاهڙ. مايوسين دؤر، پروڪائونسل اوپر آفريڪا ۾.

1,700,000 سال اڳ هيئبون پلائسٽوسين دؤر، اوائلي انسان نما مخلوق، شڪاري ۽ خوراڪ ميڙيندڙ آسٽرالوپٿيڪس. پيليولٿڪ جو پهريون درجو يا پٿر جو پراڻو دؤر.

400,000 ق. م. اڄي انسان جو مرحلو؛ (جاوا، چائنا، آفريڪا) هن انسان وٽ ويڙ جا ايڏنگا اوزار ۽ اوائلي هٿ ڪهاڙي ڏسڻ ۾ اچي ٿي. (هئبل برگ جاڙي)

1,80,000 ق. م. نيندر ٿال نسل جا ابا ڏاڏا (يورپ)- سڌريل هٿ ڪهاڙين سان گڏ.

70,000 ق. م. نيندر ٿالي لوڪ (يورپ، ايشيا، آفريڪا) چٽڙن وارا اوزار ۽ "مڪمل ماٹھو" (جاوا)

30,000 ق. م. ٻيو ٽڏو دؤر. نئون ماٹھو بهتر اوزار ٺاهي ٿو. ننڍيون چريون، تصوير ڪشي. ڪروميگنان.

10,000 ق.م. آخري برفاني دؤر جي پڄاڻي ۽ پروٽونيوليٿڪ ڪلچر. وچ اوپر ۾ جبريڪو ۾ زرعي سيٽلمينٽ.

6000 ق.م. کان 1800 ق.م. تائين سنڌ ۽ بلوچستان ۾ ٺڪريءَ ۽ پٿر واريون ثقافتون ۽ تهذيبون.

1500 ق.م. هندستان ۾ ويدڪ لٽريچر.


ماڻهوءَ جو جنم

هاڻي، سائنسدان ان خيال تي متفق نظر اچن ٿا تہ انسان هاڻوڪي شڪل بيشمار ارتقائي مرحلا طئ ڪرڻ کانپوءِ اختيار ڪئي آهي، جڏهن تہ مذهبي اپٽار موجب انسان مڪمل طور تي هاڻوڪي شڪل ۾ ئي تخليق ٿيو آهي. بهرحال، سائنس چوي ٿي تہ انسان ۽ انسان جهڙي شڪل صورت رکندڙ ٻين ممالين جهڙوڪ بن مانس، چمپانزي، اورينج اوٽانگ (Orang-Outang) ۽ گوريلن جا ابا ڏاڏا ساڳيا هئا.

اهو خيال سڀ کان پهرين انگلينڊ جي چارلس ڊارون 1858ع ۾ پيش ڪيو. پر ان خيال تي پهريون ڪتاب 1859ع ۾ The Origin of Species پيش ڪيائين، جنهن تي عام ماڻهن سان گڏ ڪي سائنسدان بہ چڙي پيا تہ ڊارون انسان کي باندر ۽ بن مانس جو اولاد سڏي ٿو. اصل ۾ ڊارون ايئن چيو ئي ڪونہ هو. سندس خيال هو تہ انسان ۽ بن مانس جا ابا ڏاڏا اصل ۾ ڪا هڪ اوائلي انسان - بن مانس نما مخلوق هئي، جنهن مان هڪ کان وڌيڪ نسل ڦٽي نڪتا، جيڪي پوءِ هوريان هوريان لکها سالن جي وقفي ۾ هڪٻئي کان بالڪل جدا ٿي ويا.

سائنسدان ان ڳالهہ تي اٽڪل هڪ راءِ ٿي چڪا آهن تہ سڀني حياتياتي شڪلين جو بڻ بٽياد ڪنهن وقت ۾ هڪ يا ٻن ڇڻن شڪلين ۾ هوندو هو. ان دليل لاءِ وٽن مختلف جانورن جي نسلن ۾ جينياتي هڪجهڙايون، انهن جي قير قار ۾ تسلسل، هڏ ڪاٺ، عادتون ۽ پيو گهڻو ڪجهہ ثبوت طور رکاربہ ۾ موجود آهي. سڀ کان اهم ثبوت پنڌ پاهڻن جي صورت ۾ آهن. پر، اها حقيقت آهي تہ انسان جي ابي ڏاڏي بابت پنڌ پاهڻن جو ثبوت گهٽ آهي، جيتوڻيڪ ڪجهہ قديم مخلوقن ۽ انسانن جي وچ ۾ وڏيون هڪجهڙايون موجود آهن، تڏهن بہ ڪٽي ڪٽي وچ واريون ڪڙيون اڃا گم ٿيل آهن. چارلس ڊارون جي وقت ۾ ثبوت اڃا گهٽ هئا. ڪائنس پوءِ ان ڏس ۾ ڪي "گم ٿيل ڪڙيون" ملبون آهن.

ان ڏس ۾ 1924ع ڏاري آفريڪا مان تائونگس (Taungs) کوپڙي لڌي



THE MODERN THEORY OF THE DESCENT OF MAN

ابتدائي ۽ رواجي حياتياتي صورت کان انسان تائين
ارتقائي ڏاکن بابت هڪ جديد ٿيوري.

وئي ۽ ان کانپوءِ جوهانبسرگ جي پروفيسر ڊارٽ (Dart) ان جي اپٽار ڪئي. ان کانپوءِ ماڻهو نما مخلوق جون حيران ڪندڙ کوپڙيون سينانٿروپس (Sinanthropus) پيڪنگ وٽان مليون. انهن کوپڙين واري مخلوق ڪيئي بنيادن کان انسان ۽ بن مانس جي وچ ۾ هئي. انهن جا ڏند، ميڇالي وارو کوپو، مٿي جي بيهڪ ۽ پيشانيءَ جي لاهي بن مانس کان وڌيڪ انسان جهڙي هئي.

هوڏانهن انساني علمن جا ماهر (Anthropologists) ان خيال تي بہ ويچاريندا رهيا آهن تہ ڇا انسان جا ابا ڏاڏا بن يا تن ٻڙ بٽيادن مان هئا؟ مثال طور ڇا نيگرو انسان گوريلا جهڙي ڪنهن قبيلي مان آهي، چيني ماڻهو اورينج اؤتانگ (Orang-outang) جهڙي نسل مان ۽ اڇو ماڻهو چمپانزي جهڙي نسلي ٻڙ بٽياد مان!

سيني بن مانسن ۽ پولڙن مان فقط ڪن ليمور (Lemur) مخلوق جي پيرن جون آڱريون ئي ماڻهن وانگر سڌريل آهن. ببون (Baboon) سڌي پير ۽ پيرن جي سيني آڱرين تي پنڌ ڪري ٿو، ان ۾ هو آڱرين جو وچون حصو پاڻ کي اڀتي ڏکڻ لاءِ ڪتب آڻي ٿو. رڇ بہ لڳ ڀڳ ائين ئي ڪري ٿو. وڏن بن مانسن جا ٽيئي قسم وري پير جي ٻاهرين پاسي تي زور ڏيئي هلن ٿا، جيڪو طريقو ماڻهوءَ کان بالڪل مختلف آهي.

وڏا بن مانس ٻيلن ۾ رهندا آهن، تنهن ڪري ڪين پنڌ جو موقعو گهٽ ٿو ملي. هو سڄو وقت پولڙن وانگر وٽن تي ڪونہ هوندا آهن پر هو اڪثر ڪري زمين تي هوندا آهن. گوريلا پاڻ جهڙي مخلوق ۾ سڀ کان ڳرو ۽ زمين تي رهندڙ جانور آهن. اهي جڏهن زمين تي هوندا آهن تڏهن پنهنجا اڳيان پير استعمال ڪن ٿا ۽ غير انساني طريقي سان پنهنجن پين تي ڊوڙن ٿا. سندن ٻانهون انسان جي پيٽ ۾ گهٽيون ڏکهيون آهن ۽ وٽن تي چڙهڻ لاءِ وٽن خاص طريقو آهي. هو پنهنجين ٻانهن تي پولڙن کان وڌيڪ لڏن ٿا. ڪين مدد لاءِ پڇ ڪونهي. پر ماڻهو ايڏو بهتر پنڌ ڪري ٿو ۽ ايڏو تکو ڊوڙي ٿو جنهن مان لڳي ٿو تہ هو زمانن کان سڌي پٽ تي رهي ٿو. هاڻي هو وٽن تي ايڏو سولائيءِ سان چڙهي بہ ڪونہ ٿو سگهي. هاڻي هو ڏاڍي خبرداريءَ ۽ هڪ سان چڙهي ٿو. اها بہ نوٽ ڪرڻ جي ڳالهہ آهي تہ ماڻهو پاڻيءَ ۾ تري نٿو سگهي. ترڻ لاءِ ڪيس ترڻ سکڻو پوي ٿو. جنهن مان ثابت آهي تہ ماڻهو

انسان ۽ انسان نما مخلوقن جي پاڻ ۾ مٽي مائٽيءَ جو شجرو.

سمنڊ، درياهه يا ڏنڊون گهٽو اڳي ڇڏي ڇڪو هو. اها ڳالهه سمجهه ۾ اچي ٿي ته اهڙي مخلوق پاڻيءَ ۾ اتفاق سان ئي مري سگهي ٿي، جو اها گپ ۾ محفوظ ٿي پنڊ پاهڙ ٿي سگهي. اهو ئي سبب آهي جو انهن شين جا پنڊ پاهڙ وڏيڪ ملن ٿا جيڪي ساڻوندي نسل جا آهن يا وري پاڻيءَ جي ويجهو موجود هئا.

اهو ئي سبب آهي جو اسان کي اوائلي ماڻهن جا ڏس پتا فقط ڪن قديم غارن مان لڀن ٿا. ماڻهوءَ جو جنم ۽ موت پلائسٽوسين زماني تائين ڪليل هنڌن تي يا وري ٻيلن ۾ ٿيو ۽ انهن جا جسم کپي يا تباهه ٿي ويا. ائين سمجهيو ٿو وڃي ته ماڻهوءَ جا وڏن بن مانسن جهڙا ابا ڏاڏا ڪنهن به وقت ۾ وڏي تعداد ۾ ڪونه هئا. اهي جهنگلي گهوڙن يا هرڻن وانگر وڏن ڏڻن تي مشتمل ڪونه هئا، جو انهن جو ڪو ڇڪو خاصو ثبوت باقي ملي. البت کي اهڙا ماڻهو ضرور پنڊ پاهڙ تي ويا جيڪي ڪنهن سبب ڪري گپ ۾ ڏهجي ويا هوندا.

ان اوائلي وقت ۾، گهٽو ممڪن آهي ته انسان به ائين ئي ٿورڙا هجن جيئن هاڻي گوريلا آهن. انهن جا ڪيئي ڪيئي نسل گذري وڃڻ جي باوجود ڪنهن جو پنڊ پاهڙ نه ٽهيو هوندو. بهرحال، اهو ذهن ۾رکڻ ضروري آهي ته اڄا گهڻي تحقيق ۽ کوجنا جي ضرورت آهي. هن مهل تائين يعني تمام ٿورن سالن ۾ تمام ٿورن ماڻهن تحقيق ڪئي آهي. هن مهل تائين خود اولهه يورپ ۾ ئي تفصيل سان کو ڪم ٿيو آهي. جنهن گهڻي ڪان گهٽا آرڪيالاجسٽ پيدا ڪيا آهن يا آرڪيالاجيءَ ۾ اڳواڻي ڪئي آهي. تنهن ڪري اڄا هزارها ماڳ هوندا جيڪي اڄا منظر عام تي ڪونه آيا آهن. پڪ سان چئي سگهجي ٿو ته ايشيا ۾ هندستان، پاڪستان ۽ اوپر وارن ملڪن سميت آفريڪا ۾ تمام اهم ماڳ ۽ سراغ اڄا تائين لڪل آهن.

سينوزوئڪ (Cenozoic) زماني جي مهڙ ۾ پولڙن ۽ بن مانسن ۾ فرق ڇٽو ئي ڇڪو هو. اوليگوسين (Oligocene) ۽ مايوسين (Miocene) بن مانس، جن جو هڪٻئي ۽ ماڻهو نما ساڻين سان رشتو هو، اڄا تلاش هيٺ آهن. انهن امڪانن هيٺ مايوسين زماني جو ڊرايوپٿيڪس (Dryopithecus) اهميت اختيار ڪري ٿو، جنهن جي جاڙي ماڻهوءَ جي جاڙيءَ جهڙي آهي.

اتر هندستان جي شوالڪ جبلن (مانسرور جي ڏکڻ ۾ اهي ٽڪريون

جتي گنگا، جمنا، سرسوتي ۽ ستلج جا سرچشما پاڻ ۾ ويجها ويجها آهن) مان ساڳئي قسم جي هڪ دلچسپ بن مانس جا ڪجهه حصا مليا آهن، جن مان شواپٿيڪس (Sivapithecus) ۽ پيليوپٿيڪس (Palaeopithecus) ۾ ڪجهه ظاهري انساني اهجاڻ ڏسجن ٿا. مصر جي اوليگوسين (Oligocene) ڪان پروپلايوپٿيڪس (Propliopithecus) وڌيڪ دلچسپ مخلوق هوندي. اها نندڙي ٻلي جيتري ماڻهو نما بن مانس مخلوق هئي ۽ ڏسجي ٿو ته اها مخلوق اڇڪلهه جي آدم نما (Anthropoid) بن مانس جي ابن ڏاڏن واري راهه تي هئي. اها مخلوق انساني نسل جي وڏڻ کي به ويجهو هئي. شايد ماڻهو نما بن مانس واري هن راهه تي موجود سڀ جانور ڪنهن نه ڪنهن قسم جو هٿيار استعمال ڪندا هئا. مثال طور ببون توڙي ٻيا عام پولڙا به پٿر ۽ ڪاٺي يا ڏنگر کي هٿيار طور استعمال ڪن ٿا پوءِ ڪٽي اهو حملي لاءِ هجي، بچاءَ لاءِ يا ڪائڻ جي ڪا شئي ڇڄڻ لاءِ. گهٽو ممڪن آهي ته اهو قدرتي عمل مئسوزوئڪ ابن ڏاڏن وٽ به هجي، جن جو وارث اڄوڪو ماڻهو آهي.

ماڻهوءَ نما مخلوق جا ابتدائي اهجاڻ

بن مانس جي ٻيٽ ۾ انسان سان وڌيڪ هڪجهڙائي رکندڙ مخلوق جي پهرين ثبوتن ۾ پٿر جا اهي هٿيار آهن، جيڪي تمام ابتدائيءَ سان ڇليا ويا هئا. اهي پٿر اهڙي طرح ڇليا ويا هئا جو هٿ ۾ جهلي سگهجن. اهي هٿيار شايد هٿ - ڪهاڑين (Hand axes) طور استعمال ڪيا ويا هجن. انهن قديم اوزارن کي ايولٿس (Eoliths) چئجي ٿو. اهي هٿيار ايڏا ته ابتدائي ۽ سادا هئا جو ڪيئي ورهين تائين اهو بحث هلندو رهيو ته ڇا اهي پٿر سچ پچ ماڻهوءَ جي هٿن جا ڇليل آهن يا اهي فطرت جي ڪارستانيءَ سان ڇلجي ويا.

ايولٿس جي تاريخ جي باري ۾ ڏرتي وديا جي ماهرن جو اندازو آهي ته اهو پلايوسين (Pliocene) زمانو هو يعني پهرين برفاني دور کان اڳ. اهڙا اوزار پهرين بن برفاني دورن جي وچ واري عرصي (Interglacial period) ۾ به موجود هئا. يورپ ۽ آمريڪا ۾ اهڙا هٿيار ناهيندڙ ۽ استعمال ڪندڙ جو 5- لک سال اڳ وارو ڪوبه هڏو يا باقيات نه ملي آهي، سواءِ هيسپيروپٿيڪس (Hesperopithecus) (اولهه جو بن مانس) جي، جنهن جي هڪ ڏاڍ مٽئين

پلايوسين تهن مان ملي آهي. ان ڏند جي بنياد تي ماڻهو نما مخلوق جو شڪ ڪيو ويو پر اهو پڪ سان ڪنهن ٻئي جانورن جو پنڌ پهڻ ٽيل ڏند هو.

پر، جاوا ۾ ٽرائنل (Trinil) وٽ پلايوسين جي پڇاڙي يا يورپ ۽ آمريڪا جي پهرين برفاني دور ۾ رهندڙ هڪ مخلوق جون هڏيون مليون آهن، جيڪي بالڪل ائين آهن جيئن قديم هٿيار ناهيندڙ مخلوق ٺي سگهي ٺي. انهن هڏين ۾ ڪوپڙيءَ جو مٿيون حصو، ڪجهه ڏند ۽ جنگهه جي هڏي هڪ اهڙي مخلوق جي آهي جنهن کي بيهڻ ۽ ڊوڙڻ ۾ انسان جيتري صلاحيت هئي، ان مخلوق جا هٿ آزاد هئا تنهن ڪري انهن کي گهٽي ڪان گهٽو استعمال ڪري سگهيو ٺي. اها مخلوق نه ماڻهو هئي ۽ نه ئي ڪو چمپانزي وانگر وٽن تي رهندڙ بن مانس، هو پنڌ ڪندڙ بن مانس هو. فطرت جو اپياس ڪندڙن ان کي پٿيڪنٿروپس (Pithecanthropus) (پنڌ ڪندڙ ماڻهو-بن مانس) نالو ڏنو آهي. يورپي ايولٿس (پٿر جا قديم ترين اوزار) ناهيندڙ مخلوق جي ايجا تائين ڪابه هڏي نه ملي آهي. في الحال ان جي بيهڪ ۽ شڪل بابت ڪو اندازو ئي هٿي سگهجي ٿو. جڏهن انهن ايولٿس وارا نيم ماڻهو يا قديم ماڻهو يا Pseudo-men يورپ ۾ 5- لک سال اڳ هلندا ٿي وتيا، تنهن دور ۾ قديم هاٿي ميموٿ (Mammoths)، گينڊا(Rhinoceroses)، هيپوپوٽيمس (Hyppopotemus) ديو جيڏا لڏڙا، برفاني سانڍ ۽ جهنگلي ڳئون به دنيا ۾ هيون. سائڪي وقت ۾ جهنگلي گهوڙا ۽ وڏن ڪاتن وارا شينهن به وڏي تعداد ۾ هئا. تنهن وقت ۾ شينهن (Lion) يا حقيقي واگهه (True tigers) جو يورپ ۾ ڪوبه ثبوت ڪونهي پر رڇ، لڏڙا، بگهڙ ۽ جهنگلي سوئر موجود هئا.

هئدل برگ جو نيم ماڻهو


جيالاجيءَ جي هڪ رڪارڊ موجب انساني (Homo) نسل جي هڪ اوائلي رڪن جي ڇاڙيءَ جو هڪ ٽڪرو هئدل برگ (Heidelberg) ويجهو واريءَ جي هڪ ڪڏ مان زمين جي سطح کان 80- فٽ هيٺ مليو. اها ڪنهن ماڻهوءَ جي ڇاڙي نه هئي پر اهو هر لحاظ کان ماڻهوءَ جهڙو هو. سواءِ ان جي ته ان کي ڪاڏي هئي ئي ڪونه. اها ڇاڙي ماڻهوءَ جي پيٽ ۾ وڏيڪ وڏي

هئي ۽ ان جي سنهي بيهڪ مان لڳو ٿي ته ان مخلوق کي ڳالهائڻ جي سگهه بہ ڪونہ هئي. اها ڪنهن بن مانس جي چاڙي بہ نہ آهي، ان جا ڏند ماڻهوءَ جهڙا آهن. مختلف محققن ان مخلوق کي نيم انساني مخلوقن جي دائري ۾ آڻي Homo Heidelbergensis ۽ Palaeoanthropus Heidelbergensis نالو ڏنو آهي. اها مخلوق هڪ اهڙي دنيا ۾ رهندي هئي جيڪا ان کان بہ اڳ جي نيم ماڻهوءَ جنهن پهريان هٿيار گهڙيا هوندا، جي دنيا کان مختلف نہ هئي. زمين جي جنهن تهہ مان اهو نسل لڌو ويو آهي ان ۾ هاڻي، گهوڙا، گينڊا، برفاني سانڍ ۽ ڏاڙهيا ملیا آهن، پر تڪن ڪاتن وارو واگهہ گهٽجي رهيو هو.

پرياتي ماڻهو (Piltdown sub-man)

هڪ لک سال اڳ واري هڪ نيم ماڻهو يا پرياتي ماڻهو (Eoenthropus) جي کوپڙيءَ جون چٽيل هڏيون لڌيون ويون. اهي هڏيون ٽئين انٽر گليشئل دؤر جي تهن جي کوٽائي مهل ظاهر ٿيون. اهو برفاٽو دؤر هڪ لک سال اڳ شروع ٿي 50- هزار سال کن هليو هوندو. پر ان جو بہ امڪان آهي تہ اها کپوپري پهرين برفاني دؤر جي هجي. اها کوپڙي سوسيڪس (Sussex) ۾ پلٽڊائون (Piltdown) وٽان ملي هئي. هوريان هوريان ان پرياتي ماڻهوءَ جي مٿي جون ٻيون هڏيون بہ لڌيون ويون. اهو هڪ ٽلهو مٿو آهي، اڇوڪي ماڻهوءَ جي کوپڙيءَ کان وڌيڪ ٽلهو. ان ۾ ميڇالي جي گنجائش ماڻهوءَ ۽ پٿيڪن ٿروپس (Pithecanthropus) جي وچ ۾ آهي. ساڻئي هنڌان ٻين جانورن گينڊي، هيپوپوٽيمس ۽ هرڻ جي هڏين سان گڏ اوائلي هومو هيبل برگ جي چاڙي بہ ملي، جنهن ۾ انساني وصفون گهٽ هيون، پر ان جا ڏند ڪنهن لحاظ کان اڇوڪي ماڻهوءَ جهڙا هئا.

قديم کوپڙين جي ان رکارڊ ڪانپوءِ هڪ ڏکهو خال آهي. ان ڪانپوءِ ٽيوتن ۾ فقط چقمقي پٿرن مان ٺهيل اوزار آهن، جيڪي هوريان هوريان سڌرندا ٿا وڃن. انهن ماڻهن پٿرن ڪانسواءِ ٻين شين مان بہ اوزار ۽ شيون ٺاهيون، پر اهي زماني جي رفتار ۾ سڙي، ڳري ختم ٿي ويون. اهي شيون ڪاٺي ۽ چمڙي جون هيون. پٿرن مان ٺهيل اوزارن جي ڪن قسمن بابت قديم آثارن جا ماهر اها راءِ قائم ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي چڪا آهن تہ اهي



آسٹرالو پتیکس یا پران ثروپس مخلوق جیکا شکل صورت ۾
انسان جھڙي آهي پر ان کي انسان تسليم نٿو کيو وڃي.

پرياتي ماڻهو (Eeonthropus)

کرچٽا، سوراخ کيڻ، ويڙ جا اوزار، نشانو ٻڌي اچلائڻ جا پٿر ۽ اهڙا ٻيا اوزار هئا. اڄتي هلي ماڻهن هٿ کاڙيون، چيٽيون ۽ ٻيا اوزار ٺاهيا.

چوٽين برفاني دور وقت ماڻهن غارن ڏانهن رخ کيو ۽ اتي پنهنجا نشان ڇڏي ويا. ان ڏس ۾ ڪروئشيا(Croatia) ۾ ڪارپيانا (Karpiana) وٽ، Dusseldorf ويجهو نيندرٿال ۽ اسپاءِ(Spy) وٽ اهڙيون باقيات، هڏيون ۽ کوپڙيون مليون آهن جيڪي پڪ سان انساني آهن. لڳ ڀڳ هڪ لک سال کان پنجاهه هزار سال اڳ نيندرٿال نسل جا انسان (Homo Neandarthalensis) ظاهر ٿيا. انهن کي Homo antiquns ۽ Homo primigenius ۾ چئجي ٿو، جيڪي هر ممڪن طور ماڻهو هئا. ان نسل جو آگوٽو بهرحال انسان جيڏو لڇڪدار ۽ ڪارائتو ڪونه هو. اهو ماڻهو ٿورو اڄتي جهڪيل هو ۽ هاٿوڪن ماڻهن وانگر پنهنجو مٿو سڌو ٻيهاري نٿي سگهيو. ڪيس ڪاڏي ڪونه هئي ۽ شايد ڳالهائي ۾ ڪونه سگهندو هو. اڇوڪي ماڻهو ۽ نيندرٿال ۾ بهرحال وڏو فرق هو. سندس ڏانچو ٿلهو ۽ ڪافي موڪرو هو. هو مڪمل طرح سان انساني نسل جو ڪونه هو پر انسان ٿيڻ طرف سندس سفر تي ڪوبه تڪرار ناهي. هو پرياتي ماڻهوءَ (Eoanthropus) مان ڦٽي نڪتل ڪونه هو، پر سندس ڇاڙيءَ وارو هڏو هئڊل برگ ڇاڙيءَ سان ايترو ملندڙ آهي جو ان مان ممڪن لڳي ٿو تہ هي نسل ۽ بيڊولو ۽ ڳرو هومو هئڊل برگينس هزارين صديون اڳ هڪ رت ۽ نسل جا هئا.

ماڻهوءَ جا ارتقائي مرحلا

سائنسدانن انساني نسل سان هڪجهڙائي رکندڙ مخلوقن جي ٻنڊ پاهٽن جو ڏاڍو تفصيلي جائزو ورٽي کي مضبوط دليل پيش ڪيا آهي. ان ڏکهي تحقيق کانپوءِ واضح ٿيو آهي تہ انساني ارتقا جي کهاڙي گهٽ ۾ گهٽ 25-ملين سالن جي عرصي تي پکڙيل آهي. جديد تحقيق ايڏا ۾ پوئتي تائين جا ڏس ڏئي ٿي. ان ريت انسان نما مخلوقن جو چارٽ اجهو هن ريت ٻيهي ٿو:

نالو	زمانو	تفصيل
1- پلايوپٿيڪس (Pliopithecus)	22 ملين سال اڳ کان 12 ملين سال اڳ تائين.	سڀ کان اوائلي پروٽو - ايپس مان هڪ نسل، جيڪو ڏسڻ ۾ هاٿوڪي لنڊي لنگور (Gibbon) جهڙو هو. ان جون ٻانهون قد جي ٻيٽ ۾ هروپيرو ڊگهيون ڪونہ هيون، وٽن تي لڏڻ ۾ مهارت هئس. قد جي لحاظ کان تمام ننڍڙي هن نسل کي ڏندن ۽ کوپڙيءَ جي بنياد تي لنڊي لنگور واري سلسلي جو ابو ڏاڏو سمجهيو وڃي ٿو.
2- پروڪائونسل (Proconsul)	20 ملين سال اڳ کان 10 ملين سال اڳ تائين. (مايوسين زمانو) (Miocene Period)	هن مخلوق جي ڏانچي جون ٽڪرن ۾ بيشمار هڏيون مليون آهن، ان جو شمار تمام اوائلي بن مانسن ۾ ٿئي ٿو، جيڪو چمپانزي نسل ۽ شايد گوريلا جو ابو آهي. اهو نسل پلايوپٿيڪس جو همعصر آهي، ان جون هڏيون گهٽو ڪري اتان ئي ملن ٿيون، جتان پلايوپٿيڪس جا پنڊ پهڻ ملن ٿا.





3- ڊرايوپٿيڪس (Dryopithecus)

15 ملين سال اڳ کان 8 ملين سال اڳ تائين. (مايوسين زمانو)

جيتوٿيڪ هن نسل جا تمام ٿورڙا ء ائپورا پنڌ پاهڻ مليا آهن. تنهن هوندي بہ ڊرايوپٿيڪس جي جاڙي ء ڏند سندس خاصيتن کي چگيءَ طرح بيان ڪن ٿا. قد جي لحاظ کان ٿن فٽن جيترو هيءُ اوائلي بن مانس يورپ، چين ء اتر هندستان ۾ رهندو هو. بيهڪ جي لحاظ کان جسم اڳتي جهڪيل، ڊگهيون پانهون ء جسم تي گهاٽا وار هئس. ہن پيرن تي هٿن جي هلڪي ٽيڪ سان ائين هلندو هو جيئن اڄڪلهہ جا بن مانس هلندا آهن.


DRYOPITHECUS

4- اوريوپٿيڪس (Oreopithecus)

15 ملين سال اڳ کان 8 ملين سال اڳ تائين.

ماڻهوءَ جهڙي نسل اوريوپٿيڪس بابت راءِ آهي تہ اهو ہن پيرن تي هلندو هو، چار فٽ قد ء وزن 80 پائونڊ هئس. سندس ڏند ء ڊاڪ جي هڏين سائنسدانن کي سوچڻ تي مجبور ڪيو تہ ڇا اهو انسان جو ابو آهي. پر هاڻي اهو بهتر طور نتيجو ڪڍيو ويو آهي تہ اهو هڪ انوکو بن مانس هو.


OREOPITHECUS

5- راماپٿيڪس سواپٿيڪس (Ramapithecus)

14 ملين سال اڳ کان 12 ملين سال اڳ تائين.

هن مهل تائين ماڻهوءَ جهڙي لڏل سڀ کان اوائلي مخلوق راماپٿيڪس آهي. گهڻن محققن جي راءِ آهي تہ اها مخلوق انساني ارتقا واري سلسلي ۾ سڏي طرح ڳنڍجي ٿي. هن مخلوق کي "آدم نما" رتبو ڪجهہ ڏنو ڏن، جاڙيءَ جي ڪجهہ ٽڪرن ۽ تارونءَ جي بيهڪ جي بنيادن تي مليو، جيڪي بنا ڪنهن غلطيءَ جي انساني شڪل جا آهن. هن مخلوق جو قد سادا چار پنج فٽ هو. هن مخلوق جا پنڌ پاهڙ اتر هندستان، پاڪستانءِ آفريڪا مان لڌا ويا آهن. پوئوار ۾ ان جا پنڌ پاهڙ 8- ملين سال پراڻا آهن. جنهن کي "راماپٿيڪس انڊيڪس" نالو ڏنو ويو آهي.



6- آسٽرالوپٿيڪس (Australopithecus)

2 ملين سال اڳ تائين.

راما پٿيڪس ۽ آسٽرالوپٿيڪس اٿپورن ماڻهن جي وچ ۾ 9- ملين سالن جو وقفو آهي. ان عرصي دوران اٿپورن ماڻهن وڏي ترقي ڪئي، اهي ايا بيهي پنڌ ڪرڻ لڳا، زمين تي رهندا هئا ۽ ممڪن آهي تہ پنهنجي بچاءِ ۾ پٿر استعمال ڪندا هئا.



7- پران ٿروپس (Paranthropus)

1.7 ملين سال اڳ کان 0.9 ملين سال اڳ تائين.

جيتوڻيڪ هيءُ نسل اپو بيهندڙ آهي ۽ انساني خدوخال هئس، ان هوندي به پران ٿروپس انساني ابن ڏاڏن ۾ ارتقائي ڇيڙي جي نمائندگي ڪري ٿو. هو پنهنجي وڏي ڇاڙي ۽ ڏاڙن مان گاهه خور ڏسجي ٿو ۽ ان ريت هن سڌريل آسٽرالوپٿيڪس سان برابري ٿي ڪئي، جيڪو نسل پوءِ شايد جلد ئي فنا ٿي ويو.



8- سڌريل آسٽرالپٿيڪس (Advanced Australopithecus)

1.7 ملين سال اڳ کان 0.9 ملين سال اڳ تائين.

اڳئين آسٽرالوپٿيڪس کان مختلف ۽ وڏي کوپڙي وارو سڌريل آسٽرالوپٿيڪس پران ٿروپس جو همعصر هو. پنهي وٽ ابتدائي اوزار هئا، پر ٻئي يا پنهي مان کو هڪ اهي اوزار ٺاهيندو هو؟ اهو اڃا طئ نه ٿيو آهي. قد بت ۾ اهي ٻئي نسل پنجن پنجن فٽن جا هئا.



9- اُپو ماڻهو
(Homo Ecrectus)



0.8 ملين سال اڳ کان 0.4 ملين سال اڳ تائين. (پلائسٽوسين زمانو)

انسان جي پنهنجي نسلي سلسلي جو پهريون ماڻهو، هوموايرڪٽس هڏ ڪاٺ جو جديد پر هٿن ۽ دماغ جي لحاظ کان گهٽو پوئتي هو. ان جي کوپڙي فقط هيٺئين درجي تائين وڌيڪ هئي. هن اوائلي ماڻهوءَ بابت چيو وڃي ٿو ته هو برادريءَ طرف وڌيو هو ۽ باهه جي استعمال کان واقف ٿي چڪو هو.

10- اوائلي باشعور ماڻهو
(Early Homosapiens)



2.70 لک سال اڳ کان 1.70 لک سال اڳ تائين.

يورپ جا ٿي پند پهڻ ماڻهو Steinheim, Swanschombe ۽ Montmaurin ماڻهوءَ جي جديد نسل جا شايد سڀ کان اوائلي مثال هجن. سندن ڏندن جي بيهڪ ابتدائي آهي، پر کوپڙيءَ جو پويون حصو ۽ چهرو وڌيڪ جديد آهي. دماغ جي گنجائش به جديد دائري ۾ آهي.

11- مڪمل ماڻهو
(Solo Man)

هڪ لک سال اڳ کان 60 هزار سال اڳ تائين.



جاوا ۾ هوموسيپائينز جو هڪ ختم ٿيل نسل "مڪمل ماڻهو" لڌو ويو آهي. اُن جون فقط ٻ ٽِٽيون ۽ کوپڙيءَ جا ڪجهه ٽڪرا مليا آهن. انهن مان خبر پوي ٿي ته سندس هڏ ڪاٺ ڏسڻ ۾ جديد هو. سندس مٿو وڏو ۽ ٽلهو هو. ان جا ڳرون ڳرا ۽ پيشانيءَ کي لاهِي هئي.

12- رهوڊيشيائي ماڻهو
(Rhodesian Man)

50 هزار سال اڳ کان 30 هزار سال اڳ تائين.



آفريڪا ۾ رهندڙ هوموسيپائنز جي هڪ ختم ٿيل نسل جا هي ماڻهو هومو ايرڪٽس جي ڳيٽ ۾ وڏيڪ جديد پر پهرئين قديم آفريڪي Bush-manlike ماڻهن کان وڏيڪ ابتدائي هئا. ان نسل جا پنڌ پهڻ پٿر ڇلڻ ۽ گهڙڻ جي اوزارن سان گڏ مليا آهن. انهن وٽان هڏين جا بہ اوزار لڌا آهن.

13- نينڊرٿال ماڻهو
(Nenderthal Man)

هڪ لک سال اڳ کان 40 هزار سال اڳ تائين.



پيليولٿڪ يا پٿر جي اوائلي دؤر واري هن نسل جا ماڻهو ڀونءِ وچ سمنڊ جي ڀرپاسي ۽ يورپ ۾ پکڙيل هئا. ڪن حالتن ۾ انهن جي کوپڙي جديد ماڻهوءَ کان وڏي هئي. هن نسل ستريل ڏزائين وارا ۽ مختلف قسمن جا اوزار ٺاهيا.

14- ڪروميگنان ماڻهو
(Cro-megnon Man)

40 هزار سال اڳ کان 10 هزار سال اڳ تائين.



جديد ماڻهوءَ کان ٿوري ثقافتي فرق واري ڪروميگنان ماڻهوءَ دنيا ۾ پنهنجو فن ڇڏيو آهي. ان نسل جي آرٽ ۾ غارن ۾ ٺهيل تصويرون، اڪريل پٿر ۽ گهڙي مورتيون آهن. هن يورپ ۾ نينڊرٿال جي جاءِ ورتي ۽ آبادي جي لڏپلاڻ ذريعي، لڳي ٿو ته سڄي دنيا تي قابض ٿي ويو. سنڌ ۾ هي نسل ميسوليٿڪ دؤر جو ماڻهو ٿي سگهي ٿو.

15- جديد ماڻهو
(Modern Man)

40 هزار سال اڳ
کان اڄ تائين.

جديد ماڻهو جسماني طرح
ڪرومينگنان کان ڪجهه
مختلف آهي. هنهي کي جدا
ڪندڙ شئي ڪلچر آهي. هن
ماڻهوءَ جانور پالڻ ۽ ان پائڻ
جا طريقا سکي ڪانه بدوش
زندگي ڇڏي مستقل رهائش
سکي ورتي. هي ميسوليٿڪ ۽
نيوليٿڪ دؤرن جو ماڻهو آهي.




ماڻهن ۽ بن مانسن جي ابن ڏاڏن جي هن ڏگهي ڪهاڻيءَ ۾ صاف طرح ڏسجي ٿو ته راما پٿيڪس نالي مخلوق کان وٺي هڪ سلسلو شروع ٿيو آهي، جنهن جي وچ جون ڪڙيون گم ٿيل آهن. ان جي باوجود اهو سلسلو نيندرٿال ۽ ڪرومينگنان کان ٿيندو جديد ماڻهوءَ سان اچي ڳنڍجي ٿو.

نيندرٿال

ٽئين انٽر گليشئل دؤر ۾ نيندرٿال نسل ۽ شايد پرياتي ماڻهو (Eoanthropus) جا ڪجهه ننڍا گروهه يورپ ۾ گهمندا ٿي وتيا. انهن کي نشان نه ڇڏيا سواءِ چقمقي پٿرن مان ٺهيل اوزارن جي. ٿي سگهي ٿو ته ساڳئي زماني ۾ اوزار يا هٿيار ٻاهيندڙ ايا به ڪا بي مخلوق وجود رکندي هجي، پر في الحال اهڙو ڪوبه ثبوت نه آهي. اهي قبيلا پٿر کان سواءِ ڪاٺ ۽ هڏين مان به هٿيار ٻاهيندا هوندا. گهٽو ڪري ته هنن پهرين ڪاٺ ئي چليو هوندو ۽ پوءِ پٿر چلڻ تي آيا هوندا. پر. ڪاٺ جو ڪوبه اوزار باقي سلامت نه بچيو آهي. ٽئين انٽر گليشئل دؤر ۾ اولهه ايشيا ۽ يورپ جي جاگرافيائي حالت اڄ کان بنهه مختلف هئي. ان دؤر ۾ اتر ۽ اولهه جا اڪثر علائقا جيڪي هاڻي ايٽلانٽڪ سمنڊ هيٺ آهن، تڏهن خشڪ ڌرتي هئا. آئرش سمنڊ ۽ اتريون سمنڊ درياهي وادين هيون. ان کان پوءِ انهن اترين علائقن تي هوريان هوريان عظيم برفاني تهه چڙهندو، موٽ کائيندو ۽ پکڙبو ويو. بالڪل ايئن جيئن اڄ مرڪزي گرين لينڊ ڍڪيل آهي. اتر ۽ ڏکڻ قطبن تي پکڙيل عظيم برفاني تهن تي پاڻيءَ جو وڏو ذخيرو جمي ويو، جنهن ڪري سمنڊن جي سطح گهٽجي وئي. ان تبديليءَ سبب ڪافي زمينون ظاهر ٿيون هيون، جيڪي هاڻي وري غرق ٿي چڪيون آهن. ان دؤر ۾ يونءِ وچ (Mediterranean) وارو علائقو ٺڏو هوندو. اڇوڪو عظيم صحارا وارو علائقو ان وقت ڪارائيل جبل ۽ اڏامندڙ واريءَ سان ڀريل نه هوندو، اهو وڏو زرخيز ۽ پاڻيءَ سان آباد سٿو علائقو هوندو.

بهرحال، لڳ ڀڳ 50 هزار سال اڳ چوٿون برفاني دؤر هو. عظيم برفاني دؤرن سبب زمين تي آيل موسمي ۽ جاگرافيائي تبديلين انساني نسل جي ابن ڏاڏن کي يقين خوفناڪ هاڃا ڏيکاريا هوندا. انهن جي سختين ۽ تفصيلن بابت ڪا گهٽي ڄاڻ ڪٿي نه ٿي آهي. پر اها ڪالهه يقيني آهي ته ڌرتيءَ تي ٻئي جيوت سان گڏ انسان به وڏي لڏپلاڻ ڪئي هوندي.


ان زماني ۾ نيندرٿال انسان موجود هو، جنهن جي وجود جو ثبوت هڪ لک سال اڳ کان چاليهه هزار سال اڳ جي وچ ۾ ملي ٿو. ماهرن کي هن انسان جون هڏيون نيندرٿال نالي هڪ ماڳ تان مليون، جيڪو جرمنيءَ جي رائين نديءَ تي آهي. ان کان پوءِ ساڳئي قديم انسان جا آثار جبرالٽر،



پتیکن ثروپس



نیندر ثال



کرومیگنان

فلسطين، مالتا، اوپر آفريڪا، روس ۽ جاوا مان به مليا. انهن جي کوپڙين سان گڏ چقمقي پٿر وارا نهيل هٿيار به مليا آهن. نيندرٿال شڪاري ماڻهو هئا. ان نسل جا هڏا سڀ کان پهرين 1856ع ۾ لڌا ويا.

1908ع ڌاري ڊڪٽ فرانس جي هڪ غار "لي موسٽيئر" مان نيندرٿال ماڻهوءَ جي کوپڙيءَ سان گڏ هڪ سٽي گهڙيل کاڙي ملي، جنهن مان اندازو هنيو ويو ته اڄ کان گهٽ ۾ گهٽ 25 هزار سال اڳ جي ماڻهن پٿر مان سٺا هٿيار ٺاهڻ جو ڏاڻ حاصل ڪري ورتو هو.

نيندرٿال ماڻهوءَ جي قد ڪاٺ ۽ ڏهانت بابت ماهرن جو خيال آهي ته سندس چهرو پولڙي وانگر ڪجهه ڊگهو ۽ ويڪرو هو. هينئين جاڙي مضبوط پر نالي ماتر هئس. هن جي دماغ جو اڳيون حصو ۽ پيشاني نندي ۽ وينل هئي. پرون گهاٽا ۽ ڏند تکا هئا. سندس ڪلها ۽ ٻانهون پولڙي وانگر ٿورو جهڪيل هيون، هو ٿورو جهڪي هلندو هو، قد جي لحاظ کان ساڍن پنجن فٽن کان گهٽ هو.

نيندرٿال ماڻهن جو اصل وطن ڪهڙو هوندو؟ ان تي ماهر مُنڌل آهن. ڪجهه محققن جي خيال موجب لڳ ڀڳ هڪ لک سال اڳ اهو نسل وچ ايشيا ۽ يورپ طرف ويو هوندو. پر اها ڪا قطعي ڳالهه نه آهي، ڇاڪاڻ ته اهو ثابت ٿي چڪو آهي ته انهن جي اڪثريت اولهه يورپ ۾ رهندي هئي.

ڇا نيندرٿال ۽ ڪروميگنان جو نسلي ۽ ثقافتي ميلاپ ٿي ويو؟

غارن ۾ رهندڙ قديم انسانن تي هڪ رپورٽ جيڪا 'نيوز ويڪ' رسالي ۾ (مئي، 1996ع ۾) ۾ ڇاپي وئي، دنيا جي سڀ کان بچڙي شڪل ۾ مضبوط هڏ ڪاٺ واري نسل نيندرٿال بابت ياد ڏياريو ويو ته ان انسان جا هڏا سڀ کان پهرين جرمنيءَ مان هڪ ڇن پٿري غار مان 1856ع ۾ مليا هئا. ان نسل جي کوپڙي پنڌ پاهڻ حالت ۾ ملي هئي. ان کان پوءِ ماهرن راءِ ڏني ته هي نسل اڄ کان هڪ لک سال اڳ کان 35 هزار سال اڳ تائين هن ڌرتيءَ تي ويجهي اوپر کان وچ ايشيا ۽ اسپين جي ائٽلانٽڪ ڪنڌين تائين پکڙيل هو.

جسماني بيهڪ جي لحاظ کان اهي اڇڪلهه جي باشعور ماڻهوءَ جهڙا هئا، سواءِ ان جي ته سندن پٽاڑا ايريل هئا، ڪاڏي مختصر هئي ۽ پروئن جو

آپار ايڏو ئي وڏيڪ هو جڏ چاپرو! سائنسدان اهو ٻڌائڻ ٿا ته نيندرٿال روايتي وحشي ڪونه هئا. هو پنهنجا مُردا ڏاڍي احتياط سان دفن ڪندا هئا ۽ بيمارن توڻي معذورن جي پرگهور لهندا هئا. ان هوندي ٻڌ سائنسدانن کي نيندرٿال ماڻهن بابت گهڻو ڪجهه معلوم ڪونهي. مثال طور نيندرٿال ماڻهن جو ٻين سڌريل انسانن سان ڪهڙو لڳ لاڳاپو هو؟ ڪروميگنان نسل ڪائنس سڌريل هو، جيڪي ماڻهو سندن وقت ۾ ئي ويجهي اوير ۽ يورپ ۾ ڪيئي سؤ صدين تائين موجود هئا. ڇا هنن جا نسل پاڻ ۾ جنسي طور ميلاپ ۾ آيا؟ ڇا سندن وچ ۾ جنگيون لڳيون؟ ڇا هو هڪٻئي کي علائقن مان ڏڪي ڇڏيندا هئا؟

ان ڏس ۾ هڪ اڌورو جواب هاڻي هڪ ڳتيل تاڪرو آجهن ۽ غارن واري ماڳ مان مليو آهي. اهو ماڳ 1950ع واري ڏهاڪي ۾ فرانس جي علائقي آڪسيري (Auxerre) وٽ لڌو ويو. اتان لڌل پٿري ۽ هڏين جا اوزار، توڻي جانورن جا گهڙيل ۽ سوراخ ڪيل ڏند ۽ عاج جون چوٽيون، اهڙيون ئي آهن جهڙيون ڪروميگنان لوڪن جي استعمال ۾ هيون. پر ايڏا تائين ڪوبه خاطريءَ سان چئي نٿو سگهي ته 34- هزار سال اڳ انهن غارن ۾ ڪهڙي نسل جا ماڻهو رهندا هئا؟ نيٽ، انساني هڏ ڪاٽ جي هڪ ماهر فريڊ اسپور (Fred Spoor) جنهن جو يونيورسٽي ڪاليج آف لنڊن سان تعلق هو، پنهنجي ڪوجنا بابت چيو ته اهو نيندرٿال جهڙو آهي.

ان ماهر کي جيڪي انساني هڏيون مليون هيون، سندس خيال ۾ اهي بي ڊولي نيندرٿال جي ڪَن جون اندروني هڏيون هيون. هن انهن نمونن جي هڪ خاص قسم جي اسڪيننگ ڪئي ۽ اها رپورٽ (مئي 1996ع ۾) هڪ جرنل "Nature" ۾ شايع ڪرائي، جنهن ۾ تصديق سان چيو ويو ته آرڪي سُر ڪيور (Arcy-Sur-Cure) واريون باقيات بالڪل نيندرٿال جون ئي آهن.

يورپ جا آخري نيندرٿال ڪهڙا هئا؟ جيڪي ختم ٿي رهيا هئا ۽ جيڪي اهڙا اوزار ۽ زيور استعمال ڪري رهيا هئا، جهڙا ڪروميگنان جا هئا؟ اسرائيل جي غارن مان آرڪيالاجسٽن کي نيندرٿال جون هڏيون مليون آهن، جن وٽ جديد نسلن (Sapiens) جهڙا پٿري اوزار هئا. پر اهي ماڳ 60 هزار سالن کان 92 هزار سال پراڻا آهن ۽ سائنسدانن جو چوڻ آهي ته، "Sapiens وٽ وقت جي ايتري وٿي هئي ئي ڪونه، جو اهي نيندرٿال لوڪن کان وڏيڪ سڌريل

پٽري ٽيڪنالاجي حاصل ڪري سگهن ها!"

يورپ هڪ بي آڪائي پڌائي ٿي، اها غارن ۾ چترڪاريءَ جي آهي. ان چترڪاريءَ جا پڙاڏا هن ڪتاب ۾ هنڌ هنڌ توهان پڌندا ايندا. چتسالي ڪندڙ ڪروميگنان ثقافتي اڪيلائي ۾ رهندڙ هو. پر "آرڪي سُر ڪيور" ابتڙ تجويز ڏئي ٿو. آرڪيالاجسٽ جين جيڪئس هبلن (Jean-Jacques Hublin) جنهن جو تعلق "ميوزي دي ايل هومي" پئرس سان آهي، جو چوڻ آهي ته، "نيندرٿال لوڪ، ڪروميگنان هنرمندن جو نقل ڪونہ ڪندا هئا. پر هن جا ساٿي سرگرم واپاري ناتا ٿي سگهن ٿا."

ٻن تمام مختلف انساني نسلن جي باهمي ناتن، هڪجهڙن اوزارن جي استعمال ۽ ثقافتي ميل ميلاپ بابت آرڪيالاجسٽ ايجا تائين فقط ذاتي ڪچهرين ۾ خيالن جي ڏي وٺ ڪن ٿا. پر فريڊ اسپور جو چوڻ آهي ته: "هائي اها ڪا راز جي ڳالهہ نہ آهي، سندن باهمي ناتن جون ڪي حدون هيون، ايئن ٿو لڳي ته هو ٻئي نسل هڪٻئي ۾ شاديون نہ ڪندا هئا. اها ڳالهہ ان حقيقت مان پڌري آهي ته ڪروميگنان نسل ۾ نيندرٿال مهاندا ڪونهن." هو وڌيڪ چوي ٿو ته، "بهرحال ڪا ڳالهہ هئي جو هو جسماني تعلق جي سلسلي ۾ هڪٻئي کان پري هئا."

سائنسدانن کي حيرت آهي ته نيندرٿال نسل ڇو ختم ٿي ويو. جيتوٽيڪ هن وٽ بہ بقا جي جنگ لاءِ تهڙا ئي هٿيار ۽ اوزار هئا، جهڙا ڪروميگنان لوڪن وٽ هئا! ان ئي بنياد تي سائنسدان چون ٿا ته سندن نسل جي خاتمي جا ضرور ڪي ٻيا سبب بہ هئا ۽ اوزار سندن بقا لاءِ ڪافي ڪونہ هئا.

ماڻهوءَ جو ڪٽنب

اسان ماڻهوءَ جي ارتقائي ڏاکن تي پٺ نظر وجهي چڪا آهيون. سوال آهي ته هن وقت ڌرتيءَ تي پکڙيل انساني نسلن جي ورڇ ڪيئن آهي؟ ڪجهہ ماهر هن وقت انساني ڪٽنب کي گهٽ ۾ گهٽ 12- نسلن ۾ ورهايل سمجهن ٿا. ان ورڇ کي هو جينياتي گروهہ بندي (Genetic grouping) سڏين ٿا. جن کي ٽلهي ليکي جاگرافيائي حوالي سان نالا ڏنا ويا آهن. هيڏن نسلن جي باوجود انهن سڀني کي هڪ ئي جديد انساني (Homo Sapiens) درجي

بنديءَ ۾ آندو ويو آهي.

1- بانتو (Bantu) گروهہ آفريڪا جي هيئين اڌ ۾ رهي ٿو.

2- سان (San) نسل آفريڪا جي ٻنهہ ڏکڻ واري حصي ۾ اولهندي ڪنڊ ۾ آهي.

3- ايفروايشيائي نسل اتر آفريڪا ۽ عربستان جي ايٽيٽ تي رهي ٿو.

4- ڪوهہ ڪاف (Caucasion) وارو نسل سڄي اڀرندي ۽ يورپ جي ڪجھ حصي تي پکڙيل آهي. ٻين لفظن ۾ هي آهي علائقا آهن جن تي، جيئن چيو ويو ٿو ته، آرين ڪاهون ڪيون.

5- آمريڪي نسل سڄي آمريڪي ڪنڊ ۽ ايشيا جي ٻنهہ اتر واري ان ٽڪري تي رهي ٿو، جنهن کي جديد دنيا الاسڪا ۽ ايشيا کي ڳنڍيندڙ بيرنگ پل سڏي ٿي.

6- آرڪٽڪ نسل اتر قطب ۽ ان کي ويجهن يورپي علائقن ۾ رهي ٿو.

7- اتر اوپر وارو ايشيائي نسل منگوليا ۽ آرڪٽڪ نسل جي وچ ۾ آهي.

8- چيني ۽ منگول نسل کي هڪ خاڻي ۾ رکيو ويو ٿو. اهي هندستان جي اتر ۽ اوپر پاسي واريون قومون آهن.


9- ڏکڻ ايشيائي نسل ۾ ويٽنامي، ڪمپوچيائي ۽ ٿائي وغيره آهن، توڙي جو اهي ڳچ پڇ چيني نسل لڳن ٿا.

10- پئسفڪ ٻيٽن جا رهاڪو نسل آفريڪا جي وڏي ٻيٽ مداگاسڪر کان وڃي هندي وڏي سمنڊ جي سمورن ٻيٽن کان پئسفڪ سمنڊ جي الهندي ٻيٽن تي رهن ٿا، سواءِ ان جي ته آسٽريليا جي اتر ۾ واقع نيوگني ٻيٽ تي رهندڙ نسل جدا ٻيهڪ ۽ قد ڪاٺ رکن ٿا.

11- آسٽريليائي نسل فقط آسٽريليا ڪنڊ تي ئي آهن.

12- نيوگنين نسل جيڪو آسٽريليا جي اتر ۾ جديد زماني کان ڪٽيل حالتن ۾ رهي ٿو.

جيئن ته انسان اوائلي وقتن کان دنيا جي هڪ ڪنڊ کان ٻي ڪنڊ تائين لڏپلاڻ ڪئي آهي ۽ نسلي ميلاپ ٿيا آهن، ان ڪري اڄ اهو چوڻ تمام مشڪل آهي ته دنيا ۾ ڪو هڪ اهڙو نسل بچيو هوندو، جيڪو مڪمل طرح "خالص" هجي! اهڙي دعويٰ ته شايد نيوگنيءَ جا پاپوئن لوڪ ۽ ڏکڻ ايشيائي ٻه ڪري نه سگهن، پر ان هوندي ٻه جرمن لوڪ پاڻ کي "خالص



Genetic groupings

1 — Bantu
2 — San
3 — Afro-Asiatic
4 — Caucasian
5 — American
6 — Arctic
7 — N.E. Asian
8 — Mongolian / Chinese
9 — S.E. Asian
10 — Pacific Islanders
11 — Australian
12 — New Guinean

نسلي گروهه:

1- بانتو 2- سان 3- ايفروايشيائي 4- کاکيشيائي (کوهه قافي)
5- آمريکي 6- آرکٹک 7- اتر ـ اوپر ايشيائي 8- منگول/ چيني
9- ڈکن ـ اوپر ايشيائي 10- پنسفک ٻيٽن جا رهاکو 11- آسٽريليائي
12- نيوگنيءَ جا لوک



ـ آستريليائي مهاندا



ـ "بُش وومن"



ـ نيگرو مهاندا



انگریز



کوہ کاف وارو نسل




چيني عورت




منگول (کالمک)







انساني نسل جي واڌ ويجهه ۾ پيش قدمي جو نقشو.



انسان جو شجرہ، مانیون ء عالمی لیبلز

آريا" سمجهن ٿا.

بهرحال، هاڻ بحث جو هڪ رخ اهو آهي ته هاڻوڪو ماڻهو، جنهن جو جنم ته آفريڪا ۾ ٿيو، هوريان هوريان سڄي دنيا ۾ پکڙجي ويو ۽ اڳوڻي ماڻهوءَ جي جاءِ ولي ڇڏيائين. بحث جو ٻيو رخ اهو آهي ته هر هنڌ مقامي انسان پنهنجي ليکي جدا جدا ارتقا ڪئي آهي ۽ پوءِ هڪٻئي سان ميل ميلاپ سبب ويجهو ٿيو آهي. انهن ٻنهي بحثن کي ڪجهه هن ريت به ملايو ٿو وڃي ته جديد ماڻهوءَ جي نسلي ارتقا ته آفريڪا ۾ ٿي، پر جڏهن اهو نسل سڄي دنيا ۾ پکڙيو ته ان مقامي ماڻهن سان نسلي ميلاپ ڪيو، جنهن سان هاڻوڪا نسل پڌرا ٿيا آهن.

سائنسي بنيادن تي جڏهن "نسل" جي وصف بيان ڪبي ته ايئن چئبو ته هڪ اهڙي آبادي جنهن جي جينياتي خاصيت ساڳي هجي، مقرر ڪري سگهجي ۽ ٻين کان مختلف هجي. پر هاڻي ايئن ڪونه رهيو آهي. ان بنياد تي ڪجهه سائنسدان ته ايئن به چون ٿا ته دنيا ۾ سڀ انسان هڪٻئي کان مختلف آهن. ان ڪري اهو چوڻ ته سڀ انسان برابر آهن، درست نه آهي. اها تشريح سائنسي طور تي پلي ته وزن رکندي هجي پر ثقافتي ۽ سڄي انساني جذبي جي وڏي توهين آهي ۽ اها ورڇ ڪوڙي نسل پرستي آهي، جنهن کي گوري چمڙيءَ وارن پنهنجي نسلي برتريءَ لاءِ دليل طور استعمال ڪيو آهي.

حياتيات جي اصولن جي گهرائيءَ ۾ ويجهو ته خود انهن دليلن جي نفي ٿيندي نظر اچي ٿي. انسان جي رنگ جي تبديلي جسم جي جيو گهرڻن تي اس جو اثر آهي، جنهن سبب جسم ۾ ڪي خاص مادا متحرڪ ٿي ماحول موجب چمڙيءَ جي رنگت يا ڪم بدلائين ٿا. اهڙيءَ طرح قد ڪاٺ جو فرق به آهي، جنهن جا سڀ تفصيل چڱيءَ طرح سامهون نه آيا آهن.

عظيم پوڏ ۽ ان جا ڪردار

اها ڏاڍي عجيب ڳالهه آهي ته عظيم پوڏ واري واقعي جا پڙاڏا سڄي دنيا جي ڏند ڪٿائن ۾ موجود آهن. خاص ڪري يوناني، عراقي، عربي ۽ هندستاني ڏند ڪٿائون ته لڳ ڀڳ ساڳيون آهن.

ڏرتي وديا جا ماهر ان تي متفق نظر اچن ٿا ته مذهبي ڪتابن ۾ جنهن عظيم پوڏ جو ذڪر آهي، سا آخري برفاني دؤر جي پڇاڙيءَ جو زبردست پڙاڏو آهي. اُن وقت اتر وارن اتانهن جبلن تي چڙهيل برف جا هزارين فٽ ٿلها تهه ڳريا. ڏرتيءَ جي مختلف حصن تي هيٺاهينءَ واريون خشڪ وادیون پاڻيءَ سان ٻرجڻ لڳيون. اهو واقعو ايترو تڪڙو ٿيو جو اڪثر هنڌن تي انساني آبادیون غرق ٿي ويون ۽ ڪي تمام ٿورا ماڻهو ۽ جانور جيئرا بچي سگهيا. ماهرن جو خيال آهي ته ڏند ڪٿائن ۾ جنهن ريت ان عظيم واقعي جو ذڪر آيو آهي تنهن مان لڳي ٿو ته اهو واقعو يونءِ وچ سمنڊ (Mediterranean Sea) جي ٻرپاسي ۾ پيش آيو هوندو. جيڪو پوءِ ماڻهن جي پاڇ وقت پڙاڏو ٻڌجي سڄي يورپ ۽ ايشيا ۾ پکڙجي ويو. وقت سان گڏ ان عظيم حادثي انساني يادگيرين ۾ مستقل جاءِ سنڀالي ۽ اڳئين وقت جي ماڻهن جي زباني اهو واقعو پوين نسلن تائين قصي جي صورت ۾ محفوظ رهندو آيو. پوءِ، ماڻهن ان واقعي کي قدرت ۽ ديوتائن جي انتقام جو رنگ ڏئي ڇڏيو.

يوناني ڏند ڪٿا ۾ عظيم پوڏ

يوناني ڏند ڪٿا لڳ ڀڳ هڪ هزار سال قبل مسيح ۾ قلمبند ٿي هوندي، جنهن ڪري ان قصي ۾ نيوليٿڪ دؤر جي عڪس سان گڏوگڏ لوهه وارو زمانو گڏ وڇڙ ٿي ويو آهي. يوناني ڪٿا واضح طور تي غارن ۾ رهندڙ انسانن ۽ ابتدائي زرعي دؤر ڏانهن اشارو ڪري ٿي:

" ڏرتيءَ تي سونهري دؤر (هڪ خيالي آدرشي دؤر) کان پوءِ هڪ اهڙو زمانو بہ آيو جڏهن ماڻهو هڪ ٻئي سان وڙهڻ لڳا. تڏهن ديوتائن ماڻهن کي

شڪست ڏيڻ لاءِ تمام گرم اونهارن ۾ سخت سيارن جون مندون موڪليون. ماڻهن سخت گرمين ۾ ٺڌين هوائن کان بچڻ لاءِ وڃي غارن ۾ پناهه ورتي. هنن جبلن ۾ غارون کوٽيون ۾ جبلن جي ڏرن ۾ وڃي پاڻ لڪايو. سخت سيارن ۾ بک کان بچڻ لاءِ هنن زمينون کيڙيون ۾ آن اپايو. اهڙيءَ طرح هنن سخت سيارن لاءِ اناج کٽو ڪري رکڻ شروع ڪيو.

"جيئن جيئن وقت گذرندو ويو تيئن تيئن ماڻهو وڌيڪ خارباز، چيڙاڪ ۽ جنگجو ٿيندا ويا. نيٺ هنن زمين مان سون کوٽي ڪڍيو، جيڪو زمانن کان اتي پيو هوندو هو. ماڻهن لوهه به دريافت ڪري ورتو. هاڻي سون حاصل ڪرڻ لاءِ ماڻهن جا هڪ ٻئي سان جهيڑا ۽ جنگيون وڌيون، ويون. پر سڀ کان خراب ڳالهه اها ٿي ته ماڻهن لوهه مان تيز ڌار واريون تلوارون، ڇريون، خنجر ۽ اهڙا ٻيا موتمار اوزار ٺاهڻ شروع ڪيا. جنهن ڪري ڏرتيءَ تي انساني رت وهڻ لڳو.

"ان کان پوءِ ڏاڍا، ڦرون ۽ خون رواجي ڳالهيون بڻجي ويون. حالتون خراب کان خراب ٿيندیون ويون. ايستائين جو ڪنهن به ماڻهوءَ جي حياتي محفوظ نه رهي. دنيا ۾ سڀ ماڻهو ان قسم جي مار ڏاڙ ۾ شامل ٿي ويا. فقط ٻه ڄڻا ديو ڪاليون (Deucalion) ۽ پائرهه (Pyrrha) ئي اهڙا ڇڳا ماڻهو باقي بچيا هئا، جيڪي "سونهري دؤر" جي ماڻهن وانگر ديوتائن کي پيٽائون ڏيندا هئا.

"اولمپس جبل تي ويٺل ديوتائن جي ديوتا جيوپيٽر هيٺ ڏرتيءَ تي سڀ ڪجهه پئي ڏٺو ته ماڻهو ڪيڏا ڇتا ٿي پيا آهن. تنهن ڪري هن فيصلو ڪيو ته هو سڀني انسانن کي نابود ڪري ڇڏيندو. جوپيٽر ديوتا آيولس (Aeolus) جي غارن ۾ اتر جون هوائون بند ڪري ڇڏيون ۽ ڏکڻ جون هوائون کولي ڇڏيون، جيڪي برساتون آڻيندیون آهن. سڄي ڏرتي ڪڪرن ۽ بادلن سان ڍڪجي وئي ۽ وڏ ڦڙو مينهن پوڻ لڳو. مينهن شروع ۾ هوريان هوريان ۽ پوءِ تکو ٿيندو ويو. اهو مينهن ان مهل تائين وسندو رهيو، جيسين ڏرتي تي بيٺل فصل ٻڏي نه ويا. ايتا به جهڙ پريا رهيا ۽ برسات پوندي رهي. درياهه پنهنجن ڪنارن تان اٿلي پيا ۽ ميدانن ڏانهن وڏڻ لڳا. قيامت جهڙي ان حالت ۾ وڏا وڏا وڻ پاڙون پٽجي ڪري پيا ۽ پاڻي گهرن، جهوپڙين، جانورن ۽ ماڻهن کي لوڙهڻ لڳو. پاڻي ايترو وڌڻ لڳو جو وڏيون وڏيون مڇيون

خشڪيءَ جي ٻيلن مٿان ترڻ لڳيون (ٻيلا ٻہ سمنڊ هيٺ اچي ويا) تڏهن ٻہ برساتون بند نہ ٿيون ۽ پاڻيءَ جي سطح جيئن پوءِ تيئن چڙهندي وئي.

"اها صورتحال ڏسي ماڻهو جبلن ڏانهن ڀڳا. جيڪو جيترو چڙهي سگهيو، بگهڙ، شينهن، ٻڪريون، ريڍون، ماڻهو سڀ هڪ گڏيل خطري ۾ هئا. موت سڀني جي ڪيڙ هو. هو پهرين ٽڪرين تي چڙهي، پوءِ جبلن تي چڙهندا ويا، پر پاڻي ٻہ ايڏا مٿي چڙهندو ويو، تان جو جبل جي ڪن چوٽين کان سواءِ سڀ ڪجهہ ٻڏي ويو. نيٺ برساتون ختم ٿيون ۽ جَهڙ ڪنڊريا تڏهن سڀ کان اوچي جبل پارناسس (Parnassus) جي چوٽي پاڻيءَ کان ٻچيل هئي

"ديوڪاليون ۽ پائرهہ هڪ ننڍڙي ٻيڙيءَ تي چڙهيل هئا، جيڪا هو ڪنهن نہ ڪنهن ريت تاريندا پئي آيا. جڏهن هنن ڏٺو تہ پارناسس جبل جي چوٽي پاڻين کان آزاد آهي، تڏهن هنن ٻيڙي ان جبل تي ٻيهاري ۽ ديوتائن کي پيٽا ڏني.

"جوپيٽر کي خبر هئي تہ ديو ڪاليون ۽ پائرهہ ٻين ماڻهن وانگر بدڪار نہ هئا ۽ هنن ٻن ڪانسواءِ ٻيو ڪوبہ باقي نہ بچيو هو. تڏهن هن اتر جون هوائون آزاد ڪري ڇڏيون ۽ بادل هٽائي ڇڏيا. سمنڊ جي ديوتا نيپچون پنهنجي وڏي نائب ٽرائيٽون کي حڪم ڏنو تہ هو پنهنجي وڏي سنک سان سمنڊ کي پنهنجي جاءِ تي موٽائي. ٽرائيٽون حڪم موجب سنک وڄايو ۽ سمنڊ پنهنجين جاين تي موٽي ويا.

"جيئن ئي پاڻي تڪڙو تڪڙو لهي ويو. ڌرتي ظاهر ٿي پئي، پر هي ڇا؟ سڄي ڌرتي ميٽوڙي گپ هيٺ ڏڪجي وئي هئي. هاڻي دنيا ۾ ايڏي خاموشي ۽ ماٺ هئي جو ڪنهن بہ ساهواري شيءِ جو آواز ٻڌي آيو. ايڏي چپ ڏسي ديوڪاليون ۽ پائرهہ کي خيال آيو تہ موت جهڙي هن خاموشيءَ کان تہ بهتر هو تہ جهيڙن ۽ تڪرارن جو شور غل هجي ها. ويجهو ئي گپ ۾ هڪ ديوتا جو لٽجي ويل مندر هو. ديوڪاليون ۽ پائرهہ کي هڪ ٻئي جي ساٿ جو احساس ٿيو، سو ٻئي ڇٽا وڃي ان مندر ۾ ويهي رهيا ۽ سوچيندا رهيا تہ هاڻي هنن جو ڇا ٿيندو؟ هيڏي وڏي دنيا ۾ فقط ٻہ ڇٽا!

"اوچتو آسمان مان آڪاش واڻي ٿي، 'پنهنجي عظيم ماءُ جون هڏيون پنهنجي پويان اڇلايو!' پهرين تہ ڪين دوستاڻي لهجي واري ان آڪاش واڻيءَ

جو مطلب سمجهه ۾ نه آيو ته، 'عظيم ماءُ جون هڏيون' مان ڇا مراد آهي؟ جلد ئي هو سمجهي ويا ته، عظيم ماءُ معنيٰ 'ڌرتي' ۽ پٿر ئي ان جون هڏيون ٿي سگهن ٿيون، جيڪي چؤطرف پکڙيل هئا.

" ديوڪاليون ۽ پائرهه مندر ڏانهن منهن ڪري بينا ۽ چوندڙيل پٿر پنهنجي پويان اڇلايا. جڏهن هنن مڙي ڏٺو ته پويان اڇلايل پٿرن سان ڇا ٿيو؟ ته حيران ٿي ويا. هنن ڏٺو ته اهي پٿر مردن ۽ عورتن ۾ تبديل ٿي ويا هئا. ان طرح عظيم ٻوڏ کان پوءِ ڌرتيءَ تي ٻيهر انسان پيدا ٿيا، پر اهو خوف رهجي ويو ته انهن مان اڪثر ماڻهن جي دل پٿر وانگر سخت هوندي، اهي بي رحم هوندا، ڇاڪاڻ ته اهي پٿرن مان پيدا ڪيا ويا هئا."

عظيم ٻوڏ: عراقي ڏند ڪٿا ۾

سميري ڏند ڪٿا ۾ مرڪزي ڪردار "زي سدرا" آهي. جنهن جي لفظي معنيٰ آهي، "هن زندگي ڏني." سولي سنڊيءَ ۾ هن کي "الهه بچايو" چئي سگهجي ٿو. بابل سان تعلق رکندڙ ساڳي قصي ۾ مرڪزي ڪردار جو نالو "اُت ناپشتم" آهي ۽ الهامي ڪتابن ۾ حضرت نوح ان قصي جو مرڪزي ڪردار آهي.

هڪ اندازي موجب سميري ڪٿا اصل ۾ ٽي سؤ ستٽن تي مشتمل هئي، پر جنهن قديم پٿر تي اها کهاڻي چئن کان پنج سايا پنج هزار سال اڳ لکي وئي سان پڳل ٽٽل حالت ۾ آهي. جنهن ڪري فقط ست پنجهٽ ستٽون ئي واضح آهن.

قديم عراق جي هزارها ديوتائن مان چار ديوتا مکيه آهن. 1- اَن يا اَنو (آسمان جو ديوتا). 2- اَن لِل (هوا ۽ طوفان جو ديوتا). 3- اَن ڪِي (مٽي پاڻي، زمين ۽ عقل جو ديوتا). 4- نِن هُرسگ (ڌرتي ماتا يا ڪائنات جي ديوي). انهن کان سواءِ ٻيا اهم ديوي ديوتا هن هن ريت آهن. نِنا (چنڊ). اُتو (سج)، اِنِنا (نسل ۽ فصل جي واڌ، پيار، جنگ ۽ ڪاوڙ جي ديوي). بهرحال سڀ کان اهم ديوتا اَن يا اَنو رهيو آهي. هن ديوتا ۾ اهي سڀ صفتون آهن، جيڪي عظيم ٻيءُ (ديوتائن جي ديوتا) ۾ هٿ گهرجن.

عظيم ٻوڏ واري عراقي ڪٿا ۾ هڪ وڏو ديوتا ڪهاڻيءَ جي مرڪزي

ڪردار زي اسدرا سان ڳالهائي ٿو. ان ديوتا جو نالو ڏهي ويڙ ڪري اهو شڪ ٿئي ٿو ته اهو ديوتا "آنو" يا "اِن ڪِي" مان ڪو ٿي سگهي ٿو.

"سميرِ ۾ آسمان تان بادشاهت لاٿي وئي ۽ پنج شهر: 1- آريدو، 2- بَدتب ارا، 3- لارَڪ، 4- سِپار ۽ 5- شُرُپڪ آباد ڪيا ويا. شرپڪ جو حاڪم زي اسدرا هو، جنهن کي خدا جو خوف هو ۽ شريف انسان هو. ديوتا خواب ۾ اچي ڪيس بشارت ڏيندا هئا. هڪ ڀيري زي اسدرا هڪ ديوار وٽ بيٺو هو ته هن هڪ ديوتا جو آواز ٻڌو. انهيءَ ديوتا زي اسدرا کي ٻڌايو ته انو ۽ ان لل ديوتائن انساني نسل کي ختم ڪرڻ لاءِ وڏي ٻوڏ آڻڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو آهي. هن زي اسدرا کي وڏي ٻيڙي ٺاهڻ جي هدايت ڪئي. زي اسدرا ان ٻيڙيءَ ۾ جانور ۽ چاڙهيا. ملڪ ۾ وڏو طوفان ۽ وڏي ٻوڏ آئي، جن ست ڏينهن ۽ ست راتيون وڏي تباهي مچائي. نيٺ جڏهن سڄ ديوتا آتو بادلن مان ٻاهر نڪتو ۽ چوڌاس روشني پکڙجي وئي، تڏهن زي اسدرا آتو ديوتا کي سجدو ڪيو ۽ قرباني ڏني. پوءِ آنو ۽ اَن لل ديوتائن جي به پوڄا ڪئي. ڪٿا جي پڄاڻيءَ ۾ ديوتائن زي اسدرا کي دلمون موڪلي ڇڏيو ته جيئن هو هميشه اتي رهي. سميري ڏند ڪٿائن ۾ دلمون جي سرزمين عراق کان اوپر طرف اها جاءِ آهي، جتان سڄ ايري ٿو.

پرلئ (عظيم ٻوڏ): هندو ڏند ڪٿا ۾

هندو ڏرم موجب شري ڪرشن وشنو ڀڳوان جو اٺون اوتار هو. ڪانئس اڳ ترتيب وار رامچندر، پرشرام، وامن، نرسنگها، وراهه، ڪچون ۽ مڇي شري وشنوءَ جا اوتار آهن. اهڙي طرح مڇي وشنو ڀڳوان جو سڀ کان پهريون اوتار آهي."

وڏي ٻوڏ واري هندو ڏند ڪٿا ۾ ان مڇيءَ جو هڪ خاص ڪردار آهي. هونئن به حياتياتي اعتبار سان ڏسبو ته انهن اوتارن ۾ زندگيءَ جي ارتقا جي خاص منزلن جون جهلڪيون ڏسي سگهبيون.

سائنس موجب سڀ کان پهرين زندگيءَ پاڻي ۾ وجود ورتو. ان کان پوءِ جل ٿلیا (Amphibian) جانور سامهون آيا. ان کان پوءِ خشڪي وارا ممالیا سامهون آيا. ان کان پوءِ نيم ماڻهو ۽ پڇاڙيءَ ۾ مڪمل انسان

سامهون آيا. اها ئي ترتيب وشنوءَ جي اوتارن ۾ ڏسجي ٿي. يعني سڀ کان پهرين مڇي جيڪا پاڻيءَ ۾ رهي ٿي، ان کان پوءِ ڪڇون جيڪو جل ٿلیو جانور آهي يعني هڪ ئي وقت پاڻيءَ ۽ خشڪيءَ تي رهندڙ، ان کان پوءِ خشڪيءَ تي رهندڙ وراهہ (سوئر) نظر اچي ٿو. ان کان پوءِ نراسنگهہ جي صورت ۾ نيم ماڻهو ۽ پچاڙيءَ ۾ پرشرام، رامچندر ۽ شري ڪرشن جا انساني نوعيت جا اوتار آهن. ڏرم جي ودوانن اوتارن ۾ اها ترتيب ڪيئن ۽ ڇو رکي؟ اهو هڪ جدا ۽ دلچسپ سوال آهي.

هندو ڏند ڪٿا عظيم ٻوڏ جو جواز هن ريت ڏئي ٿي: "آڪاٽي وقت ۾ هڪ مقدس ماڻهو رهندو هو. هن جو نالو مَنو هو. جنهن تپسيا ۽ ڪشٽن سان سرڳ جي ديوتا کي راضي ڪري ورتو هو. هڪ پيري ديوتا منوءَ کي وضوءَ لاءِ پاڻي ڏنو. تڏهن جيئن ئي هن پنهنجا هٿ پٿي ڏوتا، هڪ ننڍڙي مڇي ظاهر ٿي ۽ انساني ٻوليءَ ۾ ساڻس مخاطب ٿي چيائين، "مون کي بچاءَ ۽ آئون توکي بچائيندیس!" "تون مون کي ڪهڙي شيءِ کان بچائيندينءَ؟" مَنو پڇيو. مڇيءَ چيو، "هڪ ٻوڏ سڀني مخلوقن کي ناس ڪري ڇڏيندي، آئون ان وقت توکي بچائيندس!"

"پر تون ڪيئن بچائيندين؟" مَنو پڇيو. "جيستائين اسان ننڍا آهيون، اسان مسلسل تباهيءَ جي خطري ۾ آهيون، ڇو تہ مڇي مڇيءَ کي کائيندي آهي. تنهنڪري مون کي ڪنهن ٽانءَ ۾ رک." مڇيءَ چيو، "جڏهن آئون ٽانءَ کان وڏي ٿي ويان، تڏهن مونکي سمنڊ ۾ ڇڏي ڏجانءِ. ان وقت آئون خطري کان ٻاهر هوندس."

مَنوءَ هڪدم مڇيءَ جي هدايتن تي عمل ڪيو. مڇي ڪجهہ وڏي ٿي تڏهن هن ٻيهر ڳالهايو، "فلاڻي سال هڪ ٻوڏ ايندي، تنهن ڪري هڪ ٻيڙي تيار ڪر ۽ منهنجي تعظيم ڪر. جڏهن ٻوڏ اچي تڏهن ٻيڙيءَ تي سوار ٿج ۽ آئون توکي بچائيندیس." سو منوءَ ائين ئي ڪيو. جيئن ڪيس حڪم ٿيو. پوءِ هن وقت اچڻ تي مڇي کي سمنڊ ۾ ڇڏي ڏنو. گڏوگڏ هن ٻيڙو تيار ڪرڻ شروع ڪيو ۽ مڇيءَ جي تعظيم ڪئي. جڏهن ٻوڏ آئي، تڏهن هو ٻيڙي تي سوار ٿيو. جلد ئي مڇي ظاهر ٿي ۽ سندس رهنمائي ڪيائين. اهڙي طرح منو پاڻين مان ٿيندو همالیہ جا اتر وارا جبل اکري ويو.

تڏهن مڇيءَ منو کي مخاطب ٿي چيو، "مون توکي بچائي ورتو آهي،

جلد کر ۽ ٻيڙي کي آڏو وڻ سان ٻڌي ڇڏ. ڪٿي ائين نہ ٿئي جو ٻيڙيءَ ۾ پاڻي پرجي ٻوڙي وجهي. ان کان پوءِ جلد جبل تي لهي وڃجانءِ، سو هو اتر وارن جبلن تان اڪري ويو. ٻوڏ ڏرتيءَ تان هر ساهه واري شيءِ ختم ڪري ڇڏي، صرف منو ئي باقي بچيو.

طوفانِ نوح

اسلامي روايتن موجب: جڏهن حضرت نوح جي قوم خدا جو حڪم مڃڻ کان بنهه نابري واري ڇڏي تڏهن حضرت نوح ڪافرن جي تباهيءَ جي دعا گهري. کيس خدا پاران حڪم مليو تہ هو هڪ ٻيڙو تيار ڪري. اها ٻيڙي تيار ڪرڻ لاءِ ڇاليهه سال اڳ حضرت جبرائيل بهشت مان هڪ شاخ آندي جيڪا زمين ۾ پوکي وئي تہ ان عرصي ۾ اهو ڇهه سؤ وال ڊگهو ۽ چار سؤ وال ٽلهو وڻ ٿي پيو. حضرت نوح ان وڻ جي هڪ لک چوويهه هزار تختن مان حضرت جبرائيل جي رهنمائي ۽ هدايتن موجب هڪ وڏو ٻيڙو تيار ڪيو. ٻيڙي جي ڊيگهه هڪ هزار وال ۽ ويڪر چار سؤ وال هئي. قصو مختصر، جڏهن طوفان آيو تڏهن ان ٻيڙي ۾ هر مخلوق جو هڪ هڪ جوڙو ۽ مومن سوار ٿيا. حضرت نوح جا پٽ سام، حام ۽ يافت به ڇڙهيا. پوءِ زمين ۽ آسمان مان گرم ۽ ٺڏو پاڻي نڪرڻ ۽ وسڻ لڳو، پاڻي ايڏو وڌيو جو جبلن کان ڇاليهه وال مٿي ڇڙهي آيو. ٻيڙي تقريباً ڇهه مهينا اٺ ڏينهن ترندي رهي. ان دوران ڇاليهه ڏينهن برابر مينهن وسندو رهيو ۽ ڇاليهن ڏينهن تائين زمين مان پاڻي نڪرندو رهيو. ڇهن مهينن کان پوءِ جڏهن پاڻي لٿو تڏهن اها ملڪ شام طرف هڪ جبل تي وڃي بيٺي. ان کان پوءِ حضرت جبرائيل زمين تي ست درياهه جاري ڪيا (تفصيل قصص الانبيا). ان ٻوڏ ۾ ڏرتيءَ تي ٻي ڪابہ مخلوق زنده نہ بچي هئي. سواءِ انهن جي جيڪي ٻيڙيءَ ۾ سوار ٿيا.

ٿورو ئي غور ڪجي تہ اهي سڀ ڏند ڪٿائون هوبهو ساڳيون آهن. اسلامي، هندي ۽ عراقي ڪٿائن جا تہ ڪردار ئي ذري گهٽ ساڳيا آهن. اسلامي ڪٿا ۾ هيري جو نالو "نوح" آهي. هندي ڪٿا ۾ "منو" آهي ۽ عراقي ڪٿا جي وڏي ديوتا جو نالو "انو" آهي. ڇا اهو محض اتفاق آهي؟ انهن سڀني

نالن ۾ بنيادي ۽ مرڪزي آواز "ٿو" آهي. نوح اهو انسان آهي جيڪو عظيم ٻوڏ کان پوءِ بچيل ماڻهن جو وڏو هو. آنو، ديوتائن جو ديوتا هئڻ جي نالي شو وانگر آدي پرش آهي ۽ مَنو به هڪ آدي پرش آهي، جيڪو ڌرتيءَ تي بچيل انسانن مان اڪيلو هو. اهو ئي لفظ مَنو هاڻي سنڌيءَ ۾ ماڻهو، سنسڪرت ۾ مانو ۽ انگريزيءَ ۾ مين (Man) آهي. ڇا عربي لفظ "انسان" جو پڻ بنياد به ساڳيو آهي؟ قديم هندستان جو لفظ "مانس" ۽ "انسان" به پاڻ ۾ ويجها آهن. جڏهن اسان لفظ "بن مانس" استعمال ڪيون ٿا ته ان جو لفظي ترجمو ٿئي ٿو "جهنگلي انسان" پلي ته سائنسي هوليءَ ۾ ان جو مطلب Ape ڪيو وڃي.

"انسان ذات کي بدڪرداري ۽ نافرمانيءَ جي سزا طور مليل جنهن عظيم ٻوڏ جو ذڪر قرآن شريف، بائيبل ۽ ٻين مقدس ڪتابن ۾ آيو آهي، سا اڄ کان ڀيڪ 9545 سال اڳ سيپٽمبر مهيني جي هڪ صبح جو وجود ۾ آئي: ان وقت نئون چند آسمان تي پنهنجي جاءِ ولي بينو هو." اها تحقيق آسٽريليا جي محققن ڪئي آهي. ضروري نه آهي ته اها تحقيق درست هجي، پر سائنسدانن جي هڪ راءِ اها به آهي ته اهو واقعو هڪ اهڙي آسماني جسم جي ڌرتيءَ تي ڪِرڻ سبب پيش آيو، جيڪو ڪيئي ميل ڊگهو هو. پر ڪِرڻ کان اڳ هوائي تهه ۾ هوا جي تيز گهڪي سبب وڏن ٽڪرن ۽ ڪيئي ننڍڙن ٽڪرن ۾ ورهائجي ويو. انهن مان اڪثر ٽڪرا وڏن سمنڊن ۾ ڪِريا جن ڌرتلو مچائي ڇڏيو ۽ ڌرتيءَ تي موت پکڙجي ويو.

اهو منظرنامو ويانا يونيورسٽي جي ٻن سائنسدانن ڊاڪٽر ايڊٿ ڪرستان ٽالمن (Dr. Edith Kirstan Tollmann) ۽ سندس مڙس پروفيسر اليگزينڈر ٽالمن پيش ڪيو آهي. هو ٻئي ڌرتي وديا (Geology) جا ماهر آهن. ٻنهي جي دعويٰ آهي ته ثبوت ۾ وٽن عيني شاهديون آهن.

ٻنهي جڻن Catastrophe جي شعبي ۾ اپياس کي ڪيئي سال ڏنا آهن. جنهن کي هو مختلف شڪلين ۾ جاڙايل دنيا جي چوڌير، ڪلچرز چون ٿا. (آسماني جسمن جي ڪِرڻ جو هي واقعو غالباً ان ئي نوعيت جو هوندو، جنهن جو مشاهدو تازو (1996ع ۾) ڌرتي وارا مشتريءَ جي حوالي سان ڪري چڪا آهيون.)

ٽالمنس چون ٿا ته هن ان راءِ جي حق ۾ جديد جيالاجيڪل اسٽڊيز

۽ اوائلي گئسن جي سائنسي تجزئي ۾ ثبوت لڌا آهن. ڪيٽاستروفي ۽ ديومالا جي امڪاني قصن کين 72 ٻولين جي 80,000 آرٽيڪلن ۽ ڪتابن ڏانهن لاڙيو. ٻنهي جڻن 1980ع واري وقت ۾ فلڪي جسمن جي ڪِرڻ بابت ٿيل تحقيق ۽ رپورٽن مان پڻ پورو پورو لاڀ ورتو.

بهرحال، ڊاڪٽر ايڊٽ ٽالمن ۽ پروفيسر اليگيزينڊر ٽالمن جي راين جي باوجود برفاني دؤر جي پڄاڻيءَ سان وڏي ٻوڏ اچڻ واري ٿيوري پنهنجي جاءِ تي مضبوطيءَ سان بيٺي آهي.

ثقافتي واڌ ويجهه

ثقافتي دور

هيوچنسن انسائيڪلوپيڊيا (Hutchinson Encyclopedia) تاريخ کان اڳ واري زماني جي باب ۾ پٿر جي پراڻي دؤر کي 5000 کان 3,500,000 ق.م. تائين ڇاڻائيندي چوي ٿي ته ان دؤر ۾ اوائلي ماڻهن يا ماڻهوءَ جهڙين مخلوقن آفريڪا، ايشيا، وچ اوپر ۽ يورپ ۾ پٿرن مان اوزار ڇلي ٺاهيا. انهن ۾ نينڊرٿال ۽ ڪروميگنان ماڻهو به شامل آهن. ماڻهو ان وقت تائين فقط ڪتا پالڻ ٿي سگهيا هئا.

ڪجهه ايشيائي ماڻهن ايشيا ۽ آمريڪا کي ڳنڍيندڙ پٽي بيرنگ لينڊ برج (Beringland bridge) ٽپي آمريڪا ۾ رهائش اختيار ڪئي. دنيا ۾ مختلف هنڌن تي غارن ۾ 20000-8000 سال اڳ تصويرون ٺهيون. مثال طور: طور اسپين، لاس ڪائوڪس (Lascaux) فرانس، مرڪزي صحارا هندستان ۽ آسٽريليا. ان دؤر ۾ ماڻهو شڪاري هئا ۽ خوراڪ تلاش ڪندا يا جمع ڪندا هئا.

پٿر جي وچين ۽ آخري دورن جي تشريح ڪندي چيو ويو ته انهن وقتن ۾ پٿرن ۽ هڏين مان اوزار ٺاهيا ۽ چليا ويندا هئا. نيوليٿڪ دؤر ۾ زراعت سان گڏ ڪجهه جانورن جهڙوڪ ٻڪرين، ردين ۽ ٻئي مال کي پالڻ جي شروعات ٿي. پٿر جو زمانو ڪو جلد ختم نه ٿيو، پٿري دور 19- ۽ 20- صديءَ تائين آمريڪا، ايشيا، آفريڪا، اوسيانا (Oceania) ۽ آسٽريليا ۾ باقي رهيو.

ڪنجهي جو زمانو (Bronze Age) 6000 ق. م. ۾ ڏور اوپر ۾ شروع ٿيو. 1200 ق. م. تائين وچ اوپر ۾ جاري رهيو. انگلينڊ ۾ هي دؤر 2000 ق.م. کان 500 ق. م. تائين جاري رهيو. قديم يوناني شاعر هومر جا هيرو هن ئي دؤر جا آهن. جڏهن ته لوهه جو زمانو 1000 ق. م. کان پوءِ شروع ٿيو.

ايئن سوچڻ درست نہ آهي تہ کو دنيا جي ڪنهن هڪ خطي ۾ ڪي انساني تمدن ۽ خود انسان جي اوسر ٿي آهي. ڏرتي تي ٽيندڙ ڦيرڦار سبب انسان جي ابن ڏاڏن جتي وڌا هاجا ڏنا، اتي قديم نسل سمندن جي اتل پتل سبب هڪ ٻئي کان بنهہ جدا ٿي ويا ۽ پوءِ جتي جتي بہ رهيا، اتان جي مخصوص حالتن ۾ وڌيا ويجهيا آهن.

آمريڪا ۾ ڪم ڪندڙ آرڪيالاجسٽن مقامي قبائلي لوڪن وٽ پٿر جا اوزار استعمال هيٺ ڏٺا. سندن تيرن تي چقمقي پٿر مان گهڙيل چنهبون هيون سندن هلڪيون ڪهاڙيون ۽ چاقو پٿري آهن ۽ مڪئي پيهڻ لاءِ پٿر جون آڪريون هيون. اهڙا ئي اوزار اولهہ يورپ مان بہ لڌا ويا، پر حيرت جي ڳالهہ آهي تہ سڃاڻ دؤر هئڻ جي باوجود اهو سمجهيو ٿي ويو تہ اهي ڪنوڙ جي ڪِرڻ سبب ڪان آهن. 1655ع ۾ هڪ محقق لکيو تہ عام طور تي سمجهيو وڃي ٿو تہ پٿر آسمان مان ڪنوڙ سان ڪِريا آهن. اها راءِ بہ اڳوٽي راءِ ڪان بهتر هئي ڇو تہ ان ڪان اڳ سمجهيو ٿي ويو تہ اهي ڪنوڙ جا ٽڪرا نہ پر لوهہ جا پٽرايل اوزار آهن ڇاڪاڻ تہ اهي پوءِ وارن اوزارن سان ڪجهہ هڪجهڙا هئا. 1802ع ڌاري اهڙا اوزار مئلن جي دڙن مان مليا، جنهن ڪري نتيجو ڪڍيو ويو تہ دڙن مان لڌل اوزار ٻيو ڪجهہ بہ نہ پر ڪنوڙ جي ديوتائن هٿان استعمال ٿيل انهن هٿيارن جون نشانيون آهن جيڪي بد روحن ۽ خطرناڪ ديون کي مارڻ لاءِ ڪتب آيا هئا.

هوريان هوريان ماهر ان نتيجي تي پهتا تہ انسان ارتقا ڪئي آهي ۽ موجوده صورت ۽ ترقي اختيار ڪرڻ کان اڳ پٿر جي ڌگهن دؤرن مان لنگهي آيو آهي. هاڻي ماهرن پٿر جا ٽي دؤر مقرر ڪيا: ايوليٿڪ (Eolithic) پيليوليٿڪ (Paleolithic) ۽ نيوليٿڪ (Neolithic). اها ورڇ هنن پٽرن جي گهڙاوت ۽ نفاست کي ذهن ۾ رکي ڪئي. پر ساڳئي وقت اهو بہ ذهن ۾ رکيو تہ اهي اوزار ڪين ڏرتيءَ جي کهڙي تهہ مان مليا آهن. يقين، هنن گهڙاوتن کي ڏسي جيڪا راءِ قائم ڪئي اها سڄي دنيا لاءِ هڪ ئي وقت ٺهڪندڙ ٿي نٿي سگهي. مثال طور اڄ بہ ڏرتيءَ تي ڪي اهڙا ماڳ ٿي سگهن ٿا جتي اڄ جو انسان نيوليٿڪ دؤر جهڙين حالتن ۾ رهندڙ هجي.

بهرحال، سڀ کان قديم ۽ ايڏنگن هٿيارن کي ايولٿس (Eoliths) چيو ويو. اهي اوزار انسان شايد پنهنجن هٿن سان نہ گهڙيا هئا. اهي اهڙا پٿر آهن

جيڪي قدرتي طور تي اهڙي طرح ٻڌا يا ٽڪر ٿي پيا جو ماڻهوءَ جي هٿ جي گرفت ۾ اچي ٿي ويا ۽ پوءِ ماڻهن انهن کي بنا ترميم جي هٿيار يا اوزار طور استعمال ڪيو. اهڙن هٿيارن سان هن وڌ، ڪل لاهڻ ۽ ڪاٽ ڇلڻ جو ڪم ورتو. ماهر انهن پٿرن جي استعمال ٿيڻ جون نشانيون ڳولي وٺن ٿا ۽ فيصلو ڏين ٿا تہ اهي عام رواجي پٿر نہ پر Eoliths آهن. اهي انساني سرگرميءَ جا پهريان ثبوت آهن، جيڪي پلايوسين دؤر جي پڇاڙيءَ جيڏي عمر رکن ٿا.

ان ڪانپوءِ انسان پٿرن کي هوريان هوريان ڇلڻ ۽ شڪل ڏيڻ سکي ورتو ۽ ان مان ڪرچٽا، هٿ ڪهاڑيون، نيزن جون چنهبون ۽ ٻيا ڪارائتا هٿيار ٺاهيا. هي هڪ فن هو جيڪو انسان صدين ۾ بهتر ڪندو ويو. اهڙن پٿرن، جن کي انسان ڇلي هٿيار ۽ اوزار ٺاهيا پيليولٿس (Paleoliths) سڏيا وڃن ٿا ۽ انهن اوزارن سان لاڳاپيل ثقافت Paleolithic سڏي وئي، جيڪا يورپ ۽ ايشيا ۾ ڪجهہ هزار سال اڳ تائين بہ موجود هئي.

يورپ ۾ ان ڪان پوءِ ماڻهن هٿيارن ۽ اوزارن ۾ وڌيڪ نفاست پيدا ڪئي. هاڻي انهن جي ٻيهڪ تڪائي ۽ لسائي اڳي ڪان بهتر ٿي. اهي چگيءَ طرح گسايل هئا. انهن اوزارن کي نيولٿس (Neoliths) چيو ويو. اهڙا اوزار آخري برفاني دؤر ڪانپوءِ جي تهن مان ملن ٿا. اهو پٿر جو سڀ کان سڌريل دؤر هو. ان ڪان ترت پوءِ ڌاتوءَ جو دؤر اچي ويو. مصر ۾ تامي جو ڪم سڀ کان پهرين شروع ٿيو، جتان 4500 قبل مسيح ۾ ڪالڊيا (Chaldea) پهتو. يورپ ۾ تامو 1500 ق.م. کان پوءِ پهتو. مصر ۾ لوهہ جو استعمال 1300 ق.م. ۾ ٿيو. يونان ۾ لوهي تراورن 1400 کان 1300 ق.م. ۾ استعمال هيٺ هيون، پر يورپ ۾ لوهہ جي صنعت 800 ق.م. کان اڳ نہ وڌي.

يورپ ۾، غارن ۾ رهندڙ پيليوليٿڪ انسان جي هڪ آبادي فرانس ۾ Les Eyzies, Dordogne هڪ ندیءَ جي ڪنڊيءَ تي جبل جي ڪڪ ۾ آهي. ان کي جابلو اجهو چئجي تہ بهتر. هتان جا ماڻهو پنهنجا مڙدا هڪ غار ۾ دفن ڪندا هئا، جتي اهي جانورن جي چير ڦاڙ کان محفوظ هئا. انهن مڙدن سان گڏ، موت کان پوءِ ملندڙ زندگيءَ لاءِ هٿيار ۽ کاڌو بہ دفن ڪيو ٿي ويو، جنهن مان موت کانپوءِ جنم جي تصور جو پتو پوي ٿو. 1856ع ۾ نيندر وادي جرمنيءَ مان نيندرٿال انسان جي کوپڙي ۽ ٻيون وضاحتون هٿ آيون.

پيليوليٿڪ ماڻهو شڪاري هو جيڪو ڪاڏي ۽ اوڏڻ لاءِ ڪل جي تلاش ۾ شڪار ڳولي ماريندو هو، پر هو ان وقت ۾ شڪاريءَ کان وڌيڪ پاڻ شڪار هوندو هو. ڪائنس طاقتور جانور ڪيس شڪار ڪري ويندا هئا. پيليوليٿڪ ماڻهن جي هڪ يورپي غار شڪار ٿيل جانورن جي هڏين سان سٿيل هئي. جيئن ته پيليوليٿڪ انسان يورپ ۾ آخري برفاني دؤر دوران رهيو ۽ ان انسان جاگرافيائي تبديليون ڏٺيون، ان ڪري هن گهٽو ڪجهه سکيو. پيليوليٿڪ انسان جي هڪ غار فلسطين جي وادي مغاره ۾ ٻارن جي غار (Cave of the kids) جي نالي سان مشهور آهي. غار جي ٻاهر اچلايل 70- فوٽ ٿلهي ڪچري مان يارهن مختلف ثقافتن جا تفصيل مليا آهن، جيڪي اوائلي پيليوليٿڪ کان وٺي ڪنجهي جي دور (Bronze age) تائين پکڙيل آهن.

مٿئين پلايوسين تهن مان، لنڊن جي اتر اوپر ۾ 65- ميل پري Ipswich شهر جي ويجهو تمام گهٽا ايلوٽس مليا آهن. ساڳي طرح اوائلي پلائسٽوسين تهن مان فاڪس هال وٽان به ايولٿس مليا آهن. اهو ماڳ آئپسوچ (Ipswich) کان ڪجهه ميل اتر اوپر ۾ آهي. اهي چقمقي پٿرن جا اهڙا اوزار آهن جن مان لڳي ٿو ته تڏهوڪن ماڻهن باهه جو استعمال دريافت ڪري ورتو هو. ساڳي طرح لنڊن جي اتر اوپر ۾ هڪ ٻئي ماڳ ڪرومر (Cromer) فاريسٽ جو تعلق پلائسٽوسين دؤر سان آهي. اتان گهٽا پر اڃ ڪا چقمقي اوزار لڌا ويا آهن.

اولهه ۾ نيوليٿڪ ثقافت جي واڌ ويجهه

جيئن ئي يورپ مان برفاني دؤر ختم ٿيڻ لڳو. موسم معتدل ۽ گهميل شروع ٿي، نيوليٿڪ دؤر جي يورپين لاءِ اتر وارا علائقا کلڻ لڳا. جتي شڪار لاءِ ڪين سانپ ملڻ لڳو. اهو لباس ۽ گوشت جو بهترين ذريعو هو. هي ڪروميگنان ماڻهن جو نسل هو. ان وقت برفاني دؤر ايڏا به اتر يورپ تي قابض هو، پر ڏکڻ يورپ خالي ڪري چڪو هو. شڪار جي ڳولا سبب نيوليٿڪ لوڪن لڏپلاڻ ڪئي. هن وقت تائين ماڻهن مڇي مارڻ لاءِ پٿر جا ڪارگر اوزار ٺاهي ورتا هئا ۽ اهڙي طرح هڪ نئون ڪلچر ايرڻ لڳو. هي ماڻهو جلد ئي يورپ ۾ پکڙجي ويا. ان کان ترت ئي پوءِ ٻڪريءَ جو ڪلچر

ٻ سامهون آيو. جانورن پالڻ جو سلسلو شروع ٿيو ۽ برادريءَ وارا اصول قائم ٿيڻ لڳا. پيليوليٿڪ دؤر جو وحشي ماڻهو صحيح معنيٰ ۾ سماجي ٻنڌڻ ۾ ٻڌجڻ لڳو. هاڻي هن چمڙي مان خيما ٺاهڻ ٻ شروع ڪيا ۽ ڍنڍن، سامونڊي ڪنارن، ڍڍڻ ۽ چشمن وٽ ڳوٺ ٻڌجڻ شروع ٿيا. اهڙا ثبوت ملن ٿا تہ اها تبديلي 18000 قبل مسيح جي لڳ ڀڳ شروع ٿي، جيڪا ايشيا مائنر، عرب ۽ قديم ايران ۾ آئي. شايد ان جو قديم مرڪز سوسا (Susa) ايران ۾ هجي، جيڪو 20000 سال پراڻو ماڳ سمجهيو وڃي ٿو. ساڳيو ڪلچر ڪريٽ (Crete) ۾ 14000 قبل مسيح ۽ ڊينمارڪ ۾ 12000 ق.م. ۾ پکڙيو.

التميره غارون 1879ع ۾ دريافت ٿيون. انهن غارن ۾ پيليوليٿڪ دؤرن جون تصويرون ديوارن تي چٽيل آهن. چٽيل تصويرون حقيقت نگاريءَ تي ٻڌل آهن. انهن ۾ برفاني سانڍ، هرڻ ۽ گهوڙا مختلف رنگن ۾ ڊيڪاريل آهن. اهي غارون اتر اسپين جي صوبي سانتاندر ۾ "ڳوٺ سانتيلانا دي مار" ويجهو آهن. پيليوليٿڪ دؤر جي ٻي غار جنهن ۾ چترڪاري ٿيل آهي Lescause ۾ آهي.

انسائيڪلوپيڊيا آف آرڪيالاجي پٿر جي آخري زماني جي هڪ غار جو ذڪر ڪري ٿي. اها رهوڊيشيا ۾ رُسابي (Rusape) ويجهو ڊايانازووDianas) (vow وٽ 5000 سال پراڻي غار آهي. ان مان ٻ چترڪاري ملي آهي. هڪ وڏي ليٽيل تصوير جي مٿين حصي ۾ هڪ ماڻهوءَ جو جسم پٽين سان ويڙهيل ۽ چهري تي نقاب آهي. هو شايد ڪنهن قبيلي جو سردار آهي، جنهن جي چهري تي هرڻ جهڙي ڪنهن جانور جو نقاب آهي. هن کي تدفين لاءِ سجايو ويو آهي. ان کان هيٺين اڌ ۾ موجود عورت شايد سندس زال آهي. جيڪا مئس ماتم پئي ڪري. شايد هوءَ ٻ مڙس سان گڏ جيئري دفن ٿيڻي آهي تہ جيئن ايندڙ دنيا ۾ ٻ مڙس سان گڏ هجي. سڀ کان هيٺ لهرن جهڙيون ليڪون شايد ان علامتي ندي‌ءَ جون آهن، جيڪا ٻي دنيا تائين پهچڻ ۾ رنڊڪ آهي ۽ اها رنڊڪ اکرڻ ضروري آهي. اهڙيون ٻيون ٻ ڪيئي تصويرون آهن جن ۾ خوراڪ جي ٻيٽا ڏني پئي وڃي.

پٿري دؤر جون ڪي اهم نشانيون خاص قسم جون قبرون (Dolmen) آهن. اهي ڪجهہ وڏا ۽ اڇا پٿر آهن جن کي زمين ۾ کوڙي انهن جي مٿان هڪ تمام وڏي پٿر جي ڇت رکي ٿي وئي. اهڙي طرح هڪ چئمبر ٺهي ٿي

پيو. قديم آثارن جي ماهرن انهن خاص چئمبرن کي نيوليٿڪ دور جون قبرون قرار ڏنو آهي. اهڙيون قبرون (Dolmen) يورپ ۽ آفريڪا ۾ ڪافي لڌيون ويون آهن. ڪجهه Dolmen ايشيا ۾ جهڙوڪ؛ ڏور اوپر ۾ به مليون آهن. ويلز (Wales) ۾ انهن کي Cromlechs چيو وڃي ٿو. ان قسم جون قبرون سنڌ ۾ به لڌيون ويون آهن.

مڌيه پرديش

هندستان جي مڌيه پرديش ۾ ڪجهه قديم غارون تاريخ کان اڳ واري زماني ۾ انساني سرگرميءَ جو ثبوت ڏين ٿيون. هي علائقو هندستان جي قديم نسل "گوند" جو هئڻ ڪري "گوندوانا" سڏجي ٿو. پوپال ويجهو پيمبيٿڪا (Bhimbetka) وٽ هن قديم غارن بابت ماهرن جو خيال آهي ته اهي پٿر جي پراڻي دؤر (پيليوليٿڪ) سان تعلق رکن ٿيون. غالباً اهي غارون انسانن جي سڀ کان قديم آبادين مان هڪ آهن. هن غارن ۾ قديم انسان رنگين چٽسالي ڪئي آهي. هتي ٽيل کوٽاين مان ظاهر ٿيو آهي ته هن هنڌ پٿر جي پوئين (Late) دؤر کان شروعاتي تاريخي دؤر تائين ثقافتي تسلسل موجود آهي. هونئن به مڌيه پرديش چترڪاري ٽيل پٿرائن اجهن سبب شاهوڪار آهي.

پيم بيٿڪا جون غارون پوپال کان 50- ڪلوميٽرن جي پنڌ تي آهن. اهي غارون قدرتي آهن جن کي قديم انسانن اجهي طور استعمال ڪيو ۽ پوءِ انهن ۾ چٽسالي ڪئي. انهن تصويرن ۾ روزاني زندگي ۽ شڪار جا منظر چٽيل آهن. تصويرن ۾ مهارت نه سهي، پر اهي تصويرون ڳالهائيندڙ آهن. ماڻهو گهوڙن تي سوار نظر اچن ٿا، جن جي هٿن ۾ ڀالا آهن، ڪي پيادا به آهن. ڪين گوڏي جيتري پوشاڪ آهي، جنهن مان لڳي ٿو ته ان غار ۾ رهندڙ قديم ماڻهوءَ کي اوگهڙ ڊڪڻ جو شعور هو. شڪار جي هڪ منظر ۾ اڌامندڙ ڪيءَ جي صورت مُهن جي ڏڙي مان لڌل هڪ تصويري لفظ جهڙي آهي. ٻين تصويرن ۾ وڏن سڱن وارو ڏاند نمايان آهي. اهي تصويرون ڳاڙهن يا ڪڪن رنگن ۾ آهن. اهڙا ٻيا تصويري اکرن وارا اجها هوشنگ آباد، راءِ سين، پوپال، سيهور ۽ ساگر وٽ آهن.

نيو گنيا

آسٽريليا جي اتر ۾ نيوگنيا نالي هڪ ٻيٽ هاڻي انڊونيشيا جو حصو آهي. هتي ڪجهه قديم نسل ايا تائين پٿر جي دؤر وارين سماجي حالتن ۾ رهن ٿا. هي بنهه اڳهاڙا ماڻهو نندڙي قد جا آهن. وار گهنگهرو اٿن، رنگ جا ڪارا، نڪ موڪرين ناسن وارا ۽ هڏ ڪاٺ مضبوط اٿن. سندن هڏ ڪاٺ ۽ شڪل شبيهه ڏسي حيرت ٿي لڳي ته ڪٿي هي آفريڪي نسل جا ماڻهو ته ناهن جيڪي ڪنهن نه ڪنهن ريت هتي اچي آباد ٿيا؟

هي ماڻهو ڏاڍي بي تڪي انداز ۾ اوگهڙ ڏکين ٿا، مٿي کي ۽ جسم تي پٽيون ٻڌن ٿا، مٿي ۾ قديم آمريڪي قبائلن وانگر ڪنب هڻن ٿا، هٿن ۾ پنهنجي قد کان ٻيڻا نيزا ۽ تير ڪمان کڻي شڪار تي نڪرن ٿا، عورتون جسم جو هيٺيون حصو ڍڪين ٿيون. اوائلي طريقن سان پوک ۾ حصو وٺن ٿيون. هي اريان ٻيٽ جا پاپوان (Papuans) ۽ آسٽرونيشيائي (Austronesians) آهن.

هن قديم باشندن جي حسب نسب بابت ڳجهارت ايا ٽيڪ طرح نه ڇڪي وئي آهي. ڪن محققن جو خيال آهي ته اهي نسلي طرح جاوا جي ماڻهن سان ملي سگهن ٿا، ۽ هي ماڻهو انڊونيشيائين کان مختلف آهن. ڪي محقق پاپوان ماڻهن کي اصلي آسٽريليائي نسل مان سمجهن ٿا.

محفوظ ماحول ۾ رهندڙ هي جهنگلي ماڻهو جيڪڏهن "جاوائي ماڻهو" جو اولاد آهن ته پوءِ هو هتي پنج لک سالن کان آباد ڇئي سگهجن ٿا. بهرحال، غالب امڪان اهو ئي آهي ته هي ڪارڙا ۽ نندڙا ماڻهو هندي ملائي حسب نسب جا آهن. ۽ هو نيوگني ڪيئن پهتا؟ گهٽو ممڪن آهي ته پلائسٽوسين دور (Pleistocene era) ۾، جڏهن گليشئرن جي ٺهڻ سبب سامونڊي سطح هاڻوڪي سطح کان 300 کان 500 فٽ گهٽي، تڏهن هو هتي خشڪيءَ کان ٽيندا پهتا. ماهر ان امڪان تي وڏي حد تائين متفق آهن ته ڏکڻ اوڀر ايشيا ۾ ماڻهن جي لڏ پلاڻ گليشئرن جي گهٽ وڌ ٽيڻ کان پوءِ زميني رستا پيدا ٽيڻ سبب ٿي آهي. بهرحال هتي هڪ ڪوتائيءَ کان پوءِ 39000 سال اڳ جا پٿري اوزار هٿ ڪيا ويا آهن.

قديم آسٽريليائي لوڪ (Aborigines) آسٽريليا ۾ لڳ ڀڳ ڇاليهه هزار سال رهيا آهن. انهن غارن ۽ جابلو ديوارن تي نقش نگاري ڪئي آهي. ڪي

تصويرون رنگن سان ٺاهيون ويون آهن تہ ڪي وري اڪر ڪيون ويون آهن. هنن تصوير ڪشيءَ لاءِ ڪڪا، ڪاڙهاءِ گيڙو رنگ استعمال ڪيا آهن. هتن جي شاهڪارن مان ڪيترا هيل تائين ضايع ٿي چڪا آهن؟ ڪجهہ بہ نٿو چئي سگهجي. البت سندن اڪر جو ڪم سڄي آسٽريليا کنڊ ۾ ليڄي ٿو.

انهن چٽسالين ۾ وڻ، جانور، تجريدي نمونا وغيره آهن. ان ڏس ۾ سڀ کان قديم ماڳ نولاربور ميدان جي هيٺ ڪونالدا(Koonalda) غار آهي. اوائلي ماڻهوءَ جو هڪ ماڳ ڪيپ يارڪ پيننسولا (Cap York Peninsula) انهن نمونن جي نمائندگي ڪري ٿو. انهن ۾ گول، حيواني پيرءِ ورن وڪڙن وارا نمونا آهن. انهن جي عمر 15000 کان 20000 سال آهي. نيو سائوٿ ويلز هاڪس بري ندي (Hawkes Bury) واري خطي ۾ جانورن، پکين، مڇين روحن جهڙيون وڏيون تصويرون وارياسي پٿر تي اڪريل آهن. غار جي ديوارن تي قدرتي رنگن سان تصويرون ٺاهيون ويون آهن. مجموعي طور تي اهي عقيدن کي ظاهر ڪن ٿيون. جن مان ظاهر آهي تہ اوائلي آسٽريليائي ماڻهو مذهبي سوچون رکندڙ هئاءِ حياتيءِ موت بابت ڪي روحاني نظريا ايجاد ڪري چڪا هئا.

ابوظهبي ۾ پٽري دؤر

'خليج ٽائيمز' - 30- اپريل 1995ع موجب ابوظهبي جي هيٺ تي پٽري دؤر جو 7000 سال قديم هڪ ٻيو ماڳ لڌو ويو آهي. اهي آثار غاغهہ (Ghaghah) ءِ الفزائيہ (Alfzaiyyah) وٽان مليا آهن، جيڪي ابوظهبي جي الهندي علائقي ۾ آهن. ابوظهبي هيٺن تي آرڪيالاجيڪل سروي جي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر جيفري ڪانگ 1995ع جي بهار واري مند دوران سروءِ ڪوٽائي ڪانپوءِ اعلان ڪيو تہ ساموندي ڪناري تي پري تائين نظر وجهندڙ غاغهہ ماڳ تي پنج عدد گول يا بيضوي پٽري ماهيون (Cairns) آهن، جتي چقمقي پٿرن مان گهڙيل تيرن جون نوڪون ٽڙيل پکڙيل آهن. اهڙا ئي تير 1992ع ۾ اٽان 200 ڪلوميٽر اوڀر طرف ميراواهہ (Merawah) هيٺ تان مليا هئا.

اهڙيون ئي ماهيون هن کان اڳ قطر واري ساموندي علائقي کان اوڀر پاسي الخور (Alkhor) واري علائقي مان مليون هيون. غاغهہ ماڳ ان ڪناڻ

کان ٻين کان مختلف آهي تہ هتي پٿري اوزار تمام عمدي نموني تراشيا ويا، خاص ڪري تيرن جون نوڪون.

الفزائيہ (Alf zaiyyah) واري نندڙي ٻيٹ تان، جيڪو سيلا (Sila) ساحل جي اتر ۾ آهي سروي ٿيم کي چقمقي پٿرن جا وڏي پئماني تي ٽڙيل پکڙيل ٽڪرا مليا. هو لوڪ اتي ڪم ۾ ڪندا رهيا هئا.

الفزائيہ ماڳ تان پهرين صدي عيسويءَ جو ٽڪراڻو ۾ مليو آهي.

قديم انساني تاريخ جو مختصر خاڪو

جنهن مخلوق کي ماڻهو چئي سگهجي ٿو، اها ڏرتيءَ تي لڳ ڀڳ 2- ملين (20 لک) سالن کان رهندي پئي اچي. ڏرتيءَ جي عمر جي ٻيٹ ۾ 2- ملين سال اڪ ڇنڊ جي برابر آهن. زمين جي مجموعي عمر لڳ ڀڳ 4700 ملين سال آهي. جيڪڏهن فرض ڪجي تہ ڏرتيءَ جي عمر فقط 24- ڪلاڪ آهي تہ پوءِ ايئن چئبو تہ ماڻهوءَ کي جنم ورتي ايجا هڪ منٹ ۾ ڪونہ ٿيو آهي. پر ان هڪ منٹ ۾ انسان ڪيڏا ڪم ڪيا آهن، ان جو تہ ڪاٿو ئي ڪونهي. ان هڪ منٹ اندر هن دنيا جي عظيم ترين تهذيبن ۽ ثقافتن کي جنم ڏئي ڏرتيءَ کي عجيب رنگ بخشي ڇڏيو آهي.

انسان جيڪي ڪجهہ ڪيو، ان جو لکت ۾ رکارڊ وڌ ۾ وڌ پنج هزار سال اڳ کان شروع ٿئي ٿو. ان ئي رکارڊ مان اسان کي خبر پوي ٿي تہ اوائلي تهذيبن وارا انسان ڪيئن سوچيندا هئا ۽ انهن جا باهمي رشتا ڪيئن هئا؟ ان کان سواءِ انسان ڪيئن ۽ ڪٿي رهيو؟ ان جو جواب ڳولڻ لاءِ قديم آثارن جي ماهرن هن مهل تائين وڏي چنڊچاڻ ڪئي آهي ۽ ڪافي ثبوت هٿ ڪيا آهن، پر تڏهن ہ ايجا گهڻو ڪجهہ ڪوهيڙي ۾ لکل آهي ۽ گهڻو ڪجهہ وقت سان ضايع ٿي چڪو آهي.

انهن ثبوتن ۾ اسان کي پنڊ پهڻ ٽيل هڏيون، پٿرن مان گهڙيل اوزار، ڀڳل ٽڪراڻو، غارن ۽ جبلن تي چٽساليون ۽ اڪرون ملن ٿيون. جيتوڻيڪ هٿ آيل اهي آثار کي گهڻا نہ آهن، تڏهن ہ قديم آثارن جي ماهرن انهن جي بنياد تي ڪافي ڪجهہ معلوم ڪري ورتو آهي يا اندازا لڳايا آهن. انهن ئي آثارن جي مدد سان انسان جي جسماني، ذهني ۽ ثقافتي اوسر جا اندازا ہ

لڳايا آهن.

هن موقعي تي ڏرتيءَ جي انهن ارتقائي واقعن جي تفصيل کي ورجائڻ غير ضروري آهي ته ڏرتيءَ جي ٺهڻ وارن ابتدائي مرحلن ۾ 60,000 سالن تائين لاڳيتي وڏي برسات ۽ سمنڊ کيئن ٺهيا ۽ کيئن ڏرتيءَ جي گرميءَ جو درجو، جيڪو 4700 ملين سال 4000 ڊگريون سينٽي گريڊ هو، هاڻي 20 کان 30 درجن تي ڇو ٻيٺو آهي؟ ٿوٿا ۽ ٻي حياتي کيئن وجود ۾ آئي وغيره. البته انساني نسل جو بڻ بنياد ۽ ان جو اصل وطن ڳولڻ لاءِ پاڻ کي 40- ملين سال اڳ کان سفر شروع کرڻو پوندو. ڇاکاڻ ته اهو ئي اهو دؤر آهي، جنهن بابت ڌارون جو خيال آهي ته ان وقت اها مخلوق پيدا ٿي، جيڪا لڳ ڀڳ 38 ملين سالن جا ارتقائي ڏاڪا طئي کرڻ کان پوءِ اوزار ٺاهڻ لڳي ۽ جنهن کي هاڻي انسان اوائلي ماڻهو چئون ٿا.

40- ملين سال اڳ واري نسل بابت ڌارون جو خيال آهي ته متان اهو ئي انسان ۽ وڏن بن مانسن جو گڏيل تڙ ڏاڏو هجي! ان نسل جي اولادن مان هڪ گروهه ٻيلن ۾ رهيو ۽ انهن مان بن مانس، پولڙا ۽ اڇوڪا چئمپنزي پيدا ٿيا. پر ٻيو گروهه لڳ ڀڳ 20- ملين سال اڳ وٽن تان ان مهل لهي آيو، جڏهن شايد ٻيلا گهٽجڻ لڳا هجن ۽ کليل ميداني علائقن ۾ خوراک گهٽي ملندي هجي ۽ اُتي روزاني کار کرت بهتر هجي. کيئي ملين سالن جي وقفي کان پوءِ هٿن ۽ پيرن جي مدد سان هلندڙ هن مخلوق بن پيرن تي اُبو هلڻ سکي ورتو، ان جا پويان چنبا پير بڻجي ويا، جڏهن ته اڳيان چنبا آزاد هئڻ کري وڌيڪ حساس ٿيا ۽ انهن ۾ ڇُهڻ ۽ محسوس کرڻ جي سگهه وڌي وئي. آزاد چنبا، جيڪي هاڻي هٿ بڻجي ويا هئا، کائيون ۽ پٿر اٿلائڻ پٽلائڻ، کٽي هلڻ ۽ استعمال کرڻ لڳا.

آفريڪا

جيتوٿيڪ، اها ڪا قطعي ڳالھ نہ آھي تہ ھروپرو آفريڪا ئي انسان جي پيدائش ۾ اھم ڪردار ادا ڪيو آھي يا ھتي ئي اھو نسل ظاھر ٿيو، جنھن سڀ کان پھرين ھن پيرن تي پنڌ ڪيو، پر گھٽ ئي ماھرن جو خيال آھي تہ ايئن ئي ٿيو ھوندو. ان جو سبب شايد اھو آھي تہ انساني نسل جي سلسلي سان لاڳاپيل مخلوق جا سڀ کان پراڻا آثار سڀ کان پھرين ھتان ئي مليا. ھتان ان سلسلي جي ھڪ مخلوق جو پنڌ پھڻ مليو ھو، جيڪا 5- ملين سال اڳ آفريڪا ۾ گھمندي ڦرندي ھئي.

آفريڪا ڪنڊ ۾ انساني ارتقا لاءِ تمام مناسب ماحول موجود ھو. ڇاڪاڻ تہ ان علائقي ۾ زميني چرپر، جبلن جي ٻڪوڙ ۽ برفاني دؤرن جون سختيون نہ ھيون. ڏرتيءَ جا اُتريان علائقا ان معاملي ۾ سخت حالتن جو شڪار ٿيندا رھيا آھن.

ماڻھوءَ جو ظھور ڪيئي ملين سالن جي ھڪ وڏي برفاني دؤر کان اڳ ٿيو ۽ ماڻھوءَ جي ارتقائي مرحلن دوران مختلف ٿڌا ۽ گرم دؤر ايندا رھيا، جڏھن برف ڏکڻ طرف وڌندي ۽ اُتر طرف محدود ٿيندي رھي. انھن شديد ٿڌن ۽ گرم دؤرن جي شدتن وٽن ۽ جانورن کي وڏا ھاڃا رسايا، خاص ڪري اتر وارن خطن ۾ ٿڌن دؤرن ۾ يورپ واري علائقي ۾ الپائن جبل جي نباتيات، سائبر (Reindeer) ۽ آرڪيٽڪ لومڙي جو نسل وڌيو. پر جڏھن برفاني تھ گھٽيا، تڏھن ٽيمس (Thames) ۾ ھيپوپوٽيمس ۽ اُتر ۾ يارڪ شائر تائين شينھن پھچي ويا.

ناموافق حالتن جي ڪري ڪجھ جانورن پاڻ ۾ تبديليون آنديون. مثال طور: اُن وارو گينڊو يا بُج وارو ھاٿي ميموٿ. قديم ماڻھو وري اھو رستو ڳولي ڪڍيو، جو ھن پنھنجي جسم تي وار چاڙھڻ بدران ٻين جانورن جون ڪلون لاھي پائڻ ۽ باھ تي پاڻ سيڪڻ شروع ڪيو. ان ھوندي بہ انھن علائقن ۾ اھڙا سخت ڏينھن آيا ھوندا، جو ماڻھو گرم علائقن ڏانھن لڏڻ تي

مجبور ٿيا هوندا. نيٺ 10- هزار سال اڳ برف جو تهہ آخري پيرو پوئتي هٽڻ شروع ٿيو. ان مهل تائين ڪافي سڌريل انسان (Homo Sapiens) سامهون اچي چڪو هو ۽ هتن نين موسمي حالتن مان لاپ حاصل ڪرڻ شروع ڪيو هو ۽ ان سان گڏ انساني نسل کي درپيش وڏن خطرن جو زمانو ختم ٿي ويو.

انسان جي ارتقا تي بحث هڪ اهڙو موضوع آهي، جو عقيدي کي وچ ۾ آڻڻ سان ارتقا جي ٿيوريءَ کي ليڪ اچي وڃي ٿي، ان ڪري ان بحث کان پاسو ڪندي، فقط ايترو چئجي ٿو تہ 19- صديءَ جي وچ تائين سڄي دنيا ۾ ايئن ئي سمجهيو ٿي ويو تہ دنيا ۾ موجود هر نسل ۽ مخلوق ان ئي صورت ۾ پيدا ٿي آهي، جيئن اڄ ڏسڻ ۾ اچي ٿي ۽ ان ۾ ڪڏهن بہ ڪا قيرڦار نہ آئي آهي. ان خيال کي پهريون پيرو چارلس ڊارون 1859ع ۾ غلط سڌيو. هو پاڻ فطرت جي علمن جو ماهر هو. هن هڪ ڪتاب لکيو: "Origin of Species by means of Natural Selection". ان ڪتاب ۾ هن لکيو تہ سموري مخلوق هڪجهڙي سان تعلق رکي ٿي، پر اها ڏگهي وقت جي عمل ۾ هڪجهڙي کان مختلف ٿيندي وئي آهي. هن ايئن بہ چيو تہ سڌريل بن مانس ۽ ماڻهو هڪ ئي تڙ ڏاڏي جو اولاد ٿي سگهن ٿا. ڊارون جي پنهنجي وقت ۾، ان نظرئي جي حق ۾ ڪي گهٽا ثبوت ڪونہ هئا، پر پوءِ وقت سان گڏ ليجنڊز نت نون پنڌ پهڻ جي اپياس سان ڪافي ٽٽل ڪڙيون ڳنڍجڻ لڳيون.

هر جاندار وانگر ماڻهو يا ماڻهو نما مخلوق بہ خوراڪ جي تلاش ۾ رلندڙ مخلوق هئي. ان ريت هيءَ شڪاري مخلوق، آزاد هٿن ۾ شڪار لاءِ لٺيون ۽ پٿر ڪٿي شڪار ڪرڻ لڳي ۽ انهن ئي هٿيارن جي مدد سان پاڻ کي بہ شڪار ٿيڻ کان بچائڻ لڳي. هن ذهن استعمال ڪرڻ شروع ڪيو. هٿن جي آزاديءَ سان هو جڏ تہ پاڻ آزاد ٿي ويو ۽ هن جي آڏو تسخير لاءِ هڪ دنيا کلي پئي. هٿيارن جي تياري بہ هڪ ڏينهن ۾ ڪونہ ٿي. هڪ قسم جي هٿيار کان پئي هٿيار جي تياريءَ ۾ بہ هزارها سالن جو وقفو پئجي ٿي ويو. هٿيارن جي ارتقا تي اڳتي بحث ڪبو. في الحال انسان جي پنهنجي ارتقا جا مرحلا ڏسون.

40- ملين سال اڳ ملندڙ نسل کان وٺي، جنهن بابت خيال آهي تہ اهو وڏن بن مانسن ۽ ماڻهن جو گڏيل تڙ ڏاڏو هو، اڄ جي جديد انسان تائين وچ واري عرصي ۾ جن بہ نيم ماڻهو- نيم بن مانس مخلوقن جون خيالي

تصويرون جوڙيون ويون آهن. اهي 100 سيڪڙو خيالي نه آهن. انهن جو قد بت، وزن، جسماني بيهڪ، مهاندا ۽ عادتون وغيره انهن پنڌ پهٽن جي آڌار تي بحال ڪيا ويا آهن، جيڪي وقت به وقت مليا آهن. البت انهن جي ڪل جو رنگ، وارن ۽ ٻُجن جو اندازو موسمي حالتن يا ڏڪي تي آهي.

انسانن ۽ ٻين جهنگلي جانورن جي جسماني نشونما ۾ هڪ خاص ڳالهه نوٽ ڪرڻ جي آهي ته سمورن شڪاري جانورن شڪار ڪرڻ لاءِ پنهنجي جسم مان هٿيار پيدا ڪيا آهن. مثال طور شينهن، بگهڙ ۽ ان نوعيت جي جانورن پنهنجا چنبا ۽ ننهن مضبوط ۽ تکا ڪيا. ڏند، ڪاتن جهڙا تيز ڪيا. گاهه خور جانورن پنهنجي بچاءَ لاءِ سڱ وڌايا. جيڪي جانور ايئن نه ڪري سگهيا: سي وڌيڪ شڪار ٿيا يا وري ڏڻ ٽاهي رهڻ لڳا. انسان به ڪمزور جانور هو ۽ ان پنهنجي جسم جي ڪنهن به عضوي کي هٿيار نه بڻايو. اها واحد مخلوق آهي، جنهن پنهنجا هٿيار پنهنجي ذهن جي مدد سان ماحول مان چونديا ۽ انهن کي وقت سان گڏ بهتر ڪان بهتر ڪيو. سندس هٿيار ٻن قسمن جا هئا، هڪڙا لوهه، ڪاٺي، هڏي يا پٿر مان جڙيل ۽ ٻي باهه. اها ارتقا انسان جي ذهن جي استعمال سان ٿي. ان ريت نه رڳو انساني هنر بهتر ٿيندو ويو، بلڪ خود انسان جي دماغ واري چئمبر به وڏي ٿيندي وئي.

قديم ترين انسان ۽ پٿري هٿيارن جي ارتقا

2- ملين سال اڳ واري انسان کي خاص قسم جا اوزار ٿي گهڙيا. پر جڏهن انسان Homo Sapiens منزل تي پهتو ته هن جا اوزار به نفيس ۽ وڌيڪ ڪارائتا ٿي چڪا هئا. اچو ته هڪ نظر انهن انسانن نما مخلوق جي هٿيارن تي وجهندا هلون.

40- ملين سال اڳ واري مخلوق ڇڻ پيرن تي هلندڙ اهڙي باندر جهڙي هئي، جنهن کي پُڇ نه هو، هن جا هٿ آزاد نه هئا، تنهن ڪري هن هٿيار استعمال نه ڪيو هوندو. اهو ڏرتيءَ تي ڊائنوسارن جي راڄ وارو زمانو هو. هن مهل تائين ان مخلوق جا ڪي به تفصيل نه مليا آهن. تنهن ڪري ان کي انومان ئي سمجهڻ گهرجي. بهرحال ان نسل بابت گهٽي قدر راءِ اها ئي آهي


تہ اها پيلن ۾ رهندي هئي.

ان کانپوءِ ٻي مخلوق 14- ملين سال اڳ موجود هئي، جنهن کي راماپٿيڪس چيو ويو ٿو. قد کاٺ ۾ اها ڪجهہ وڏي چمپانزيءَ جهڙي ڏسجي ٿي. اها انساني نسل جي ارتقا واري لائين ۾ بينل سپ کان پراڻي مخلوق آهي. ان مخلوق جا ٻنڊ پهڻ جيئن تہ هندستان جي شوالڪ ٽڪرين مان مليا، ان ڪري ان کي راماپٿيڪس ۽ سيواپٿيڪس ٻہ چيو ويو. ڇاڪاڻ تہ "رام" ۽ "شو" هندستان جا سپ کان اهم ڏند ڪٿائي ۽ نيم تاريخي ڪردار آهن. ساڳي مخلوق جا ٻنڊ پهڻ آفريڪا مان ٻہ مليا آهن، جنهن مان سمجهجي ٿو تہ اها مخلوق ايشيا کان آفريڪا تائين پکڙيل هئي. بظاهر ايئن ٿو لڳي تہ راماپٿيڪس بن پيرن تي بيهي سگهندو هو. ان جو دماغ سڌريل هو ۽ ٻانهون وڌيڪ حساس هيون. اها مخلوق پنهنجن دشمنن کي ڊيڄارڻ لاءِ وٽن جون ٽاريون، لٽ يا پٿر ٻہ هٿ ۾ کڻندي هئي.

راماپٿيڪس کان پوءِ آسٽرالوپٿيڪس اهم نسل آهي، جيڪو انسان جهڙو بن مانس هو. اهو نسل اٽڪل 5- ملين سال اڳ ڏکڻ ۽ اوپر آفريڪا ۾ رهندو هو. ان جو ميڇالو اڇڪلهہ جي بن مانس کان وڏو ڪونہ هو، پر اهو بن پيرن تي هلندو هو ۽ غالباً هٿيار استعمال ڪندو هو. هي نسل باقاعدي هٿيار تيار ڪونہ ڪندو هو پر کاڌي کان پوءِ بچيل ڇڪل نوڪدار هڏيون يا قدرتي طور ڇڪل گول پٿر (Pebbles) کنهن اوچتي وقت ۾ استعمال ڪندو هو، پر پوءِ انهن کي اتي ئي ڇڏي اڇتي راهي ٿي ويندو هو.


اٽڪل ايائي ملين سال اڳ آسٽرالوپٿيڪس جو همعصر هڪ ٻيو انساني نسل (1470 Man) اوپر آفريڪا ۾ نظر اچي ٿو. هو بن پيرن تي هلندو هو ۽ سندس ميڇالو کنهن ٻہ بن مانس کان وڏو هو. ماهرن جو خيال آهي تہ هي پهريون ماڻهو آهي. جنهن واقعي پٿر گهڙي اوزار ٺاهيا. هي قديم ترين ماڻهو گول پٿرن کي هڪٻئي سان ٻہ تي پيرا ٽڪرائي ڀڃڻ کان پوءِ انهن کي ٿوري بهتر شڪل ڏئي ويڊ ڊينڊ ياسا يا ڪنارا ٺاهي اوزار طور استعمال ڪندو هو. اها ثقافت غالباً هڪ لک سالن تائين هلي.

ان کان پوءِ اڃو انسان (Homo Erectus) نظر اچي ٿو. جيڪو 5- لک سال اڳ ايشيا ۽ آفريڪا ۾ وڏي پئماني تي پکڙيل هو. هن نسل کي انسان سڏڻ تي سمورا ايٿروپالاجسٽ متفق آهن. اهو نسل باهہ ٻاريندو هو ۽ وڏا



"آسٽرالو پٿيڪس" ماڳ

اهي علاقا جتان جتان آسٽرالو پٿيڪس مخلوق جون کوپڙيون لڌيون ويون آهن. هتي اها ڳالهه نوٽ ڪرڻ جي آهي ته اها مخلوق اوپر ۽ ڏکڻ آفريڪا ۾ رهندي هئي.



"اُپو انسان" ماڳ

اهي علاقا جتان اُپي انسان جون کوپڙيون لڌيون ويون. اهي کوپڙيون چين، ڏکڻ ايشيا، اوپر ۽ ڏکڻ آفريڪا ۽ يورپ مان مليون.

جانور شڪار ڪندو هو. هن انسان آفريڪا ۾ سادين هٿ - ڪهاڙيون تيار ڪيون، ۽ خيال آهي ته سندس فن ڏکڻ اوپر ايشيا نه پهچي سگهيو، جتي ان وقت تائين گهٽ نفيس اوزار ٺهندا هئا.

هومو ايرڪٽس کان پوءِ نيندرٿال اهم انساني نسل آهي. اها اٽڪل 70- هزار سال اڳ جي ڪهاڻي آهي، جڏهن برفاني دؤر آخري پيرو ڏکڻ طرف وڌڻ لڳو هو. اڪثر يورپ ۾ هي نسل پکڙيل هو. سائنسدان ان کي Homo Sapiens جي هڪ شاخ سمجهن ٿا، جيڪا باقي نه رهي ۽ ختم ٿي وئي. جينوٽيڪ سائنسدانن جو اصرار آهي ته نيندرٿال انسان ختم ٿي ويو، ۽ نيندرٿال نسل جي خاتمي جي دعوي تي اعتبار ان ڪري نٿو اچي ته اهو نسل يورپ ۾ وڏي پئماني تي پکڙيل هو ۽ ان دؤر جو انسان زبردست موسمي تبديلين ۾ زنده رهڻ جي طور طريقن کان چڱي طرح واقف هو. نيندرٿال ماڻهو چقمقي پٿر (Flint) مان ڪرچٽا (Scrapers) ٺاهيندو رهيو. هن جي اوزار ٺاهڻ واري ٽيڪنيڪ چٽڻ جا چٽڻ لاهڻ هئي. جڏهن ته هن کان اڳ پٿر جي ٻُڏ (Cores) جا چٽڻ لاٿا ويندا هئا ۽ انهن جي ڌارن مان ننڍا چٽڻ ڪيا ويندا هئا.

نيندرٿال ماڻهوءَ کان پوءِ جديد انسان جو دؤر 35- هزار سال اڳ کان شروع ٿيل سمجهيو وڃي ٿو. ان کي جديد انسان (Homo Sapiens) چيو وڃي ٿو. هن بابت شڪ آهي ته اهو يورپ کان ٻاهر سڌريو پر ان جون باقيات فرانس مان لڌيون ويون آهن، جيڪي 35- هزار سال پراڻيون آهن. هن مهل تائين انسان اوزارن جي طور تي مختلف شيون جهڙوڪ: هڏيون، سانپر ۽ ڦاڙهي جا سگ، ڪاٺ ۽ پٿر کي خاص قسم جا اوزار ٺاهڻ لاءِ استعمال ڪرڻ شروع ڪيو هو. انهن اوزارن ۾ هڪ مڇي مارڻ جو نيزو به آهي، جيڪو ڦاڙهي جي سگ مان ٺاهيو ويو، هڪ چقمقي پٿر جو ڪرچٽو به آهي. ٻين اوزارن ۾ گول سِري ۽ ٻن ڇيڙن وارو اوزار به آهي، جيڪو چمڙي ۾ سوراخ ڪرڻ جي ڪم ايندو آهي.

آفريڪي ڊنڊن جا ڪنارا، جتي پٿر جو دؤر شروع ٿيو

خيال آهي ته 2- ملين (20- لک سال) اڳ انسان جا پڙ ڏاڏا هڪ اهڙي مخلوق هئا، جيڪا ٻن پيرن تي هلندي هئي ۽ پائيءَ جي ويجهو ۽ جهنگ

جي ڪنارن تي رهندي هئي ۽ پنهنجي چوڌاري پکڙيل پٿرن مان اوزار گهڙيندي هئي.

جاگرافيءَ جي لحاظ کان 20- لک سال اڳ ڌرتيءَ جو خشڪي وارو نقشو لڳ ڀڳ ايئن ئي هو، جيڪو اڄ ٻه آهي. زمين جي اڪثر حصن تي ٻيلا هئا، باقي گهٽ زرخيز علائقن تي گاهه جا ميدان هئا. پاڻي ۽ برساتن جي صورتحال اڄ کان بهتر هئي. جهرڻن جي جهرجهر، پکين جون هوليون، شڪاري جانورن جون گجگوڙون ۽ شڪار جون خوف ۾ رنيون، ٻاڪارون، ڪيهون ۽ ٽاپيون وڌيڪ هيون.

هي دؤر بيضا ڏيندڙ وڏن جانورن کان آزاد هو ۽ انهن جي جاءِ تي ٻچا ڏيندڙ ننڍا وڏا جانور ڌرتيءَ تي نظر اچڻ لڳا هئا. ٻين اکرن ۾، هاڻي هيءَ ڌرتي ڊائنوسارن بدران ممالين جي هئي. هن دؤر ۾ هاٿي، شينهن، گينڊي، گهوڙي، سوئر، ڪئون، بگهڙ ۽ هرڻ وغيره جا پڙڏاڏا ٻه ٻيلن ۽ ميدانن ۾ سرگرم هئا. انهن ۾ ئي انسان جهڙا مختلف نسل (Hominids) ٻه موجود هئا، جيڪو ان دؤر ۾ پاڻ شڪاريءَ کان وڌيڪ شڪار هو. شڪار ٿيڻ جي خوف کان ئي انسان ٽولن ۾ رهي، پنهنجي قوت کي اجتماعي قوت ۾ تبديل ڪيو ۽ گڏ رهڻ ڪري باهمي تجربن مان سکندو رهيو. انهن Hominids جون تمام ٿوريون هڏيون آفريڪا مان مليون آهن، ان ڪري سائنسدان ان ڏاڙهي ۾ ٻه آهن ته انهن جي مدد سان اوائلي انسان جي واقعي کهڙي صورت بيهندي. اها ته پڪ ٿي چڪي آهي ته انساني نسل جا وڏا 20- لک سال اڳ يا ان کان ٻه ڦهرين بهرحال، ٻن پيرن تي هلندا هئا، ٻيلن جي ڪنارن تي رهندا هئا ۽ سندن خوراڪ ۾ پاڇيون، ميوا ۽ ننڍا جانور شامل هئا. جيئن ته انسان پنهنجي جسم جي عضون کي تکن اوزارن ۾ ڪوٺ بدلايو هو، تنهن ڪري هي ڌرتيءَ تي واحد نسل هو، جنهن چنبن ۽ ڏندن بدران بيروني اوزار يعني پٿرن مان گهڙيل تکي ڌار وارن اوزارن سان شڪار ڪيو ٿي، گوشت ويڙيو، چيريو ۽ ٽڪرا ڪيو ٿي. پٿرن مان گهڙيل اوزارن جو هڪ وڏو فائدو ٿيو. انسان ڪمزور شڪاريءَ مان ڦري ڌرتيءَ جي طاقتور شڪاري نسلن مان هڪ ٿي پيو ۽ پي همعصر مخلوق جي خلاف هن جي مزاحمتي ۽ اڳرائيءَ واري طاقت وڌي وئي.

آفريڪا ۾ هن مهل تائين لڌل سڀ کان قديم اوزار ايدائي ملين (25- لک)

سال پراڻا آهن. اهي اوزار ڪينيا جي اتر مان روڊولف (Rudolf) ڏنڊ وٽان مليا هئا. 1972ع ڌاري رچرڊ ليڪي، جيڪو ڪينيا جي قومي عجائب گهرن جو ڊائريڪٽر هو، هن هڪ کوپڙي ۽ جنگهه جون هڏيون لڌيون، جيڪي انسان جهڙي مخلوق جون هيون. شڪ آهي ته اهي اوزار ان ئي انسان ٺاهيا هئا. سندس دماغ جديد انسان جي پيٽ ۾ اڌ کان ڪجهه وڌيڪ ۽ اڄ ڪلهه وارن چمپانزي پولڙن جي پيٽ ۾ ٻيٺو، يعني اٽڪل 880cc هو. سندس جنگهن جي هڏين مان ظاهر ٿئي ٿو ته ان انسان جو قد اٽڪل 5- فٽ هو ۽ سڌو هلي سگهندو هو. سائنسدانن ان مخلوق کي انساني نسل جو حقيقي پڙاڏو قرار ڏنو. ان کي ابتدائي طور "1470- ماڻهو" چيو ويو. غالباً اهو ان اندراج جو نمبر آهي، جنهن هيٺ سندس هڏيون نيشنل ميوزيم ڪينيا ۾ رجسٽر ڪيون ويون.

ان کان پوءِ اوزار ٺاهيندڙ هڪ اوائلي مخلوق جو ٻيو رکاڌ ۾ اوپر آفريڪا مان ئي مليو. ان نسل کي (Homo Habilis) "هينڊي مئن" چيو ويو. هن کي اهو نالو ڊاڪٽر لوئس ليڪي (Dr. Louis Leakey) (1903-1972) ڏنو، جيڪو ڊاڪٽر رچرڊ ليڪي جو پيءُ هو. هن هڏين جا ڪجهه ٽڪرا تنزانيه ۾ اولدو واءِ جابلو گهٽي (Olduvai Gorge) مان لڌا، جيڪا ڪنهن زماني ۾ هڪ قديم ڍنڊ سان لاڳاپيل هئي. هومو هيبل نسل اٽڪل 1.75 ملين (ساڌا سترهن لک) سال اڳ موجود هو. ان جي هڏين جي ٽڪرن مان اندازو هنيو ويو آهي ته ان جو ميڃالو فقط 680cc هو ۽ جيتوڻيڪ اهو نسل "1470 ماڻهو" وانگر پيرن تي هلندو هو، پر ان جو قد فقط 4- فٽ ڪن هو. اوائلي ماڻهو جو ٻن پيرن تي ٻيهڻ تمام اهم ڳالهه آهي، ان ڪري بار بار ان سوال تي زور ڏنو ويو ٿو ته ڇا اها مخلوق ٻن پيرن تي هلندي هئي؟ ٻن پيرن تي ٻيهڻ معني هٿن جو آزاد ٿيڻ، ان مخلوق جي زندگيءَ ۾ انقلاب اچڻ، شڪار ۽ دشمن تي چٽي ۽ پري تائين نظر رکڻ.


آفريڪا ۾ قديم پٿري زماني جون دريافتون في الحال خاص طور تي ٽن علائقن ۾ ٿيون آهن. آفريڪي ڪنڊ جي اتر اولهه واري ڪنڊ تي يونوچ سمنڊ وارو ڪنارو، وچ اوپر آفريڪا، ڪينيا ۽ تنزانيا جا علائقا، جتي روڊولف ڍنڊ، وڪٽوريا ڍنڊ ۽ اولدواءِ گارج وغيره واقع آهن ۽ ٿيون ڏاکڻي علائقي ۾ تائونگ (Taung) وارو علائقو، جتي گهٽ ۾ گهٽ چار ماڳ مليا آهن.


روڊولف ڊنڊ جي گرم ۽ واريءَ سين ڪنڊين دنيا ۾ پنهنجو پاڻ کي تاريخ ڪان اڳ واري دؤر جي شاهوڪار ترين ماڻڪن مان هڪ ثابت ڪرائي ڇڏيو آهي. قديم آثارن جا ماهر جڏهن ۽ "آفريڪا، انسان جو هندورو" جو لفظ استعمال ڪندا آهن تڏهن انهن مان اڪثر جو اشارو روڊولف ڊنڊ ۽ اُتي اوزار ٺاهيندڙ اوائلي ماڻهن ڏانهن هوندو آهي.

آفريڪا ۾ پهريان اوزار


هوموهيبلس ۽ "ماڻهو 1470" جا هٿ ايئن ئي هئا، جيئن هاڻي اسان جا آهن، يعني ٿلها، آڱرين جا ويڪرا پور ۽ سڌا ننهن. پر انهن هٿن جي گرفت شايد وڌيڪ بي ڍنگي هوندي. جديد ماڻهو ۾ قسمن جي گرفت رکندو آهي، شين کي مضبوطيءَ سان جهلڻ لاءِ طاقت واري گرفت ۽ ۾ خاص گرفت، جيڪا ڪنهن شيءِ کي جهلڻ ۽ ان تي ڪم ڪرڻ لاءِ آڱوٺي ۽ آڱر جي مدد سان رکبي آهي. اوائلي ماڻهوءَ جي هٿ واري گرفت ۾ مضبوط هئي، پر آڱوٺي جي مدد واري گرفت ان ڪري ڪمزور هئي، جو سندس آڱوٺي ۾ جديد انسان جي آڱرين ۽ آڱوٺي جيتري لچڪ نه هئي. ان هوندي به اوائلي انسان ۾ اهڙا مخصوص گرفت ايتري هئي، جو هو پٿرن مان سادا اوزار گهڙي پيو سگهي، گوشت ويڙي پئي سگهيو ۽ نباتياتي خوراڪ کي ٽڪر ٽڪر ڪري ٽي سگهيو.

اهي سڀ ڪان اوائلي اوزار گول پٿرن مان ٺهيل آهن. اهي ظاهري طور تي ايترا ته سادا آهن، جو ڪڏهن ڪڏهن اهو سمجهڻ ڏکيو ٿي پوندو آهي ته اهي قدرتي طرح ڇليل آهن يا اوائلي ماڻهوءَ ڇليا آهن. اوائلي ماڻهو گوشت ويڙ يا جانور جي کل لاهڻ لاءِ تکي ڌار وار ننڍڙا ڇڻڻ حاصل ڪرڻ خاطر عام طور تي هڪ پٿر کي ٻئي پٿر سان ڏڪ هڻندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن ڇڻڻ کي ٻن پاسن کان ڇليو ويندو هو ته جيئن وڌيڪ نوڪدار اوزار ٺهي. اوائلي ماڻهن جي هٿن سان ٺهيل اوزار اوائلي انسان جي اؤسر کي سمجهڻ ۾ تمام مددگار آهي، ڇاڪاڻ ته خود انهن اوائلي ماڻهن جون هڏيون تمام اڻلپ آهن ۽ محض اتفاق سان ليجي پون ٿيون. زماني جي وڏي ڪٿنواس تي پکڙيل هڪجهڙن اوزارن کي ڏسي اندازو هنيو ويو آهي ته ترقيءَ جي رفتار





AFRICAN GENUS



THE EVOLUTION OF TOOLS

آفريكي نسل ء انهن جا اوزار

پٿري اوزارن جي ارتقا

تمام گهٽ رهي آهي. جيتوڻيڪ گول پٿرن مان گهڙيل اوزار ۽ هٿ کهاڙي ساڳيا ئي اوزار آهن ۽ ساڳي ٽيڪنيڪ سان گهڙيا ويا هئا، پر انهن وچ ۾ فرق پيدا ٿيڻ ۾ لکها سال لڳي ويا.

شروع شروع ۾ ان ٽيڪنيڪ ۾ هڪ گول پٿر سان ٻئي گول پٿر جا چٽڻ لاٿا ٿي ويا يا وري چقمقي پٿر جا چٽڻ تي چٽڻ لاهي ايڏنگي شڪل ٿي ڏني وئي. هي اوزار بڌجي پئي پيا. اهي ايڏنگا اوزار بهرحال، ان قابل هئا، جو اوائلي انسان جي ابتدائي ڪم ڪار ۾ ٽيڪ ٽاڪ مددگار پئي ٿيا. اهي سڀ کان پهريان اوزار هئا، جن کي Pebble tools چيو وڃي ٿو.

لڳ ڀڳ ساڳي شڪل جو ٻيو اوزار، جنهن کي هٿ کهاڙي (Hand axe) چئجي ٿو، ٽاهڻ ڏاڍي صبر جي ڀالهه هئي. اهي اوزار سنها يا نوڪدار ٿي ٿيا ۽ ماپ ۾ ايترا، جو هٿ جي گرفت ۾ چڱيءَ طرح اچي وڃن. آفريڪا ۾ اهي اوزار هومو ايرڪٽس يا آپي انسان ٽاهيا، جيڪو 5- لک سال اڳ پهريون پيرو منظر عام تي موجود هو. هٿ کهاڙي ٽاهڻ لاءِ پٿر تي پٿر سان ڏڪ هڻڻ بدران هڏو يا سخت ڪاٺ استعمال ڪيو ٿي ويو. ان ٽيڪنيڪ سان پٿر جا چٽر ننڍا ننڍا ٿي پئي لٿا ۽ گهڙڻ واري عمل ۾ اوزار جي ڪرڻ يا ڇڄي پوڻ جو امڪان گهٽ ٿي رهيو.

هزارها سالن جي عرصي ۾ پٿر جي اوزارن وڌيڪ نيون صورتون ورتيون. ان سان گڏ انسان هڏين ۽ ڪاٺ جا اوزار ٻ ٽاهيا، جيڪي سندن زماني ۾ گڏوگڏ هلندا رهيا. پر اهي وقت سان گڏ ڳري سڙي يا ڇڄي ختم ٿي ويا. اسان تائين گهٽو ڪري پٿر جا اوزار ئي سفر ڪري پهچي سگهيا آهن.

انهن قديم ثقافتن ۾ جتي ايڏا تائين اوائلي زماني جا طور طريقا موجود آهن، ساڳي طرح پٿر، هڏين ۽ ڪاٺ جا اوزار استعمال ٿي رهيا آهن. مثال طور نيوگني (New Guinea) جا اوائلي لوڪ اڄ ٻ پٿر جي اوزارن تي ڀاڙين ٿا.

آفريڪا مان 80 هزار سال پراڻا اوزار ملیا

27- جولاءِ 1995ع جي هڪ رپورٽ مطابق جيڪا واشنگٽن ريڊيو تان نشر ٿي، ٻڌايو ويو ته يورپي سائنسدانن کي آفريڪا مان اهڙا اوزار ملیا آهن جيڪي 80- هزار سال پراڻا ٿي سگهن ٿا، جن مان اها راءِ مضبوط ٿئي ٿي ته

سماجي ارتقا آفريڪا مان ٿي. اهي اوزار 1990-1988ع ۾ مليا هئا. اهي هڏين مان ٺاهيل آهن ۽ انهن کي هٿيارن وانگر ٺاهيو ويو هو. پين ننڍين هڏين کي پاسن کان وڍي چلي مڇي جهلڻ لاءِ استعمال ڪيو ٿي ويو. اها ڊزائين يورپ ۾ 1400 سال اڳ ايجاد ڪئي وئي هئي. سائنسدانن جو خيال آهي ته جديد انسان هڪ لک سال اڳ آفريڪا کان آيو هو ۽ هنن پٽر جا سادا اوزار ٺاهيا هئا.

آفريڪي آسٽرالوپٿيڪس

اينٿروپالاجي ۽ آرڪيالاجيءَ جي ڪتابن ۾ هڪ لفظ استعمال ٿيندو آهي "Pithecus"، جنهن جي معنيٰ آهي "بن مانس". ان ڪري دنيا جي جنهن بہ علائقي مان ڪنهن اهڙي مخلوق جون هڏيون هٿ آيون، جن تي بن مانس هجڻ جو شڪ غالب رهيو آهي، ان کي ان علائقي جو ڪو نالو ڏئي، پوءِ پٿيڪس جوڙيو ويو. اوائلي آفريڪا جو ذڪر ڪندي، آسٽرالوپٿيڪس جو نالو ضرور ايندو. آسٽرالس (Australis) لاطيني زبان جو لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي، ڏکڻ. ان ريت آسٽرالوپٿيڪس جي معنيٰ ٿي، "ڏاکڻو بن مانس". آفريڪا ۾ انسان جهڙو آسٽرالوپٿيڪس 25- لک سال يا اُن کان بہ اڳ اتي ئي رهندو هو. جتي "ماڻهو 1470" ۽ هومو هيبلس رهندا هئا. هن نسل جي هڏين جا پندرهن روڍولف ڍنڍ ۽ اولدوواءِ گارج جي انهن ئي زميني تهن مان مليا آهن، جتان هومو هيبلس مليو. آسٽرالوپٿيڪس آفريڪا جي پين علائقن ۾ بہ موجود هو. ان جي کوپڙي 1924ع ۾ پروفيسر ريمانڊ ڊارٽ (Raymond Dart) ڏکڻ آفريڪا مان تائونگ (Tanung) وٽان لڌي هئي.

آسٽرالوپٿيڪس جي دماغ وارو ڇٽمبر بہ هومو هيبلس وانگر ننڍو هو ۽ اهو بہ بن پيرن تي اُبو هلي سگهندو هو. گهٽي وقت تائين سائنسدانن جو خيال هو ته اهو نسل سڌيءَ طرح انساني نسل سان ڳنڍيل آهي، پر اڇڪلهہ ان کي انساني نسل واري مڪيہ لائن کان ٻاهر ڪيو، هڪ شاخ جي درجي تي رکيو ويو آهي. ماهرن جو خيال آهي ته آسٽرالوپٿيڪس ببون باندرن ۽ پين جانورن جو ميڃاڻو ڪوري ڪيڻ لاءِ ڪڏهن ڏگهائيءَ ۾ چيريل هڏيون استعمال ڪندو هو. پر اها بي ڍنگي اوزار سازي هئي. ڪا هڏي اوچتي

استعمال لاءِ اتفاق سان استعمال ڪري، پوءِ ڦٽي ڪئي ويندي هئي. ان جي ابتڙ هومو هيبلس ان اوزار کي سوچي سمجهي ٺاهيو هو ۽ روڊولف ڊنڊ وٽان نين دريافتن مان ظاهر ٿيو آهي ته اوزار ٺاهيندڙ مخلوق "ماٿهو 1470" اوزار ٺاهڻ جي ڏس ۾ هومو هيبلس کان به اڳتي هئي.

آفريڪا ۾ هڪ ئي علائقي ۾ ٽي هڪجهڙا نسل، جيڪي ڊگهي عرصي تائين آفريڪا ۾ گهمندا ڦرندا رهيا. سائنسدانن لاءِ تمام منجهائيندڙ ۽ دلچسپ موضوع جي حيثيت رکن ٿا. ڊگهي عرصي ۾ انهن نسلن ۾ ڪي تبديليون به آيون آهن. ان ڪري انهن جي نسلي فرق بابت سائنسدانن جا رايا محض اندازا به ٿي سگهن ٿا. بهرحال، سندن خيال ۾ آسٽرالوپٿيڪس پاڻ "ماٿهو 1470" ۽ هومو هيبلس جو ابو ٿي نٿو سگهي، پر ڪافي عرصو اڳ انهن ٽنهي جو ابو هڪ هوندو. اها به ڪا يقيني ڳالهه نه آهي ته "ماٿهو 1740" ۽ هومو هيبلس ۽ جدا جدا نسل آهن. ايئن به ٿي سگهي ٿو ته خود هوموهيبلس اصل ۾ آسٽرالوپٿيڪس جي سڌريل شڪل هجي ۽ ان جو نسل ختم نه ٿيو هجي جيئن سمجهيو ٿو ويو. هوڏانهن "ماٿهو 1740" انساني ارتقا واري سڌي لائين تي بيٺل نظر اچي ٿو.

ايو انسان- ڳالهائيندڙ شڪاري

"ماٿهو 1470" ڪان 20- لک سال پوءِ ايو انسان (Homo Ecrectus) سامهون اچي ٿو. هيءُ اڄ کان 5- لک سال اڳ جو ماٿهو آهي، جيڪو ايشيا، يورپ ۽ آفريڪا ۾ وڏي پئماني تي پکڙيل هو ۽ دنيا ۾ لڳ ڀڳ 2- لک سالن تائين انسان جي اڳوٽن نسلن جي جاءِ والارينڊو رهيو. اڃوڪي جديد ماٿهوءَ جي پيٽ ۾ اهو قديم نسل بچڙو هو. سندس چاڙي ڳري، ڏند وڏا، پيشاني پوئتي ۽ ڀرن وارو حصو اڳتي نڪتل هو. سندس ميڃالي جي سائيز 1000cc هئي، جيڪا بن مانس جي پيٽ ۾ جديد انسان کي ويجهي آهي. هوموايرڪٽس جون هزارين هڏيون چين جي شهر بيجنگ ويجهو چوڪوئشن (Choukoutien) غار مان لڌيون ويون.

ڪوجنا مان خبر پئي ته هي نسل هاٿي، گينڊا، گهوڙا، جهنگلي سان، دلدلي مينهن، اٽ، جهنگلي سوئر، ريڍون، هرڻ ۽ ڦاڙها وغيره شڪار ڪندو

هو. هيڏن قدآور ۽ گهڻن قسمن جي جانورن جي شڪار لاءِ زبردست ذهانت ۽ مڪاريءَ جي ضرورت هئي، جنهن سندس دماغ جي ماپ وڌائڻ ۾ مدد ڏني. اڪيلو ماڻهو ننڍا شڪار ته ڪري سگهيو ٿي. پر وڏي شڪار لاءِ گروهن جي شڪل ۾ شڪار سکڻ جي ضرورت هئي. ان سان هڪ خاص ڊسيپلين پيدا ٿيو ۽ انسانن جون سرگرميون مربوط ٿيون.

امڪان آهي ته هن منزل تي هومو ايرڪٽس ڳالهائڻ سکي ورتو هوندو. بن مانسن ۾ ڳالهائڻ جهڙا آواز پيدا ڪرڻ واري صلاحيت ته موجود آهي، پر اهي پنهنجي ذهن ۾ ڳالهائڻ وارو مرڪز سڌاري نه سگهيا آهن. انسان جي تاريخ ۾ شايد اهو ئي موقعو هو، جڏهن مرد پنهنجي لاءِ شڪار جي واٽ چونڊي ۽ عورت پنهنجي اجهي لاءِ جهنگلي نباتيات خوراڪ طور ڳولڻ جو ڪم شروع ڪيو ڇاڪاڻ ته بالغ عورتون ٻار ڇڻڻ ۽ پالڻ ۾ وڌيڪ مصروف هيون. عورتن کي جنس جي بنياد تي نوان حق ملي ويا، جيڪي بن مانس يا پولڙن جي مادين کي حاصل نه هئا. اهو غالباً ان ڪري ٿيو، جو اهڙين عورتن کي سندن ٻچن لاءِ گوشت جي تڪڙي فراهمي، تحفظ ۽ توجهه جي ضرورت ٿي.

باهه جو استعمال

5- لک سال اڳ چين جي بيجنگ ۾ هنگريءَ جي ويرتيسزلوس جهڙن هڪٻئي کان ڏورانهن ماڳن تي هومو ايرڪٽس گرمي حاصل ڪرڻ لاءِ باهه استعمال ڪندو هو. شايد گوشت به پچائيندو هجي! انسان هزارن سالن تائين گاهه، ٻوٽن ۽ وٽن تي ڪنوڻ ڪِرڻ سان باهه لڳڻ جو مشاهدو ڪيو هوندو ۽ ٿڌ ۾ گرميءَ جو سک ڏٺو هوندو. هن اهو به ڏٺو هوندو ته باهه روشني ڪري ٿي ۽ جهنگلي جانور ان باهه کان ڊڄن به ٿا. ڪنهن موقعي تي هن ان باهه مان ڪجهه محفوظ ڪرڻ به چاهي هوندي. هن چقمقي پٿر گهڑڻ دوران چٽنگ ۽ باهه لڳڻ جو مشاهدو به ڪيو هوندو. گوشت پچائڻ به شايد اتفاقي دريافت هجي! ڪنهن موقعي تي شڪار جو گوشت باهه ۾ ڪِري پيو هوندو، پر سڙڻ کان بچي ويو. ماڻهوءَ کي اهو گوشت ذائقي ۽ هاضمي ۾ چگو لڳو هوندو. قديم انسان گهڑڻ گهڑڻ طريقن سان گوشت پچايو

هوندو؟ گوشت سڌيءَ طرح باهه تي پچايو ويو هوندو يا ٽاندن جي هلڪي گرميءَ تي سيکيو هوندو يا ايڇا بہ ڪي ٻيا طريقا ورتا هوندا.

باهه جي دريافت هومو ايرڪٽس جي دنيا بہ وسيع ڪري ڇڏي ته خود سندس جسماني اڏسر تي بہ اثر انداز ٿي. باهه تي گرفت حاصل ڪرڻ کان پوءِ انسان دنيا جي ٽڏن علائقن ۾ بہ رهڻ جي قابل ٿي ويو ۽ باهه تي پچايل گوشت کي چٻاڙڻ لاءِ ڪيس ٽلهين جاڙين ۽ وڏن ڏندن جي ضرورت نہ رهي، جنهن ڪري جاڙي ۽ ڏند ننڍا ٿيڻ لڳا. اهڙيءَ طرح هوريان هوريان ماڻهوءَ جو سڄو منهن هلڪو ٿي ويو. هومو ايرڪٽس جا گوشت خوريءَ وارا ڏند سندس ابن ڏاڏن کان ننڍا هئا. بن مانسن ۽ پولڙن جا ساڳيا ڏند وڏا آهن، جن جي ذريعي هو خوراڪ کي چٻرڻ، چٻاڙڻ، چيرڻ ۽ وڙهڻ مهل استعمال ڪندا آهن يا هڪٻئي کي ڏيکاري ڊيڄارياندا آهن.

آفريڪا جي ڪاناپوئي ڊنڊ

ڪاناپوئي ڊنڊ اوڀر آفريڪا ۾ آهي، جتان ملندڙ ٻنڊ پاهڻن پڻ قديم انساني نسلن تي ٿوري ڪهڻي روشني وڌي آهي. مسز ميوليڪي رچرڊ ۽ مسٽر رچرڊ ٻئي آفريڪا ۾ قديم حيواني زندگيءَ تي ڪم ڪندا رهيا آهن. هوءَ ڪينيا جي قومي عجائب گهر ۾ قديم حيواني زندگيءَ جي علمن جي سربراهه جي حيثيت ۾ بہ ڪم ڪندي رهي آهي. هن ڪي ڪاناپوئي ڊنڊ وٽان، ڪوجنا دوران واري ڇاٽيندي، قديم ترين انساني ٻيهڪ واري مخلوق جا ڏند مليا، جيڪي تعداد ۽ حالت ۾ ٺيڪ ۽ پورا هئا.

ڪاناپوئي ڊنڊ، ترڪانا ڪان 30- ميل ڏکڻ اولهه ۾ آهي. هن تمام وڏي ڊنڊ جو پائي سائو آهي ۽ ان ۾ واڱون بہ رهن ٿا، پر ڊنڊ جو طاس ريگستان آهي، جيڪو سخت اُس ۾ تپندو رهي ٿو. اها تہ هن ڊنڊ جي اڇوڪي صورتحال آهي. اڳي، جڏهن اها مخلوق جيئري هئي جنهن جا ڏند لڌا ويا آهن، جاگرافيائي صورتحال مختلف هئي. ميوليڪي لکي ٿي:

"ترڪانا ڊنڊ ڪنهن وقت ۾ اڄ ڪان گهٽو وڌي هئي، پر اڄ ان جو طاس مٿيءَ سان ڀرجي ويو آهي. هتي مڇين، واڱڻ ۽ ڪڇوئن جا ٻنڊ پاهڻ تہ ملي وڃن ٿا پر خشڪيءَ جي جانورن جا ٻنڊ پاهڻ نہ هڻڻ برابر آهن."

رئگرز يونيورسٽيءَ جو ڪريگ فيبل جيڪو ڏرتي وديا جو ماهر آهي، چوي ٿو تہ، "ڪاناپوئي جو علائقو 42- لک سال اڳ زمين ۾ ويهي ويو هو، پر ہ لک سال اڳ هوريان هوريان ڏنڊ جي سطح تي ٻيهر ظاهر ٿيو هو."

اهڙي قسم جون زميني سرگرميون جتي اندازا لڳائڻ ۾ مدد گار ٿين ٿيون، اتي ڪي نہ ڪي مشڪلاتون ہ پيدا ڪن ٿيون. ميوليڪي چوي ٿي، "10- ڪان 30- لک سال اڳ وارن اسان جي تڙ ڏاڏن جو دماغ ارتقائي ڏاڪا طئي ڪري وڏو ٿي چڪو هو. دماغ وڏو ٿيڻ کان پوءِ اسان جهڙو پهريون انسان وجود ولي چڪو هو. ترڪانا طاس ۾ ان قديم دؤر جي تهن ۾ دٻيل پنڊ پاهڻ جام آهن، جيڪي تڏهوڪي دؤر جون ڪهاڻيون ٻڌائين ٿا... 1994ع تائين سائنسدانن وٽ اهڙا گهٽ ثبوت هئا تہ سڀ کان پهرين انساني شڪل اختيار ڪندڙ مخلوق جي عمر 36- لک سالن کان وڌيڪ آهي. اسان کي پنهنجن تڙ ڏاڏن مان جيڪو سڀ کان پراڻو نمونو مليو آهي اهو هڪ بن مانس يا بوزنہ سان ملندڙ مخلوق جو آهي، جنهن کي 'آسٽرالوپٿيڪس افارنس' جو نالو ڏنو ويو آهي."

1994ع ۾ ڊونالڊ جانسن ايٿوپيا جي علائقي "هادار" مان هڪ عورت جو ڏانچو ڳولي لڌو هو، جنهن کي "ليوسي" جو نالو ڏنو ويو. هي ڏانچو قديم مخلوق جي مڪمل نمائندگي ڪري ٿو. "ليوسيءَ" جون ٻانهون بن مانس وانگر ڊگهيون آهن، پر ڏاڪ ۽ ٽنگن جي هڏين جي ٻيهڪ مان پتو پوي ٿو تہ اها عورت ٻن پيرن تي هلندي هئي. هيءَ عورت اٽڪل 31- لک 80- هزار سال اڳ جيئري هئي. هونئن هڪ اندازي مطابق اها مخلوق 35- لک 60- هزار سال اڳ ہ موجود هئي.

مسز ليڪي جو خيال آهي تہ هن مخلوق پنهنجن تڙ ڏاڏن، جيڪي چيمپنزي ۽ گوريلي جهڙا هوندا، سان پنهنجو تعلق پنجن کان ست ملين سال اڳ ٽوڙيو هوندو. اهو اندازو انهن مخلوقن جي پنڊ پاهڻن، جينز ۽ رت جي پروٽينيز جي پيٽ ڪرڻ سان هنيو ويو آهي. "ترڪانا" ڏنڊ جي پرپاسي ۾ هڪ ماڳ "لوٽا گام" ۾ اپريل ڳاڙهيون ٽڪريون ڪجهہ ان ريت آهن جڏ صحرا ۾ ڪو ٻيٽ هجي. گهٽو اڳي هتان هڪ درياهہ وهندو هو، جنهن ڪري هي علائقو سائو ستابو هو ۽ درياهي ٻيلي ۾ هتي هاٿي، ٻن قسن جا گينڊا، سوئرن جا ڪجهہ نسل، زرافہ، ڳاڙها، ٽن مختلف قسمن جا گهوڙا،

گوشت خور جانور ۽ نوڪدار ڏندن واريون وڏيون ٻليون موجود هيون. هن علائقي مان ڊگهي ڪوجنا کان پوءِ ۾ في الحال انسان جا فقط ٻه ڏند ملیا آهن. جڏهن ته ٻين جانورن جا پنڌ پاهڙ کوڙ آهن. مسز ليڪي جو خيال آهي ته انسان جا وڏڙا 50- کان 60- لک سال اڳي جهنگ جو ماحول وڌيڪ پسند ڪندا هئا.

ڪيليفورنيا يونيورسٽيءَ ۾ قديم زندگيءَ جي علمن جي ماهر ٽم وائٽ هڪ اهڙي قديم انساني مخلوق جو اعلان ڪيو، جنهن جا نمونا هن ڪي ايٿوپيا جي علائقي "ارامس" مان ملیا هئا. اها مخلوق 44- لک سال اڳ موجود هئي. ٻن پيرن تي هلندڙ هن مخلوق جا ڏند ۽ ٻانهن جون هڏيون ملیون آهن. هيءَ مخلوق به تهڙي آهي جهڙي ڪانا پوئي ۾ لڌي وئي هئي. ماهرن هن مخلوق کي "استرالوپٿيڪس راميدس" جو نالو ڏنو آهي. هوڏانهن آليه اپسمنڊ جي ڪنڊيءَ تان به 40- لک سال پراڻيون هڏيون لڌيون ويون آهن، جيڪي ساڳئي تسلسل ۾ آهن.

اوائلي شڪاري

ماڻهو، دؤر ۽ جاگرافيائي حالتون

ماڻهوءَ جو پنڌ ايڏو ڊگهو آهي، جو ايئن چوڻ غلط ڪونہ ٿيندو تہ هن آدڇڳاد کان پنڌ ڪيو آهي. ان پنڌ دوران هن ثقافتن جا ابتدائي پٿر رکيا. اوزار ٺاهيا ۽ نشان ڇڏيا. ان ئي پنڌ دوران هن پيليوليٿڪ دؤر ۾ پنهنجي پير جو سچو پچو نشان بہ ڇڏيو آهي. اسان شايد ان کي انساني پير جو قديم ترين نشان چئي سگهون. اهو نشان اٽليءَ ۾ ناناڊي لا باسورا وٽ آهي، جيڪو ڪڙيءَ کان آڳوٺي تائين اٽڪل 20- سينٽي ميٽر ڊگهو ۽ پٻن وٽ 10- سينٽي ميٽر ويڪرو آهي. هي پيليوليٿڪ ماڻهو ۽ ان کان پويان نسل ڪير هئا ۽ سندن جيئڻ جو ڍنگ ڪيئن هو؟ هي تمام ڳوڙهو اپياس ٿي سگهي ٿو. هو ڪهڙي قسم جا اوزار ٺاهيندا هئا؟ ڇا کائيندا هئا؟ پهريندا هئا؟ ڪيئن شڪار ڪندا هئا؟ ڇا هن جو ذهن هڪ تخليقڪار جو ذهن هو؟ هن جو ڪٽنبي سرشتو ڪيئن هو؟ اهڙو اپياس سنڌ يا اپکنڊ جو چگيءَ طرح ڪونہ ٿيو آهي. هتي ڪوشش ڪبي تہ اوائلي ماڻهوءَ جي رهٽي ڪهٽي جو اهو اپياس جيڪو يورپ ۽ آفريڪا جي حوالن سان ٿي چڪو آهي، ان تي هڪ نظر وجهجي. گهٽو ممڪن آهي تہ ان سان سنڌ جي پيليوليٿڪ، ميسوليٿڪ ۽ نيوليٿڪ لوڪن جي رهٽي ڪرٽي بابت ڪو اندازو لڳي سگهي.

محققن جي آڏو وڏي ۾ وڏو مسئلو هيءُ آهي تہ هو پهريون آدم ڪنهن کي چون؟ ايئن تہ هو راماپٿيڪس، آسٽرالوپٿيڪس، هومو هيبلس ۽ هومو ايرڪٽس نالي مخلوقن جي درجي بندي ڪري چڪا آهن، پر مشڪل اها آهي تہ جديد تحقيق ڪن اوزارن کي ايترو پراڻو ثابت ڪري ٿي جو هومو مخلوقن جي وجود کان ڳالهہ ٽپي پوئتي هلي ٿي وڃي. جيڪڏهن پهريون اوزار ٺاهيندڙ مخلوق کي آدم چئجي تڏهن بہ اهو طئہ نٿو ڪري سگهجي تہ ڪهڙي نسل سپ کان پهرين اوزار ٺاهيا. اصل ۾، راماپٿيڪس مخلوق جيڪا

14- کان 8- ملين سال اڳ موجود هئي ۽ ان کان پوءِ استرالوپٿيڪس آفريڪانوس (ڏکڻ وارو بن مانس جيڪو آفريڪا ۾ هو) جيڪو 5- ملين سال اڳ ۾ هو، جي وچ جون ڪيئي ڪڙيون ٽٽل آهن. هن کانپوءِ هومو هيبلس (Homo Habilis) آهي، يعني هٿن وارو ماڻهو، جيڪو 2- ملين سال اڳ هو. جيئن ته اهو آسٽرالوپٿيڪس سان ويجهڙائي رکندڙ هو تنهنڪري ان کي آسٽرالوپٿيڪس هيبلس به چيو ويو. انهن ۾ نسلن جي وچ ۾ به وقت جو وڏو فاصلو آهي.

ان کانپوءِ ايو انسان (Homo Erectus) آهي، جنهن جو مغز هاڻوڪي انسان کان ٻه ڀاڱي ٽي حصا ننڍو هو، نہ کاڏي هئس ۽ نہ وري پيشاني. اها 15 لک سال اڳ جي ڳالهہ آهي ۽ نيٺ آخري منزل باشعور انسان (Homo Sapiens) جي آهي، جنهن جي کهاڙي به ايائي لک سالن کان جاري آهي.

اسان جيڪڏهن هٿيارن ۽ اوزارن جي کهاڙيءَ ۾ گهرائيءَ سان ويندا سين ته ڳالهہ وڃي زمين جي ٽريشري دؤر جي پڃاڙيءَ تائين يعني 40- لک سالن تائين پهچندي، جڏهن آسٽرالوپٿيڪس ڏرتيءَ تي پکڙيل هئا ۽ ان ئي وقت ۾ پٿر جا قديم ترين اوزار به ٺهيا. اهو پٿر جو پرياتي دؤر يعني هڪ لحاظ کان Eiolithis جو دؤر آهي. ان کان پوءِ پٿر جو هيٿيون يعني اوائلي پيليوليٿڪ اوزارن جو دؤر سامهون اچي ٿو. اهو هيٿيون کوارٽرنزي (پلائيسٽوسين) ۽ پراڻن گليشل دؤرن جو زمانو آهي. اهو 20- لک سال اڳ جو زمانو آهي، جڏهن هومو هيبلس ڏرتيءَ تي گهميو رهيو هو.

ڏيڍ ملين يعني 15- لک سال اڳ جڏهن "ايو انسان" ظاهر ٿيو تڏهن به اوزارن جي صورتحال ساڳي هئي. ٻنهي مخلوقن جي وچ واري توٽي گڏيل دؤر ۾ رهائشي آبادیون، هٿ کهاڙيون ۽ باهہ جو استعمال نظر اچي ٿو. اهڙا اهم ماڳ Habor, Koobi Rora ۽ Omo آهن. بعد ۾ ترتيب وار اولدوواءِ (Oldivai)، شانداليا (Shandaliya)، چلهاڪ، گاديب، سولهياڪ، والونيٽ ۽ ٻيا ماڳ آهن.

ان کان پوءِ زمين جو کوارٽرنري دؤر ٻرپور نموني طاري ٿئي ٿو. جيڪو انٽر گليشل دؤر کان شروع ٿي. برفاني زمانو گذاري آخر ۾ هڪ انٽر گليشل دؤر تائين پکڙيل آهي. اهو لڳ ڀڳ 7- لک سالن کان 4- لک سال اڳ جو دؤر آهي جڏهن اوائلي پيليوليٿڪ دؤر هليو ۽ ائبي ويلين کان اڪيولين اوزار

سامهون آيا ۽ وڏن جانورن جو شڪار شروع ٿيو. هي اپن انسانن (Homo Erectus) جو ئي دؤر هو.

جڏهن وچون پيليوليٿڪ دؤر آيو، تڏهن باشعور انسان موجود هو. هي چار لک سال اڳ آخري انٽر گليشل دؤر جو وقت هو. هن دؤر ۾ اڪيولين اوزار نظر اچن ٿا، ان دوران زمين ڪوارٽرنري ڪان اينٽرو پوزوئڪ دؤر ۾ لڳ پڳ سادا ٿي لک سال اڳ داخل ٿي ۽ ان وقت ڪجهه اهڙيون گهڙاوتون به سامهون آيون، جن کي بت تراشي چئي سگهجي!

لڳ پڳ ٿي لک سال اڳ ڪان وٺي چاليهه هزار سال اڳ جي دنيا پٿر جي اوائلي وچين (وچون پيليوليٿڪ) دؤر تي مشتمل آهي ۽ ان عرصي ۾ باشعور انسانن جي هڪ نسل نيندرٿال جون سرگرميون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. انسان ذات ان زماني ۾ هڪ برفاٽو ۽ آخري انٽر گليشئل زمانو ڏٺو.

چاليهارو ڪن هزار سال اڳ هڪ ٻيو ۽ آخري برفاني دؤر ايريو. تڏهن نيندرٿال گم ٿي ويو ۽ ڪروميگنان نظر آيو. هي اوائلي پٿر جو پڇاڙڪو يعني مٿيون پيليوليٿڪ دؤر آهي. ڪن حالتن ۾ هي ميسوليٿڪ يا پٿر جو وچون دؤر به آهي. هن دؤر ۾ مڙدن جي تدفين، ڪپڙا سبي پائڻ، تير ڪمان، موسيقي، پالش ٿيل پٿري اوزار ۽ چترڪاري به ڏسجي ٿي. هي ماڻهو ميموٿ ۽ سانبر جا شڪاري هئا.

ان ڪانپوءِ يعني لڳ پڳ 13000 سال اڳ ڪان 4000 سال اڳ تائين ميسوليٿڪ دؤر شمار ڪيو وڃي ٿو، پر اهو اڄ تائين هڪ نسبتي سوال آهي. اهي سال شايد پاڪستان جي حوالي سان استعمال ڪري نه سگهجن. هتي اهي سال نيوليٿڪ ۽ چالڪوليٿڪ دؤرن جا به آهن.

اوزارن جي ارتقا

"ماڻهو" ڪير آهي؟ هن اهم ۽ منجهيل سوال تي اٽڪل 200 سال اڳ 'بنجامن فرينڪلن' (1790-1706ع) ڪالي هڪ آمريڪي دانشور راءِ ڏني ته، "ماڻهو اوزار ٺاهيندڙ جانور آهي!" ظاهري طرح ته هي عام رواجي جملو آهي، پر ان ۾ تمام بنيادي وصف ڏني وئي آهي، جنهن تي اڄڪلهه جا اڪثر محقق متفق آهن.

ان هوندي ۾ اهو جملو وضاحت طلب آهي. اوزارن جو استعمال فقط ماڻهوءَ جي سرگرمي ئي کوڻ آهي. کجهه جانور ۽ اوزار استعمال کن ٿا. اتر آمريڪا ۾ هڪ ايموفيلا (Ammophilla) نالي ڏينهوءَ جهڙي مخلوق رهي ٿي، جيڪا ننڍڙا پٿر هٿوڙي وانگر استعمال ڪري زمين کي ٽوس ۽ سخت ڪري ان تي آکيرو يا گهرڙو ٺاهي ٿي. کجهه پکي ۽ گول پٿريون اوزارن طور استعمال کن ٿا. پولڙي جو هڪ قسم "ببون" پٿرن سان هڏيون پيڄي ٿو. ماڻهوءَ کي ڇڏي اوزار ٺاهيندڙ ٻين سڀني جانورن ۾ هڪ ڳالهه مشترڪ آهي، يعني هو ڪو پٿر يا ڪاٺي هڪ پيرو ڪٽي استعمال ڪري پوءِ اڇلائي ڇڏين ٿا. اها فقط ماڻهوءَ جي ئي خاصيت آهي جو هو ڪنهن پٿر، ڪاٺي يا هڏيءَ کي شعوري طرح کا شڪل ڏئي ٿو ته سڀاڻي ان کي اثرائتي اوزار طور استعمال ڪري سگهجي. سو، فقط اها ئي اوزار گهڙڻ واري شعوري ڪوشش ماڻهوءَ کي ٻين جانورن کان جدا ڪري ٿي.

انساني نسل جي آدڇگادي ڏاڏن جڏهن جهنگ ۾ ٻيلا ڇڏي گاهه وارن ميداني علائقن ۾ رهڻ شروع ڪيو تڏهن هنن پنڌ ڪرڻ شروع ڪيو ۽ پوين ڇنڇهن تي هلڻ جو سلسلو شروع ٿيو. ان سان ان مخلوق جا اڳيان ڇنبا آزاد ٿي ويا. هاڻي، هنن اڳين ڇنبن يا هٿن سان ٻج، ميوا ۽ پاڻون ڪٽيون ڪرڻ شروع ڪيون. گاهه جي ميدانن ۾ اها ئي خوراڪ موجود هئي، جنهن تي انسان گذارو ڪري سگهيو ٿي. ان ريت هي انسان نما نسل هڪ نئين ماحول ۾ اچي ويو، پر ٻين خونخوار جانورن جو شڪار ٿيڻ کان پاڻ بچائڻ لاءِ هنن کي کجهه ٻيو ۾ ڪرڻو پيو.

انسان جا دشمن جانور طاقتور هئا. انهن کي تيز ڏند، ڪاتن جهڙا ڏند ۽ وڏن ڇنهن وارا ڇنبا هئا. انسان وٽ پنهنجي جسم ۾ اهڙو کوبه "قدرتي اوزار" کونه هو. انسان پنهنجي قد بت ۾ ايترا ننڍڙا ۽ کونه هئا جو پاڻ کي ڪاٺي سگهن ۽ ايترا وڏا ۽ کونه هئا جو ٻين جانورن کي ڊيڄاري پڄائي سگهن. ان ڪري انسان کي پنهنجو دماغ استعمال ڪرڻو پيو. اها انساني دماغ ۽ انساني هٿن جي گڏيل ڪوشش آهي جو قديم وقتن جو اهو ڪمزور انسان پنهنجو وجود ۽ نسل بچائي ۽ وڌائي سگهيو آهي.

اهڙي طرح دماغ ۽ هٿ تجربا ڪندا ويا ۽ اوزار ٺهندا ويا. شروع ۾ بي ڊنگا ۽ پوءِ بهتر کان بهتر. انسان شروع ۾ غالباً ڪاٺيون، پٿر ۽ وڏا هڏا

بچاءُ لاءِ استعمال ڪيا ۽ دشمن کي ڊيڄاري يا ويڙهه ڪائي پاڻ کان پري رکيو. اهڙي طرح هن اوزارن جو استعمال سمجهي ورتو. ضرورت ايجاد جي ماءُ آهي. ان ريت جڏهن هٿيار استعمال ٿيندا رهيا، موٽ ۾ انساني دماغ وڌيڪ کان وڌيڪ استعمال ٿيندو ۽ ڪلندو ويو.

شروع ۾ اوائلي ماڻهن قدرتي هٿيار ۽ اوزار استعمال ڪيا (ائين ئي ٻين جانورن به ڪيو آهي). پوءِ جيئن جيئن وقت گذرندو ويو ماڻهوءَ جي تجربي ۾ اوزارن جون بهتر شڪليون ايندیون ويون... ۽ پوءِ ايئن ٿيو ته ابتدائي انسانن مان ڪنهن شعوري طرح کو پٽري، هڏيءَ جو يا ڪاٺيءَ جو اوزار گهڙي ان کي بهتر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هوندي. ايئن ڪندي ڪندي هو پٿر جي پرياتي دؤر ۾ داخل ٿي ويو.

اسان ڏسون ٿا ته جتي جتي ميداني علائقن ۾ استرالوپٿيڪس رهيو، هن ڪاٺي ۽ پٿر کي اوزارن طور استعمال ڪيو. پر اهڙا پٿر جن بابت چئي سگهجي ته اهي شعوري طرح گهڙيا ويا هئا، هومو هيبلس نسل وارن جا گهڙيل هئا. ان ڪري اسان چئي سگهون ٿا ته اسان جي ناهيل وصف موجب هومو هيبلس ئي "سپ کان پهريان ماڻهو" هئا.

ان کان اڳ ۾ جو پاڻ "پهرين اوزارن" تي وڌيڪ بحث ۾ ويون، اهو ڏسندا ٿا هلون ته هومو هيبلس کان شروع ٿيل پٽري دؤر، جيڪو لکها سال جاري رهيو، کهڙن ڪهڙن ثقافتي مرحلن مان لنگهيو آهي. هومو هيبلس سان پٿر جو اوائلي دؤر شروع ٿيو ۽ ان وقت تائين هليو جڏهن عظيم برفاني دؤر جو خاتمو آيو ۽ گرم آبهوا هوائن بعد ڪليل ميدان وٽن سان ڊڪجي ويا. وڃين يا ميسوليٿڪ دؤر ۾ ماڻهن ڪن خاص شڪارن ۾ مهارت حاصل ڪئي. مثال طور: مڇي مارڻ يا ڪنهن ٻئي خاص جانور جو شڪار ڪرڻ. اوزارن جي شڪل صورت ضرورتن مطابق بدلبي رهي ۽ اهو سلسلو نيوليٿڪ دؤر سان زراعت جي مرحلي ۾ داخل ٿيڻ ۽ ڏاتوءَ جي دريافت تائين جاري رهيو آهي.

سپ کان اوائلي اوزارن مان هڪ وڊڻ يا ڇڻڻ جو اوزار (Chopper) آهي. هومو هيبلس جيڪي اوزار ڪاٺين مان ناهيا هوندا، سي وقت جي قبرستان ۾ ڪري کپي ويا. ان ڪري اسان سندن اوزارن بابت کو گهٽو ڪونه ٿا ڄاڻون. باقي، اڪثر اوزار ندين جي انهن ٺاڪرو ڪنڊين تان ملیا آهن، جن کي زماني

چلي ڇڏيو آهي. قديم لوڪن کي پٿر ڪنهن هڪ ڪم لاءِ استعمال ڪيو ۽ پئي پٿر کان هٿوڑي جو ڪم ورتو ۽ ڪن پٿرن کي ٻ ٽي ڏڪ هٿي چٽڻ لاهي هڪ اوزار چلي تيار ڪري ٿي ورتو. جيئن ته ان خاص اوزار جي ڏار تکي ٿيندي هئي، ان کي اهو پاڻون کوٽڻ يا ننڍا جانور مارڻ جي ڪم آيو يا ان سان شڪار جو گوشت ٻ اڏ ڪيو ويو. هي اوزار لڪها سالن تائين ٽهندو رهيو آهي. اهڙا اوزار اتر ڪينيا ۾ رودولف ڍنڍ (جنهن کي ٽرڪانا Turkana ڍنڍ ٻ چون ٿا) وٽان، ۽ ايٿوپيا مان اومو (Omo) ندي۽ وٽان مليا آهن. هتي آسٽرالوپٿيڪس ۽ هومو هيبلس موجود هئا.


انهن بي ڍنگن وڍيندڙ اوزارن ۾ سڌارو گهٽي وقت کان پوءِ آيو. بهتر Choppers اسان کي تنزانيا ۾ اولدو واءِ گهاٽيءَ (Olduvai Gorge) مان ملن ٿا. انهن اوزارن جون ڌارون وڌيڪ تکيون هيون. اهي پلي نوڪ جيان ۽ پاڻ ۾ وڌيڪ هڪجهڙائيءَ وارا آهن.


هوريان هوريان هڪ بهتر اوزار گهڙجي سامهون اچي ٿو. هيءَ "هٿ ڪهاڑي" آهي. اوائلي پيليوليٿڪ دؤر ۾ هن نئين اوزار اڳوٽي Chopper جي جاءِ ورتي ۽ لکن سالن تائين استعمال ٿيندو رهيو. هن اوزار کي خاص طور تي "ايپي انسان" جي وجود سان نسبت ڏجي ٿي، جيڪو "هومو هيبلس" کان وڌيڪ سڌريل هو. سڄي دنيا ۾ جتي جتي ٻ هٿ ڪهاڑي ملي ٿي. ان ۾ گهٽو ڪري هڪجهڙائي آهي. هيءَ هڪجهڙائي ڪنهن ڪاروباري سپلاءِ سبب ڪونہ هئي، پر سڄي دنيا ۾ انسان نسلن کان نسلن تائين اها ٽيڪنيڪ وڏائي ۽ منتقل ڪري رهيا هئا. سائنسدانن اڄي انسان جي پند پاهٽن جو اڀياس ڪندي اندازو هنيو آهي تہ هو ڪنهن نہ ڪنهن حد تائين ڳالهائي ٻ سگهندو هو، پر اهو هڪ جدا موضوع آهي.

هٿ ڪهاڑيءَ (Hand Axe) ۾ ڪنهن ٻ وڍڻي (Chopper) کان وڌيڪ خاصيتون آهن. هٿ ڪهاڑيءَ جي شڪل صورت وڌيڪ ترتيب واري ۽ متوازن آهي. اهي ڪڏهن ڪڏهن تہ ايتريون پلیون گهڙيون ٿي ويون جو انهن سان اهو مقصد پوريءَ طرح حاصل ٿي پئي سگهيو، جنهن لاءِ ناهيون ٿي ويون. يقيناً "ايپي انسان" لاءِ هٿ ڪهاڑي سڀ کان اهم اوزار هو، ڇاڪاڻ تہ اهو تمام ڊگهي عرصي تائين گهڙبو رهيو. هٿ ڪهاڑيءَ سان هڪ نہ، پر ڪيئي ڪم ونجي ٿي سگهيا.

اوزار ٺاهڻ جا طريقا:

سڄي پيليوليٿڪ زماني ۾ پٿر تراشڻ واري صنعت جون ٽي بنيادي صفتون يا طريقا رهيا آهن جن سان اوائلي ماڻهو پنهنجن اوزارن کي وڌيڪ کان وڌيڪ نفيس ۽ ڪارائتو ڪندا ويا. اهو سلسلو 20 لک سال اڳ آسٽرالوپٿيڪس جي ٻي ڊولن اوزارن کان شروع ٿي 25 هزار سال اڳ ڪرومينگنان جي نوڪدار (پن جي شڪل وارن) اوزارن تائين هلندو رهيو. اوزار ٺاهڻ جا ٻه اوائلي طريقا: "ضربون هڻڻ" ٽي ٻڌل آهن جن ۾ ڪو پٿر يا هڏيءَ جو هٿوڑو ڪنهن ٻئي مناسب پٿر جي مٽاچري ٽي اهڙي طرح هٿبو آهي جو ان جو تيز ڌار ڇٽڻ لهي پوي. ٻيون طريقو جيڪو ڪافي پوءِ اختيار ڪيو ويو. ان ۾ ڪنهن نوڪدار اوزار سان ٻئي پٿر جي سطح تان ڇٽڻ ڏيڻ جي ذريعي لاٿو ٽي ويو. ان ريت سهڻي طرح چليل ۽ تيز ڌار ڇٽڻ لهي ٽي پيو. انهن ٻنهي طريقن مان ڪو هڪ طريقو چونڊڻ جو ذاومدار ان ڳالهه تي هو ته ڪاريگر کي اها چگي طرح خبر هجي ته ڪهڙي قسم جو پٿر ڪهڙي ٽيڪنڪ سان ڪهڙو ڇٽڻ ڏيندو. سڄي دنيا ۾ پٿري دور جي ماڻهن کي اها وڌيڪ سڃاڻپ هئي ته ڪهڙي قسم جي پٿر مان ڪهڙو ۽ ڪيئن اوزار ٺاهجي. اوائلي انسان جي اها صلاحيت جنهن سان هو پٿر سڃاڻڻ ۽ اوزار گهڙڻ جو ڪم ولندو رهيو، سائنسدانن لاءِ ڏاڍو دلچسپ موضوع آهي. ڪو مخصوص اوزار ڪهڙي مخصوص طريقي يا ٽيڪنڪ سان ۽ پٿر کي ڪٽي ڪٽي ضربون هٿي تيار ڪيو ويو هوندو، فقط سوچڻ جو ٿي نه، عملي طور ائين ڪري ڏسڻ جو ڪم هيو. ان لاءِ سائنسدانن پاڻ مختلف قسم جي پٿرن کي پٿرن سان هڏين سان ۽ ڪائين سان ضربون هٿي ڏنو ۽ پوءِ جڏهن هو اصل طريقا ڳولڻ ۾ ڪامياب ٿيا، تڏهن هنن محسوس ڪيو ته ڪوبه اوزار پنهنجي گهربل شڪل ۾ فقط ان مهل ٽي آيو جڏهن ڪاريگر پنهنجي ذهن ۾ ان اوزار جو تصور ٽي رکيو ۽ چاٽو ٽي ته ڪهڙي پٿر (Core) کي ڪٽي ڪٽي، ڪهڙي قسم جي هٿوڑي سان ۽ ڪيتري طاقت سان ضربون هڻجن.







پٿر ٽي پٿر هڻڻ جي ٽيڪنڪ:


(i) هن طريقي سان پٿر جو هٿوڑو ان پٿر ٽي هنيو ٽي ويو جنهن مان اوزار ٺاهڻ مقصود هو. هن ٽيڪنڪ ۾ ڪاريگر پٿر جي هٿوڑي مان ٻئي پٿر جي ڪناري جي پويان ڏڪ ٽي هنيــر جنهن جي نتيجي ۾ ٻئي پاسي کان هڪ ڇٽڻ لهي ٽي پيو ۽ ان هنڌ ڪٽاءُ نهي ٽي پيو.

(ii) هن ٽيڪنڪ ۾ Core کي هٿ ۾ جهلي ٻئي پٿر ٽي اهڙي طرح ٽي هنيو ويو جو هٿ ۾ جهليل پٿر جا ڇٽڻ لهندا وڃن. هيءَ هڪ ڏکيو طريقو هو پر تڏهن به ڪڏهن ڪڏهن ان طرح به اوزار ٺاهيا ويا.





گول پٿر (Pebble) کي گهڙي ان مان اوزار ٺاهڻ جو سلسلو به ٽنڪا سان ٽائين رائج رهيو. هن تصوير ۾ توهان ڏسي سگهو ٿا ته ڪيئن هڪ پٿر ٽي ضرب 1 ۽ 2 هٿي ڇٽڻ لاڻ ويو. ان کان پوءِ انهن ضربن جي وچ ٽي ۽ پاسن کان ضرب نمبر 3 ۽ 4 هٿي پٿر کي نوڪدار يا تيز ڌار واري اوزار جي ابتدائي صورت ڏني وئي.





ڪنهن پٿر ڪي مختلف زاوين، مختلف هٿوڙن ۽ مختلف قوت سان (هوريان يا زور سان) ضربي مختلف شڪلين وارا چٽڙ لاٿا وڃن ٿا. ان ريت هر چٽڙ گهربل ماپ ۽ زاوئي موجب لهي ٿو. پٿر ڪي جڏهن ڄاڻي واڻي ضرب هڻي چٽڙ لاٿو وڃي ٿو تڏهن لهندڙ چٽڙ ۽ Core تي ڪي خاص نشانيون پيدا ٿيندیون آهن. چٽڙ تي بلب "آپار" هوندو آهي جڏهن ته Core ۾ گهُب ٿهندو آهي. قدرتي طور پڳل پٿر تي اهي نشانيون ڪونہ ٿيندیون آهن.






دباءُ سان چٽڙ ٽاهڻ:

ڪاٺ، هڈي يا پٿر جي نوڪدار اوزار سان ڪاريگر اوزار جي هيٺئين پاسي تان دباءُ جي ذريعي سڌيون چٽڙيون لاهي ٿو. دباءُ جي اها حرڪت ڪجهہ هيٺئين پاسي هوندي آهي.

ضرب واري ٽيڪنڪ:


هڈي يا ڪاٺ جي هٿوڙي جي استعمال سان، اوزار ٺهڻ جي آخري مرحلي ۾ ڪاريگر اوزار جي ڪناري تي هڪ تسلسل سان بار بار ضرب هڻي ننڍڙيون چٽڙيون لاهي ٿو. جڏهن ته پهرين مرحلي ۾ پٿر جي هٿوڙي سان اوزار کي ابتدائي شڪل ڏني ٿي وئي.





اڪيولين هٿ ڪهاڑي ضرب واري ٽيڪنڪ جو نمونو آهي، هن ٽيڪنڪ ۾ پڻ ڏسي سگهجي ٿو ته هٿ ڪهاڑيءَ جا ڪنارا ٻيهر هلڪين ضربن سان وڌيڪ تکا ڪيا ويا آهن. مٿي ڏيکاريل اوزار دباءُ واري ٽيڪنڪ سان ٺاهيل آهي جنهن مان ظاهر آهي ته ان تان چٽڙ لهڻ جو عمل وڌيڪ ضابطي ۾ هو ۽ اوزار نفيس ٿي نهيو.


اٽڪل ڏيڍ لک سال اڳ اوزار ٺاهڻ جي فن ۾ هڪ ڊرامائي سڌارو آيو. هي سڌارو اوائلي باشعور انسان ۾ اها صلاحيت اپرڻ سبب ٿيو جو هاڻي هو هڪ رواجي پٿر ۾ لڪل پنهنجي مطلب جو اوزار ڏسي ٿي سگهيو. ان صلاحيت کان پوءِ هو سمجهي سگهيو ٿي ته اهو اوزار ترتيبوار ڪهڙن مرحلن مان گذري تيار ٿيندو ۽ ان تي ڪهڙي مرحلي دوران ڪهڙي ٽيڪنڪ استعمال ٿيندي.



THE LEVALLOIS FLAKE has a distinctive predetermined shape. A nodule is prepared by trimming its sides (*top*). This core is further refined by flaking small chips from both surfaces (*centre*). A final brisk blow at one end removes the finished flake (*bottom*), already sharp and in need of no further retouching.

THE LEVALLOIS POINT is begun in exactly the same way, except that in the second stage, instead of chipping the top surface, the maker drives off two large parallel flakes (*middle*), leaving a ridge down the centre. A light blow then removes a small flake from one end; one final blow drives off the point.


BLADE CORE TECHNIQUE



اڇري بُڻ (Blade Core) ٽيڪنڪ:


هڪ وڏو چقمقي پٿر کڻي ان کي ٻئي پٿري هٿوڙي جي ضرب سان ٻه اڌ ڪيو وڃي ٿو. ان کان پوءِ ڪوبہ هڪ اڌ ڪٽي ڪاريگر ان جي چٽي پاسن کان هلڪين ضربن سان چرين جهڙا ڊگها چٽا لاهي ٿو. ان ريت باقي بچيل پٿر (Core) جي صورت بندوق جي گولين جهڙي ٿي پوي ٿي.

MAKING A BURIN FROM A BLADE



چَريءَ مان سنگ تراشيءَ وارو اوزار ٺاهڻ:

چُريءَ (Blade) کي هڪ خاص زاوئي سان (ڪاپي پاسي واري صورت) ٽوڙيو وڃي ٿو. ٻئي مرحلي ۾ ڪنهن هڏي، سِگ يا ڪاٺ جي هٿوڙيءَ سان ڪنارن تي مڏيون ڏنديون چلي ان کان پوءِ اوزار جو هڪ يا ٻئي پاسا توريل تکيل ضربن سان لاٿا وڃن ٿا.



بليڊ مان نوڪدار اوزار ٺاهڻ جا ٻہ طريقا آهن. يا تہ بليڊ کي هٿ ۾ جهلي ڪنهن پٿر تي نيڪي ڪاٽ يا هڏيءَ جي هٿوڙيءَ سان خاص هنڌ تي ضرب هڻجي. ٻيو تہ ضرب نہ هڻجي پر بليڊ کي پٿر سان ٽيڪي هٿ سان هڪ خاص زاويي ۾ دٻاءَ وجهجي.

"اُپي انسان" ان اوزار جي مدد سان زمين مان ٻوٽا کوٽي خوراڪ حاصل ٿي ڪئي، جانور ٿي ماريا، گوشت ويڙهڻ لاءِ استعمال ۾ آندي ۽ ڪل ويڙهڻ ۽ ڪرچي لاهڻ جو ڪم ورتو ۽ ڪڏهن ڪڏهن ته ننڍا وڻ به ڪيرايا ٿي. ڪجهه سائنسدانن جو اهو به خيال آهي ته قديم انسان هٿ ڪهاڑيءَ کي اچلائي هٿڻ واري هٿيار طور به استعمال ڪيو، جاڪاڻ ته اها نوڪدار هئي ۽ شڪار کي زخمي ڪري پئي سگهي.

اولدواءِ گهاٽيءَ ۾ موجود ڊپازٽس ٻڌائين ٿا ته هٿ ڪهاڑي اوپر آفريڪا ۾ 25- لک سال اڳ ايجاد ٿي. ساڳئي وقت ۾ يورپ مان صرف تمام قديم اوزار ملن ٿا. Chopper ۽ ڪجهه استعمال ٿيل ايڏنگا پٿري ٽڪرا يوگوسلاويه جي شانداليا غار مان مليا هئا. جڏهن ته ڪجهه ايترا ئي سادا اوزار ڏکڻ فرانس ۾ چلهاڪ وٽان مليا.

ان وقت يورپ انساني آبادي جي پکيڙ جي لحاظ کان هڪ ڇيڙي تي هو. جنهن ۾ اُپو انسان موجود هو، جنهن وٽ هٿ ڪهاڑي هئي. هٿ ڪهاڑي هڪ پيرو يورپ ۾ متعارف ٿي ته اها ڏکهي عرصي تائين اتي موجود رهي. سائنسدانن هاڻي يورپ ۾ اهڙيون ڪافي هٿ ڪهاڑيون ڳولي لڌيون آهن. هٿ ڪهاڑيءَ جي موجودگي ڪٿي گهٽ ته ڪٿي وڌيڪ شايد ان ڪري به آهي ته هر هنڌ چقمقي پٿر موجود ڪونه آهي، جيڪو هٿ ڪهاڑي ٺاهڻ لاءِ سڀ کان بهتر خام مال آهي.

چقمقي پٿر هڪ اهڙو پٿر آهي جنهن تان سولائي سان ۽ مرضيءَ موجب چٽڻ لاهي يا چلي سگهجي ٿو. جلد ئي چقمقي پٿر هٿيار ٺاهڻ جي حوالي سان اهميت وٺي ويو. سائنسدانن اها ڳالهه خاص طور نوٽ ڪئي آهي ته برطانوي ندين ۾ فرانس جي ماٿرين ۾ چقمقي پٿرن جون هٿ ڪهاڑيون هزارن جي تعداد ۾ لڌيون ويون آهن.

هٿ ڪهاڑي ۽ Chopper ۾ هڪ ڳالهه مشترڪ به آهي. يعني، اوائلي هنرمند هڪ چقمقي پٿر کٽي ان کي گهڙيو ٿي ۽ جڏهن هن جي مطلب جو اوزار تيار ٿيو ٿي، هن تڏهن بس ٿي ڪئي. اٽڪل ايائي لک سال اڳ اوزار ٺاهيندڙن هڪ نئين ٽيڪنيڪ دريافت ڪري ورتي. هاڻي، هنن بدران ان جي ته هو بنيادي پٿر (Cores) مان اوزار چلين، هنن هڪ ڏڪ سان پٿرن جا چٽڻ لاهي استعمال ڪرڻ شروع ڪيا. انهن چٽڻن جي بيهڪ اتفاقي ڪونه هئي.


اوزارن جو استعمال:

ڪوٽاين دوران جيئن جيئن اوزار ملندا ويا، تيئن تيئن انهن کي شڪل ۽ ڪم جي امڪاني نوعيت موجب ٽالا ڏنا ويا. انهن اوزارن جي استعمال بابت خاطريءَ سان ته نٿو چئي سگهجي پر هائوڪن اوزارن سان انهن جي هڪجهڙائي، شڪار جي طريقن ۽ سادي شڪار جون ضرورتون وغيره ذهن ۾ رکي مناسب ٽالا ڏنا ويا آهن. ڪن اوزارن بابت اڃا تائين خبر پئجي نه سگهي آهي ته اهي ڪهڙي ڪم جا هئا؟ انهن کي محض شڪلين جي آڌار تي ٽالا ڏنا ويا آهن.




A CHOPPING TOOL, usually fashioned from a fist-sized rock, was an early, all-purpose implement. It might have been used for hacking wood, cracking bone or as a weapon in fighting.

وڍڻ جو اوزار




A LATER HAND-AXE shows the more finely finished edge made possible by the baton technique. These tools of various sizes were probably widely used in skinning and cutting up game.

گهڻن ڪمن واري هٿ ڪهاڑي




A SIDE-SCRAPER, used to dress hides, is the typical tool of the advanced Mousterian industry always found at Neanderthal sites. These easily made flakes had strong retouched edges.

ڪل صاف ڪرڻ ۽ ڇلڻ جو اوزار



A BORER, formed on a retouched flake, was probaby used as an awl to punch holes in animal skins. If so, the appearance of borers may possibly mark the first preparation of clothing.

سوراخ ڪرڻ جو اوزار




A BURIN, the characteristic tool of the Upper Palaeolithic, occurred in many varieties. Its chisel blade could gouge two parallel cracks in antlers and then break out slender needles.

ڪاٺ ۽ پٿر کي ڇلڻ ۽ ڪوٽڻ جو اوزار




A POLYHEDRAL STONE, so called because of its many battered faces, was probably used to smash and split bones, and as a thrown missile to bring down animals and perhaps enemies.

هڏيون ڀڃڻ، ڇڻڻ ۽ اڇلائي هڻڻ جو اوزار




A PRIMITIVE HAND-AXE was a pick-like tool, rather crudely worked on both surfaces and with a fairly sharp point. It may have been used to dig edible roots and tubers from the ground.

اوائلي هٿ ڪهاڑي




A LEVALLOIS POINT with its sharp edges and prepared surface was well suited to mounting on a lance. Used for attack and for defence, it was probably thrust rather than thrown.

نيزي جي نوڪ



A DENTICULATE TOOL or notched piece, may have been used like a spokeshave to shape wood. This may have been the first tool which, not directly useful, served in the making of others.

ڪاٺ گھڑڻ جو ڏندن وارو اوزار




A BACKED FLAKE, so called because it has a dulled back edge like a pocket knife, was an all-purpose cutting tool made on long, core-struck blades. It could cut flesh quite easily.

عام استعمال جي چُري



A GRAVETTE POINT, one of many knife-like backed blades of the Upper Palaeolithic, may have been hafted on to a spear for throwing. This tool is only found at certain Cro-Magnon sites.

ڏندن واري نوڪ (ڪروميگنان ٽوڪن جو اوزار)



پیلیولیتک دور جا اوزار


هر هڪ ڇڻڻ مرضيءَ جي ماپ جو لاڻو ٿي ويو. پٿر گهڙڻ جي ٽيڪنالاجيءَ ۾ هي ڇٽڪ هڪ نئين، وڏي ۽ مڪمل وڪ هئي يا هڪ نئين دؤر جي شروعات هئي. هي وچون پيليوليٿڪ دؤر هو.

هيءَ تبديلي شايد ڪو اتفاق ڪونہ هو، پر نئين ٽيڪنالاجيءَ مان لڳي ٿو تہ هي هڪ نئين انساني نسل جا اهجاڻ هئا. هي "باشعور انسان" (Homo Sapiens) هئا، سوچيندڙ انسان. جيتوڻيڪ هي بہ هاڻوڪي انساني نسل سان تعلق رکندڙ هئا پر اهي هوبهو اسان جهڙا ڪونہ هئا. اصل ۾، اهي ان وقت بہ ڏسڻ ۾ هڪجهڙا ڪونہ هئا ۽ هڪبئي کان جدا لڳندا هئا. هن جا ڪيئي جدا جدا نسل هئا.

اوزار جي ترقيءَ جو سڌو تعلق دماغ، هٿ ۽ خود انسان جي ترقيءَ سان آهي. وچين پيليوليٿڪ دؤر تي تحقيق ڪندڙ سائنسدانن ڪافي سوچ ويچار ڪانپوءِ اوزارن جي استعمال کي نظر ۾ رکي درجي بندي ڪئي آهي. ڪٽڻ جي اوزارن کي هڪ پاسي کان تيز ڌار آهي، جيڪا سڌي بہ ٿي سگهي ٿي ۽ آريءَ جي ڪانچن وانگر بہ. اهي ٽلهن چڻڻن مان ٺاهيا ويا، جيڪي سڌا بہ هيا ۽ غالباً مڙيل بہ. نوڪدار اوزار سنهڙن چڻڻن مان گهڙيا ٿي ويا.

اڄڪل چاليهن کان پنجاهہ هزار سال اڳ جديد انسان جنهن کي Homo Sapiens, Sapiens چيو ٿو وڃي، ظاهر ٿيو. هن جديد انسان سان بنهہ مختلف ۽ تمام نفيس پٿري اوزارن جو سلسلو جڙيل نظر ٿو اچي، جنهن سان وچون پيليوليٿڪ دؤر پورو ٿي وڃي ٿو ۽ آخري پيليوليٿڪ دؤر شروع ٿئي ٿو. هن دؤر جي اوزارن جون خاصيتون پٿر جي انهن چڻڻن سان جوڙيون وڃن ٿيون، جن ۾ اوزارن جي ڊيگهہ ان جي ويڪر کان ڪافي وڏي وڃي ٿي. هي بليڊن ڏانهن اشارو آهي يا اسان انهن کي ڪٿي ڇريون ڇئون!

آخري پيليوليٿڪ اوزار ٺاهيندڙ يقيناً پنهنجي ڪم ۾ ماهر هئا. ڇاڪاڻ تہ هو ڪنهن بہ هڪ چقمقي پٿر (Core) مان خوبصورتيءَ سان ڪافي بليڊ ڇلي سگهندا هئا، جن جون ڌارون اڃا بهتر ڪري پيون سگهجن. اوزار کي آخري صورت ڏيڻ لاءِ پٿر جي مدد ضروري ڪونہ هئي، اهو ڪم هڏين يا ڪاٺ جي هٿوڙن سان ڪيو ٿي ويو يا بليڊ کي گهٽائڻ سان شڪل ڏني ٿي وئي. ياد رهي تہ چقمقي پٿر سولائيءَ سان ڇڄي سگهي ٿو، ان تي ٻين پٿرن جي ٻيٽ ۾ بهتر طور ڪم ڪري سگهجي ٿو.



آخري پيليو ليٽڪ جا سانپر جي شڪارين جا اوزار

آخري پيليوليٿڪ دؤر جا ماڻهو ميموٿ (هاٿي) ۽ سانپر جو شڪار ڪندا هئا. ان ڪري هن کي هر قسم جي سڌريل اوزارن جي پوري پوري ضرورت هئي. انهن ۾ شايد سڀ کان سهڻا اهي اوزار آهن جن کي ماهر "پَن جي شڪل واريون نوڪون" چون ٿا. اصل ۾، انهن جي بنيادي صورت هٿ ڪهاڑي آهي. جنهن کي ان زماني جي ماڻهن هي نئين شڪل ۽ استعمال ڏنو. ان اوزار ۾ بليڊ واري صنعت جو عمل دخل موجود آهي.

توڙي جو ان اوزار جي بنيادي شڪل صورت هٿ ڪهاڑيءَ واري آهي، اهي نوان هٿيار ڏاڍي هوشياريءَ سان ۽ ٻنهي پاسن کان چلايا ويا، تان جو پالي جي نوڪ ٺهي پئي، جيڪا وڻ جي ٻن جهڙي هئي ۽ ذري گهٽ ايتري ئي سنهڙي هئي. ٻيا بنيادي اوزار بليڊ يا چٽڙ هئا، جن ۾ ڪرچٽيون ۽ شامل آهن، جن مان ڪاٺ ۽ ڪلون صاف ڪرڻ جو ڪم ورتو ٿي ويو. ٻيا اوزار سانپر جي سگهن ۽ هڏين تي ڪم لاءِ ڇيٽين طور استعمال ٿيندڙ هئا. ڪن اوزارن جو مقصد اڪر ڪرڻ، هڏين، ڪاٺ يا ڪل ۾ سوراخ ڪرڻ هو. ڪيئي قسمن جون ڇريون، نوڪون ۽ ٻيا نمونا به هئا.

جيتوٿيڪ بليڊ گهڙڻ واري ٽيڪنالاجيءَ لاءِ چقمقي پٿر هڪ عاليشان خام مال هو، پر ان ۾ هڪ وڏي مشڪل به هئي. چقمقي پٿر هر هنڌ نٿو ملي. ان وقت يورپ ۾ جتي جتي انسان موجود هو، انهن هنڌن مان فقط برطانوي ٻيٽ، اتر فرانس ۽ بيلجيم کان اتر جرمني ۽ پولينڊ ئي سهوليت وارا ماڳ هئا. ان کان مٿيان يعني اتر وارا علائقا برف سان ڍڪيل هئا. هاٿي مجبوري اها هئي ته اوزار ٺاهڻ لاءِ خام مال فقط چقمقي پٿرن جي ڊپازٽس وارين ٽڪرين مان يا ندين جي ماڻرين مان هٿ ڪري پيا سگهجن.


سو، يورپ ۾ چقمقي پٿرن وارن علائقن ۾ رهندڙ شڪاري خوش قسمت هئا. باقي ٻين شڪارين لاءِ ان کانسواءِ ڪو ٻيو رستو ڪونه هو ته هُو مناسب مندن ۾ اتر پاسي مهم جوئي ڪري چقمقي پٿر ميڙي اچن يا اتر پاسي رهندڙ لوڪن سان ڪنهن ٻئي سامان جي بدلي مٽاسٽا ڪن. ڪڏهن ڪڏهن هن کي مجبوريءَ وچان چقمقي پٿر تان هٿ ۾ ڪٽو پوندو هوندو ۽ مقامي پٿرن تي گذارو ڪرڻو پوندو هوندو، مثال طور ڪوارٽيزائٽ، Horn Stone يا Obsidian. حقيقت ۾ Obsidian چقمقي پٿر جيترو ئي سٺو آهي، پر اهو مقدار ۾چقمقي پٿر کان به گهٽ آهي.

جڏهن ٽنهي پيليوليٽڪ دؤرن جا اوزار هڪجهي جي پرسان رکجن ٿا تہ انهن جي ٽيڪنيڪ، ماپ طور جي شڪل صورت ۽ استعمال سڀ ظاهر ٿي پون ٿا. صاف نظر ٿو اچي تہ وقت سان انهن ۾ بهتري ايندي وئي آهي، نفاست وڌي آهي ۽ ماپ گهٽي آهي. سائنسدانن جو خيال آهي تہ يورپ ۾ ماپ جي گهٽجڻ جو تعلق چقمقي پٿر جي کوٽ سان آهي ۽ شڪارين چقمقي پٿر بچائڻ جي کوشش ڪئي آهي. ضروري نہ آهي تہ سائنسدانن جي ان راءِ کي اسان سنڌ ۾ بہ اهميت ڏيون ڇاڪاڻ تہ سنڌ ۾ چقمقي پٿر ايتري گهٽي تعداد ۾ آهن ۽ اتي ايترو گهٽو اوزار ٺهيو آهي جو ماهر روهڙي -ڪوٽڏيجي ٽڪرين کي دنيا ۾ پٿري دؤر جي سڀ کان وڏي "فيڪٽري زون" جي نظر سان ڏسن ٿا.

اوزارن جي ماپ ۾ گهٽتائي هوريان هوريان ان حد تائين اچي پهتي جو انهن ننڍڙن اوزارن کي مائڪروليٽس جو نالو ڏنو ويو. هاڻي، پٿر جون نوڪون ٽڪنڊي يا Trapezoid شڪل ۾ ننڍن بليڊن مان ٺاهيون ٿي ويون. انهن جي ماپ محض اڌ انچ جيتري هئي. ان ريت مائڪروليٽس جي ابتدا پيليوليٽڪ دؤر جي پڇاڙيءَ ۾ ٿي ۽ اها صنعت ميسوليٽڪ دؤر ۾ پنهنجي عروج تي پهتي. ان وقت ۾ اڪثر يورپ گهاٽن ٻيلن هيٺ هو ۽ اتي ڊگهيون مسافريون ڪرڻ عملي طرح ناممڪن هو. ان وقت ۾ چقمقي پٿر جي وڏندڙ کوٽ سبب يورپ ۾ ٻيو مقامي پٿر اوزارن ۾ ڪتب آيو.

آخري پيليوليٽڪ زماني جو ماڻهو ان قابل هو تہ هو پنهنجي وڏندڙ قابليت سبب خام مال جي کوٽ کي منهن ڏيئي سگهي. هاڻي، هن پنهنجا ننڍا ننڍا اوزار هٿين (Handles) ۾ مڑهڻ شروع ڪيا. اوائلي هٿيارسازن يا هنرمندن هٿيارن/ اوزارن جي مڊين پٽين کي چمڙي جي ڏورين سان هٿين ۾ مضبوطيءَ سان ٻڌڻ شروع ڪيو يا وري ايئن ڪيو جو ڪاٺ، هڏي يا ڳاڙهي جي سگ کي چيري ان ۾ ننڍا ننڍا بليڊ ڏنڊن وانگر ڳاسائي هٿئي کي ڏوريءَ سان سڪ ٻڌي ٽي ڇڏيو. مائڪرولٿ اوزار هٿئي کان سواءِ استعمال ڪري نہ ٻيا سگهجن. ان ريت اسان جڏهن ميسوليٽڪ يا مائڪروليٽڪ بليڊ ۽ ڪاڙيون ڏسون ٿا تہ اهي پڻ ڪاٺ يا ڳاڙهي جي سگ ۾ مڑهيل ڏسجن ٿيون.

ان کان پوءِ جو زمانو نيوليٽڪ اوزارن جو آهي، جنهن ۾ سڀ کان وڌيڪ پيداوار بليڊن جي آهي. هٿيارن جي هن ڊگهي تسلسل ۾ اسان رڳو



نیولیټک دور ې روزانې استعمال جا اوزار

پٿري اوزارن جو ذڪر ڪيو آهي. جڏهن ته انهن اوزارن سان گڏ هڏين، سگهن ۽ ڪاٺ مان پڻ بي حساب ۽ مختلف قسمن جا اوزار پٿري ڇيڻين سان ڇلي تيار ڪيا ويا پر هاڻي اهي باقي نه رهيا آهن يا تمام ٿورڙا هٿ اچي سگهيا آهن.

اوائلي شڪاري

ماڻهو موسمن کي بدلائي نٿو سگهي، ان ڪري هن هميشه پاڻ کي موسمن موجب بدلايو آهي. اهو سچ آهي ته باقاعدي شڪاري ٿيڻ کان اڳ به اوائلي ماڻهو شڪار ڪندو رهيو آهي پر ان دؤر ۾ هن جي مکيه خوراڪ نباتيات هئي. اهو ئي سبب آهي جو جڏهن به اوائلي انسان جي خوراڪ جو ذڪر ايندو آهي ته ايئن ئي چئبو آهي ته هو شڪاري ۽ ڏوٿي (Hunter-gatherer) رهيو آهي. اوزار جو بنياد زندگيءَ لاءِ سهوليت پيدا ڪرڻ آهي پر هٿيار جو بنياد شڪار ڪرڻ ۽ شڪار ٿيڻ کان بچڻ جو جتن ڪرڻ آهي.

آسٽرالوپٿيڪس وٽ فقط Choppers هئا، تنهنڪري هن جو گهٽو نٿو جيڪو نباتيات تي هوندو، پر جيڪڏهن کو نندو جانور وڃه ۾ آيو هوندس ته ان جو شڪار ضرور ڪيو هوندائين. اوزار جي تياري جو مقصد ضرورتن جي پورائي ڪرڻ هو خاص ڪري موسمي حالتن کي منهن ڏيڻ ۽ خوراڪ هٿ ڪرڻ. اها سڏي سئين بقا جي جنگ هئي، جنهن ۾ آسٽرالوپٿيڪس ۽ پوءِ هومو هيبلس لوڪ هٿ ۾ فقط ابتدائي هٿيار جهلي بيٺا هئا ۽ "شڪاريءَ کان وڌيڪ شڪار" هئا.

جيتوڻيڪ هن جي زندگي سادي هئي پر جيڪي لاءِ ڪين گهٽيئي ڪم ڪرڻا ٿي پيا، هڪ وحشي ماحول ۾ پاڻ کي بچائڻ ۽ انهن وحشتن مان پنهنجي بقا جو سامان ۽ خوراڪ هٿ ڪرڻ. بعد وارن زمانن ۾ مخصوص شڪارن لاءِ مخصوص هٿيار سامهون آيا. پر، هومو هيبلس وٽ فقط هڪ Chopper هو، جنهن جي مدد سان هن خوراڪ هٿ ٿي ڪئي. جيئن اڳ ۾ چيو ويو، پيليوليٿڪ لوڪ ڏوٿي - شڪاري هئا. هنن جي زندگي جو دارومدار فقط فطرت ۽ قسمت تي هو. جيڪو ڪجهه ڪين مليو يا سامهون آيو، بس اهو ئي کائڻو هو.

جڏهن مند گرم هئي تڏهن خوراڪ به جام هئي. وٽن ۾ هوتن ۾ ميوا هئا. هوتن جون پاڙون هيون ۾ زمين ۾ قدرتي طور پيدا ٿيندڙ پاڇيون ۾ ڪنيبون هيون. هو پاڙون کوٽي ڪٽيون ڪري کائي چڏيندا هئا. انهن حالتن ۾ غالباً عورتون ۾ هار ميو ۾ پاڙون جمع ڪرڻ جي ڪم تي لڳل هئا ۽ جام خوراڪ جمع ٿي ويندي هئي. سندن کاڌي ۾ ڪجهه ٻيون شيون به شامل هيون. ڪوڏ، سانبا، ماکي، بيدا، کوپن واريون مڇيون ۾ هر اهو جانور ۾ پکي جيڪو سولائيءَ سان جهلي سگهجي.

ايئن لکها سال ٿيندو رهيو ۾ پوءِ جڏهن جاگرافيائي تبديلي آئي ۽ عظيم ٿڌ وارو زمانو شروع ٿيو. تڏهن صورتحال بدلجي وئي. هن ڏکين حالتن ۾ جيڪي برفاني دؤر سبب پيدا ٿيون، ڏرتيءَ جي اترين حصي جو وڏو اڌ برف هيٺ ڍڪجي ويو. جتي برف نه پهتي اتي پڻ سرديءَ ۽ پاري وڻ سڪائي چڏيا. سمورا منظر بدلجي ويا. اتر وارن علائقن مان وڻ ۽ ٻيلا ختم ٿي ويا. فقط گاهه جا کليل ميدان ۽ جميل ڍنڍون يا آلا پٽ وڃي بچيا. بس اتي ئي ڪٽي ڪٽي کو وڻ بچيو جيڪو ڪنهن اوٽ ۾ يا محفوظ لاهين تي هو. ٿڌين مندن ۾ گاهه جام پيدا ٿيو ۽ جانورن لاءِ چارو بڻيو. هي چراگاهه جانورن جي جنت بڻجي ويا ۽ شڪار جام ٿي ويو.

اسان ڏسون ٿا ته تازي برفاني دؤر ۾ ميموٿ ۽ اوني ڪل واري گينڊي جو نسل ڪافي هو، ان ئي زماني ۾ جهنگلي سانن، جهنگلي گهوڙن، قاڙهن ۽ سانبرن جا به وڏا ڏڻ هئا. ننڍا جانور جهڙوڪ، بگهڙ، برفاني لومڙيون، برفاني سها ۽ پکين جا ڪافي قسم به وڏي تعداد ۾ هئا. ان ڪري اهو تصور ڪرڻ گهٽو ڏکيو ڪونه آهي ته ان ماحول ۾، جڏهن پيليوليٿڪ انسان لاءِ خوراڪ جا نباتياتي ذريعا گهٽجي ويا هئا، تڏهن ان شڪاري زندگيءَ طرف رخ ڪيو هوندو. ان ريت شڪار ئي سندن زندگيءَ جي بقا جو اهم ذريعو ۽ ڪرت بڻجي ويو ۽ هو هڪ سگهارو ۽ ماهر شڪاري بڻجي ويو.

هاڻي صورتحال وڃي اها بيٺي ته جن علائقن ۾ ميموٿ تمام گهٽا هئا، اتان جي پيليوليٿڪ لوڪن ميموٿ جي شڪار ۾ مهارت حاصل ڪري ورتي. پيليوليٿڪ دؤر جي پڇاڻي وقت اسان کي سانبر، قاڙهن ۽ گهوڙن جا ماهر شڪاري ٻڌجن ٿا. اسان بهرحال، ايئن به نٿا چئي سگهون ته انسان رڳو برفاني دؤرن ۾ جانورن جي گوشت تي گذارو ڪندو رهيو پر حقيقت اها آهي

تہ گرم وقفن دوران جڏهن نباتيات بهتر ٿي، هو تڏهن بہ شڪار ڪندو رهيو. هن کي پنهنجن انسان نما وڏڙن کان ورثي ۾ گوشت مان پروٽين حاصل ڪرڻ جي عادت هئي. جانورن مان حاصل ڪيل پروٽين ۽ نباتيات مان حاصل ٿيل وٽامنز انسان کي جسماني ۽ ذهني طرح ايڏا بہ بهتر ڪيو.

انسان پهريون شڪار ڪڏهن ڪيو هوندو؟ ان جو جواب شايد ڪوبہ ڏئي نہ سگهي. اها راءِ وڌيڪ جاندار آهي تہ اوائلي انسان جي وڏڙن، جيڪي نيم انسان هئا يا ايڏا بہ پوئتي هئا، انهن کان شڪار جو سلسلو شروع ٿيو. ٻيلن ۾ رهندڙ انسان نما مخلوق جڏهن ميدانن ۾ آئي، تڏهن هنن هڪ ڏينهن ۾ تہ زندگيءَ جو انداز ڪوبہ بدلايو هوندو؟ شڪار ڪڏهن کان بہ شروع ٿيو هجي، اها ڳالهہ بهرحال واضح آهي تہ هٿيارن جو تعلق شڪار سان آهي ۽ جيئن جيئن هٿيار بهتر ٿيندا ويا، تيئن تيئن شڪار جي ٽيڪنيڪ ۽ انداز بہ بدلبا ويا. ان ڪري بهتر شڪار جو تعلق ان ڳالهہ سان هو تہ انسان ڪيترا بهتر هٿيار ٺاهڻ جي صلاحيت حاصل ڪري چڪو آهي؟ ان ڪري اسان کي اهو نہ سوچڻ گهرجي تہ ميموٿ جا شڪاري ٿي سڀ کان قديم شڪاري هئا. هنن وٽ ايترا طاقتور ۽ مضبوط اوزار هئا ٿي ڪوبہ جو هو ميموٿ جهڙو جانور شڪار ڪري سگهن. البت اهو ٿي سگهي ٿو تہ هنن وٽ ايتري ذهانت ۽ گڏيل سماجي ڍانچو هو جو هو ايڏي وڏي جانور کي منظم نموني شڪار ڪندا هجن.

انسان نما مخلوقون بنيادي طرح گهٽو ڪري نباتيات تي گذارو ڪندڙ هيون ۽ گوشت ڪڏهن ڪڏهن ٿي کائيندیون هيون.شڪار جو هنر سکڻ ۾ ڪين وڏو وقت لڳي ويو. گمان آهي تہ آسٽرالوپٿيڪس آفريڪانوس ٿي ڀهريون نسل آهي، جنهن سرگرميءَ سان گوشت تي گذارو ڪيو. شروع ۾ هن ننڍڙا جانور شڪار ڪيا هوندا پر جيئن جيئن وقت گذريو تڏهن هن ڪجهہ وڏن جانورن جو شڪار شروع ڪيو هوندو. مثال طور، "ببون" (ڊگهي منهن وارو هڪ طاقتور باندر) آسٽرالوپٿيڪس آفريڪانوس هٿيار ٺاهي ڪوبہ سگهندو هو. ان ڪري لڳي ٿو تہ هن پرپاسي مان ڪا ڪائي، پٿر يا هڏي ڪٿي ان کي اوزار طور استعمال ڪيو هوندو.

آسٽرالوپٿيڪس جي حوالي سان اهو بحث بہ ٿيندو رهيو آهي تہ گوشت خوريءَ بابت هن جون سرگرميون ڪهڙيون ٿي سگهن ٿيون؟ سائنسدان ياد

ڏيارين ٿا ته گوشت کائڻ لاءِ ضروري نه آهي ته جانور جو شڪار ڪجي. ممڪن آهي ته هن وٽ اهي اٽڪلون هجن ته ڪنهن بہ ٻئي جانور کان سندس کيل شڪار ڪيئن ڇڏائجي؟ بلڪل ايئن جيئن ڪو شينهن ٻين جانورن کي ڀڄائي پرائي شڪار تي پاڻ قبضو ڪري ويٺندو آهي.

هومو هيبلس جي باري ۾ شڪار جي حوالي سان اسان وٽ ڪا گهڻي ڄاڻ ڪونہ آهي، پر اهو خاطريءَ سان چئي سگهجي ٿو ته ان وقت ۾ ڪجهہ نہ ڪجهہ بهتري آئي هوندي. "اُپي انسان" جي صورتحال ئي مختلف آهي. اسان وٽ ٻين نسلن جي ٻيٽ ۾ سندس زندگيءَ بابت ڇڪو خاصو ثبوت آهي. وچين پيليوليٿڪ زماني جي اوزارن جون خاصيتون ۽ اُپي انسان وٽ خاص شيءِ هٿ ڪهاڙي هئي. جيئن ته ان هٿيار جي نالي مان ئي ظاهر آهي ته اهو هٿ ۾ پڪڙي ڪهاڙيءَ وانگر ڏڪ هٿي استعمال ڪرڻ لاءِ ٺاهيو ويو هو. پر خيال آهي ته اهو اڇلائي هٿڻ لاءِ بہ استعمال ڪيو ويو هوندو.

ڪينيا (آفريڪا) ۾ اولورگيسائلي (Olorgesailie) وٽان لڌل هڪ هٿ ڪهاڙيءَ جي ماپ 30- سينٽي ميٽر (11- انچ) آهي ۽ ان جو وزن 2- ڪلوگرام ٿيندو. ان تي ڪجهہ تجربا بہ ڪيا ويا. خبر پئي ته معمولي تربيت سان اهي هٿ ڪهاڙيون تمام اثرائتي انداز سان نشاني تي اڇلائي هٿي پيون سگهجن، پر اهو محض هڪ خيال آهي. سائنسدانن وٽ اهڙو ڪوبہ ثبوت نہ آهي جو چئي سگهجي ته "اُپي انسان" ايئن ڪيو هوندو.

هٿ ڪهاڙيءَ جي ڏس ۾ ته اهو ڪو شڪاري هٿيار آهي، هڪ اهم مونجهارو اهو آهي ته هي ڪجهہ ڳرو هٿيار آهي ۽ ڪنهن ڏگهي مهم ۾ پاڻ سان ڪٽي هلڻ ڏکيو آهي. ٻئي طرف اهو پڻ ڏکيو ٿو لڳي ته ننڍن اوزارن سان ڪو وڏو جانور شڪار ڪري سگهجي. ايڏا بہ دلچسپ صورتحال اها آهي ته جيڪڏهن هٿ ڪهاڙيءَ کي شڪار جو هٿيار تسليم نہ ڪجي ته پوءِ اوائلي پيليوليٿڪ ماڻڪن مان لڌل ميموٿ جي هڏين بابت ڪهڙي وضاحت ڏئي سگهبي؟ هاٿين جي هڏين مان صاف ظاهر آهي ته انهن کي ڌُر جي اوزارن سان ڇڪو يا وڍيو ويو هو ۽ انهن جو گوشت خوراڪ لاءِ استعمال ٿيو هو. ان ڏس ۾ هڪ ماڳ جو حوالو ته بنهہ حيرت جهڙو آهي. اسپين ۾ تورالبا امبرونا (Torralba-Ambrona) وٽ هاٿين جي هڏين جو 13- فٽ اوچو ڍڳ ملیو. ڇا اها سوچڻ جي ڳالهہ نہ آهي ته شڪارين هاٿيءَ جهڙي طاقتور جانور


تي غلبو ڪيئن حاصل ڪيو؟


سائگئي سلسلي ۾ هڪ ماڳ ايڏا ۾ دلچسپ آهي. اتر جرمنيءَ ۾ ليهرنگن (Lehringen) ويجهو آخري برفاني دؤر وارن ڏرتيءَ جي تهن مان هڪ هاڻيءَ جون هڏيون مليون هيون، جنهن جي پاسراڻين ۾ سخت ڪائيءَ وارو پالو ڪتل هو. پالو اٽڪل 6- فٽ ڊگهو هو. جنهن جي نوڪ ڪي باهه جي سيڪ سان ايڏا ۾ سخت ڪيو ويو هو. جنهن زمين تي هاڻي مٿو هو، اها ان وقت ۾ ڏاڍ هوندي، جنهن ڪري ڪاٺ جو پالو محفوظ رهجي ويو، جيڪو هين حالتن ۾ ڳري ختم ٿي وڃي ها. هن دريافت سان پتو پوي ٿو ته "ايو انسان" وڏن جانورن جو شڪار ڪيئن ڪندو هو. جيڪڏهن شڪارين جي هڪ ٽولي يا گروهه وڏن جانورن کي ڪنهن ڏاڍ ڏانهن هڪلي ته پوءِ اهو سولائي سان ڇُري پُري ڏئي سگهيو. ان ڪانپوءِ شڪاري پنهنجا وڏا پالا جانورن جي جسم جي نازڪ حصن ۾ ڏنبي ڏنبي ڪيس ماري ڇڏيندا هوندا. هو پنهنجي تجربي جي بنياد تي ڄاڻندا هوندا ته هاڻيءَ کي جسم ۾ ڪٿي پالا ڏنبجن جو هو جلدي مري پوي. ان ريت هنن هيڪاندو گوشت حاصل ڪري ٿي ورتو.

ليهرنگن واري دريافت يقين هڪ خوشقسمتي هئي جو ته قديم ڪاٺ فقط ڪن خاص حالتن ۾ ئي محفوظ رهي سگهيو ٿي. پر، ان ڪان به اهم دريافت ايسيڪس (Essex) ۾ Clacton-on-sea وٽ هڪ ڪڏ مان ٿي. ٻن گليشئل دؤرن تي پکڙيل عمر وارو هڪ ڪاٺ شايد پرائي ۾ پراڻو آهي. ڪجهه عرصو اڳ به ايئن سمجهيو ٿي ويو ته اها ڪنهن نيزي يا پالي جي نوڪ آهي پر تازي تحقيق چوي ٿي ته ضروري نه آهي ته اهو خيال درست هجي.

ٻين قديم اوزارن ۾ غالباً ڪاٺ جا ويڪري مٿي وارا ڏنڍا (Clubs) هوندا، جيڪي اوپر آفريڪا مان لڌا ويا. اوائلي انسان اهڙا ڏنڍا به استعمال ڪيا هوندا، جيڪي اڇلائي هٿجن يا هٿ ۾ جهلي وڙهجي، بالڪل ايئن جيئن اڇڪلهه سنڌ ۽ پنجاب جا ڳوٺاڻا به ڪن ٿا.

هڪ ڳالهه، بهرحال، واضح آهي ته فقط آخري برفاني دؤر جي وقت ۾ ئي انسان صحيح معنيٰ ۾ لائق شڪاري ٿي سگهيو. جديد "ايپي انسان" جي اٽڪل بازي 50- هزار سال اڳ نئين شڪاري دؤر جو آغاز ڪيو، جنهن ۾ هن تير ڪمان استعمال ڪيو.


يورپ، اولهه ايشيا ۽ اتر آفريڪا
15000 کان 12000 سال اڳ
سامونڊي، خشڪي ۽ جابلو علائقا
Nordic Race
Alpine Race
Mediterranean Race
Semitic Peoples
Dravidians
Negroes
[The refilling of the Mediterranean — see Chapter IX — may have occurred less than 15000 years ago.....]



یورپ و اولہ ایشیا
35000 کال 25000 سال اگ

ڪجهہ مخصوص جانورن جا شڪاري

پيليوليٿڪ دؤر جي پڇاڙيءَ ۾ رهندڙ انسان پنهنجن وڏڙن جي پيٽ ۾ ڳهٽو ڪجهہ سکي ورتو هو. هن جا ايجاد ڪيل اوزار ڳهٽو بهتر هئا. هن ڪجهہ نہ ڪجهہ ڳالهائڻ سکي ورتو هو ۽ شڪار جي وقت ۾ ان پڳل ٽٽل ٻوليءَ جي ذريعي اشارن ۽ آوازن کي شڪار جي دوران اٽڪل يا رابطي لاءِ استعمال ڪيو. جيتوڻيڪ قديم شڪارين بابت اهي اندازا لڳايا ويا آهن تہ هو ڪهڙيءَ ريت وڏن جانورن جو شڪار ڪندا هوندا، پر ان هوندي بہ ايجا ڳهٽن سوالن جا جواب اڌورا آهن.


ڪجهہ ماهرن جي خيال ۾ ميموٿ جي شڪارين وٽ موجود هٿيار اهڙا هئا ئي ڪونہ جو انهن جي مدد سان شڪار کي منهان مُنهن شڪار ڪري سگهن. ممڪن آهي تہ هن ڪجهہ اٽڪلون ڪيون هجن، ڪوڙڪيون. ڦندا ۽ ڪڏون تيار ڪيون هجن. ممڪن آهي تہ هن وڏيون وڏيون ڪڏون کوٽي انهن کي تارين ۽ پٽن سان ڍڪي ڇڏيو. پر ان امڪاني طريقي تي ڪجهہ اعتراض آهن. اول تہ اسان وٽ اهڙو ڪوبہ ثبوت ڪونہ آهي ۽ ٻيو تہ ڇا اوائلي ماڻهوءَ وٽ ايڏيون وڏيون ڪڏون کوٽڻ جا اوزار هئا؟ ڇا اهو ايڏو سولو ڪم هو؟

هيل تہ ئين تہ اهڙي ڪابہ ڪڙ دريافت ڪونہ ٿي آهي پر حيرت آهي تہ پوئين پيليوليٿڪ ماڳن جي کوٽاين مان ميموٿن جون بيشمار هڏيون مليون آهن ۽ ظاهر ٿيو آهي تہ هو وڏي تعداد ۾ جانور مارڻ جي اهل هئا. وڏن جانورن کي وڏي تعداد ۾ مارڻ لاءِ بهرحال وڏي جرئت، طاقت، هنرمندي ۽ باهمي تعاون جي ضرورت هئي.

قديم انسان جڏهن ننڍا جانور شڪار ڪيا، تڏهن مسئلي جي نوعيت ڪجهہ ٻي هئي پر جڏهن وڏا جانور مارڻ طرف وڌيا تہ ڪين نوان مسئلا سامهون آيا هوندا. اوائلي شڪارين گهوڙن جي ڏاڙ جو شڪار ڪرڻ مهل ڪڏهن بہ ڏاڙ جو گهيرو نہ ڪيو هوندو. ڪٿي ڪٿي ڪين اهڙا موقعا ملي ٿي ويا جڏهن هن پنهنجي دماغ کي طاقتور هٿيار طور استعمال ڪيو. فرانس ۾ سوليوتري (Solutre) شهر ويجهو هڪ ايپي ٽڪري آهي. جنهن جي پاڙ مان هڪ لک کن گهوڙن جون هڏيون مليون آهن. ايئن ٿو لڳي تہ آخري برفاني دؤر جي شڪارين گهوڙن جو گوشت حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ خاص طريقو


مايوسين دور جا ممالیہ


• اسکیل (هاڻوکي انسان جو قدبت ۶ ـ فٽ)




اوائلي پلائسٽوسين دور جا جانور

• اسڪيل (هاٿرڪ انسان)






اولیگوسین دور جا ممالیه




مڇي ڦاسائڻ جي اوائلي ڪُوهي.



اسپين جي هڪ غار: هڙڻ جي ڏڻ کي گهيري تير ڪمان سان شڪار ڪيو پيو وڃي.



مختلف جانورن جي شڪار جا ڪجهه طريقا





مختلف جانورن جي شڪار جا ڪجهه طريقا

يورپ ۾ مختلف شڪاري دورن جو خاڪو



سڀ کان وڏي دشمن رڇ سان ويڙهه: نيندر ٽال مائهو نه رڳو رڇن سان ويڙهه کائيندا رهيا پر انهن ماريل رڇن جون کوپڙيون گڏ ڪري اهي دفن به ڪيون، شايد ائين جيئن اڄ به ڪي وحشي قبيلا دشمن جون منڊيون وڍي پاڻ سان ڪٽي ويندا آهن.





ڳولي ڪڍيو هو. جڏهن هنن اُپي ٽڪريءَ تي مٿي ميدان تي گهوڙن جو ڏڻ ڏٺو تڏهن هنن وڏا ٽولا ٺاهي، انهن کي اُپي ڪنڊيءَ ڏانهن هڪلي ڊوڙايو هوندو، جتان اهي گهوڙا ڪِري مَري ٿي پيا. اها اُپڪپري اٽڪل هڪ هزار فٽن جي آهي جيڪا ڪنهن بہ جانور کي هڪدم ماري وجهڻ لاءِ ڪافي آهي. ان ريت هنن شڪارين پنهنجي لاءِ ڇگو گوشت حاصل ڪري ٿي ورتو. هتي هڪ لک ڪن گهوڙن جون هڏيون ڏسي ڇئي سگهجي ٿو تہ اوائلي شڪارين هن هنڌ بار بار سائڪئي طريقي سان گهوڙن جو شڪار ڪيو هو ۽ اهو سلسلو نسلن تائين جاري رهيو هوندو.

بهرحال، ان قسم جي اٽڪلن جو مثال بہ وڌيڪ ڪونہ مليو آهي. اسان کي عام طور تي هٿيار ئي ملن ٿا جيڪي قديم ماڻڻ تي وري وري استعمال ٿيا. ميموٿ، سانپر ۽ گهوڙن جي شڪارين وٽ سڀ هٿيار نوان ڪونہ هئا. هو نيزا ۽ پالا استعمال ڪندا هئا. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ انهن مان ڪن هٿيارن ۾ پٿر، هڏي يا عاج جون نوڪون لڳل مليون آهن، جيڪا اصل ۾ انهن هٿيارن جي ارتقا آهي. هڪ مڪمل نيزو ماسڪو لڳ سُنگير (Sungir) وٽان هڪ قبر مان مليو آهي، جنهن سان گڏ ڪجهہ ٻيون بہ شيون هيون. انهن ۾ ميموٿ جو 8- فوٽ ڊگهو ڏند بہ آهي، جنهن کي هٿرادو طرح سڌو ڪيو ويو هو. پڪ سان هي بہ نيزي ۽ پالي جي قسم جو هٿيار هو.

اُتر آمريڪا جي شڪارين پٿري نوڪ وارو هڪ اهڙو ڳرو نيزو ٺاهيو هو جيڪو شڪار جي جسم ۾ جتي ڪٻي اتي ڦاسي پوي. ظاهر آهي تہ اهڙو ڊگهو ۽ مضبوط نيزو ويجهي شڪار لاءِ تيار ڪيو ويو هوندو. پري جو شڪار ڪنهن اهڙي اوزار سان ممڪن ٿي سگهي ٿو جيڪو هلڪو هجي ۽ پري تائين اڇلائي سگهجي ۽ جنهن جي چوٽيءَ تي پٿر يا هڏيءَ جي تيز نوڪ مڙهيل هجي. پيليوليٿڪ دؤر جي پڇاڙيءَ تائين اهڙا نيزا تيار ٿيڻ لڳا هئا جن ۾ پاسن ڪان هڪ ڇيڙي ڪان ٻئي ڇيڙي تائين ڪنڊي وانگر ابتن ڏندن جي قطار هئي. ايئن ان ڪري ڪيو ويو تہ جيئن ئي پالو شڪار جي جسم ۾ داخل ٿئي، اهو باهر نڪري نہ سگهي. پالي جي پاسن تي موجود ڏند گوشت ۾ ڦاسي پون ۽ شڪار رت ڳاڙي مري وڃي. اهڙن ڪجهہ نيزن يا اوزارن ۾ هڪ ڇيڙي تي هٿئي وٽ سوراخ بہ ڏٺو ويو آهي، جيڪو ان مقصد سان هو تہ ان ۾ چمڙي جو رسو ٻڌو وڃي تہ جيئن ان رسي جي مدد سان زخمي شڪار

کي ڀڃڻ کان جهلي سگهجي. (اها ٽيڪنيڪ اسان کي مڇيءَ جي شڪار سان سمجهه ۾ ايندي، جنهن ۾ ڪُنديءِ ڏور جو استعمال ٿئي ٿو.) هي نيزو سڄ پڄ تہ هڪ موتمار ۽ "طاقتور" هٿيار هو.

ننڍين جانورن جي شڪار ۽ شڪارين جو دؤر

اوائلي شڪارين وٽ اڇلائي هٿڻ واريون ڪاڻيون بہ ڏسجن ٿيون. اهڙيون ڏنڀيون پٿر جي وچين دؤر ۾ جيڪي اتر يورپ جي مختلف علائقن مان لڌيون ويون آهن. انهن مان ڪجهہ ڪاڻيون لڳ ڀڳ اهڙيون آهن جهڙيون آسٽريليا جا قديم لوڪ اڄ بہ استعمال ڪن ٿا. اهي ڪجهہ مُڙيل ۽ مخروطي ڪاڻيون هونديون آهن جيڪي اڇلائي هٿڻ کان پوءِ گهمنديون واپس شڪاريءَ وٽ پهچنديون آهن. ان هٿيار کي سنڊيءَ ۾ ڪاٽر ۽ انگريزيءَ ۾ Boomerang چيو وڃي ٿو جيڪو اڪثر جا اوائلي لوڪ ڪولهي، پيل ۽ "شڪاري" پڻ اڄ تائين استعمال ڪندا آهن.

ماهرن جو خيال آهي تہ پري کان شڪار لاءِ مؤزون اهڙن اوزارن جي ضرورت آخري برفاني دؤر ۾ ان ڪري وڌي وئي جو ميموٿن جا ڏڻ گهٽجي ويا ۽ شڪارين کي گوشت لاءِ وڌيڪ تيز رفتار جانورن ڏانهن نهارٿو پيو. ان وقت يا ٿورو پوءِ چمڙي جي هڪ ڪانپاٽي سامهون آئي. يا شايد اهو ڦندو هو جنهن کي جانورن جي ڳچيءَ ۾ وجهي ڦاسايو ٿي ويو. اهڙي هڪ غير واضح چترڪاري هڪ قديم غار ۾ ٽبل آهي. ممڪن آهي تہ bolas بہ استعمال ٿيا هجن. "بَولا" آفريڪا جي قبائلين جو هڪ خاص هٿيار آهي جنهن ۾ ٻہ يا ٻن کان وڌيڪ پٿر هڪ رسي ۾ مضبوطيءَ سان ٻڌي لڙهي ٽاهي ويندي آهي. شڪار مهل اها لڙهي ڪانپاٽيءَ وانگر ڦيرائي شڪار جي ڇنگهن ۾ وڇڙائي ويندي آهي جنهن سان جانور ڦاسي پوندو آهي. پر انهن سڀني کان وڌيڪ اهم تير ۽ ڪمان هئي جنهن کي شڪار جي حوالي سان سڀ کان پهرين مشين چئجي!

تير ڪمان جي ايجاد سان شڪار جي اوزار يعني تير جي رفتار تڪي ٿي وئي. ايتري تيز جو اڇڪلهہ بہ تير جي رفتار بي حد تيزيءَ جي علامت آهي. انساني ٻانهن کيڏو بہ زور هٿي، ايڏو تيز رفتار اوزار ڦٽي ڪري نٿي سگهي.

جڏهن ڪمان تي چمڙي جي ڏور چڙهي ٿي تڏهن سڄو زور ڏور ۾ جمع ٿي ويي ٿو ۽ جڏهن ان کي تاڻي ڇڏيو ويي ٿو تڏهن سڄي طاقت هڪدم تير ۾ منتقل ٿي وڃي ٿي. نتيجي ۾ تير ڏاڍي تيزي ۽ طاقت سان شڪار تائين پهچي ٿو ۽ نيزي کان وڌيڪ بهتر نشاني تي لڳي ٿو. پر قديم آثارن جي ماهرن هميشہ ڪمان کان وڌيڪ تير کي اهميت ڏني آهي، ڇاڪاڻ ته ڪاٺ جي تير جي منهن ۾ مڙهيل پٿر جي نوڪ آبهوا ۾ ختم نٿي ٿئي. اهو نٿو چئي سگهجي ته سڀ کان اوائلي ڪمان ڪڏهن ٺهي؟ ان هوندي بہ اهو چئي سگهجي ٿو ته جڏهن ڪمان ايجاد ٿي تڏهن سڀ کان اول تراشيل نوڪدار ڪاٺيون ٿي تير طور استعمال ٿيون هونديون،انهن جي منهن تي پٿر جون نوڪون مڙهڻ جو سلسلو پوءِ شروع ٿيو هوندو.

پيليوليٿڪ دور جي پڇاڙيءَ ۾ استعمال ٿيندڙ تير جي پٿري نوڪ هڪ اهڙو ٽڪنڊو بليڊ هو جنهن جي نوڪ تکي هئي. ان قسم جا اوزار ميموٿ جي شڪارين جي وسندين وٽان لڌا ويا آهن پر چئي نٿو سگهجي ته اهي واقعي تيرن جون نوڪون آهن. پر، ماهرن جي راءِ ۾ اٽڪل ڏهہ پندرهن هزار سال اڳ بہ ڦاڙهن جا شڪاري تير ڪمان استعمال ڪندا هئا. شڪاري انسان تي سوچڻ مهل هڪ ڳالهہ ضرور ذهن ۾ رکڻ گهرجي ته پيليوليٿڪ ۽ ميسوليٿڪ دؤرن جا منظر بالڪل مختلف هئا. هڪ ته برفاني علائقا ختم ٿي مٿي اتر طرف سوڙهما ٿي ويا هئا ۽ هاٿي يورپي ميدانن ۾ هيلا ۽ ڏنڊون هيون. ٻيو ته برفاني جانور جهڙوڪ ميموٿ ۽ سائبر بہ برف سان گڏوگڏ هتان لڏي ويا هئا ۽ انهن جي جاين تي نئين قسم جا جانور اچي ويا هئا. ان سڄي تبديليءَ سبب شڪار ۽ شڪار جا طريقا بدلجڻ هڪ قدرتي ڳالهہ هئي. اهو ئي سبب آهي جو ميسوليٿڪ دؤر ۾ شڪار جو سڀ کان مقبول اوزار يا مشين تير ڪمان ٿي وئي.

مڇيءَ جو شڪار

سنڌ ۾ مڇي جي شڪار جا اوزار (ڪنديون) ڪراچيءَ ۾ ڊرگهہ نالي جي هڪ ٻيڪ مان مليون هيون. خود مڇيءَ جو شڪار ۽ ان فن جي ارتقا هڪ اهم سوال آهي. هن مهل تائين ماهرن جيڪو بہ اڀياس ڪيو آهي، ان

موجب پيليوليٿڪ انسان جي خوراڪ ۾ مڇي نالي ماتر نظر اچي ٿي پر ميسوليٿڪ دؤر ۾، جيڪو يورپ ۾ جاگرافيائي اعتبار کان وڏي وٿڪار، ڏنڊن ۽ ڏهٽين جو دؤر آهي، مڇيءَ جي شڪار جا اهڃاڻ ڇتا پٽا موجود آهن. ان هوندي به يورپ جو ميسوليٿڪ ماڻهو بنيادي طرح جانورن جو شڪاري نظر اچي ٿو. گهٽو ممڪن آهي ته ڏنڊن جي ڪنارن تي آباد ڪي شڪاري لوڪ مڇيءَ جي شڪار ۾ مهارت وٺي ويا هجن ۽ انهن جا پونئير ورڻي ۾ مليل تجربي سبب مڇيءَ جا مستقل شڪاري ٿيا. گهٽو ممڪن آهي ته هنن کڙهين سان به مڇيءَ جو شڪار ٿي ڪيو.

سنڌ ۾ پٿري دؤر جون ڪجهه آبادیون اسان کي منچر، ڪينجهر ۽ ايرندي ناري لڳ ويرن ۾ ملن ٿيون. ڪيرٿر ۽ ان جي ڀرپاسي جي ماٿرين ۾ برساتي ندين ۾ موجود ڪنپ ۽ چشما اڄ به مڇين سان ڀريل آهن. هوڏانهن جاگرافيائي حوالي سان ماهرن جي راءِ آهي ته سنڌ ۾ ميسوليٿڪ ۽ نيوليٿڪ دؤر اڄ جي پيٽ ۾ وڌيڪ برساتي هئا ۽ سنڌ ڏنڊن ۽ ڏورن ۾ شاهوڪار هئي ۽ ساوڪ ۽ شڪار گهٽو هو.

يورپ ۾ گليشئل دؤر جي پڄاڻيءَ سان گليشئل دؤر جا وڏا جانور جهڙوڪ ميموٿ ۽ سانبر به گم ٿي ويا. انهن جي بدران هاڻي اتي هرڻ ۽ جهنگلي سوئر ڦرڻ لڳا، جيڪي جام هئا. هن دؤر ۾ وڏا جانور بس اهي هئا يعني رڇ ۽ جهنگلي ڍڳو. نئين دؤر جا اڪثر جانور گروهن يا ڏڻ جي صورت ۾ ڪونہ رهندا هئا ۽ ٻيلن ۾ اڪيلا ٻيا ڦرندا هئا. هن کان اڳ ڏڻن ۾ شڪار ڪرڻ جي ٽيڪنيڪ ڪجهه ٻي هئي. اڳي ڏڻ ۾ ٻالو هٿبو هو ته ڪنهن نہ ڪنهن جانور کي وڃي لڳندو هو. هاڻي جڏهن شڪار اڪيلو ٿي گهميو تڏهن وڌيڪ بهتر نشاني بازي ۽ اٽڪلن جي ضرورت پئي. تيز رفتار جانورن کي مارڻ لاءِ گهربل هٿيار به ساڻيا نہ رهيا. ان ريت ماڻهوءَ ٻاڻ ۾ صبر ۽ اٽڪل جي عادت بهتر ڪئي ۽ شڪار مهل تير ڪمان سندس بهترين ساٿي ٿيا.

تير ميسوليٿڪ دؤر ۾ تمام گهٽو استعمال ٿيو، پر انهن جي محفوظ رهڻ ۽ اڇوڪي دنيا تائين باقي رهڻ جو ڪارڻ صرف اهو هو ته پاٿيءَ جي پکين ۽ جانورن تي استعمال ٿيل تير اڪثر اهڙين ڳڻ ۾ ڪريا جو اهي ڪن خاص ماحولياتي سببن جي ڪري ڳرڻ کان بچي ويا. ماهرن ميسوليٿڪ دؤرن

جون اکثر آبادیون پائڻ جي ويجهو لڌيون آهن ۽ پڪ سان جڏهن هنن شڪار لاءِ تير هنيا ٿي تہ انهن مان اکثر وڃي پاڻين ۾ ڏهٽين ۾ پيا ٿي جيڪي شايد اڃوڪي دؤر ۾ تحقيق لاءِ قدرت سنڀالي رهي هئي.

سوئيڊن ۾ لوشلت (Loshult) وٽان هڪ خوبصورت تير مليو آهي جيڪو اٽڪل ايائي فٽ ڊگهو آهي ۽ ان جي عمر 9000 سال آهي. يعني، لڳ ڀڳ اهو دؤر جڏهن بلوچستان جي مهر ڳڙهه ثقافت قائم ٿي. ان تير جو مٿو چقمقي پٿر جي ٺهن ٽڪرن سان جوڙيو ويو هو. هڪ ٽڪري جي نوڪ اڳتي هئي تہ جيئن تير شڪار ۾ ٽنبجي وڃي. جڏهن تہ ٻيو ڪنهن ڪنڊيءَ وانگر هو تہ جيئن تير شڪار ۾ ٽنبيل رهي. اتر روس ۾ سِندور ڏنڊ ويجهو هڪ ڪڏ مان ٽيهارو ڪن ڪمانون يا انهن جا ٽڪرا مليا آهن، جن جي ڊيگهه ٽن کان سادا چار فٽ آهي. انهن جي بہ عمر 9000 سال آهي.

شڪار تي تحقيق ڪندڙ ماهرن نوٽ ڪيو تہ تير ڪمان وارن اوائلي شڪرين جا اکثر شڪار ناڪام ٿي ويا. ڪڏهن نشان ڳٽل هئا تہ ڪڏهن شڪار پنهنجي جسم ۾ ڪٽل تيرن ۽ پالن سميت جند ڇڏائي پڇي ٿي ويو. ان صورت ۾ شڪاري ان پڳل شڪار جو پيرو ڪندا هئا يا رت جي نشانن جي ڪري زخمي ۽ نڍال جانورن جي مٹان وڃي پوندا هئا، پر ڪڏهن ڪڏهن تہ کين پيرو بہ ڪونہ ملندو هو ۽ پوءِ هو مايوس موٽندا هئا. اهڙن واقعن جي ثبوت ۾ محقق شڪار ٽيل ڪجهہ اهڙن جانورن جا مثال ڏين ٿا جن جا ثابت ڏانچا مليا آهن ۽ انهن جي پاسراٽين ۾ تير ۽ پالا ڪٽل آهن. هو چون ٿا تہ جيڪڏهن اهو شڪار شڪارين کي هٽ لڳي ها تہ ان جون هڏيون ٽڪر ٽڪر ۽ ٽڙيل پکڙيل هجن ها. ان ڏس ۾ هو هڪ وڏي جهنگلي ڍڳي جي ڏانچي جو حوالو ڏين ٿا، جيڪو ڊينمارڪ ۾ وِگ (Vig) وٽان هڪ ڏهٽي ڪڏ مان مليو هو ۽ هاڻي ڪوپن هيگن جي قومي عجائب گهر ۾ نمائش لاءِ پيو آهي. شايد، شڪاري ڏهڙ ۾ لهي نہ سگهيا هوندا يا وري هنن کي شڪار جو پيرو ئي نہ مليو هوندو. ٻئي طرف ڏهڙ ۾ قاتل زخمي شڪار اتي ئي مري ڪپي دفن ٿي ويو.

ماهرن کي رڳو جانورن جي ڏانچن مان ئي نہ پر ڪن انساني ڏانچن مان بہ تير مليا آهن. Brittany جي ڪنڊين ڪان پريرو Teviec ٻيٽ تي ميسوليٿڪ دؤر جي هڪ قبر جي کوٽائيءَ مان پٿو پيو تہ انساني ڏانچي ۾ ڪجهہ تير

کتل هئا. يعني، هُو ماڻهو پاڻ ۾ قبائلي جنگيون ۽ ڪندا هئا ۽ اهڙي جنگ ۾ تير ڪمان يا ٻيا هٿيار ۽ استعمال ڪندا هئا.

مڇي، انساني خوراڪ ۾ ميسوليٿڪ دؤر کان باقاعدي شامل ٿي آهي. ان دؤر ۾ لاتعداد ڏنڊيون ۽ ندين شڪار جا ميدان ٻڌجي ويون. شڪاري ماڻهو ٻالا ڪٽي تانگهي پاڻيءَ ۾ لهندا هئا ۽ مڇين کي ٻالا ٿنبي جهلڻ جي ڪوشش ڪندا هئا. ڪٽي ڪٽي ڇار ۽ ڪڙهين جو استعمال ۽ نظر اچي ٿو. شڪاري ڪنڊيون ۽ استعمال ڪندا هئا. پر کي ڪنڊيون اهڙيون ۽ آهن جن جو استعمال ٺيڪ طرح سمجهه ۾ نه آيو آهي. مثال طور سپ کان قديم ڪنڊا ڏکڻ فرانس مان لڌا ويا، جيڪي ڦاڙهي جي سگ مان ٺهيل آهن. پر اهي تمام وڏا آهن، کابه مڇي جيڪا وات ڦاڙي انهن کي ڳهي سگهي، ايتري وڏي هوندي جو ان کي خشڪيءَ تي آڻڻ ڏکيو هو. ٻيا ڪنڊا ميموٿ جي شڪارين جي آباديءَ مان مليا، جيڪا يوڪرين ۾ ميزن (Mezin) وٽ هئي. شايد اهي ڪُنڊا کو سامان ٽنگڻ لاءِ هئا!

باهہ جو استعمال

هڪ وڏي ڪاميابي

قديم انسان لاءِ باهہ پيدا ڪرڻ جو طريقو معلوم ڪري وٺڻ ڪنهن انقلاب کان گهٽ ڪونہ هو. هاڻي هي هڪ اهم هٿيار هو، جنهن جي مدد سان انسانن پاڻ کان بي پناهہ طاقتور جانورن کي ڊوڙائي ٿي ڪڍيو. باهہ انسان جي وس ۾ ڪيئن آئي؟ هڪ يوناني ڏند ڪٿا چوي ٿي تہ: انسان دوست ديوتا پرومٿيوس، سج ديوتا جي رٿ جي ڦيٿي مان نڪرندڙ چٽنگون چورائي انسان تائين پهچايون تہ جيئن اهي سرد راتين ۾ پاڻ کي مرڻ کان بچائين ۽ ان جي مدد سان ڏاتوءَ جا اوزار ٺاهين. ڏند ڪٿا چوي ٿي تہ: ان سان ٻين ديوتائن ۾ ٽرٿلو اچي ويو ۽ سمجهيائون تہ هاڻي انسان ايترو طاقتور ٿي ويندو جو هو ديوتائن جا نافرمان ٿي ويندا. سو، انسانن کي باهہ هٿ وس ڪري ڏيڻ جي ڏوهہ ۾ ديوتائن، پرومٿيوس کي ڏاڍي سخت سزا ڏني.

هندستان ۾ تہ باهہ کي ديوتا ٻڌايو ويو ۽ "اگني ديوتا" هندن جي چند طاقتور ديوتائن مان هڪ آهي. ايران ۾ تہ وري باهہ جو قدر ان حد تائين ٽيو جو باهہ کي بنيادي عنصر قرار ڏئي زردتشتي مذهب ٻڌي پيو.

اهي تہ آهن نيم تاريخي ۽ تاريخ کان اڳ واري وقت جون سوچون، ڪهاڻيون ۽ قصا. اصل حقيقت اها آهي تہ پيليوليٿڪ دؤر جي پڇاڙيءَ ۾ جڏهن ميموٿ جا شڪاري بہ هئا، باهہ جو استعمال انسان جي روزاني زندگيءَ ۾ شامل ٿي چڪو هو. باهہ هر هڪ مستقل آبادي ۾ توڙي هر ڪنهن عارضي ٽڪاڻ ۾ ٻرندي هئي. ڪجهہ آرڪيالاجسٽ تہ اهو بہ سوچين ٿا تہ ڪي شڪاري گروهہ باهہ جي پوڄا بہ ڪندا هئا ۽ ان حوالي سان ڪي رسمون بہ ادا ڪندا هئا. ڇاڪاڻ تہ باهہ هن پيليوليٿڪ شڪارين لاءِ تمام اهم هئي.

باهہ جي خاصيت آهي تہ اها ساڙي ٿي، گرم آهي ۽ روشني ڏئي ٿي.


هڙي اهم شيءِ کي انسان کيئن ٿي نظر انداز ڪري سگهيو؟ هن موقعي تي سائنسدان هڪ عجيب ڳالهه چون ٿا. سندن خيال ۾ جيستائين انسان، انسان کان وڌيڪ "جانور" هو، ان کي باهه جي ضرورت کونه هئي، ڇاڪاڻ ته سخت جان جانور گرميءَ جي قيرڦار ۾ پاڻ کي بدلائي ان تبديليءَ جو عادي ڪري سگهندا آهن. هن کي هٿرادو گرمائش لاءِ باهه جي ضرورت کونه هئي، ان ڪري اهي ان هوندي به باهه استعمال نه ڪن ها، جيڪڏهن کين باهه جو استعمال به ايندو هجي ها!

پاڪستان ۾ غارن ۾ رهندڙ ميسوليٿڪ انسان باهه جي استعمال کان واقف هو، اهڙو ثبوت مردان لڳ سنگهاؤ غار جي کوٽاين مان مليو آهي. پاڪستان ۾ پيليوليٿڪ انسان بابت ايا ڪا تحقيق سامهون نه آئي آهي ته ڇا اهي به باهه جي استعمال کان واقف هئا؟ هوڏانهن، يورپ ۾ آخري برفاني دؤر ۾ جڏهن ميموٿ جا شڪاري رهندا هئا، هن لاءِ باهه جو استعمال لازمي هو. هو باهه جي مدد سان پنهنجيون جهوپڙيون گرم رکندا هئا ۽ کنهن شڪاري مهم دوران رات جي مهل کليل آسمان هيٺ پڙاءُ دوران مڇ ٻاريندا هئا ۽ انهيءَ جي تَوَ تي پنهنجو جسم گرم رکندا هئا ۽ يخ سيءَ ۾ آگريون سيڪيندا هئا ته جيئن اهي نفاست سان کم ڪري سگهن.


باهه کان واقف هجڻ هڪ ڳالهه آهي ۽ باهه کي پنهنجي هٿ وس ڪرڻ ٻي ڳالهه آهي. جيستائين انسان باهه کي پنهنجي ضابطي ۾ رکي نه سگهيو هو يا پنهنجي مرضيءَ سان ضرورت وقت اها ٻاري نٿي سگهيو، ان مهل تائين انسان باهه کان نه رڳو ڊنل هوندو، پر ان کي چير ڦاڙ ڪندڙ جانورن کان به وڌيڪ خطرناڪ سمجهندو هوندو. ڇاڪاڻ ته باهه هڪ آفت وانگر انهن تي ڪڙڪندي هوندي. جهنگ جي باهه هجي يا ڪنوڻ جو ڪِرڻ يا وري ڪنهن جوالا مکيءَ جو ڦاٽڻ، اهي سڀ قدرتي آفتون اڄ تائين انسان جي وس کان ٻاهر آهن.

انسان اهڙي قسم جي باهه کي ته منڊ کان ڏسندو آيو هو. اهڙا مشاهدا هن بار بار ڪيا هوندا. هن کڏهن کڏهن اهو به ڏٺو هوندو ته ڪيئن زمين مان اوچتو ڪٿي باهه ٻڙڪي اٿي ٿي ۽ پوءِ غائب ٿي وڃي ٿي يا مستقل ٻرندي رهي ٿي. اهي ٻڙڪا زمين ۾ موجود تيل ۽ گئس جي ذخيرن سبب هئا، جن جو مشاهدو اڄ تائين ٿيندو رهي ٿو. پر، هتي سوال اهو آهي ته ماڻهوءَ

باھ پيدا ڪرڻ جا ٻ ھترادو طريقا:



ڪاڻ ۽ ڪاڻي سان گسڻ سان باھ پيدا ٿئي ٿي.



ٻ چقمقي پٿر ٽڪرائڻ سان چٽنگون اٽن ٿيون.

پنهنجي مرضيءَ سان باهه ٻارڻ ۽ ان کي برقرار رکڻ جو سلسلو کڏهن شروع ڪيو؟

ان سوال جا امڪاني جواب ته گهڻي ئي ٿي سگهن ٿا، پر اهو چئي سگهجي ٿو ته انسان باهه جي فائدن کان پهرين واقف ٿي چڪو هوندو ۽ قدرتي ذريعي مان باهه ڪٽي پنهنجي مستقل ٺڪاڻي تي ان جي ٻرڻ جو ڪو مستقل انتظام ٻ ڪيو هوندائين. ٻئي مرحلي ۾ ڪنهن اهڙي وقت جڏهن هو اوزار گهڙي رهيو هوندو، تڏهن ٻن چقمقي پٿرن جي ٽڪراءَ مهل پيدا ٿيل چٽنگن ڏانهن سندس ڌيان ويو هوندو، جن ۾ پيل سنهڙي ۽ سُڪل گاهه کي باهه هٿي چڏي هئي. اها ڳالهه ته انسان جي مشاهدي ۾ اڳواٽ ئي هئي ته کهڙي طرح تپيل سج جو تاءُ سڪل گاهه جي ميدانن ۾ يا ٻيلي کي باهه هٿي چڏي ٿو.

اوائلي شڪاري گروهه جڏهن شڪاري مهم دوران عارضي ڪئمپن ۾ باهه جو استعمال ڪندا هئا، تڏهن وڌيڪ امڪان ان جو آهي ته ان وقت انسان باهه پيدا ڪرڻ جو گُر يا هنر ڄاڻي ورتو هو. ڇاڪاڻ ته گهر مان نيزي جي نوڪ تي باهه ڪٽي هلڻ ۽ ان کي هوائن، طوفانن ۽ برساتن ۾ برقرار رکڻ ممڪن ڪونه هو. اها باهه اڪثر وسامي ويندي هئي.

چقمقي پٿرن جي ٽڪراءَ سان اٽندڙ چٽنگ جيتري تيزيءَ سان پيدا ٿئي ٿي اوتري ئي تيزيءَ سان وسامي وڃي ٿي. ان ڪري، باهه جي مصنوعي پيدائش لاءِ گهربل مشاهدي ۽ تجربي ۾ وڏو وقت لڳي ويو. اها ٻي ڳالهه آهي ته هڪ ٻيرو ضروري مشاهدو ٽيڻ کان پوءِ جڏهن انسان گُر سمجهي ورتو ته پوءِ سندس زندگيءَ ۾ انقلاب اچي ويو. شڪاري انسان باهه جي تَوَ تي نه رڳو ڪاڻ جي اوزارن جون نوڪون مضبوط ڪيون پر هن لاءِ سخت برفاني علائقن ۾ پيش قدمي ٻ ممڪن ٿي وئي ۽ وڏن جانورن سان وڙهڻ ۽ پنهنجو بچاءُ ڪرڻ ٻ سولو ٿي ويو.

باهه پيدا ڪرڻ واري انساني لياقت بابت سائنسدانن وٽ هڪ ٻي ٿيوري ٻ آهي. هو چون ٿا ته پيليوليٿڪ انسان ٻن ڪائين کي پاڻ ۾ تيزيءَ سان گسائي باهه پيدا ڪئي هوندي. ان خيال جي دليل ۾ هو يوگوسلاويه ۾ ڪراپينا (Krapina) ويجهو هڪ غار مان لڌل گول ڪائيءَ جو حوالو ڏين ٿا، جنهن تي ڪوئلاڻ آهي. پر ٻيا سائنسدان ان مخصوص ڪائيءَ کي باهه جي

پيدائش لاءِ ذميوار نٿا سمجهن!

باهه مان حاصل ٿيل روشنيءَ ۾ ڪمال ڪري ڇڏيو، جو هاڻي انسان غارن ۾ گهٽو اندر تائين وڃي ٿي سگهيو ۽ انهن غارن تي قابض رڇن ۽ ٻين خوفناڪ جانورن کي باهه جي مدد سان ڀيڄاري انهن تي پنهنجو قبضو ڇمائي ڇڏيائين. باهه جي روشنيءَ کان اڳ قديم انسان ڪنهن ۽ غار ۾ گهٽو اندر وڃي نٿي سگهيو. هن جو گذارو فقط سج جي روشنيءَ تي هو، پر جيئن ئي باهه انسان جي هٿ ۾ آئي، انسان جي ڪم ڪار جو وقت ۽ وڌي ويو. هاڻي هو غارن ۾ يا شڪارگاهن ۽ مستقل آبادين ۾ رات جي پهر ۾ ڪجهه دير يا ڪافي دير تائين باهه جي چوڌاري ويهي اڇوڪي شڪار تي تبصرا يا سياڻڪي شڪار جي رٿابندي ڪري ٿي سگهيا.

باهه جي دريافت جو اثر ذائقي تي ۽ پيو، ڇاڪاڻ تہ اوائلي شڪاري هاڻي پڪل يا سيڪيل گوشت کائڻ لڳا هئا. اهو اتفاق ئي هوندو جو ڪڇو گوشت خور ماڻهو هاڻي پڪل گوشت کائڻ لڳو. اها ٻي ڳالهه آهي تہ انسان بنيادي طور گوشت خور هو ئي ڪونہ. انسان جا وڏڙا گاهه خور هئا، پر پوءِ جڏهن ماڻهوءَ پاڻ ۾ گوشت خوريءَ جي عادت وڌي تہ سندس ڏندن ۽ هاضمي جي نظام ۾ ۽ ڪي تبديليون آيون. جڏهن انسان پڪل ۽ نرم گوشت کائي ڏٺو تہ ڪيس اهو فرق بهتر لڳو، ڇاڪاڻ تہ اهو ذائقي ۾ بهتر ۽ هضم ڪرڻ ۾ سولو هو.

سڀ کان پهرين گوشت ڪنهن پچايو؟ اهو اتفاق ئي هوندو جو ڪنهن وقت شڪار ڪيل گوشت جو ٽڪرو چلهه ۾ رک هيٺان اڇي ويو هوندو ۽ مڪمل طرح سڙڻ کان بچي ويو هوندو يا وري ٽاندن تي ڪريل ٽڪرو ڪباب ٿيو هوندو ۽ ڪنهن ٻکايل اهو ڪٽي ڪاڏو هوندو. هڪ خيال اهو ۽ آهي تہ ڪنهن ٻيري جهنگ ۾ لڳل باهه کان پوءِ ڪو اڌ سڙيل جانور ڪاڏو ويو هوندو ۽ ذائقي ۾ فرق محسوس ڪيو ويو. بهرحال، پڪل گوشت کائڻ جو سلسلو ۽ پيليوليٿڪ دؤر ۾ شروع ٿيو.

ڇا ڪجهه ٻين طريقن سان ۽ گوشت پچايو ويو هوندو؟ سائنسدان سوچين ٿا تہ هڪ طريقو لڳ ڀڳ اهڙو ئي هوندو جيئن اڄ ۽ شڪاري سڄي پچائيندا آهن: مڇ جي چوڌير زمين ۾ ڪتل کائين ۾ ٽنبيل ۽ هوريان هوريان سيڪ تي پچندڙ گوشت يا وري ٽاندن جي مٿان گوشت جا لوٽڑا. ڏکڻ

روس ۾ ڪوستينڪي ويجهو هڪ مڇ جي پر ۾ هڪ ڪڏ لڌي وئي آهي، جنهن ۾ جانورن جا هڏا ۽ رڪ آهي. ٻين جاين تي ٻ اهڙا ماڳ لڌا ويا آهن. سائنسدان چون ٿا ته جيڪڏهن اهي ڪڏون باهه سان گرم ٿيل پٿرن ۽ گرم رڪ سان پرجن ته اهي پڙ گوشت پچائڻ جي ڪم اچي سگهن ٿيون. ان طريقي سان ڪلاڪ ٻن ۾ گوشت مڪمل ٻي فڪريءَ سان پچائي سگهجي ٿو.

قديم ثقافتن ۾ گوشت پچائڻ جو هڪ طريقو ايا ٻ مروج آهي، جيڪو ممڪن آهي پيليوليٿڪ دؤر ۾ ٻ موجود هجي، طريقو هي آهي ته گوشت کي مٽيءَ جي ٿلهي تهه ۾ ويڑهي سڌو سنئون باهه ۾ وڌو وجي. گوشت پچائڻ جا طريقا پنهنجي جاءِ تي، باهه جي دريافت، جو هڪ وڏو فائدو اهو ٻ ٿيو ته هن کان اڳ اهو گوشت جيڪو ضرورت کان وڌيڪ هوندو هو ۽ بچي پوندو هو جلدي خراب ٿيڻ سبب اڇلايو ويندو هو، باهه ۾ پچڻ کان پوءِ ڪجهه وڌيڪ وقت استور ٿي پئي سگهيو.

آتش دان

جتي باهه ٻري هوندي، اتي ضرور ڪوٻه ڪو بندوبست ڪيو ويو هوندو. اهي "بندوبست" ئي ماهرن لاءِ نشانيون آهن، جن جي آڌار تي هو پيليوليٿڪ لوڪن جي رهڻي ڪهڻي بابت مناسب تشريح ڪري سگهيا آهن. جيئن ته باهه جا بنيادي مقصد گوشت پچائڻ، گرمي حاصل ڪرڻ ۽ روشني ڪٿي هلڻ هئا، ان ڪري انهن "بندوبستن" کي ٻن مکيه حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. هڪڙا مڇ ۽ چُلها ۽ ٻيا ڏيئا ۽ مشعلون. چلهن سان گرمي حاصل ڪرڻ ۽ گوشت پچائڻ جي ضرورت پوري ڪئي وئي، باقي مشعلون ۽ اماڙيون غارن جي اونداهن حصن ۾ وڃڻ ۽ رات جي پهر ۾ روشنيءَ لاءِ يا خود ڏينهن جو خونخوار جانورن کي ڊيڄارڻ لاءِ استعمال ڪيون ويون. ان ريت باهه جا ٻ حصا ٿيا. هڪ اها جيڪا مستقل آبادي يا عارضي ڪئمپ ۾ زمين تي جوهر ڏيکاريندي رهي ۽ مختلف قسم جي چُلهن، مَچن ۽ تندورن جو روپ ورتائين. ۽ باهه جو ٻيو حصو انسان جي هٿ ۾ سفر ڪندو رهيو ۽ بيٽري سيل جي ايجاد تائين انسان جو ساٿ ڏنائين.

سڀ کان قديم آتش دان بس ائين ئي هوندو جيئن شڪارين جو ڪو



دنيا جو قديم ترين تندور.



وڏن پٿرن جي اوت ڏيئي ناهيل آتش دان.

خانہ بدوش گروهہ کنهن هنڌ ڪائيون ميڙي ڍڳ ڪري باهڙي ٻاري، رات ٽپائيندو آهي. آتش دان ۾ هر ٻي شيءِ وانگر ارتقا ڪئي آهي. جڏهن رهائشي آجها ٿهي رهيا هئا تڏهن آتش دان جي صورت هڪ ننڍي ڪڏ وانگر هئي جنهن جي چوڌاري ڪجهہ پٿر رکيا ٿي ويا. انهن جي ايا بهتر صورت ڪجهہ وڌن ۾ سڌن پٿرن سان دائري جي صورت ۾ سامهون آئي. اهي پٿر ان ڪري رکيا ٿي ويا تہ جيئن باهہ ۾ ٻارڻ جي رک ان جي اندر رهي.

يقينن، ڪاڻ ئي سڀ کان بهتر ۽ سولو ٻارڻ هو، جيڪو انهن آتش دانن ۾ ٻرندو رهيو، پر اهو ضروري نہ آهي تہ اوائلي انسان فقط ڪاڻ ئي ٻاريو هجي. ڪجهہ اهڙا ثبوت ۾ آهن جن موجب هن ڪارو پٿر (ڪوئلو) ۽ هڏيون ۾ ٻارڻ طور استعمال ڪيون، پر اهو تڏهن ٿيو جڏهن برفاني دؤر ۾ ڪاڻ ختم ٿيو، هڪ حادثي ۾ اٽڪل 20- هزار سال کان ۾ اڳ زيڪوسلواڪيہ ۾ اوستراوا ويجهو لينڊڪ نالي ٽڪريءَ تي ميموٿ جي شڪارين ڏٺو تہ آتش دان ۾ پيل هڪ ڪارو پٿر وڏيڪ بهتر ۽ مختلف شعلو ڏئي ٿو. (هاڻي هن ماڳ تي ڪوئلي جون ڪاڻيون آهن ۽ اهي ڪارا پٿر اصل ۾ مٽاچري تي پکڙيل ڪوئلا هئا.)

هتي ئي ويجهو هڪ غار جي منهن تي قائم آتش دان لڳ ڀڳ اهڙو ئي هو جهڙو روس جي ندي ڊان (Don) جي ڪنڌيءَ تي هو. ان مان اندازو هنيو ويو تہ ميموٿ جي شڪار واري دؤر ۾ ۾ چگا تجربا ۽ خيال پري پري تائين پهچي ٿي ويا. ٻنهي جاين تي موجود آتش دانن ۾ هڪ خاص انداز رکيو ويو هو جنهن ڪري هوا باهہ جي مرڪز تائين لنگهي ٿي وئي ۽ باهہ وڌيڪ بهتر ٿي ٻري وئي.

آتش دان جو هڪ خاص نمونو موراويا ۾ دولني ويستونائس ويجهو لڌو ويو جيڪو ميموٿ جي شڪارين جو هو. هتي ڇلهہ جي گولائيءَ ۾ پٽ ۽ پڪل مٽيءَ سان ڪماندار ڇت ڏنل هئي. باهہ ٻارڻ جي جاءِ اٽڪل 15- فوٽ اوچي هئي، جنهن ۾ تمام گهٽي گرمي پيدا ٿيندي هوندي. ان آجهي جي چوڌاري مٽيءَ جا پڪل ڳوڙها هئا، جيڪي پڪ سان هن قديم آويءَ ۾ پڪل هئا. ايا ۾ دلچسپ ڳالهہ اها آهي تہ انهن مان ڪجهہ ڳوڙها مختلف جانورن جي شڪلين جا آهن، جن ماهرن کي منجهائي وڌو آهي تہ ڪٽي اهي سڀ کان اوائلي مجسما تہ ڪونہ آهن؟

پيليوليٿڪ ماڻهوءَ جيئن ته باهه کي روشنيءَ لاءِ ۽ استعمال ڪيو آهي ان کري هن باهه کي هٿ ۾ کڻي هلڻ جا ۽ کجهه ڪارگر طريقا ڄاهي ورتا. اهي مشعلون هيون جن جون باقيات ۾ ٽڪرا اهڙين غارن مان مليا آهن جيڪي پيليوليٿڪ ماڻهن استعمال ڪيون. پيليوليٿڪ ماڻهن بعد ۾ هڪ نئون طريقو ايجاد ڪيو، هي تيل تي ٻرندڙ ڏيئو هو. جيئن ته هي باهه کي کڻڻ جي ڳالهه هئي ان ڪري ضروري هو ته ان ٽاڻءَ جو ترو اهڙو هجي جيڪو تيل لڳڻ سبب سڙي نه وڃي. اهي ڏيئا وڏن هڏن، ريتلي پٿر يا ساڳئي قسم جي نرم پٿر مان ٺاهيا ٿي ويا. انهن ۾ جانورن جي چربي وڏي ٿي وئي ۽ هڪ مخصوص گاهه کي وٽي وٽ ٻاهي ٿي وئي. اهڙا ڏيئا اڄ به اسڪيمو لوڪ استعمال ڪن ٿا. پر هو ان ۾ وڏن لڏڻن جي چربي استعمال ڪن ٿا، جيڪا ڪافي گرمي پيدا ڪري ٿي.

يورپ جي غارن ۾ موجود چترڪاريءَ جا نمونا اڪثر ڪري غارن ۾ تمام اندر آهن، اوستائين پهچڻ ۾ کجهه وقت لڳي ٿو وڃي. انهن پيليوليٿڪ لوڪن لاءِ ضروري هو ته حفاظت سان اندر وڃڻ ۽ چترڪاري ڪرڻ لاءِ پاڻ سان مشعلون کڻي وڃن. فرانس جي هڪ تمام مشهور غار مان، جنهن ۾ چترڪاري ٿيل آهي، 170 ڏيئا لڌا ويا آهن. سڀ کان بهتر ڏيئا لا مائوٿ (La Mouthe) غار مان مليا آهن.

باهه جي استعمال لاءِ ان کي "دريافت" جو اصطلاح ڏيڻ شايد مناسب نه ٿيندو، ڇاڪاڻ ته باهه هڪ عنصر آهي جيڪو ازل کان موجود آهي ۽ اهو انسان جي پنهنجن ۽ ان جي وڏڻن جي مشاهدي ۾ سڏيءَ طرح رهيو آهي. اسان هيل تائين فقط اهو بحث ڪيو ته انسان ان عنصر کي پنهنجي ضرورتن لاءِ ڪيئن استعمال ڪيو ۽ اهو ڪڏهن ممڪن ٿيو ته هو پنهنجي مرضيءَ سان باهه پيدا ڪري سگهي. پر، هڪ تمام اهم سوال اهو ۽ آهي ته اسان وٽ انسان جي هٿان باهه جي استعمال جو سڀ کان پراڻو مثال کهڙو آهي؟

سڀ کان قديم ۽ پروسي جوڳو مثال آفريڪا مان هٿ آيو آهي. ايٿوپيا ۾ گديب (Gadeb) نالي ماڳ وٽ اُپو انسان (Homo erectus) باهه جو استعمال ڪندو رهيو هو. اها هڪ ملين (ڏهه لک) سال پراڻي ڳالهه آهي. هڪ ٻيو مثال يوگوسلاويه ۾ پُولا (Pula) ويجهو شانڊاليا (Shandalya) ٽڪري تي هڪ لڪل غار ۾ آهي، جيڪو ڏيڍ ملين (15- لک) سال پراڻو آهي. ان غار مان

قديم انسان جي هڏين سان گڏ سندس اوزار به هٿ آيا آهن. ساڳين تهن ۾ باهه جا به چٽا نشان آهن. هن ماڳ مان کوٻ آتش دان نه مليو آهي. بس کنهن جانور جون سڙيل هڏيون ۽ کجهه سڙيل کاڻ مليو آهي. ممکن آهي ته هتي قدرتي باهه لڳي هجي! يورپ ۾ باهه جي استعمال جو سڀ کان قديم مثال 6- لک سال پراڻو آهي. هي ڏکڻ فرانس ۾ "گروتي دي ايل اسکالي" وٽ هڪ آتش دان آهي.

ان ريت باهه جي مثال جا قديم ترين نشان سامهون ته اچن ٿا پر وري به انهن کي "قديم ترين" نٿو چئي سگهجي. ايا ته جاچ ۽ کوجنا جو عمل جاري آهي، گهٽو ممکن آهي ته کنهن ڏينهن اوچتو، اسان خبر ٻڌون ته کٽي ان کان به قديم مثال موجود آهي. پڪ سان اهو به "قديم ترين" نه هوندو، چاکاڻ ته ضروري نه آهي ته قديم ترين نشان ايا به سلامت هجي!

پوشاک

برفاني پيليوليٿڪ لباس

هاڻي اچون ٿا ان ڳالهه تي ته ڇا فقط باهه جي استعمال کان واقفيت حاصل ڪرڻ کان پوءِ سڄ پڄ اوائلي انسان ان قابل ٿي سگهيو هو ته هُو برفاني علائقن ڏانهن پيش قدمي ڪري سگهي؟ يقين نه. انسان هر وقت باهه جي ويجهو رهي نٿي سگهيو ۽ نه ئي وري باهه کي هر وقت ۽ هر هنڌ پاڻ سان گڏ کڻي وڃي ٿي سگهيو. قديم شڪاري ماڻهن کي برفاني ۽ ٿڌن علائقن ۾ رهڻ لاءِ ضرور ڪو ٻيو بندوبست به ڪرڻو پيو هوندو. اهو بندوبست ٻُجن واريون ڪلون لباس طور استعمال ڪرڻ هو. اهي گرم ڪلون اوڍي شڪاري لوڪ پنهنجن آجهن کان پري ٿڌين چوٽين ۽ وادين ۾ سخت کان سخت موسمن کي منهن ڏئي سگهيا ٿي.

هتي اهو به سوال پيدا ٿئي ٿو ته ڇا قديم انسان جي پنهنجي جسم تي ايڏا گهاٽا وار ڪونه هئا جو هو بي مخلوق وانگر برفاني علائقن ۾ رهي سگهي؟ شايد اهڙي صورتحال نه هجي يا هجي! سائنسدانن جو خيال آهي ته ميموٿ جي شڪاري پيليوليٿڪ انسان جي جسم تي ايترا گهاٽا وار ڪونه هئا جو هو بنهه اڳهاڙي حالت ۾ برفاني هوائن ۾ هلي سگهندو هجي. ماهرن کي پيليوليٿڪ دؤر جي انسانن جي لباس جون باقيات ايا تائين نه ملي سگهيون آهن. ظاهر آهي ته ڪل جو ٺهيل لباس ايترو وقت سلامت رهي نٿو سگهي. ان ڪري اهو چوڻ سڄ پڄ ڏکيو آهي ته انسان ڪڏهن کان لباس اوڍڻ شروع ڪيو.

جيستائين انسان جي پنهنجي جسم تي گهاٽن وارن جو تعلق آهي، ممڪن آهي ته هومو هيبلس ۽ "اُپي انسان" جي جسم تي گهاٽا وار هجن، پر اها ڳالهه "باشعور ماڻهوءَ" جي جسم لاءِ چئي نه سگهبي. بهرحال، جيئن ته سائنسدان انسان جي اؤسر لاءِ آفريڪا جي خطي کي وڏيڪ اهميت ڏين ٿا. ان ڪري سمجهيو وڃي ٿو ته آفريڪا ۾ رهندڙ انساني جنسون اگهاڙيون

ممڪن آهي ته شڪاري دور جا مرد هن ريت ڏاڙهي جا سڳ
پنهنجي لباس ۾ شامل ڪندا هجن.



رهندیون هیون ۽ گرم خطو هئڻ ڪري هنن کي اڌاري کل جي ضرورت محسوس نہ ٿي هوندي. گرم علائقن جي انسان جڏهن ٿڏن علائقن ڏانهن پيش قدمي ڪئي، تڏهن ضروري نہ آهي تہ هن پهرين لباس هٿ ڪيو هجي ۽ پوءِ اڳتي وڌيو هجي. يقينن، هن ڪجهہ وقت برفاني علائقن ۾ اڳهاڙي حالت ۾ گذاريو هوندو ۽ سپ کان پهرين هن پاڻ کي برفاني هوائن کان بچائڻ لاءِ وڏن وارن واريون کلون ڪمبل وانگر اوڍي يا هوائن کي روڪڻ لاءِ اوٺ طور استعمال ڪيون هوندیون. اوٺويهين صديءَ تائين بہ سخت موسمي علائقن ۾ ڪي اهڙا نسل موجود هئا، جن جي تَن تي ڪو نالي ماتر لباس هو. بس، هو نوئيءَ وانگر ئي ڪجهہ پهريندا هئا. سو بہ ڪن خاص حالتن ۾. ان وقت جڏهن سخت ٿڏ هوندي هئي يا تمام سخت هوائون ٿي لڳيون. اهي شڪاري قبائلي سماجي طور پيليوليٿڪ حالتن ۾ رهندا هئا. ان ڪري ڪجهہ ماهرن جو خيال آهي تہ يورپ ۾ ميموٿ جا شڪاري پيليوليٿڪ لوڪ ڪو خاص لباس نہ اوڍيندا هوندا. پر، ان خيال کي مڪمل پنهپرائي حاصل ٿي نہ سگهي آهي.

جيڪڏهن لباس جي تعريف ۾ صرف کل اوڍڻ کي شامل ڪبو تہ پوءِ اهو نہ چئي سگهبو تہ کل اوڍڻ جو سلسلو ڪڏهن کان شروع ٿيو هوندو، پر جيڪڏهن کلن جا ٽڪرا پاڻ ۾ ڳنڍي ۽ سڀي پائڻ کي لباس چئجي تہ پوءِ اسان انهن سڀني جي بنياد تي ڪنهن حد تائين وقت جو تعين ڪري سگهون ٿا، جيڪي اوائلي لوڪن استعمال ڪيون. هنن کائيءَ جون سُيون يا ڪنڌا بہ ٽوپڙ يا سوراخ ڪيڻ لاءِ استعمال ڪيا هوندا. پر سگن ۽ هڏين جون سُيون تہ چٽيون پٽيون موجود آهن. جيڪي پيليوليٿڪ ماڻڪن تان ملنديون رهن ٿيون.

سبڻ جون سُيون

ماهرن جڏهن تازن زمانن ۾ (اڄ تائين) شڪاري قبيلن ۾ اهو نوٽ ڪيو تہ انهن ۾ سبڻ جو ڪم عورت ڪري ٿي، تڏهن هنن ڪافي اعتماد سان چيو تہ اوائلي وقت ۾ ڪلون سبڻ جو ڪم عورتن جي ذمي هوندو. پٽر جي دؤر جون سُيون جيڪي هڏين مان ٺهيل آهن، وڏي حد تائين هاٿوڪين سُين وانگر

آهن. ڪي ڏڳهيون ته ڪي ننڍيون پر انهن جي هڪ ڇيڙي تي سنهي ڇهنب برابر موجود آهي ته جيئن اهي چمڙي ۾ سولائيءَ سان سوراخ ڪري وڃن. سئيءَ جي ٻئي ڇيڙي تي اڪ بہ موجود هئي، جنهن مان ڏاڳو ٽپايو ويندو آهي. اڳي ڏاڳو ڪونہ هو، ان ڪري ڪنهن مضبوط گاهہ جون تندون يا چمڙي جون سنهيون ڪهيون ڪاهي وڌيون ويندیون هيون. ضروري نہ هو ته هر سئيءَ ۾ سوراخ (اڪ) هجي. ڪي سيون اهڙيون بہ مليون آهن جن ۾ اڪ نامڪمل يا اڻپوري آهي يا وري سئيءَ ۾ پوئين ڇيڙي تي آر وانگر هڪ مناسب ڪنڊي آهي، جنهن ۾ تند اٽڪائي پئي سگهجي. هڏيءَ مان ٺهيل سُين ۾ اها اضافي خوبي هئي ته اهي ٿوري لچڪ سبب مضبوط هيون.

سڀ کان قديم سُيون ڏکڻ فرانس مان پچاڙڪي پيليوليٿڪ ماڳ وٽان مليون آهن. ان کان ٿورو پوءِ جون سيون سڄي يورپ ۽ سائبيريا مان مليون آهن. جيتوٽيڪ سُئي هڪ سادڙو اوزار آهي، پر اوائلي سمجهہ ڪي داد ڏيڻو پوندو ته ان سادڙي اوزار مان هڪ وقت ۾ بہ ڪم پئي ورتا ويا. هڪ سوراخ ڪيڻ ۽ ٻيو ساڳئي وقت ان سوراخ مان ڏاڳو (تند) ٽپائڻ. اهي سُيون ڪيتريون بہ "خام" ڇو نہ هجن، انهن ڪي باقاعدي ڇلي ٺاهيو ٿي ويو ۽ هڪ پاسي سنهڙي نوڪ ۽ ٻئي پاسي ڇيڙيءَ سان اڪ ٺاهي ٿي وئي.

ظاهر آهي ته اوائلي انسان وٽ چمڙي کي محفوظ ڪرڻ جو هنر بہ موجود هو. جيڪڏهن ڪنهن شڪار جي کل کي شڪار کان پوءِ جلد ئي محفوظ نٿي ڪيو ويو ته اها خراب ٿي ڳري پئي وئي. پر اهو هنر سکڻ کان اڳ گرم علائقن جي ماڻهن خاطريءَ سان گاهہ ۽ پن جسم اوڍڻ لاءِ استعمال ڪيا هوندا. محقق مڃن ٿا ته اوائلي پيليوليٿڪ دؤر تائين اهڙا اوزار ڏسڻ ۾ اچن ٿا، جن سان کل کي نرم، مضبوط ۽ نفيس ڪري ٻيو سگهجي. کل کي سڪائڻ ۽ نرم ڪرڻ جو عمل ڏڳهو هو. سڀ کان پهرين مضبوط چرين سان کل کي گوشت کان جدا ڪيو ٿي ويو، ان کان پوءِ ان کي ڪنهن ڇوڪٽ ۾ ڦاسائي يا زمين تي سڌو ڪري ڪرڻيون استعمال ڪيون ٿي ويون. انهن اوزارن کي فقط هڪ پاسي کان ڌار هئي، جنهن سان کل مان چربي ۽ چيچڑا جدا ڪيا ٿي ويا ۽ ان تي باقي پورهيو ڪيو ٿي ويو. کل کي گهربل شڪل ڏيڻ ۽ وڍڻ لاءِ پٿر جون چريون استعمال ڪيون ويندیون هيون. خيال آهي ته جانورن جون نسون ۽ اهڙا ٻيا سخت ريشا بعد ۾ ڏاڳي

طور استعمال ڪيا ويا هوندا.

ماسڪو ويجهو ماڳ "ولاديمر ۽ سُنگير (Sungir) پوئين پيليولٿڪ دؤر جا آهن. اتان لڌل شين مان خبر پوي ٿي ته اتي برفاني دؤر جا لوڪ لڳ ڀڳ ايئن ئي رهندا هئا، جيئن اڄ ڪلهه جا آرڪٽڪ لوڪ رهن ٿا. ان زماني جا لوڪ جيڪي نيندرٿال هئا، پنهنجن مڙدن جا لاش سندن ڪپڑن ۽ استعمال ۾ رهيل شين سميت پوريندا هئا. ولاديمر جا ماڻهو سائبر، گهوڙا ۽ ميموٿ به شڪار ڪندا هئا. اتي ئي هڪ قبر مان ٻن ٻارن جون هڏيون مليون آهن جن سان گڏ انهن جي استعمال ۾ رهيل نيزا به دفن ڪيا ويا. اهي نيزا ميموٿ جي عاج مان ٺهيل هئا. هڪ ٻي قبر ۾ پوريل هڪ مڙدي جي عمر ان وقت پنجاهه سٺ سال هئي جڏهن اهو مري پيو هو. هي ڏڪهو ۽ مضبوط ماڻهو هو. سندس قبر ڏسي خيال اچي ٿو ته اهو شخص پنهنجي گروهه ۾ ڪافي اهم حيثيت جو مالڪ هو. هن مڙدي کي 19- انچ اونهي قبر ۾ پٽيءَ ۾ ليٽايو ويو هو. قبر جي کوٽائيءَ ۾ پورو مهينو لڳي ويو. هي ڪم ڏاڍي احتياط سان ڪرڻو پيو، ڇاڪاڻ ته مڙدي جي هڏن سان گڏ اٽڪل سادا ٽي هزار مٽيا ملیا، جيڪي عاج جا ٺهيل هئا. جيڪڏهن کو هڪ اڏ مٽيو ملي ها ته حيرت نه ٿئي ها. پر هي تعداد حيرت جهڙو آهي ۽ صاف ظاهر آهي ته هي شخص زيورن سان جهنجهيل هو ۽ اهي زيور سندس لباس جو حصو هئا.

سينگار

ان مڙدي ۽ قبر جو جڏهن ايجا به گهرو مشاهدو ڪيو ويو ته خبر پئي ته مٽيا سڄي جسم جي چؤگرد ڦري ٿي آيا. انهن مان ڪي ڪچيءَ ۾ پيل هئا، ڪي ڇاتيءَ جي چؤگرد هئا ۽ ڪي وري چيلهه ۾ پٽي وانگر ويڙهيل ٿي لڳا. کوٽائي ڪندڙن جي خيال ۾ اهو ڪنهن قسم جو جيڪيٽ ٿي سگهي ٿو، ڇاڪاڻ ته مٽين جي پٽين ۾ تسلسل ڪٽل ڪونه هو. اهو جيڪٽ سامهون کان ڪليل ڪونه هوندو بلڪه مٽان ڪچيءَ مان پاتو ويندو هوندو. ٻيا مٽيا ڇنگهن وٽان به ملیا. مٽين جون اهي قطارون به ران ۽ گوڏي کان هيٺين حصي جو سينگار هيون. ان مان اندازو هنيو ويو ته پيليولٿڪ لوڪ هيٺين جسم کي ڪنهن قسم جي پاجامي سان ڍڪيندا هئا. شايد پيرن جو بوٽ به ان ئي



سُنيگر قبر ۾ دفن ٿيل مڙدو جنهن جي لباس ۾ بي شمار مڻيا تاڪيل هٿا.

پاجامي جو حصو هوندو هو!

ان مڙدي جي کوپڙيءَ جي چوگرد بہ مٽين جون ٽي قطارون هيون. لومڙيءَ جا 25- ڏند بہ مليا، جن ۾ سوراخ ڪيل هئا. شايد اهي ٽوپيءَ ۾ جڙيل هوندا. مڙدي جي ٻانهن ۾ هاٿي ڏندن جا اٽڪل 20- عدد سنهڙا ڪنگڻ هئا. هن حيرت انگيز دريافت تي آرڪيالاجسٽن کي سک کونہ آيو. هن ويهي حساب هنيو تہ ان وقت جي اوزارن سان مدد سان هڪ هڪ مٽئي جي گهڙڻ ۾ لڳ پڳ اڌ ڪلاڪ لڳي ٽي ويو. جنهن ماڻهوءَ جي تدفين ۾ هيڏي قيمتي پوشاڪ شامل هجي، اهو ڪو رواجي ماڻهو تہ ٽي نٿي سگهيو!

آرڪيالاجسٽ پيليوليٿڪ قبرن، تصويرن ۽ مجسمن جي آڌار تي تڏهوڪي لباس تي اڃا بہ وڌيڪ روشني وجهن ٿا. هو گهڙيل سِپن سان سينگار جي نشاندهي بہ ڪن ٿا. عورتن جي لباس جي تشريح بہ ڪن ٿا، پر اهي اوائلي تصويرون ۽ مجسما پوريءَ طرح وضاحت نٿا ڪن.

ضروري نہ آهي تہ سنڌ ۾ پيليوليٿڪ دؤر جو شڪاري بہ همعصر يورپين جهڙو لباس پائيندو هجي ۽ ميموٿ سميت ٻين وڏن جانورن جو شڪار ڪندو هجي، توٿي جو سنڌ ۾ هاٿي، گينڊي ۽ رڇ جو نسل هروپرو ڪا ماضي بعيد جي ڳالهہ نہ آهي. پر، جيئن تہ في الحال سنڌ ۾ اهڙي ڪوجنا ٽي ئي ڪونہ آهي. ان ڪري اسان نٿا چئي سگهون تہ سنڌ جو پيليوليٿڪ يا ميسوليٿڪ انسان ڪهڙو لباس پائيندو هو. سنڌ جو هاٿوڪو خطو بهرحال، انسان جي تاريخ ۾ ڪڏهن بہ برف هيٺ نہ رهيو آهي، تنهنڪري سنڌ ۾ قديم پٿري دؤر جي ماڻهن کي همعصر يورپي پيليوليٿڪ ماڻهن جهڙي لباس جي نہ ضرورت هئي ۽ نہ پاتو هوندو. البت پيليوليٿڪ ماڳ خاص ڪري ميل پٿر 101- (اونگر؛ ضلع لٹو) وٽان پٿر جون اهڙيون نوڪدار چيٽيون مليون آهن، جيڪي چمڙي ۾ سوراخ ڪرڻ لاءِ گهڙيون ويون هونديون.

اوائلي اجها

ٿڌن علائقن ۾ رهائش

سڀ کان اوائلي انسانن جا گهر ڪيئن هوندا؟ جيئن ته انساني نسل جا ابا ڏاڏا جهنگلن ۾ رهندا هئا، ان ڪري سندن رهائش جو انداز به ايئن ئي هوندو، جيئن سندن ابا ڏاڏا رهندا هئا. پڻ ۽ تيلن جا بسترا، ڪتيل وڻن هيٺان آکيرن جهڙا ٺڪاڻا يا اهڙي ئي ڪا هي صورت جهڙي اڇلهه وڻن تي رهندڙ بن مانسن جي "رهائش گاهن" جي هوندي آهي. ماهرن جو خيال آهي ته انسان اڳتي هلي انهن ئي "آکيرن" کي جهوپڙي وانگر بڻايو هوندو ۽ مٿان ڪائين ۽ پنن جون هٿرادو ڇتيون وڌيون هونديون. ان تسلسل کي اسان جهوپڙين جي ارتقا چئي سگهون ٿا.

پوءِ جڏهن اوائلي انساني نسل جهنگ ۽ ٻيلا ڇڏي ميدانن ۾ آيا تڏهن هنن کي جتي جهڙو اجهو نظر آيو، عارضي پناهه گاهه وانگر استعمال ڪيو هوندو. وڻ، ٻوٽا، ٻُوڙا، ڇُرون، غارون، جابلو اوٽون يا ڪجهه ٻيو. جبلن جون غارون انسان لاءِ بهتر آجها هئا. پر انهن تي ڪائنڪ طاقتور مخلوق جهڙوڪ: رڇ ۽ شينهن وغيره جو قبضو هو. انسان، اهي غارون باهه جي دريافت کان پوءِ ئي طاقتور جانورن کان ڇڏائي سگهيو هو. ان ڪري هن جبلن جي قدرتي اوٽن ۽ آجهن هيٺ ئي پناهه ورتي هوندي ته جيئن هو پاڻ کي ٻيو نه ته اوچتين برساتن کان بچائي سگهي.

اهو عام تصور درست نه آهي ته اوائلي انسان غارن ۾ ئي رهندو هو. اها غلط فهمي ان ڪري پيدا ٿي جو پيليوليٿڪ انسان بابت شروع ۾ جيڪي ثبوت مليا، سي غارن مان مليا. غارن ۾ ثبوت جي باقي رهڻ جا امڪان ڪليل زمين جي پيٽ ۾ وڌيڪ ئي هوندا آهن. قديم انسانن بابت اهو تصور بهرحال اٿپورو آهي ته هو غارن ۾ رهندا هئا، شڪار ڪندا هئا ۽ باهه ۾ اڌ پڪو اڌ سڙيل گوشت کائي، هڏيون هيڏانهن هوڏانهن اڇلائي ڇڏيندا هئا. انسان برابر غارن ۾ رهيو پر اها ان وقت جي ڳالهه آهي جڏهن سندن گروهه ڪٽنبي

جوڙجڪ ۾ بدل هئا. سندن ڪمن، رهائش، شڪار، اوزار ناهڻ ۽ هڪٻئي جي واهر ڪرڻ وارن عملن ۾ هڪ خاص ربط ۽ ترتيب هئي.

غارن ۾ رهندڙ اوائلي انسان بابت اهو تصور وڃي تڏهن ٿتو جڏهن فرانس ۽ اسپين جي ڪجهه غارن مان قديم چترڪاري لڌي وئي. اها چترڪاري اوائلي انسان جي سماجي تنظيم ۽ سوچن تي ڪافي روشني وجهي ٿي. اهو، جڏ ته غارن ۾ رهندڙ انسان اڃوڪي انسان لاءِ پنهنجي باشعور هجڻ جو ثبوت ڇڏيو هو. جڏ ته هو ڇڻي رهيا هئا ته اسان پنهنجي سماجي تنظيم ۽ خيال جو فنڪاراڻو اظهار ٻه ڪري سگهندا هئاسون ۽ "وحشي" ڪونه هئاسون. اهي ثبوت ڏسي ڪجهه صاحبن ته ايئن سوچڻ شروع ڪيو ته پيليوليٿڪ ماڻهو غارن ۾ رهندا ئي ڪونه هئا. پر، اها تڪڙي راءِ ٽيندي. پيليوليٿڪ انسان جو غارن سان واسطو رهيو پر ضروري نه آهي ته اهي هتي مستقل رهيا هجن، هن عارضي ٺڪاڻ طور غارون استعمال ڪيون آهن.

قدرتي غارون گهٽو ڪري اهڙن جبلن ۽ ٽڪرين ۾ هونديون آهن جن ۾ چُن پٿري ڊپازٽس هجن. ان مثال لاءِ اسان کي پٻ جبل ۾ موجود لاهوت واري غار کي ڏيان سان ڏسڻو پوندو. آرڪيالاجسٽ چون ٿا ته پيليوليٿڪ ماڻهو ذهني طور ايترا ذهين هئا جو "ايجادون" ڪندا هئا، هن کي قدرتي اڇا نٿي ملڻيا ته هٿرادو اڇا ناهي ويهي ٿي رهيا. اهڙي طرح هن ڪليل آسمان هيٺ "هٿرادو غار" (جهوپڙي) ناهي.

پهريون گهر، جهوپڙي

خيال آهي ته جهوپڙيءَ جي وجود کان اڳ باهه دريافت ڪئي وئي هوندي ۽ ڪليل آسمان هيٺ باهه کي وسامجڻ کان بچائڻ لاءِ شروع ۾ پٿر جي چٽڻن کي هوا جو رخ ڏسي هڪٻئي مٿان سٽي اوٽ ناهي وئي هوندي ته جيئن هوا باهه تي اوچتو حملو ڪري ان کي وسائي نه ڇڏي. بعد ۾ ڪائين، ڪکن ۽ پٽن جي مدد سان ديوار ڏني وئي هوندي ۽ ڇڻي پاسن کان ڦرندڙ هوا کان باهه کي بچائڻ لاءِ باهه جي ڇڻي پاسي اوٽ ڏني وئي هوندي. ان ريت وقت سان ڪکن، پٽن ۽ ڪائين جي ديوار ناهڻ جو سلسلو ٿيو. گهٽو ڪري اهي ديوارون ڪائين کي گاهه ۽ ولين سان ٻڌي ناهيون ويون هونديون.

ان ريت سڀ کان پهرين جهوپڙي ککن پڻ جي ٻن ديوارن کي هکٻئي جي ٽيڪ سان ٻيهاري تنبوءَ جهڙي ٽڪنڊي ٺاهي وئي هوندي. ائين، ڪنهن وقت ۾ ککن جون ٻن بدران چار ديوارون ٻيهاريون ويون هونديون ۽ پوءِ انهن تي ٽڪنڊي يا گنبڊي ڇت رکي وئي هوندي. ان سلسلي ۾ هڪ شڪل اها ٻه هوندي ته مضبوط ڪاٺيون زمين ۾ گولائيءَ ۾ ڪوڙيون ويون هونديون ۽ ان جو هڪ ننڍو پاسو ڪليل ڇڏيو ويو هوندو. شروع ۾ اهي ڇوڏيوارون يا دائرا ننڍا هوندا جن تي ککن جي ڇت وجهڻ سولي هوندي... ۽ اهڙي طرح انسان پنهنجو پهريون محفوظ گهر پنهنجن هٿن سان ٺاهيو هوندو، جنهن کيس ڪنهن نہ ڪنهن حد تائين سخت موسمن کان بچايو ٿي.

هوائن کي روڪڻ لاءِ ٺاهيل اوٽن کان وٺي جهوپڙي تائين ارتقا بابت سمورا اندازا محض خيالي آهن. اسان فقط "امڪانن" تي ڀالهائي سگهون ٿا. ڪا ٺوس ڀالهه صرف ان وقت ڇڻي سگهجي ٿي جڏهن آرڪيالاجسٽن کي ڪو ٺوس ثبوت ملي. لکن سالن جي عرصي ۾ ڪليل ميدانن هيٺ ککن پڻ جي جهوپڙين جو ڪو نشان محفوظ رهجي وڃي، اهو ڪو معجزو ئي ٿي سگهي ٿو. ان ڪري انساني زندگيءَ جي ارتقا جو ڳوڙهو اپياس ڪندڙن اڇوڪي زماني ۾ آسٽريليا ۽ آمريڪا ۾ رهندڙ ڪجهه اهڙن شڪاري قبيلن جي رهٽي ڪرٽي جو اپياس ڪيو جيڪي ثقافتي طرح اڄ ٻه پٿري دؤر ۾ رهندڙ آهن. ڪڏهن ڪڏهن ته هو پاڻ ئي ان مهل منجهي ٿي پيا جڏهن هٿن جو اهڙي ڪنهن شڪاري گروهه جي هڪ رات جي بيٺڪ وارن قٽل نشانن سان واسطو ٿي پيو. ان ڪري ثبوت فقط پٿري اوزارن يا استعمال ۾ آيل شين جي باقيات مان ئي ملي سگهي ٿو. ان ڪري اهو ڪجهه خاطريءَ سان ڇڻي سگهجي ٿو ته جتي ڪنهن ميدان ۾ ڪو پيليوليٽڪ ثبوت ملي ٿو، اتي ويجهڙ ۾ ئي ڪاڻ ڪا جهوپڙي ٻه هوندي، چاهي اها وقت سان ٻنهه ختم ٿي چڪي هجي.

جن پيليوليٽڪ ماڻهن پنهنجين جهوپڙين جي اڏاوت ۾ پٿر استعمال ڪيا، انهن جي سجاڻپ وري ٻه سولي آهي. اوپر آفريڪا ۾ اولدواءِ ماڳ وٽ اهڙي ئي نوعيت جي اڏاوت ملي آهي، جيڪا شايد دنيا جي "قديم ترين اڏاوت" هجي! اهو وڏن پٿرن جو هڪ اڌ گول آهي، جنهن جي مدد سان ڪنهن قسم جي ڪا معمولي اڏاوت ڪئي وئي هوندي. ارضياتي لحاظ کان


زمين جو اهو تهه 20- لک سال پراڻو آهي. ايترا ئي پراڻا تعميراتي آثار ايٿوپيا مان گومبور (Gombore) وٽان مليا آهن. يورپ ۾ ان قسم جي پراڻي اڏاوت فرانس ۾ سوليهاڪ (Soleihac) ماڳ وٽان ملي جيڪا ڏهه لک سال قديم آهي، پر اهو قطعي ضروري نه آهي ته اهي انسان جون ٺاهيل هجن.


فرانس ۾ پيليوليٿڪ دؤر جي هڪ جهوپڙي جا بهتر نشان مليا آهن، جيڪا 5- لک سال اڳ ٺاهي وئي هئي. 1968ع ڌاري فرانس جي بندرگاهه نائس (Nice) کان ڪجهه پرپرو ڪجهه چقمقي پٿر جا اوزار مليا. اهو ماڳ پونءِ وچ سمنڊ ڏانهن منهن ڪيو بيٺو آهي. يقين، پنج لک سال اڳ هتان جو منظرنامو مختلف هوندو. اتي واريءِ پٿري ساموندي ڪنارا هئا. پٿين پاسي گهاٽا ٻيلا ۽ جام شڪار هو. اهي اوائلي ماڻهو هتي نظارا ڏسڻ لاءِ نه، پر سولو شڪار ڪرڻ لاءِ ڪجهه عرصو ترسي پيا هوندا. سائنسدان هتي هڪ دلچسپ ڳالهه ٻه چون ٿا ته شڪاري لوڪ هر بهار جي مند ۾ موٽي ايندا هئا ۽ شايد ڏهاڪو ڪن سالن تائين هو ساڳي جاءِ تي ايندا رهيا هئا ۽ پنهنجي جهوپڙيءَ جي مرمت ڪندا هئا. ڏهن سالن ڪانپوءِ هو نه موٽيا ۽ سندن ڇڏيل نشان هوريان هوريان واريءَ هيٺ دٻجي ويا.


اها جهوپڙي بيضوي شڪل جي ۽ ڪافي ميٽر ڊگهي هئي. وچ ۾ هڪ تانگهي ڪڏ هئي جنهن ۾ باهه ٻاري ٿي وئي. ان چلهه جي هڪ پاسي جتان هوا جو گذر هو، پٿر جي هڪ ننڍڙي ديوار ڪنيل هئي. جهوپڙي جي ڇت جنهن بابت اهو ٻڌ ٿي نه سگهيو ته اها گول هئي يا محراب نما هئي ٽارين ۽ ٻوٽن مان ٺاهي وئي هئي، جيڪي ويجهي ٻيلي مان آندا ويا هئا. موسمن جي سختيءَ کان بچڻ لاءِ ممڪن آهي ته هنن ڇت ۽ ديوارن کي گاهه، پٽن يا جانورن جي ڪلن سان به ڍڪيو هجي. ان زماني ۾ ڏکڻ فرانس جو اونهارو ايترو گرم نه هو جيترو اڄ آهي. هن وقت ان جاءِ تي هڪ نئين عمارت آهي ۽ ان جاءِ جي مالڪ پراڻن آثارن جي اهميت کي محسوس ڪندي عمارت جو هيٺيون حصو ميوزم بڻائي ڇڏيو آهي ۽ قديم جهوپڙيءَ جي اصل شڪل صورت بحال ڪري ڇڏي آهي.


ساڳئي تسلسل ۾ هڪ چرڪائيندڙ انڪشاف 23- اپريل 1997ع تي وائس آف آمريڪا جي هڪ رپورٽ ۾ ڪيو ويو. ان رپورٽ ۾ ٻڌايو ويو ته اتر جرمنيءَ ۾ هڪ ڪاٺ جي ڪوٽائيءَ دوران 10- ميٽرن جي ڪوٽائيءَ کان پوءِ


"باشعور انسان" سينگار لاءِ هن قسم جا ابتدائي هار ٺاهيا جيڪي عاج، ڪوڏن ۽ مختلف جانورن جهڙوڪ: لومڙي، بگهڙ ۽ رڇ جي ڏندن کي گهڙي تيار ڪيا ويا هئا.

















يورپ ۾، آخري پيليوليٿڪ دور ۾ ميموٿ جي هڏين کي نمبراتي سامان طور استعمال ڪيو ويو.

ڪجهه پٿري اوزار لڌا ويا آهن، جيڪي اصل ۾ چار لک سال اڳ جي انسانن ٺاهيا هئا. اهي نيزا آهن. ان رپورٽ جي تصديق جارج واشنگٽن يونيورسٽي جو هڪ پروفيسر ڪري رهيو هو.

ڳالهه گهٽي ڊگهي ٿي ويندي جيڪڏهن اسان جهوپڙيءَ جي ارتقائي مرحلن ۾ ميموٿ ۽ وڏن ڏاڙهن جي شڪارين جون ايجادون ۽ دريافتون شامل ڪنداسون ته هن ڪيئن عاج ۽ سگهن کي جهوپڙيون ٺاهڻ لاءِ استعمال ڪيو يا آرام لاءِ بسترا ٺاهيا. بهرحال، ميسوليٿڪ دؤر تائين اوائلي انسان جون جهوپڙيون لڳ ڀڳ اهڙي صورت اختيار ڪري چڪيون هيون جهڙيون اڄ آهن.

اوائلي قبرون

موت جو احساس ۽ قبرون


انسان ۽ جانور ۾ هڪ فرق اهو ب آهي ت جانور پنهنجا مڙدا پُوريندا نہ آهن، پر انسان ايئن ڪري ٿو. شايد ان ڪري ت موت بابت انسان جي ذهن ۾ هڪ مختلف تصور آهي. موت هڪ المیو آهي، جڏهن ب ڪو ماڻهو مري ٿو ت ڏکن سکن جو هڪ ساڻي ضايع ٿئي ٿو ۽ انسان جي ذهن ۾ پنهنجي ساڻيءَ سان گهاريل گهڙين جون يادون قرڙ لڳن ٿيون، هڪ اهڙو ساڻي جنهن جهنگلي جانورن سان ويڙهه ۾ ساڻ ڏنو ۽ سخت موسمن ۾ گڏجي ڪو اجهو ٺاهيو. اهو انسان ئي آهي جنهن موت کان پوءِ ب زندگيءَ جو تصور قائم ڪري هڪ نئين دنيا کي وجود ڏنو آهي. هڪ ماڻهوءَ جو موت نئين ۽ اڻجاڻ دنيا جي سفر جو آغاز سمجهيو ويو، جيڪو سفر مئل مسافر کي اڪيلو طئ ڪرڻو هو. ان "مسافر" جي سفر جو بندوبست سندس ساڻين اهتمام ۽ ڏک جي جذبن سان ٿي ڪيو.

جيئن ت انسان پنهنجي سوچ جي سفر دوران ان وقت موت ۽ موت کان پوءِ واري حياتيءَ تي سوچيو هوندو جڏهن هو مڪمل وحشي دؤر مان نڪري خوراڪ جي هڙ وٺ مان ڪنهن حد تائين جند ڇڏائي "شعور" جي منزل ۾ آيو هو، ان ڪري تدفين جو سلسلو گهڻو پوءِ شروع ٿيو. انسان پهرين قبر ڪڏهن ۽ ڪٿي ٺاهي هئي؟ اهو سوال ب آرڪيالاجيءَ جي گهڻن سوالن وانگر اڌورو رهجي ويو آهي ۽ شايد "پهرين قبر" ڪڏهن ب هٿ اچي نہ سگهي.

انساني ذهن ڏاڍو پيچيندو آهي، پر سائنسدان چون ٿا ت اوائلي انسان جي خيال ۾ نند ۽ موت ۾ ڪا هڪجهڙائي هوندي ۽ سندن خيال ۾ موت ڪنهن خاص قسم جي نند آهي جنهن مان مئل ماڻهو هڪ نہ ڏينهن جاڳندو. ان خيال جو ڪارڻ اهي قبرون آهن جن ۾ مڙدي کي ڪجهه اهڙيءَ طرح پاسيرو ليٽايو ويو آهي جڻ هو سمهي رهيو آهي. جيئن کو سيءَ ۾




زيڪوسلواڪيہ: پٿري دور ۾ هن ريت لاش کي ڏڻي ٻوڙڻ جو رواج هو.




نينڊرٿال کوڙڻ ۽ ماٺونتي سرڪيو (اٽلي) جي غار ۾ اها جاءِ جنهن اها لڏي وئي.

A burial in the branches of a tree. This method of disposing of bodies may have been used during the Paleolithic



وڻ جي ٽارين تي تدفين جو طريقو جيڪو پيلوليٿڪ دور ۾ مروج هوندو
۽ اڄ تائين پارسي مذهب ۾ رائج آهي.



برطانيہ جي ٻيٽ تان لڌل هڪ قبر جنهن ۾ مردي کي ڪاڙهي جي
سگڻ ۾ گهيري پوريو ويو هو.

سُڪندڙ ماڻهو ڪروندڙو ٿيو پيو هجي. گوڏا موڙي ڪاڏيءَ طرف ڪيا ٿي ويا ۽ هٿ ڳلن تي رکيا ٿي ويا.

نند ۾ هجڻ واري تصور جو ٻيو ثبوت مڙدي سان دفن ٿيل اوزار، هٿيار ۽ زيور وغيره آهن. جيڪي نند مان جاڳڻ يا ٻيهر جنم وٺڻ مهل هن کي ڪم اچي ٿي سگهيا. ايڇا بہ دلچسپ صورتحال آهي تہ پيليوليٿڪ دؤر ۾ ڪجهہ مڙدا دفن ڪرڻ مهل انهن کي رسين سان ٻڌو ٿي ويو. ماهرن جي خيال ۾ اهو دليل آهي تہ اوائلي لوڪن کي ڊپ هو تہ متان اهو مڙدو ڪنهن مهل اٿي هلڻ لڳي. ان ريت مڙدي کي اوچتو اٿي هلڻ کان جهليو ويو هوندو. مڙدي لاءِ احترام ۽ ڊپ جا هي گڏيل جذبا عجيب سهي پر هر زماني ۾ موجود رهيا آهن. اڄ بہ جيئرا جاڳندا ۽ ڪمزور دل انسان مڙدن کان خوف کائين ٿا.

اوائلي وقتن ۾ لاشن جي نيڪال جي صورت فقط زمين ۾ پورڻ تائين محدود نہ رهي هوندي. کي گروهہ پنهنجا لاش ساڙيندا هوندا يا کٽي اوچائيءَ تي رکي ايندا هوندا. اهي طريقا اڄ بہ هندن ۽ پارسين ۾ جاري آهن. لاشن جي اهڙي نيڪال جو ڪوبہ ثبوت باقي نٿو رهي. اسان فقط اهو سوچي سگهون ٿا تہ اڇوڪين رسمن جون ماضيءَ ۾ پاڙون هونديون آهن.

تدفين جي حوالي سان يورپ ۾ هڪ دريافت 1949ع ۾ ٿي. هي ماڳ چيڪوسلواڪيہ ۾ "دولني ويستونائس" آهي، جتان ميموٿ جي شڪارين جي پيليوليٿڪ قبر لڌي وئي. ان ماڳ جي صفائي ۽ کوٽائي ڪندي آرڪيالاجسٽن کي هڪ ننڍي ڪڍ ۾ هڪ عورت جو لاش مليو، جنهن کي ميموٿ جي ڪلهن، پاسراٽين ۽ ڏاڪ جي هڏين سان ڊڪيو ويو هو. هي پهريون پيرو هو جو ميموٿ جي هڏين سان گڏ ميموٿ جي شڪاري گروهہ جي ڪنهن فرد جون هڏيون مليون هيون. هي مڪمل ڊانچو هو. پتو پيو تہ اها چاليهارو سال عمر جي هڪ عورت هئي، جنهن جو قد چار فٽ ڏهہ انچ هو. لاش سان گڏ ڪجهہ چقمقي اوزار ۽ چٽڙ بہ پيا هئا. ڊانچي جي پر ۾ هڪ مٺ ۾ هڪ برفاني لومڙيءَ جا ڏند بہ رکيا ويا هئا. آرڪيالاجسٽن هن قبر کي جيئن جو تيئن محفوظ ڪري ۽ ڪٽائي موراوين ميوزم برنو (Brno) ۾ نمائش لاءِ رکي ڇڏيو آهي.


نيندرٿال قبرون

نيندرٿال انسان ڏسڻ ۾ جهڙو بي ڍولو ۽ مضبوط هڏ ڪاٺ وارو هو، طبيعت ۾ اوترو ئي رحمدل هو. ان جذبي سبب هن پاڻ کان اڳوٽن نسلن جي پيٽ ۾ پنهنجي برادريءَ وارن سان مختلف ۽ جذباتي رويو رکيو. شايد اهو ئي سبب آهي جو اڪثر نيندرٿال گروهن پنهنجن مُڙدن کي جانورن وانگر نظرانداز ڪرڻ بدران پُورڻ جو سلسلو شروع ڪيو. في الحال آرڪيالاجسٽن وٽ اوائلي پيليوليٿڪ دؤر جي تدفين ۽ رسمن بابت ڪوبه ثبوت ڪونه آهي.


جيتوٽيڪ هيل تائين "آپي انسان" ۽ ان کان اڳ وارن انسان نما نسلن جا ڍانچا ۽ هڏيون مليون آهن، پر انهن مان اهڙي ڪابه شاهدي نٿي ملي ته اهي قبرون هيون. هن وٽ شايد تدفين جي حوالي سان کو تجريدي خيال به ڪونه هو. ان جي ابتڙ نيندرٿال انسان پنهنجا مڙدا پوريندو هو، جنهن مان پڌرو ٿئي ٿو ته سندس روحاني دنيا پنهنجن ابن ڏاڏن کان وڌيڪ شاهوڪار هئي. نيندرٿال باشعور انسانن واري سلسلي جو هڪ اهم نسل آهي. پر، اهو ضروري نه آهي ته نيندرٿال پنهنجي نسل جي هر ماڻهوءَ کي موت کان پوءِ دفن ڪيو هجي. هن ڪجهه چوندڙ ماڻهن کي قبر ۾ جاءِ ڏني. هن مهل تائين فقط 16- هنڌن تان 36- قبرون مليون آهن. جيئٽيڪ اهو نسل فرانس کان وٺي مرڪزي ايشيا تائين پکڙيل هو. جيڪڏهن اسان ايئن سوچيون ته گهٽيون قبرون اڃا دريافت ٿيڻيون آهن ۽ گهٽيون قبرون زماني جي زورآوريءَ سبب تباهه ٿي چڪيون آهن، تڏهن به هن مهل تائين لڌل نيندرٿال قبرون تمام ٿوريون آهن. ان کانسواءِ قبرن جي ورڇ به هڪ ڪري ڪونه آهي. انهن مان اڌ ته رڳو ڏکڻ فرانس ۽ اتر اسرائيل جي وچ ۾ آهن.

اهي قبرون اسان کي نيندرٿال جي سماجي زندگي ۽ رسمن بابت ڪافي معلومات ڏين ٿيون، پر انهن تفصيلن کي هر نيندرٿال گروهه سان لاڳو ڪري نٿو سگهجي. اولهه ۽ اوڀر ۾ پکڙيل اهڙين قبرن ۾ ڪافي فرق آهي. اهو ثبوت ئي ڪافي آهي ته نيندرٿال جي گهٽين آبادين وٽان قبرون ڪونه مليون آهن.


اولهه ۾ جتي نيندرٿال ماڻهن جو هڪ مخصوص گروهه رهندو هو، انهن جي قبرن ۾ پٿري اوزار ۽ هڏين مان گهڙيل شيون رکيل هيون. اوڀر واري پاسي جا نيندرٿال جن پوءِ جديد ماڻهوءَ جي صورت ۾ ارتقا ڪئي هوندي،



نیندر ٹال لوکن جو هک قبرستان.



هڪ نينڊر ٿال چوڪر جي قبر جيڪا سينٽرل ايشيا مان لڌي وئي. ڪاري رنگ ۾ ڏيکاريل هڏيون پار جون آهن، پيون هڏيون ٻکريءَ جون آهن.



فرانس ۾ اٽلي جي سرحدن وٽان لڌل هڪ پيليوليٿڪ قبر جنهن مان هڪ نوجوان مڙد ۽ هڪ پوڙهي عورت جون هڏيون مليون آهن.

قبر ۾ ٿورو سامان رکندا هئا. سائنسدان ان گروهه لاءِ چون ٿا ته اهي موت جون رسمون ادا ڪندا هئا.

بغداد جي اتر ۾ جبلن تي موجود ڪوٽ شانيدر (Shanidar) وٽ هڪ غار مان مٽيءَ جي هيٺين تهن مان نيندرٿال ماڻهن جا ڪافي ڄانچا مليا آهن، جيڪي 40- کان 50- هزار سال قديم آهن. انهن مان ڪجهه ماڻهو ڇت مان پٿر ڪِرڻ سبب مري ويا هئا. شايد ڪنهن موقعي تي ڪنهن زلزلي سبب غار جي ڇت مان پٿر ڪِريا هوندا. ساڳي جاءِ تان هڪ ماڻهوءَ جي باقاعدي قبر لڌي وئي آهي. ان قبر جي اپياس مان خبر پئي ته مڙدي کي جنهن مٽيءَ ۾ دفن ڪيو ويو ان ۾ ڪلن جو زيرو مقدار ۾ وڌيڪ هو. ان جو جواب شايد اهو ئي ٿي سگهي ٿو ته مڙدي جي جسم کي ڪلن سان ڍڪيو ويو هو.

نيندرٿال جي، پي سرحد تي به تدفين غير معمولي ۽ دلچسپ ڏٺي وئي. ڏکڻ فرانس ۾ "لا فيراسي" وٽ هڪ جهڪيل ٽاکرو جهڙي هيٺ هڪ مڪمل قبرستان مليو آهي، جنهن کي دنيا جي قدين ترين قبرستانن ۾ شامل ڪري سگهجي ٿو. انهن قبرن ۾ هڪ مرد، هڪ عورت ۽ ڪافي ٻار ڪجهه خاص ترتيب ۾ دفن ٿيل آهن. مرد جو جسم هڪ چلهه جي باقيات تي ڪجهه اهڙي طرح ليٽايل هو جو هن جي مٿي جي چوڌاري ٽي وڏا پٿر رکيل هئا. عورت، جيڪا هن کان ڪجهه ننڍي عمر جي محسوس ٿئي ٿي مرد جي ويجهو اهڙيءَ طرح سڌي ليٽايل هئي جو ٻنهي جا مٿا پاڻ ۾ ويجهڙا هئا. سيئي ٻار سادين کڏن ۾ پوريل هئا،سواءِ هڪ جي، جنهن جي قبر ڏيان ڇڪائيندڙ هئي. هتي 9- عدد مٽيءَ جا ننڍڙا گول دڙا صاف ۽ جاميٽريڪل انداز ۾ هئا. انهن مان اٺ خالي هئا. نائين نمبر ڊگ ۾ تازي ڇاول ٻار سان ٽي ڇقمقي پٿر هئا. هن قبر جي کهاڙي شايد هميشه لکل ئي رهندي.

برفاني دؤر جي شڪارين جون قبرون

آخري برفاني دؤر جا شڪاري ميموٿ ۽ سانبر ماريندا هئا. ان بابت پاڻ اڳ ۾ بحث ڪري چڪا آهيون. اهڙن شڪارين جي هڪ آبادي ۾ جيڪا دولني ويستونائس واري آهي، مان ميموٿ جي هڏين سان ڍڪيل هڪ عورت جو ڄانچو مليو هو. هن کي جنهن ريت دفن ڪيو ويو هو، ان مان لڳي ٿو ته

هوءَ پنهنجي گروهه ۾ معتبر حيثيت رکندڙ هئي. ان هوندي به ايئن ٿئو چئي سگهجي ته اها قبر پنهنجي نوعيت ۾ اڪيلي آهي. روس ۾ کوستينکي (Kostienki) وٽان ميموٿ جي پاسراڻين هيڻان به هڪ ڏانچو مليو آهي. هوڏانهن سنگير (Sungir) وٽ به هڪ ماڻهو عاليشان کڻڻ ۾ پوريل لڏو ويو آهي. هي دلچسپ قبر هن هارن واري آهي، جيڪا پڻ سنگير وٽان لڌي هئي. هنهي هارن جي عمر لڳ ڀڳ ڏهه ڏهه سال هئي، هن کي ٽيڪ ان ريت پوريو ويو هو جيئن لافيراسي ۾ عورت ۽ مرد پوريا ويا هئا. هو پٽيرا ۽ سڏا ليڏيل هئا ۽ سندن مٿا هڪجهي کي ويجهو هئا. لاش جا مٿا هڪجهي جي ويجهو ڇو رکيا ويا؟ سائنسدانن لاءِ اهو ئي سوال دلچسپ آهي. ڇا اها انهن فردن جي زندگيءَ ۾ هڪجهي سان قربت جي نشاني آهي يا اهو کنهن خاص قسم جي عقيدي سبب ڪيو ويو؟ ماهرن جي راءِ ۾ هارن جي تدفين ۾ ڏيکاريل پوزيشن ضرور کنهن خاص قسم جي عقيدي جي سبب هئي. اهڙيون کافي قبرون لڌيون ويون آهن ۽ دلچسپ ڳالهه اها آهي ته ميموٿ جي شڪارين جي آبادي۽ مان، جيڪا ڏکڻ روس ۾ گاگرين (Gagarin) وٽان هڪ مورتي ملي آهي، جنهن ۾ بن ماڻهن کي ڏيکاريو ويو آهي، هڪ ماڻهو وڏو ۽ ٻيو ننڍو آهي جن جا مٿا پاڻ ۾ ڳنڍيل آهن.

سنگير وارا هار به ضرور کنهن خاص حيثيت جا مالڪ هوندا. ماهر تجويز ڪن ٿا ته پيليولٿڪ دؤر جي پڇاڙيءَ ۾ اتر روس ۾ موجود شڪاري سماج ايترو سادو ڪونه هو، جيترو عام طور سمجهيو وڃي ٿو. انهن هارن سان گڏ دفن ٿيل سڀ کان اهم شيءِ هڪ طاقتور ميموٿ جي ڏند مان ٺهيل وڏو نيزو هو. ان قبر مان عاج جون ٺهيل لڳ ڀڳ سموريون شيون مليون هيون. بهرحال، هارن جون اهي قبرون به پنهنجي نوعيت ۾ اڪيلیون نه آهن، ڇو ته اهڙي ئي هڪ قبر سائبيريا ۾ مالٽا ويجهو ملي آهي. اتي هڪ هار کي 120- عدد گول ۽ سڏن مڻين، ڪنگڻ ۽ ستن زيورن سان پوريو ويو هو، جيڪي عاج مان گهڙيل هئا.


پيليولٿڪ دؤر جي هڪ ٻي قبر واقعي ذڪر لائق آهي. موراويا ۾ "پريد موستي" وٽ 13- فوٽ ڊگهي بيضوي ڪڍ ۽ پٿرن جي اوساري ملي هئي، جنهن جو مطلب آهي ته اهو کنهن جهوپڙيءَ ۾ زمين کوٽي تري ۾ فرش ٺاهيو ويو هو. ان ڪڍ مان 12- ماڻهن جا ڏانچا مليا آهن. جن مان اڪثر بالغ

هئا. انهن کي ميموٿ جي پاسراتين، کلهن ۽ پٽرن سان ڏيکيو ويو هو. سڄي دنيا ۾ کنهن به ٻئي هنڌان هن قسم جي قبر کونه ملي آهي. تدفين مان لڳي ٿو ته سيئي مڙدا هڪ ئي وقت دفن کيا ويا هئا يا وري اهي جلدي جلدي مئا ۽ انهن کي ساڳي کڏ ۾ پوريو ويو. ايترا ماڻهو هڪ ئي وقت ڇو مئا؟ شايد شڪار دوران کين کو حادثو پيش آيو هجي يا کنهن وبائي بيماريءَ ۾ مري پيا هجن. هيءَ قبر بهرحال ايتري شاهدي ضرور ڏئي ٿي ته پوئين پيليوليٿڪ دؤر جي هڪ شڪاري گروهه ۾ ايترا ماڻهو هئا جو ان ۾ نه رڳو اهي 12- ماڻهو موجود هئا پر انهن جا ايترا ساٿي به هئا جو هن کي دفن کيائون. اهڙي طرح اهو تعداد گهٽ ۾ گهٽ ٻه ڊزن ته هوندو.


جيئن ته هيءَ اجتماعي قبر کنهن حادثي ڏانهن اشارو ڪري ٿي، تنهنڪري اها "رواجي پيليوليٿڪ قبر" کونه آهي. ايا به خاص قبرون اهي آهن جيڪي ڏکڻ فرانس ۽ کامچاتکا (Kamchatka) جي وچ ۾ ٽڙيل پکڙيل آهن. انهن سيني قبرن کي ڏسي اسان چئي سگهون ٿا ته پيليوليٿڪ جي ڇاڙڪي دؤر ۾ به تدفين جو نمونو هڪجهڙو نه هو. بالڪل ايئن جيئن اڄڪلهه هر کنهن مذهب ۽ قبيلي وٽ پنهنجو پنهنجو طريقو آهي. هن مهل تائين لڌل 100 کن قبرن مان فقط 41- قبرن ۾ هڪ هڪ مڙدو دفن ٿيل آهي. سائنسدانن اها به ڳالهه نوٽ ڪئي آهي ته انهن ۾ 66- سيڪڙو مرد ۽ 33- سيڪڙو عورتون دفن ٿيل آهن. فقط نيندرٿال لوڪن ئي مرد مڙدن سان قبرن ۾ سامان رکيو پر ميموٿ جي شڪارين عورتن ۽ مردن جي تدفين ۾ ڪو فرق نه رکيو.

عورتن ۽ مردن سان گڏ پوريل سندن سامان انهن مڙدن جي زندگيءَ ۾ سندن سماجي حيثيت ۽ شاهوڪاريءَ جي نشاندهي ڪن ٿا. سنگير ۾ دفن ٿيل مڙدو جيڪو متين سان سٽيل هو، هڪ جدا ڳالهه آهي، پر گهٽو ڪري هر پيليوليٿڪ قبر مان ڪجهه زيور ۽ پٿر جا اوزار مليا آهن.

هيل تائين پاڻ جن به قبرن جو ذڪر ڪيو آهي، انهن ۾ مڙدا زمين ۾ پوريل آهن. اهو سلسلو اڄتي نيوليٿڪ دؤر ۾ به جاري رهيو، پر هڪ تازيءَ دريافت دوران آسٽريليا ۾ مُنگو (Mungo) ڍنڍ جي ڪناري تان هڪ انساني ڍانچو سڙيل حالت ۾ مليو آهي ۽ سندس هڏيون پڄي هڪ تانگهي کڏ ۾ اڇلايون ويون هيون. اهو ڍانچو 30 هزار سال اڳ جو آهي.



زيڪوسلواڪيہ ۾ آخري پيليوليٿڪ دور جي هڪ قبر جنهن ۾
20 مائٽن جون هڏيون آهن.



جرمنيءَ جي آنيت غار ۾ پوريل ڪوپڙين جو مُجو.

پيليوليٿڪ دؤر جي پڃاڻيءَ مهل ڪجهه ٻيون به حيرت جهڙيون قبرون نظر اچن ٿيون. ڊاڪٽ جرمنيءَ ۽ ناردلنگن ويجهو آفينٽ غار مان سائنسدانن کي ٽاڻءَ جهڙي گولائي جهڙيون به کڏون مليون. انهن مان هڪ "قبر" ۾ 27- ۽ ٻيءَ ۾ 6- انساني منڊيون مليون آهن. اهي منڊيون پٽري اوزارن سان باقاعدي ڏڙ کان ڏار ڪيل هيون، ڇاڪاڻ ته ڪن منڊين سان گڏ انهن جي ڪرنگهي واريون هڏيون به موجود هيون. هن هنڌ ڇا ٿيندو رهيو هو؟ ايڏا تائين اطمينان جوڳو ڪوبه جواب ملي نه سگهيو آهي. ڪجهه سائنسدان چون ٿا ته هن گروهه جا ماٿهو انسانن جون فقط منڊيون پوريندا هئا ۽ باقي ڏڙ جو نيڪال ڪنهن ٻي صورت ۾ ڪندا هئا. ٻين ماهرن جو خيال آهي ته اهي منڊيون اصل ۾ اوائلي قبائلين هٿان دشمن جي شڪار جو انعام ٿي سگهن ٿيون. ٻنهي صورتن ۾ اها ڳالهه ظاهر ٿئي ٿي ته اوائلي انسان، انساني منڊيءَ کي ڏاڍي اهميت ڏني آهي.

نينڈرٿال انسان جي هڪ ڪوپڙي روم ويجهو گواتاري غار (Guattari Cave) وٽان ملي آهي، جنهن کي پٿرن جي هڪ دائري ۾ ريٽن رسمن سان دفن ڪيو ويو هو. ڪجهه اهڙو ثبوت به آهي ته "ايپي انسان" جون به ڪجهه ڪوپڙيون ڪن سببن جي ڪري محفوظ ڪيون ويون هيون.

نيوليٿڪ دؤر جا مقبرا

نيوليٿڪ دؤر ۾ تمام وڏن پٿرن سان ٺاهيل مقبرن جي هڪ خاص قسم کي ڊولمن (Dolmen) چيو وڃي ٿو. ويلس (Wales) ۾ انهن کي Cromlechs چون ٿا. تمام وڏن پٿرن کي اُڀو بيهاري انهن جي مٿان اهڙي ٿي ڪنهن تمام وڏي پٿر جي ڇت ڏئي هڪ چئمبر ٺاهيو ٿي ويو. نيوليٿڪ دؤر ۾ انهن چئمبرن ۾ مڙدا پوريا ويندا هئا. اهڙيون شاهي توڙي ننڊيون اڏاوتون يورپ کان آفريڪا ۽ ايشيا تائين ملن ٿيون. ايستائين جو جپان ۾ به ڊولمن ملن ٿا، پر ايشيا ۾ اهي "شاهي" قسم جا ڪونه آهن. آئرلينڊ ۾ ملندڙ ڊولمن جو تعداد ڪهڙ ۾ ڪهت 150 آهي، جنهن مان اڪثر 2500 ق.م. جا آهن.

ڇا سنڌو ماٿريءَ ۾ به ڊولمن طرز جون ڪي قبرون لڌيون ويون آهن؟ پاڪستان جو سينيئر آرڪيالاجسٽ سيد حاڪم علي شاهه بخاري هائوڪار

ٻر جواب ڏئي ٿو. "وادي مليـر" نالي ڪتاب ٻر هو اوائلي قبـرن تي بحث ڪندي چوي ٿو: "... اهڙيون قبرون يا يادگـار جن کي صحيح معنيٰ ٻر ميگاليٿڪ (وڏن پٿرن مان ٺاهيل) چئي سگهجي، سرحد صوبي ٻر نوشهري کان 24 ميل اوپر ٻر ۽ مردان کان 17 ميل اتر اوپر ٻر موجود آهن...."

بخاري صاحب، ڪيپٽن ايچ. ڊي. گـارڊن جي حوالي سان هڪ ڳوٺ آسوٽا جي ويجهو 57 فوٽن جي قطر ٻر لڳل 10-10 فـوٽن جي 32 پٿرن جو ذڪر بہ ڪيو آهي (جن مان هاڻي 14 غائب ٿي چڪا آهن) اهي پٿر هڪڙئي کان ٻن کـان چئن فـوٽن جي فـاصلي تي لڳل آهن. پٿـرن جا اهڙا دائرا يقينن پٿري دؤر سان تعلق رکن ٿا ۽ اهي يورپ ٻر ڪثرت سان ملن ٿا. پر ڇا واقعي اهي قبرون يا تدفين جو ڪو سلسلو آهي؟ ان باري ٻر ايڄا ڪوجنا ڳهربل آهي.

البت، بخاري صاحب ڪراچيءَ ويجهو ڊملوٽي آثارن ٻر پٿري دؤر جي اهڙين قبـرن جي نشاندهي ڪري ٿو، جن کي ڊولـمن قرار ڏئي سگهجي. بخاريِ صاحب لکي ٿو، "ڊملوٽيءَ ٻر موجود ميگاليٿڪ قبرن جي باري ٻر علم تہ اپڪنڊ جي ورهاڱي کان گهٽو اڳ ٿي چڪو هو. پر تـحقيقي کوٽائيءَ جي ضرورت هئي. پـارت ٻر اهڙين قبـرن جي کوٽائيءَ جو ڪـم اڳ ئي شروع ٿي چڪو هو، پاڪستان جي قديم آثارن واري ڪاتي 1975ع ٻر انهن قبـرن جي کوٽائي جو ڪـم ڪيو." ان کوٽائيءَ جي رپورٽ کي هتي ڊملوٽيءَ ٻر 'ڪافرن جون قبرن' جي عنوان سان پيش ڪجي ٿو:

ڊملوٽيءَ ٻر "ڪافرن جون قبرون"

"ڊملوٽيءَ ڪراچيءَ کان 24 ميل پري اُتر اوپر ٻر ۽ ملير شهر کان ڏهـ ميل اتر اوپر ٻر سمنڊ جي سطح کان 125 فوٽ بلنديءَ تي آهي. هي قبرستان باهر نڪتل هڪ ٽڪريءَ تي آهي، جتان ملير نديءَ جو خشڪ پيٽ صاف ڏسجي ٿو. هن قبرستان ٻر هنڌ هنڌ پٿر جون ٺهيل قبرون پکڙيل هيون. هڪ ڪچو رستو قبرستان جي وچ مان لنگهي ٿو جنهن ان کي ٻن حصن ٻر ورهائي ڇڏيو آهي. ان ريت هي قبرون ٻن حصن ٻر ورهائجي ويون آهن. پهرين حصي ٻر 25 قـبرون ملير نـديءَ جي ساڄي ڪـپ تي هڪ سڌي مٿاڇريءَ واري ٽڪريءَ تي آهن. هي حصو رستي جي اوپر ٻر آهي ۽ 125 فوٽ ڊگهي ۽ 100

فوٽ ويڪري ايراضيءَ تي پکڙيل آهي. ويجهو ئي، رستي جي ٻئي ڪناري تي ساڳي ٽڪريءَ جي لاهيءَ تي قبرستان جو ٻيو حصو آهي، جتي ڳچ ٽٽل پٿرن جا ڍير ۽ انساني هڏين جا ٽڪرا اڄ ب ڏسي سگهجن ٿا. 125 فوٽ ڊگهي ۽ 100 فوٽ ويڪري ايراضيءَ تي گهٽ ۾ گهٽ 50 قبرون ڳڻي سگهجن ٿيون.

ڊملوٽيءَ ۾ پٿرن جون ٺهيل هي قبرون شڪل ۽ صورت جي لحاظ کان ڏکڻ هندستان ۾ دکن ۽ ميسور رياستن ۾ ملندڙ قبرن سان هڪجهڙائي رکن ٿيون. ڏکڻ هندستان ۾ اهڙين قبرن مان انساني هڏين کانسواءِ قبرن جو سامان، ٽانوَ ۽ هٿيار، گهٽ قيمتي پٿر ۽ سون جا ٽڪا ب ملڻا آهن. ڊملوٽيءَ واريون اڪثر قبرون چئني طرفن کان چار پٿر زمين ۾ کوڙي ٺاهيون ويون هيون. هي قبرون مٿان کان کليل هيون، پر محسوس ٿئي ٿو ته پنجين پٿر سان انهيءَ کي ڍڪ ڏنو ٿي ويو. پر ڪجهه قبرن جي ويجهو ڳچ ٽٽل پٿرن کان سواءِ ڪوب مڪمل پٿر نظر نه آهي. اڪثر قبرون اوپر کان اولهه طرف ٺهيل هيون، پر ڪجهه قبرون ان اصول جي ابتڙ ب نظر آيون. عام طور تي هي قبرون اندر کان ساڍا پنج فوٽ ڊگهيون ۽ ايڏائي فوٽ ويڪريون آهن. زمين جي سطح کان انهن جي اوچائي ڪنهن ب حالت ۾ ٻن فوٽن کان مٿي نه آهي. قبرن ۾ استعمال ڪيل پٿر ساڳي ٽڪريءَ مان ڪڍيا ويا هئا، جن تي قبرستان موجود آهي. پٿرن کي تراشڻ کانسواءِ استعمال ڪيو ويو آهي. قبر جي پٿرن جو اصلي رنگ ڳاڙهسرو هو، جيڪو هاڻي ڪارو ٿي ويو آهي. عام طور تي هي قبرون هڪٻئي کان پنجن کان ڏهن فوٽن جي فاصلي تي آهن پر ڪجهه قبرون هڪٻئي کان ويجهيون ب آهن.

ماهرن، کوٽائي دوران قبرستان جي هڪ حصي جون قبرون کوٽيون ۽ باقي ايندڙ وقتن ۾ تحقيق لاءِ جيئن جو تيئن ڇڏي ڏنيون. کوٽائي وڌ ۾ وڌ ڏيڍ فوٽ تائين ڪئي وئي. سيني قبرن مان لڳ ڀڳ هڪجهڙيون شيون لڌيون ويون. کوٽائي ڪيل هر قبر ۾ ٻه تهه ڏنا ويا. هيٺئين تهه جي وچ ۾ هڪ گول يا بيضوي شڪل ۾ ننڍي گهرائيءَ واري ڪڍ ملي جنهن جو قطر 8 کان 20 انچ ۽ گهرائي ٽن کان 8 انچ هئي. انهن ڪڍن ۾ سڙيل هڏيون ۽ هڏين جا ٽڪرا رکيل ملڻا. ڪن حالتن ۾ هڏي سان گڏ گهٽ قيمتي پٿرن جا ٽڪا ب ملڻا. هڏين کي محفوظ ڪرڻ لاءِ هيٺين تهه جي مٿان ٻي مٽيءَ جو هڪ فوٽ ٽلهو ٺهه ڏنو ويو. موسمي قيرقار سبب ڪجهه قبرن جو مٽيون تهه لڙهي ويو

هو، انڪري ڪڏ ۽ ان ۾ پيل هڏيون نظر اچڻ لڳيون هيون. قبرن جي تفصيلي معائني مان محسوس ٿئي ٿو ته هتي مڙدا ساڙي دفن ڪرڻ جو رواج هو. ڪوٽائي ڪيل سمورين قبرن مان فقط هڪ قبر (قبر نمبر 24) ۾ رواج ڪان مختلف صورتحال نظر آئي، جنهن ۾ سڙيل هڏيون ۽ هڏين جي ٽڪرن مٽان مڪمل هڏيون به موجود هيون. ان فرق بابت في الحال ڪابه راءِ سامهون نه آئي آهي.

ڊملوٽيءَ جي قبرن مان لڌل شين ۾ مٽڪن جو هڪ قسم چورس آهي. انهن تي ڪاري ۽ اڇي رنگ جي تيزابي نقاشي، ليڪون ۽ پٽيون آهن. مستطيل شڪل وارن مٽڪن جي صورتحال به ساڳي آهي، پر انهن ۾ ڊگهائيءَ ۾ آرپار سوراخ آهي. مستطيل شڪل جا ڪجهه مٽڪا هڪ پاسي ڪان هموار ۽ ٻئي پاسي کان ايريل آهن. انهن ۾ به سوراخ آهن. گول شڪل وارن مٽڪن تي ڪاري ۽ اڇي رنگ جي تيزابي نقاشيءَ سان ڇهه ڇهه گول دائرا ٺهيل آهن. بيضوي شڪل جي مٽڪن تي به ساڳي نقاشي آهي. اهڙا نلڪي نما مٽڪا به آهن جن کي گول گهڙيو ويو آهي ۽ ساڳي نقاشي آهي. اهڙا نلڪي نما مٽڪا به آهن جن جو هڪ ڇيڙو ٻئي کان سوڙهو آهي ۽ انهن تي نقاشيءَ جا نشان ڊٺل آهن.

بخاري صاحب مختلف ماڳن تي پٽري قبرن جي حوالي سان ٻين محققن جا حوالا به ڏئي ٿو. ڪيپٽن پريڊي ضلعي ڪراچيءَ جي الهندي ڪنڊيءَ تي موجود قبرن بابت لکي ٿو ته، "هي اهڙيون ئي قبرون آهن جن جو ذڪر ڪيپٽن ميڊوز ٽيلر ۽ ڪيپٽن ڪونگريو دکن ۽ نيل گري جي قبرن جي حوالي ۾ ڪيو آهي. ذڪر ڪيل پوين قبرن جي هڪ پٿر ۾ يا هڪ پاسي سوراخ به ڏٺو ويو آهي."

فريئر موجب، "بلوچستان ۾ شاهه بلاول روڊ تي، ڪراچيءَ ڪان ڪوٽڙيءَ روڊ تي ڪناري ڪناري تاکرو علائقي ۾ به اهڙيون قبرون موجود آهن جن کي ماڙهو ڪافرن جون قبرون چون ٿا."

ويلر چوي ٿو ته، "ڪراچيءَ کان 20 ميل پري اتر اوپر ۾ واقع ڳوٺ مراد ميمڻ کان ساڍا ٽي ميل اڳتي اتر اوپر ۾ ڳوٺ حاجي الهه ڏنو (جيڪو سنڌو تهذيب جو ماڳ آهي) کان ٽورڙي پنڌ تي اٽگهڙيل پٿرن سان ٻڌل قبرون، جيڪي ساڍا پنج فوٽ ڊگهيون ۽ ساڍا ٽي فوٽ ويڪريون آهن...

انهن پٿرن جي ٿولهه (آثار) ستن کان ڏهه انچ آهي ۽ اهي پٿر پنهنجي مجموعي ڊيگهه کان اٽکل اڌ واريءَ ۾ کتل آهن. انهن جا اتر ۽ مٿئين ڊڪ وارا پٿر پرپاسي ۾ ٽکرن جي صورت ۾ ٽڙيل پکڙيل آهن ۽ انهن قبرن ۾ کو سوراخ کونهي. مقامي ماٹهو انهن کي کافرن جون قبرون چون ٿا. ائين ٿو لڳي ته اهي قرونِ وسطيٰ جون آهن."

" کراچي- کوٽڙي روڊ تي 19 ميل جي نشان کان اڌ ميل اتر اولهه طرف ڳوٺ کانٽو کان اڌ ميل کان ٿورو وڌيڪ پنڌ تي ڏکڻ طرف ننڍيون قبرون موجود آهن، انهن جو اندريون حصو اٽکل تي سادا تي فوٽ ۽ ٻن ادائي فوٽن تائين آهي. انهن قبرن ۾ هڏين جا ننڍڙا ننڍڙا ٽکرا سطح تي پر ريتيءَ ۾ ڏهيل نظر اچن ٿا. ماٹهو انهن کي به کافرن جون قبرون سڏين ٿا. اهي وڏن پٿرن جي پيٽ ۾ ننڍا پٿر آهن. انهن مان هڪ قبر جي چئني پاسي 27 فوٽ قطر ۾ پٿرن جو دائرو ٺهيل آهي، ماهرن ان دائري تي في الحال کابه روشني نه وڌي آهي."

بخاري صاحب اڳتي ويلر جي حوالي سان لکي ٿو ته، "ويلر ڏکڻ هندستان ۾ ملندڙ قبرن کي ٽين صدي ق.م. ۽ پهرين صدي قبل مسيح جي وچين عرصي جون قبرون ٻڌائي ٿو. يورپ ۾ اهڙا يادگار نيوليٿڪ دؤر جا هوندا آهن... انهن مان کجهه تمام وڏا پٿر چهه يا ست فوٽ ڊگها آهن ۽ قبرن جي ڊيگهه 8 فوٽن تائين آهي. مول (گڏاپ کان اتر واري ماٹري) ۾ اهڙيون قبرون ٺاهڻ لاءِ چن جو پٿر استعمال ٿيو آهي. اهي قبرون وڌيڪ اوچيون نه آهن ۽ سڻي ريتيءَ تي ٺاهيون ويون آهن. هي اهي ئي قبرون آهن جن جا ڊڪ پٿر جا آهن. انهن قبرن ۾ پورا مڙدا دفن آهن ۽ اهي قبرون اهڙين جاين تي آهن جتي ويجهو ئي نيوليٿڪ دؤر جا آثار به موجود آهن. کجهه ٻيون قبرون ڊملوٽيءَ ويجهو ۽ ٻين جاين تي به موجود آهن، جيکي پيٽ ۾ ننڍيون آهن ۽ انهن جا ڊڪ پٿر جا نه آهن. اهي قبرون بالکل مختلف دؤر جون ۽ بيهڪ جي لحاظ کان الڳ آهن، جن ۾ مڙدن کي ساڙي پورڻ جي روايت نظر اچي ٿي.

جناب حاڪم علي شاهه بخاريءَ پوکڻ وٽ هڪ قبر کوٽي جنهن جو ڊڪڻ وارو پٿر گم هو. پر ان مان کجهه به نه نکتو. "پوکڻ" کرجات کان اتر ۾ ۽ کيرٿر جي اوپر ۾ قديم شاهراهه تي واقع سنڌو تهذيب جو

هڪ ماڳ آهي. بخاري صاحب اهڙي قسم جون قبرون ٽاڻي بولا خان واري رود سان ڊملوٽيءَ وٽ ڪوهه نمبر 2 ويجهو هڪ ٽڪريءَ تي ۽ ان جي اتر ۾ ٻه ڏڻيون. هو چوي ٿو، "ان ۾ شڪ نه آهي ته اهي سڀ جا سڀ قبرن جا يادگار آهن، پر اها تصديق ٿيڻ ايجا باقي آهي ته انهن ۾ مڙدن کي ساڙي پوريو ويو يا ائين ئي دفن ڪيو ويو... اهي قبرون مجمعدار جي ڊمب ٻڌي ۾ کوٽيل قبرن کان مختلف آهن ۽ في الحال انهن جي عمر جو تعين نٿو ڪري سگهجي... مان واڳون ڏر ويجهو ٽڪريءَ تي موجود ڪافرن جون قبرون وساري نه سگهندس، جن جي باري ۾ فريئر کي ميڪلوڊ ٻڌايو هو ته انهن جي هڪ پاسي واري پٿر ۾ هڪ سوراخ هو ۽ هينري ڪزنس چوي ٿو ته ان قسم جون قبرون ضلعي ببجاپور ۾ ٻه مليون آهن."

هوڏانهن، ڊاڪٽر احمد حسن دانيءَ کي ٻه سرحد صوبي ۾ ميگاليٿڪ قبرون نظرون آيون آهن. بخاري صاحب چوي ٿو ته ميگاليٿڪ مقبرن جي عمر جي اظهار وقت اڪثر محقق پاسو ڪري ويندا آهن. البت ڏکڻ هندستان ۾ ملندڙ اهڙين قبرن بابت ماهر هڪراءِ آهن. انهن کي ٽين صدي قبل مسيح کان پهرين صدي قبل مسيح جي وچ ۾ جاءِ ڏني وڃي ٿي، جڏهن ته يورپ ۾ اهڙيون قبرون اڃ کان ساڍا ڇهه هزار سال قديم سمجهيون وڃن ٿيون. بخاري صاحب سنڌ مان لڌل قبرن بابت پاڻ ته ڪا حتمي راءِ نٿو ڏئي ڇبت هو پڻ عبدالرئوف خان سان سهمت ڏسجي ٿو، جيڪو سنڌ مان لڌل قبرن کي هندستان مان لڌل قبرن کان قديم سمجهي ٿو ۽ دليل طور چيو وڃي ٿو ته سنڌ جي قبرن مان مٽڪن ڪانسواءِ اهڙي ٻي ڪابه شيءِ ڪونه ملي آهي، جنهن جو رواج سنڌو تهذيب (2500 سال ق.م.) کان جاري ٿيو. انهن قبرن مان ڏاتوءَ جي پڻ ڪابه شيءِ ڪونه ملي آهي.

يورپي دولمن ۽ پٿري دائرا

جيئن ميسوليٿڪ دؤر ۽ مائڪروليٿڪ ثقافت پاڻ ۾ گڏوڇڙ آهن، تيئن ميگاليٿڪ ۽ نيوليٿڪ جو پاڻ ۾ تعلق آهي. يورپ ۾ پٿري ثقافتن جي اؤسر تي گهري نظر رکندڙ ماهر نيوليٿڪ دؤر جي پڇاڙيءَ وارن ڏينهن ۾ سماجي ۽ ميگاليٿڪ انقلاب ڏسن ٿا. صاف ڏسجي ٿو ته انساني ثقافت جي اؤسر ان حد تائين پهچي چڪي هئي جو سڄو معاشرو مربوط ۽ طاقتور قيادت هيٺ منظم هو.

پونءِ وچ واري علائقي ۾ نيوليٿڪ لوڪن ڪافي عرصي تائين پنهنجيون رهائشي غارون نہ ڇڏيون هيون ۽ انهن جي پرپاسي ۾ رهندا هئا. برفاني دؤر جي پيليوليٿڪ لوڪن تہ ٿڌ کان بچاءُ لاءِ غارن ۾ رهائش اختيار ڪئي هئي، پر هن نيوليٿڪ ماڻهن غارن ۾ گرميءَ کان پناھ ٿي ورتي. جيئن تہ نيوليٿڪ انسان زرعي دؤر ۾ داخل ٿي چڪا هئا ۽ زراعت کين ميدانن ۾ لهي پوڻ جي نيندِ بہ ڏني هئي. تڏهن بہ غارن ۾ رهڻ جو سلسلو پوءِ بہ نظر اچي ٿو. اندالوسيہ (Andalucia) (انـدلـس؟) ۾ لاس مـيـــلارس وٽ زرعـي ڳوٺ جي جهوپڙين جو جهڳٽو بالڪل تاڪرو ڪندي وٽ هو. هن کان اڳ اڪثر قبرون غارن ۾ اندر يا جابلو ڪٽاءُ هيٺ ٺاهيون ويندیون هيون. ان کان پوءِ انهن باقاعدي قبرستانن جو روپ ورتو. هي قبائلي مقبرو هو، جن کي چپن (Schist Slabs) سان ٺاهيو ٿي ويو. چئني پاسن کان ديوارن ۽ انهن جي مٿان Corbel Vault تدفين واري چئمبر ۾ پهچڻ لاءِ هڪ پاسي کان سوڙهو لنگهہ ڇڏيو ٿي ويو جن کي وڏن پٿرن جا در بہ ڏنا ٿي ويا، جيڪي ايندي ويندي کولي ۽ بند ڪري سگهجن. هي يادگار صحيح معنيٰ ۾ هٿرادون غارون هيون، جن کي پٿرن جي مقبرن جي سلسلي سان جوڙيو ٿي ويو.

ميسوليٿڪ دؤر ۾ تيويڪ (Teivec) وٽ جيڪو هڪ ننڍڙو ٻيٽ آهي، اتي اڃ ٻي پٿري مقبرا ٺهي چڪا هئا. ان کانپوءِ ساڳيو سلسلو مختلف صورتن ۾ اڀرتي هلي پيو. انتيڪيورا (Antequra) وارو پٿـري اڏاوتي ڍانچو (Hypogeum) ميگاليٿڪ سوچ جو اظهار آهي. ان اوائلي مقبري جي ڊيگهہ 25 ميٽر، ويڪر 6.5 ميٽر ۽ اوچائي 3.3 ميٽر آهي. بنياد واري پٿر جو وزن 320 ٽن آهي ۽ ان سان گڏ ٻين 31 پٿرن جو وزن 1600 ٽن آهي. ٻين جاين تي مقبري لاءِ ٽوري پٽماني تي بي ترتيب اوساري ڪئي وئي هئي، مثال طور بارنينز (Barnenez) جو سنگ گور جيڪو ٽولوئي (Tholoi) طرز جي شاندار مقبرن جو سلسلو آهي.

ڪيـرن (Carn) ٻيـٽ تـي ٽـولـو (Tholos) مقبـرن جي عـمـر مـائـسـيـناءِ (Mycenae) وارن ٽولو مقبرن کان بہ وڌيڪ آهي ۽ اهي کاربان ڊيٽنگ موجب مائسين مقبرن کان بہ 3270 ۽ 1500 سال پراڻا آهن. مائيسين جي ٽولو مقبرن جي عمر عام طور تي 1580-1100 ق.م. آهي. هيل تائين فقط يونان ۾ اهڙا 50 مقبرا کوٽيا ويا آهن، جيڪي گهٽو ڪري ساموندي ڪنڊيءَ جي علائقن

۾ عظيم مائسيناءِ مرڪزن وٽ آهن.

پالميلا، پروونس، پنٽاليڪا ۽ سان مُڪسارو وٽ موجود ڊولمن، ڊڪيل گھٽيون ۽ پٽري دڙن وارا مقبرا ٽئين ملينيم سان تعلق رکندڙ آهن جڏهن ته پويون اڏاوتون ٻئي ملينيم تائين پهچن ٿيون. مورنواردس III وٽ موجود وڏن پٽرن وارو اسٽرڪچر زمين ۾ کوٽائي ڪري تيار ڪيو ويو، ان جي عمر سترهين يا ارڙهين صدي قبل مسيح آهي. اهڙا اسٽرڪچر مختلف نسلن بار بار استعمال ڪيا آهن ۽ پوءِ نون مقبرن ۾ ساڳي روايت برقرار رکي وئي. هن قسم جي يادگارن واري روايت مان سماجي انقلاب جو پتو پوي ٿو جنهن ۾ ڪجهه ٽامو ۽ ڪنجهو به موجود آهي.


خاطريءَ سان چئي سگهجي ٿو ته قبيلي جو سردار هن "عظيم عمارتن" جي اڏاوت جو حڪم ڏيندو هو ۽ رعيت حڪمن جي بجاآوري ڪندي هئي، اهو ڪم يا اهڙي ڪم جي حڪم تي عمل فقط هڪ تمام مضبوط سماج ۾ ئي ٿي پيو سگهي. اسان وٽ مثال لاءِ Locmariaquer وارو وڏن ۽ اٽڪهڙيل پٽرن وارو يادگار سامهون آهي جنهن جو وزن 348 ٽن آهي. اهڙا ٻيا مثال Carnac وارا قطار ۾ بيٺل وڏا پٿر يا Stonehenge ۽ اويبري (Avebury) وارا عظيم پٽري دائرا آهن.

وڌيڪ هل ۾ Stonehenge وارو پهريون ماڳ 1800 ق.م. جو آهي. ماهرن جي خيال ۾ اهو ماڳ سج جي پوڄا لاءِ مخصوص هو. ان ماڳ جو هڪ حصو جيڪو گھوڙي جي نعل وانگر آهي، لڳ ڀڳ 1600 ق.م. ۾ ٺاهيو ويو. هن ماڳ تي ڪيئي ڪيئي ميٽر اوچا ٿنڀا بيهاريا ويا. ايترا وڏا پٿر هڪ هٿ کان ٻئي هٿ ڪيئن آندا ويا ۽ انهن کي ڪيئن اُڀو ڪري بيهاريو ويو يا انهن جي مٿان اوترائي وڏا ٻيا پٿر ڪيئن ليٽايا ويا؟ جيئن اڄ ۾ چيو ويو، هي انجنيئرنگ، قيادت ۽ گڏيل مفادن واري معاشري جو ڪمال هو پر سوال وري به اهو آهي ته اوائلي انسان وٽ آخر اهڙي ڪهڙي ٽيڪنيڪ هئي، جنهن سان هن ڇپن کي کٽڻ ۽ اُڀو ڪرڻ ممڪن ٿيو؟

ماهرن جي خيال ۾ سالسبري وارن ميدانن کان آندل هي پٿر وٽن جي گول ٽڙن تي رکي، رسن سان ٻڌي سون جي تعداد ۾ ماٽهن ڇڪيا هوندا ۽ مقرر منزل تي پهچائڻ کان پوءِ هڪ کڏ ۾ ان پٿر جو هڪ حصو لاهي/ کوڙي، ٻئي ڇيڙي تي رسيون ٻڌي پُليءَ ۽ گڏيل انساني طاقت سان انهن کي



Stonehenge، تاريخ کان آڳاڻي دور جو مشهور پٿري دائرو جيڪو ولٽ شائر انگلينڊ ۾ سالسبري ميدان تي ٻيٻو آهي. ٻاهريان پٿر پوءِ واري دور جا آهن، اندريان اصلي پٿر ڏکڻ ويلز مان آندل آهن. هي Stonehenge 2100 BC جو آهي.



سالسبري ميدان ۾ شاهي ميگاليٿڪ يادگار جي هوائي تصوير، جنهن ۾ تاريخ کان آڳاڻي انسان جي حيرت انگيز انجنيئرنگ، مهارت، تربيت، محنت، سياسي اتحاد ۽ پيو ٻه گهڻو ڪجهه ڏسجي ٿو.



ولٽ شائر ۾ ايوابري وٽ ڪنجهي جي دور سان تعلق رکندڙ ڪتل پٿرن جو منظر.
اهي مقامي رينلي پٿر جو هڪ خاص سخت قسم آهن.




Hebrides ۾ ڪنجهي واري دور جي ميگاليٿڪ تدفين عام طور تي ڊڪيل گهٽين ۽ چئمبرن تي ٻڌل هوندي آهي. جن تي قبر جو وڏو ڊڪ رکيل هوندو آهي. انهن مقبرن جا ٻاهريان پٿر ۾ اڪثر ڪري مکيه پٿر ڪان وڏا هوندا آهن. لوئيس ٻيٽ تي Callanish وٽ مقبري جي حوالي سان اُڀا ڪتل پٿر ٿيڻ جي ٻاهرين گهيري ڪان پرتي آهن، جڏڪ انهن جو ڪو جدا مقصد هو.




ارڙهين صديء ۾ Carnac وٽ هڻ بيئل پٿرن جي قطار ۾ 4000 ڪان وڌيڪ پٿر هٿا.
هن وقت باقي 2000 ۾ ڪوڙ بچيا آهن.



ولٽ شائر انگلينڊ جي ڪائونٽي وڊ مل هِل وٽ نيوليٿڪ ڪٽمپ جو 1948ع ۾ ورتل هوائي فوٽو، جنهن ۾ مخصوص پٽري دائرا ڏسجن ٿا.



ڪيومبرلينڊ ۾ ڪيسٽلرگ پٽري دائرا جن جي پويان Blencathra جو ڪُٻ ڏسجي ٿو. هن دائري ۾ 48 پٿر آهن. جيڪو اتر اولهه جي اوائلي ماڻهن لاءِ ڪنهن مذهبي يا ڏڻ جي مقصد لاءِ هو. هي ڪجهه ان نوعيت جا محسوس ٿين ٿا جيئن ڏکڻ اولهه جي ماڻهن لاءِ مشهور Stonehenge دائرا آهن.



(Corsica) Cauria جي پٿري مقبري کي هر پاسي کان ٽي ٽي ٽيڪون آهن، جنهن جي مٿان ميز جي تختي وانگر هڪ تمام وڏو ۽ سڌو پٿر ليٽايل حالت ۾ رکيو ويو آهي. اها پوزيشن انجنيئرنگ جي شاهڪار کان گهٽ نه آهي.



Locmariaquer جو پٿري مقبرو جيڪو ميگاليٿڪ طرز تعمير جو مخصوص نمونو آهي. هي اڏاوتون مربوط برادرين جي گڏيل محنت ڏانهن اشارو ڪن ٿيون.

بيهاريو ويو هوندو. اهڙي طرح هڪڙي جي پرسان پٽر آيا ڪيا ويا. پر، انهن جي مٿان پٽر ليٽائڻ لاءِ هڪ مختلف ٽيڪنيڪ استعمال ڪئي وئي هوندي، يعني ڪتل پٽرن جي پرسان وٽن جي ٽڙن جو پليٽ فارم ٺاهي. ان تي گهربل پٽر ليٽائي. بعد ۾ ان پليٽ فارم جي هيٺان ٻيا ٽڙ وجهي هوريان هوريان ان کي اوچي ڪان اوچو ڪيو ويو هوندو. اهڙي طرح جڏهن پليٽ فارم گهربل اوچائيءَ تي پهتو، تڏهن ليٽيل پٽرن کي اُنِ پٽرن تي رکيو ويو.


اوائلي آرٽ

يورپ جا اوائلي فنڪار


فطرت ۽ اڄ جي جديد انسان جي وچ ۾ ٽيڪنالاجي هڪ وڏي رندڪ بڻجي وئي آهي پر اوائلي انسان جو فطرت سان اجتماعي ۽ انفرادي تعلق بالڪل سڌو رهيو. بالڪل ايئن جيئن اڄ بہ اسان جي ڏورانهين پهراڙين جا ماڻهو رهن ٿا، جتي جديد دؤر جو ڪوبہ پاڇو ڪونہ پيو آهي. اڳهاڙي فطرت ۾ سڀ کان اهم سوال جياپي جو هوندو آهي ۽ اهڙي حالت ۾ جياپي جي فقط اها صورت آهي تہ فطرت جو وڌ ۾ وڌ مشاهدو ڪجي ۽ چئني ڏسائن ڏانهن نگاهہ رکجي. آسمان ۾ ايندڙ تبديلي، رات ۽ ڏينهن جو چڪر، حالتن جي تبديليءَ جا اهجاڻ ۽ ويجهي مستقبل ۾ ٿيندڙ ڪنهن بہ خطري جو اڳواڻانپو.

پيليوليٿڪ ماڻهوءَ بہ فطرت جو گهرو مطالعو ڪيو، پر ظاهر آهي تہ اهو اڃوڪن سائنسدانن يا ذهين ترين انسانن جهڙو ڪونہ هو. پر ايترو ضرور چئي سگهجي ٿو تہ هنن جو مشاهدو اڄ جي عام شهري انسان کان وڌيڪ بهتر هو. پيليوليٿڪ ماڻهو لاءِ فطرت جو اپياس ان ڪري بہ ضروري هو تہ جيئن هو فطرت جون مهربانيون وصول ڪري ۽ آفتن کان پاڻ کي بچائي سگهي.

اڄ جي انسان وانگر اوائلي ماڻهوءَ وٽ ڏسڻ، ٻڌڻ، سونگهڻ، ذائقي ونڊ ۽ ڇهڻ جون ساڳيون حسون هيون ۽ چاڪاڻ تہ هو فطرت سان سڌيءَ طرح ڳنڍيل هو، ان ڪري سندس حسون بهتر ڪم ڪنديون هيون. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ هو فطرت جي اڪثر واقعن کي سمجهڻ کان قاصر هو. هن انسان جي زندگيءَ ۾ اهي شيون وڌيڪ خوفناڪ هيون جن کي آفت چئجي، مثال طور ٻوڏ، ٻيلي ۾ باهہ، ڪنوڻ جو ڪِرڻ. اهي نہ رڳو موتمار پر ڏاڍا پراسرار واقعا هئا. انهن پراسرار واقعن کي هو نہ تہ سمجهي پئي سگهيا ۽ نہ



نيو ليٽڪ دور ۾ گهڙيل "مينهر" مورتي جيڪا موضوع جي لحاظ کان پيليوليٽڪ آرٽ جي موضوعن کان بنهه ابتڙ آهي.



التميرهه (اسپين) جي غار مان لڌل چار رنگي تصوير (آخري پيليوليٽڪ جي پچاڙي)

وري روڪي ٿي سگهيا. انهن اڻ ڏٺل قوتن کين خوب ڊيڄاريو ۽ نيٺ کين انهن پراسرار مظهرن جي پويان لڪل ڪنهن عظيم قوت کي تسليم ڪرڻو پيو، جنهن زندگي ۽ موت جو فيصلو ڪرڻ جي قوت رکي ٿي. اتان ئي عقيدن ۽ مذهبن جا بنياد پيا. ان ڪري اوائلي انسان جڏهن قدرت جي ڇٽسالي ڪئي تڏهن اها فطرت جي سادي نقالي ڪونہ هئي، پر ان ۾ عقيدا ۽ وهم به شامل هئا.

چترڪاري بهرحال هڪ هنر ۽ ذات آهي، جيڪا اڄ به هر انسان وٽ ڪونہ آهي. پيليوليٿڪ دؤر ۾ به ڪو ڪو اهڙو ماٺهو هو جنهن وٽ اها ذات هئي تہ هو فطرت کي يا پنهنجي ذهن جي پڙدي تي ٺهندڙ صورت کي پٿر تي يا ڪنهن ٻئي ميڊيم ۾ لاهي سگهي. شايد اهو اتفاق ئي هو جو پيليوليٿڪ دؤر ۾ اهڙا ذهين هنرمند اسپين ۽ اولهہ ڏکڻ فرانس ۾ پيدا ٿيا. هو پنهنجي وقت ۾ عظيم چترڪاري ڪري وقت جي وهڪري ۾ گم ٿي ويا. پر ڪيئي هزارن سالن کان پوءِ محض ڪجهہ اتفاقن جي ڪري اهو آرٽ جديد دنيا تائين پهچي ويو.

شروع شروع ۾ تہ ڪنهن اعتبار ئي نٿي ڪيو تہ هڻڙي شاندار چترڪاري پيليوليٿڪ انسان ڪئي هوندي. هن لاءِ تہ عام تاثر اهو ئي هو تہ غارن ۾ رهندڙ اهي انسان وحشي ۽ فن کان بنهہ ناواقف هئا. ان ڪري جڏهن ماهرن دعويٰ ڪئي تہ هي پيليوليٿڪ آرٽ آهي تہ ماٺهن کين بيوقوف ۽ ڦڪ قرار ڏنو ۽ هڪ ڊگهو بحث ڇڙي پيو. نيٺ 1902ع ۾ وڃي قبول ڪيو ويو تہ واقعي اهي پيليوليٿڪ تصويرون آهن.

جڏهن غارن ۾ ٽيل ان چترڪاريءَ کي پيليوليٿڪ تصويرن طور قبول ڪيو ويو تڏهن جلدبازيءَ ۾ اهو به چيو ويو تہ اها دنيا ۾ سڀ کان اوائلي چترڪاري آهي. پر، اها راءِ ان ڪري به غلط هئي جو خود چترڪاريءَ جي به ارتقا ٿي آهي ۽ اها هٿ آيل خوبصورت چترڪاري به ايامن جي تجربي سان ان منزل تي پهتي هئي. اها لازمي ڳالهہ آهي تہ هي فن شروع ۾ ايترو ئي معمولي ۽ ناقص هوندو جو عام اک ان جو نوٽس ئي وٺي نٿي سگهي. اسان کي، خود يورپ ۾ ئي چترڪاريءَ جا گهٽ ۾ گهٽ ٻہ اوائلي نمونا ڏسجن ٿا. هڪڙا تہ خود اهي ئي آهن جن ۾ رنگ پريل آهن يا ٻيا محض خاڪا يا ليڪا آهن. هتي اهو مناسب ٿيندو جيڪڏهن اسان خاڪن کي وڌيڪ قديم

آرٽ سمجهون. گهٽو ممڪن آهي تہ ان کان بہ اوائلي تصويرون خود پيليوليٿڪ دؤر ۾ ئي ڏهي ويون هجن. مٽيءَ تي هٿ سان ٺاهيل تصويرون تہ هڪ ڏينهن بہ باقي رهي نٿيون سگهن. پٿر تي تصوير اڪرڻ جو ڪم تہ پوءِ ٿيو هوندو.

بهرحال، پيليوليٿڪ انسان سخت مٽيءَ ۾ جيڪي سادیون تصويرون اڪيريون انهن مان ڪجهہ ضايع ٿيڻ کان بچي ويون آهن. يورپ ۾ التميرهہ (Altamira) ۽ لاسڪواڪس (Lascaux) غارن ۾ موجود شاهڪار تصويرون ان منزل تائين ڪيئن پهتيون؟ ماهرن وٽ ڪو واضح جواب ڪونہ آهي. چترڪارن جا اوائلي برش ۽ لاڳاپيل سامان بچيو ئي ڪونہ آهي، جنهن جي بنياد تي ڪو نتيجو ڪڍجي. بهرحال، هن مهل تائين هٿ آيل سڀ کان قديم آرٽ پوئين پيليوليٿڪ دؤر سان تعلق رکي ٿو، يعني اهي آرٽسٽ لڳ ڀڳ اڄوڪن انسانن جهڙا ئي هئا.

هنن ڏرتي ۽ آڪاس تي موجود قدرت جي مظهرن کي چٽڻ شروع ڪيو. بس اها نقالي (جنهن کي اڄوڪي ادبي وصف جي حوالي سان ڏسڻ مناسب نہ ٿيندو)، آرٽ جي ابتدا هئي. ضروري نہ آهي تہ پيليوليٿڪ ماڻهوءَ جو هر هٿ جو هنر آرٽ هجي. ڪنهن بہ هڏي، پٿر يا ڪاٺ تي ڪنهن قسم جي اڪر "آرٽ" ٿي نہ ٿي سگهي، پر ان ئي عمل "تخليق" ۽ چترڪاري ڏانهن پيش قدمي ڪئي. بهرحال، اسان نٿا چئي سگهون تہ قديم آبادين مان لڌل ڪنهن ڪاٺي، هڏيءَ يا پٿر ۾ پيل لينگها يا نشان انسان هٿان شعوري طور ٿيل ڪم آهي يا اهو محض حادثاتي ۽ لاشعوري طور ٿي ويو.

ڪوجنائن دوران اها ڳالهہ بہ رکارڊ تي اچي چڪي آهي تہ "اڀو انسان" (Homo erectus) گيڙو رنگ جا ڳوڙها رنگ لاءِ استعمال ڪندو هو. (گيڙو، اصل ۾ ڳاڙهي رنگ جي مٽيءَ جو قسم آهي، جنهن ۾ لوهہ جو آڪسائيڊ يا ڪَٽ موجود هوندي آهي ۽ ان کي رڳڙ لاءِ استعمال ڪيو ويندو آهي.) گيڙو رنگ جي استعمال جو هيل تائين هٿ آيل سڀ کان اوائلي ثبوت آفريڪا جي اولدواءِ آبادي وٽان مليو آهي، جيڪا 15 لک سال قديم آهي. ممڪن آهي تہ هنن ان رنگ سان پنهنجن جسمن تي بہ رنگين لينگها پاتا هجن يا پنهنجي استعمال جي شين کي رڳيو ۽ سينگاريو هجي. اهي سڀ رنگ سازي ۽ رنگريزيءَ کان ابتدائي قدم آهن.

ان ڏس ۾ هڪ نشان هٿ آيو آهي، جيڪو اتفاق سان وقتن جي ڏاڍاين کان بچي ويو آهي، ممڪن آهي ته اهو ڪنهن وڏي ڪم جو محض ڪو ٽڪرو هجي جيڪو اسان لاءِ رهجي ويو. باقي، اڪر جو ڪم موجود آهي پر ان ۾ مشڪل اها آهي ته انسان جي هٿ جي شعوري اڪر سان گڏوگڏ ڪٿي اهڙا نشان به موجود هوندا، جيڪي انسان شعوري طرح ڪوٺ اڪيريا هٿا، بلڪ ٻين ڪمن ڪارين دوران اتفاق سان فرش تي، پٿرن ۽ ديوارن تي ٺهي پيا. مثال طور، سائنسدان چون ٿا ته جڏهن انسان ڪنهن پٿري ڪات سان گوشت وڍيو هوندو ته ان جا نشان فرش تي ٺهي پيا هوندا يا جڏهن ڇرين سان ڪل لاٿي ٿي وئي، تڏهن اتفاق سان پٿرن تي ڪي ليڪا به پئجي ويا هوندا. ان ريت "اتفاق" ۽ "شعوري" نشانن کي جدا ڪرڻ هڪ ڏکيو ڪم آهي. ان سلسلي ۾ چيڪوسلواڪيا ۾ بورونو ويجهو هڪ شيءِ تي ڪي ڇهه عدد نشان هڪ ٻئي جي ڀرسان پُور وڇوٽ آهن ۽ اهي "اتفاقي" نه آهن. اهي نشان هاٿي جي پُڇ واري هڪ هڏيءَ تي اڪريل آهن ۽ ساڍا ست لک سال اڳ هڪ انٽر گليشئل دؤر سان تعلق رکن ٿا.

ان کان ڪجهه لک سال پوءِ اوڀر جرمنيءَ ۾ Bitzingsleben ويجهو مٽيءَ جو هڪ ٽهه ٺهيو. ان ٽهه مان هاٿيءَ جون ڇليل هڏيون مليون، جن تي تمام گهٽا ليڪا کوٽيل هٿا. انهن اڪرن ۾ هڪ مخصوص فاصلو هو. انهن مان ڪنهن قسم جي سونهن جي اظهار جو شڪ ڪري سگهجي ٿو، جيڪڏهن اهو واقعي ان قسم جو اظهار هو ته پوءِ اهو آرٽ هو.


گذريل برفاني دؤر ۾ هنگريءَ ۾ "تاتا" لڳ هڪ ماڳ وٽان هاٿي ڏند جي تصوير ملي آهي. جنهن تي ڳاڙهو رنگ استعمال ٿيو آهي. چترڪاريءَ جي حوالي سان هي شايد سڀ کان قديم مثال آهي ۽ رنگ جو استعمال غالباً ڪنهن عقيدي هيٺ هو. هن ڪچين ڪوشش کان پوءِ باشعور ماٹھوءَ جو زمانو اچي ٿو، جنهن برفاني دؤر جي پوئين اڌ ۾ غارن ۾ ۽ پٿرن تي عاليشان چترڪاري ڪئي. غارن جي چترڪاريءَ جي "عظمت" پنهنجي جاءِ تي پر انهن سوالن جا جواب اڃا اڌورا آهن ته آخر پيليوليٿڪ چترڪارن اهو فيصلو ڇو ڪيو ته هو اونداهين غارن ۾ چترڪاري ڪن ۽ پوءِ اهو سلسلو هن ڇو ڇڏي ڏنو؟ يقين، ڪنهن سماج جي اندروني جوڙجڪ کي سمجهڻ لاءِ اهي سوال اهم هوندا ته کوبه ڪم ڇو شروع ڪيو ويو ۽ ڇو ختم ڪيو ويو؟

چترڪاري ۽ اڪر جي سلسلي ۾ موضوع جي چونڊ، اسٽائيل ۽ جاگرافيائي پابنديون بنيادي ڳالهيون آهن. جيڪڏهن پٿر ئي نامؤزون هوندو ته چترڪاري يا اڪر جو ڪم ڇا تي ٿيندو؟ اها ڳالهه ڪو چترڪار يا سنگتراش بهتر طور سمجهي سگهي ٿو ته هر پٿر تي اڪر ڪري نٿي سگهجي ۽ هر پٿر تي چترڪاري به ٿي نٿي سگهي. خود پٿر آرٽسٽ سان جيترو تعاون ڪندو آهي، ڪا تصوير يا اڪر اوتري بهتر ۽ گهٽي عرصي تائين قائم رهڻ واري ٿهي سگهي ٿي.

اوائلي آرٽ نندڙين شين، اوزارن، اوندهين غارن جي ديوارن ۽ ڪليل ڇپن تي ملي ٿو. جنهن مان ظاهر آهي ته اڪر ۽ چترڪاريءَ جا مقصد هڪ ڪان گهڻا هئا. پيليوليٿڪ ماڻهن هڏين جي اوزارن ۽ هٿيارن تي معمولي اڪر سان سادين اِنگڙ ونگڙ ليڪون ٿي ڪڍيون يا جانورن جون تصويرون ٿي ٺاهيون. ڪن سائنسدانن جو خيال آهي ته مختلف شين تي اڪريل ليڪون ڳٽپ جو اوائلي طريقو ٿي سگهي ٿو. بهرحال، ان راءِ لاءِ ڪا ثابتي ايجا ڪونه ملي آهي.

هڪ راءِ اها به آهي ته شبيهه ٺاهڻ هڪ قسم جو "جادو ٽوٽو" ڪرڻ جو عمل آهي يا اهي شيطاني قوتن جي حملن ۽ خطري کان بچاءَ جا تعويذ به ٿي سگهن ٿا. سائنسدان چون ٿا ته ڪنهن هڏي يا پٿر جي ٽڪر تي ڪنهن رڍ، ٻڪري يا هاٿيءَ جي تصوير اڪرڻ جي محنت ڪرڻ بي سبب ته نه هوندي، ان جو ضرور ڪوبه ڪو ڪارج هوندو. پيليوليٿڪ ماڻهو اهو پورهيو محض ان لاءِ نه ڪيو هوندو ته هو پنهنجو گهر سينگاري يا وقت گذاري ڪري! چيڪوسلواڪيه ۾ ديراوا نالي هڪ غار مان لڌل هڪ سليٽ تي هڪ ٻڪريءَ سان گڏ هڪ سڌي ليڪ به اڪريل آهي. اها ليڪ اصل ۾ هڪ نيزو آهي، جنهن سان جهنگلي ٻڪريءَ جو شڪار ڪرڻ مقصد هو. گهٽو ممڪن آهي ته هي پيليوليٿڪ انسان جو "شڪار لاءِ جادو" هجي. اهڙو جادو اڄ تائين سنڌ ۾ رائج آهي. اسان اڄ به جادو ٽوٽي جا عامل ڏسون ٿا جيڪي متي، ڪپڙي يا ڪنهن بي شيءِ مان بوتا، گڏا يا مورتيون ٺاهي انهن ۾ سُيون ٽنبين ٿا ۽ ذهن ۾ تصور ڪن ٿا ته اهي سُيون ڪنهن مخصوص ماڻهوءَ کي برباد ڪري ڇڏيندیون. اهڙا عمل رڳو سنڌ ۾ نه، سڄي دنيا ۾ ٿي رهيا آهن ۽ عام ماڻهو ان کي اڄ به سچو ۽ ڪارگر عمل سمجهن ٿا.

يورپي غارن ۾ موجود آرٽ ۾ هڪ ڪان وڌيڪ ٽيڪنڪون ۽ مهارت



آخري پيليوليٿڪ دور جو آرٽ جنهن ۾ چٽسالي ۽ اُڪر ٽيل آهي.

استعمال ٿيل آهن، جنهن مان ظاهر آهي تہ اهي تصويرون مختلف ثقافتن جي نمائندگي ڪن ٿيون. انهن غارن ۾ دنيا جو بهترين پيليوليٿڪ آرٽ موجود آهي. هن مهل تائين چترڪاريءَ واريون 200 کن غارون مليون آهن ۽ هر سال اهڙين نين غارن جي دريافت جو سلسلو جاري آهي. انهن مان اڪثر غارون ڏکڻ اولهہ يورپ ۾ آهن. اُرل (Ural) جابلو سلسلي ۾ ڪپووا (Kapova) غار غير معمولي طور الڳ آهي، پر سڀ کان مشهور غارن ۾ التميرهہ، لاسکائوڪس (Lascaux)، Rouffigna ۽ فورٽ دي گاما آهن، جن ۾ ديوارن تي سوين تصويرون چٽيل آهن. جڏهن تہ ٻين غارن ۾ ڪي هڪ اڌ تصويرون آهن. مثال طور "لا گريز" (La Greze) ۾ هڪ خوبصورت سانُ اُڪريل آهي، پر اهو سڄي غار ۾ اڪيلو آهي.

غارن ۾ تصويرون يا تہ پينٽنگ ٿيل آهن يا وري پٿر جي ڇيڻيءَ جي مدد سان جانور اُڪريل آهن. انهن مان اڪثر لاسکائوڪس ۾ آهن. چترڪاري لاءِ برش جانورن جي وارن مان يا Frayed Twigs مان ٺاهيا ٿي ويا ۽ هٿن جي آڱرين سان ٻہ ديوارن تي رنگ مَليو ٿي ويو. ان چترڪاري لاءِ قدرتي ذريعن مان مختلف رنگ هٿ ڪيا ٿي ويا يعني اچو ڇُن، ڪارو Soot يا Manganese جو مرڪب ۽ گيڙو مٽيءَ جي ڳوڙهن مان ناسي، ڳاڙهو ۽ پيلا رنگ. يورپ ۾ غارن اندر ٿيل چترڪاريءَ جو ٻيو حيرت جهڙو پهلو اهو آهي تہ اهي غارن جي منهن ڪان گهڻو اندر ٺهيل آهن، ڪن غارن ۾ اهو فاصلو ڪلوميٽرن ۾ آهي. ايترو اندر رهڻ جو ڪو سبب نظر نٿو اچي. جتي ٻرندڙ مشعلن ڪانسواءِ وڃي ٻہ نہ سگهجي! ڇن پٿر جون هي حيرت جهڙيون ۽ اونهيون غارون خود پيليوليٿڪ انسانن لاءِ ٻہ پُراسرار هونديون. بلوچستان ۾ اهڙي هڪ غار جيڪا يورپي غارن جي پيٽ ۾ تمام ننڍڙي آهي، لاهوت واري آهي، جنهن جي پُراسراريت سبب اتي عجيب ڏند ڪٿائن جنم ورتو آهي.

قديم آثارن جي ماهرن جي راءِ آهي تہ قديم انسانن يورپي غارن ۾ ايترين اونهائين ڪي فقط ڪن مخصوص رسمن لاءِ ئي استعمال ڪيو هوندو، جيڪي "عام رواجي" دنيا کان پري هيون، جتي سندن خيال ۾ فطرت جون ڪي طاقتور قوتون ئي رهي ٿيون سگهن! شايد اتي هنن ڪامياب شڪار لاءِ عبادت ٿي ڪئي يا رسمون ادا ٿي ڪيون يا زمين جي زرخيزيءَ ۽ رزق جي مستقل فراهميءَ لاءِ دعائون ٿي ڪيون.

ان ۾ بهرحال، ڪوبه شڪ نه آهي ته غارن ۾ موجود چترڪاري ارتقائي مرحلن مان لنگهي آهي. شروعاتي تصويرون سادين آهن. Cabrerets ۽ Rouffignac غارن ۾ نوٽ ڪيو ويو ته نرم مٽيءَ تي ٺهيل تصويرن ۾ رنگ هٿ سان ٽڦيو يا ملايو ويو آهي. ڪجهه غارن ۾ ڪا خاص چترڪاري نه، بلڪ محض کوٽيل ليڪا ملايا آهن. هڪ تمام قديم تصويري سلسلي ۾ هٿن جا نشان آهن. پر اهي هٿ سان چٽيل آهن. آرٽسٽ ديوار تي هٿ رکي ان جي مٿان رنگ چنڊيو يا ڪاٺ جي نلڪي ۾ ڳاڙهو يا ڪارو رنگ ڦوڪ سان هٿ جي مٿان رنگ پکيڙيو. اهڙيءَ طرح ديوار تي هٿ جي چوڌاري رنگ چنبڙي پيو ۽ هٿ واري جاءِ تي هٿ جي شبيهه رهجي وئي.

هٿن جا اهڙا نشان ٻين غارن مان پڻ لڌا ويا آهن. فرانسي Pyreness ۾ گارگس (Gargas) غار مان اهڙا 200 کان وڌيڪ نشان ملايا آهن. محققن اهو به نوٽ ڪيو ته هٿن جي ڪافي نشانن ۾ ڪا آڱر يا ڪنهن آڱر جو حصو ڪونهي. شايد اها به ڪنهن قسم جي ريت رسم هجي! تمام وڏي تعداد ۾ هٿن جي نشانن جي موجودگي مان ظاهر آهي ته اها وقت گذاريءَ جي ڪا راند ڪونه هئي. ڇا هٿن جي انهن نشانن کي ڪنهن وهم، عقيدي يا ان نوعيت جي ڪا ٻي اهميت حاصل هئي؟ ان سوال جو جواب ايا تائين هٿ نه آيو آهي.

لاسڪواڪس واري غار ۾ موجود چترڪاري ايتري بهتر ۽ گهٽي آهي جو ان کي پٿر جي زماني جي عاليشان آرٽ گئلري چوندي ٿورڙي به هڪ نٽي ٿئي. اها آرٽ گئلري 15 هزار سال پراڻي آهي. ان ۾ موجود تصويرون وڏيون آهن، پيچيديون ۽ ٻين هنڌن تان مليل چترڪاريءَ جي ٻيٽ ۾ وڌيڪ مڪمل آهن. هن مهل تائين لڌل غارن ۾ مختلف ماپن جون ڪيئي هزار تصويرون مليون آهن، جيڪي ان ئي دؤر جون آهن. انهن ۾ ڪنهن ڪنهن وقت اڪيلا جانور ڏاڍا وڏا ڪري چٽيا ويا آهن. ڪٽي ڪٽي ته انهن جي ماپ 13 کان 16 فوٽ آهي. ان هوندي به تصويرون سهٽيون آهن. انهن ۾ ننڍڙا جانور به چٽيل آهن. اهڙي ئي هڪ چت التميرهه غار جي آهي، جيڪا ڏڪڻ سان چٽيل آهن. اها غار 1879ع ۾ لڌي وئي هئي. جيڪا پيليوليٿڪ دؤر جي ڇٽڪ ڪنهن مائيڪلو اينجلو Sistime Chapel گرجا وانگر سينگاري هئي.

پيليوليٿڪ دؤر جي چترڪاريءَ ۾ اهم اسم جانور آهن. ان جو سبب



التميرھ (اسپين) جي غار ۾ چٽيل برفاني سائن جي ھن تصويرن مان پڌرو آھي تہ تڏھوڪا فنڪار نہ رڳو پنھنجي چوڌاري پکڙيل دنيا ۾ رھندڙ جانورن جي بدني بناوت کان تمام چگيءَ طرح واقف ھٿا پر ھو انھن جي چُرپر کي حقيقي رنگ ۾ چٽڻ جي ۾ پوري پوري صلاحيت رکندا ھٿا.

فقط اهو هو تہ ان دؤر جي انسان جي بقا جو دارومدار ئي جانورن جي شڪار تي هو. اڄوڪي اصطلاح ۾ اها چترڪاري "ريئلسٽڪ" آهي، جنهن ۾ محسوس ڪري سگهجي ٿو تہ چترڪار سمورن جانورن جي بدني بناوت، چرپر، عادتن ۽ زاوين کان چگيءَ طرح واقف هئا. تفصيلي معائني مان پتو پيو تہ اوائلي فنڪارن لڳ ڀڳ پنجاهہ قسم جي جانورن جون تصويرون ٺاهيون هيون، جن ۾ ميموٿ، گينڊا، شينهن، بگهڙ، رڇ، هرڻ، سها، سوئر، ڦاڙها، جهنگلي گهوڙا، جهنگلي سانڍ، ڏڪا ۽ سندن ڏاڙ خاص طور تي شامل آهن. سڀ کان ٿوري چترڪاري لڏڻ، پکين ۽ مڇيءَ جي آهي. ڪنهن بہ وڻ جي تصويرڪشي نہ ڪئي وئي آهي. انهن سڀني جانورن ۾ جهنگلي سانڍ ۽ گهوڙا سڀ کان وڌيڪ ۽ گهٽو ڪري هر غار ۾ چٽيل آهن. ميموٿ ڪنهن قدر گهٽ آهي، ڪنهن ڪنهن جانور جي تہ محض هڪ تصوير ملي آهي.

جانورن کان پوءِ ٻئي نمبر تي اهم اسم خود انسان پاڻ آهي، پر حيرت جهڙي ڳالهہ آهي تہ جانورن جون ريئلسٽڪ ۽ خوبصورت تصويرون ٺاهيندڙ آرٽسٽن ڪنهن بہ ماڻهوءَ جي ريئلسٽڪ تصوير نہ ٺاهي آهي. انسانن جون شبيهون ايئن ٺاهيون ويون آهن جڏ ڪنهن ٻار بار لاڏو هجي. اهي تجريدي، غير واضح ۽ بي ڍنگيون شڪليون آهن ۽ پينٽنگ نہ، محض خاڪا آهن. خبر نہ آهي تہ انسان پنهنجي تصوير کي اهڙيءَ ريت ڇو نظرانداز ڪيو. بهرحال ديوارن تي ڪٿي ڪٿي اهڙيون تصويرون بہ ملين آهن، جيڪي اڌ انسان ۽ اڌ جانور جون آهن. هڪ چتر جنهن کي Wizard of Trois Freres چيو ويو ٿو، حيرت جهڙي آهي. اها تصوير هڪ غار جي ڪافي اندرين حصي ۾ هڪ اهڙي ڇڪمبر جي در واري ونگ جي مٿان آهي، جڏ ان ڇڪمبر جي رکوالي ڪندي هجي. ڪجي ٿو تہ اهو جادوگر (Wizard) غار ۾ گهڙندڙ ماڻهوءَ تي هڪ خاص اثر وجهڻ لاءِ اتي ٺاهيو ويو هو. اها تصوير مشعل جي ڦڙڪندڙ روشنيءَ ۾ چٽڪ سڄ پڄ چري پري ٿي. (اونداهين غارن ۾ چٽيل سڀ تصويرون ڦڙڪندڙ مشعل جي روشنين تي ائين ئي پراسرار چرپر ڪنديون محسوس ٿين ٿيون.) هن خاص غار کي اڇڪلهہ Sanctuary چون ٿا.


اها بنيادي طرح ڪنهن ماڻهوءَ جي تصوير آهي، جنهن کي انساني ڀانهون ۽ ٽنگون آهن. سندس مٿو جانور جو، پڄ گهوڙي جهڙو ۽ مٿي تي ڦاڙهي جهڙا سڱ اٿس. هن قسم جا جادوگر اڪثر هنڌن تي چٽيل ملیا آهن.



پيليوليٿڪ آرٽ ۾ "ريٿلسٽڪ" انساني شبيهه نه هٿ برابر آهي. ڪڏهن ڪڏهن ته ڪي انساني شبيهون جانورن جا خول پاڻ نظر اچن ٿيون جيئن فرانس جي هڪ غار Gabillou ۾ موجود هن اُکر ۾ ڏسجي ٿو. هن تصوير جي معني واضح ناهي. ممڪن آهي ته اها ڪنهن رسم يا مافوق الفطرت ڪردار کي ظاهر ڪندي هجي.



پيليوليٿڪ آرٽ جو هڪ طلسمي ڪردار. هيءَ تصوير سائبر جي شڪار کان اڳ ڪنهن خاص طلسمي رقص ۽ رسم جي نشاندهي ڪري ٿي.



فرانس ۽ اسپين جي غارن مان لڌل پيليوليٿڪ دور جون طلسمي رقص واريون تصويرون.

يقين هي ڪنهن قسم جو ڪيموفلاج آهي، جنهن ۾ "جادوئي" راز به رکيل آهي. جانورن جي ڪلن ۾ ڏکيل هي جادوگار ويڄ يا روحاني پيشوا هڪ لحاظ کان تجويز ڪري ٿو ته غارن ۾ ٿيل چترڪاري جو ڪارج به جادوئي طاقتن جي ذريعي فطرت سان هم آهنگي رکڻ آهي. جانورن جي ڪل اوڍي ڪيموفلاج ڪرڻ مان اهو به گمان ٿئي ٿو ته اها به شڪار جي هڪ عملي ٽيڪنيڪ هئي. سنڌ ۾ منچر جا مهاڻا ڪجهه اهڙي ئي ٽيڪنيڪ سان آبي پکي جهليندا آهن.

يورپي غارن ۾ چترڪاريءَ جو هڪ پهلو اهي عجيب غريب جاميٽريڪل نشان آهن، جن جي ڪابه معنيٰ نٿي نڪري. اهي بي شمار نشان ڳاڙهن نقطن جون قطارون، تيرن جهڙيون ليڪون، ٽڪنڊا، شطرنج جهڙيون چوڪڙيون وغيره آهن. انهن جي معنيٰ ڇا آهي؟ ڪجهه به نٿو چئي سگهجي.

اوائلي پٿري دؤر جي شڪارين جو آرٽ آخري برفاني دؤر جي خاتمي سان گڏ ختم ٿي ويو. ڇاڪاڻ ته ماحولياتي ۽ايومنڊل بدلجڻ سان گڏ اوائلي يورپي لوڪن جي دنيا، رهڻي ڪرڻي ۽ ضرورتون بدلجي ويون. ان ڪان پوءِ شايد ئي ڪو ماٹھو ٻيهر انهن اونهين غارن ۾ گهڙيو هوندو. اهڙي طرح اهي غارون خالي ٿي ويون ۽ انهن ۾ نيون تصويرون ٺهڻ جو ڪم بند ٿي ويو.

پر، ان جو مطلب اهو نه آهي ته ميسوليٿڪ انسان چترڪاري ۽ فنڪاري ڇڏي ڏني. هن يقين نيون شيون ۽ شڪلبون تخليق ڪيون هونديون، پر هاڻي هن اهو ڪم پٿر جي ديوارن بدران اهڙين شين تي ڪيو جيڪي وقت سان ضايع ٿي ويون. هن اهو ڪم چمڙي، ڪنين، ڪاٺي يا پٽن تي ڪيو هوندو، جيڪي وقت سان ڳري ختم ٿي ويا. هن پٿرن تي به چترڪاري ڪئي هئي، پر تمام ٿوري اوپر اسپين جي ڪجهه جابلو گهاٽين ۾ هن ڳاڙهي رنگ سان پنهنجي شڪاري دنيا جي چترڪاري ڪئي آهي، پر اهو آرٽ لاسڪواڪس جي شاهڪارن کان گهٽو مختلف آهي. ان دؤر ۾ شايد زرعي آبادين قائم ٿي چڪيون هيون ۽ ماٹھو اسپين جي زرخيز حصن ۾ آباد ٿي چڪا هئا. هن ماٹھن پنهنجي آرٽ ۾ گهٽيون ئي سونهن پريون شيون شامل ڪيون آهن، پر هو پيليونيٿڪ غارن وارين شاهڪار تصويرن کان اڳ ڪڍي نه سگهيا.

بت تراشي

بت تراشيءَ جي تاريخ بہ ايتري ئي پراڻي آهي جيتري خود چترڪاريءَ جي ٿي سگهي ٿي ۽ ڪن محققن جي نظر ۾ تہ بت تراشي ايڏا بہ پراڻو فن آهي، ۽ ان ۾ بہ ارتقائي ڏاڪا صاف ڏسجن ٿا. قديم انسان بت تراشيءَ مهل بہ غالباً اوليت جانورن کي ڏني. ان کان پوءِ عورت جون شبيهون ٺهيون جن کي هاڻي اسان ديوي ماتا چئون ٿا ۽ يورپ ۾ ان لاءِ "وينس" جو اصطلاح استعمال ٿئي ٿو. "وينس" يونان ۾ سونهن جي ديوي آهي، ان ئي نسبت سان هتي يورپ ۾ عورتن جون جيڪي اوائلي مورتيون لڀجن ٿيون، انهن کي "وينس" چيو وڃي ٿو.

يورپ ۾ ميموٿ جي شڪارين پوئين پيليوليٿڪ زماني دوران ٺاهيل مورتيون سونهن جي اظهار لاءِ ڪونہ ٺاهيون هيون. اهي علامتي مورتيون هيون. پلي تہ ڪٿي ڪنهن اوائلي آرٽسٽ جي ذهن ۾ عورت لاءِ سونهن جو ڪو معيار هجي، هي مورتيون گهڙڻ مهل هو پنهنجي محبوبہ جا خدو خال ڪونہ تراشي رهيو هو، پر هو ڪائنات جي ڪنهن راز کي وڌيڪ واضح ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو.

پيليوليٿڪ ماڻڪن جي اپياس مان ظاهر ٿيو آهي تہ هو لوڪ نہ رڳو چترڪاري ۽ اڪر ڪري سگهندا هئا پر پٿر جي ديوارن ۽ هڏين تي اپريل شڪليون بہ ڪوٽي ٺاهي سگهندا هئا. ٻين لفظن ۾ هي شڪاري لوڪ بت تراشي بہ ڪري سگهندا هئا.

بت تراشيءَ جي فن بابت ايڏي قدامت تي اسان کي حيرت نہ ٿيڻ گهرجي. انسان سنگ تراشي جي عمل ۾ تڏهن کان مصروف آهي جڏهن کان هن پٿر گهڙي اوزار ٺاهڻ شروع ڪيا هئا. جيڪڏهن اسان شروعاتي اوزارن کي ادنگي سنگ تراشي چئون تڏهن بہ اوائلي پيليوليٿڪ دؤر واري هٿ کهاڙي پٿر مان گهڙاوت جو هڪ اعليٰ مثال آهي، جنهنکان انڪار نٿو ڪري سگهجي. ماهر پٿر جي شروعاتي زماني واري تخليقي آرٽ ۽ سماجي آرٽ کي جدا جدا نٿا ڏسن. هو چون ٿا تہ ان وقت تائين ڪنهن اوزار جي سونهن ۽ ان جو ڪارج هڪٻئي سان ڳنديل هئا. تاريخ کان آڳاٽي دؤر جو هنرمند بهرحال پٿر جا چٽڻ سوچي سمجهي ۽ مهارت سان لاهي رهيو هو. هن ڇاتو ئي تہ ڪنهن پٿر مان کهڙيءَ طرح چٽڻ لاهجن جو گهربل شڪل وارو اوزار

گهڙجي پوي. ٻين لفظن ۾ هو ان قابل هو ته پنهنجي ذهن ۾ موجود اوزار واري شڪل کي حقيقت ۾ تخليق ڪري سگهي. ان ڪري ان ۾ ڪهڙو تعجب جيڪڏهن هو ڪنهن پٿر مان پنهنجي سوچ موجب ڪا شبيهه ٻه گهڙي وجهي!

پٿري دؤر تي ڪم ڪندڙ ماهر چون ٿا ته اڄ جي انسان وانگر اوائلي پيليوليٿڪ دؤر جي انسان ٻه آسمان ۾ ڏوڙندڙ ڪڪرن ۾، ڪنهن وڻ جي ٻيهڪ ۾ يا ڪنهن رواجي پٿر ۾ ڪي اهڙيون شڪليون ڏسيون هونديون جيڪي فطرت جي ڪنهن ٻي شيءِ سان مشابهه هجن. اسان ٻه ڪڪرن ۾ ڪڏهن ڪا انساني يا ڪنهن جانور جي شڪل ڏسون ٿا ۽ حيرت کائون ٿا. اوائلي انسان ٻه ايئن حيران ٿيو هوندو. مائيڪل اينجلو ٻه ته ساڳيءَ طرح ڪڪرن ۾ خدا جي صورت ڏٺي هئي.

هو چون ٿا ته گهٽو ممڪن آهي ته اوائلي انسان کي اهڙا پٿر ڏٺا هجن جن جي شڪل ڪنهن جانور يا انسان سان ملندڙ هجي ۽ پوءِ هو اهو پٿر پنهنجي ٿاڪ تي ڪٽي آيو هجي ۽ ان ۾ موجود اضافي حصا ڇلي ڪري اڇلايا هجن ۽ اها صورت واضح ڪئي هجي. جيڪا هن جي ذهن ۾ پيدا ٿي هئي. ان هوندي ٻه اهو چوڻ مناسب نه آهي ته اوائلي پيليوليٿڪ انسان اڄ جي آرٽسٽ وانگر ان پٿر کي ڏٺو هوندو. ڪنهن ٻه پٿر ۽ ٻي شيءِ ۾ هڪجهڙائي ڏسڻ مهل ڪجهه مختلف عنصر ڪم ڪندا آهن. ڪڏهن ڪڏهن روشنيءَ جو زاويو يا پاڇو پٿر جا ڪي خاص خدوخال ظاهر ڪندو آهي. ڪڏهن اهو زاويو اهم هوندو آهي، جتان پٿر تي نظر پوندي آهي. پر، سڀ کان اهم انسان جو پنهنجو ذهن آهي، جيڪو ٻن مختلف شين ۾ ڪاڻ کا هڪجهڙائي پرکي ٿو. سائنسدان ان اهليت کي "تخيل" سڏين ٿا.

چيڪو سلاويڪيه ۾ بيڪوف (Becov) ماڳ وٽ ڪوٽائيءَ دوران هڪ گول جهوپڙي لڌي وئي، جيڪا برفاني دؤر جي هڪ گرم وقفي ۾ ٺاهي وئي هئي. اهو وچون پيليوليٿڪ دؤر هو ۽ اها جهوپڙي هڪ جهڪيل ٽڪريءَ جي منهن هيٺ هئي. اتان هڪ اهڙي دلچسپ شيءِ لڌي وئي جيڪا پنهنجي نوعيت جي حساب سان سڀ کان قديم آهي. جيتوٽيڪ هيءَ جهوپڙي ٻين کان قديم هئي، پر اها کا غير معمولي ڪوٺ هئي. فرش تي وڏا پٿر قطار ۾ هئا ۽ وچ ۾ چلهه هئي. هتي پٿري اوزار ٻه گهڙيا ويا هئا ۽ هڪ هنڌان

ڪجهه پٿري ٽڪيون (Tablets) به مليون جن تي گيڙو رنگ هو. اهي شايد جسم تي رنگ لاءِ استعمال ٿيون هونديون. رنگن جا ٻيا به نندڙا نشان فرش تي پيل هڪ سڌي پٿر جا پر ۾ هئا، جيڪي مٽيءَ ۾ دٻجي ويا هئا. انهن رنگن مان فقط ٻن بيضوي نشانن وارا ڇڻ صاف هئا. جيڪڏهن اهو پٿر ويهڻ جي ڏکيءَ طور استعمال ڪبو ته ان تي وينل ماڻهوءَ جا پير لازمي طرح انهن بيضوي نشانن تي ايندا. اهي ڪنهن اهڙي انسان جي پيرن جا نشان آهن، جنهن هتي ادائي لک سال اڳ ڪم ڪيو هو.

هي شايد اهو ئي ماڻهو آهي جنهن وٽ ريتيلي پٿر جي هڪ اهڙي شيءِ هٿي جيڪا هونئن ته فقط ٽي انچ ڊگهي آهي، پر اها انساني منڊي لڳي ٿي. جيتوٽيڪ اها شبيهه بنا شڪ شبهي جي قدرتي آهي پر ان کي انساني هٿ سان وڌيڪ بهتر ڪيو ويو هو. ڳهٽن ئي ماهرن هن پٿر جو معائنو ڪيو ۽ ان نتيجي تي پهتا ته ان پٿر کي مختلف پاسن کان ٽورو ٽورو ڇليو ويو هو ۽ جيتوٽيڪ هاڻي اها شبيهه انساني لڳي ٿي، پر تڏهن به اها "مڪمل" نه آهي. جيڪڏهن سندن خيال درست آهي ته پوءِ ڇئي سگهبو ته بيڪوف وٽان اسان کي (في الحال) سڀ کان قديم ترين مجسمو هٿ آيو آهي.

بيڪوف واري زماني کان گهڻو پوءِ واري دؤر جي غارن ۾ به ساڳي ڳالهه نوٽ ڪئي وئي آهي. انهن غارن جي ٻي ڊولين ديوارن ۾ نڪتل قدرتي ڪُٻ ۽ڳوڙها پيليوليٽڪ ماڻهن جي ذهنن ۾ مشابهتن کي جنم ڏيندا رهيا، جن کي ساڳي طرح گهڙي ڪنهن جانور جي صورت ۾ ڏني وئي ته جيئن اهو جانور واضح ٿئي. التميرهه واري غار ۾ ڪن هنڌن تي ديوارن جي ايريل حصن کي رنگن سان ايڏا وڌيڪ اپاريو ويو آهي ته جيئن تصور ايڏا به واضح ٿئي. شايد اهو ئي سلسلو هو جنهن جي شروعات سان انسان اپريل تصويرون (Relief) ٺاهڻ جو هنر سکي ورتو.


ان ڪن اڳ ۾ جو هن موضوع تي وڌيڪ نظر وجهجي، اسان هڪ ٻيرو وري بلوچستان جي ٻڌ جبل ۾ لاهوت واري غار تي هڪ نظر وجهندا ٿا هلون، جيڪا جيتوٽيڪ پاڻ ڪڏهن به انساني مسڪن نه رهي آهي، پر ان جي ٻرپاسي جون ٻيون چن پٿري قدرتي غارون شڪ هيٺ آهن. لاهوت واري غار ۾ اندر پٿر جو هڪ قدرتي ڳوڙهو ايئن ٿو لڳي جڙ ڪو اٺ گوڏا ٻڌي ۽ ڪنڌ مٽي ڪيو وينو آهي. ساڳي غار جي منهن وٽ هڪ ٻيو قدرتي پٿر

تاکرو ڇت مان گهڻي عرصي تائين ڇن ڳرڻ سبب ڪجهه اهڙيءَ طرح شڪل ولي ٻيٺو آهي جو لڳي ٿو ڪو نانگ ڦڻ کڻيو ٻيٺو آهي. ڇن ڦٽري غارن ۾ اهڙيون ئي عجيب غريب قدرتي شڪليون موجود هونديون آهن. اسان ڏسون ٿا ته انهن قدرتي شڪلين سبب لاهوت کي قديم زماني کان ان حد تائين تقدس واري ۽ ڏند ڪٿائي حيثيت حاصل آهي جو اڄ به انهن قدرتي شين کي مقدس هستين سان منسوب ڪري عقيدت ۽ ڪرامتن سان جوڙيو وڃي ٿو.


ديوار تي اپريل تصوير (Relief) اصل ۾ اڪر ۽ مجسمي سازيءَ جي وچ واري منزل آهي. پيليوليٿڪ انسان چترڪاريءَ سان گڏ جانورن جا خاڪا به چيٿين سان ديوارن تي اڪريا ۽ پوءِ ديوار جي ڳوڙهن ۽ ڪُنڊ کي تخيل جي بنياد تي جانورن جي اپريل شڪلين جو روپ ڏنو. ڀر ماهر چون ٿا ته Relief جي شروعاتي فنڪارن گهٽ اپار واريون شڪليون ٺاهيون ۽ اهي غارن ۾ اندر ٺاهڻ بدران غارن جي مُنهن تي يا باهر ڇپن تي ٺاهيا. غارن ۾ اندر ٿيل چترڪاري يا اڪر ۽ غارن کان باهر ٺهيل اپريل تصويرن ۾ هڪ ٻيو فرق به واضح آهي. اپريل تصويرن ۾ موجود انساني شبيهون اڪثر ڪري عورتون جون آهن. اوائلي آرٽسٽن عورتن جي شبيهه ٺاهڻ وقت به جسماني خدو خال جي تفصيل ۾ وڃڻ جي ضرورت محسوس نه ڪئي! بس هڪ خاڪو اپاريو ٿي ويو. ان ڪري ماهر تجويز ڪن ٿا ته عورتن جا اهي خاڪا به ڪنڊرُيتن ۽ عقيدن جي هيٺ ٺاهيا ويا هئا.

ان سلسلي جي هڪ اپريل تصوير ڏکڻ فرانس جي Dordogne علائقي ۾ "وينس آف لاؤسل" واري آهي، جنهن جي هٿ ۾ ڪُئون جو سڱ آهي. ڇا پيليوليٿڪ دؤر جي پڇاڙيءَ جي شڪاري لوڪن وٽ سڱ جي علامت موجود هئي، جنهن کي عام طور تي زرخيزي ۽ زراعت سان جوڙيو ويندو آهي؟ ڇا تڏهن هن سڱ کي ڪا ٻي علامتي اهميت حاصل هئي؟ ڇا اها انسان جي نسلي افزائش سان ڳنڊيل ڪا علامت آهي؟ بهرحال، ساڳي ماڳ تي عورتن جون ٻيون شبيهون به آهن. ان ئي جاگرافيائي خطي ۾ ڪيپ بلانڪ ۽ لي راڪ ۾ پٿرن تي جهنگلي گهوڙا، جهنگلي سانڍ ۽ جهنگلي ڍڳا به اڪريل آهن.

Tuc d' Audoubert نالي هڪ غير معمولي غار جيڪا ڏکڻ فرانس ۾ لڌي وئي، مان اپريل شبيهن جا دلچسپ نمونا لڌا ويا آهن. هي به جهنگلي سانڍ



لائوسيل (فرانس) مان هڪ پٿر تي اپريل انساني شبيهه.





راڪ دي سيرس (فرانس) ۾ جانورن جون اپريل شبيهون. پيليوليٿڪ دور ۾ ملندڙ هي اپريل تصويرون (Reliefs) مجسمي سازيءَ جي ابتدا سمجهڻ گهرجن.




کوگل (اسپين) ۾ جابلو ديوارن تي ناڇُن جي پينٽنگ.



التميرھ غار جي ڇت تي چترڪاري


اوائلي چترڪارن جا ڪي اهم موضوع

A wild horse painted in the Lascaux Cave, France.



فرانس جي لاسڪواڪس غار ۾ جهنگلي گهوڙو

...le drawing of a stag
Las Chimeneas, Spain.



اسپين جي لاس چمينياز غار ۾ ٽاڙهو




اسپين جي التميرھ غار ۾ جهنگلي سوئر


A painting of a wild boar from Altamira, Spain.



فرانس ۾ ليس ڪومبريلس غار ۾ ريڇ جي اُڪر




گهوڙن جون هي تصويرون التميرهه ۽ لاپالوما غارن مان مليون آهن جيڪي ٻئي اسپين ۾ آهن. ٻئي آخري پيليوليٿڪ دور جون آهن پر انهن جي اسٽائل ۾ فرق آهي.







پيليوليٿڪ دور ۾ عام طور تي جانورن جون تصويرون پاسيريون آهن پر فرانس جي هڪ غار مان لڏل شينهن جون هي تصويرون فرنٽ پوز ۾ ڏنل آهي.

پيليوليٿڪ آرٽ ۾ مڃيءَ جو موضوع ناڻي ماٺر آهي، هي تصوير فرانس جي نيائڪس غار ۾ موجود آهي.





گهوڙن ۽ برفاني سانن جي 15 فٽ ويڪري هيءَ تصوير ڏکڻ فرانس جي غار لاسڪواڪس ۾ آهي. جانورن جي جسم ۾ ٽنبيل تير شڪار جي منظر ڪشي پيا ڪن.



ناروي ۾ Dramselv نديءَ جي ڪنڌيءَ تي هڪ وڏي پٿر تي ٻن سانيرن جي اڪريل تصوير.



Cover: A rhinoceros romps on a cave wall in Vallon-Pont-d'Arc

ويلان پونت دي آر غار ۾ گينڊي جي تصوير

آهن، جيڪي زمين کان ٽورو مٿي گهڙيا ويا آهن. ٻنهي جي ماپ ۾ ڦ ٽيندي. انهن شبيهن جي خاص ڳالهه اها آهي ته اهي واقعي بهتر گهڙيل آهن ۽ اهي اڄ کان 15 هزار سال اڳ گهڙيا ويا هئا. ساڳي غار ۾ جهنگلي سانن جون ٻيون به شبيهون گهڙيل مليون آهن، پر اصل ذکر کيل شبيهن جو جواب نه آهي!

پيليوليٽڪ آرٽسٽ رڳو چترڪاري ۽ بت تراشي ئي ڪونه ڪندا رهيا آهن، پر سندن چترڪاريءَ مان ظاهر آهي ته هو ناچ به ڪندا هئا، گروهه ۾ ٽوليون رقص ڪنديون هيون. شايد ڪنهن وڏي ڪامياب شڪار وقت يا شڪار جي تياريءَ مهل يا بهتر مند جي استقبال لاءِ! آرڪيالاجسٽ اتي ئي نٽا بيهن. هو چون ٿا ته پيليوليٽڪ انسان هڏين مان بانسري ۽ ٺاهي هئي ۽ هاٿيءَ جي ڪلهي وارين ويڪرين هڏين کي، ڦاڙهي جي سڳن مان ٺاهيل ڏونڪن سان، نغارن وانگر ۽ وڄايو هو.

يورپ ۾ نيوليٿڪ دور

ڏٻٽين ۾ نفيس پيچرو

جيئن ته آخري برفاني دؤر جي خاتمي تائين پٿر واري زماني جا اڪثر انسان گرم علائقن جهڙوڪ، ايشيا ۽ آفريڪا ۾ رهندا هئا، تنهن ڪري برفاني دؤر جي هوريان هوريان خاتمي سان گڏ اهي يورپ وارن ملڪن ڏانهن به وڌڻ لڳا. برف جي هٽڻ سان ڏرتيءَ جا اهي ٽڏا علائقا به هاڻي انسانن جي رهڻ لائق ٿي ويا هئا. انسانن جي اها وڏي لڏپلاڻ پٿر جي آخري دؤر (نيوليٿڪ دؤر) ۾ ٿي آهي، جيڪا اڄ کان اٽڪل 6 هزار سال اڳ ٿيل سمجهي وڃي ٿي.

پر اها حيرت جي ڳالهه آهي ته 6 هزار سال اڳ يورپ جي سامونڊي ڪنارن کان اتر طرف لڏپلاڻ ڪندڙ انسان ماهر انجنيئر، هوشيار سرويئر ۽ پهرين درجي جا هنرمند واڌا هئا. اهڙو انڪشاف برطانيا ۾ سمرسيٽ وارين انهن نباتياتي ڏٻٽين ۾ ڪم ڪندڙ هڪ شخص هٿان ٿيو، جيڪو اتي پنهنجون رواجي ذميواريون پوريون ڪري رهيو هو. اهي ڏٻٽيون Peat نالي هڪ نباتياتي مادي جون آهن جيڪو پاڻيءَ ۾ سڙندو آهي ۽ ان ۾ هڪ حد تائين ڪوئلي جون خاصيتون پيدا ٿيندیون آهن ۽ ٻارڻ جي طور ڪم ايندو آهي.

ان ماڳ تي دنيا جو سڀ کان پراڻو، هٿرادو ۽ زمين کان مٿي ٺاهيل پيچرو ٺاهيو ويو هو، جنهن کي "سوئيٽ ٽريڪ" نالو ڏنو ويو آهي، جو ته اهو پيچرو ڏٻٽين ۾ ڪم ڪندڙ رايمنڊ سوئيٽ لڌو هو. قديم آثارن جي ماهرن کي آثارن جي ان عجيب ۽ هنري خزاني جي جاڻ 1970ع ۾ پئي هئي، جنهن تي پوءِ کوجنا جو ڪم شروع ٿيو.

سمرسيٽ مٽاچري جي تيزابي سم واري ڏٻڻ اهڙن جيوڙن کي ناس ڪري ڇڏيو هوندو جيڪي عام حالتن ۾ ڪاٺ جي ان اوائلي پيچري کي کائي چٽ ڪري ڇڏين ها. اهڙي طرح انسانن کي ڏٻٽين جي هن پار پهچائڻ لاءِ ٺاهيل هي پيچرو دفن ٿيڻ کان پوءِ به بچي ويو.

اوائلي زماني جي نيوليٿڪ انجنيئرن يقيني طور تي اڇڪلهه جي ماهرن وانگر پهرين ان جاءِ جي سروي ڪئي هوندي ۽ پوءِ ان جي اڏاوت ڪئي هوندي. برطانيا ۾ پٿري دؤر جي انهن ماٿهن بابت پروفيسر جان ڪولز چوي ٿو ته، "اهي تمام سڌريل، هنرمند ۽ نفيس سماجي تنظيم رکندڙ هئا."

سو، ماهرن اهو نتيجو ڪڍيو آهي ته، "'سوئيٽ ٽريڪ' اٽڪل 4 هزار سال قبل مسيح ۾ ان وقت ٺاهيو ويو جڏهن مڪيه يورپ کان پهريان هاري هتي پهتا. اهو پيچرو ٺاهڻ جو مقصد بن خشڪ زمين کي پاڻ ۾ ڳنڍڻ هو. "ڪاٺ جا اهي تختا ڏهڻ ۾ ڪوڙڻ کا معمولي ڳالهه ڪونه هئي." اهڙو خراج تحسين سمر سيٽ مٿاڇري واري پروجيڪٽ جي ڪو-ڊائريڪٽر پروفيسر ڪولز پاران پٿري دؤر جي انجنيئرن لاءِ آهي. سندس چوڻ آهي ته، "سڀ کان پهرين ڏهٽين جي چال کي چڱيءَ طرح جاچيو ويو ۽ پوءِ ڪاٺ جي بندن کي پٽڑيءَ (Rails) طور استعمال ڪيو ويو، جنهن جي ٻنهي پاسن کان انگريزي اکر "X" وانگر ڪاٺ جا وڏا ڪلا ٽوڪيا ويا، ان کان پوءِ ڪلن جي مٿين ٻانهن تي تختا وڇايا ويا، جنهن سان ٽيٽ زمين کان مٿي اپريل پيچرو تيار ٿيو، جيڪو مقامي ماٿهن پنهنجي ۽ سامان جي اڇ وڇ لاءِ استعمال ڪيو. ان پيچري تان سفر ڪرڻ بهرحال سؤکو نه هو. ان تي رکيل تختن جي ويڪر هڪ فوٽ کان ڪجهه وڌيڪ هوندي، جڏهن ته گس ٻنهي پاسن کان نسريل سرن ۽ ڪانهن جي ٻوڙن سان ڍڪيل هو، پر ڇا ڪجي؟ ان کان سواءِ ٻي واٽ ڪونه هئي."

قديم آثارن جي ماهرن کي هن رستي جي ٻر مان پٿر جي دؤر جا ڪي خاص قسم جا ٻر مختلف اوزار هٿ آيا آهن. انهن جي تجزئي مان معلوم ٿيو آهي ته انهن مان اڪثر اوزار خاص ڪمن لاءِ گهڙيا ويا هئا، مثال طور انهن مان هڪڙو ڪاٺ وڍڻ لاءِ، ٻيو ڪانا ڪٽڻ لاءِ، ٽيون ٻوٽن لاءِ ۽ ٻيا چمڙي ۽ ڪلن لاءِ هئا. هيل تائين نيوليٿڪ ماٿهن وٽ اڍنگين ڪهاڑين جو استعمال ختم ٿي چڪو هو.

پيچرو ٺاهڻ لاءِ استعمال ٿر آندل ڪاٺ مان ماهرن اندازو لڳايو آهي ته پيچرو اڌيندڙن کي ڪاٺ جي خاصيتن بابت سڻي ڄاڻ هئي. انهن کي خبر هئي ته شاهه بلوط وڻ کي پٿر مان ٺاهيل ڇيڻيءَ سان ڇلي بهتر تختا ٺاهي سگهجن ٿا.

بهرحال، اها ٽيڪنالاجي متعارف ڪندڙن کان پوءِ هڪ ئي نسل دوران علائقي ۾ ڏهٽين ءِ سر جي واڌ سبب 6 هزار سال اڳ اهو پيچرو ٻڏي ويو. اها کوجنا برطانيہ ۾ آرڪيالاجيءَ لاءِ ڏاڍي اهر ٻگالهہ آهي، ڇاڪاڻ تہ يورپ جي اترين پاڳن ۾ پٿري دؤر سان تعلق رکندڙ آثارن جو تعداد بنهہ ٿورو آهي.
(حوالو: 'پاڪستان ٽائيمز'، 29 ڊسمبر 1989ع)

برفاني انسان Ice Man

"برفاني انسان" هڪ اهڙي بدنصيب انسان جي ڪهاڻي آهي، جنهن جو لاش 5300 سال برف جي تهن ۾ دٻيل رهڻ کان پوءِ 19 سيپٽمبر 1991ع تي ليجي پيو. اها اٽلي ءِ آسٽريا جي سرحد آهي، ان ڪري نٽو چئي سگهجي تہ اهو انسان اصل ۾ ڪٿان جو رهاڪو هو؟ هي انسان ان علائقي ۾ ڇا ڪري رهيو هو جڏهن موت جي فرشتي کيس اچي ورتو؟ ڇا هو اٽلي يا آسٽريا جي هاٿوڪين سرحدن ۾ رهندڙ انسان هو يا ڪنهن ڏورانهين پاسي کان پنڌ پيو هو؟ ڇا هو جرمني يا سوئٹزرلينڊ کان اچي رهيو يا اوڏانهن وڃي رهيو هو؟ بهرحال، هو نيوليٿڪ دؤر جو انسان هو، جنهن وٽ سفر جو پورو سازو و سامان هو. سندس لاش Similaun گليشير تان لڌو ويو، جيڪو دنيا جي هيو نمبر اوچي جابلو سلسلي آلپس (Alps) تي آهي.

برفاني انسان جي لاش تي تجربا ءِ ايياس جاري آهي. هن وقت هن دريافت جي سڀ کان اهر ٻگالهہ اها آهي تہ هي اڄ تائين ليجندڙ صحيح سلامت لاشن مان سڀ کان قديم ترين آهي. سائنسدانن هن لاش جي عمر ڪاربن ڊيٽنگ سان معلوم ڪئي ءِ ٻڌايو تہ هي انسان 5300 سال اڳ جيئرو هو ءِ ثقافتي طرح پٿر جي پوئين دؤر ۾ رهندو هو. ثقافتي دؤر جي نشاندهي انهن اوزارن ءِ سامان مان ٿئي ٿي جيڪو برفاني رولاڪ انسان جي لاش وٽان مليو آهي.

آڪٽوبر 1992ع ۾ 'ٽائمز' رسالي برفاني انسان تي هڪ فيچر ڇاپيو، جنهن ۾ رپورٽر ليون جيروف ياد ڏياريو تہ محفوظ ٿيل قديم لاشن جي تاريخ ۾ مصري ممين بہ آهن، جيڪي عمر ۾ برفاني انسان جي لاش کان وڌيون آهن. پر ممين جا لاش ان ڪري نامڪمل آهن جو انهن فرعونن جون



برفاني انسان

ممين ناهڻ کان اڳ انهن جا آندا، گجين ۾ مغز لاش مان ڪڍيا ٿي ويا.

پنج يا ساڍا پنج هزار سال اڳ جي ڳالهه، انسان جي جسماني اڀسر جي تاريخ ۾ ايا ڪالهه جي ڳالهه هوندي، ان ڪري سائنسدان ان ڏس ۾ ڪا ٻي انوکي ڳالهه معلوم ڪري ونڻ، ان جو امڪان گهٽ آهي. البت اهو فيصلو ٿي ويو ته 5000 سال اڳ جڏهن يورپي لوڪ پٿر جي شڪاري دؤر ۾ هئا، تڏهن آفريڪا ۽ ايشيا زرعي دؤر ۾ موجود هئا، نه رڳو ايترو پر مصري ماڻهو شعوري طرح ايترو اڳتي وڌي چڪا هئا جو هو بادشاهي نظام قائم ڪري چڪا هئا ۽ لاشن کي هزارن سالن تائين محفوظ ڪرڻ جي علم کان به واقف هئا ۽ سندن ۾ عظيم سنڌو تهذيب وجود ونڊي رهي هئي.

برفاني ماڻهوءَ جي لباس ۽ جسم جي معائني مان ڪجهه اهم ڳالهيون سامهون اچن ٿيون. هي ماڻهو 25 کان 35 سالن جو جوان هو، قد 1.6 ميٽر هئس ۽ وزن اٽڪل 50 ڪلو هئس. شڪل شبيهه به اهڙي ٿي هئس جنهن مان لڳي ٿو ته هو ساڳئي علائقي جي نسل جو وڏڙو هو. هن جا وار رنگ جا ناسي ڪارا هئا ۽ مٿي جي وارن جي ڏيگهه فقط 9 سينٽي ميٽر هئي، جنهن مان ظاهر آهي ته هو وار ڪترينداهه هئا. هن کان اڳ ايئن نه سمجهيو ويندو هو ته ايتري قديم وقت ۾ ماڻهو وارا نندا ڪندا هئا.

هڪ عجيب ڳالهه اها به هئي ته برفاني انسان جي جسم تي ڊينيوڙين (Tattoos) جا نشان هئا. چيلهه تي هيٺ نيرين متوازي ليڪن جو مُڇو، ڪاهي گوڏي جي پويان هڪ منڊيئڙو ۽ ساڄي مُري تي پٽيون. اهي سڀ نشان ڪيڙن هيٺ ڏکيل جاين تي هئا. تنهنڪري ماهرن جو خيال آهي ته انهن جو تعلق ٻين قبيلن لاءِ سجاٽ سان هوندو. پر ان جي ڪا اندروني معنيٰ يا مقصد به هوندو. بهرحال، هن لاش اهو به ٻڌايو ته ڊينيوڙيءَ جو رواج 5300 سال اڳ به هو.

برفاني ماڻهو جڏهن سفر تي نڪتو تڏهن هو آلپس جي برف ۽ سخت ٺڻ کي منهن ڏيڻ لاءِ پوري طرح تيار هو. ايئن ٿي لڳو ته هو ان وقت باقاعدي مهم تي نڪتل هو، جڏهن برف ۾ اوچتو وکوڙجي ۽ ڏهجي مري ويو. هن جي جسم تي موجود بجن واري ڪل ۾ مختلف جانورن جهڙوڪ هرڻ، سرهه ۽ سانبر جي ڪلن جون چتيون هيون. لباس جي بنيادي سلائيءَ مان نفاست ظاهر هئي. جڏهن ته مرمت مهل جهنگلي گاهه کي ڏاڪي طور

ڪم آندو ويو. بنيادي سلائيءَ مان ظاهر آهي تہ برفاني انسان ڪنهن نہ ڪنهن قسم جي برادريءَ سان منسلڪ هو. هن جي پيرن ۾ پيل بوٽ ڪلن مان ٺهيل هئا ۽ انهن کي گاهہ سان ٻڌو ۽ وکوڙيو ويو هو تہ جيئن ٺڊ کي منهن ڏئي سگهجي. ساڳي طرح جسم تي جانورن جي کل جي مٿان ٻہ هن گاهہ جو هڪ ٻيو ڪوٽ پاتو هو. سيءُ کان وڌيڪ بچاءُ لاءِ گاهہ مان اُڻيل ٽوپي هئي، جيڪا ٽائرولين ريڊار هڪ صدي اڳ تائين ٻہ پائيندا هئا.

هن برفاني رولاڪ وٽان هٿ آيل شيون توقع کان وڌيڪ نفيس آهن. هن وٽ نج ٽامي جي کهاڙي هئي، جنهن لاءِ شروع ۾ غلط اندازو هنيو ويو هو تہ اها ڪنجهي جي آهي. هن وٽان تيرن جون چقمقي نوڪون ٻہ مليون، جيڪي هڪ خاص قسم جي ٻوٽي جي شاخن ۾ مڙهيون ٽي ويون ۽ تيرن کي پوئين پاسي کان هڪ خاص زاوئي سان ڪٽ هنيا ٽي ويا تہ جيئن تير ڦرندو وڃي نشاني تي لڳي.

برفاني انسان وٽ چقمقي پٿر جو هڪ خنجر ٻہ هو، جيڪو ڪاٺ جي ڳڻ ۾ وجهي نوڙيءَ سان سوگهو ڪيو ويو هو. هن وٽ موجود ڪمان يورپ جي اهڙي بهترين ڪاٺ مان ٺهيل هئي جيڪو پڇاڙيءَ تائين ڪمان سازيءَ ۾ سڀ کان بهتر سمجهيو ويو. هن سان گڏ هڪ تيز ڌار هڏي جو ٽڪرو هو جنهن کي چمڙو سبڻ لاءِ استعمال ڪيو ويو هوندو. هن سان چقمقي پٿر جي هڪ ڇري ۽ سوراخ ڪيڻ جو اوزار ٻہ هو. برفاني انسان وٽ موجود کهاڙي اٽليءَ جي ماڳ بريسڪيا (Brescia) ويجهو لڌل پٿري دورن جي ماڳن مان مليل باقيات سان ملي ٽي.

"برفاني انسان" آلپس جي هن چوٽين تي نيٺ ڇا ڪرڻ ويو هوندو؟ ۽ هو هتي ڇو دفن ٿي ويو؟ ڇا هو اڪيلو هو؟ سائنسدان اندازو هڻن ٿا تہ 5000 سال اڳ اتي موسم اڄ جي پيٽ ۾ ڪجهہ گرم هئي ۽ جيئن تہ اها اوچائي وٽڪار جي سطح کان مٿي هئي، ان ڪري اونهاري ۾ ان علائقي جي ڪشش تي هو ماڻهو اوڏانهن ڇڪجي ويو، ڇاڪاڻ تہ اتي جهنگ جي صفائيءَ واري سخت محنت ڪرڻ ضروري نہ هئي.

هُو ريڊار يا ٻکرار هوندو ۽ پنهنجن ساٿين کان ٿوري دير لاءِ وڇڙي يا جدا ٿي ويو هوندو. ممڪن آهي تہ هو خوراڪ ڳولڻ لاءِ جدا ٿيو هجي يا اتي چقمقي پٿر ڳولي رهيو هجي. اهو ٻہ ممڪن آهي تہ هن هيٺ موجود ٻيلن

مان پنهنجي لاءِ نئين ڪمان ۽ تير وڌيا ۽ چليا هجن ۽ ساڻين سان ملڻ جو سوچيو هجيس. پر جيئن ته اهي اونهاري جي پڇاڙي يا سرءُ جا ڏينهن هئا، ڪو اوچتو طوفان آيو ۽ گرميءَ جو درجو هڪدم گهٽجي ويو. ان ڀڄ ڊُڪ ۽ پناهه وٺڻ جي ڪوشش ۾ هو ٽن ڪان پنج ميٽر اونهي هڪ جهر ۾ ڪِري پيو ۽ مري ويو ۽ پوءِ ترت ئي برف ۾ دٻجي ويو.

ڪجهه سائنسدانن جي خيال ۾ ڊگهي خراب مند دوران جنهن وقت هو هڪ جهر ۾ هو، حالتن سان وڙهي وڙهي ٽڪجي پيو هوندو، ان ڪري هو ليٽي پيو هوندو ۽ ڪيس نند ڪٽي وئي هوندي، جنهن ۾ هو مري ويو ۽ مٽس برف چانئجي وئي. ان ڪان پوءِ گليشئر وڌيو ۽ هو ان ۾ دٻجي ويو. هي ماڻهو سڌيءَ طرح گليشئر ۾ ڪونہ ڦاٽو هو. جيڪڏهن ائين هجي ها ته پوءِ هو هڪ هنڌ ۽ ثابت حالت ۾ نہ ملي ها پر هو ته 53 صديون بنا ڪنهن پريشانيءَ جي ۽ آرام سان هڪ هنڌ پيو رهيو هو.

برفاني انسان جي ڪهاڻيءَ جا ته في الحال ڪي ابتدائي تفصيل ئي معلوم ٿي سگهيا آهن، پر يورپ جي نيوليٿڪ انسان بابت اڃا بہ حيرت جهڙو انڪشاف ڏي. پي. اي. نيوز ايجنسيءَ 22 مئي 1997ع تي ڪيو. سان فرانسسڪو مان جاري ٿيل هڪ رپورٽ ۾ چيو ويو ته جرمن محققن، Al-sace (فرانس) ۾ پٿري دؤر جي هڪ قبر مان ڪوٽائيءَ دوران هڪ اهڙي ڪوپڙي لڌي آهي جنهن ۾ دماغ جو ڪامياب آپريشن ڪيو ويو هو. اها 7 هزار سال پراڻي قبر آهي. حيرت جو پهلو اهو آهي ته ڪوپڙيءَ ۾ بہ سوراخ ڪيا ويا هئا. هڪ سوراخ 9 سينٽي ميٽر ۽ پيو ان کان ننڍو هو. اڃا بہ دلچسپ ڳالهه اها آهي ته اهو مريض صحتياب بہ ٿيو، چاڪاڻ ته اهي زخم پرجي بہ ويا هئا ۽ اهو شخص ان آپريشن سبب ڪونہ مئو هو. تحقيق ڪندڙ ان ٽيم جي ليڊر ڪرٽ الٽ ياد ڏياريو ته اڄ بہ ڪن آفريڪي قبيلن ۾ دماغ ۾ ڏک، مٽي جي سور، مٽي جي رسولي وغيره جي علاج لاءِ ساڳيو طريقو اختيار ڪيو ويندو آهي.

هندستان ۾ پٿري دؤر

اپکنڊ ۾ پٿري دؤر تي اگروال صاحب (D.P. Agrwal) چگو خاصو ڪم ڪيو آهي. هن پنهنجي ڪتاب آرڪيالاجي آف انڊيا ۾ هندستاني ماڳن تي ڏاڍي تفصيل سان بحث ڪيو آهي.

اوائلي پيليوليٿڪ دؤر جا مکيہ ماڳ

پاڪستان ۾ اوائلي پٿري دؤر جا سڀ کان پراڻا ماڳ سوان ماٿريءَ ۾ راولپنڊيءَ کان سنڌو نديءَ تائين، هنڌ هنڌ گهٽ ۾ گهٽ پنجن ڇهن ماڳن تي لڌا ويا آهن. گهاگهر نديءَ تي ڏاهڪو ڪن ماڳ مليا آهن. ستلج نديءَ تي ڪشمير ۾ ۽ 15-10 ماڳن جي نشاندهي ٿيل آهي.

سنڌ جي ڏکڻ ۾ ڪڇ واري علائقي ۾ چئن ماڳن جي نشاندهي ٿي آهي، جونا ڳڙهه، ڪنيات ۽ گجرات واري پرپاسي ۾ 10-9 ماڳ آهن، جيڪي ٻدر ندي (River Bhadar) تي آهن. جوناڳڙهه ويجهو ان دؤر جو اهم ماڳ اُمريٿي (Umrethi) آهي.


ڪنيات وٽ سبرمتي (Sabarmati) نديءَ تي اهڙن ماڳن جو وڏو ميڙ آهي. ڪنيات وٽ ٻي ماهي نديءَ تي 7-6 ماڳن جي نشاندهي ڪئي وئي آهي. لوٿي نديءَ جي ٻنهه مهڙ وٽ ٻه هڪ ماڳ آهي. لوٿي نديءَ جي اوير ۾ هين ندين تي ٻه اهڙا ماڳ آهن، جن مان بناس نديءَ وٽ 20-15 ماڳ مليا آهن.

هندستان ۾ مجموعي طور تي اڀائي ٿي سؤ ماڳ پيليولٿڪ دؤر سان تعلق رکن ٿا. اهو تعداد ايڏا ڪيترو وڏندو؟ اهو نٿو چئي سگهجي، ڇاڪاڻ ته ڪوجنائن جو سلسلو جاري آهي ۽ هر نئين ڏينهن نئين دريافت سامهون اچي ٿي. اپکنڊ ۾ هن مهل تائين لڌل ماڳ اوير کان اولهه ۾ بنگال کان ڪڇ تائين ۽ ڏکڻ ڪنڊ کان ڪشمير تائين پکڙيل آهن. هين لفظن ۾ سڄو هندستان پيليوليٿڪ دؤر ۾ آباد نظر اچي ٿو.

هندستان جا اهم پيليوليٿڪ ماڳ، جن جو ذڪر حوالن ۾ اڪثر اچي


اپکندہ میدانی پٹی دور جا کچھ ماگ:


۱- جھرک ۲- روہڑی نکرون ۳- سنگھاڑ ۴- باریڈانی
۵- ناگری ۶- موگارا ۷- ٹنوب ۸- ٹنوب
۹- ہوکرا ۱۰- بشکر ۱۱- روجھاڑی ۱۲
۱۳- پیپیٹکا ۱۴- آدم گڑھ ۱۵- بیلن ندیء وادی ماہی
۱۶- ممبئی ۱۷- نیراسا ۱۸- چکری ۱۹
۲۰- رنجی گنجا ۲۱- آبرار بکار ۲۲- گدیار ۲۳- تیری



The main regions of India with their Neolithic-Chalcolithic sites.

اپکندہ پر کي نيوليٹک ء ڈاتو۔ پھٹي (چالکوليٹک) ماڈ


MIDDLE PALAEOLITHIC SITES
IN
INDIA
0 100 200 300 400 MILES
0 200 400 600 800 KMS.
HIMALAYAN RANGE
CHAUNTRA
LUNI
DANDSAMI
HAAARKHERA
NIMBAHERA
MANDASOR
BHIMBETKA
MAHESHWAR
DEVAKACHAR
HARICHANDANPUR
KALEGAON
KHANDIVLI
NEVASA
KOVALLI
NANDIPALLE
RENIGUNTA
ARABIAN SEA
BAY
OF
BENGAL
INDIAN
OCEAN


LOWER PALAEOLITHIC SITES
IN
INDIA
0 100 200 300 400 MILES
0 200 400 600 800 KMS.
HIMALAYAN RANGE
CHAUNTRA
GULER
LALITPUR
BHIMBETKA
MAHADEO-PIPARIA
ADAMGARH
DURKADI-NALA
UMRETHI
CHIRKI-NEVASA
HATHKHAMBA
AMAGAWADI
HUNSGI
GUDIYAM
ATTIRAMPAKKAM
ARABIAN SEA
BAY
OF
BENGAL
INDIAN
OCEAN

ٿو، سي هن ريت آهن. جوناڳڙهه لڳ امريڻي، اتر هندستان ۾ جمنا جي ڏڻ پرو نديءَ تي للیت پور، وچ هندستان ۾ پوپال وٽ پيم بيٽڪا، مها ديو پپريا (Mahadeva Pipria)، آدم ڳڙهه، دُرڪدي (Durkadi) نالي، وچ اوچ ۾ چڪري ني واسا، انگا وادي، هٽڪنيا، ڏکڻ اوپر هندستان ۾ گري يا م ءِ آڻي رام پڪام.

هندستان ۾ ڪشمير مان پٿر جي اوائلي دؤر جا نشان ملڻ جي اميد ڪونه هئي، پو ته سمجهيو ٿي ويو ته برفاني دؤر دوران اتي انساني آبادي نه هئي. ان دؤر جا اوزار گهٽو تٽو زمين جي مٽاچري تان يا وري ندين جي ڪنڌين تي پکڙيل پٿرين مان لڌا ويا آهن، تنهنڪري هنن جي رهائشي طرز بابت ڪجهه چوڻ مشڪل آهي.

مسٽر اگروال ڏيان ڇڪائي ٿو ته اتر هندستان هڪ لحاظ کان جبلن جي حفاظتي ديوار سبب قلعي بند علائقو آهي. اها 2000 هزار ڪلوميٽر ڊگهي ءِ دنيا جي سڀ کان اوچي ديوار هندوڪش کان آسام تائين پکڙيل آهي. ان ديوار ۾ دنيا جون ڪي سڀ کان اوچيون چوٽيون موجود آهن، جهڙوڪ ايورسٽ چوٽي، ڪي ٽو، ناگا پربت وغيره. پر اهو چوڻ درست نه آهي ته هي جابلو سلسلو بنهه ناقابل عبور آهي. جهڙي طرح ڪنهن قلعي ۾ در هوندا آهن، همالين پربت ۾ به ڪي اهم لنگهه ءِ لڪ آهن. جيڪي باهرين دنيا سان هندستان کي ڳنڍين ٿا. اهي لڪ قراقرم، سڪم، تورخم، خيبر وارا آهن. انهن کان سواءِ بولان ءِ گولان لڪ موجود آهن، جيڪي اولهه وارين سرحدن جا دروازا آهن.

قراقرم لڪ ذريعي هندستان جو ڳانڍاپو تاجڪستان، ازبڪستان، ترڪمانيا ءِ ٻين علائقن سان هو. سڪم ءِ ڪُمائون همالياڻي لڪن ذريعي تبت ڏانهن وڃي سگهجي ٿو. اهو به سچ آهي ته گرهوال (Garhwal) ۾ بدري ناٿ مندر جي پرپاسي وارين سرحدن تي هندستاني ءِ تبتي راجا قبضو ڪندا رهيا آهن. انهن علائقن جا اوسي پاسي وارا ماڻهو تاريخي دؤرن ۾ مانا ءِ نيٽي لڪن رستي هيڏانهن هوڏانهن چڱي خاصي لڏپلاڻ ڪندا رهيا آ ن. اهڙيون پڪيون شاهديون موجود آهن. نيٽي يا ڪومائون (Kumaon) ۾ ستين ساڪا اثر آهي، جيڪو سڄ جي شڪل جي صورت ۾ وڏي تعداد ۾ آهي.

اهي همالين جا اتريان لڪ ئي آهن، جن مان لنگهي ٻڌ مت چين،

افغانستان ۾ وچ ايشيا ڏانهن وڌيو. مسٽر اگروال چوي ٿو ته، "جيتوڻيڪ انهن اترين لکن جو ڪردار پوريءَ طرح معلوم ٿي نه سگهيو آهي، ان هوندي به تاجڪستان، پنجاب ۾ چمونءَ جي وچ ۾ پيليوليٿڪ (Palaeolithic) دؤر ۾ به ڳانڍاپو هو، ڇاڪاڻ ته انهن مان هر هنڌان لڌل گول پٿري اوزارن واري ثقافت (Pebble tool culture) ۾ گهڻي ويجهڙائپ آهي.

ٻئي پاسي اتر اولهه وارا اهم لڪ گومل، خيبر ۽ بولان وغيره سليمان ۽ ڪيرٿر جبل جي قديم شاهراهن سان گڏجن ٿا. سليمان ۽ ڪيرٿر جبلن جون اوچايون همالين جي پيٽ ۾ گهٽو هيٺ يعني فقط 1500 کان 3000 ميٽر آهن. مرڪزي سنڌو ماڻريءَ ۾ خيبر لڪ جي ذريعي داخل ٿي سگهجي ٿو. ماڻريءَ جي هيٺئين حصي ۾ داخل ٿيڻ لاءِ گولان لڪ ۽ بولان لڪ شاهراهه بڻجن ٿا. اڄ به بولان لڪ بلوچستان جي ڪوئٽا ماڻري ۽ سنڌ جي وچ ۾ اڪيلي واٽ آهي. جڏهن ته گولان لڪ افغانستان جي خانه بدوش پونده نوڪن جو مڪيه رستو آهي، جنهن تان اڄ به هنن جي اڄ وچ جاري آهي. هو ماڻهو سياري ۾ جبلن تان لهي سنڌو ماڻريءَ ڏانهن اچن ٿا ۽ اونهاري ۾ واپس موٽي وڃن ٿا. اهڙي طرح هو سنڌو تهذيب ۽ پنهنجي ثقافت جي وچ ۾ رابطو ٻڌيل آهن. اهو سلسلو يقينن بي شمار ۽ ڊين کان ايئن ئي جاري آهي، جيئن خانه بدوش پڪين جي اڄ وچ جو سلسلو نامعلوم صدين کان هلندو ٿو اچي.

ايڏا به هيٺ مڪران ۽ ڪيچ وارن ڏاڪڻن علائقن ڏانهن دشت ۽ ڪيچ (Kej) لڪ آهن، جيڪي هندستان کي اولهه ايشيا سان ڳنڍين ٿا. قديم آثارن جي ماهرن انهن رستن بابت تاريخ کان اڳ واري زماني ۾ لڏ پلاڻ جي وڏي شاهراهه جي طور تي نشاندهي ڪئي آهي ۽ هو چون ٿا ته ايران ۽ ميسوپوٽيميا زماني وارين تهذيبن جو ان شاهراهه رستي سنڌو ماڻريءَ سان گهرو لاڳاپو هو ۽ گهٽيئي حملا به ان رستي سان ٿيا. اڄ وچ جو اهو سلسلو تاريخ کان اڳ واري دؤر کان شروع ٿي تاريخي دؤر تائين جاري رهيو آهي.

مسٽر اگروال دشت ۽ ڪيچ لکن جو ذڪر ڪندي تجويز ڪري ٿو ته آفريڪا جو هٿ - ڪهاڑيءَ وارو ڪلچر لازمي طور انهن لکن جي معرفت ئي پکڙيو هوندو ۽ ان عمل ۾ عربي ساحلي علائقن سان مصري ايٿوپيائي رابطائي خطا استعمال ٿيا. هو اپڪنڊ جي جاگرافيائي حد بندين کي نظر ۾ رکندي چوي ٿو ته اپڪنڊ هڪ ڪوڙڪيءَ وانگر آهي، جنهن ۾ داخل ٿيڻ

جون واڻون اتر ۾ اولهه وارا لڪ آهن. اتر ۾ همالیه آهي ۽ ڏکڻ جا ڪنارا عربي سمنڊ، هندي وڏي سمنڊ ۽ بنگال جي اپسمنڊ سان گهيريل آهن. اوپر طرف کان اپکنڊ ۾ داخل ٿيڻ ڏکيو هو، چاڪاڻ ته ان طرف چوماسي وارا گهاٽا ٻيلا، ناگا ۽ ڪاسي پهاڙ آهن.

هن کان اڳ هندستان جو اوپر ڏکڻ وارو پاسو قديم آثارن جي لحاظ کان پنڌتي پيل سمجهيو ٿي ويو، پر هاڻي نئين تحقيق موجب اتان زراعت جي انتهائي قديم زمانن، ٺڪراٽي ۽ ٽامي وارا زمانا لڌا ويا آهن. انهن علائقن مان مليل آخري پٿري دؤر (Neolithic) جي ٽيڪ ٽيڪ عمر جو جيتوٽيڪ انداز نه لڳو آهي، ان هوندي به ان کي ڏکڻ اوپر ايشيا سان تعلق ۾ ڏٺو ويو آهي. جيئن ته اگروال جي چوٽ موجب اپکنڊ هڪ ڪوڙڪي آهي، تنهنڪري جيڪا ثقافت هتي ڪنهن نه ڪنهن ريت گهڙي آئي، ان جو واپس ٻاهر نڪرڻ ايڏو سولو ڪونه هو. ان ريت ٿيو ايئن جو هندستان هڪ اهڙي ثقافتي سمنڊ جيان ٿي ويو جنهن ۾ ٻاهريون ثقافتون ايندیون ۽ ضم ٿيندیون هليون ويون. اگروال ٻڌ مت کي اپکنڊ کان ٻاهر نڪرندو ڏسي چوي ٿو ته، اهو ان ڪري ممڪن ٿيو جو ٻڌ مت هڪ مذهبي تحريڪ هئي ۽ ان دؤر ۾ ڪجهه ڏاڪڻين رياستن جا ڏکڻ اوپر ايشيا سان سياسي ناتا هئا.

هندستاني سماج ۾ طبقاتي ورڇ جا يقينن اهي سبب به آهن ته اپکنڊ ۾ مختلف ثقافتي گروهه داخل ٿيندا رهيا آهن. هڪ طرف انهن گروهن جو پنهنجو اندروني ڪٽنبي سرشتو ۽ ريتون رسمون موجود رهيون ته ٻئي طرف خارجي طرح اهي ڪٽنب هڪ وڏي هندستاني ڪلچر جو حصو ٿيندا ويا، جنهن کي اڄڪي هلي شهنشاهيت مضبوط ڪيو. ان وڏي هندستاني ڪلچر تي جيئن ته ڪو نه ڪو هڪ يا ٻيو طاقتور گروهه سياسي ۽ فوجي لحاظ کان حاوي رهيو. تنهنڪري اهو گروهه ڪن ٻين گروهن کي معاشي ۽ سياسي رعايتون ڏئي وڌيڪ معتبر ٿيندو ويو. ان طرح ٿيو ايئن ته عام ڪمزور گروهه جيڪي هندستان جي مختلف جاگرافيائي ۽ سماجي پيداواري ذريعن سبب ڪنهن نه ڪنهن معاشي ڪرت ۾ لڳي ويا، تن جون ذاتيون ۽ پاڙا ئي اهي ڪرتون ٿي ويون.

هندستان جو جاگرافيائي جائزو وٺبو ته هتي به چار اهم ڳالهيون چنيون نظر ايندیون. سڀ کان پهرين اولهه ۽ اتر طرف جابلو ديوارون ۽ ماٽريون.

ان کان پوءِ ۾ اهم درياهي ماٿريون سنڌو ۽ گنگا جمنا. ٽين خاص ڳالهه سنڌو نديءَ کان اوپر ۾ ٿر ۽ راجستان وارو صحرا آهي، جيڪو اوپر ۾ اِراوالي جبل سان وڄي ملي ٿو. ان کان پوءِ هندستان جو وڇون ٽاکرو علائقو آهي، جنهن جي اوچائي لڳ ڀڳ هڪ هزار فٽ آهي. البت ان علائقي ۾ مهاديوَ ۽ مائي کال ٽکريون 2000-1800 فٽ اوچيون آهن. انهن اوچين ٽکرين جو برساتي پاڻي اولهه رخ ۾ وهي جمنا کي پري ٿو.

هن وقت گنگا ۽ جمنا جي گڏيل ماٿرين ۾ اٽڪل 1500 فٽ لٽ ۽ رائي جو ٽلهو تهه جمع ٿي چڪو آهي. انهن کان پوءِ اپکنڊ جا ٻه مکيه ڊيلٽا آهن، انڊس ڊيلٽا ۽ گنگا برهمترا جو گڏيل بنگال وارو ڊيلٽا.

گنگا- جمنا ۽ سنڌوءَ کانسواءِ هڪ ٻي ندي گهاگهرو (هاکڙو يا سروسوتي) کي ٻه وسارڻ نه گهرجي، جيڪا همالين جي لاهين تان لهي ستلج ۽ گنگا جي وچ مان دڳ ٺاهي، ٿر جي ريگستان ۾ داخل ٿي، سنڌو نديءَ سان ملي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪندي هئي. ان سڪل نديءَ جي ويران ڪنڌين تي ٻه موهن جو دڙو/ سنڌو تهذيب سلسلي جا کيئي ماڳ لڀجي چڪا آهن.

لوٽي ندي سنڌ جي اوپر ۾ سرحدي ندي آهي، جيڪا مارواڙ سميت ميواڙ علائقي جي بناس ندي (River Banas) جو پاڻي ڪٽي کارونجهر ۽ پاري نگر وٽ (اڄ ڪلهه فقط چؤماسي ۾) رڻ پٽ ۾ ڇوڙ ڪندي آهي.

هندستان ۾ شروعاتي پيليولٿڪ آبادي تمام ٿوري آهي. پوپال ويجهو پيمبيٽڪا هڪ تمام اهم مثال آهي، پر اتي کابه حياتياتي پاڇي باقي نه رهي آهي. اڪثر هنڌن تان لڌل پٿري دؤر جا اوزار يا ته مٽاچري تان مليا آهن، يا وري ندين جي ريتي بجريءَ مان. پٿر جا اوزار درياهي لٽ جي گذرگاهن کانسواءِ ڪشمير سميت سڄي هندستان مان لڌا ويا آهن. پيليولٿڪ ماڻهن پڪ سان درياهي لٽ جي گذرگاهن کان پاسو ڪيو هوندو. ان جو تمام سادو سبب آهي ته اتي سندن اوزارن لاءِ گهربل پٿر ڪونه هٽا. خيال آهي ته اتر وارن علائقن ۾ نيوليٿڪ ثقافتن، ڊنڊن جا پراڻا پيٽ پنهنجي رهائش لاءِ استعمال ڪيا هوندا، جڏهن ته ڏکڻ هندستاني نيوليٿڪ ثقافتن پنهنجي رهائش لاءِ گرينائيٽ جي جبلن جا کلها چونديا هوندا، ان مان شڪار ڏانهن لاڙو ظاهر ٿئي ٿو.

هندستان ۾ سڀ کان پهرين پيليولٿڪ ماڳ 1863ع ۾ رابرٽ بروس

فٽ لڏو. پر 1935ع کان پوءِ ان سلسلي ۾ پهرين مهم هٿ ۾ کنئي وئي. هن مهل به ڪي ٿوريون يونيورسٽيون يا تنظيمون پٿري دؤر تي باقاعدي تحقيق ۾ رڌل آهن. يورپ يا آفريڪا جي ٻيٽ ۾ هتي پٿري دؤر جا ثبوت تمام گهٽ آهن. مواد به گهٽ آهي ۽ انهن جي وچ ۾ وٿي به وڌيڪ آهي.

اوائلي پٿري دؤر کي مختلف حصن ۾ ورهايو ويو آهي. يعني پهريون ٻيو ۽ ٽيون يا ابتدائي، وچون ۽ آخري پيليوليٿڪ. اهڙي طرح پٿر جي اوائلي دؤر (پيليوليٿڪ) کي وري ٽن حصن ۾ ورهايو ويو آهي: شروعاتي يا پرياتي پيليوليٿڪ، وچون پيليوليٿڪ ۽ پويون پيليوليٿڪ.

گذريل صديءَ ۾ سڄي هندستان، سواءِ درياهي گذرگاهن ۽ ڪيرالا جي، باقي جاين تان پيليوليٿڪ ماڳ لڌا ويا آهن، انهن ۾ن علائقن مان اهجاڻ نه ملڻ جا فقط ٻه ڪارڻ آهن. يا ته انهن علائقن کي نظر انداز ڪيو ويو يا اتي ڳتيل وٽڪار آهي. بهرحال، مختلف علائقن ۾ پيليوليٿڪ اوزار پوڻن تان درياهي لنگهن تان ۽ ٽاکرو لاهين تان به مليا آهن. تازو ئي ڪشمير مان به ان دؤر جا ڪجهه اوزار هٿ آيا آهن. صورتحال اها آهي ته هٿ آيل رهائشي ماڳ ٿورا آهن، جڏهن ته اڪثر هنڌن تي متاڇرن تان اوزار لڌا ويا، جيڪي ٻئي درجي جي اهميت جا ٿي سگهن ٿا. انهن ماڳن کي ماڳ چوڻ بدران "حادثا" چئجي ته وڌيڪ بهتر ٿيندو. انهن ماڳن تان انساني ڍانچن جي ڪابه پاڇي نه ملي آهي، پر تازي تحقيق مان اميدون رکيون ويون آهن.

اڄي ايئن چيو ويندو هو ته هندستان ۾ پيليوليٿڪ ماڻهن غارن جو استعمال مڙيئي ڪيو هو، پر تازين کوٽاين ان خيال کي غلط ثابت ڪيو آهي. پاڪستان جي صوبي سرحد ۾ مردان لڳ هڪ غار سنگهائو نالي سان مشهور آهي. ان غار مان اوائلي پٿر جي وچين زماني (Middle Palaeolithic) جا اوزار، هڏيون ۽ ڪوئلو جهجهي تعداد ۾ لڌا ويا آهن. اهي ڊپازٽس ٽي ميٽر يا ان کان به وڌيڪ گهرا آهن.

اهڙي ئي هڪ ٻي جاءِ هندستان جي شهر ٻوپال ويجهو، ونڊيا تي پيمبيٽڪا ماڳ آهي. ان هنڌ اوائلي پٿري دؤر کان وٿي وچين دؤر (Mesolithic) جا ڪيئي اڏا (Shelters) مليا آهن. پر هتي به ڪا حياتياتي پاڇي نه بچي آهي. ٽيون ماڳ آندرا ۾ رينيگنتا (Renigunta) آهي، جيڪو اوائلي پٿر جو پڇاڙڪو زمانو (Upper Palaeolithic) دؤر آهي، هتان پٿر ۽

هڏين جي اوزارن سميت جانورن جون هڏيون ۽ مليون آهن.

انهن مان ڪنهن ۾ ماڳ تان ڪوئلو نه مليو آهي، سواءِ سنگهاڻ غار جي. پر، ان غار جي ڪوئلي جي ۾ مڪمل سائنسي بنيادن تي تاريخ نه ڪڍي وئي هئي. انهن ماڳن تان پلائيسٽوسين (Pleistocene) زماني جا ڪي ۽ ڇاتل جوالا مُکيائي ڊپازٽس ۾ نه مليا، جن جي ذريعي پوٽاشيم آرگينڪ طريقي سان تاريخ معلوم ڪئي وڃي ها. ان ڪري هندستان ۾ اوائلي پيليولٿڪ واري تاريخ اندازن تي ٻڌل آهي. پر، وچين پيليولٿڪ کان پوءِ اڃ‍تي ريڊيو ڪاربن زريعي ورتل تاريخن سان وقت جي ترتيب بالڪل موجود آهي. اوائلي پيليولٿڪ جي تاريخ مقرر ڪرڻ کان اڳ ۾ اسان کي پلايوسين ۽ پلائسٽوسين زمانن جي وچ ۾ حدون مقرر ڪرٽيون پونديون. هي ڏرتي وديا جو هڪ پيچيدو سوال آهي، جنهن تي وڏي بحث ۽ تحقيق کان پوءِ ڊي. پي. اگروال چوي ٿو ته ٻنهي دورن جي وچ ۾ پلايو-پلائسٽوسين (PlioPleistocene) سرحد 2 ملين سال آهي، يعني اڄ کان 20 لک سال اڳ. ڪشمير، پنجاب ۽ پوٺوار جا پوٺا ۾ پلايوسين ۽ هينئين پلائسٽوسين زماني جون جيالاجيڪل تبديليون آهن.

جيئن ته تهذيبن ۽ ثقافتن جي پيشقدمي ۽ زوال ۾ سڀ کان مکيه ڪردار جاگرافيائي حالتن جو هوندو آهي، تنهن ڪري آرڪيالاجسٽ ۽ جيالاجسٽ زميني حالتن تي سڀ کان وڌيڪ نظر رکن ٿا. سنڌ ساموندي ڪنڌيءَ وارو علاقو آهي. ان ڪري هتي بار بار اهڙيون خوفناڪ ۽ سازگار حالتون پيدا ٿيندیون رهيون آهن ۽ آئندي ۾ ٿيڻ جو امڪان آهي، جنهن سان انسان يا ته تمام گهڻي پيشقدمي ڪري سگهي ٿو يا وري بنهه پوئتي هٽي سگهي ٿو. برفاني دؤرن جي پيشقدميءَ ۽ خاتمي سان ساموندي ڪنڌيون ۾ اڃ‍تي پوئتي ٿيندیون آهن.

پاڪستان ۾ ڪشمير ۽ سنڌ برفاني دؤر جي واڌ ۽ لاٿ سبب هڪجهڙي جي بنهه ابتڙ ۽ سڌي اثر ۾ اچن ٿا. ڏرتي وديا جي ماهرن موجب جڏهن برفاني دؤر وڌي ٿو تڏهن پاڻي گليشيئرن جي صورت ۾ جبلن تي جمي وڃي ٿو، تنهنڪري سمنڊ جو پاڻي گهٽجي ٿو ۽ خشڪ زمين وڌي وڃي ٿي. برفاني دؤر جي خاتمي سان سمنڊن جو پاڻيءَ وڌي ٿو ۽ ڪنارو پوئتي هٽي ٿو. هڪ ڪاٿي موجب اڄ کان 5000 سال اڳ هندستان جي اولهندي

سامونڊي ڪنڊي اڄ جي پيٽ ۾ 3 ميٽر مٿي هئي. ان زماني ۾ راجستان، سوراشٽر جو پرپاسو متاثر ٿيو. اندازو آهي ته 30 هزار سال ۽ هڪ لک ويهه هزار سال اڳ به ۾ پيرا سامونڊي سطح ۾ ايئن واڌ آئي آهي. ڇا اها واڌ به برفاني دؤر جي اثرن سبب هئي؟

ڪشمير وادئ بابت خيال آهي ته ڌرتيءَ جو اهو حصو جيڪو پير پنجل جابلو سلسلي وارو آهي، پلائيسٽوسين دؤر ۾ 5000 ميٽر اپو مٿي کڄي آيو هو. ان جي ثبوت ۾ ان نباتيات طرف اشارو ڪيو ويو ٿو، جيڪا 4000 ميٽرن کان مٿي نه ٿي ٿئي.

پلائيسٽوسين برفاني عمل دوران گليشئرن ۾ ڦاٽل پٿريلا ۽ ريتيلا ڍير سنڌ ۽ لِدار (Liddar) ندين جي وادين ۾ چگي طرح محفوظ آهن. ڪشمير وادئ ۾ اهڙا پنج پونا دريافت ٿيا آهن. ٽيرس نمبر I ۽ III ۾ برفاني دؤر جي وچ واري زماني ۾ ان وقت پاڻين جي ڪاڌ ۽ گاڻ سبب ٺهيا، جڏهن برف ڳري ۽ پاڻيءَ جا وڏا ۽ طاقتور چشما ۽ وهڪرا جاري ٿيا. ٽيرس نمبر IV,II ۽ V ڪافي وڏا هئا ۽ اهي وادئ ۾ برف جي پرجڻ سبب ٺهيا. هن مهل جيڪا ڪاربان ڊيٽنگ ٿي آهي، ان موجب ڪشمير ۾ برف ڳرڻ يا برفاني دؤر جي خاتمي جو عمل اڄ کان اٽڪل 15000 هزار سال اڳ شروع ٿيو ۽ ان سان ٽڌين ۽ گرم هوائن جو سلسلو هلي پيو.

تاريخ کان اڳ واري زماني جو آرٽ

جيستائين اپڪنڊ ۾ پيليوليٿڪ ماڻڪن جا تفصيل شايع نه ٿيا هئا، دنيا ايئن ٿي سمجهيو ته غارن ۾ رهندڙ انسانن فقط يورپ ۾ ئي ديوارن تي نقش نگاري ڪئي آهي. اصل ۾، ايئن چوڻ ۾ ڪوبه وڌاءُ نه ٿيندو ته دنيا ۾ قديم ترين نقش نگاري جو بچيل ۽ هن مهل تائين هٿ آيل ثبوت اپڪنڊ ۾ آهي. اهو آرٽ دل جي تارن کي ڇهندڙ ۽ دماغ کي سوچڻ تي مجبور ڪندڙ پڻ آهي.

پيليوليٿڪ انسان پنهنجي سوچ ۾ فطرت پسند هو، جيڪا صورتحال پوءِ به گهٽين حالتن ۾ جاري رهي آهي. تاريخ کان اڳ واري زماني جو آرٽ جادوئي نوعيت جو آهي. ان قديم چترڪاريءَ ۾ ڏيکاريو ٿي ويو ته جانورن

کي کيئن جهليو ۽ ماريو ويو. اها چترڪاري شڪار ڪرڻ کان اڳ ڪئي ٿي وئي. يعني شروع ۾ چترڪاريءَ ذريعي شڪار ڪيو ٿي ويو، باقي حقيقي عمل ان چترڪاريءَ جو چٽڪ ڪامياب نقل هو.

پيليوليٿڪ دؤر ۾، غارن واري چترڪاريءَ ۾ جانورن کي فطري انداز ۾ چٽيو ٿي ويو ۽ اهو ڪم ڏاڍي پيار ۽ تفصيل سان ڪيو ٿي ويو. ايڏو ڏيان نيوليٿڪ دؤر ۾ باقي نه رهيو هو. پوءِ وارن وقتن ۾ فطرت پسنديءَ جو اظهار پوئتي رهجي ويل لڳي ٿو.

پيليوليٿڪ ماڻهو ڪرت جي لحاظ کان شڪاري هو، جنهن پنهنجو وقت جيئڻ لاءِ خوراڪ گڏ ڪرڻ ۾ ٿي گذاريو. ڪيس جياپي لاءِ "آٿين ۽ چاڙهين" واري فلسفي هيٺ ڪم ڪرڻو ٿي پيو. ٻين اکرن ۾ هو روزاني اجرت وارا پورهيت هئا، جن فطرت جي ڪارخاني ۾ ڪمايو ٿي. ممڪن آهي ته هن جي لاءِ زندگيءَ ۽ دنيا جو تصور ان کان وڌيڪ نه هجي، جنهن ۾ هو رهي رهيو هو. هن جا ڪي به خدا ڪونه هئا، ڪوبه مذهب ڪونه هو ۽ نه وري موت کان پوءِ ڪنهن زندگيءَ جو تصور هو. چترڪاري هن لاءِ ڪا روحاني تسڪين يا اظهار جو ذريعو نه، شڪار جي ٽيڪنيڪ جو هڪ حصو هئي.

ان نقطي جي وضاحت ۾ 'ملڪ راج آنند' چوي ٿو، "لڳي ٿو ته آرٽ مان روايتي لطف ونڊڻ ماڻهو هن قديم چترڪاريءَ کي فن جو شاهڪار سمجهندا. ۾، سڀ کان وڏي بدقسمتي اها ٿي سگهي ٿي ته جديد لاڙن جي اثر هيٺ انهن چترن ۾ فيصلو ڪندڙ لمحن جي غلط تشريح ڪئي وڃي."

اهي تصويرون اصل ۾ خوراڪ جي ڳولا ۾ ڦرندڙ ماڻهن جي صبر جي انتها آهن. هن پنهنجي وقت جي ڊپ، حيرت ۽ اهڙن ٻين جذبن جو اظهار ڪيو آهي، اهڙا جذبا جيڪي قديم انسان پنهنجي فنا جي پَوَ مهل وحشي جانورن سان ويڙهه دوران محسوس ڪيا. اهڙي مهل، جڏهن هن جي آڏو سوال هو ته شڪار کي ان کان اڳ پالي سان ماري ڇڏيو، جو هو توهان کي ماري وجهي.

پيليوليٿڪ آرٽ ۾ جتي ڪٿي لڳ ڀڳ هڪجهڙا عنصر آهن، ۾ انهن ۾ موجود استائيل تي مقامي ماحوليات جو يقينن وڏو اثر آهي. جتي جتي پيليوليٿڪ ماڻهو برفاني ماحول ۾ رهندو هو، هو پنهنجو شڪار سياري جي مند لاءِ برف ۾ ڪٽو ڪري ڇڏيندو هو، ۾ استوائي علائقي جهڙي باقي

هندستان جا قديم لوڪ شڪار کي شڪار مهل ئي کائي کپائي ختم ڪرڻ لاءِ مجبور هئا. ٻيءَ صورت ۾ گوشت ڳري سڙي ٽي ويو. 'مسٽر ملڪ راج' انهن ئي بنيادن کي ذهن ۾ رکي التميرهه جي روحيت (Vitalism) ۽ پيمبيٽڪا جي تصويري خاڪن (Silhouette) جي تشريح ڪري ٿو.

نيوليٿڪ ثقافتن جي بي لغام زندگي باهمي تعاون ۽ گڏيل سماج ڏانهن ٻڌي وئي. ٻوٽن جي زراعت ۽ جانور پالڻ جي انساني ضرورت ان کي فطرت جي تضادن کان آگاهه ڪيو. نيوليٿڪ ماڻهن ڏٺو ته مندون خراب ۽ سئيون ٽين ٽيون، مينهن وسن ٿا ۽ روشن سج چمڪي ٿو. ڏڪار ۽ سکار ٿئي ٿو. انهن تضادن هنن جي ذهنن ۾ سئن ۽ خراب روحن جو تصور وڌو. هن روح پرستيءَ (Animism) هن دنيا کي حقيقي ۽ غيبي دنيائن ۾ ورهائي ڇڏيو. اها پيليوليٿڪ جادوءَ واري وحدت پرستي جي ابتڙ سوچ هئي. پيليوليٿڪ فن زندگي ۽ حقيقت تي ٻڌل هو، جڏهن ته نيوليٿڪ آرٽ عام مشاهدي واري حقيقت تي هڪ خيالي عظيم دنيا واري سوچ غالب ڪري ڇڏي.

ان تضاد کي ثابت ڪرڻ لاءِ Hauser همعصر قبيلن مان ٻه مثال ڏئي ٿو. هڪڙا Bushmen جيڪي اڄ به معاشي طور پيليوليٿڪ مرحلي ۾ رهن ٿا ۽ جيڪي انفرادي طور پنهنجي خوراڪ جي ڳولا ۾ رهن ٿا. انهن ٻڌ حيرت جي حد تائين پيليوليٿڪ دؤر جي چترڪاريءَ جهڙو "فطرت پسند" آرٽ تخليق ڪيو آهي. هوڏانهن، هڪ آمريڪي قبائلي (ريڊ انڊين) هڪ محقق جي شڪايت ڪئي، جنهن وڌن وارن واري سانَ جا ڪافي اسڪيچ ٺاهيا هئا. هن چيو ته، "هن ماڻهوءَ اسان جا ڪيئي سانَ پنهنجي ڪتاب ۾ وجهي ڇڏيا آهن. ان مهل آئون اتي موجود هئس، جيڏي مهل هن ايئن ٻڌي ڪيو، ان ڪان پوءِ اسان کي ڪوبه سانَ ڪونه مليو آهي." غالباً اهو ئي پيليوليٿڪ ماڻهوءَ جو تصور آهي جنهن جي خيال ۾ چترڪاري عام حقيقت جو سڏو تسلسل آهي. نيوليٿڪ آرٽ ۾ برفاني سانُ، هاٿي، سوئر وغيره اڪثر هلي گرپ وتي عورت کي جاءِ ڏني. جيڪا زرخيزيءَ وارن پٿرن جي ماءُ آهي ۽ اڄ ان جا "ديوي ماتا" جي صورت ۾ هزارين روپ آهن.

اسان ساڻئي تسلسل ۾ اڇوڪي ٽين دنيا جي زرعي ڪٽنبن ۾ موجود ريتون رسمون جاچينداسون ته اهي به نيوليٿڪ دؤر جي تصور جا پڙاڏا محسوس ٿيندا. اهو عجيب خيال اڄ به ٽين دنيا ۾ ڪنهن نه ڪنهن حد تائين

موجود آهي، جنهن موجب فطرت انسان جي نقالي ڪري ٿي. اهو ئي تصور جڏهن سڌري يا بدلجي ٿو تڏهن سمجهيو وڃي ٿو ته فطرت انسان کي سندس عملن جي موٽ ۾ سزا ۽ جزا ڏئي ٿي.

فطرت انسان جي نقالي ڪيئن ٿي ڪري؟ ان تصور جي گهرائي جو ڳوڙهو اپياس 'سر جيمس فريزر' پنهنجي ڪتاب "سونهري ٽاري" (Golden Bough) ۾ ڪيو آهي، جنهن ۾ اڇوڪي وهم پرست انسان ۽ تاريخ کان اڳ وارن مذهبي تصورن جو تسلسل پاڻ ۾ چڱي طرح ڳنڍيل نظر اچي ٿو. (هن لاجواب ڪتاب جو سنڌي ترجمو "جادو ۽ سائنس" ٽن جلدن ۾ سنڌي ادبي بورڊ طرفان 1959ع ۾ ڇاپيو ويو.)

اسان چئي نٿا سگهون ته ڇا هينئين پيليوليٿڪ دؤر جي ماڻهن کا چترڪاري ڪئي؟ پر پوڙهڪي پيليوليٿڪ دؤر ۾ آرٽسٽڪ سرگرمين جا اهڃاڻ ڏسجن ٿا. هندستان ۾ سڀ کان اوائلي چترڪاريءَ بابت خيال آهي ته اها پوڙهڪي پيليوليٿڪ دؤر سان تعلق رکي ٿي.

اٽڪل هڪ صدي اڳ پهريون پيرو پٿر تي هڪ ڇٽسالي (Rock Painting) 'مسٽر ڪارلائل' رپورٽ ڪئي. لڳ ڀڳ ساڳئي وقت ۾ يورپ ۾ به غارن ۾ چترڪاريون (Cave Paintings) دريافت ٿيون هيون. ان کان پوءِ ترت ئي ٻين جاين تان به اهڙيون دريافتون ٿيون جيڪي اتر اولهه پاڪستان ۾ چار گل کان اوپر ۾ اوڙيسا ۽ ڏکڻ ۾ ڪارناٽڪا تائين آهن. هاڻي اتر پرديش جي ٽڪرين ۾ ڪومائون (Kumaon) ۾ به تصويرون مليون آهن. ڪشمير مان پٿر جون به تختيون مليون آهن، جن تي اڪر ٿيل آهي. پر سڀ کان شاهوڪار چترڪاري جا نمونا مڌيا پرديش جي ونڊيا جابلو سلسلي ۽ ان جي هڪ پاڙهه ۾ آهن.

اتر واري گروپ ۾ چترڪاري

ڪشمير ۾ Burzahom نيوليٿڪ ماڳ جي کوٽائيءَ دوران پٿر جون جيڪي به ٽلهيون تختيون مليون آهن، انهن مان هڪ تي تجريدي ڊزائين آهي، جنهن ۾ 'مسٽر پانڊي' (Pande) جي تشريح موجب هڪ جهوپڙي آهي. جنهن کي گاهه مان جوڙيل گنبذي ڇت آهي. ان ڇت جي پوئين حصي ۾

هڪ جانور ۽ ان جو پُڄ چٽا ڏسجن ٿا. هو صاحب ان تصوير کي پٿر جي دؤر جي ٻين آکرن سان پيٽي ٿو. ساڳي ڪڏ مان لڌل ٻي پٿري تختيءَ تي ٽيل آکر 48x27cm آهي، جنهن ۾ هڪ ڳاڙهو شڪار ٽيندي ڏسجي ٿو.

ان تصوير ۾ ٻہ سج، هڪ ڪتو، ٻہ ماڻهو ۽ هڪ ڳاڙهو آهي. هڪ ماڻهو ڳاڙهي کي پٺيان نيزو هڻي چڪو آهي. جڏهن تہ ٻيو تير ڪمان تيار ڪيو ٻيٺو آهي. هڪ تير ڳاڙهي کي ڇاتيءَ ۾ ڪتل آهي. 'ڊي. پي. اگروال' جو خيال آهي تہ ٻن سجن مان هڪ "ڪامياب شڪار جي ڏينهن" جي علامت هوندو ۽ ٻيو واپسيءَ جو. پٿر تي ان آکر جي تاريخ 2000 سال قبل مسيح ڪٽيل آهي.

همالين جي پيرن ۾ سُيال (Suyal) نديءَ جي ڪنڌين تي دلبند (Dalband) ۽ الموڙا (Almora) وٽ ٻہ عدد ٽاکرو اڇا آهن. اهي ماڳ 'ڊي. پي. اگروال' ۽ 'جوشي' ڳولي لڌا هئا. اتي ڪنهن مرڪزي خيال تي ٽيل آکرن ۾ انسان، جانور ۽ ڪجهہ ٻيون نشانيون ڇٽيون ويون آهن. انسان لَڪڻ جهڙا آهن، ڪي تير واري شڪل جهڙا آهن. هڪ ڇٽ ۾ ٻہ ماڻهو پاجاريءَ جهڙي ڪا شئي ڪنيو پيا وجن. ٻين ڇٽن ۾ هڪ ڊگهو دونارُي جانور، هڪ لومڙ ۽ هڪ گهٽين ٽنگن واري مخلوق غالباً ڪرڙي آهي. اهي جاميٽريڪل ڊزائنون آهن ۽ انهن جي معنيٰ نڪري نہ سگهي آهي.

سڀ کان پراڻيون تصويرون ڪاري رنگ ۾ ۽ مبهم آهن ۽ انهن جا لينگها ٽلها آهن. انهن جي مٿان ڳاڙهيون تصويرون لکڻ جهڙي استائل ۾ آهن. ننڍي اجهي ۾ برش جو ڪم تمام عمدو آهي. آخري ۽ سڀ کان مٿيون ڪم اڇي رنگ جي ٽلهن لينگهن ۾ آهي. انهن تصويرن بابت هڪ مقامي ڪٿا آهي جيڪا چوي تہ ٻن ڇڄن جي وچ ۾ تڪرار ٿي پيو ۽ ان جنگ جون تصويرون رت سان ناهيون ويون. هڪ غار کي رهائشي ڊپازٽس آهن پر محققن کي ان هنڌان کي بہ اوزار نہ مليا. ان ڪري انهن تصويرن جي تاريخ ڪيڏ ڏکيو آهي. بهرحال، اتي ڏاتوءَ جي ڪابہ شيءِ ڪونہ هئي ۽ نہ وري پالتو جانور جو ڪو ثبوت هو. هڪ تصوير ۾ انسانن جهڙيون شڪليون هٿ هٿ ۾ ڏئي ڇڪ نچي رهيون آهن. اهي تصويرون ڏسڻ سان مڌيہ پرديش واريون پٿر تي چٽساليون ياد اچي وجن ٿيون، جيڪي چالڪوليٿڪ دؤر جون آهن. يقين هيءَ ٽن قسم جي چترڪاري هڪ ڊگهي عرصي جي نمائندگي آهي.

مرڪزي گروپ

مڊيا پرديش جون وڌيا ٽڪريون جڏهن اتر پرديش ۾ داخل ٿين ٿيون تہ اهي ڪيمور (Kaimur) سلسلو سڏجن ٿيون. اهي ٽڪريون پيليوليٿڪ ۽ ميسوليٿڪ ماڻڪن سان ڀريل آهن. ان علائقي ۾ زبردست ٻيلا، جهنگلي ميوا، زير زمين ڪاڇرو ٽڙ ۽ پاڻون ۽ شڪار بہ جام آهي. قدرتي ٽاڪرو اجهن مختلف عنصرن کان بچاءُ ٿي ڪيو. هي علائقو ڇپن تي ڇتسالي۽ سان ڀريل آهي. ان قديم چترڪاري جا گروپ آدم ڳڙهم، مهاديو ۽ پيمبيٽڪا ٽڪرين ۾ آهن. پيمبيٽڪا پوپال کان 45 ڪلوميٽر ڏکڻ ۾ آهي. هن 10 چورس ڪلوميٽرن جي علائقي ۾ اٽڪل 800 ٽاڪرو اڇا آهن، جن مان 500 ۾ چترڪاري موجود آهي.

پيمبيٽڪا ۾ ٽيل چترڪاري۽ ۾ هڪ هنڌ ڏيکا، هٿن جا نشان وغيره موجود آهن. هڪ منظر ۾ هڪ شخص هاٿي۽ تي سوار آهي، ڪجهہ گهوڙيسوار بہ آهن. شڪار جي منظر ۾ ڪٿون، هرڻ، ڏاڙها ڏيکاريا ويا آهن، ڪجهہ جهنگلي ڏيکا، جن جو شڪار مهل پيڇو ڪيو پئي ويو، ٽڪري۽ تان هيٺ ڪرندا ڏيکاريا ويا آهن.

پهرين دؤر جي چترڪاري سائي ۽ گهري ڳاڙهي رنگ ۾ ٽيل آهي. اوائلي تصويرون سانن، هاٿين، چيتن، ڪيندن ۽ سورن جون آهن. اهي گهٽو ڪري وڌيون، ڏيگهہ ۾ ٻن کان ٽي ميٽر آهن. انهن مان ڪجهہ پاڻي لڳڻ سان نٽيون ڏهن، پر انهن مان گهڻين تي جاميٽريڪل ڊزائينون آهن. سائي رنگ جون تصويرون ناچن جون آهن، جڏهن تہ ڳاڙهيون شڪارين جون آهن.

ٻئي دؤر جون تصويرون ميسوليٿڪ دؤر جون آهن. ان دؤر ۾ موضوع وڌي ويل آهن، پر تصويرن جي سائيز ننڍي آهي. شڪار جا منظر غالب آهن. شڪار جا اوزار نوڪدار نيزا، تير ۽ ڪمان آهن. هاٿي، سانڍ، چيتو، سوئر، هرڻ، سرهہ ۽ ڪٿي ڪٿي پکي بہ ڏيکاريل آهن.

قبائلي ناچن (Communal dances) مان گڏيل موضوع ملي ٿو. ڪنهن ڪنهن وقت انسانن کي نقاب (Mask) بہ پارايل آهي. جانور تہ فطري شڪل ۾ چٽيل آهن پر انسان استائل سان چٽيا ويا هئا. ڪنهن ڪنهن وقت ماڻهو زيورن سان سينگاريو ويو يا مٿي جو لباس تفصيل سان ٺاهيو ويو آهي. عورتون ٻنهي صورتن ۾ يعني اگهاڙيون يا ڪپڙن ۾ ڏيکاريون ويون آهن.

هتي پٿر تي اڪريل تصويرون ۽ آهن، جيڪي جانورن جون آهن.

ڪي ڪي منظر جيڪي ۽ ۽ تي پيرا چٽيا ويا آهن، وڏيڪ خاص اهميت جا ٿي سگهن ٿا. مثال طور هڪ وڏو سوئر مختلف ڇپن تي ڪيئي پيرا چٽيو ويو آهي. هڪ اهڙي ڊڳي جو منظر ٿي پيرا ورجايو ويو آهي، جنهن کي سَوندِ جهڙو دوناڙ آهي ۽ هڪ ٻئي جانور ۽ انسان جو پيڇو پيو ڪري. هڪ ڪيڪڙو انسان جي اڳيان پيو ڊوڙي. 'مسٽر وڪانڪر' (Wakankar) ان جي تشريح "ٿن قبيلن جي لڙائي" ڪري ٿو ۽ انهن جانورن کي سندن ٽوٽم سڏي ٿو.

هڪ منظر ۾ هڪ ٻار جي تدفين ڏيکاريل آهي، جنهن ۾ ان جا والدين سندس موت تي ڏکويل آهن ۽ منهن مٿو پٽي رهيا آهن.

ٽئين دؤر جون چالڪوليٽڪ تصويرون زرعي برادريءَ سان تعلق جي نشاندهي ڪن ٿيون. انهن جي ڊيٽنگ بهرحال حالاتي شاهدين جي بنياد تي ڪئي وئي آهي.

زرعي دؤر جي ابتدا


اتر اولهه هندستان (پاڪستان) جي نيوليٽڪ ثقافت جو هڪ مثال ڪوٽڏا ويجهو ڪِلي گل محمد آهي. ان جهڙيون ڪافي ٻيون ثقافتون پوءِ سنڌو تهذيب تائين جاري هيون.

انهن نيوليٽڪ لوڪن جي رهٽي ڪرٽي جي ڊنگ بابت ماهرن جو خيال آهي ته اهي پِيش، ڪاڻ ۽ شاخن جي مدد سان جهوپڙيون ٺاهي، انهن کي مٽيءَ جي گاري سان ليپي ڇڏيندا هئا ۽ هن وٽ چقمقي پٿر ڇلڻ واري صنعت موجود هئي.


ان مرحلي مان هيل تائين ڪراٽو هٿ ڪونہ آيو آهي. البت هتان پالتو جانورن جهڙوڪ رڍن ۽ ٻڪرين جون هڏيون ملن ٿيون. پٿر جا ٻہ ڏاڪا ملیا آهن، جن سان پوکيءَ جي شاهدي ملي ٿي. ڪلي گل محمد جي ٽن ثقافتي مرحلن مان پهرين کان ٽئين تائين پٿري صنعت جي اوسر چٽي آهي. پهرين مرحلي مان ملندڙ بليڊ 34 کان 35 ملي ميٽر ڊگها آهن. پوءِ وارا سائيز ۾ ننڍا آهن.




پيمبيٽڪا: ناڇُن جون تصويرون ڳاڙهي ۽ سائي رنگ ۾ آهن. (ٽيون پيليولٽڪ دور)




وڇٽ ڳڙهه (مرزا پور): ڳوڙهي ڳاڙهي رنگ ۾ گينڊي جو شڪار ـ (ميسوليٽڪ دور)




پيمبيٽڪا: مختلف ٽاڪرو اڇهن ۾ مختلف هنڌن تي عورتن جي تصويرن جا مختلف نمونا.



پٿر تي کوٽائي ڪري ناهيل تصوير (42 x 27 cm) شڪار جي تصوير
جنهن ۾ ٻه سج ڏسجن ٿا.



پيمبيٽڪا ۾ شڪار جون ٻه تصويرون، شڪارين کي "نقاب" پاتل آهي.



پيمبيٽڪا: ميسوليٿڪ دور ۾ هڪ ٻار جي تدفين جو ڏکوئيندڙ منظر.

بولان واري مهر ڳڙهه ثقافت جنهن جي کوٽائي 77-1976ع ۾ ٿي. ان ۾ ڪچيون سرون استعمال ٿيون آهن. اتان هڏين جا اوزار، بليڊ ۽ جاميٽريڪل مائيڪرولٿس ۽ پٿر جا تيشا مليا آهن. هتي اوائلي ٽڪراتي سان نيوليٿڪ سطح 6000 قبل مسيح تائين وڃي ٿي.


ڪشمير ماڻري پلائيسٽوسين زماني ۾ وسيع ڏنڊ هئي ۽ سمجهيو وڃي ٿو ته ٻئي انٽرگليشئل دؤر دوران ڏرتيءَ جي اپار سبب اهي ڏنڊون وهي ويون ۽ جهلم نديءَ کي جنم ڏنائون. هتي نيوليٿڪ لوڪن ڪاريواز جا پونا والاريا، جيڪي پلائسٽوسين ڏنڊن جي پيٽن جون پاڇيون هيون.

جيتوٿيڪ پٿري دؤر جا اوزار سنڌو تهذيب ۾ به موجود آهن ۽ اها نيم پٿري ۽ نيم ڌاتو دؤر سان تعلق رکي ٿي، اسان سنڌو تهذيب تي بحث ڪيون، ڇاڪاڻ ته اسان جو بنيادي موضوع سنڌو تهذيب کان اڳ انساني سرگرميءَ تي نظر وجهڻ آهي، پر اهو ضروري ٿيندو ته اسان ڏسون ته سنڌو تهذيب جي پکيڙ يا ان جي اثر جو دائرو ڪيستائين وڃي ٿو. اهو ان ڪري به ضروري آهي جو پٿري دؤر جي سنڌي ماڻهوءَ جو سڌو يا اڻ سڌو تعلق انهن علائقن جي ماڻهن سان ضرور رهيو هوندو. (ڏسو نقشو سنڌو هڙپه تهذيب)

اسان ڏسون ٿا ته اولهه ۾ بلوچستان جي سڄي ساموندي ڪنڌيءَ وارو علائقو، بلوچستان جون نسهيلو ۽ سارونا ماڻريون، ڪيرٿر ۽ سليمان جبل جا سلسلا، اتر ۾ گومل نديءَ جا ڪنارا، ٽل، جهلم، راوي، ستلج، هاڪڙو (گهاگهر) ماڻريون (دهليءَ تائين)، اپرندو نارو، ٿر جي الهندي ڪنڌي، لوتي ماڻريءَ جو هيٺيون حصو، ڪچ، ڪاٺياواڙ ۽ گجرات ۾ ناربدا (Narbada) ۽ ناپٽي ندين جون ڪنڌيات نار جي اوپر پاسي چوڙ واريون ماڻريون سنڌو تهذيب ۾ شامل آهن. ٿلهي ليکي اسان ايئن چئي سگهون ٿا ته سنڌو تهذيب اتر اولهه اپکنڊ جي سڀني مکيه ندين جي ماڻرين ۽ جبلن تي پکڙيل هئي.

ڪشمير وادي

ڪشمير مان پٿر جي اوائلي دؤر جا اوزار 1969ع ۾ لڌا ويا. هڪ وڏو چليل چٽڙ ۽ هڪ ادنگي ڪهاڙي پهل گام (Pahalgam) ويجهو ملي. اهو ماڳ سري نگر کان 65 ڪلوميٽر اوپر طرف آهي. چليل چٽڙ(26x17x6cm)



کشمیر پر مختلف برفاني دورن کان پوءِ ٹيل ڈنڈون.

فقط هڪ پاسي کان ڇليل آهي. اهو اوزار لڌار ماڻريءَ جي هڪ اهڙي ڪانگلو ميرٺ ڇپ مان مليو هو، جنهن کي ٻئي برفاني زماني ۾ رکيو وڃي ٿو. بهرحال، ان کي ٻن برفاني دؤرن جي وچ ۾ ٻڌ تصور ڪيو وڃي ٿو. ان کي ايڪنڊ ۾ قديم ترين صنعت جي حيثيت ڏني وئي آهي، ڇو تہ ان صورت ۾ هي هيئين پلائيسٽوسين زماني ۾ اچي ٿو.

ادنگي کهاڙي ڪانگلو ميرٺ ڇپ ۽ ناسي مٽي جي گڏيل سرحد مان ملي آهي. جنهن ڪري ان کي ايشيا جي سڀ کان قديم "هٿ کهاڙي" سمجهڻ گهرجي. هتان لڌل انهن ٻنهي اوزارن بابت ايڏا اهو طئہ نہ ٿيو آهي تہ ڇا اهي ٻئي ساڳي ثقافت جا آهن يا انهن جي پويان جدا جدا ثقافتون هيون؟

شيشي ۽ بلور جهڙي پٿر ڪوارٽزائيٽ (Quartizite) مان ٺهيل ڪرچٽيون، ڪوارٽز پرتن جا ٽي برما، هڪ بي ڊولو مستطيل ڪوارٽز ٻُڌ (Core) ۽ هڪ هٿ کهاڙي جيڪا ڪات جو ڪم ٻہ ڏئي سگهي ٿي، پهل گام ويجهو لڌار ندي‌ءَ تان لڌا ويا آهن. انهن جو تعلق "ٻئي برفاني" ٻئي انٽر گليشل ۽ ٽين برفاني دؤرن سان آهي. اهي ڪُل ڏهہ اوزار آهن، جن لکها سالن جو گهيراءُ ڪيو آهي، پر 'اگروال' چوي ٿو تہ ڪشمير جهڙي تڏهوڪي ڏکئي ماحول ۾ پيليوليٿڪ ماڻهوءَ جي موجودگيءَ کي قبول ڪرڻ لاءِ ايڏا ٻہ وڏي تعداد ۾ اعتبار جوڳن اوزارن جي ضرورت آهي.

برفاني تسلسل جو پوٺوار خطي سان ٻہ واسطو آهي اهو خطو ڪشمير جي ماڻريءَ کان وٺي ڏکڻ ۾ لوٽائي جبل جي قطار تائين پکڙيل آهي. پوٺوار پٽ جي اوائلي پيليوليٿڪ دؤر ۾ نمايان حيثيت رکندڙ خطو آهي. سوان (Soan) ندي جي ڪنڌيءَ تان پٽ جي اوائلي دؤر جا اوزار لڌا ويا آهن. پوٺوار طبعي لحاظ کان مٿئين سوالڪ دؤر جي ڪانگلو ميرٺ ڇپن تي ٻڌل آهي. هي گليشل ڊپازٺ آهن. ڪانگلو ميرٺ ڇپون، سنڌو ۽ سوان ندين جي اڪثر مٿاڇرن تي آهن. اها بيهڪ، پوٺوار جو ڪشمير جي ٻئي برفاني عمل واري زماني سان ناتو ڳنڍي ٿي.

ڪشمير جي وادي‌ءَ ۾ ڍنڍ کي وڍ پيو ۽ جهلم ندي ٻئي انٽر گليشل دور ۾ جاري ٿي. انهيءَ دؤر ۾ سنڌو ۽ سوان ندين ڪانگلو ميرٺ جبلن کي کوري، وهڻ شروع ٿيون. ان عمل ۾ ٽيرس نمبر 1 ٺهيو. ٽيرس نمبر 1 تان گول پٿري اوزارن واپوي ڪلچر يا صنعت جا چٽا وڍا اوزار مليا، جن سان گڏ

هٿ کهاڙي ٻه هئي. واضح هجي ته هٿ کهاڙي يورپي ۽ آفريڪي پيليوليٿڪ ثقافت ۾ عام آهي. يورپ ۾ گول پٿرن مان گهڙيل اوزار ۽ ڪات ٻه غائب آهن، پر اهي آفريڪا ۽ هندستان ۾ موجود آهن.

وچ ايشيا ۽ چين ۾ ڪنهن ٻه هٿ کهاڙيءَ جو ثبوت نه مليو آهي. اتي فقط گول پٿري اوزار آهن. ڇا هٿ کهاڙي ۽ گول پٿري اوزار پوٽوار جي علائقي ۾ پهريون پيرو مليا يا اهي ساڳي ثقافت جو حصو آهن؟ هڪ گول پٿري اوزار ڪنهن پڳل گول پٿر جا چٽڻ لاهي گهڙيو ٿي ويو، جيڪي پوٽوار جي علائقي مان ليجن ٿا.

اوائلي صنعت ۾ ويڌا ۽ ڪلاڪٽون اوزار (Clacton Flakes) ملن ٿا. (ڪلاڪٽون انگلنڊ جو هڪ ماڳ آهي، جتان اهڙا اوزار پهريون پيرو مليا هئا) پوئين سؤان دؤر ۾ اوزار گهڙڻ لاءِ تيار ڪيل پٿر (Prepared Cores) ۽ متوازي پاسن وارا چٽڻ ملن ٿا.

انهن متوازي، چٽڻن جي بنياد تي پوئين سؤان صنعت لاءِ چيو وڃي ٿو ته اها وچين پلائيسٽوسين دؤر جي آهي. پوئين سؤان (B) ۾ لڳ پڳ اڌ چٽڻن جو متاڇرو چنڊي هلڪو ڪيل آهي.

سؤان ماٿريءَ ۾ هٿ کهاڙيون يا ٻه مُنهان اوزار ٻه آهن، جيڪي ٻئي انٽر گليشل دؤر جا آهن. فقط هڪ ماڳ تان جيڪو راولپنڊي جي ويجهو آهي. هٿ کهاڙيون اوائلي سطح تان مليون جيڪي سؤان صنعت سان ملي ويل نه آهن.

ٻين جاين جهڙوڪ Adial، بلاول ۽ چونترا (Chauntra) وٽ هٿ کهاڙيون اوائلي ۽ پوئين سؤان اوزارن سان گڏ ملن ٿيون. بعد ۾ ٿيل دريافتن ڄاڻايو آهي ته ٻئي هٿ کهاڙيون ۽ سؤان صنعتون ساڳي سطح سان تعلق رکن ٿيون، تنهنڪري اهو چوڻ ڏکيو آهي ته کهڙي صنعت پراڻي آهي ۽ ڇا اهي واقعي جدا صنعتون آهن؟ ٻنهي قسمن جا اڍنگا، وڏا ۽ گول (Round) شڪل وارا اوزار، ايبي ولين * (Abbevillian) ۽ وڌيڪ سڌريل، دل جي شڪل جهڙا اڪيولين ** (Acheulian) سڀ گڏ مليا آهن، تنهنڪري هٿ

---

* ايبي ولين: پٿر جي قديم دؤر جا مخصوص اوزار. اهو دؤر يورپ ۾ پهرين برفاني دؤر ۾ شروع ٿيو ۽ ٻئي انٽر گليشل تائين موجود رهيو.

** اڪيولين: آفريڪا ۾ هڪ قديم ڍنڍ ڪناري اوائلي پيليوليٿڪ ماڳ، جتان لڌل خاص قسم جي هٿ کهاڙي ۽ ٻين اوزارن کي ان نالي سان سڃاڻپ ڏني وئي.

کهاڙيءَ جي ارتقا جي سلسلي ۾، وچ ۾ وقت جي ڪنهن به فاصلي جو تعين نٿو ڪري سگهجي.

پونوار

'ڊاڪٽر احمد حسن دانيءَ' مردان ويجهو سنگهاؤ غار جي کوٽائي ڪرائي. اها في الحال پاڪستان ۾ اڪيلي پيليوليٿڪ سائٽ آهي، جنهن جي کوٽائي ڪئي وئي آهي. اها غار چن جي پٿر سان ڪانگلو ميرٽ ساخت جي جبل ۾ آهي. 'داني' ان غار کي ڪشمير جي ٽيرس 1 سان جوڙي ٿو.

سنگهاؤ ماٿري جابلو ڏورن سان ورهايل، سخت ۽ ناهموار ميدانن تي ٻڌل علائقو آهي.

ماٿري ۾ وڏي تعداد ۾ دره (Canyons) آهن. 'دانيءَ' جي رپورٽ مطابق اتي ٽن ميٽرن جي ڊپازٽس ۾ 12 تهه هئا. تهه نمبر 12 کان 6 پيليوليٿڪ دؤر جا هئا. هن ٽوڪن اوزار ٺاهڻ لاءِ خام مال طور ڪوارٽز استعمال ٿي ڪيا، جيڪي ڀر واري چن پٿر ٽڪرين ۾ موجود آهن. 'پروفيسر برجيت آلچن' جنهن هن ماڳ جو به مشاهدو ڪيو هو، هن اتان Cores، چٽڻ (Flakes) ۽ ٻيون بيڪار گهڙيل شيون لڌيون هيون. هڪ نديءَ هٿ کهاڙي، ڪرچٽا، سبڙ جا سوئا ۽ وچين پيليوليٿڪ دؤر جا Cores سڀ کان هيٺين تهه مان مليا، جيڪي ان کي بظاهر وچين پيليوليٿڪ دؤر سان ڳنڍين ٽا چريون (Blades) ۽ چيٽيون جيڪي سڀني اوزارن جو پنج سيڪڙو کن آهن، به لڌيون ويون آهن. ان طرح هتي مٿيون پيليوليٿڪ دؤر نظر اچي ٿو.

1975ع ۾ 'پروفيسر آلچن' سنڌو ماٿريءَ جو وڌيڪ جائزو ورتو ۽ "ميل پٿر 101 ماڳ" جيڪو ٽٽي ضلعي ۾ اونگر وٽ آهي. جو وڌيڪ اڀياس ڪيو ۽ روهڙي وارين ٽڪرين جو به ڳوڙهو مطالعو ڪيو. روهڙيءَ وٽ شڪ آهي ته سنڌو تهذيب (موهن جي دڙي واري دؤر) جي لوڪن ڪيئي ماڳن تان پيليوليٿڪ وقت جا ڊير صاف ڪري ڇڏيا آهن. پيليوليٿڪ دؤر جي ماڻهن جا استعمال ٽيل چقمقي پٿر (Chert) گهري رنگ جا آهن، جڏهن ته سنڌو تهذيب ۾ هلڪي رنگ جو چقمقي پٿر استعمال ڪيو ويو هو. روهڙيءَ وٽان فقط مٿئين ۽ وچين پيليوليٿڪ دؤر جون شيون ملن ٽيون. جيئن ته ساڳي جاءِ

اوائلي پيليوليٿڪ کان سنڌو تهذيب جي وقت تائين استعمال ٿيندي رهي آهي، ان ڪري اهو مشڪل آهي ته ڪنهن اڪيلي ثقافت واري ماڳ جي تفريق ڪري سگهجي.

اوپر پنجاب ۽ هماچل پرديش

پاڪستان جي انهن ماڳن کي ڇڏڻ کان پوءِ اوپر طرف اوپر پنجاب ۽ هماچل پرديش آهن. انهن علائقن ۾ پيليوليٿڪ دؤر جا پٿر بياس، بن گنگا ۽ سيرسا ندين جي ڪلهن تان لڌا ويا آهن. هي علائقو سوالڪ جي پيرن وارين ٽڪرين تي ٻڌل آهي، جن جي اوچائي 600 کان 1000 ميٽر آهي. انهن جي پويان هماليه جا سلسلا ڏولاڌر ۽ شملہ آهن.

نالا گرٿ وٽ سيرسا (Sirsa) نديءَ تي ٽيرس آهن، انهن ماڳن تان ويڌا ۽ ڪرچٽا اوزار لڌا آهن، جيڪي گول پٿر مان گهڙيل آهن. اهي اوائلي سؤان اوزارن جهڙا آهن. انهن اوزارن ۾ ڪو گهٽو فرق ڪونهي. 'مسٽر لال' بياس ۽ بن گنگا ماٿرين (هماچل پرديش) مان سؤان جهڙا اوزار پنجن ماڳن تان لڌا آهن. انهن ماڳن تان مليل اوزارن مان ارتقائي لاڙن جو پتو پوي ٿو. بهرحال، اهي اوائلي سؤان گروپ جا آهن. انهن ۾ ويڌا ۽ ويڍ جي ڪمر جا ٻيا اوزار آهن. واضح هجي ته اوائلي پيليوليٿڪ کان وٺي نيوليٿڪ دؤر تائين گول پٿرن جا اوزار جاري رهيا آهن، جيئن رانوف (Ranov) جي ڪمر مان ظاهر ٿي. جيڪو هن تاجڪستان ۾ ڪارا ميدان (Kara Maidan)، لاخوتي (Lakhutu) ۽ ڪاراتاؤ (Karatau) ۾ ڪيو.

راجستان ۽ گجرات

هونئن ته سڄي هندستان مان پٿر جي سڀ کان پراڻي ۽ سڀ کان تازي دؤر جا ماڳ مليا آهن، پر سنڌ جي اوپر ۾ سنڌ سان ڳنڍيل علائقا راجستان ۽ گجرات آهن، جتان پڻ پٿر جي قديم دؤر جا ماڳ مليا آهن. ڏسجي ته انهن علائقن مان ڇا مليو آهي؟

اها 1917ع جي ڳالهه آهي جڏهن 'مسٽر برائون' راجستان ۾ جئپور

وڃان "اڪيولين" اوزار لڌا. سائگئي سال ۾ اهو نوٽ ڪيو ويو تہ هن علائقي جي واريائسين پٿن ۾ موسمي تبديليءَ جون شاهديون موجود آهن. ان کان پوءِ هن علائقي ۾ موسمي ڦيرڦار بابت ڇڪي خاصي تحقيق ٿي چڪي آهي.

ٿر واري ريگستان جي اوپر ۾ موجود اراولي (Aravali) ٽڪريون، اتر اوپر کان ڏکڻ اولهہ رخ ۾ هلن ٿيون، جنهن سان ماحول ۾ نابرابر ٽيڏن حصن ۾ ورهائجي وڃي ٿو.

الهندو حصو درياهي لٽ جو وسيع سڌو پاڳو آهي، ان کي ماروڙ چئجي ٿو. اڳئين زماني ۾ ان جو نالو مارو ٻومي (Marubhumi) يا موتمار زمين هو. ايئن ٿو لڳي تہ اهو ئي لفظ ٿري ماڻهن لاءِ استعمال ٿيندڙ "مارو" آهي، جنهن جي معنيٰ ٿيندي موتمار زمين وارا لوڪ.

لوٽي ندي پنهنجين ڏن ۾رو ندين سان، اڳئين وقت ۾ هن علائقي جو پاڻي ڪٺندي ۽ وهائيندي هئي. هن وقت اها مندائتي ندي آهي جيڪا فقط چؤماسي ۾ وهي ٿي.

غير يقيني ۽ ٿورڙي برسات سبب اڄ ڪلهہ ٻوڪ صرف چؤماسي ۾ ممڪن آهي. اها صورتحال ماڻهن کي مجبور ڪري ٿي تہ اهي جياپي لاءِ مال پالين، ان ڪري ماڻهو ريڍون ۽ اٺ پالين ٿا. تنهنڪري، ان ۾ حيرت جي ڪا ب ڳالهہ نہ آهي تہ هن علائقي ۾ زندگي عام طور خانہ بدوش ۽ ڇڏي آهي.

اراوالي ۽ (Aravali) جي اوپر ۾ صورتحال مختلف آهي. ان علائقي کي ميواڙ (Mewar) (مِينهن وارو علائقو؟) سڏجي ٿو ۽ اهو تاڪرو علائقو آهي. اتي مينهن 60 کان 100 سينٽي ميٽر پوي ٿو. بناس ۽ چمبل (Chambal) ندين سڃو سال وهن ٿيون، ان ڪري ميواڙ سڪيو ستابو ۽ سائو علائقو آهي، اتي آبادي ب وڌيڪ آهي.

بهرحال، ڏرتي وديا جا ماهر چون ٿا تہ ماروڙ واري پاسي موسمون سائگيون نہ رهيون. نيم خشڪ علائقي ۾ هئڻ ڪري موسمن جي سلسلي ۾ راجستان تمام حساس آهي. هوائن ۽ درياهي سرگرمين سبب گڏ ٿيندڙ لٽ جي هڪجهئي تي اثرانداز ٿيڻ سبب هتي خشڪ ۽ نمي ۽ واريون حالتون واري وڃي سان پيدا ٿيون آهن.

همالياہ مان نڪرندڙ ندين جي ابتڙ لوٽي ندي ۽ جو ذريعو اراوالي آهي. ان ڪري هتي فقط علائقائي موسمي تبديلي ٿئي ٿي. قديم آثار جي شاهدين مان

هن علائقي ۾ انساني آدمشماري جي گهٽ وڌائي محسوس ڪري سگهجي ٿي. مثال طور سنڌو تهذيب وارا اهجاڻ 1700 ق.م. ۾ ختم ٿي ويل ڏسجن ٿا. تهذيب جو ٻيو گروپ ڪاري ۽ ڳاڙهي ۽ چٽيل سرمائي ٽانون وارو آهي، جيڪو حضرت عيسيٰ عليہ السلام کان اڳئين هڪ هزار سال جي مهڙ ۾ ظاهر ٿيو. ان کان پوءِ رنگ محل ڪلچر وسيع ايراضيءَ ۾ پکڙيل ڏسجي ٿو، جيڪو لڳ ڀڳ 2 صدي عيسوي جو ڏسجي ٿو.

اڄ گهاگهر يا هاڪڙو ندي ۽ دريشاديواتي (Drishadvati) نديون سڪل آهن، پر انهن جي ڪنڌين تي سنڌو تهذيب جا وڏا ڏڙا ڏسجن ٿا. ايئن سمجهيو وڃي ٿو تہ گهاگهر ۽ دريشاديواتي نديون مڪيہ سنڌو سرشتي جو حصو هيون. اهي هڪ ئي ماحولياتي علائقو قائم ڪن ٿيون. بهرحال، لوٽي ماڙي ۽ پٽن تي آرڪيالاجسٽن چگو ڪم ڪيو آهي. هنن جي ڪٽ موجب موسمي ۽ تهذيبي خاڪو ڪجهہ هن ريت بيهي ٿو.

تاريخ	تهذيب	سند
3000 سال اڳ (اڄ تائين)	سنڌو تهذيب غائب ٿئي ٿي	خشڪ
3000 کان 5000 سال اڳ	سنڌو تهذيب ۽ ان کان اڳ	گهميل حالتون
5000 کان 9500 سال اڳ	مائيڪرولٽڪ آبادیون	اڄ کان وڌيڪ گهميل
9,000 کان 10,000 سال اڳ	مائڪرولٽڪ آبادیون	تمام گهميل
10,000 سالن کان اڳ	مٿيون پيليولٽڪ	تمام خشڪ ۽ هوائون
لوٽي نديءَ جا مربوط وهڪرا	وچون پيليولٽڪ	وڏو آلو عرصو
وڏيون پٽون ٺهڻ جو عمل	ڪابہ انساني ثبوت ناهي	وڏو خشڪ عرصو

لوٽي نديءَ جو سرشتو ٻڌائي ٿو تہ ان علائقي ۾ پٿر جي وچين زماني ۾ پاڻيءَ جي وهڪرن جو هڪ مربوط نظام هو. لوٽي ندي پاڻ سان جهجهو پاڻي ۽ لَٽ ڪٽي هلندي هئي. پوءِ واري زماني ۾ نديءَ جا پيٽ پٽن سبب بند ٿي ويا.

اڄ ئي ٻڌايو ويو آهي تہ جئہ پور، بندي ۽ الور (Alwar) ضلعن مان "اڪيولين" اوزار لڌا ويا آهن. تازو مارواڙ مان جيال (Jayal) لڳ لوٽيءَ جي اتر مان بہ اڪيولين هٿ ڪهاڙيون مليون آهن. اهو پاسو ميواڙ جي وادين جي پيٽ ۾ اوائلي پيليولٽڪ ماڻڪن جي ڏس ۾ تمام غريب آهي. حقيقت ۾ چتور ڳڙهہ، ڪوٽا، ناگاري (Nagari) وارا ماڳ سڄي ملڪ ۾ سڀ کان شاهوڪار

ماڳن ۾ شامل آهن. اهي ماڳ ترتيوار Chambal, Gambhiri ۽ Berach وادين ۾ آهن. هن مهل تائين اُدي پور جيڪو ٽاڪرو علائقو آهي، مان پٿر جي دؤر جا ڪي بہ اوزار نہ مليا آهن. اهي وادیون پيليوليٿڪ انسان ۽ جانورن لاءِ ڏاڍيون مناسب هيون. اتي پاڻي جام هو. ان علائقي مان لڌل اوزارن ۾ هٿ ڪهاڑيون، ڪات، Lavallios ڇڻڻ، بليڊ ۽ وڍڻ جا اوزار، ڪرچٽا شامل آهن. اوزار گهٽو تٿو ڪوارٽزائيٽ (Quartizite) مان ٺهيل آهن، جيڪي ندين جي پيٽ مان گول پٿرن جي صورت ۾ مليا آهن.

وچين پيليوليٿڪ دؤر جا اوزار وارياسي ريتلن گول پٿرن ۾ مڙهجي ويل حالت ۾ مليا. ڪافي پيليوليٿڪ ماڳ ميواڙ ۾ وگوون (Wagown) ۽ قدم علي (Qadam Ali) ندين جي ماٿرين مان مليا آهن. اتان جي اوزارن ۾ ڪجهہ فرق آهي. هاڻي اوزار اوائلي پيليوليٿڪ جي پيٽ ۾ نديا آهن.

اولهہ راجستان يعني مارواڙ ۾ بہ لوڻي ۽ ان جي ڏڻ پرو ندين جي ماٿرين مان وچئين پيليوليٿڪ دؤر جا ماڳ مليا آهن، اهي اوزار ٽوس ٽي ويل گچ مان لڌا ويا ۽ اهي چن پٿر وارين انهن ٽڪرين تي ڏسجن ٿا، جيڪي سوجات (Sojat) کان بلارا (Bilara) تائين آهن.

لوڻي ماٿري ۽ ان جي ڏڻ پرو ندين جي پاسن ۾ ڪاڪ جا پنڌ پهڻ، جوالا مکيءَ جي رنگين ۽ سهڻن پٿرن سان گڏ ٻيا بہ لاوائي پٿر ملن ٿا. هتي هٿ ڪهاڑيون ۽ ڪات وچين پيليوليٿڪ دؤر ۾ بہ موجود هئا ۽ Lavallois ٽيڪنڪ وڌيڪ نمايان آهي. هتي اوزارن جي گهڙاوت واري ارتقا مان صاف ڏسجي ٿو تہ اهي اڪيولين سلسلي سان ڳنڍيل آهن.

الور ضلعي ۾ ٻڌا پُشڪار (Budha Pushkar) ڍنڍ جيڪا تازي پائيءَ جي آهي، ويجهو وچين پيليوليٿڪ صنعت جا ڪرچٽا، وڍڻ جا اوزار، ڪات، بليڊ، چيٽيون ۽ گهڙيل چڻڻ مليا آهن. اهي آلي دؤر جا آهن.

جُن پٿر جي سوجات ٽڪرين ۽ لوڻي ماٿريءَ مان مٿئين پيليوليٿڪ دؤر جا بڻ (Cores) ۽ Slender Blades بہ ملن ٿا. پشڪار ڍنڍ جي ڪنڊيءَ تي اڄ بہ ڏهاڪو ڪن هزار مائٽهن جي آبادي آهي، پر جانورن جي وڏي ميلي ۽ ڏارمڪ سرگرمين سبب هيءَ ڍنڍ سياحت جو مرڪز ٽي آهي، پر هن وقت موسمي تبديلين کان وڌيڪ انساني سرگرمي ۽ وڻ وڍڻ سبب اها ماحولياتي آلودگيءَ جو شڪار ٽي وئي.

گجرات

گجرات جو علائقو سبرمتي (Sabarmati)، ماهي (Mahi) ۽ ٻين مددگار ندين جي وهڪري سبب عظيم لٽ وارو خطو آهي ۽ ساموندي ڪنڌي ڏهٽين تي ٻڌل آهي. هن علائقي ۾ جيئن ڏکڻ ڏانهن ويجهو برساتون گهٽجن ٿيون. ڏکڻ ۾ برسات 150-175 سينٽي ميٽر مان گهٽجي سورت وٽ 100 سينٽي ميٽر پوي ٿي، احمد آباد ۾ 70 سينٽي ميٽر پوي ٿي. اوپر ۾ وڏن ٻيلن واري علائقي ۾ وڌيڪ مينهن پوي ٿو، پر زمين برباد ۽ مٽي پلي نه آهي.

سوراشٽر يا ڪاٺياواڙ ساحل جيڪو رڻ ڪڇ ۽ ڪنڍات واري نار جي وچ ۾ 119,000 چورس ڪلوميٽر آهي، سبرمتي ۽ ماهي ماڻرين کان تمام مختلف آهي. ڪڇ جو رڻ سامونڊي ويرن، گپ جي سڏن ميدانن ۽ لوٽائين ڏنڊن ۽ ڏورن جو خطو آهي. هيءَ گپ واري صحرا اتر ۾ سنڌ جي ٿر واري واريائسي صحرا سان ملي وڃي ٿي. ڪاٺياواڙ جو اڪثر حصو اوچائيءَ ۾ 300-600 ميٽر کان هيٺ آهي. گِر ٻيلي (Gir Forest) ۾ اڃ فقط ايشيائي شينهن جو نسل باقي آهي.

سبرمتي ندي، اراوالي ٽڪرين تان لهي اتر کان ڏکڻ طرف وهي ٿي ۽ ڪنڍات واري نار ۾ ڇوڙ ڪري ٿي. اوائلي پيليوليٿڪ صنعت ۾ هٿ کهاڙيون ۽ ڪات ۽ Cores ملن ٿا، جيڪي گول پٿرن مان گهڙيا ويا.

ايجا بـ ڏکڻ ۾ Orsang ماڻري آهي، جتي پڻ ساڳي نوعيت جا گهٽي ئي ماڳ آهن. سنڪاليا (Sankalia) جي رپورٽن موجب ڀنڊارپور (Bhandarpur) وٽان وچين پيليوليٿڪ صنعت ملي آهي، جڏهن ته اتان هڪ سهٽي هٿ کهاڙي بـ ملي آهي. ساڳي ماڻريءَ ۾ وسادي (Visadi) وٽ 'پروفيسر آلچن' کي هڪ واريائسي پٽ مان مٿئين پيليوليٿڪ جي صنعت ملي. ان ۾ بليڊن جا ٻڍ، بليڊ ۽ چيٽيون هيون، جيڪي ڪوارٽز (Quartiz) مان گهڙيل هيون. 'آلچن' وسادي (Visadi) صنعت کي سنگهاؤ (Sanghao) ۽ رينيگنتا (Renigunta) ماڳن سان پيٽي ٿو. اها دلچسپ صورتحال نوٽ ڪرڻ جي آهي ته هن علائقي ۾ اڃ ڪلهه سالياني سراسري برسات 84 سينٽي ميٽر پوي ٿي، تنهنڪري پٿن ۾ قيرقار ٿي نه ٿي سگهي. ڪنهن پٽ مان اوائلي پٿري دؤر جي صنعت جي دريافت سان تڏهوڪين خشڪ حالتن جو پتو پوي ٿو.

سوراشٽر ۾ پدر نديءَ جي ٻنين تان اوائلي توٽي وچين پيليوليٿڪ دؤرن

جا اوزار ملن ٿا. اتان هٿ کهاڙيون، ڪات ۽ ڪرچٽيون، وڍڻ جا اوزار، نوڪون ۽ چيٽيون ۽ ٻيا اوزار لڌا ويا آهن. ڪچ جي علائقي مان به ڪات، هٿ کهاڙيون ۽ وڍڻ جا اوزار، جن مان ڪن ۾ ايڄا تائين چوڌا ثابت هئا، ۽ سوراشٽر ۾ Dokamardo مان وچين پيليوليٿڪ دؤر جا اوزار مليا آهن.

گجرات ۾ پيليوليٿڪ صنعت جي تاريخ جا فقط ٽن قسمن جا ثبوت آهن. ساموندي سطح ۾ تبديلي، ندين جي ساخت ۽ مائليولائيٽ بيهڪون.

ڪواٽرنري (Quaternary) دؤر ۾ ساموندي سطح ۾ لاهه چاڑهه جو وڏو سبب گليشيئر هئا، جن ۾ اڪثر پاڻي جبلن تي برف جي صورت ۾ رهجي ٿي ويو. ان وقت ساموندي سطح 100 ميٽرن کان وڌيڪ هيٺ ڪِري پئي. سوراشٽر ساموندي ڪنڊين تي گهٽ وڌ 5 کان 3 ميٽر تائين اوچي ساموندي سطح جا چٽا اهجاڻ، اعليٰ سطحي حدون، خشڪيءَ تي سپين جا علائقا، ساحلي مرجان، ساحلي Miliolits وغيره مان ملن ٿا. مهاراشٽر جو الهندو ڪنارو پڻ ساموندي سطح ۾ قيرقار جي نشاندهي ڪري ٿو. ان مان ظاهر آهي ته ٿي ڀيرا ساموندي حد دخلي اڄ کان 5000 ,35,000 ۽ 130,000 سال اڳ ٿي هئي. پدر تي صرف هڪ وڏي سطح واري سائيڪل آهي. جيڪڏهن اسان ان کي اڄ کان 1,20,000 سال اڳ ٽيل چڑهائي قرار ڏيون ته پوءِ اسان ان کي سوراشٽر ۾ اوائلي پيليوليٿڪ جي مٿين حد سان منسوب ڪري سگهون ٿا.

'راجا گرو' (Rajaguru) چوي ٿو ته، Miliolite تکرين ۾ وچين پيليوليٿڪ زماني جا اوزار ملن ٿا. جڏهن ته جونا ڳڙهه ويجهو اوائلي پيليوليٿڪ اوزار مائليولٿڪ کان پهرين درياهي بجريءَ مان ملن ٿا. اهي Miliolite تکريون 14,000 کان 30,000 سال پراڻيون آهن.

هٿ آيل ثبوت مان تجويز ٿئي ٿو ته اتي ٻه مائليولائيٽ بيهڪون آهن. انهن مان هڪ اڄ کان 120,000 سال اڳ (کان پوءِ ڪنهن وقت) ۽ ٻي 35000 سال اڳ (کان پوءِ ڪنهن وقت) ساموندي سطح جي اضافي سان ٺهي، ان سان اوائلي پيليوليٿڪ دؤر جو وقت 1,20,000 سال بيهي ٿو، ڇو ته اوزار مائلولائيٽ کان اڳ جا آهن. جڏهن ته وچين پيليوليٿڪ دؤر لاءِ عمر 35000 سال بيهي ٿي، جيڪي مائلولائيٽ کان پوءِ جا آهن.

سينٽرل انڊيا

هندستان ۾ پيليوليٿڪ ماڳ تہ ڪافي آهن، پر انهن مان ڪي تمام ٿورا آهن جن جي ڪوٽائي ڪئي وئي آهي. انهن بابت بہ تمام ٿورو مواد ڇپيو آهي. انهن ماڳن ۾ وري سڀ کان گهٽي اهميت پيمبيٽڪا ماڳ کي ڏني پئي وڃي. ان کان سواءِ هيا مکيہ ماڳ للٽيت پور (U.P.)، چرکي (Chirki) (مهاراشٽر) ۽ انگاوادي (ڪرناٽڪا) آهن. پيمبيٽڪا ۾ ڪجهہ نرالين ڳالهيون آهن. هي بنيادي طرح ٽاڪرو اجها (Rock Shelters) آهن. هن ماڳ تي پٿرن تي تصويرون آڪريل آهن ۽ اڪيولين دؤر کان وٺي ميسوليٿڪ دؤر تائين جون لڳاتار بيٺڪون آهن.

پيمبيٽڪا ونڊيا جابلو سلسلي تي سمنڊ جي سطح کان 600 ميٽرن جي اوچائيءَ تي آهي، جڏهن تہ اوسي پاسي جي زمين کان اٽڪل 100 ميٽر مٿي آهي. هن جابلو سلسلي جا پاڻي اتر طرف بيٺوا کان گنگا تائين وهن ٿا ۽ ڏاکڻين لاهين جو ڇوڙ پيمبيٽڪا کان 25 ڪلوميٽر پري Narbada نديءَ ۾ آهي. اڃڪلهہ جيتوڻيڪ هن ماڳ جي پرسان هڪ ننڍڙو غير مستقل چشمو آهي، پر اهو علائقي ۾ تازي پاڻين وارن مستقل چشمن جو تسلسل آهي.

'مسرا' (Misra) هن علائقي ۾ پاڻي ۽ نباتات جو گهرو مشاهدو ڪيو. هن نوٽ ڪيو تہ ان علائقي ۾ اڄ بہ ڪائڻ جوڳا گل، ميوا، ٻج، پاڙون وغير 30 جي تعداد ۾ موجود آهن. اهي ٻوٽا مقامي آبادي اڄ بہ استعمال ڪري ٿي. اهي ٽڪريون گهاٽن ٻيلن سان جهنجهيل آهن، سواءِ ڪجهہ اهڙين جاين جي، جتي هاڻي ماڻهن وڻ وڍي ڇڏيا آهن. هن علائقي ۾ هرڻ، سانبر، چيتل، ڪارو هرڻ، سوئر، روجهہ، چيتو، بگهڙ، سهو، لومڙي، لنگور ٽڪرن تي رهن ٿا. هن ريت علائقي ۾ شڪار، خوراڪ، پاڻي، اجهو، هٿيار ٺاهڻ لاءِ خام مال ۽ شڪار تي نظر رکڻ لاءِ اوچايون موجود رهيون آهن. هن ۾ حيرت جي ڪابہ ڳالهہ نہ آهي تہ اوائلي ماڻهو بہ ان ئي ماحول ۾ ڏهين وقت تائين رهيو هجي.

پيمبيٽڪا مڌيہ پرديش جي راءِ سين علائقي ۾ پوپال کان 50 ڪلوميٽر پري آهي. پيمبيٽڪا ٽڪرين ۾ 200 کان وڌيڪ ٽاڪرو اجها (Rock Shelters) ۽ غارون موجود آهن. سڄي علائقي ۾ هن جو تعداد 750 کان مٿي آهي. انهن مان هڪ غار 40x12x15 ميٽر آهي. 500 کان وڌيڪ غارن ۾ چتسالي آهي. مجموعي طور تي اتي ڪجهہ هزار تصويرون آهن. هي ماڳ غالباً

نہ رڳو هندستان ۾ پر شايد سڄي دنيا ۾ پٿرن تي چٽسالي (Rock Paintings) جو شاهوڪار ماڳ آهي، جيڪي قرون وسطيٰ کان ميسوليٿڪ دؤر جا آهن. تمام ٿورن تاڪرون اجهن ۾ رهائشي پاڇيون (Debries) آهن. هڪ کوٽيل غار جنهن ۾ ڇهين کان اٺين تهہ تائين اوائلي پويون يا اڪيلولين دؤر آهي، پنجون تهہ وچين پيليولٿڪ دؤر جو آهي، جتان اهڙا اوزار مليا آهن. چوٿون تهہ پوئين پيليولٿڪ دؤر جو آهي. جڏهن ته پهرين کان چوٿين تائين مائڪرولٿس (ننڍڙا پٿري اوزار) مليا آهن. ظاهر آهي ته اهي اوزار تاڪرو اجهن ۾ ٺاهيا ويا، جيئن ڪنڊرن (Debries) مان پٿو پوي ٿو. اهي سڀ اوزار گهٽو تٽو Orthoquartizite مٽيريل سان ٺاهيا ويا.

'مسرا' کوتائين دوران اٽڪل پنج هزار اوزار لڌا. انهن مان 68 سيڪڙو اوزار ڪريل ۽ 32 سيڪڙو مڪمل اوزار آهن. اوزارن ۾ ڪرچٽا ۽ ان نوعيت جا بيا اوزار 28 سيڪڙو آهن. 4 سيڪڙو ۾ منهان آهن. Levallois flakes پارهن سيڪڙو ۽ ڪجهہ خاص ڪرچٽين جو تعداد 10 سيڪڙو آهي. جڏهن ته ڪاتن کان هٿ ڪهاڑين جي شرح 1:3 آهي، ان جي ڪري 'مسرا' جو خيال آهي ته اهو ماڳ اڪيولين صنعت جي پڇاڙيءَ سان تعلق رکي ٿو، جنهن کان پوءِ اها روايتي ثقافت ختم ٿي وئي.

'مسٽر اگروال' لکي ٿو ته پيمبيٽڪا وٽ اڪيولين صنعت جي جاءِ تي وچين پيليولٿڪ ثقافت ڏانهن هوريان هوريان تبديلي واري مرحلي کي نوٽ ڪري سگهجي ٿو. هو لکي ٿو ته بدقسمتي سان هتي زندگي جي ڪابہ باقيات بچي نہ سگهي آهي. هتان، هن مهل تائين کي بہ هڏيون نہ مليون آهن. اهو ان ڪري جو زمين ۾ تيزابي خاصيت آهي. ظاهر آهي ته هي اوزار تاڪرو اجهن ۾ ئي گهڙيا ويا. هٿ ڪهاڑين ۽ ڪاتن جو ڇڪو تعداد ٻڌائي ٿو ته اهي اوزار استعمال بہ ٿيا آهن. ڇاڪاڻ ته انهن جون ڌارون ڳل ۽ ڳنڍ آهن. يعني اهي اوزار انهن ئي پناهہ گاهن ۾ استعمال ٿيا. ڳل اوزارن جا ٽڪرا بہ اتي موجود هئا. اتي پٿرن سان ٺهيل فرش جو نمونو بہ ثابت ڪري ٿو ته اهو ماڳ رهائش لاءِ بہ استعمال ٿيو.

همالين ۽ ونڊيا جبلن جي وچ ۾ ڪيئي هزار ميٽر گهري جهر آهي. گنگا ۽ ان جي ڏڻ ۾رو ندين ان کي تڏهن کان اڄ تائين لٽ سان هاڻوڪي سطح تائين ڀريو آهي. وڏين برساتن (100 کان 200 سينٽي ميٽر هر سال) سبب هتي

گهاٽا ٻيلا ٿيا. قديم ڪتابن ۾ انهن ٻيلن جو ذڪر مها ونا (Maha Vana) طور آيو آهي. لڳي ٿو ته پيليوليٿڪ انسان هتي ان ڪري نه رهيو هوندو جو اهي تمام گهاٽا ٻيلا هئا ۽ هتي اوزار ٺاهڻ جو گهربل پٿر ڪونه هو.

مهاراشٽر ساڳئي مرڪزي پوئي تي آهي، پر ان کي تاپتي (Tapti) نديءَ مڌيه پرديش کان جدا ڪري ڇڏيو آهي. مهاراشٽرا مان ڪافي سارا پيليوليٿڪ ماڳ مليا آهن. انهن جو اپياس زمانن ۽ ماڳن جي پاڻ ۾ پٿري صنعتن واري تعلق کي ذهن ۾ رکي ڪيو ويو. هتي پيليوليٿڪ ماڳن جي ورڇ ٻڌائي ٿي ته اوائلي انسان مختلف قسمن جي ماحولياتي حالتن ۾ رهيو. مثال: وڏين برساتن جا علاقا يا نيم خشڪ علائقا! انهن نتيجن جو تعين ملندڙ خام مال سان ٿئي ٿو.

مهاراشٽر ۾ ان جي عڪاسي پيما ۽ ڪرشنا ندين جي مٿاهين وٽان ملندڙ پيليوليٿس مان ٿئي ٿي، جيڪي اتي ٽڙيل پکڙيل آهن. بهرحال، اهو ذهن ۾ رکڻ گهرجي ته انهن مان اڪثر اوزار ندين جي ريتي ۽ ٻجريءَ مان مليا آهن. ۽ اهو نٿو ٻڌائي سگهجي ته اهي اصل ۾ ڪٿان ڪان لڙهي هتي پهتا. انهي ٻجريءَ مان مليل پيليوليٿس ترقي ڪيل نوعيت جا آهن. يعني نوڪدار هٿ ڪهاڙيون يا ٻيا پوئين اڪيلين دؤر جا آهن.

مهاراشٽر جي اڪثر علائقن مان ملندڙ اوائلي پيليوليٿڪ اوزار وڏا، ڇلٿا، هٿ ڪهاڙيون ۽ ڪات آهن. اڪثر اوزارن جي شڪل چپٽي ۽ گول آهي. نوڪدار هٿ ڪهاڙين جهڙن ٻين نوڪدار اوزارن جي ارتقا جي بنياد تي مسٽر سنڪاليه ان کي چرڪي (Chirki) صنعت ۽ وچين پيليوليٿڪ دؤر جي ڪافي ويجهو سمجهي ٿو. ايستائين جو ڪونڪن (Konkan) واري علائقي مان مليل وڏا، اوزار چڱي طرح گهڙيل آهن ۽ وچين پيليوليٿڪ ڪرچٽن جي نشاندهي ڪن ٿا ۽ ان ڪري ئي انهن کي اوائلي وچين پيليوليٿڪ جي ابتدائي دؤر سان ڳنڍيو وڃي ٿو.

شروعاتي مرحلن ۾ مدل پيليوليٿڪ اوزار فقط اولهه مهاراشٽر مان مليا هئا، پر پوءِ وارين دريافتن مان پتو پيو ته اهي سڄي رياست ۾ پکڙيل آهن. وچين پيليوليٿڪ دؤر جا مکيه ماڳ ڪوري گائون، چندولي، شڪارپور (پونا ڊسٽرڪٽ)، رنڪينالا (ڪان ماٿري)، احمد نگر ضلعي ۾ نيواسا ۽ ڪالي گائون ۽ ممبئي ويجهو ڪنڍي واري آهن. وچين پيليوليٿڪ صنعت ۾ اٽڪل 57

سيڪڙو ڪرچٽيون، 25 سيڪڙو چيٽيون ۽ 15 سيڪڙو ٻيا اوزار مليا آهن. هڪ طرفي يا ٻٽي نوڪ وارا اوزار مهاراشٽر ۾ لڌا آهن. ڪرچٽن جا تمام گهٽا قسم آهن يعني ڪوڪلا يا پورا، ٻٽي ڌار وارا ۽ گول، مسٽر ٽاد موب بمبئيءَ ويجهو ڪنڊيوالي منجهان مٽئين پيليوليٿڪ دؤر جو رڪارڊ ملي ٿو. پٽنا واري پٿري صنعت مان وچين پيليوليٿڪ ڪان پوئين پيليوليٿڪ تائين مرحلي وار ڪم جو ثبوت ملي ٿو. ساڳي طرح اوپر هندستان ۾ ڏکڻ هندستان ۾ بہ بيشمار پيليوليٿڪ ماڳ مليا آهن ۽ وڌيڪ ملڻ جي اميد رکي وڃي ٿي.

ميسوليٿڪ ثقافتون

وقت سان گڏوگڏ پٿري اوزارن جي سائيز ۾ وڏي حد تائين چندچاڻ ڏسجي ٿي، جيڪا اوائلي هولوسين (Early Holocene) زماني ۾ پٿر جي پوئين دؤر ۾ پنهنجي انتها تي پهچي ٿي. هندستان ۾ ان زماني کي مختلف نالن سان سڏيو وڃي ٿو جهڙوڪ پٿر جو پويون دؤر (Late Stone Age)، وچون ۽ ننڍن اوزارن وارو (Mesolithic & Microlithic) دؤر. اهي ننڍڙا اوزار (Microliths) جيڪي ڊيگهہ ۾ هڪ ڪان اٺ سينٽي ميٽر آهن، ان دؤر جي صنعت جا مکيہ اوزار آهن. ظاهر آهي تہ اهي اوزار ڊڳي جي ڇاڻي يا ڪاٺيءَ جي هٿي ۾ مرڪب اوزار طور استعمال ٿيا ٿي ۽ نہ جدا طور. سڀ کان اڳ، مائڪرولٿس 1876ع ۾ مسٽر ڪارلائل (Mr. Carlleyle) ونڊيا جي ٽاڪرو اجهن مان لڌا هئا. هن کان پوءِ مسٽر ڪاڪبرن (Mr. Cockburn) ۽ رائوت ڪارنيڪ (Rivet Carnac) اوٽهين صديءَ ۾ ئي نيون دريافتون ڪيون. صديءَ جي پهرين اڌ ۾ ڪرنل ٽاڊ، هنٽر، گوردن ۽ ٻين اپڪنڊ جي مختلف حصن مان مائڪرولٿيس ملڻ جو اطلاع ڏنو. مائيڪرولس وارو دؤر عام طور تي اهو ئي آهي جڏهن گليشيئر اتر ۾ اتانهين چوٽين تائين محدود ٿي رهيا هئا. باقي ملڪ ۾ هن دؤر ۾ غالباً گرمي ۽ برساتن جو عمل وڌي رهيو هو. هڪ اڀياس موجب راجستان ۾ ڏهہ هزار سال اڳ برسات اڄ جي پيٽ ۾ تمام گهٽي هئي.

ويجهي ماضيءَ ۾ مرزا پور ضلعي ۾، جوشي کاريا وٽ مڊيہ پرديش ۾ ساڳيا ماڳ لڌا ويا. هندستان ۾ مائيڪرولٿس ميسوليٿڪ دؤر کان وٺي تاريخي دؤر تائين استعمال ٿيندا آيا آهن. انهن مان ڪجهہ مائڪرولٿڪ

ثقافتون معاشي اعتبار کان غالباً نيوليٿڪ هيون.

اپکنڊ ۾ ميسوليٿڪ ثقافتن کي چئن جاگرافيائي پاڳن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. 1 اتر ۽ اولهه هندستان. 2 مرڪزي هندستان. 3 هندستان جو اوپر وارو پاسو ۽ 4 ڏاکڻو هندستان. واضح هجي ته مائيڪرولٿس سڄي اپکنڊ مان ملیا آهن.

اتر اولهه اپکنڊ وارو پاسو پاڪستان، اتر هندستان، راجستان ۽ گجرات تي مشتمل آهي. مسٽر گوردن پشاور لڳ جمال ڳڙهي وٽان کيڙيل زمين مان مائيڪرولٿس ملڻ جي ڳالهه ڪري ٿو. اهي اوزار ڪئمبرج ڏانهن اپياس لاءِ موڪليا ويا هئا. انهن تي راءِ ڏيندي مسٽر مسرا (Mr. Misra) چوي ٿو ته انهن ۾ برما، چٽن وانگر تراشيل پٿري ٻڻ، ٽلهي پٺ واريون پٿري ڇريون، هلالي شڪل وارا ۽ پٿر کي ڪوٽڻ ۽ چلڻ جا مڙيل اوزار شامل آهن.

راولپنڊي، قلات ۽ ڪوئٽا جي علائقن مان ۽ سنڌ ۾ ميل پٿر 101 ماڳ (اونگر؛ ضلع ٺٽو) ۽ ٽرڙو ٽکري وٽان به مائيڪرولٿس ملیا آهن. روهڙي ۽ سکر بابت، جتان سنڌو - هڙپه تهذيب جي اوزارن لاءِ چقمقي پٿر جو خام مال مليو. پروفيسر آلچن ته سنڌ ۾ سنڌو تهذيب جي وقت کان وٺي پيليوليٿڪ دؤر تائين اوزارن جي موجودگيءَ جو اظهار ڪيو آهي. جيتوٽيڪ ايڏا تائين هتي ڪو جدا ميسوليٿڪ ماڳ نه ڪيو ويو آهي.

اراوالي (Aravalli) ٽاکرو سلسلي راجستان کي ٻن حصن ۾ ورهايو آهي. الهندو پاسو وڏيڪ خشڪ ۽ گهٽ آدم تي مشتمل آهي، جڏهن ته ايرندو پاسو سائو ۽ وڏيڪ آبادي۽ وارو آهي. نباتيات چڱي آهي. لوٽي ندي جيڪا هاڻي خشڪ آهي، کي ماضيءَ ۾ هڪ مربوط وهڪري جو نظام هو ۽ پتو پوي ٿو ته پوئين پلائسٽوسين زماني ۾ حالتون وڏيڪ تر هيون. مسٽر سنگهه جو خيال آهي ته هن علائقي ۾ اڄ کان ڏهه هزار سال اڳ مٺي پاڻيءَ جون ڍنڍون هيون، جيڪي وقت سان وڏندڙ خشڪيءَ سبب کاريون ٿي ويون.

ميسوليٿڪ ماڳ راجستان جي الهندي توڙي ايرندي ٻنهي پاسن ۾ آهن. اولهه راجستان ۾ تلوارا واري مسرا (Misra) جي کوٽايل مائڪروليٿڪ سائٽ صحرا جي اوپر واري ڪنڊيءَ تي Barmer علائقي ۾ آهي. هتي به مرحلا آهن. پهرين مرحلي ۾ وڏي مقدار ۾ مائڪرولٿس آهن، جڏهن ته ٽڪريون معمولي آهن. ٻئي مرحلي ۾ وڏيڪ ٽڪراتو ۽ رهائشي مائڪروليٿڪ صنعت آهي. ان

مرحلي ۾ لوهه جون ذريون، شيشي جا مٽيا ۽ سپن ۽ شيشي جون چوٽيون به مليل آهن.

هتي اڏاوتي سرگرميءَ جي صورت گولائيءَ ۾ ترتيب ڏنل آهي. جنهن جو قطر مٿي ٽن ميٽرن تائين آهي. هتان چلها به مليا آهن، جن ۾ مڇيءَ جون هڏيون ۽ خاڪ موجود هئي. ان کانسواءِ پٿر جا جنڊ، گسائڻ جا اوزار به مليا. پٿر جا گولا غالباً اهڙن اوزارن طور استعمال ٿيا هوندا، جيڪي اڇلائي هٿبا آهن. هتي جانورن جون هڏيون جيتوڻيڪ گهٽيون آهن پر انهن ۾ نور، بگهڙ يا ڪتي، ٿوهي واري چوپائي، ٻڪري، چٽن واري هرڻ ۽ سوئر جو وجود ظاهر ٿئي ٿو. اهي گهريلو ۽ جهنگلي جانورن جا گڏيل قسم آهن.

پٿر جي صنعت ڪوارٽز (Quartz)، چقمقي پٿر ۽ لاوائي پٿرن (Vhyolite) تي ٻڌل هئي. محسوس ٿئي ٿو ته سلينڈر جي شڪل جهڙن پٿري ٻٽن (Cores) جا چٽڻ لاهڻ لاءِ زور واري ٽيڪنيڪ استعمال ڪئي ٿي وئي. جڏهن ته سڄو ٽڪراتو چڪ تي ٽاهيل آهي. 'مسرا' جي خيال ۾ ان ٽڪراتي جو تعلق پهرين يا ٻي صدي عيسويءَ واري رنگ محل ثقافت سان آهي ۽ خود پهريون مرحلو به ان کري 500 قبل مسيح کان پوئتي ڪونه ويندو. بهرحال ان جي ڪاربان ڊيٽنگ نه ٿي آهي.

اراوالي ۽ جي اوپر ۾ ميواڙ جي صورتحال الهندي پاسي کان مختلف ڏسجي ٿي، جيتوڻيڪ اهو پاسو وڌيڪ ٽاڪرو آهي. پر اوڏانهن وڌيڪ مينهن پون ٿا ۽ اتي وڏي ساوڪ آهي. شڪار جام آهي ۽ ڪوٽاري نديءَ واري هيٺاهينءَ ۾ غالباً پاڻي جو مستقل ذريعو هو. اهڙين بهتر حالتن ۾ اها حيرت جي ڳالهه نه ٿيندي جيڪڏهن اتي ميسوليٿڪ آبادیون وڌيڪ قائم ٿين. ٽڪرين تي وڏي تعداد ۾ مائڪروليٿس ۽ سون جي تعداد ۾ Cores جي موجودگي ظاهر ڪري ٿي ته هتي ڊگهو عرصو انساني سرگرمي رهي آهي.

اها 1967ع جي ڳالهه آهي جڏهن مسرا ڀيلواڙ (Bhillwara) علائقي ۾ ڪوٽاري نديءَ تي بگور (Bagor) ماڳ لڌو. هن ماڳ تي پٿر سان فرش بندي ڪئي وئي هئي، ٽڪراتو وڌيڪ هو ۽ پٿر جي شاهوڪار صنعت هئي. پوئين مرحلي ۾ ڏاتو ۽ چڪ تي ٽهيل ٽڪراتو به ملي ٿو. هن مهل تائين بگور ماڳ اپڪنڊ جي انهن ٿورن ميسوليٿڪ ماڳن ۾ شامل آهي، جن جو چگيءَ طرح اپياس ڪيو ويو آهي.

بگور (Bagor) وٽ موجود 1.54 ميٽر ڊپازٽ ٽن مرحلن ۾ ورهايل آهن. پهرين مرحلي ۾ پٿر جون فرش بندیون آهن ۽ ڪٽي ڪٽي گولائيءَ ۾ ترتيب ڏنل آهن. جنڊن ۽ گسٽن مان ظاهر ٿئي ٿو ته ٻوٽن مان خوراڪ حاصل ڪئي ويندي هئي. هڪ قبر به لڌي وئي آهي، جنهن ۾ هڪ بالغ انسان اهڙي طرح دفن ٿيل آهي جو ان جي منڊي اولهه رخ ڏانهن مڙيل آهي. قبر رهائشي حصي ۾ اندر هئي ۽ ٻي کاٻ تدفيني شيءِ يا ڊيگهه ڪونه هئي.

ٻيو مرحلو (Phase II) همعصر چالڪوليٿڪ (Chalcolithic) ثقافت سان رابطي کي ظاهر ڪري ٿو چاڪاڻ ته ان ۾ ٽامي جا اوزار ۽ مٽيا ڏسجن ٿا. البت هن مرحلي ۾ فيز 1 جون ٻيون صفتون جاري رهن ٿيون. هتي پهريون پيرو هٿ جو ٺهيل ٺڪراٽو به مليو. تدفين جي ڏس ۾ وڌيڪ وضاحت ٿانو ٿپن، ٽامي جي اوزارن ۽ زيورن مان ڏسجي ٿي، سمورا ڏانچا رهائشي علائقي مان ڪروندڙي حالت ۾ هڪ هنڌان لڌا ويا. هڪ قبر مان 36 پٿر ۽ هڏين جا مٽيا لڌا ويا. هڪ نيزو ۽ هڪ سوئو به مليو.

هتان ليڊجندڙ سڀ کان دلچسپ شيءِ تيرن جون ٽڪنڊيون نوڪون آهن. اهي سنڈو تهذيب جهڙيون آهن ۽ انهن ۾ به سوراخ آهن. هن مان ظاهر آهي ته راجستان جي ميسوليٿڪ ثقافتن جو همعصر ۽ ترقي ڪيل ثقافتن سان ڪو ناتو هو. ڪاربان ڊيٽنگ اهڙي امڪان جي حمايت ڪري ٿي.

آخري فيز تاريخي دؤر جو آهي. ان ۾ فرش بنديءَ لاءِ پڪل سرون استعمال ٿيون، چڪ تي گهڙيل ٽانءَ ۽ لوهي ٽڪرا به مليا آهن. هن ماڳ تان ملندڙ پٿر جي صنعت چقمقي پٿر، ڪوارٽز، عقيق ۽ ٻين پٿرن تي ٻڌل آهي. آخري نمونا بگور (Bagor) جهڙا آهن. هتي ميسوليٿڪ صنعت پهرين فيز کان ٽئين فيز تائين مرحلي وار گهٽبي وئي آهي.

هڏين جو 72 سيڪڙو فيز 1 مان مليو هو. 19 سيڪڙو فيز II مان ۽ 3 سيڪڙو فيز ٽئين مان مليو آهي. ان مان صاف ظاهر آهي ته هتي جيئن پوءِ تيئن جهنگلي جانورن جي شڪار تي انحصار گهٽبو ويو آهي. هتان ملندڙ هڏين ۾ 20 سيڪڙو جهنگلي ۽ 80 سيڪڙو پالتو جانورن جو آهي. انهن هڏين ۾ ريڍون، ٻڪريون، مينهون، ٿوهي وارا جانور، سوئر، ڪارو هرڻ، چنڪارو (هرڻ)، چيتل، سانبر، سها، نور، ڪڇون ۽ مڇيون شامل آهن.

مرحلن جي لحاظ کان هي ماڳ هن ريت بيهي ٿو.

فيز پهريون: 5000 سال قبل مسيح کان 3300 قبل مسيح (لڳ لڳ)

فيز ٻيو: 2800 سال قبل مسيح کان 2100 قبل مسيح (لڳ لڳ)

ان ريت هي ماڳ سنڌو تهذيب جو همعصر ٻه آهي.

گجرات گهٽو تڻو درياهي لَٽَ يا ساموندِي ڪنڌين وارن ميدانن تي مشتمل آهي. تاپتي (Tapti)، نربادا (Narbada)، ماهي (Mahi) ۽ سبرمتي (Sabarmati) ندين جي ڪنڌين وٽ لڳاشن ميدانن مان لڳ ڀڳ هڪ سؤ ڪن مائيڪرولٿڪ ماڳ مليا آهن. گهٽن علائقن ۾ واريءَ جون پٽون ۽ انهن جي وچ ۾ ترائيون آهن، جن ۾ پاڻي ڪٿو ٿئي ٿو ۽ اتي سال مان 9 يا 8 مهينا پاڻي جمع رهي ٿو. جيئن ته گجرات ۾ 80 سينٽي ميٽر مينهن پوي ٿو ان ڪري اهو علائقو ملڪ جي زرخيز علائقن ۾ شامل ٿئي ٿو. هتي کوجنا مان پتو پيو آهي ته اکاج (Akhaj)، ولاسنا (Valasana)، هيرپور (Hirpur) ۽ لنگهناج (Langhnaj) وارن ماڳن تي جيڪي سبرمتيءَ جي اوپر ۾ آهن، اهڙو مائيڪروليٿڪ ڪلچر آهي، جتي ٽڪراٽو يا ڏاتو بنهه ڪونه ٿو ملي. ان مان ظاهر آهي ته اهي آڳاٽيون آبادیون آهن. لنگهناج، جتي وارياسا ڊپازٽس آهن، ان جي فيز-I ۾ مائيڪروليٿس، قبرون، جانورن جون هڏيون ۽ ٿورو ٽڪراٽو آهي. اهي ٿي تفصيل فيز-II ۾ ٻه آهن. هتي اها ڳالهه اهم آهي ته هتان تهدار ڪلورائيٽ پٿر مان گهڙيل ٻه عدد کهاڙيون ۽ پٿر جي Ring ٻه هن فيز مان ملي آهي. سڀ کان مٿين حصي مان تامي جي ڇري ملي آهي، جنهن سان هڙپه تهذيب سان لاڳاپو ظاهر ٿئي ٿو.

هتان مجموعي طور 14 قبرون مليون جن مان فقط هڪ ۾ مڙدو سڙو پوريل آهي. باقي سڀ موڙيل ۽ سَنڌ سَنڌ کان ڌار آهن. ڪجهه ڪوڙيون ڏريل ۽ ڀڳل آهن، جنهن سان آدمخوريءَ جو شڪ ٿئي ٿو، ۽ قديم آثار جا ماهر ايئن ٻه چون ٿا ته اهي ڪوڙيون ڊپازٽس جي بار سبب ڀڄي پيون هونديون. انهن ڊانچن مان نسلي ملاوٽ جو پتو ٻه پوي ٿو. انهن ڊانچن جي ٻيهڪ وچ اوپر وارن نسلن ۽ اوائلي هندستانين جهڙي آهي. لنگهناج تان ملندڙ مائڪرولٿ اوزار چقمقي پٿر، ڪوارٽز ۽ عقيق مان گهڙيل آهن. انهن ۾ مڊي پٽ وارا بليڊ، ٽڪندا، ڪرچٽا ۽ چلٽيون/ ڪوٽيون آهن. سڀ هڏيون جهنگلي جانورن جون آهن جن ۾ ڊڳا، گيندا، ڏٻٽين وارا هرڻ، چيتل، روجهه، نور ۽ بگهڙ شامل آهن. انهن سان گڏ ڪڇون، مڇي، ڪوئا ۽ نوريئڙا ٻه شامل آهن. لنگهناج جي تاريخ اڄ کان 6000 سال ۽ 4000 سال اڳ جي لڳ ڀڳ ڪَٽي وئي آهي.

پاڪستان

سوان ماٿري ۽ پونوار

پاڪستان ۾ هن مهل تائين ٽيل تحقيق مان خبر پوي ٿي ته سوان ندي جيڪا پونوار جي علائقي ۾ راولپنڊيءَ کان سنڌو تائين سفر ڪري ٿي، اها سرزمين آهي جتي پٿر جي پرپاتي زماني ۾، ويهارو لک سال اڳ بہ انساني سرگرمي جاري هئي. جيئن ته في الحال سنڌو ماٿريءَ جي ٻر پاسي ۾ ان کان آڳاٽن اهجاٽن جو ڏس پتو نہ مليو آهي، تنهنڪري مڇو پوندو ته انسان جي پالنا ۾ پونوار خطي جو سڀ کان وڏو ڪردار آهي ۽ پٿر جي دؤر جو ذڪر ڪرڻ مهل سوان ماٿريءَ کي نظر انداز ڪري ئي نٿو سگهجي.

پاڪستان ۾ اوائلي پٿري دؤر پلائسٽوسين زماني سان تعلق رکي ٿو. بدقسمتيءَ سان پاڪستان مان ان زماني جي انسانن يا انسان نما مخلوق جا پنڊ پاهڻ يا ٻيون ڪي بہ باقيات ڪونہ مليون آهن، سواءِ انهن هٿان گهڙيل پٿري اوزارن جي.سوان ماٿري مان لڌل شروعاتي شاهدين جي آڌار تي چيو ٿي ويو ته اتي 6 لک سال اڳ انساني سرگرمي موجود هئي، پر هاڻي اها عمر 20 لک سالن تائين وڌائي وئي آهي. هي سڄو زمانو زبردست موسمي تبديلن جو رهيو آهي. ڏرتيءَ تي وري وري برفاني دؤر ايندا رهيا آهن ۽ برف جي وڏي پٽماني تي ڳرڻ سبب زبردست درياهي وهڪرا پيدا ٿيندا رهيا آهن، جن جابلو گهٽين ۽ پولن ڪي ڇلي بدلائي ڇڏيو آهي. ان ڀڄ ڌاهہ ۾ انساني سرگرمين جا نازڪ ثبوت هيٺ مٿي ٿي چڪا آهن. انهن تبديلين رڳو زمين جي مٿاڇري ڪي ئي نہ پر خود انساني زندگيءَ کي بہ وڏن تجربن، هاڃن ۽ مستقل لڏپلاڻ جا ڏينهن بلڪہ صدين ڏيڪاريون آهن.

سائنسدانن جو خيال آهي ته ان عرصي ۾ گهٽ ۾ گهٽ چار برفاني ۽ انهن جي وچ ۾ ٿي غير برفاني (انٽر گليشئل) دؤر اچي چڪا آهن. اهي سوين صدين فقط همالين جي هنج ۾ رهندڙ ماڻهن لاءِ ئي نہ پر سڄي يورپ ۽ اڪثر ايشيا لاءِ ڏاڍيون سخت رهيون آهن. اهو سڄو عرصو سخت برفاني،

ٿڏن، خشڪ زمانن ۾ سخت برساتي حالتن جو رهيو آهي جنهن ۾ انسان پنهنجي بقا جا رستا ڳوليندو رهيو آهي.

سائنسدان همالين جي هيناهين لاهين، ڪشمير، پاڪستان جي اترين علائقن ۾ پنجاب ۾ موسمي ارتقا کي يورپ وارين تبديلين سان هڪجهڙائيءَ ۾ ڏسن ٿا. يعني انهن علائقن ۾ به ساڳي وقت ۾ برفاني دؤر موجود رهيا آهن. پوٺوار ۾ چئن بدران پنج برفاني دؤر آيا آهن. البت سنڌ ۾ ڏکڻ هندستان ۾ برفاني دؤر ڪونہ آيا. انهن ساڳين برفاني زمانن ۾ هتي چئن برساتن جا زمانا آيا آهن. سنڌو ماٿريءَ جي ڏکڻ ۾ اتر وارن حصن ۾ موسمي حالتن جو فرق اڄ به نمايان آهي. اهو ئي برفاني ۽ غير برفاني زمانن جو پس منظر پوٺوار ۾ ڦيرڦار سان گڏ، سماجي حالتن، شڪار جي نوعيت ۽ رهڻي ڪرڻي تي اثر انداز ٿيندو رهيو آهي.

جيتوٺيڪ هن خطي مان ان دؤر جي ڪنهن به انسان جو هڏائون پيجرو نہ مليو آهي، ان هوندي به قديم اوزارن جي ڪثرت انساني سرگرميءَ جو وڏو ثبوت آهي. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ مسٽر يلر پاڪستان جي حوالي سان "انسان کي پنهنجن پيرن تي بيٺل" نٿو ڏسي. جيئن تہ پاڪستان ۾ قديم ترين پٿري صنعت يا صنعتن جو وڏو مقدار سوان ماٿريءَ مان ئي مليو آهي، ان ڪري ان اوائلي پٿري صنعت کي سوان صنعت جو نالو ڏئي ان کي چئن حصن ۾ ورهايو ويو آهي.

1- پرياتي سوان يا ابتدائي سوان صنعت کان به اڳ، 2- ابتدائي سوان، 3- وچين سوان ۽ 4- آخري سوان صنعت. بهرحال، اهي سڀ مرحلا پيليوليٿڪ دؤر جا آهن.

ان کان اڳ جو اسان سوان صنعتن تي نظر وجهون، هڪ نظر ان جيالاجيڪل ارتقا تي به وجهندا هلون جيڪا سنڌو ماٿري ۾ پوٺوار ۾ عرصي کان جاري رهي آهي. سائنسدانن جي هڪ راءِ اها به آهي تہ سنڌ شروع ۾ سمنڊ هيٺ هئي، جنهن کي ٽيٿيا جو نالو ڏنو ويو آهي. ڪيئي ڪروڙ سال اڳ جيالاجيڪل تبديلين سبب سمنڊ پوئتي هٽيو ۽ سنڌ جي زمين سمنڊ مان جنم ورتو. سنڌ جو پهريون ارضياتي تهہ پِري - ڪئمبرين دؤر ۾ ٺهيو. به ايڏائي لک سال اڳ سمنڊ پوئتي هٽيو ۽ هاٿوڪي ڪراچيءَ واري حد تي اچي بيٺو. ان بعد وري تبديلين آيو ۽ سمنڊ جي سطح مٿي ٽيٺ شروع ٿي. اهو سلسلو

هڪ لک سال اڳ ڪان 50 هزار سال اڳ تائين جاري رهيو ۽ سمنڊ سڄي سنڌ سميت پنجاب ۽ هندستان جي اڪثر علائقن تي قبضو ڪري ورتو. ان دوران سنڌ جون ٽڪريون ساموندي ٻيٽ ٿي ويا. ان ڪان پوءِ پاڻي هوريان هوريان پوئتي هٽڻ لڳو ۽ پنج هزار ڪن سال اڳ وري لڳ ڀڳ ان حد تي وڃي بيٺو جتي هڪ لک سال اڳ هو. سمنڊ جي لاٽ وارا پويان پنجاهه هزار سال سنڌوءَ جي زرخيز ميدانن جي تياريءَ جو عرصو آهي. اهي ذرخيز ميدان همالياڻي لٽ ۽ آخري برفاني دؤر جي خاتمي سان رجندڙ برف جي مٿي پاڻيءَ ٺاهيا.

سمنڊ جي اڳرائيءَ واري آخري زماني ۾ پوٽوار جو منظرنامو لڳ ڀڳ اهڙو ئي هوندو جهڙو يورپ جي اڪثر ٿڌن خطن ۾ جابلو ٻلن جو آهي، بي اعتباري مند ۽ اوچتا برفاني طوفان. ان جي ابتڙ سنڌ تي برساتن جي وڏي مهرباني هئي، برساتن جي اها شرح هاڻي جيئن پوءِ تيئن گهٽجي چڪي آهي.

سائنسدان چون ٿا ته راولپنڊي ۽ اٽڪ جي علائقي ۾ اهڙيون شاهديون پڌريون آهن ته گليشئرن جبلن تان مٿي ۽ پٿر گهلي ڏکي وڏا ڍڳ ٺاهيا آهن جن کي هنڌان هنڌان ڪوري درياهن نندا وڏا پوٽا ٺاهيا آهن. انهن شاهدين جي آڌار تي هو چون ٿا ته پوٽوار ۾ پنج برفاني ۽ چار انٽر گليشئل دؤر ٿي گذريا آهن. جڏهن ته يورپ ۾ چار برفاني ۽ ٽي انٽر گليشئل زمانا گذريا. هو اهو به تجويز ڪن ٿا ته پيليوليٿڪ دؤر ۾ جيڪي به برفاني دؤر آيا، انهن مان سڀ کان پهرين دؤر کي ڇڏي باقي سڀ يورپي برفاني دؤر جي هم عصر آهن ۽ پاڪستان ۾ آخري برفاني دؤر يورپ جي ٽن شديد دؤرن جي برابر آهي. ان بنياد تي ڇئي سگهجي ٿو ته هاڻوڪي پاڪستان جو اتريون علائقو يورپ کان وڌيڪ عرصي تائين برفاني حالتن ۾ رهيو آهي.

اهڙين سخت حالتن ۾ پيليوليٿڪ انسان جا ٽڪاٽا ڪٿي ۽ ڪيئن هئا؟ يقين هو اوائلي شڪارين وانگر خانه بدوش هوندا. پر، جيئن ته انهن لوڪن جا هٿيار درياهن جي ڪنارن وٽان مليا آهن، ان ڪري خاطريءَ سان ڇئي سگهبو ته هو سوان ندي توٽي سنڌوءَ جي اهڙين ڪنڌين تي ٽاڪ ٺاهيندا هئا. جتي ڪين قدرتي ٽاڪرو اڃا ميسر ٿي ٿيا، يا وري گهاٽن وٽن تي رات گذاريندا هئا. افسوس جو هن مهل تائين اوائلي پٿري دؤر جي ڪنهن مستقل ٽاڪ جو پتو نه پيو آهي، ان ڪري هر خيال محض خيال ئي هوندو.

اوائلي پٿري دؤر جو مدو ڪيتري عرصي تي پکڙيل آهي؟ اي. ايل.

بيشمر "Wonder that was India" ۾ لکي ٿو: چار لک سال اڳ کان ۾ لک سال اڳ تائين. سر مارٽيمر ويلر چوي ٿو: چار لک سال اڳ کان هڪ لک سال اڳ تائين. پروفيسر ستوراٽ جي خيال ۾ اهو زمانو 6 لک سال اڳ کان شروع ٿئي ٿو. پر، 86-1985ع وارين کوٽاين ۽ دريافتن وقت راولپنڊي ضلعي مان 20 لک سال پراڻا پٿري اوزار مليا.

پلائسٽوسين زماني جي وچ ڌاري يعني اٽڪل 6 لک سال اڳ ڪشمير ۽ پنجاب جي اتر ۾ ٻيو برفاني دؤر هو. ان زماني سان تعلق رکندڙ پٿري اوزارن کي "سوان کان آڪاٿي صنعت" جو نالو ڏنو ويو آهي. ان زماني ۾ هتي هاٿي به موجود هو، جنهن جون پنڌ پاهڻ ٽيل هڏيون مليون آهن. اهي اوزار ڪلر، ملڪ پور، چؤمک ۽ سوان نديءَ جي ٻين ماڳن تان ملن ٿا.

سوان کان آڪاٿي صنعت جا اوزار ماپ ۾ وڏا آهن. اهي قدرتي گول پٿرن کي هڪ ٻي ڌڪ سان ڀيڄي ٽاهيا ويا آهن ۽ انهن کي وڌيڪ گهڙڻ جي ڪوشش نه ڪئي وئي هئي. هڪ ته اهي پٿر سخت هئا ۽ ٻيو ته شايد اهڙيون چيٽيون ۽ ٽيڪنڪ انسان کي ڏاڻ ڪونه آئي هئي. سوان ماٿريءَ مان ملندڙ اوزار ٻن قسمن جا آهن. اصل ۾، هر پٿري زماني مان انهن ٻي ٻن بنيادي قسمن جا اوزار ملن ٿا. فرق فقط هي آهي ته وقت گذرڻ سان انهن مان ڪنهن هڪ ٽيڪنڪ کي وڌيڪ اهميت ڏئي ڪم ڪيو ويو ۽ اوزار بهتر ۽ گهٽن قسمن جا ٿيندا ويا. اوزارن جو هڪ قسم پٿر جي چٽڻ تي ٻڌل ٿئي ٿو، ڇاڪاڻ ته چٽڻي اوزار جي ڌار ٿئي ٿي، ماپ ۾ ننڍو ٿئي ٿو ۽ وڌيڪ محنت کان سواءِ ان سان کي ضروري ڪم ڪري سگهجن ٿا. اوزارن جو ٻيو قسم Core جي صورت ۾ آهي، جنهن جا چٽڙ لاهي گهڙي هڪ گهربل شڪل ڏني وڃي ٿي. اهو فرق سمجهڻ لاءِ سولي ۾ سولو مثال بليڊ ۽ هٿ ڪهاڑيءَ جو آهي. بليڊ ڪنهن Core جو سهٽو ۽ سهٽو ۾ توري تکي لاٽل چٽڙ آهي ۽ هٿ ڪهاڑي پاڻ Core آهي.

سوان کان آڪاٿي صنعت ۾ هڪ پٿر کي ٻئي پٿر تي زور سان اڇلائي يا ڌڪ هڻي ٻه اڌ ڪيو ٿي ويو. اهڙي طرح جدا ٽيل ڌار وارو چٽڙ ڪات طور گوشت وڍڻ يا هڏي ڇيڻ لاءِ استعمال ڪيو ويو. جيڪڏهن چٽڙ لاهڻ کان پوءِ بچيل Core کي ٻه ٽي ڀيرا ڌڪ هڻي وڌيڪ چٽڙ لاٿا ٿي ويا ته اهو ڪنهن وڍڻي يا هٿ ڪهاڑيءَ جهڙو ٿي پئي پيو. ساڳي صنعت جي حوالي

سان ماهرن کي هتي وڌيڪ جي اوزارن جي هڪ مخصوص صنعت ۾ ملي آهي جيڪا فقط ايشيا ۾ آهي ۽ اهڙا اوزار يورپ يا آفريڪا ۾ ڪونہ آهن.

سوال اهو آهي تہ اهي اوزار ڪهڙي انساني نسل تيار ڪيا؟ ظاهر آهي تہ هي ڪروميگنان ۽ نينڊرٿال نسلن کان گهٽو گهٽو اڳ جو دؤر آهي. 6 لک سال اڳ "پٽيڪن ٿروپس" ۽ "پيڪنگ انسان" وارا نسل ڌرتيءَ تي موجود هئا. ايشيا ۾ ان قسم جي پٿري صنعت جا اوزار پوٽوار کان سواءِ جاوا، چين، پارت (جبل پور) وٽان ملیا آهن، جيڪي وڏا ۽ بي ڊولا آهن.

ٻئي برفاني دؤر کان پوءِ آيل انٽر گليشئل دؤر ۾ عظيم گليشئرن جي ڳرڻ سبب وڏا وڏا پٿر، ڇپون، مٽي ۽ ريتي جبلن تان لڙهي لٿي ۽ اچي پوٽوهار ۾ جمع ٿيا. انهن ڊيرن هيٺ سوان کان آڳاٽي صنعت جا اڪثر آثار اچي ويا. پيليولٿڪ انساني سرگرمي پوءِ ۾ جاري رهي، جنهن کي وري ٽن حصن ۾ ورهايو ويو. 1- اوائلي سوان، 2- وچين سوان ۽ آخري سوان صنعت.

جيڪڏهن هنن سوان صنعتن جي پکيڙ ڏسجي تہ اها سوان وادي، سنڌوءَ جي اولهہ پاسي وارين ڪنڌين، لوڻ وارن جبلن ۽ ڪشمير وادي۽ ۾ پکڙيل نظر ايندي. ٻين لفظن ۾ ائين چئي سگهجي ٿو تہ ڪشمير کان وٽي پوٽوار تائين ساڳيو انساني نسل ساڳي ثقافتي سرگرميءَ ۾ مصروف رهيو آهي.

اوائلي سوان صنعت کي ٻن قسمن جي اوزارن ۾ ورهايو ويو آهي، هڪڙا وڏا وارا ۽ ٻيا ڇلڻ وارا. وڏا وارا اوزار گول پٿرن کي گهڙي ٺاهيا ويا. ان ريت اهڙيون چريون تيار ٿيون جن کي هڪ طرف تيز ڌار هئي تہ ٻيو پاسو، جنهن کي مُٺيو چئجي، پنهنجي قدرتي گولائيءَ سان موجود رهيو ٿي. سوان جا اهڙا همعصر اوزار آفريڪا جي اوپر ۽ ڏکڻ وارن حصن مان ۾ ملیا آهن. ٻئي قسم ۾ اهي اوزار شامل آهن جن کي ٽلهن چٽڙن مان گهڙي تيار ڪيو ويو آهي. ماهرن ان صنعت کي يورپ جي "ڪليڪٽون چٽڙي صنعت" سان هڪجهڙائيءَ رکندڙ محسوس ڪيو آهي. هي دؤر چئن کان ٻہ لک سال اڳ تائين جو سمجهيو وڃي ٿيو. جنهن ۾ اوزار هڪ يا ٻن يا ڪجهہ ڏکن جي مدد سان ٺاهيا ويا ۽ انهن تي گسٽ جو ڪوبہ ڪم ڪونہ ٿيو.

وچين سوان صنعت لاءِ وڌ ۾ وڌ ٻہ لک سال اڳ جي سرحد مقرر ڪئي وئي آهي. اوزار سازيءَ جي ٽيڪنڪ ۾ ڪجهہ ترقي ٿي. گول پٿرن مان ۾ اوزار گهڙيا رهيا. ٻئي پاسي هڪ نئين ٽيڪنڪ ڏسٽ ۾ اچي ٿي. جنهن ۾

ڪنهن وڏي پٿر کي گهربل شڪل ۾ گهڙي، پوءِ ان مان هڪ طرف کان ڇٽڻ لاهي تيز ڌار ڪڍي ٿي وئي. لڳ ڀڳ اهڙو ئي طريقو آفريڪا، فلسطين ۽ اولهه يورپ ۾ به هو. وچين سوان صنعت گهٽو تڻو ڇٽڻن واري صنعت آهي. اوائلي لوڪ هڪ وڏو پٿر کڻي ٻئي وڏي پٿر تي اڇلائيندا هئا ته جيئن پٿر ڇٽڻ ڇٽڻ تي وڃي، ان کان پوءِ هر هڪ ڇٽڻ کي مرضيءَ موجب گهڙي ڇڏ يا وڍڻ جو اوزار ٺاهيو ٿي ويو.

ٻيو طريقو اهو هو ته ڪو گول پٿر چونڊي ان جي هڪ پاسي کان ڪچونءَ جي پُٽ وانگر ڇٽڻ لاٿا ٿي ويا ۽ پوءِ پٿر جي ٻئي پاسي ڏڪ هٿي سطح سڌي ٿي ڪئي وئي. اهڙي طرح هٿرادو مُنڍي واري ۽ هڪ تيز ڌار رکندڙ ڇڙي، وڍيندڙ اوزار يا ڪرچٽي ٺهي ٿي پئي. ماهرن جو اندازو آهي ته اهي اوزار کائي ڇڏڻ، شڪار جي گوشت تان کل لاهڻ يا گوشت جا ننڍا ٽڪر ڪرڻ لاءِ استعمال ٿيا هوندا. ان ئي ٽيڪنڪ سان ٺاهيل کي اوزار نيزن جون نوڪون محسوس ٿين ٿيون. بهرحال، هي اوزار به گڏل يا گسائي تڪا ڪيل نه آهن.

آخري سوان صنعت جو تعلق آخري انٽر گليشئل دؤر سان آهي پر اها ان کان پوءِ به جاري رهي آهي. هن دؤر جا اوزار راولپنڊيءَ کان 40 ڪلوميٽر ڏکڻ ۾ چونترهه ڳوٺ وٽان ملڻا آهن ۽ ان زماني جي صنعت جا ٻه مرحلا آهن. پهريون مرحلو ته ساڳيو گول پٿرن واري صنعت جو تسلسل آهي، پر هاڻي ان ۾ اهو فرق نظر ٿو اچي ته گول پٿرن بدران بيضوي پٿر چونڊي انهن مان اوزار گهڙيا ويا. انهن پٿرن مان هڪ ڏڪ سان فالتو پٿر ڇڄي جدا ڪيو ويو. ٻين لفظن انهن جي شڪل ته ابتدائي سوان صنعت کان بهتر آهي پر ڪا ڪاريگري ڪونه ڏيکاري وئي آهي. اهي ٻين گول پٿرن جي ٻيٽ ۾ وڌا آهن، ڪن جي ماپ هڪ فوٽ جيتري آهي ۽ ڪجهه انهن کان به ڏگها آهن. اهڙا اوزار گهڻو ڪري Cores مان ٺهيا، پر ڪي ڪي ڇٽڻن مان به ٺهيل آهن.

انهن اوزارن کي سوان ماٿريءَ جون هٿ ڪهاڙيون سمجهيو ٿو وڃي. اهڙا ئي هٿ ڪهاڙا 1863ع ۾ مدراس مان هٿ اچي چڪا آهن. اهڙا هٿ ڪهاڙا چونترهه مان ڇڪيءَ تعداد ۾ ملڻا آهن. ٻيا اوزار ننڍا نفيس ۽ سنهي ڪم جا آهن، جن کي بهتر مهارت ۽ نفاست سان ٺاهيو ويو.

سوان ماڳن جي درجي بندي

1- گهڙيالہ (سنڌوءَ جي ويجهو):	سوان کان آڳاٽو دؤر.
2- شادي پور:	نئون هيٺيون سوان ۽ وچون سوان دؤر.
3- جلوال:	سوان کان آڳاٽو، نئون هيٺيون ۽ وچون سوان دؤر.
4- خوشحال ڳڙهہ (سنڌوءَ جي ڪنڌي):	هيٺيون سوان ۽ نئون وچون سوان دؤر.
5- مکڊ (سنڌوءَ جي ڪنڌي تي):	سوان کان آڳاٽو، نئون هيٺيون ۽ وچون سوان دؤر.
6- انجيره:	نئون هيٺيون ۽ وچون سوان دؤر.
7- ڊوڪ پٽاڻ:	تازو ۽ آخري سوان دؤر.
8- بلاول A:	تازو ۽ آخري سوان دؤر.
9- بلاول B:	وچون سوان دؤر.
10- پنڊي غيب:	وچون سوان ۽ نئون مٿيون سوان دؤر.
11- غلہ ڪالامر:	سوان کان آڳاٽو، آخري سوان دؤر.
12- سهال:	سوان کان آڳاٽو ۽ آخري سوان دؤر.
13- دوليالي:	سوان کان آڳاٽو دؤر.
14- چڪ سڳهو:	وچون سوان ۽ مٿيون سوان دؤر.
15- هَن:	تازو وچون سوان دؤر.
16- سَد:	وچون سوان، تازو مٿيون سوان دؤر.
17- آديالہ A:	آڳاٽو وچون ۽ تازو مٿيون سوان دؤر.
18- آديالہ B:	مٿيون سوان دؤر.
19- مورگاهہ:	تازو مٿيون سوان دؤر.
20- ڪوٽاهہ:	پيليوليٿڪ کان پوءِ جو دؤر (هٿان بليڊ وغيره ملن ٿا.)
21- جي. ٽي. روڊ (ميل پٿر 165):	سوان کان آڳاٽو، وچون سوان ۽ تازو مٿيون سوان دؤر.
22- منگوت:	سوان کان آڳاٽو ۽ تازو مٿيون سوان دؤر.
23- گوجر خان:	تازو مٿيون سوان دؤر.
24- ڪالار:	سوان کان آڳاٽو دؤر.
25- چؤ مَک:	تازو وچون سوان دؤر.

سنگهاؤ غار

پشاور ماڻري، جنهن کي آرڪيالاجي ۾ قديم تاريخ ۾ "گندارا" جي نالي سان سڃاتو وڃي ٿو، ان وقت نئين اهميت اختيار ڪري وئي جڏهن هتان پٿري دؤر جون ڪجهه غارون ۽ مخصوص پٿري اوزار لڌا ويا. ان سلسلي ۾ في الحال سڀ کان اهم غارون سنگهاؤ ماڻريءَ واريون آهن، جن جي دريافت پاڪستان جي نامياري محقق ڊاڪٽر ايم. ايڇ. دانيءَ جي ڪاتي ۾ داخل آهي. انهن ڏينهن ۾ ڊاڪٽر صاحب سٽيو ڪُشان دؤر جي حوالي سان سماجي معاشي ڳڻيڀاپن تي تحقيق ڪندي پنهنجي ٽيم سان گڏ سنگهاؤ ماڻريءَ ۾ آثار ڳولي رهيو هو. اها پشاور يونيورسٽي جي آرڪيالاجي واري شعبي جي ٽيم هئي.

اڄندي ئي هن ٽيم کي جيڪا پهرين ڪاميابي ٿي، اها تاريخ کان اڳ واري ماڳ جي، سنگهاؤ وٽ هئي. هتي ابتدائي ڪوٽائيءَ جو ڪم هٿ ۾ ڪنيو ويو، جنهن مان خبر پئي ته هيءَ پٿر جي وچين دؤر سان تعلق رکندڙ غار آهي. ان ريت اها گندارا ماڻريءَ ۾ تاريخ کان اڳ واري دؤر جي ڪنهن ماڳ جي پهرين کوٽائي هئي. ان سان گڏوگڏ هن علائقي ۾ پليسٽوسين (Pleistocene) دؤر جي ارضياتي جوڙجڪ تي کوجنا ٻه هلي پئي.

پشاور يونيورسٽيءَ ۾ قائم آرڪيالاجي شعبو پاڪستان ۾ هن نوعيت جو پهريون قدم آهي. هي شعبو پشاور ۾ ان دليل سان کوليو ويو ته گندارا واري پاسي آرڪيالاجيءَ جا ماڳ سڀ کان گهٽا آهن. مان ذاتي طور تي ان راءِ سان اختلاف رکان ٿو. ڇاڪاڻ ته سنڌ ۽ بلوچستان جون ماڻريون ۽ جبل ٻه ان معاملي ۾ تمام شاهوڪار آهن. بهرحال، پشاور يونيورسٽيءَ سڀني ابتدا ڪئي ۽ ان سان پنجاب ۽ سرحد صوبي ۾ ڪم ٽيڻ جي شروعات ٽيڻ سان اتي جلدي ڪاميابيون حاصل ٽيڻ لڳيون. 1963ع کان اڳ "گندارا" واري علائقي ۾ آرڪيالاجي اوائلي تاريخي دؤر (ٻڌ دؤر) تائين محدود هئي، نيٺ جڏهن پٿري دؤر جي دريافت ٿي، تڏهن کان گندارا وارو علائقو ۽ پوٺوهار وڏي اهميت ونڊي ويا.

هن باب ۾ گهٽو تڻو ذڪر "سنگهاؤ پارکو دره غار" جو ٿيندو جيڪا نومبر 1962ع جي اهم دريافت آهي. داني صاحب هڪ جپاني آرڪيالاجيڪل مشن ۽ ڪجهه پاڪستاني عملدارن سان سنگهاؤ طرف ٻڌڪا آثار ڏسڻ ويو

هو. هن جيئن ئي سنگهاؤ ماڻريءَ ۾ پير رکيا هن جبل جي ٻيهڪ مکيہ جبل جي چاڑهن، ٻڌين ۾ انهن جي ڏورن ۾ پکڙيل گول پٿر (Pebbles) ۾ انهن سان گڏ پنڌ پاهڻ ٽيل وٽن جا ٽڙ ڏسي محسوس کيو تہ هي کو غير معمولي ماڳ آهي. "هنن سيني شين جو مطلب ڇا آهي؟" هن سوچيو. ان ريت هو ٻڌ کي ڏور سان دلچسپي وجائي ويٺو. هن کي راولپنڈيءَ جي ڀرپاسي سوان ماڻريءَ مان لڌل گول پٿري اوزار (Pebble stone tools) ياد اچي ويا، اها ٻي ڳالهہ هئي تہ في الحال هن کي سنگهاؤ ڏورن مان اهڙو کوبہ اوزار نہ مليو هو. هن جستجوءَ ۾ هتان هُتان پٿر ميڙيا، پر ضروري نہ هو تہ اهي بہ اوزار ئي هجن. ترت ئي هن کي اهڙا پٿر ملي ويا جيکي "اوزار" هئا. اهي کوارٽز (Quartz) جا ٽکرا هئا.

اتي ئي هڪ چشمو هو جتان هڪ جابلو نوجوان داني صاحب کي کجهہ ٻير پٽي آڻي ڏنا. کجهہ جهنگلي ٻوليڙا بہ ان مهل اتي نظر آيا، جيکي هن ماڻريءَ ۾ ٻير کائڻ ايندا هئا. محقق جي ذهن ۾ هڪدم خيال آيو تہ اڳين دؤر جا انسان بہ ايئن ئي هتي جهنگلي ٻير ۽ ٻيا ميوا کائيندا هئا. پر، سوال هو تہ اهي کير هئا ۽ کٽي رهندا هئا؟ جابلو نوجوان مسٽر دانيءَ کي کجهہ غارن تائين وٺي ويو. هن هڪڙي جي پٽيان ٻيون غارون بہ ڏيکاريون. نندي، وڏي ۽ وچولي ماپ جون غارون! داني صاحب وڏي غار ۾ ساهي پٽڻ ۽ سوچڻ ويهي رهيو.

هيءَ غار اڇکلهہ ڏنار لوڪ کڏهن کڏهن ان وقت استعمال کندا آهن جڏهن تيز اس لوساٽيندي هجي يا اوچتو طوفان يا مينهن لهي پوي! "ڇا هي غار ماضيءَ ۾ استعمال نہ ٿي هوندي؟" هن سوچيو. کيس هائوکار ۾ جواب مليو. داني صاحب جي دوستن، جيکي ان مهل تائين اتي موٽي آيا هئا، جو خيال هو تہ اها ٻڌ کي دؤر جي غار هوندي، ڇاکاڻ تہ هو اڳ ئي کشمير سمسٽ Kashmirsmast وٽ هڪ ٻڌ کي غار ڏسي چڪا هئا. داني صاحب کي اطمينان نہ ٿيو ۽ هن پيري هن اتي هڪ اونهي کڏ کوٽڻ شروع ڪئي. هن موقعي تان عجيب اوزار لڌا جيکي Intratable خام مٽيريل جا هئا. هن فيصلو کيو تہ هتي وڌيڪ کوٽائي ڪئي وڃي. نيٺ سندس نگراني ۾ ٻن مختصر مدن واريون کوٽايون ٽن هفتن ۾ ٽيون.

جاگرافيائي پوزيشن: سنگهاؤ اڄ کلهہ هڪ غير اهم ڳوٺ آهي. اها

جاءِ مردان ضلعي ڪي بنير (Buner) ڪان جدا ڪندڙ ٽڪري جي پيرن ۾ هڪ ڪنڊ ۾ آهي. هن جي اوچائي 1700 فوٽ آهي، ۽ اهو ماڳ مردان ڪان اتر اوپر ۾ 21 ميل پري آهي. سنگهاؤ نالو سنسڪرت جو اڪر سنگها يعني ٻڌ ڪو ويهارو آهي. (ڈاڪٽر داني جي خيال ۾.)

داني جي خيال سان اختلاف جي گنجائش ان لاءِ آهي ته لفظ سنگهاؤ جي معنيٰ "شينهن وارو" به ٿي سگهي ٿي. بهرحال، جيڪڏهن داني جي راءِ درست آهي ته ان جي حق ۾ ٻڌن واري زماني جا آثار هن وادي۽ ۾ موجود آهن. ان ماڳ ڪان 12 ميل ڏکڻ ۾ جمال ڳڙهي وٽ ٻڌن جو مشهور ويهارو (Monastic) جا آثار آهن. جڏهن ته ان جي اتر ۾ به گهٽيئي ٻڌ ڪا مجسما لڌيا ويا آهن. ڈاڪٽر داني بار بار واضح ڪري ٿو ته سنگهاؤ ماڳ پراڻي ٻڌ ڪي دڳ تي آهي، جيڪو مالاڪنڊ لڪ وڻان لنگهي ٿو.

ٻڌن جو زمانو بهرحال هتي موجود آهي ۽ انهن قديم غارون استعمال ۾ ڪيون هونديون. داني صاحب جي خيال ۾ مشهور چيني سياح HiuenTsang جنهن دڳ سان سفر ڪيو هو، ان تي سنگهاؤ به موجود هو. اهو ماڳ يا اها ماڙي ڪابل ندي۽ جي اتر ۾ پشاور جي ڪجهه خطي سان گڏ بازا ندي۽ تي هئي. ڪابل جي هي۽ اترين ماڙي ايجا به ننڍين ٽڪرين ۽ ٽڪر ۾ آهي، جن کي Paja ٽڪري۽ جون چاڙون چئجي ٿو. جيڪي ان جي اوپر واري مکيه سلسلي مان نڪرن ٿيون ۽ تخت باهي۽ وٽ ختم ٿين ٿيون. پشاور ڪان مالاڪنڊ ويندڙ جديد روڊ انهن ٽڪرن تان لنگهي ٿو. ان ٽڪري۽ جي اتر ۾ بائي زئي ۽ ڏکڻ ۾ يوسف زئي قبيلا رهن ٿا، جيڪي پٺاڻ آهن. پاجا ٽڪريون ماضي۽ ۾ ٻڌن جو ڳڙهه (Rendezvous) هو. ان جي اوپر واري چوٽي تي اشوڪا واريون لکتون شهباز ڳڙهي وٽ آکريل آهن. وچ تي جمال ڳڙهي جا آثار آهن ۽ اولهه ۾ تخت باهي آهي. بائي زئي ڪان يوسف زئي ڏانهن مکيه وهڪرو ڪال پاني جو آهي. جنهن کي غلطي ۾ "چل پاني" يعني وهندڙ پاڻي چيو ويو آهي. اهو لفظ اصل ۾ ڪالا پاني آهي يعني تهاهي۽ جو پاڻي يا ندي. اهو نالو تمام اهم آهي. اهو وهڪرو جابلو ڏورن مان پاڻي ڪڍي اچي ٿو ۽ مينهوڳي ۾ وڏي تباهي مچائي ٿو. ڪالا پاني يا ڪارو پاڻي پاڪستان جي سڀني جبلن ۾ ويندي ڪيرٽر تائين ساڳي معنيٰ ۽ مزاج ۾ استعمال ٿئي ٿو. ڪاچي ۾ گاج جي پاڻي۽ کي به ڪارو پاڻي چئبو آهي.

جمال ڳڙهي وٽ پاجا ٽڪري ڇڪل آهي، جنهن مان مردان کان ڪٽلانگ روڊ لنگهي ٿو، جنهن جي چيڙي تي سنگهاؤ ڳوٺ آهي. هن ٽڪري جي بلڪل پٽيان ٻيو روڊ چيچار ڊيريءَ کي ٻن حصن ۾ ورهائي ٿو. ان ڊيريءَ جي پويان هڪ ڪليل ميدان آهي، جيڪو اتر ۽ اوپر طرف هوريان هوريان مٿانهون ٿيندو وڃي ٿو، تان جو اسين ٽڪريءَ جي ٻرن تائين پهچون ٿا. جيئن ته اتر وارو حصو مٿانهون آهي، ان ڪري اهو اڃ ٻه بارائي آهي. جڏهن ته هيٺان ميدان 1947ع کان پوءِ هڪ واهه جي ذريعي آباد ٿين ٿا. جن جاين تي پاڻيءَ جي جمع ٿيڻ جي مناسب گنجائش آهي، اتي چشما ڏسي سگهجن ٿا. ڪجهه ٻڌيون ڊگهيون هڏ ڪري ننڍڙيون ماڙيون ٺاهن ٿيون. جن کي مقامي ماڙهو تنگئي چون ٿا.

ڪٽلانگ وٽان ڇهه ميل پري سنگهاؤ جو منظرنامو ڏسي سگهجي ٿو، جيڪو هڪ ٻڌيءَ جي وڪڙ ۾ مهڙ ۾ آهي، جيڪا ميڇيزئي سڏجي ٿي. هتي پهاڙي چشما موجود آهن، جن جي پاڻيءَ تي اڃ ٻه پوکي ڪئي وڃي ٿي. اهي ٽي هن واديءَ ۾ زندگيءَ جا بنيادي سرچشما آهن، جن تي نباتات پڻ تڪي ٿي. اڳوٽو ڳوٺ هتي چشمي جي ويجهو قائم هو، جيڪو انگريزن جي دؤر ۾ اتان لڏائي هاڻوڪي جاءِ تي قائم ڪيو ويو. اهو ٽي چشمو هو جنهن سبب اتي ٽڪريءَ تي ٻڌڪي آبادي قائم ٿي هئي. هن وڏي سنگهاؤ واديءَ ۾ ڪجهه ننڍا ڊورا آهن. جن جا ڏکڻ پاسي کان ترتيبوار نالا شرم خان، باغ دره، پارکو دره، رود، تنگئي، حيات تنگئي ۽ "نٽو" آهن. انهن ننڍڙ ڊورن ۾ قدرتي غارون آهن. سڀ کان مکيه رود، پارکو دره ۽ باغ دره ۾ آهن. اهي غارون ٻڌن استعمال ڪيون، جن جون پاڇيون مٽاڇري تي ڏسجن ٿيون. اڇڪلهه اهي ان وقت ڏنارن جي ڪم اچن ٿيون، جڏهن گرميءَ جي اُس ساڙي ٿي يا اوچتا مينهن پون ٿا. ڪڏهن ڪڏهن کي شڪاري گروهه هتي شڪار جي تاڙ ۾ رات گذارين ٿا. هتي اڇڪلهه ٻه شڪار گهمي ٿو ۽ پاڻيءَ لاءِ چشمي تي اچي ٿو. پاڻيءَ جي ذريعن ويجهو ٻُوڙن جو جهنگ آهي، باقي ٽڪرين ۽ ميدانن ۾ ٽڙ پکڙ گاهه آهي. وڏا وڻ موجود ڪونه آهن جيڪي شايد ڳوناڻن وڍي ڇڏيا آهن.

کوٽائي کيل غار سنگهاؤ ڳوٺ کان ٽي ميل پري پارکو دري ۾ آهي. ڊورو ڊگهائي ڦاڪ ۾ ٻن ٻنين جي وچ ۾ اولهه کان اوپر ٻيهڪ ۾ آهي. ان

ريت غار ڏاکڻي ٻنيءَ ۾ ۽ اتر ڏانهن منهن ڪري ٻيٺي آهي. اتر واري ٻنيءَ جي پيرن ۾ هڪ ننڍڙي ڏوري آهي، جنهن جي پيٺ ۾ ريتي بجري پريل آهي. غار ۽ ڏورن جي وچ ۾ سراسري طور 100 فوٽ ستو ٽڪرو آهي، جنهن تي جديد لٽ آهي جيڪو اوائلي ارضياتي پِراءُ جي مٿان اچي ويو آهي. ان سڌي ميدان ۾ صدين کان پوکي جاري آهي. ساڳي طرح پوکيءَ لائق زمين جو ٽڪرو غار جي مٿان ٻنيءَ تي موجود آهي.

ارضياتي طرح سنگهاڙ ڳوٺ سمند کان 1700 فوٽ مٿي آهي. جڏهن ته سنگهاڙ غار هڪ ڏوري جي وات تي 2000 فوٽ مٿي آهي. اهي ڏورا سوات نديءَ واري نظام سان ڳنڍيل آهن. جڏهن ته ٻيو پاسو سنڌوءَ کي ڏن ڀري ٿو. ان ريت وچ واري پاڇا چوٽيءَ جي اوچائي 6747 فوٽ آهي.

ڏوري جي مجموعي لٽ کان 50 فوٽ مٿي ۽ غار کان 300 فوٽ اتر ۾ ڏوري جي ٻئي ڀر جبل جي تهن ۾ سفيد Vein ڪوارٽز آهن، جن جي ٿولهه ٿن فوٽن تائين گهٽ وڌ آهي. ان پٿر کي اوزار گهڙڻ لاءِ خام مال طور استعمال ڪيو ويو آهي.خود غار چن پٿري ڪانگلو ميرٽ آهي. لٽ جو ڏپاڙ 50 فوٽ ٿلهو آهي ۽ گهٽو تٽو چن پٿري آهي، اهي ڏپاڙتس ڪانگلو ميرٽ فارميشن ۾ قدرتي ڪاڌ سبب ڪٽا ٽيا آهن، جيڪا غالباً ڇٽن کان پنج لک سال اڳ واري گليشئل دؤر دوران وجود ۾ آئي هئي.

آرڪيالاجيءَ جي لحاظ کان هتي ثقافتي اؤسر ڪجهه هن ريت تي بيهي ٿي:

ثقافت	عمر قبل مسيح ۾
1- نيوليٿڪ	3000 تائين
2- مائڪروليٿڪ	3000 کان 15000 تائين
3- پويون پيليوليٿڪ (پٿر جو وڇون دور)	15000 کان 50,000
4- اوائلي پيليوليٿڪ	50,000 کان 250,000
5- اوائلي پيليوليٿڪ	250,000 کان 400,000
6- اوائلي پيليوليٿڪ	400,000 کان 550,000

سنگهاڙ اوزار ان زماني جا آهن، جڏهن مند ٿڏي ۽ نسبتاً خشڪ هئي. اهو ارضياتي دؤر آخري گليشئل دؤر وارو آهي ۽ اوزار 15 ڪان 50 هزار سال اڳ جا آهن. يعني پٿر جو وچون دؤر.

ائين ٿو لڳي ته پوکرا دري واري غار چپون ڪِرڻ، ڍهڻ ۽ موسمي تبديلين کان پوءِ ويڪري ڪئي وئي. اهڙيون موسمي تبديليون غار جي منهن تي پڏريون آهن. غار جي منهن تي هڪ وڏي چپ غار کي ذري گهٽ ٻن حصن ۾ ورهائي ڇڏيو آهي. اندرئين پاسي به ڪجهه وڏا پٿر ڪِريل آهن، جنهن ڪري سڄي غار ٽن حصن ۾ ورهائجي وئي آهي. ان جو وچون حصو سڀ کان وڏو هئڻ ڪري ان کي مکيه غار چئي سگهجي ٿو.

ڊاڪٽر داني غار جي ٽنهي حصن کي I، II ۽ III ۾ ورهايو آهي. مکيه غار (حصو II) 80 فوٽ ڊگهي ۽ 35 فوٽ اونهي آهي، جڏهن ته اوچائي 14 فوٽ اٿس. حصو نمبر I اوپر پاسي آهي. جنهن کي هڪ وڏي چپ حصي نمبر II کان جدا ڪري ٿي. حصو نمبر III پڻ هڪ وڏي پٿر جي ڪِرڻ سبب جدا ٿي ٻيئو آهي. اهو نديءِ چت وارو حصو غار جي اولهه پاسي ٻنهه ڏکڻ واري ڪنڊ تي مشتمل آهي. غار کان ڪجهه اڳتي اولهه پاسي ڪجهه ٻين غارن جا نمونا ٻن مرحلن ۾ ڏسي سگهبا.

مکيه غار (حصو II) بي ترتيب آهي. ان جي چت بي ترتيب نموني جهڪيل آهي، جنهن جي اندرين پاسي ڪاري دز يا دونهين جو ٽلهو تهه آهي. هڪ هنڌ تي 5 فوٽ گهرو سوراخ آهي. جنهن مان لڳي ٿو ته ڪانگلو ميرٺ چت مان پٿر مختلف وقتن تي ڇڇندا رهيا آهن. جڏهن چت مان پٿر ڪِرڻ شروع ٿيا تڏهن ئي شايد ان خطري سبب ان ۾ رهڻ ڇڏيو ويو هوندو. غار جو منهن هن وقت ٻاهرين زمين کان پنج فوٽ مٿي آهي ۽ ڪٿي ڪٿي فرش تي مختلف دورن ۾ ٽيل بي ترتيب اوساري آهي. ان عمل ۾ هاٿوڪن لوڪن جي سرگرمي به محسوس ٿئي ٿي، پر شروعاتي اوساري هڪ دؤر جي آهي.

غار ۾ تري تائين 15 فوٽ ڊپازٽ هئا، جن کي 12 عدد مختلف تهن ۾ ورهايو ويو آهي. هر ٻن تهن جي وچ ۾ ڪوئلي ۽ خاڪ جي هلڪي لائين آهي، جيڪا انهن تهن کي جدا ڪري ٿي. استعمال جي شين جا ڊپازٽ غار جي منهن تي فوراً ملي وڃن ٿا، جنهن کان پوءِ اچلاليل گند ڪچرو ملي ٿو.

بهرحال، کوٽائيءَ مان ڪُل پنج عدد مکيہ دؤر لڌا ويا آهن.


دؤر نمبر I، II ۽ III خالص پٿري دؤر جي سامان سان پريل آهن. جڏهن تہ چوٽون دؤر ہڏ ڪو آهي، جيڪو 200 قبل مسيح کان 200 عيسوي سن تائين جو آهي. وقت جي ڪوٽ سبب کوٽائي اڌ ۾ چڏي وئي. جيتوٽيڪ سڀ کان هيٺ تائين اوزار مليا.

غار جي سڀ کان هيٺئين (يعني 12) تهہ ۾ باقاعدي رهائش جا آثار هئا، جنهن ۾ ڪوئلو، خاڪ، جانورن جون هڏيون، ڏند، سگڻ جا ٽڪرا ۽ ڪوارٽز اوزار ۽ ضايع ٿيل اوزار هئا. ڪوارٽز سان گڏ تهدار پٿر (Schist) جا اوزار بہ هئا، جن ۾ پٿر جون نوڪون ۽ ڏار وارا اوزار بہ آهن. پهرين دؤر جا اوزار پوين دؤرن جي پيٽ ۾ وڃا آهن. ان تهہ ۾ سخت مٽيءَ جو رنگ ڳڪو يا اڇو آهي، جنهن ۾ girt، ريتي ۽ ڪوئلو بہ مليل آهي ۽ اوزار اڇي رنگ جي ڪوارٽز جا آهن.


هي دؤر ڇت مان هڪ وڏي ڇپ ڪِرڻ سبب اوچتو ختم ٿي ويو. اهو پٿر شايد ڪنهن موسمي تبديلي يا زلزلي جي جهٽڪي سبب ڪِريو هو ۽ غار ۾ رهڻ جو سلسلو ڪجهہ وقت لاءِ بند ٿي ويو. غار مان سواءِ هيٺئين تهہ جي باقي سيني تهن مان لڌل ڪوارٽز اوزار ڳاڙهي رنگ جا آهن.

کوٽائيءَ مان لڌل اوزارن کي ٽلهي ليکي ٽن حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. هڪ قسم اَڇر ڪرچٽين (Flakeblade and Scraper) جو آهي، ان ۾ cores ۽ ضايع ٿيل ٽڪرا بہ آهن. مٽيريل بہ ٽن قسمن جو آهي. ڳاڙهو يا اڇو ڪوارٽز سڀ کان گهٽو آهي. شفاف ڪرسٽل نازڪ ۽ ٿورو آهي. چقمقي اوزارن جا فقط ٻہ نمونا مليا آهن. جنهن جو مطلب آهي تہ چقمقي پٿر هن وٽ موجود ڪونہ هو. تهدار پٿر (Schist) جا اڌنگا ٽڪرا هر سطح تي آهن ۽ پيبل (Pebble) هٿوڑا گرينائيٽ جا آهن. جيڪي مرحلي III مان ملن ٿا. هي ڪو چگو خام مال ڪونہ هو، پر سنگهاڻ غار ۾ رهندڙ ماڻهن وٽ اهو خام مال استعمال ڪرڻ کان سواءِ ڪو ٻيو چارو بہ ڪونہ هو. هن هر مرحلي ۾ ساڳي ٽيڪنيڪ سان اوزار ٺاهيا آهن، جيڪا هن جي پنهنجي آهي. بس! فرق اهو آهي تہ ٻئي ۽ ٽئين تهہ ۾ هن جا اوزار ماپ ۾ ننڍا آهن.

ڊاڪٽر داني ياد ڏياري ٿو تہ ڊاڪٽر برجيت آلچن انڊمان ٻيٽ ۾ ڪوارٽز مان ٺهندڙ اوزارن جي ٽيڪنڪ بيان ڪئي آهي: "هو ڪوارٽز جا گول



سنگھاؤ غار جا تفصیل


SANGHÃO 1963
PARKHO-DARRA CAVE
SECTION ACROSS THE CAVE
-1 0 1 2 3 4 5 6 7 8
SCALE OF INCHES
1-1-0
CONGLOMERATE ROCK
CEILING
CAVE INTERIOR
HUMUS
PITCHED EMBANKMENT
DARK EARTH WITH CHARCOAL
PIT NO I
REDDISH LOOSE CLAY
CLAY WITH ASH & CHARCOAL
REDDISH LOOSE CLAY WITH GRITS
HUMUS
ALLUVIAL DEPOSIT
CLAY WITH ASH & CHARCOAL
GRITS CLAY & ASH
PERIOD I
BLACKISH CLAY
LOOSE CLAY WITH GRITS
SAND LAYER
CLAY WITH ASH
GRITTY LAYER
YELLOWISH COMPACT CLAY
CONGLOMERATE ROCK
DIVIDING LINE
UNEXCAVATED EARTH
WHITISH COMPACT CLAY
UNEXCAVATED EARTH

پٿر ٻاهه ۾ وجهن ٿا، تان جو اهي گرم ۽ ڳاڙها ٿي وڃن ٿا ۽ پوءِ انهن کي کڊي ٻئي پٿر سان ڏڪ هنيو ٿو ويجي. ان ريت ڪوارٽز ننڍڙن تيز ٽڪرن ۾ ورهائجي ويجي ٿو." پر، سنگهاڙ ۾ ڪنهن به گول ڪوارٽز (Pebble) مان تيز ڌار اوزار نه ٺهيو آهي. هنن ڪوارٽز کوٽي کنيا ۽ اوزار گهڙيا ٿي، پر چئي نٿو سگهجي ته هنن به ڪوارٽز کي ٻاهه ۾ ساڻي ٽيڪنڪ لاءِ استعمال ڪيو هجي. هو بهرحال، ٻاهه جي استعمال ۽گوشت پچائڻ کان واقف هئا. ان لاءِ ثبوت ۾ سڙيل هڏيون کافي آهن.

ڊاڪٽر دانيءَ جي خيال ۾ هتي اوزار گهڙڻ لاءِ جيڪا ٽيڪنڪ استعمال ٿي آهي سا يورپ ۽ اولهه ايشيا جي Levallois-Mousterian واري چلٽ جي ٽيڪنڪ آهي. اها پاڪستان جي حوالي سان بهرحال، پٿر جي وچين دؤر جي صنعت آهي.

هتي هن صنعت جا ٻه قسم آهن، هڪڙا core اوزار ۽ ٻيا آڇر يا بليڊ اوزار. ٽلهي ليکي هتي ڇڻن قسمن جا cores آهن ڇپترا گول، ڪڇوءَ جهڙا (Tortiose)، بندوق جي گولين جهڙا (Fluted) ۽ آخري قسم اهو آهي جن کي کا سيڌاٽ ڏئي نٿي سگهجي.

آڇر (Flake tools) بابت جيئن اڳ ۾ چيو ويو ته گهٽي ئي قسم آهن. اهو شايد ان ڪري ٿيو جو ڪوارٽز مان سٺا اڇر نٿا لهن، اها رواجي ڳالهه آهي ته چلٽ يا چنڊڻ جي عمل ۾ اڪثر پٿر ضايع ٿي وڃن ٿا. انهن اوزارن مان اڪثر تي موجود نشانن مان ظاهر آهي ته اهي استعمال ۾ ڪيا ويا هئا، پر اهي گهڙي ڪم آندا ويا؟ اهو چوڻ مشڪل آهي. ڪن اوزارن کي ڏند ۽ ٽاهيل ڏسجن ٿا.

سنگهاڙ بابت اهي تفصيل ڊاڪٽر دانيءَ جي ان رپورٽ مان ورتا ويا آهن، جيڪا سال 1964ع ۾ شايع ٿي. ان کان پوءِ ٽيل ڪوتائين مان ظاهر ٿيل تفصيل هتي ڏنل نه آهن.

سنڌو ماٿري ۾ پٿري دؤر جو آرٽ

اسان سنڌو ماٿريءَ ۾ پٿر جا ٽيئي دؤر انهن زمانن جي اوزارن ۽ هٿيارن جي حوالي سان ڏسي چڪا آهيون. سوال اهو آهي ته ڇا سنڌو ماٿري ۾،

جنهن ۾ ان جي ڏن ۾رو ندين ۽ ڍورن جون ماڻريون به شامل آهن، ڇا ڪنهن چترڪاريءَ جو ڏس پتو ملي ٿو؟

هائو! برابر اهڙو ڏس پتو آهي پر اهڙي نقاشيءَ جو اڪثر حصو تاريخي زماني جو آهي. پروفيسر ڪارل جيٽمار (Karl Jettmar) "پاڪستان جي اترين علائقن ۾ پٿرن تي اڪريا ۽ تحريري نشانن" تي هڪ رپورٽ تصويرن ۽ نقشن سميت جاري ڪئي هئي جيڪا 1982ع ۾ لوڪ ورثو- اسلام آباد پاران شايع ڪئي وئي هئي. پروفيسر صاحب ان مان اڪثر نقاشيءَ کي هڏمت سان واسطو رکندڙ سڏي ٿو ڇاڪاڻ ته اڪثر نشانيون اسٽوپائن، هڏڪن ڪردارن ۽ براهمي تحرير جون آهن. جيتوڻيڪ نقاشيءَ ۾ جانور پڻ ڏيکاريل آهن پر ڪارل صاحب جي تجزئي موجب اهي تصويرون ايران جي ڪياني (Achaemenian) بادشاهت واري اثر کي ظاهر ڪن ٿيون. جانورن جون کي تصويرون سٿيو سائبيرين اسٽائل جون آهن. ساڪا (Saka) دور جا اهڃاڻ به موجود آهن. تحريرون فقط براهميءَ ۾ ئي نه پر خروشطيءَ ۾ به آهن.

انساني تصويرون عجيب غريب سهي پر انهن ۾ Sogdian ۽ پارٿين طرز جون پوشاڪون پهريل فوجي به آهن. لشڪري رٿ گاڏيون به موجود آهن. چلاس- II هڪ هنڌ ٻٽي جنسن واري هڪ ديوي/ ديوتا جي تصوير به اڪريل آهي جنهن جي هٿ ۾ نيزو آهي، ان جي پرسان خروشطيءَ ۾ نالا لکيل آهن.

جانورن ۾ هاٿي، گهوڙا، هرڻ، پالتو ٻڪر، نانگ، شڪاري جانور، ڏاڙها ۽ ڪي عجيب ڏند ڪٿائي جانور به شامل آهن. ڪي علامتي نشان اصل ۾ اهڙن قبيلن ۽ قومن جا آهن جيڪي هن علائقي تي وقت به وقت قابض رهيون. اهي نشان شروع ۾ جانورن تي سجاٽ لاءِ ڏنب ذريعي هنيا ويندا هئا پر پوءِ هوريان هوريان اهي ئي نشان ساڳين قبيلن جا "ملڪيتي نشان" ۽ "قومي نشان" بڻجي ويا جيڪي پوءِ هنن پنهنجي قبضي هيٺ علائقن تي به چٽيا.

پروفيسر صاحب پنهنجي سڃي ساري تفصيلي رپورٽ ۾ صرف هڪ هنڌ پٽري دور جو شڪ ڏيکاري ٿو. هو ٿور (Thor) ندیءَ جي اتر واري ڪپ تي موجود جانورن جي ڪجهه تصويرن کي شڪار واري رسم جا منظر سڏي ٿو. ان ڪري چئي سگهجي ٿو ته پاڪستان جي اتر وارين وادين ۾ پروفيسر

ڪارل ڪي پٿري دور جي چترڪاري هٿ نہ آئي. هن صاحب چلاس، عالم برج، ٿور، دانيور، هنزهہ، هسپار، لداخ، ناگر، شتيل برج ۽ قراقرم هاءِ وي جا ڪي حصا ڏٺا هئا ۽ هو ڪن جاين تي موجود نشانن ڪي قديم زماني جي لانگهاؤ انسانن جا پاتل "يادگار نشان" قرار ڏئي ٿو. انهن مان اڪثر تحريرون پڙهجي سگهيون آهن جن مان ظاهر آهي تہ ڪهڙي قوم سان تعلق رکندڙ مسافر ڪيڏانهن، ڪهڙي زماني ۾ ۽ ڪهڙي مقصد سان لانگهاؤ ٽپيا هئا. اهو تسلسل اڄ بہ جاري آهي جو اهو پڻ نوٽ ڪيو ويو تہ شاهراہ قراقرم جي اڏاوت وقت اتي ڪم ڪندڙ انجنيئرن پنهنجا نالا پرپاسي جي پٿرن تي اڪيريا آهن جيڪي پڻ وقت سان گڏ "قديم آثارن" جو حصو بڻجي ويندا.

سنڌو تهذيب ڏاتو- پٿري (چالڪوليٿڪ) زمانو آهي ۽ ان مان تصويرڪشي، خاص ڪري مذهبي نقاشي جا تہ بي حساب نمونا ملیا آهن. ڇا سنڌو تهذيب ۾ نقاشي اوچتو عمل ۾ آئي؟ اها ڳالهہ تہ ممڪن ئي ڪونہ آهي تہ ثقافتي تبديلي ڪنهن ارتقائي عمل کان سواءِ اچي! پڪ سان ان اهم انساني سرگرميءَ جون پاڙون خالص پٿري دؤر ۾ رکيون ويون هيون. بدقسمتيءَ سان هن مهل تائين سنڌوءَ جي ڏاکڻي ماڻري ۽ ان جي جابلو حصن مان پٿري دؤر جي ڪابہ چترڪاري ڪونہ ملي آهي. سواءِ ٽرڙو ٽڪريءَ تي موجود ڪجهہ جاميٽريڪل ۽ علامتي نشانن جي.

چلاس

هوڏانهن اتر واري علائقي ۾ جتي پروفيسر ڪارل ڪوجنائون ڪري چڪو هو، ڈاڪٽر احمد حسن دانيءَ بہ تحقيقي ڪم ڪيو آهي تہ هن تصويري تسلسل ۾ ڇا ڇا آهي؟ ڈاڪٽر صاحب "چلاس" نالي رپورٽ ۾ ان جو ذڪر ڪيو آهي. چلاس هاڻي هڪ شهر جو نالو آهي، پر اڳي اهو نالو هڪ پوري علائقي لاءِ مخصوص هو. اها غالباً شِلاوتا جي بگڙيل شڪل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي پٿرن يا پهاڙين جو علائقو! (هوڏانهن بلوچستان جي حوالي سان پٿرن تي تصويري اڪرن جي ڪوجنا جو ڪجهہ ڪم برگيڈيئر حسن ڪيو آهي.)


چلاس هڪ لڪ آهي جنهن ۾ سنڌوءَ جي پرپاسي جي ننڍين ندين

نالن سان گڏ گڏ ميسوليٿڪ دؤر جا آثار ملن ٿا. انهن ماڻهن جا هي آثار بي شمار خوبصورت تصويرن جي شڪل ۾ آهن، جيڪي هن ڏاڍي مهارت سان ڪوٽيون آهن. انهن مان اٽڪل ويهه تصويرون ميسوليٿڪ دؤر جون آهن. بعد واري زماني جون تصويرون ڏيڍ سؤ کان مٿي آهن.


ميسوليٿڪ تصويرون ڏاڍيون گهريون ڪوٽيل آهن ۽ زمانو گذرڻ سبب انهن تي ڪاراڻ چڙهي وئي آهي يا سائو سينور چڙهي ويو آهي. پوئين زماني جون ڪوٽيل ليڪون وڌيڪ ٽلهيون ۽ پڪيون آهن. انهن جا تاثر به واضح آهن. لباس ۽ سماج به نئون آهي ۽ موضوع به نوان آهن. جانورن جون آڪاٽيون تصويرون وڌيڪ حقيقت نگاريءَ واريون آهن. جانورن کي چرپر واري حالت ۾ ڏيکاريو ويو آهي، ۽ انساني شڪلون هتي به يورپ ۽ هندستان جي پٿري زماني وانگر خاڪن تي ٻڌل آهن ۽ ڪوبه ۽ پرپور تاثر پيدا نٿيون ڪن. آڪاٽي سنڌو ماٿريءَ جي هن آرٽ ۾ زراعت وارو موضوع موجود ڪونه آهي. البت شڪار جا منظر موجود آهن.

تصويرن ۾ سرهه، گد، جهنگلي ڍڳا ۽ هرڻ عام آهن. ان دؤر ۾ موسمي حالتون اڄ جي پيٽ ۾ بهتر هيون ۽ شڪار جام هو. ڇتيل پٿرن جي پرپاسي مان ڪٽان ڪٽان پٿري اوزار به ملن ٿا، پر ان علائقي مان اهڙي ڪابه غار ڪونه ملي آهي، جنهن بابت چئي سگهجي ته هي لوڪ ان غار ۾ رهندا هئا. ان ڪري خيال آهي ته چلاس ماٿريءَ ۾ رهندڙ ميسوليٿڪ انسان جابلو ٻيلن ۾ آزاد گهمندو هو ۽ جهوپڙيون ناهي رهندو هو يا جابلو اجهن هيٺ پڙاءُ ڪندو هو. اهڙو ئي هڪ ٽاڪرو آجهو ڇڇ گچي ڏوري جي وات ويجهو مليو آهي، جتان پٿري core مان ناهيل ننڍا اوزار ملن ٿا. انهن ۾ ڪجهه سُوئا، چاقو، ٽڪنڊيون ڪرچٽيون شامل آهن. ڪجهه وڏا ٽڪرا به آهن، پر ڪنهن به قسم جي تير جا قر في الحال نه مليا آهن. داني صاحب هن ميسوليٿڪ ثقافت جو دؤر 3 کان 5 هزار سال قبل مسيح سمجهي ٿو. جيڪڏهن واقعي ايئن آهي ته پوءِ ڇٻو ته ان زماني ۾ سنڌوءَ جي ڏاکڻي ماٿري گهٽو اڀتي نڪتل هئي، ڇاڪاڻ ته اها نه رڳو زرعي دؤر ۾ داخل ٿي چڪي هئي پر دنيا جي هڪ عظيم تهذيب جا بنياد رکي رهي هئي.


پٿرن تي اڪريل هي ميسوليٿڪ تصويرون ٻڌائين ٿيون ته انهن لوڪن ڪُتي ۽ ريڍ کي هيرائي پالڻ شروع ڪيو هو. جڏهن ته عام طور تي اهو




پاڪستان جي اترين علاقن جا اهي ماڳ جتي پٽرن تي چترڪاري ملي آهي.



پاڪستان جي اترين علاقي مان ملندڙ تصويرن جا ڪي نمونا.




پاڪستان جي اترين علاقي مان ملندڙ تصويرن جا ڪي نمونا.













پاڪستان جي اترين علاقي مان ملندڙ تصويرن جا ڪي نمونا.

سمجهيو ويندو آهي تہ جانور پالڻ جي شروعات نيوليٿڪ دؤر کان شروع ٿي هئي. هڪ تصوير ۾ ٿوهي وارو ڏاند نظر اچي ٿو. اهو ڏاند جبل جو جانور آهي ئي کونہ، پر ڏاکڻي سنڌو ماٿريءَ سان تعلق رکي ٿو. ان بنياد تي چئي سگهجي ٿو تہ ميسوليٿڪ لوڪن جو مشاهدو ڏاکڻي سنڌو ماٿريءَ تائين پکڙيل هو. ڪن تصويرن ۾ سرهہ، ڦاڙهو ۽ چڪور ۽ نظر اچي ٿو. تصوير ۾ چڪور پنهنجي ٻچي کي داڻو چُگائي رهيو آهي. هڪ تصوير ۾ باز آهي جنهن جا پَرَ پکڙيل آهن، رڇ ۽ لومڙي ۽ چترن ۾ موجود آهن.

چترڪاريءَ ۾ شڪار جي هٿيارن ۾ تير ڪمان کي بنيادي حيثيت حاصل آهي. تصويرن مان محسوس ٿئي ٿو تہ هي ماڻهو انهن ئي جانورن جون ڪلون لباس طور اوڍيندا هئا، پر اهو ايترو اٽپورو هو جو اڳاڙپ لڪائي نٿي سگهيو، (تصويرون بهرحال واضح نہ آهن). شايد هن وٽ اڳاڙپ جو تصور ايڏا پيدا کونہ ٿيو هو. عورتن ۽ مردن جون اڳاڙيون تصويرون ۽ پٿرن تي اُڪريل آهن.

هڪ تصوير ظاهر ڪري ٿي تہ هڪ سرهہ کي اهڙي ڪڏ ۾ ڪيرائڻ جو بندوبست ڪيو ويو آهي، جنهن جو مٿاڇرو ڪانن ۽ ڪڪن سان ڍڪيو ويو آهي. تصوير ۾ سرهہ بيٺو آهي ۽ سامهون چوڪڑين جي ڇار وارن خانن ۾ گول نقطا آهن. ڪن وڏن پٿرن تي هٿن ۽ پيرن جون تصويرون اُڪريل آهن. هٿ جو پورو چنبو ۽ هر ڪنهن هٿ جو آڱوٺو ساڄي پاسي. ائين ٿو لڳي تہ ڪاهو هٿ ديوار تي رکي ساڄي هٿ سان ڪاهو هٿ ليڪيو ويو ۽ پوءِ ان ليڪي کي چيٽيءَ سان ڪوٽيو ويو. ساڳي طرح ڪن هنڌن تي پيرن جا نشان ۽ آهن، پر اهي ۽ اڪثر هنڌن تي هڪ هڪ پير جا آهن. پيرن جا نشان گهڙڻ جو طريقو ۽ ساڳيو هو (ڇا اهڙن ئي پيرن جا نشان اڇڪلهہ مقدس قدمن جي نالي سان اهميت وٺي ويا آهن؟)


ڪجهہ تصويرن ۾ انسان ۽ نانگ اُڪريل آهن. هڪ تصوير ۾ هڪ نانگ ڪکي رهيو آهي، ٻئي چٽ ۾ ۽ نانگ هڪ انسان کي پير ۾ چڪ وجهي رهيا آهن. هڪ تصوير ۾ هڪ عورت پنهنجن ٻن ٻارن کي ٻن نانگن کان بچائي رهي آهي. هن علائقي جون ڪجهہ تصويرون ان لحاظ کان ۽ يورپي ۽ پيمبيٽڪا چترڪاريءَ کان مختلف آهن جو چلاس ۾ عورت ۽ مرد جي جنسي ميلاپ تي ٻڌل هڪ اڪر موجود آهي. هڪ ٻي تصوير ۾ هڪ عورت دائري ۾ آهي ۽ مرد ان دائري ۾ داخل ٿي رهيو آهي.

بلوچستان ۾ آڳاٽي چترڪاري

15- نومبر 1997ع تي پاڪستاني نيوز ايجنسيءَ APP جي حوالي سان خبر شايع ڪئي وئي ته بلوچستان جي ضلعي موسيٰ خيل ويجهو سليمان جبل ۾ برفاني دور سان تعلق رکندڙ چترڪاري ملي اهي. پاڪستان آرڪيالاجي ڊپارٽمينٽ سان تعلق رکندڙ مسٽر فضل داد ڪاڪڙ ان دريافت سان گڏ دعويٰ ڪئي ته اها چترڪاري اسپين جي التميرهه ۽ فرانس جي لاسڪواڪس جي همعصر ۽ انهن جهڙي آهي. ابتدائي رپورٽ ۾ ٻڌايو ويو هو ته ڳاڙهي، ڪاري، ناسي ۽ ڦڪي رنگ سان چٽيل اهي تصويرون 9- عدد ٽاڪرو اجهن (Rock shelters) ۽ غارن ۾ مليون آهن جن جا موضوع جانور ۽ انسان آهن. اها به دعويٰ ڪئي وئي ته چترڪاريءَ ۾ برفاني دور جو ماحول چٽيل آهي ۽ تصويرن ۾ بگهڙ، گهوڙا ۽ ڍڳا نمايان آهن. جيئن ته ان خبر جو سڌو تعلق هن ڪتاب جي موضوع سان هو، ان ڪري مون فيصلو ڪيو ته سرزمين جو جائزو ونڊجي.

14- ڊسمبر جي سخت ٺڏي ڏينهن تي، جڏهن زيارت ۽ لورالائي جي ڪجهه حصن ۾ رکي رکي برف سان گڏ مينهن وسي رهيو هو، آئون سليمان جبل جي هڪ ڊوري ۾ پهتس جيڪو تخت سليمان چوٽيءَ کان 25-30 ڪلوميٽرن جي پنڌ تي ڏکڻ ۾ هو. جيڪڏهن اها چترڪاري برفاني دور جي هئي ته پوءِ هتي، اڇڪلهه واري ڊسمبر جيتري ٺڏ ان زماني جي اونهاري ۾ پوندي هوندي. لورالائي ۽ موسيٰ خيل ضلعا اڇڪلهه به سٺو چؤماسو ڏسن ٿا ۽ هتي ٽيڪ ٽاڪ برساتون پون ٿيون. تخت سليمان چوٽي سمنڊ جي سطح کان اٽڪل 3380 ميٽر مٿي آهي. ٽاڪرو اجها ان چوٽيءَ کان لڳ ڀڳ 1500 ميٽر هيٺ هئا.


موسيٰ خيل کان اتر اوير ۾ تخت سليمان ڏانهن ويندڙ هن وادي کي "توئيسر" ٿي چيائون. جنهن جابلو ڊوري ۾ غار ۽ ٽاڪرو اجها آهن ان جو نالو ملوي زوب (Malavi Zhob) آهي جنهن جي معنيٰ آهي، انگور واري ندي. ملوي زوب هڪ عاليشان نخلستان آهي، بالڪل ائين جيئن هنگلاج يا شاهه نوراني باغ آهن. ملوي زوب چشمي کي اڇڪلهه پيش جي ٻوٽن ڏري گهٽ ڊڪي ڇڏيو آهي، ٻي جابلو نباتات به جام آهي. پُراسرار خاموشي، چهچ




ملوي زوب (بلوچستان) ۾ لوڌ جو منظر



ملوي زوب ۾ گھوڙيسوار ۽ ماڻھو



ملوي زوب ۾ چٽيل مختلف جانور






ڪنهن جنگي ناٽڪ جو منظر؟ (ملوي زوب)



ٻہ گھوڑيسوار جن مان ھڪ جي ھٿ ۾ تلوار ۽ ٻيا ڏسجي ٿي، ھڪ ڦاڙھو، ھڪ اوائلي مشين؟ جنھن ۾ ڦيٽو واضح آھي. تصوير جي تري ۾ موجود نشان پيمبيٽڪا مان پڻ مليو آھي. (ملوي زوب)










ملوي زوب: مختلف سڌن تي پٽرن تي ٽيل ڪلڪاري جنهن ۾ ٽپڪن کي به اهميت ڏني وئي آهي. اٿين ٿي ٽپڪن کي پيمبيڙڪا (پارت) ۽ يورپ ۾ به اهميت حاصل آهي پر انهن جو مقصد اڃا تائين واضح ٿي نه سگهيو آهي.



هڪ وڏي پٿري ديوار تي جنڪ جو منظر گھوڙيسوار ۽ پيادا هٿن ۾ تلوارون کڻي هڪٻئي جي آمھون سامھون ٻيئل نظر اچن ٿا.



سنڌو تهذيب کان پوءِ تحرير جي نئين صورت؟

ساوڪ ۽ چمڪدار ڪارن پُڻن وارن ٽاڪرو اجهن هيٺ چترڪاري ملوي زوب جون خاص نشانيون آهن. ملوي زوب جي وات تي موجود هنن ڇپن جا پُڻا شايد ان ڪري ڪارا آهن جو ڪنهن وڏي برساتي زماني ۾ ان تي ڪنوڻ ڪڙڪي هوندي. هونئن اهي چُن پٿر جون ڇپون آهن جن کي ڪروڙها سالن جي عرصي ۾ برساتي پاڻين ڇلي ڇلي ٽاڪرو اجهن ۾ تبديل ڪري ڇڏيو آهي. ملوي زوب جو چوڙ "توئي" نديءَ ۾، توئيءَ جو چوڙ "ويهوا ندي" ۾ ۽ ويهوا جو چوڙ تونئسر ڪان اتر ۾ (لياهه جي سامهون) سنڌوءَ ۾ ٿئي ٿو. ان ريت جاگرافيائي طرح ملوي زوب سنڌوءَ جي ڏن ۾رو آهي.

موسيٰ خيل بازار مان هڪ ڪرڙوڌ شخص ظاهر خان موسيٰ خيل منهنجو سونهون ٿيو. هن ٻڌايو ته ملوي ڏوب ۾ موجود چترڪاريءَ ڪان علائقي جو ٻچو ٻچو واقف آهي ۽ جيئن ته علائقي ۾ تعليم نه آهي ان ڪري ڪنهن به نٽي ڇاتو ته اها چترڪاري ڪيتري قديم آهي. 1995ع ڌاري هڪ مقامي باشعور نوجوان عبدالرحمان ايسوڊ ان چترڪاريءَ بابت آرڪيالاجي ڪاتي کي اطلاع ڏنو ۽ هو پاڻ جلد ئي هڪ حادثي ۾ گذاري ويو. ان ريت هيءَ "دريافت" مسٽر فضل داد ڪاڪڙ جي ڪاتي ۾ لکي وئي.

هاڻي اچون ٿا ان سوال تي ته ملوي زوب ۾ ڇا ڇا آهي ۽ هتي ڪهڙي قسم جي چترڪاري آهي؟ آئون مسٽر فضل داد جي سڃي ابتدائي رپورٽ سان متفق آهيان، سواءِ قدامت جي. جيتوٽيڪ هيءَ چترڪاري ظاهري طرح پير ٻيٽڪا ۽ چلاس جهڙي آهي، موضوع ۽ جانور ۽ انسان ئي آهن پر ملوي زوب ۾ ڇنيل ڪردار شڪاري نه، مالوند لڳن ٿا. ائين ته پير ٻيٽڪا مان لڏل هڪ ڇٽ ۽ تجويز ڪري ٿو ته پٽري دور جا ماڻهو جانور پالڻ سکي چڪا هٿا ۽ هو گهوڙي ۽ هاٿيءَ تي سواري ڪرڻ ۽ ڇاڻندا هٿا. ملوي زوب ۾ پڻ اڪثر هنڌن تي گهوڙيسوار ڊيڪاريل آهي پر سندن هٿن ۾ تير ڪمانن ۽ پالن بدران تلوارون آهن. اڪثر پيادا ڪردار ۽ هٿن ۾ تلوار ڪٽي تلوار بازي ڪندا محسوس ٿين ٿا. تلوار ڌاتوءَ خاص ڪري لوهه جي دريافت ڏاڻهن اشارو ڪري ٿي.

ملوي زوب ۾ ڪوبه هڪ منظر اهڙو نه آهي جنهن کي شڪار جي منظر ڪشي ڇڏي سگهجي. تصويرن ۾ ڊيڪاريل اڪثر جانور پالتو آهن جهڙوڪ: ڍڳو، ٻڪر ۽ ڪتو. ڪٽي ڪٽي سرهه ۽ ڦاڙهو ٻه ڏسجي ٿو. فضل داد

صاحب جنهن جانور کي بگهڙ چوي ٿو سو "ڪتو" ٻ ٿي سگهي ٿو. لڳ ڀڳ هر منظر ۾ ڪتو موجود آهي. هڪ تصوير ۾ ته 11 عدد ڪتن جي سڄي ساري لوڏ ڏيکاريل آهي. يارهن ئي ڪتا هڪ ٽولي‌۽ جي صورت ۾ هڪ طرف ڊوڙندا نظر اچن ٿا. ائين ٿو لڳي ته ملوي زوب جا رهواسي هر وقت دشمن جي حملي جي خطري ۾ رهندا هئا، ان ڪري هنن نه رڳو ڪتا پاليا پر پنهنجي آبادي ۽ مال جي حفاظت لاءِ پاڻ ٻ هٿياربند ۽ هر وقت خبردار رهيا.

اهڙي خطري جي احساس جي نشاندهي جنگ جي منظرن سان ٿئي ٿي ۽ اگهاڑي تلوار هٿ ۾ ڪٽي گهمندڙ گهوڙيسوار ۽ پيادا ان خيال جي تائيد ڪن ٿا. هڪ منظر ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڊزن انسان ۽ ايترائي جانور چٽيل آهن. مال جي چوڌاري ڊنگر رکيل آهن. ڊنگر انگڙ ونگڙ ليڪن سان ظاهر ڪيا ويا آهن. هڪ ڪٽنوءَ جي هيٺان ان جو ٻچو بيٺو آهي. هڪ ٻڪر ڪي رسو ٻڌل آهي. هڪ ٽلهو متارو ديومالائي ڪردار هٿ ۾ لٺ يا تلوار جهليو بيٺو آهي، جڙ ته مال جي حفاظت يا ان تي قبضو ڪري رهيو هجي. لوڙهي ۾ بيٺل جانور خاموش بيٺل آهن. ٻ ڪردار آمهون سامهون آهن، انهن مان هڪ توازن وڃائي هيٺ ڪري رهيو آهي ڇٽڪ سامهون بيٺل شخص ڪيس پيٽ ۾ تلوار هڻي ڪڍي آهي. هڪ ڪردار پُرجوش انداز ۾ مرڪز ۾ بيٺو آهي جڏهن ته ڇهه ڇٽا خاموش بيٺا آهن ڇٽڪ بي وس هجن يا تماشو ڏسي رهيا هجن. هي منظر يا ته سچ ڀچ ڪنهن حملي ۽ دفاع جو آهي يا وري اهڙي ئي ڪنهن ڪامياب دفاع جي ياد ڪي سدائين تازو رکڻ لاءِ ٻهروپي ناٽڪ جي منظر ڪشي آهي.

ملوي زوب ۾ فقط اهائي چترڪاري ڪونه آهي. هن وادي‌۽ جو ايڏا تائين پوريءَ طرح جائزو ئي ڪونه ورتو ويو آهي. ايڏا ٻ ڪيترائي Rock shelters موجود آهن جن ڪي وقت نه ڏٺو ويو آهي. ٽڙيل پکڙيل تصويرون سڄي "انگور وادي‌۽" ۾ موجود آهن. اهو ٻ ضروري نه آهي ته اسان هن ماڳ ڪي محض ڏاتوءَ جي زماني سان ڳنڍي رکون. هڪ غار جي مٿين سطح تان اسان ڪي سنڌو تهذيب ڪان ترت پوءِ وارو ٽڪراٽو مليو. اها مڪيه غار گهٽ ۾ گهٽ 20 فٽ ويڪري، 50 فٽ ڊگهي ۽ پنج سادا پنج فٽ اوچي آهي پر خاطري‌۽ سان چئي سگهجي ٿو ته ان جو اندريون حصو چت ڍهڻ سبب ڍهجي ويو آهي ۽ غار جي اندرين سطح جي ڪوتائي ماضيءَ ڪي گهٽو پوئتي ڏڪي

ڇڏيندي. اهو به ضروري نه آهي ته تاکرو اجهن ۾ ٽيل سجي چترکاري لوهه واري دريافت کان پوءِ جي هجي. آخر اسان وٽ کهڙي کسوٽي آهي؟ پيمر بيٽه يا وٽان مليل چترکاري به هڪ دور جي ناهي. ان کي پيليوليٿڪ، نيوليٿڪ ۽ چالکوليٿڪ دورن ۾ ورهايو ويو آهي. گهٽئي تصويرون اهڙيون به آهن جن جي زماني جي خاطري ٽئي ٽي نٽي.

بحث هيٺ هن ماڳ تان لڌل کوبه پٿري اوزار ايا تائين منظر عام تي کونه آيو آهي. نه ئي آرکيالاجي کاتي اهڙي کا پڌرائي کئي آهي. ملوي زوب جا تاکرو اجها به ڏاڍا دلچسپ آهن. هتي، چگي خاصي آبادي رهي هوندي. اوائلي ماڻهن هتي نه رڳو جابلو اوٽن کي استعمال کيو پر مختلف ڇپن جي وچ ۾ جتي جتي ممکن ۽ ضروري هو، اتي هٿ سان پٿرن جي ديوار ڏيئي ايا بهتر ۽ محفوظ کيو ويو هو. هڪ وڏي ڇپ مٿان پيل ہي وڏي ڇپ جي چوڌاري پڻ پٿر رکي اتي رهڻ ۽ سمهڻ جو بندوبست کيو ويو هو. هڪ وڏي تاکرو اجهي جي مٿان ڇت تي پٿرن جي ديوار سان قلعيبندي ناهڻ جي سرگرمي پڻ ڏسجي ٽي.

ملوي زوب ۾ ملندڙ چترکاريءَ جو هڪ وڏو حصو اهڙن اهجاٽن تي ٻڌل آهي جن کي تصويري يا علامتي لکتون چئي سگهجي ٿو. مثال طور ہن يا ٽن آڏن ابتن ليکن سان ماڻهوءَ جي تصوير ناهي ڇڏڻ يا کٽي چوکور خانا يا ٽبکن جي قطار. اکثر اهڙا نشان به مليا آهن. جن مان کابه تصوير نٽي جڙي. اهڙا هڪ ٻئي کان مختلف نشان پڻ قطارن ۾، هڪٻئي پر ۾ يا هڪ ئي پٿر تي ناهيا ويا آهن. ڇا هيءَ ويهڪ دور کان آڳاٽي لکت جي ابتدا هئي؟ يقين اهي نشان بي مقصد نه آهي ۽ انهن جي کا معنيٰ آهي جيکا هن ماڳ جي رهواسين چگيءَ طرح ڄاتي ٽي.

گهٽو ممکن آهي ته اهي علامتي نشان يا لکتون ان وقت ديوارن تي چٽيون ويون هجن جڏهن هتي چالکوليٿڪ دور جاري هو. ان زماني جي اکثر تهذيبن ۾ تحرير جو فن ڏسجي ٽو. چٽسالي جي هڪ منظر ۾ هڪ باقاعدي ۽ منظم سماج جي جهلڪ آهي. ہ گهوڙيسوار هڪ اهڙي شئي جي چوڌاري ڦرندا نظر اچن ٿا جنهن تي شڪ ٽئي ٿو ته اها کا اوائلي مشين آهي جنهن ۾ کاڻيون کتل آهن ۽ ڦيٽو پڻ محسوس ٽئي ٿو. تصوير جي هيٺئين حصي ۾ مخصوص قسم جو هڪ گول نشان آهي جنهن ۾ اندر اڌ گولائي ۾

ليکا پاتل آهن. ذري گهٽ اهڙو ئي نشان پارت جي ماڳ پيمبيٽکا ۾ ٽيل چترکاريءَ ۾ پڻ موجود آهي. اگروال صاحب ان نشان کي وهم پرستيءَ سان لاڳاپيل تعويزي (Totemic) سرگرميءَ جو حصو سمجهي ٿو. اسان ملوي زوب ۾ جن نشانن کي لکتن سان تعبير ڪريون ٿا، ممڪن آهي تہ اهي بہ تعويزي نوعيت جا نشان هجن. هن ماڳ تي ماهرن جي نظر ايجا تازو ئي پئي آهي. ڪين ڪنهن آخري نتيجي تائين پهچڻ ۾ ايجا ڪجهہ وقت لڳندو.

سنڌ


سنڌ جا جبل ۽ ٽڪريون

سنڌو ماٿري، جيڪا اڄ اسان جي سڃاڻپ آهي، ان ۾ حضرت انسان ڪيترو اڳ پنهنجا پير گهمايا؟ تمام بنيادي ۽ اهم سوال آهي، پر ان کان ٻه وڌيڪ اهم ۽ چرڪائيندڙ ڳالهه ان ٻي سوال جو جواب آهي.

وڏي حد تائين يقين سان چئي سگهجي ٿو ته دنيا جي سڀ کان اولين انساني گروهن مان هڪڙو گروهه جنهن هنڌ پليو، اجهو بنايو، شڪار ڪيو ۽ خوفناڪ جانورن سان بقا جي ويڙهه ڪئي، وحشي فطرت سان ويڙهاند ڪئي ۽ گونگن جهڙي ڪنهن زبان ۾ پنهنجن جذبن ۽ ضرورتن جو اظهار ڪيو، انهن ۾ ڪيرٿر جبل ۽ روهڑي ٽاڪرو سلسلي واري ڌرتي ٻه شامل آهي. سادن لفظن ۾ ائين چئي سگهجي ٿو ته "ڪيرٿر ۽ ان جي ڀرپاسن واريون ٽڪريون ٻه انساني نسل جا پينگها آهن، جن ۾ هن جي پالنا ٿي آهي."

اها ڪا جذباتي دعويٰ نه آهي. روهڑي ٽاڪرو سلسلي ۽ ڪيرٿر جي ڪافي ماٿرين ۾ پٿر واري دؤر جا اهڃاڻ ٽڙيا پکڙيا پيا آهن. اسان سڀ کان وڌيڪ خوش قسمت آهيون جو اسان وٽ پنهنجي سڃاڻپ لاءِ جيڪي شاهديون، ثبوت ۽ شيون آهن سي چٽيون پٽيون، رد نه ڪري سگهڙ جهڙيون، ٺوس ۽ ڳٽيون آهن.

سنڌ جي قديم آثارن کي ڏسي بنا هڪ جي دعوا ڪري سگهجي ٿي ته انساني سماج ۽ تهذيب جي اؤسر جا سمورا ڏاڪا سنڌ ۾ ٻه موجود آهن. منهنجي ذاتي راءِ ۾، سنڌي تهذيب سنڌ جي ٻي جبلن ۽ ٽڪرن مان چشمن وانگر ڦٽي، "منچر" ٻٽي ۽ پوءِ منچر وانگر اٿلي پٽي آهي. جنهن پوءِ ان تهذيب کي جنم ڏنو آهي جنهن کي اڄ سنڌو ماٿريءَ جي تهذيب سڏيو وڃي ٿو. يعني، سنڌي ماڻهوءَ کي پالي نپائي مهن جي ڏڙي واري شاندار تهذيب جي دروازي تي بيهارڻ ۾ ڪيرٿر جبل، سندس ڇاڄهن ۽ روهڑي ڪوٽڙ جي



يورپ ۽ اولهه ايشيا ۾ چوٿون برفاني دور، اٽڪل 50.000 سال اڳ جنهن ۾ سندڙ جو
نقط اکرو علاقو ئي پاڻيءَ کان آجو آهي.

ٽکرين جو ڪردار مرڪزي آهي. ان يقين جا ڪارڻ آهن، جيڪي اڳتي هلي پيش ڪندس.

ڪيرٿر جبل جي مختلف شاخن ۽ روهڙي ڪوٽڙجي ٽکرين مان جتان پٿر واري دؤر جا اوزار لڀجن ٿا يا جتي پٿر جي دؤر جون غارون آهن، سي دراصل سنڌي تهذيب جا ننڍڙا ننڍڙا پر اهم چشما آهن، جن بعد ۾ جابلو، پاٽياري ۽ ميداني تهذيبن مهر ڳڙهه، ڪوٽڙجي، آمري، منچر يا مهن جي دڙي کي جنم ڏنو.

ڪيرٿر جبل (سمنڊ جي سطح کان سراسري اوچائي 5 هزار فٽ) سنڌ جي هاٿوڪي اتر اولهه واري سرحدي ڪنڊ کان سنڌ ۾ وڏندو سڄي اولهه سنڌ ۾ پکڙجي وڃي ٿو. سندس مکيه ڪرنگهو ڪرچات وٽ ختم ٿئي ٿو، پر سندس باقي پاسراتيون پِٽ، بدو، لکي، سورجاٽو، اِري، ڪانيو، مور، مڪلي، گنجو ۽ ٻيا جبل ۽ ٽڪر آهن، جيڪي هاٿوڪن دادو، ڪراچي، ٺٽي ۽ حيدرآباد ضلعن تائين پکڙيل آهن. (ارضياتي لحاظ کان ڪيرٿر جي عمر سادا ڇهه ڪروڙ سال آهي، جڏهن ته لکي سلسلو 11 ڪروڙ سال قديم آهي. همالين جي عمر ڪيرٿر کان ٻه ننڍي آهي جڏهن ته ڪارونجهر جي عمر ڪهٽ ۾ ڪهٽ ادائي ارب سال آهي.)

تاريخ ۽ قديم آثارن جي جڳ مشهور ڄاڻو 'ايڇ. جي. ويلس' سندس ڪتاب (The Outline of History) ۾ (صفحي نمبر (76 ۽ 83 تي) ۾ نقشا ڏنا آهن، جيڪي دنيا جي 50 هزار ۽ 25 هزار سال اڳ واري جاگرافيائي صورتحال کي پڌرو ڪن ٿا. نقشن موجب 50 هزار سال اڳ سڄي ميداني ۽ ريگستاني سنڌ، سڄو پنجاب، گنگا ماٿري ۽ ڪڇ جيترو پارتي ٽکرو پاڻي هيٺ هٿا جڏهن ته سنڌ جا اولهه وارا اوچا جبل، ٽکريون ۽ بلوچستان وغيره پاڻي کان آجا هٿا. 25 هزار سال اڳ جي صورتحال ڏسيندڙ نقشي ۾ سنڌ جا ميداني ۽ ريگستاني حصا، چولستان ۽ ڪڇ جو علائقو پاڻي هيٺ ڏسجي ٿو. باقي علائقي کي پاڻي ڇڏي چڪو هو.

هڪ صورتحال 'مانڪ بي. پٽاوالا' سندس ڪتاب Historical (Geography of Sindh) ۾ بيان ڪئي آهي.

" پوئين ارضياتي دؤر" ۾ سنڌوءَ جي وهڪري بابت هو صاحب (صفحي 235 تي) لکي ٿو ته، "سنڌوءَ جو ٽئين ارضياتي دؤر (Tertiary times) جي

پڇاڙيءَ ۾ سوالڪ ندي يا انڊو- برهم جو هيئيون حصو ٺهيو، جيڪو آسام پهاڙين جي علائقي کان اولهه رخ ۾ همالين جي پيرن کان ٽيندو هاٿوڪي سنڊو، گنگا ۽ برهمترا جو گڏيل پاڻي ڪٽي ٿي آيو ۽ پوٺوار وٽان سڌو ڏکڻ طرف مڙي آخرڪار سمنڊ ۾ ڪنهن اهڙي هنڌ ٿي پيو جيڪو هاڻي ڪچ يا ڪاٺياواڙ آهي. اها ڳالهه هاڻي پاڻيءَ واري زندگي بابت مواد جمع ٿيڻ سان ثابت ٿي چڪي آهي."

پٺاوالا لکي ٿو ته، "وادي ۾ سڀ کان اوائلي انساني آمد ضرور اولهه وارن اوچن جبلن جي لکن مان ٿي هوندي، جيڪي خوراڪ، گاهه ۽ پاڻي جي تلاش ۾ پهتا هوندا. انهن سڀ کان پهرين پاڻ کي ٽئين ارضياتي دؤر وارن جابلو پاڳن ۾ ڪوهستان واري پاڳي خاص طور تي بارڻ، نئنگ ۽ هنڌڻي وادين ۾ آباد ڪيو هوندو. شايد گهٽي بارش ۽ پهاڙي ندين ۽ پرپاسي جي چن ٽکرين ۾ چقمقي پٿر جي موجودگيءَ سبب ائين ڪيو هوندائون. اوائلي پٿري ماڻهوءَ پنهنجيون پهريون فيڪٽريون هتي قائم ڪيون. اڄتي وڏا مهل ڪنجهي واري دؤر جو ماڻهو منجهر ۽ سنڊو ماٿري (اولهه نارا) طرف وڌيو..."

'ايڇ. ٽي. لئمبرڪ' سنڌ ۾ جن اهم پٿري دور جي ماڳن جي نشاندهي ڪري ٿو، انهن ۾ روهڑي ويجهو چن- پٿر جي ٽڪري ۽ ڪوٽڏجي به شامل آهن جيڪي پلائسٽوسين زماني جي پوين ڏينهن جون به ٿي سگهن ٿيون. ان هنڌ چقمقي پهڻ گهٽو ٿئي ٿو. سندس اطلاعن ۾ ٻيو ماڳ ڪراچيءَ جي اوپر ۾ واگهو ڏر آهي جنهن جي پرپاسي مان اهڙن اوزارن جي سڃاڻپ ڪئي وئي آهي.

لئمبرڪ ٻڌائي ٿو ته اهڙا ڪيترائي ماڳ وچولي ڪوهستان ۾ ۽ سامونڊي ڪپر سان ڏاکڻين ٽکرين وٽ به آهن، جن مان ڪيترن هنڌن تي اهي ڪنجهي واري زماني (Bronze Age) سان واسطو رکندڙ ٽکر جي ٽانون وارين تهذيبن سان سڌي لاڳاپي ۾ ملن ٿا. سندس خيال آهي ته جن هنڌان گول هڏا ۽ ڏار وارا پٿري اوزار چڙوچڙ ملن ٿا، متان اهي نيوليٿيڪ بدران ڪنجهي واري زماني جا هجن.

لئمبرڪ پٿر جي نندڻن اوزارن جي هڪ تهذيب جي نشاندهي به ڪري ٿو، جيڪا سنڌ جي ڏکڻ اولهه ۾ هئي. اهي پهرينءَ جي چند جهڙا اوزار، گمان آهي ته مڇي مارڻ جي ڀالن يا شايد تيرن جا ڦر هجن. هو ٻڌائي ٿو ته

اهڙن اوزارن جي ناهڻ جو هنر ڏاکڻي ۽ الهندي هندستان ۾ گهڻو پکڙيل هو. لئمبرڪ کي سنڌ ۾ اهڙن اوزارن جي موجودگيءَ جي جاڻ 'ڪيپٽن ريڊ ڊڪ' (Reid Dick) 1941ع ۾ ڏني هئي، جنهن ڪراچيءَ جي درگ روڊ جي ڏکڻ ۾ هڪ ڏوري جي پٽ تان ان جا نمونا لڌا هئا.

لئمبرڪ، اين جي مجمدار جي حوالي سان جن وٽجارڪين واٽن (Trade Roots) جو ذڪر ڪيو آهي، اهي واٽون پڻ پٽري ڏور جي ماڻهن جون ڪوجناڻون سمجهڻ گهرجن. ڇاڪاڻ تہ انهن ئي هنن علاقن ۾ رلي رلي اهي واٽون ٻوليون ۽ انهن کي بنايو ۽ پوءِ انهن ئي واٽن تي چشمن لڳ پنهنجي لاءِ مستقبل وارين انهن آبادين جا بنياد وڌا، جيڪي اڄ اسان کي ڪنڌرن جي صورت ۾ ملن ٿيون.

ڪوهستان جي مکيہ واٽ منچر کان شروع ٿي 70 ميل پري ٽيڪ ڏکڻ طرف هلي نئن بارڻ جي ميدان ۾ داخل ٿئي ٿي. ان واٽ تي 10-10 ۽ 15-15 ميلن جي وٿين تي مجمدار قديم آثار لڌا آهن. اهي آبادیون پوءِ زلزلن يا ڪن ٻين موسمي تبديلن سبب چشما سڪي وڃڻ ڪري ڇڏي ويون (تفصيل لئمبرڪ). ان واٽ جا اهم ماڳ گاجي شاهہ، ٽنڈو رحيم، نئنگ، ڪائي، ٽڪو ٻئي، ٻنڊڻي، ٻاڙڪي، ڏلهہ، چورلو، پوکڻ، ڪرچات ۽ ڪوهتراش وغيرہ آهن.

سنڌ جي ٽاڪرو علاقي ۾ داخل ٿيڻ جا اولهہ وارا لنگهہ بنهہ ٿورا آهن. ان جو سبب صرف اهو آهي تہ انهن جبلن جو سلسلو اتر کان ڏکڻ آهي ۽ اهڙي طرح اهي اولهہ کان اوپر طرف سفر ۾ اوچيون رکاوٽون بنجن ٿا. پر، اهي هنڌ جتي اهي قدرتي لڪ آهن يا سوليون گذرگاهون آهن، سي اوٽلي وقتن کان لنگهن جي حيثيت اختيار ڪندا ويا.

بلوچستان ڏانهن هڪ رستو منچر کان جهالاوان طرف وڃي ٿو ۽ جبل نسبتاً گهٽ ڏکيا ۽ ننڍا آهن. اڪثر لڪ سمنڊ جي سطح کان 3 هزار فوٽ مٿي آهن. بلوچستان واري حد سارونا ۽ حب واري آهي. سارونا ماڻري سمنڊ جي سطح کان هڪ هزار فوٽ مٿي آهي. هتان ٻہ مکيہ واٽون اچن ٿيون. اتر واري واٽ هينياهين ۽ سولي Trepori لڪ کان ٽيندي ڪڏي جبل لتاڙي حب ماڻريءَ ۾ داخل ٿئي ٿي، جتان Musefari لڪ کان ٽيندي، ڪيرٿر جي هڪ ننڍي ٽڪر تان ٽيندي، نئن لوئي کان ٿي، ڪيرٿر ٽپي گري (Garro) لڪ وٽان ٿي، نئہ انگئي جو پاسو ولي منچر پهچي ٿي. اها واٽ خانہ بدوش بروهي

استعمال ڪن ٿا. ٻي وات ڪوهستان جي ڏکڻ واري پاڳي سان ملي ٿي ۽ ڏاڍي سولي آهي. اها سارونا ماٿري کان نڪري، سارونا نديءَ مان ٿيندي آري پير وٽان نڪري، حب ٽپي، ديوانا لتاڙي، دريجي وٽان حب جي ڏڻ پرو ندي بيلي ٽپ اچي ٿي. جتان گز ماٿري ٽپي تونگ وٽ نئن بارڻ جي مٿانهين ۾ داخل ٿئي ٿي (تاريخ کان اڳ واريون تهذيبون: لئمبرڪ). سڄي جبل ۾ اهڙا ڏهاڪو ڪن هنڌ مس هوندا جتان لاڏو آڻ لنگهي سگهن ۽ ا نهن منجهان اڌ ته هڪئي جي ويجهو آهن (سنڌ جو تاڪرو علائقو: لئمبرڪ).

تنهن ڪري سمنڊ جي حددخلي ۽ قديم آثارن کي نظر ۾ رکندي اهو سمجهجي ٿو ته سنڌ ۾ 25 هزار سال اڳ تائين سنڌي ماڻهوءَ جي سموري سرگرمي ان خطي ۾ رهي آهي، جيڪو اڄ سنڌ جو جابلو پاڳو آهي.

سنڌ ۾ انساني سرگرميون

جاگرافيائي لحاظ کان دنيا جي چوٽين برفاني دؤر جي پڄاڻيءَ کان پوءِ وارو دؤر انساني ثقافت جي ارتقا جي لحاظ کان پيليوليٿڪ دؤر آهي. جيڪو گهٽ ۾ گهٽ 20 لکن سالن کان ونجي 20 هزار سال ق.م تائين چيو وڃي ٿو.

سنڌ جي جابلو علائقن ۾ خشڪيءَ وارن جانورن جي لڏ پنڌ پاهٽن جو ذڪر ڪرڻ کان اڳ پٿر جي دؤر جي باقي زمانن جو مدو به ذهن ۾ رکي ڇڏجي. پٿر جو وچون يا ميسوليٿڪ دؤر(Mesolithic Age) لڳ ڀڳ 20 هزار ق.م کان 12 هزار ق.م تائين ڪٿيو ويو آهي. جڏهن ته پٿر جو آخري زمانو (Neolithic Age) لڳ ڀڳ 12 هزار سالن کان 5 هزار سال ق.م تائين سمجهيو وڃي ٿو. ايڇ. جي. ويلس اوائلي ثقافتن جي ارتقا سمجهائڻ لاءِ نيوليٿڪ زماني جي عرصي بابت ڏنل چارٽ ۾ مصر ۽ ميسوپوٽيميا باب ٻڌايو آهي ته اتي 18 هزار ق.م ۾ انسان نيوليٿڪ دؤر ۾ داخل ٿيو ۽ ان کان ترت پوءِ يا ساڳئي وقت زراعت جي شروعات ٿي، جڏهن ته ڪنجهي جو دؤر 6 هزار ق.م ۾ شروع ٿيو. هوڏانهن يورپ ۾ نيوليٿڪ ماڻهن جو پکڙجڻ 10 هزار ق.م ۾ شروع ٿيو ۽ انهن 8 هزار ق.م ۾ ڏنڊن ڪناري پهريون آبادیون قائم ڪيون. يورپ ۾ ڪنجهي جو زمانو 3 هزار ق.م ۾ شروع ٿيو. پر انهن سڀني زمانن کي سنڌ جي تهذيبي يا سماجي اوسر تي ان ڪري نٿو لهڪائي

سگهجي جو سنڌ ۾ ايڏا تائين (پٿري زماني جي حوالي سان) ان نوعيت جي کا وڏي پئماني تي کوجنا نه ٿي آهي.

1987ع ۾ 31 جنوري تي پاڪستان ٽيليويزن اي. پي. پي. جي حوالي سان ٻڌايو ته پوٺوار واري علائقي ۾ راولپنڊي کان 20 ميل پري راوت ويجهو 2 ملين (20 لک) سال پراڻا پٿر جا اوزار لڌا ويا آهن. اهي اوزار برٽش آرڪيالاجيڪل مشن ۽ ڊاڪٽر ابراهيم شاهه جي حوالي سان ڏيکاريا ويا هٿا جنهن جو تعلق جيالاجيڪل سروي آف پاڪستان سان آهي.

1976ع ۾ ٽيل هڪ کوجنا ۾ راماپٿيڪس پنجابيڪس نالي انسان ۽ بن مانس جي گڏيل ابي جي کاڏي، جو پنڌ پاهڙ ٽيل حصو لڌو ويو جيڪو 9 ملين سال پراڻو آهي. ٻئي طرف ان کان جلد ئي پوء پوٺوار واري علائقي مان ئي سواپٿيس انڊيڪس (Sivapithicus Indicus) نالي ساڳئي قسم هڪ ٻي مخلوق جي مڪمل کوپڙي لڌي وئي، جنهن جو زمانو 8 ملين سال اڳ وارو ٻڌايو وڃي ٿو. اهڙي، طرح پوٺوار جو علائقو 8 ۽ 9 ملين سال اڳ انسان جي اوائلي ابن جو وطن ثابت ٿئي ٿو. ساڳئي تسلسل ۾ نئين کوجنا دوران پتو پيو ته پوٺوار جي علائقي ۾ 2 ملين (20 لک) سال اڳ پٿر جا اوزار ناهيندڙ مخلوق رهندي هئي. سنڌو ماٿري مان لڌل سيواپٿيڪس جهڙي مخلوق جيڪا اوير آفريڪا مان به لڏي وئي آهي، هڪجهڙائي رکڻ جي باوجود فقط 3 کان 4 ملين سال پراڻي آهي. (تفصيل 'ڊان مئگزين' 20 فيبروري 1987ع).

پر انهن کوجنائن کان اڳ 1930ع ۾ 'جي. ايس. ٽوئيس' سوالڪ ٽڪرين (Sivalic hills) مان سوا ڪروڙ سال اڳ رهندڙ سيواپٿيڪس پنجابيڪس جي ڳاڙين جا ڪجهه ٽڪرا لڌا. اهي کوجنائون سنڌو ماٿري، جي اتر واري پاڳي ۽ پرپاسي ۾ ٿيون آهن. هيل تائين انسان نما وجود جو ايترو پراڻو ثبوت ماٿري، جي هيٺين حصي مان نه مليو آهي پر ساڳي قسم جي مخلوق جو پوٺوار ۽ آفريڪا ۾ وجود ظاهر ڪري ٿو ته ان جي وچ واري ڏرتي يعني هاٿوڪو ڪيرٽر اهڙن اهجاٽن کان محروم نه هوندو. هوڏانهن ڪيرٽر ۾ اهڙا ثبوت ضرور مليا آهن جن مان ظاهر آهي ته ان ٽي زماني ۾ هتي به خشڪي ۽ خشڪي وارا جانور موجود هئا.

1981ع ۾ لکي، ويجهو پڳي ٽوڙهي واري ريلوي اسٽيشن جي پرسان ٻن آمريڪي سائنسدانن البرٽ ۽ جوزف کي هڪ ڪروڙ ورهيه پراڻي ميموٽ

جي کوڙڻي سونڊ سميت، هڪ ڪوئي جون هڏيون، واڳونءَ جا ڏند ۽ ڪاٺ پنڊ پهڻ حالت ۾ مليا آهن. آمريڪا جي ڪنهن يونيورسٽيءَ ۾ زمين جي سائنس واري شعبي سان لاڳاپيل اهي ماهر پاڪستان سرڪار جي دعوت تي تحقيق ڪرڻ آيا هئا. هت آيل اهي شيون وڌيڪ تحقيق کان پوءِ اسلام آباد ميوزم ۾ جمع ٿيٽيون هيون. ('هلال پاڪستان' 25-؟-1981ع).

سوان ماڻريءَ مان ملندڙ اوزار ٻڌائين ٿا تہ انهن ماڻهن هڪ کان وڌيڪ قسم جا اوزار ٺاهڻ سکي ورتا هئا. پر سندن چيٽيون ايتريون ناڪص هيون جو هو انهن مان ڪوبہ ڏينگ جو اوزار ٺاهي نٿي سگهيا. سندن اوزار ايترا ادڻگا هئا جو عام اک کي رواجي پٿر محسوس ٿين ٿا. ان ئي قسم جا اوزار سنڌ ۾ روهڙي، ڪوٽڙجي ٽکرين ۾ "پير سرهيو" ماڳ وٽان بہ لڌا ويا آهن. اهي گول پٿرن کي ڇڪي ٺاهيا ويا آهن. ساڳيو ماڳ سنڌو تهذيب واري دؤر ۾ ٻيهر آباد ٿيو هو.

ڀريون پٿر ڳهڙي جيئن ئي ماڻهو پٿر جي اوائلي يا پٿر جي پريات واري دؤر ۾ آيو. اهو شڪار جو اوائلي دؤر ٻڌيو. پوٺوار، هزاره ۽ مردان جي ضلعن ۾ اهڙيون ڪافي غارون لڌيون ويون آهن جيڪي پٿري دؤر جو تسلسل سمجهيون وڃن ٿيون. انهن ۾ انساني ڪرتن متعلق ڪجهہ ٻيا تفصيل بہ نظر آيا. مردان جي غار "سنگهاؤ" مان جانورن جون سڙيل هڏيون مليون آهن يعني پٿري دؤر جا ماڻهو غارن ۾ رهڻ واري زماني ۾ باهہ جي استعمال سان گڏ پڪل گوشت جي ذائقي کان بہ واقف ٿي چڪا هئا.

ڪجهہ ماهرن جو خيال آهي تہ سنڌوءَ جي ڪنارن تي پٿر جو ٻيو دؤر زراعت سان گڏوگڏ اڄ کان اٽڪل 10 هزار سال اڳ شروع ٿي چڪو هو. پر ان دعويٰ کي ثابت ڪرڻ لاءِ اسان وٽ ڪوبہ ٺوس ثبوت ڪونهي. ان دعويٰ جي حق ۾ جيڪي بنياد ڏنا ويڃن ٿا تن جو پاڻ ۾ ڪوبہ ربط ناهي. دراصل هيل تائين جمع ٿيل مواد ايترو معمولي ۽ ناڪافي آهي جو ڪابہ پڪي ڳالهہ نہ ٿي چئي سگهجي ۽ نہ ئي زمانن جي قطعي عمر طئہ ڪري سگهجي ٿي. خاص طور تي ان وقت، جڏهن ٻئي طرف اها دعويٰ بہ ڏاڍي مضبوطيءَ سان ڪئي وئي آهي تہ پٿر جو وچون دؤر اڄ کان اٽڪل 12 هزار سال اڳ ختر ٿي چڪو آهي. انهن زمانن دوران انساني ڪارڪردگي هن ريت بيئل سمجهي وڃي ٿي تہ 20-30 لک سال اڳ کان 20-25 هزار سال اڳ واري عرصي ۾

انسان پنهنجيون ضرورتون پوريون ڪرڻ لاءِ پٿر جا اوزار ٺاهيا ۽ غارن ۾ رهڻ شروع ڪيو. جڏهن ته زرعي دؤر پٿر جي آخري دؤر جي پڇاڙيءَ ڪان شروع ٿيو ۽ پٽري دؤر ڪنجهي (Bronze) جي دريافت ڪان پوءِ هوريان ختم ٿي ويو.

زراعت ۽ قديم ماڻهو جي حوالي سان ايڇ. جي. ويلس هڪ اهم وضاحت ڪندي لکي ٿو ته، "زراعت تهذيب ناهي.... تهذيب جي ابتدا ڪان اڳ غالباً 10-15 هزار ق.م ۾ يورپ ۾ نيوليٿڪ ڪلچر جي پکڙجڻ وقت پئسفڪ ۽ اٽلانٽڪ ڪنارن تي ڪٽڪ جي پيدائش پکڙي هئي. تهذيب، ڪٽڪ جي ڪڏهن ڪڏهن ۽ اتفاقي پوکيءَ ڪان وڌيڪ ڪجهه آهي. تهذيب اهڙي آبادي آهي جيڪا ڪنهن علائقي تي مستقل پوکي ۽ قبضي سان هجي ٿي ۽ جيڪا مستقل طور تي عمارتن ۾ رهائش پذير آهي ۽ ڳڙيل نظام ۽ ڳڙيل شهر آهي."

ويلس ٻئي هنڌ چوي ٿو ته، "ائين نه سمجهڻ گهجي ته خانه بدوشيءَ واري انساني ڪارڪرت مستقل آباديءَ واري مرحلي طرف وڌي آهي. ماڻهو خوراڪ جي حصول ۾ هوريان هوريان مختلف لاڙن ڏانهن وڌيو آهي. هڪ قسم جو ماڻهو آباد ٿيڻ طرف وڌيو آهي ته ٻيو واضح طور خانه بدوشيءَ ڏانهن وڌيو آهي. آباد ٿيندڙ ماڻهو خوراڪ لاءِ اناج طرف ۽ خانه بدوش ڪير جي ڪهٽي استعمال ڏانهن وڌيو. زندگيءَ جا ٻئي انداز مختلف رخن ڏانهن وڌيا آهن."

سنڌو ماڻريءَ ۾ ليجندڙ پٽري دؤر جي ڪن غارن آڏو زرعي سرگرميءَ جي واضح گنجائش آهي، جو اتي پليون زمينون ۽ پاڻي جو مناسب مقدار موجود رهيو آهي. ان لاءِ بهترين مثال ڪائيءَ واريون غارون آهن جتي اڄ تائين زراعت ٿئي ٿي.

بدقسمتيءَ سان اسان ڪي اڄ تائين سنڌو ماڻريءَ جي ڪنهن به پٽري آبادي ماڻ ڪو اهڙو اوزار نه مليو آهي جنهن کي اوائلي هر چئجي. پر اسان اهو ضرور محسوس ڪيون ٿا ته هن علائقي ۾ انساني تهذيب جي اؤسر جا سمورا ڏاڪا موجود آهن. مهر ڳڙهه واري تهذيب جيڪا 6 هزار ق.م جي آهي، "هر" واري گم ٿيل ڪڙيءَ کي ڳنڍڻ ۾ ڏاڍي مدد ڏني آهي. پٽري اوزار خاص ڪري چريون ۽ اڇلائي هٽڻ وارا گول پٿر اسان کي آمري،

ڪوٽڏجي ۽ موهن جي دڙي وارن آثارن مان ٻه جام ملن ٿا، جيڪي ٺڪريءَ واريون تهذيبون آهن.

سنڌ ۾ پٿر جي دؤر بابت ڪيل انفرادي جاکوڙ ۽ کوجنا جي آڌار تي اسان کجهه اهم نتيجن تي ضرور پهتا آهيون. پر ان سلسلي ۾ پراڻن آثارن جي کاتي ۽ ماهرن جي مربوط رپورٽن کان پوءِ ئي آخري ۽ حتمي نتيجا ڪڍي سگهبا. زمين هڪ ڪليل ڪتاب جيان آهي. هڪ اهڙو ڪتاب جنهن جي هر صفحي ۽ ڪنڊ تي انسان پنهنجي مشاهدي جو نقل ۽ پورهئي جو نشان ڇڏيو آهي. ذهن اها ڳالهه تسليم ئي نٿو ڪري ته دنيا ۾ ڪو ڏينهن اهڙو ٻه گذريو هوندو جڏهن اوائلي ماڻهن پنهنجي وجود جو ڪو نه ڪو مستقل نشان نه ڇڏيو هجي. وقت سنڌ ۾ ٻه پٿري دؤر جا نشان پڏرا ڪيا آهن ته جيئن دنيا کيرٿر ۽ "گهاڙ" واري پٿري دؤر جي حوالن سان ٻه انساني اؤسر کي زمان ۽ مڪان ۾ پرکي سگهي.

سنڌ ۾ پٿري دؤر جا کجهه ماڳ

سنڌ جون غارون ٻن قسمن جون آهن. هڪڙيون اهي جيڪي قدرتي آهن ۽ ٻيون جيڪي انسانن پنهنجن هٿن سان گهڙيون آهن. قدرتي غارن ۾ اڪثر اهي شامل آهن جيڪي جبلن ۾ پاڻي جي اندروني وهڪرن، گهارن يا ڇپن تي ڇپون ڪرڻ سبب وجود ۾ آيون. بعد وارن وقتن ۾ جڏهن پاڻي وهڻ بند ٿي ويو تڏهن انهن ۾ جانورن واسو ڪيو، جن ۾ خاص طور تي رڇ، شينهن ۽ ٻيا بجن وارا جانور هئا. ايڇ. جي. ويلس جو چوڻ آهي ته ماڻهوءَ کي ڪوشش ڪري انهن جانورن کي غارن مان ٻاهر ڪڍڻو پيو هوندو ته جيئن هو پاڻ انهن ۾ رهن ۽ ان ڏس ۾ باهه کارائتو هٿيار هئي. هو صاحب اهو ٻه چوي ٿو ته ماڻهو غارن ۾ گهڻو اندر نه ويو هوندو ڇاڪاڻ ته وٽن روشنيءَ جو انتظام نه هو، ان ڪري غارن جون اڃايون ڪندون پاسا استورن طور استعمال ڪيون هونداٿون. سنڌ ۾ هيل تائين پٿري دؤر جي لڌل کا ٻه قدرتي غار ايڏي اونهي ناهي جو ان ۾ روشنيءَ جو مسئلو پيدا ٿيو هجي.

ڪراچي لڳ پٿر جا کجهه اوزار ڪونڪر جي وچين ٺڪرين وارين وادين، لانديءَ جي ويجهو واقع ٺڪريءَ ۽ واگهو در جي پرپاسي مان هٿ آيا

آهن. اهي اوزار 50 هزار سال اڳ جا سمجهيا وڃن ٿا. اهڙي طرح ڪديجي ۽ مول وادي ۽ ڪان سواءِ ڳوٺ حاجي شاهه بيگ ۾ "پيارا" نالي ٽڪريءَ جي پاڙ سميت ڪجهه ٻين جاين تان به اوزار مليا آهن جيڪي 35 هزار سال اڳ جا چيا وڃن ٿا. ڳڏائي (بلوچستان) ڪان جنگشاهيءَ تائين به اهي آثار موجود آهن، جيڪي اڪثر برساتي ندين جهڙوڪ ڪَلو، رن پٽياڻي، ڪديجي، مول، ٽڏو ۽ شِر وغيره وٽان لڌا ويا آهن. ڪراچي يونيورسٽيءَ جي نئين ڪئمپس ويجهو به پٽري دؤر جا اوزار لڌا ويا آهن. انهن ڪان سواءِ حب نديءَ جي بند ڪان منگهي پير تائين به اهڙيون شاهديون آهن.

محترم حاڪم علي شاهه "ملير جي وادين ۾ قديم آثار" واري مضمون ۾ اهي تفصيل ڄاڻائيندي لکي ٿو ته انهن آثارن کي ٻن قسمن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. پهرين قسم جي ڪجهه آثارن ۾ قديم پٽر جي آخري دؤر جا آثار به شامل آهن ۽ لڌل اوزار شاهدي ڏين ٿا ته تڏهوڪو انسان مڇيون جهلينڊو هو. انهن ڪان پوءِ پٽر جو نئون دؤر شروع ٿئي ٿو، جنهن جا آثار اڄ به ملير جي وادين ۾ موجود آهن. پٽر جي انهن اوزار جي قدامت 8 هزار سالن تائين آهي.

حاڪم علي شاهه جي ان مقالي ڪان اڳ مانڪ پٽاوالا "تاريخ ڪان اڳ ۽ ابتدائي تاريخ دوران" واري باب ۾ لکي ٿو ته، "سنڌ جي اصل ماڻهن جي ڪهاڻي گم ٿي وئي آهي، پر انهن لاءِ ڇڻي سگهجي ٿو ته اهي، پٽري دور جا خانه بدوش شڪاري هئا ۽ پيليوليٿڪ ۽ ابتدائي نيوليٿڪ ٻنهي دؤرن ۾ زراعت سنڌن زندگيءَ ۾ شامل هئي ۽ ميڙي سنڌن مڪيه خوراڪ هئي ۽ گهٽو ممڪن آهي ته پٽر واري دؤر جي خاتمي وقت سنڌو تهذيب جي ماڻهن هن خطي مان ڪين هڪالي ڇڏيو هجي ۽ ان ڪان پوءِ اهي پرپاسي وارين ٽڪرين ۽ ٻيلن ۾ رهيا ۽ جهنگ وارن قبيلن، ٻيلن ۽ ويڊڪ لوڪن جا ابا ٿيا."

پٽاوالا جي هن خيال جي آخري حصي سان اختلاف رکي اهو چئي سگهجي ٿو ته پٽري دؤر وارا سنڌي ماڻهو ئي اڳتي هلي سنڌو ماٿريءَ جي عظيم تهذيب جا خالق ٿيا هوندا، ڇاڪاڻ ته اسان وٽ بهرحال اهڙو ڪوبه دليل يا ثبوت ڪونه آهي ته سنڌ جي اصلي ماڻهن کي وحشي ۽ نام نهاد آريا قبيلن يا سنڌو تهذيب وارن پاڻ سنڌو تهذيب جي عروج ڪان اڳ ماري ڇڏايو.

پٽاوالا (سر بي. فريئر جي حوالي سان) لکي ٿو ته انهن ماڙهن (پٿري لوڪن) سنڌ ۾ ڪجهه دلچسپ اهڃاڻ ڇڏيا آهن جن ۾ تاريخ کان اڳ جا ڪجهه پٿري يادگار، جهڙوڪ پٿري دور جون مخصوص قبرون (Dolmens)، قبرن جا نشان (Cairns) ۽ پٿري دائرا (Stone Circles) وغيره آهن. جيڪي سکر ۽ روهڙيءَ ويجهو لڌا ويا آهن. ٻيا نشان ڪراچي ۽ حب وادي ۾ (جيئن ڪرنل ايم. ٽيلر، ٽيلس آف راجستان ۾ ڄاڻايو آهي) آهن. ڪيهرو (Kehru) وادي ۾ غارون، واڳهو در ويجهو خاص قسم جون قبرون، گهگهر نديءَ جي ساڄي ڪناري تي "ڪافر ڪوٽ" وارو پٿري احاطو، ۽ نيوليٿڪ قربان گاهون (Altars) وغيره پڻ پٿري دؤر جون نشانيون آهن جيڪي مول ماڙي، انڙپور ۽ ٺرڙو (گجو) وٽ آهن.

مسٽر جي. اي. ڪارٽر حيدرآباد ويجهو ٽنڊي غلام حسين، حيدرآباد واري گنجي ٽڪر، گنجي ٽڪر تي ڪالي مندر، انڙپور ريلوي اسٽيشن ويجهو ڪارڙي پوئي، انڙپور لڳ ويجهي ٻُڌي (Veji Bathi)، رڻ پٽياڻي، جنگشاهي جبل جي چوٽي، ڪوٽڙيءَ ويجهو جنگهڙي مڪان (Janghri Makan) گجي شهر لڳ ٺرڙو ٽڪري، جهرڪ لڳ ٻڌ جو ٽڪر، ڪوٽڙي سيٽلمينٽ نمبر 1، ڪوٽڙي سيٽلمينٽ نمبر 2، ڪراچي جي حدن ۾ Bado Pauri (وڏي پهاڙي؟)، ڪوٽڙي لڳ Chota Pauri (ننڍي پهاڙي؟) ۽ ٻولهاڙي ٽڪريءَ تان شاندار پٿري اوزار لڌا آهن جن ۾ ڪرڙيون، بليڊ، چقمق جا گڏيل اوزار، ابتدائي ڪهاڙيون ۽ چيٽيون وغيره شامل آهن.

ڪارٽر جي خيال ۾ انهن مان ڪجهه نشان مائڪروليٿڪ دؤر جا ۽ ٻيا نيوليٿڪ دؤر جا آهن جن جو عرصو 6 هزارن کان 8 هزار سال ق.م تائين آهي. سندس خيال آهي ته اهي اوزار تاريخ کان اڳ وارين ڪن مرڪزي فيڪٽرين جهڙوڪ روهڙي وغيره ۾ تيار ٿيا. ذڪر ڪيل ماڳن تان لڌل اوزار پرنس آف ويلز ميوزم بمبئي ۾ محفوظ ٿيل آهن.

انهن مان هڪ ماڳ "ڇوٽا پهاڙي" ڪوٽڙي سائيٽ ايريا ۾ واقع مسيحي ڪالوني ۾ آهي، جيڪا يونين ڪائونسل ٻولهاڙي،جي ديهه سونو لهار ۾ آهي. اها غار جولاءِ 1989ع تائين وڏي حد تائين سلامت هئي، پر 10 آگسٽ 1989ع تي ڏڻو ويو ته مسيحي ڪالونيءَ ۾ توسيعي رٿا سبب اها ٽڪري هڪ ماڙهوءَ کي الاٽ ٿي چڪي هئي، جنهن بلڊوزن جي مدد سان ان

کي تقريباً سڌو ڪري ڇڏيو هو.

هوڏانهن پٿاوالا نيوليٿڪ زماني ۾ ڪوٽڏجي، نارو دڙو، ٽرڙو، اروڙ وغيره جي اوزارن کي ڳڻي ٿو ۽ دليل ڏئي ٿو ته انهن علائقن ۾ چقمقي پٿر ۽ ٻيو گهربل پٿر وڏي تعداد ۾ موجود آهي ۽ اهو به ممڪن آهي ته سنڌو ندي انهن ماڳن جي ڀر مان لنگهي هئي. مٿي ذڪر ڪيل ماڳن مان گجي لڳ ٽرڙو وارو ماڳ ڪُزنس (Cousens) ۽ مجمدار به جاچيو هو ۽ ان کي عاليشان نيوليٿڪ آبادي سڏيو هو.

پٿري دؤر تي نظر وجهڻ سان گڏ اهو ذهن ۾ رکڻ گهرجي ته ڪنجهي (Bronze) جو دؤر اڄ کان 6 هزار سال اڳ شروع ٿيو جڏهن ته لوهه 3 هزار سال اڳ (1000 ق.م) ۾ دريافت ٿيو ۽ ڦيٿي وارو انقلاب 6 هزار سال اڳ آيو پر پٿري اوزار ٺڪر وارين تهذيبن ۾ به نفاست سان گهڙجندا رهيا.

سنڌي ماڻهن غارن ۾ رهڻ ڪڏهن کان شروع ڪيو؟ ان باري ۾ کا حتمي راءِ ڪنهن به نه ڏني آهي پر ماهر ان راءِ تي متفق آهن ته غارن ۾ رهڻ کان اڳ انسان جهوپڙيون ٺاهڻ سکي چڪا هئا. هو قدرتي ۽ اونهين غارن ۾ تڏهن آيا جڏهن باهم دريافت ڪيائون. غارن ۾ رهڻ وڌيڪ محفوظ هو. پر پوءِ انسان هڪ ٻيرو ٻيهر غارن مان نڪتو ۽ باقاعدي ميداني زندگي گذارڻ لڳو. اهو شايد تڏهن ممڪن ٿيو جڏهن هن ڏٺو ته جبل ۾ هٿرادو غارون کوٽڻ گهٽو محنت طلب ڪم آهي ۽ پٿر جي قدرتي بلاڪن سان ديوارون ٺاهي انهن کي ڪائين جي چت ڏيڻ وڌيڪ سولو ڪم آهي. غارن ۾ رهڻ کان اڳ يا ساڳئي وقت ۾ يا ان کان پوءِ واري پٿري دور جون جهوپڙيون ڪٿي ڪٿي قائم هيون؟ ظاهر آهي ته اهو ڪاٽو لڳائڻ هن وقت تمام مشڪل آهي، ڇو ته اهڙيون ڪچيون اوٽون هزارن سالن جي عرصي ۾ باقي نٿيون رهي سگهن ۽ هاڻي انهن جو نالو نشان به نه هوندو. پر، اسان کافي اعتماد سان اهو چئي سگهون ٿا ته اڇڪلهه سنڌ ۾ ملندڙ تقريباً هر اها غار جيڪا انسان جي هٿن جي گهڙيل آهي، پٿري دؤر جي آهي.

اها ڳالهه واضح آهي ته سنڌو ماڻريءَ واري تهذيب جا بنياد وجهندڙ اوائلي سنڌي ئي هئا. هتي باهرين آباين يا قومن جي وڏي مداخلت جا سپ کان پهريان ۽ اهم واقعا اتر وارن علائقن کان آرين وارا سمجهيا وڃن ٿا ۽ ان کان پوءِ ئي سنڌو سيبيتا نوان رخ اختيار ڪيا. انهيءَ بنياد تي اهو چئي

سگهجي ٿو ته پٿر جي دؤر واري سنڌي انسان سنڌو ماڻريءَ جي تهذيب جي عروج تائين ٻاهرين مداخلت کان وڌي حد تائين آجي حالت ۾ ارتقا جا ڏاکا طئ کيا ۽ جيکڏهن کي اثر قبول کيا ته پاڙيسرين سان ثقافتي لهه وچڙ ذريعي کيا، جيکي گهٽو ممکن آهي ته جبري نه هئا.

سنڌو تهذيب جا خالق جبلن ۾ نپجي زرعي دور ڏانهن وڌيا. ان جو ثبوت موهن جي دڙي کان اڳ وارين تهذيبن مان "ديوي ماتا" جو لپجڻ آهي. "لاکيو" (Lakhiyo) نالي ماڳ تان ديوي ماتا جون مورتيون لڌيون ويون آهن. اهو ماڳ سنڌو ماڻريءَ واري تهذيب جو حصو ضرور آهي، پر ان جو محل وقوع منڇر ڍنڌ کان ڪجهه اتر طرف آهي. ساڳئي نموني جون مورتيون کلي ميهي تهذيبن جي خصوصيت ٻه آهن جن جو مکيه علائقو جهالاوان جي ڏکڻ ۽ اولهه مکران جي اوپر ۾ آهي، ان ۾ نال وارا ٻه کيترا علائقا اچن ٿا. اهو علائقو آمري تمدن جي الهندي حدن سان هم قدم هو. جيسين کا پوري ثابتي نه ملي تيسين ايئن سمجهي سگهجي ٿو ته آمريءَ وارا ٻه ايئن ئي پوڄا کندا هئا. آمري تهذيب وارن سنڌ بلوچستان سرحد وٽ اتر کان اولهه وارين ماڻرين جو ذري گهٽ سڄو حصو والاري ڇڏيو هو. (تفصيل: تاريخ اوائلي تهذيبون: ايڇ ٽي لئمبرڪ)

سنڌ ۾ پٿري دؤر وارا کي لوڪ مڃيءَ تي گذارو کندا هئا. پاڻ اهڙو ذکر کري چکا آهيون ته اهڙا اوزار کراڇيءَ جي ڀرگ رود جي ڏکڻ ۾ هڪ نالي جي ٻڪ تان ملیا هئا. مڃي مارڻ وارا يقين هڪ هنڌ ٽکاٽو رکي ئي گذارو کري سگهن ٿا ۽ اهي خانه بدوش ٿي نٿا سگهن. موهن جي دڙي تائين مڃيءَ کي مليل بنيادي اهميت منڇر تهذيب يا ان کان ٻه اڳ پٿري دؤر جي گهاتوئڙن کان هلندڙ سلسلو آهي.

منڇر ڍنڌ کي ته سنڌوءَ جي پائيءَ جڏهن عظمت بخشي تڏهن بخشي پر منڇر ۾ پائي ته تڏهن کان موجود هوندو جڏهن کان هتان سمنڊ هٽيو ۽ الهندي وارن جبلن ان ۾ مٿو پائي ڇڏڻ شروع کيو. اهو وقت اڄ کان اڳ 25-50 هزار سال اڳ وارو ٿي سگهي ٿو.

هوڏانهن محترم تاج صحرائي، جنهن کائي ماڻريءَ ۾ پٿري دور جون غارون دريافت کيون آهن، انهن کي پراڻي پٿر واري دؤر جو حصو سڃهي ٿو ۽ انهن جي عمر اٽکل چاليهه هزار سال کٿي ٿو (پٿي لوڪ، رگ ويد جي

دؤر جا سنڌي: تاج صحرائي) صحرائي صاحب کيرٿر جبل ۾ ڪجهه اهڙن ماڳن جي نشاندهي ۽ ڪري ٿو جتان پٿري اوزار ۽ بليڊ ليجن ٿا. انهن ۾ بلهي جي ٻني، ٻنڌڻي ۽ هوٿياٽو شامل آهن. صحرائي صاحب هوٿياٽي ڪي خاص طور تي اهميت ڏيئي ان کي شروعاتي نيوليٿڪ دؤر وارو ماڳ سڏيندي ٻڌائي ٿو ته انهن ماڳن تي پٿري اوزارن جون فيڪٽريون هيون (سنڌو تهذيب: تاج صحرائي.)

ڪائيءَ واري ماڙي جي تسلسل ۾ ٻڌي جبل ۾ ٽئنگ وٽ ٽئنگ ندي‌ءَ جي اوپر ۾ واقع غار، لڪي ۽ آمري وچ ۾ جبل جي پاڙ ۾ ٻزن جهڏو/ ٻزن ڪوٽ ۽ لڪيءَ واري چشمي وٽ زمين دوز غار ۽ پٿري دؤر جا يقيني ماڳ آهن ۽ اهي انساني هٿن جا تراشيل آهن.

هوڏانهن ڪوٽڙيءَ وٽ ٽيليگراف ڦاٽڪ جي اولهه وارين ٽڪرين ۾ اوپر طرف اٽڪل 8 فوٽ ڊگهي ۽ 5 فوٽ ويڪري هڪ غار هئي. ٻٽائي ڪالوني ڪوٽڙي (سائيٽ) پٽيان ٽڪرين ۾ ۽ 10-12 فوٽن جي هڪ غار ٻڌجي ٿي، جڏهن ته ٻولهاڙيءَ وٽ ٽڪرين ۾ ۽ اهڙين غارن جا ڏس آهن. مون اهي غارون اکين سان ڪونه ڏٺيون آهن پر هي اهوئي علائقو آهي جنهن جو ذڪر مسٽر ڪارٽر ڪيو آهي.

اسان جي سيلاني ساٿي علي بابا پڻ نئه بارڻ لڳ سورجاڻي جبل جي سلسلي ۾ ڪن هنڌن تي اوائلي وقتن ۾ پٿرن تي انساني هٿن سان پاتل ليڪن ذريعي ٽاهيل ديوين ۽ ديوتائن جون شڪليون ڏٺيون آهن. رني ڪوٽ ۾ پڻ ست اٺ غارون موجود آهن، جن مان اڪثر انساني هٿن سان تراشيل آهن. رني ڪوٽ مان ملندڙ پٿري بليڊ يقين انهن غارن سان تعلق رکندڙ آهن. محترم ظفر ڪاظميءَ رني ڪوٽ وارين ٽڪرين ۾ غارن لڳ هڪ ٻُٽ تي هڪ مناري نما پٿر جي ٽڻي تي جابلو جانورن جون اڪريل تصويرون ڇاڻايون آهن. جن ۾ سرهه ۽ گڏ نمايان هئا ۽ انهن سان گڏ اکري علامتون ۽ موجود ٻڌايون ويون آهن. ('هلال پاڪستان' 24 نومبر 1987ع.)

پير ٻني وارين ٽڪرين ۾ پاڻيءَ جي ڏهي مٿان پڙ ساڳي نوعيت جي غار آهي. جيڪا انساني هٿن سان گهڙيل آهي. اها غار پوءِ وارن وقتن ۾ جوڳين جي تپسيا لاءِ ڪم آندي وئي، پر هاڻي ويران حالت ۾ آهي ۽ ان ۾ چمڙن جو واسو آهي.

مڪليءَ جي ٽڪرين ۾ نيشنل هاءِ وي واري ولڙ ۾ موجود غار، جنهن تي اڪثر ڪنهن نه ڪنهن فقير جو قبضو هوندو آهي، ساڳئي سلسلي جي ڪڙي آهي. غار جي ٻر واري ڏوري ۾ ٻڌ قديم ماٹھن جي سرگرمي محسوس ڪري سگھجي ٿي. اهو ڏورو هندو ياترين لاءِ تيرٿ طور ڪم ٿي آيو. اتي اهڙا آثار ايا موجود آهن. جڏهن ته ڪلان ڪوٽ ۾ ڪالي مندر جي ٻنيان جابلو ڏار ۽ ڪندون پاسا ۽ ڏيان ڇڪائيندڙ آهن.


جهمپير کان 4-5 ميلن جي مفاصلي تي ڪينجهر جي ڪناري اسماعيلي فرقي سان تعلق رکندڙ ماٹھن لاءِ مقدس حيثيت رکندڙ ۽ غارون ۽ ٻڙي ڏور جي ماٹھن جي هٿن جو ڪمال آهن. انهن مان وڏي غار کي هاڻي سنگ مرمر جون ٽائلون هٽي "جديد" بڻايو ويو آهي، پر ساڳي غار ۾ واقع اندريون چئمبر ايا ۽ اوائلي صورت ۾ موجود آهي ۽ ان جي ڇت تي دونهين جي ڪارنهن جا تهه موجود آهن. جنهن مان ظاهر آهي ته ان ماڳ جا رهواسي باهه جو استعمال ڄاڻندا هئا. ساڳئي هنڌ ٻي سوڙهي غار ۽ موجود آهي.

سيوهڻ لڳ قلندر شهباز سان منسوب غار "يڪ ٽنبي" ڇٽو ٻڙي ڏور آهي ۽ ان ۾ قائم ٽنبي جي ڳهڙاوت، در ۽ باقي حصا ان جو ثبوت آهن. يڪ ٽنبيءَ واري ٽڪريءَ جي پوئين پاسي هڪ ٻي نندڙي غار لاوارث حالت ۾ آهي جنهن کي ٻڌ انساني هٿ لڳل آهن.

اتر سنڌ ۾ روهڙي ويجهو اروڙ وارين ٽڪرين ۾ "ڪالڪان" واري غار کي ٻڙي ڏور سان نسبت هئڻ واري ناتي سبب کان گهٽو ڇاتو سڃاتو ويڃي ٿو. اڌ گول ۾ ڦري ايندڙ هن غار جي هڪ ڪنڊ ۾ ڇت ٽُکي اتي اُپو ٻيهڻ جي جاءِ ٺاهي وئي آهي، جنهن لاءِ سمجهجي ٿو ته بعد واري زماني ۾ يوگ ۽ تپسيا لاءِ ائين ڪيو ويو هو. هتان لڏل اوزارن ۾ نندا وڏا بليڊ ۽ ٻيا ڇڙي اوزار مليا آهن، جيڪي ٽُکڻ واري عمل ۾ ڀڃي ڀري ٻيا هئا.

ڪائي

سنڌ واري ڏاهڪي ۾ محترم تاج صحرائيءَ ڪائي ماڙيءَ ۾ جيڪي غارون لڌيون انهن مان هيل تائين ٻڙي ڏور جو ڪوبه اوزار نه لڌو ويو آهي، جيتوڻيڪ ان جو ڪافي امڪان موجود آهي. دراصل هن طرف عام ماٹھن ۽



ڪائيءَ واريون غارون (ست گهريون)

سياحن جي اڇ وڃ نه هئڻ برابر آهي. اهي غارون سيوهڻ کان 40 ڪن ڪلو ميٽر اولهه ڏکڻ ۾ بدي جبل جي پاسراتين ۾ اوپر رخ ۾ آهن جن کي مقامي ماٺهو "جنن جا گهر" سمجهندا ۽ "ست گهري" سڏيندا رهيا آهن. واقعي! اوائلي ماٺهو جنن کان گهٽ ڪونه هئا جيڪي هڙين سخت حالتن ۾ اگهاڙي فطرت ۾ بقا جي جنگ ڪاميابيءَ سان وڙهي سگهيا.

ست ئي غارون هڪجهي سان بلڪل ائين ڪنديل آهن جيئن انهن جا مالڪ هڪجهي سان سماجي رشتن ۾ جڪڙيل هوندا. صرف هڪ غار ڪجهه قدمن جي مفاصلي تي الڳ ٿلڳ آهي جيڪا شايد گدام طور استعمال ٿيندي رهي هجي! پر ان خيال کي هٿي ڏيڻ لاءِ اسان وٽ ڪوبه ثبوت ڪونهي. هڪ راءِ اها به آهي ته اها آخري غار اصل ۾، غار نمبر 7 جو اندريون چئمبر آهي ۽ هن وقت ان چئمبر جي آڏو نظر ايندڙ اڳڻ اصل ۾ پاڻ غار نمبر 7 هئي جنهن جي ڇت ڍهي پئي آهي. انهن مان هر غار سراسري طور تي اڇڪلهه جي ڪنهن وچولي ڪمري جي برابر آهي ۽ انهن جون ڇتيون بي ڊوليون گهڙيل آهن. انهن ۾ به غارون اهڙيون به آهن جن جي اندر چئمبر آهن. سڀئي غارون هٿرادو آهن، پر انهن جا دروازا غارن جي مالڪن ڏاڍي مهارت سان پٿر جي چيڻين سان ٽڪي ٺاهيا آهن. (تصويرون ڪتاب جي آخري صفحن تي.)

محسوس ٿئي ٿو ته ٽڪجڻ کان اڳ انهن ڇُرن جا قدرتي دروازا ايترا سوڙها هئا جو کين رڙهي اندر ٽيٽو پوندو هوندو ۽ اها ئي ڳالهه کين نه وٺي. تڏهن هنن چيٽي ڪنئي ۽ ٽڪڻ شروع ڪيو. ڪجهه دروازا ٽن ٽن فٽن جي چوڪنڊين درين وانگر ٺهيا، جڏهن ته ڪن جي اوچائي پنج سادا پنج فوٽ ٺاهيائون. ائين ٿو لڳي ته جڏهن اهو قديم قبيلو اتي آباد ٿيو، انهن ڇُرن ۾ موجود جاءِ هنن لاءِ ڪافي هئي پر جڏهن وقت سان گڏ آبادي وڌي سڌ ستر ماٺهن تائين پهتي، تڏهن کين وڌيڪ گنجائش حاصل ڪرڻ لاءِ ديوارون ٽڪٽيون پيون. پر ٽُڪڻ جي ان عمل ۾ هنن ڪمزور ڇت کي به نظرانداز نه ڪيو ۽ ڇت جي سهاري لاءِ هن کان ٽي فوٽ ويڪرا ۽ ڇڻ کان پنج فوٽ اوچا ٿنڀا ڇڏي ڏنائون. اهڙا ٿنڀا هن غارن ۾ موجود آهن.

هن ننڍڙي وسنديءَ کان ٿورو پرتي هزارن سالن کان اڇ تائين مسلسل وهندڙ مٺي پاڻيءَ جو قدرتي ۽ طاقتور چشمو آهي. اسان وٽ ان کان سواءِ ٻيو ڪوبه رستو ناهي ته اسان اهو قبول ڪيون ته ان چشمي جو پاڻي انهن


قديم ماڻهن جي استعمال هيٺ رهيو چاکاڻ تہ کنهن ہڪ پاڻيءَ جا ذخيرا يا نشان ويجهڑائي ۾ کونهن. انهن ئي غارن کان ٻورو پريرو هڪ ٻُڌيءَ تي آمري دؤر جو ٽکراتو موجود آهي، جنهن مان لڳي ٿو تہ جڏهن هيءَ پٿري ثقافت ايجا وڌيڪ اُسري تڏهن انهن جي پونئيرن هن ٻُڌيءَ کي آباد کيو.

گنجو ٽکر


اپريل 1986ع جي ڳالهہ آهي جڏهن مان حيدرآباد جي گنجي ٽکر ۾ صديون پراتو مندر ڏسڻ ويو هئس، سامهون پٿر جي دؤر جي هڪ ہي آبادي بيٺي هئي. هي آثار چئن حصن ۾ ورهايل آهن، جن مان ہہ حصا اڄ ہہ موجود آهن. پهرين ہڪ ءِ ٽئين حصي ۾ هڪ هڪ غار آهي جڏهن تہ چوٽين حصي ۾ ايڏنگيون چُرون هيون، جن سوڙهن وراندن جي ڏک ٽي ڏني. چوٽين حصي کي مهڙ ۾ سخت موسمي حالتن ءِ برساتن تباهہ کيو ءِ باقي تباهي حيدرآباد جي صنعتي ترقيءَ سبب ٿي، جنهن ۾ ان حصي کي ڀاهي ختم کيو ويو آهي. سائيٽ جو پهريون حصو کالي مندر جي پر ۾ اڌ پوريل غار آهي جيکا اڄ ہہ مندر جي حصي طور استعمال هيٺ هڻڻ کري محفوظ آهي. ان غار بابت روايت آهي تہ شاهہ عبداللطيف پٽائيءَ ان ۾ ہہ عبادت کئي آهي. (تصوير کتاب جي آخري صفحن تي.)

هتي اها ہہ وضاحت کجي تہ هي کالي مندر، سيوهڻ واري يک ٽنبي يا اروڙ وارو ماڳ گهٽو پوءِ ان وقت عقيدت وارن ماڳن ۾ تبديل ٿيا، جڏهن کن پکشوئن، صوفين، ويدانيتن يا رشين انهن ويران هنڌن تي رياض يا تپسيا کئي ءِ پوءِ انهن جي پيروکارن غارن کي مقدس تصور کيو. انسان لاشعوري طور تي هر ان جاءِ، مکان ءِ وڻ کي مقدس سمجهي اهميت ڏني آهي، جتي سندس ماضيءَ ۾ اٹ چٹو ئي سهي، کو رشتو هجي. اهو انسان جو فطري جذبو آهي.

گنجي ٽکر جون غارون هڪٻئي کان اٽکل اڌ کلوميٽر جي دائري ۾ هل پارک ويجهو آهن. پهرين، پي ءِ ٽين غار جا دروازا کائيءَ وارين غارن وانگر پٿر جي چيٽن سان ٽکيل آهن پر انهن ۾ ڏاتوءَ جي چيٽيءَ سان ٹُک ہہ موجود آهي، جيکا بعد وارن زمانن ۾، شايد ہڌن يا کاليءَ جي پوچارين



ڪالي مندر وٽ گنجي ٽڪر ۾ غار نمبر ـ 1 جنهن جو اڌ دروازو ڏڪجي ويو آهي.



گنجو ٽڪر غار نمبر ـ 2.

۽ ياترين ان وقت ڪئي جڏهن هنن غارن ۾ گهرج آهر ترميم ڪئي. هنن غارن جون چتيون ۽ گولائيءَ ۾ گهڙيل آهن. ٻئي نمبر واري غار کي گوندرائي (بلوچستان) غارن وانگر ورانڊو ۽ آهي جنهن مان ٻه در هڪ ئي ڪمري ۾ داخل ٿين ٿا. جڏهن ته ٻنهي دروازن جي وچ واري پت، چت لاءِ ٿنبي طور سهارو بنجي ٿي. اها ڳالهه ڪائي وارين غارن سان هڪجهڙائي رکي ٿي. (تصوير ڪتاب جي آخري صفحن تي.) ٽين غار هل پارڪ تي مائي خيريءَ جي مقبري لڳ آهي جنهن کي هل پارڪ جي تعمير وقت هٽرادو طور بند ڪيو ويو آهي.

قديم سنڌين گهر ناهڻ ڪيئن شروع ڪيا هوندا؟

جڏهن سنڌو ندي ڪالا باغ وٽ جابلو ماڻريءَ مان نڪري اچوکي ٽل صحرا مٿان موجود سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪندي هئي، جيئن ايڇ. جي. ويلز اڄ کان پنجاهه هزار سال اڳ جو نقشو چٽيو آهي، هتان جو قديم انسان يقيني طور تي ڪشمير، پوٺوهار، سليمان جبل ۽ ڪير ڌر جابلو سلسلن تي رهندو هو. ان وقت اهي جبل وڏيڪ برساتن سبب گاهه، وڻن ۽ شڪار سان ڀريل هوندا. انسان اتي ٽي ٽاڪ ٺاهي سگهي ٿو جتي آبهوا ساڻ ڏئي ۽ جيئڻ جو مناسب سامان هجي. يورپ جي حوالي سان ٽيل تحقيق موجب اوائلي انسان شروع ۾ جهنگل ڇڏڻ بعد ميدانن ۾ جهوپڙيون ٺاهيون ۽ پوءِ باهه جي مدد سان قدرتي غارن تي قبضا ڪيا. شايد اوائلي پيليوليٿڪ دؤر جا سنڌي انسان ٻه ساڳين مرحلن مان لنگهيا هجن پر، سنڌ ۾ ايڏا تائين ڪا قديم جهوپڙي دريافت نه ٿي آهي.

ان زماني ۾ قديم سنڌي انسان ڪٿي رهيا هوندا؟ سخت سيارن، برساتن ۽ گرميءَ کان بچڻ لاءِ جهوپڙين، قدرتي غارن جابلو اوٽن ۽ چاپرن کان سواءِ ٻيو ڪهڙو طريقو ٿو ٿي سگهي؟ هي انسان جو شڪاري دؤر هو. نه رڳو اهو ته انسان پاڻ شڪاري هو پر چير ڦاڙ ڪندڙ ٻين جانورن جو شڪار ٻه هو. ڪيس چگي طرح خبر هئي ته بچاءَ جا فقط ٻه طريقا آهن. پهريون اهو ته گروهن ۾ رهجي ۽ ٻيو اهو ته محفوظ جاين تي رهائش اختيار ڪجي. محققن جو خيال آهي ته انسان باهه ۽ هٿيارن جي دريافت کان پوءِ سگهارا ٿيا

هئا، ان کانپوءِ ٿي هن غارن ۾ رهندڙ رڇن، شينهن ۽ ٻين جهنگلي جانورن سان نہ رڳو مقابلو شروع کيو پر انهن جي غارن تي قبضو ڪرڻ ۾ شروع کيو هو.

قدرتي غارن ۾ انسانن کي سوڙهہ ۽ تڪليف محسوس ٿي هوندي ان ڪري هن غارن کي ويڪرو ڪرڻ، اوچو ڪرڻ، دروازا موڪرا ڪرڻ، زمين کي سڌو ڪرڻ جهڙا ڪم ڪيا هوندا، ٻين لفظن ۾ قديم ماڻهن قدرتي غارن کي پنهنجي رهڻ لائق ڪرڻ لاءِ انهن کي ڪائين ۽ پٿر جي اوزارن سان کوٽي کوٽي ڪشادو کيو هو. ڪٽي اهي غارون جبلن ۾ اوچاين تي ۽ ڪٽي جبلن جي پاڙن ۾ هيون. پڪ ٿي پڪ جڏهن ڪنهن قديم رولاڪ شڪاري گروهہ کي ڪا بهتر غار نظر آئي هوندي، تڏهن ان گروهہ غار ۾ رهندڙ جانور کي ماري يا ٻاهر ۽ هٽيارن جي زور تي ان کي ڊوڙائي ڪڍيو هوندو ۽ پوءِ گڏجي ان غار کي کوٽي موڪرو ڪري پنهنجي ضرورت موجب رهڻ جوڳو ڪيو هوندو.

ان سان گڏوگڏ قديم ماڻهن وڏين ڇپن جي هيڻيان محفوظ رهائش اختيار ڪرڻ لاءِ ڇپن جي وچ ۾ موجود غير ضروري وڻين کي ڪنڊين وڍن پٿرن جي مدد سان بند ڪري اڇ وچ لاءِ فقط هڪ يا ٻہ لنگهہ ڇڏيا. اهڙا خوبصورت مثال کارونجهر ۾ محسوس ڪري سگهجن ٿا. مثال طور "انڇليا سر" واري غار کي اهڙي امڪاني غار تصور ڪري سگهجي ٿو. ڇپن جي وچ واريون غير ضروري وڻيون پٿرن سان بند ڪرڻ جو عمل "پهريون ٿوس ديوارون" ڪڙيون ڪرڻ آهي. اهڙو ٿي مثال اروڙ جي ڏکڻ ۾ نينهن ٽڪر وٽ آهي.

ٽين صورت جابلو ڪٽائن، جهڏن ۽ ڇتن کي استعمال ڪرڻ واري ڇٿي سگهجي ٿي. يعني جبل جو اهڙو ڪٽاؤ جتي فقط هڪ ديوار بيهارڻ سان گهر ٺهي پوي. اهي ديوارون پٿرن جي اڏنگن قدرتي بلاڪن کي هڪٻئي مٿان سٽي ٺاهيون ٿي ويون. اهڙا گهر يا غار نما اجها اروڙ جي ٽڪرين ۾ عام جام آهن جڏهن ته مڪلي ۽ لکيءَ وٽ ٻہ اهڙا اجها موجود آهن. بلوچستان، سرحد ۽ ٻين جابلو علائقن ۾ اهڙا اجها جوڙڻ جي روايت اڃا تائين آهي.

چوٽين صورت ڇت وجهڻ جي آهي، جڏهن ٻن يا ٽن طرفن کان کي ڇپون ديوارن جو ڪم ڏيئي پٽي سگهيون، تڏهن ان جي مٿان ڪاٺ جا بند،

تاريون يا وڏا تراکڙا پٿر رکي ڇت ٺاهي ٿي ويئي ۽ انهن کي تارين، گاهه ۽ جانورن جي کلن سان چگيءَ طرح ڍڪيو ٿي ويو. اهي ابتدائي عمارتون هيون. جڏهن ماڻهوءَ ديوارون ٺاهڻ ۽ ڇت رکڻ سکي ورتي، تڏهن پاڻ جدا گهر ٺاهڻ شروع کيا. اهي ڪچيڻ سرن ۽ پٿرن جا گهر هئا. اهوئي منظر اڄکلهه اسان جي ڀرواڙين جو آهي. گهر ٺاهڻ جو هنر سکي وٺڻ کان پوءِ جابلو ماڻهن لاءِ سولو ٿي پيو ته هاڻي هو جبل ڇڏي ميداني علائقن ۾ پکڙجي وڃن. ان جو مطلب اهو ناهي ته جابلو لوڪ ميدانن ۾ تڏهن لٺا جڏهن هنن هٿرادو گهر ٺاهڻ سکي ورتا. گهر اڏڻ جي ارتقا جهوپڙيءَ کان ٿي آهي. ميداني علائقي ۾ ته ان کان بهتر، سستو ۽ تکڙو کو ٻيو طريقو ٿيندو ٿي ناهي.

جهوپڙين کان غارن ۽ گهرن جي اڏاوت تائين هن سفر بابت سنڌ جي حوالي سان اها راءِ ڏيئي سگهجي ٿي ته هتان جا ماڻهو جيئن ٿي پٿر جي آخري دؤر واري حد ٽپي آمري دور ۾ پهتا هنن غارن ۾ رهڻ ڇڏي ڏنو. سنڌ ۾ اروڙ، کير ٿر ۽ لکيءَ ۾ اهڙا ثبوت به موجود آهن جن کي ڏسي چئي سگهجي ٿو ته اڄ واري زماني ۾ جوڙيل اهي غارون چالکو ليٽڪ دؤر تائين انساني رهائش جي طور تي استعمال ۾ ايندیون رهيون. بهرحال، غارن کي گهر ٺاهي رهڻ جو سلسلو اڄا تائين هلندڙ آهي. اها ٻي ڳالهه آهي ته اڄکلهه قديم زماني جون اکثر غارون "مقدس آستانن" ۽ تيرٿن جي صورت اختيار ڪري چڪيون آهن. اها انسان جي نفسيات آهي جو هو ماضي، ورثي ۽ روايتن کي "تقدس" ڏيئي ڇڏيندو آهي. شايد اهو ئي سبب آهي جو اکثر اوائلي غارون هاڻي مندر يا زيارت گاهون ٿي ويون آهن.

اڳوڻي سويت يونين ۾ پٿري دؤر سان تعلق رکندڙ هڪ آثار گاگارينو جي کوٽائيءَ ظاهر کيو ته قديم دؤر جي شڪارين جا گهر ته خانن وانگر هئا جن ۾ داخل ٿيڻ جو فقط هڪ سوراخ ڇت ۾ هوندو هو. فرش ۾ وچ تي هڪ ڪڍ هوندي هئي، جنهن ۾ شايد اهي شيون سنيالي رکيون ٿي ويون جيڪي "قيمتي" هيون. سوويت يونين ۾ اهڙيون ٻيون به قديم آبادیون لڌيون ويون آهن. جيتوڻيڪ سنڌ برفاني دؤر جي سخت اثرن کان پري هئي، تڏهن به قديم سنڌي ماڻهن جبلن جي ڪُکين، سوراخن ۽ ته خانن جهڙين غارن ۾ پناهه ورتي هئي. سنڌ مان ليڄندڙ قديم غارن مان ڪن غارن ۾

اندريون ننڍيون غارون مليون آهن. جيئن ڪائي، اروڙ، رني ڪوٽ، لکي، بزن، جهڏي ۽ امير پير وغيره ۾ آهن. اهي اندريون ننڍيون غارون يا اندريان چئمبر شايد سامان سنياليءَ رکڻ لاءِ استور طور استعمال ڪيا ويندا هئا چاکاڻ ته اهي اوچائيءَ ۾ ايترا سوڙها آهن جو انهن ۾ فقط ويهڻ يا ليٽڻ جي گنجائش آهي. سنڌ ۾ تهه خانن جهڙيون غارون مکلي ۽ لکي ٽکرين ۾ موجود آهن. جڏهن ته ٽيڪسيلا کان اتر ۾ خانپور غار (تصوير ڪتان جي آخري صفحن تي) ڪي به ان تسلسل ۾ ڏسي سگهجي ٿو، توڙي جو اها تمام اونهي آهي.

يورپ جي غارن ۾ رهندڙ قديم شڪاري ماڻهو چمڙو اوڍيندا هئا، گهڙيل هڏين جا هار پائيندا هئا ۽ هاٿي ڏند مان مورتيون گهڙيندا هئا. ڌرتي ماتا جي پوڄا ڪندا هئا. هو ميموٿ، شينهن، رڇ ۽ گهوڙا شڪار ڪري کائيندا هئا. انهن جانورن جون هڏيون شڪاري دؤر جي آبادين مان مليون آهن.

اوائلي سنڌ ۾ شڪاري دؤر جا ماڻهو ڪيئن رهندا هئا؟ ڇا کائيندا ۽ پائيندا هئا؟ في الحال ان سوال تي به ڪا تحقيق نه ٿي آهي. هتي هيل تائين اهڙي ڪابه غار نه ملي آهي جنهن مان شڪاري دؤر بابت ڪا تصوير يا مورتي وغيره ملي هجي. البت سنڌو ماڻريءَ جي سيڪ ڪان قديم ديوتا شِو مها ديو جي لباس تي هڪ نظر وجهڻ سان سنڌو ماڻريءَ جي قديم شڪاري انسان جي لباس جو پتو پوي ٿو.

شِو مها ديو جو لباس قديم شڪارين جهڙو آهي. ڪيس چيتي يا هرڻ جي ڪل اوڍيل هوندي آهي، هڪ هٿ ۾ ترشول (ٽرن ڦرن وارو نيزو) اٽس ۽ ڪلهي ۾ تير ڪمان. هو جبل تي رهي ٿو. ڪاريهر جهڙو زهريلو ساهوارو شو مها ديو جو خاص پاليل جانور آهي. البت هندو ڏند ڪٿائن ۾ شِو ڪي ڏاند تي سوار ان وقت ڪيو ويو ٿو ڏسجي جڏهن انسان زرعي دؤر ۾ داخل ٿيو آهي ۽ مال پالڻ سکي ورتو اٽس. شِو کي پنهنجي دؤر جو آئيڊل ۽ سورهيه شڪاري تصور ڪرڻ گهرجي، سندس ٽن ڦرن وارو نيزو هڪ طاقتور ۽ نه گسندڙ هٿيار جي علامت آهي.

سنڌ ۾ مڪمل شڪاري دؤر پٿر جي آخري دؤر تائين رهيو هوندو. هونئن، اڄ به "شڪاري" ڪرت وارو قبيلو سنڌ ۾ خاص طور تي ٿر ۾



اوائلي شڪاري (نينڊر ٿال ۽ ڪروميگنان) سرهه جي ڏڻ کي هن ريت هڪلي مارينڊا هٿا. ڇا سنڊ جي جبلن ۾ به ساڳي طرح شڪار ڪيو ويو؟

موجود آهي. اسان کي فرض کرڻو پوندو ته سنڌ ۾ مڇي ماريندڙ قبيلا درياهه جي ڪنڌين ۽ درياهي ٻيلن ۾ پوءِ پهتا. شروع شروع ۾ هن جابلو ماڻرين ۽ جبلن تي رهندڙ سرهه، گڏ، هرڻ ۽ چير ڦاڙ ڪندڙ ٻيا جانور ماري پئي کاڌا. ان سان گڏوگڏ جابلو ندين ۾ موجود ڪنين ۾ مڇيءَ جو شڪار سندن ٻيو مشغلو رهيو هوندو. ڪنين واريون جابلو نديون سنڌ ۾ گاج، بارڻ، نئه موهن (رني ڪوٽ)، مول، ملير، لياري، حب گاجي شاهه، ڪديجي، ڪنڌ واري (ٻاهرو) ڪائي، نئنگ، پوڪڻ، ڪرچات، انگئي ۽ اهڙيون ٻيون ڪير ٿر جون نديون آهن. اهو بلڪل ٿي سگهي ٿو ته ان وقت اهڙا ٻيا ڪنڌ ۽ چشما هجن جيڪي هاڻي بلڪل سڪي ويا آهن.

جيڪڏهن 25 هزار سال اڳ سنڌوءَ جو ڇوڙ ڪشمور وٽ سمنڌ ۾ پئي ٿيو (جيئن ايڇ. جي. ويلز چوي ٿو) ته پوءِ سکر کان ڪوٽڙجي واريون ٽڪريون، حيدرآباد، ڪنجو ٽڪر، مڪلي، گجو، ڪارونجهر ۽ شاهه يقيق واريون ٽڪريون ٻيٽارين جي صورت ۾ اپريل هونديون. هاڻوڪي سنڌوءَ جي ساڄي پاسي وارو سڄو جابلو ٽاڪرو علائقو سمنڌ کان آجو هئڻ ڪري شڪاري دؤر جي سنڌي ماڻهوءَ لاءِ ڪليل هو. ان ڪري شڪاري دؤر جون وڌيڪ آبادیون ۽ اؤسر جا اهجاڻ ٻه ان ئي پاسي ملڻ گهرجن.

سنڌي ماڻهوءَ مڇي مارڻ جو هنر پٿر جي دؤر ۾ سکي ورتو هو. ڊرگ روڊ جي هڪ برساتي ڊوري مان مڇي مارڻ جون ڪنڊيون هٿ آيون آهن، پر ڪنهن ڪنديءَ سان شڪار گهٽو پوءِ پٿر جي وچين دؤر جو مرحلو آهي. پڪ سان سنڌي ماڻهوءَ ٻه سپ کان پهرين ڪنين ۽ تلائن ۾ چيلهه جيتري پاڻيءَ ۾ بڙڇين ۽ ڪڙهين سان شڪار ڪيو هوندو. اهي علائقا دادو ضلعي ۾ منڇر ۽ ان جي اولهه واريون جابلو نديون ٿي سگهن ٿيون يا وري هاڻوڪي ٺٽي ضلعي ۾ موجود ٽاڪرو علائقن واريون ڊنڊون.

جانورن جو شڪار ڪندڙ ماڻهو مڇيءَ جو شڪاري ڪيئن ٿيو هوندو؟ قديم آثارن جي ماهرن ان عمل تي ڪافي ويچار ڪيو آهي ۽ ثبوت هٿ ڪيو آهي. سندس چوڻ آهي ته شروع ۾ جڏهن انسان درياهه جي ڪنڌي ۽ ٻيلن جي وچ ۾ مختصر وٿين تي پڪا جوڙي ويٺا تڏهن درياهه جي مزاج کان واقف ڪونه هئا. ڪڏهن خوفناڪ ٻوڏ ٿي آئي ته اها الهه تلهه لوڙهي ٿي وئي. ماڻهو ويجهن وٽن تي چڙهي پاڻ بچائيندا هئا ۽ جڏهن حالتون ٺيڪ پئي ٿيون

تڏهن لهي ٿي آيا. آهستي آهستي کين درياهه جو مزاج سمجهه ۾ آيو، تڏهن هنن ان مسئلي کي حل ڪرڻ جا اپاءَ ڳولي ڪڍيا.

نيٺ هنن ڪيئي وڻ ويڍي هڪٻئي سان ٻڌي ترهو ٺاهي ۽ ان کي درياهه جي ڪنڌي تي رکي ٿي ڇڏيو. ان کان پوءِ هو انهن ٽڻن تي ٻيا ٽڙ ساڳي طرح رکندا ۽ ٻڌندا ٿي ويا، اهڙي طرح کاٽ جي ٽڻن جو چگو خاصو اوچو ٿلهو ٺهي پيو. هاڻي هو ان ٿلهي تي جهوپڙي اڏي وينا. ان کان پوءِ ڪيڏي به ٻوڏ آئي، ڳوٺ نه ٻڏو.

سنڌ ۾ اهڙي قسم جو هڪ اڏ ڳوٺ اڄ به موجود آهي، منچر لڳ ٻوبڪ ساڳي طرح ٻڌل آهي. کاٽ جي اهڙي ٿلهي کي "مڏ" چئجي ٿو. ٻوبڪ يقيني طور تي گاج لهڻ ۽ منچر جي پرجڻ کان پوءِ هر سال ٻوڏ جي خطري ۾ رهندو آيو آهي. يقين ٻوبڪ کي ان ئي طرح محفوظ ڪرڻ ٺيڪ هو.

اهو غالب گمان آهي ته سنڌ ۾ ماٺهن سنڌوءَ جي بدران اول سنڌوءَ جي واهڙن ۽ منچر جي ڪنڌيءَ تي ڳوٺ ٻڌا هوندا، ايڄ به ائين چئجي ته منچر وڌيڪ بهتر ۽ محفوظ ماحول ڏئي ٿي، ڇاڪاڻ ته منچر جي الهندي ۽ ڏاکڻي ڪنڌي ٽاکرو ۽ ٻوڏ جي خطري کان محفوظ آهي.

ماٺهو درياهه مان مڇي حاصل ڪري ٿو. شڪاري دؤر ۾ درياهه جي ويجهو رهڻ جو وڏي ۾ وڏو فائدو اهو ٿئي هو، نه ته ساڳيءَ وقت ۾ جاين تي پاڻيءَ جو قال هرويرو ڪونه هو. شڪاري انسان مڇيءَ جي شڪار خاطر درياهه جي ڪنڌي تي رهڻ جو جوکم کنيو.

هن وقت منچر ڏنڊ ۽ سکر وٽ سنڌو، اهڙا ٻه اهم ماڳ ٻچيا آهن جتي سنڌي لوڪ خشڪ ڏرتيءَ بدران پاڻي تي (ٻيڙي تي) رهن ٿا. پاڻي تي ڳوٺ ٻڌڻ جو رواج ڏور اوير ايشيا ۾ اڄ به عام جام آهي. ان سلسلي ۾ کاٽ جا ٽڙ پاڻيءَ جي تري ۾ اونها کوڙي انهن مٿان کاٽ جا سڏا تختا رکي، انهن تي کاٽ جا گهر ٺاهين ٿا. آخر ماٺهو ڪهڙي سبب کان پاڻيءَ تي رهن ٿا؟

پهريون سبب ته مڇيءَ جو شڪار آهي ۽ ٻيو سيلابي خطرن کان بچاءَ رهي ٿو، ڇاڪاڻ ته ان ريت پاڻي سندن گهرن ۾ ڪاهي نٿو پوي. سنڌ ۾ مڇيءَ جي شڪارين پاڻيءَ تي رهڻ جو بهتر طريقو اختيار ڪيو، يعني هنن پنهنجيون ٻيڙيون وڏيون ڪري ڇڏيون ۽ انهن تي رهائش اختيار ڪئي. ان طرح هو ٻوڏن کان به محفوظ ٿي ويا ۽ سندن گهر متحرڪ به رهيا. هاڻ هو

وسال ڏينڊن توڙي بي انت درياهه ۾ خانه بدوش قبيلن وانگر هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ لڏي سگهيا ٿي.

گهاڙ ۾ چقمقي پٿر

خيرپور ضلعي جي ٽاکرو علائقي، جنهن کي "گهاڙ" سڏجي ٿو، ۾ چقمقي پٿر (Flint) کي مقامي ماٿهو سيانٽو چون ٿا. اهو غالباً ان کري جو هن هنڌ تي چقمقي پٿر جو رنگ گهرو ناسي آهي جيکو باقي عام چن پٿر ۽ ريتلي پٿر جي ٻيٽ ۾ ڪارو (سياهه) لڳي ٿو. دادو ۽ ٽٽي ضلعي ۾ چقمقي پٿر کي "ڳار" ۽ چون ٿا.

سيانٽو پٿر گهاڙ واري ٽاکرو علائقي ۾ ايڏو ٿي عام آهي جيئن کو ٻيو عام پٿر. ان کري اوائلي انسان کي گهاڙ واري علائقي ۾ اوزار ٽاهڻ لاءِ بي انداز خام مال مليو، جنهن کي هو لکها سالن تائين ڇليندو ۽ گهڙيندو رهيو آهي. جيتوٽيڪ قديم آثارن جي ماهرن پنهنجن تحقيقي جرنلن ۾ فقط هڪ يا ڏيڍ درجن ماڳن تي پٿري دؤر جي سرگرمين جي نشاندهي ڪئي آهي پر اهو چوڻ ۾ ذري جيترو به وڌاءُ نه ٿيندو ته انهن ٽکرين جي انتهائي اولهه ڏکڻ واري ڪنڌ تي موجود نواب ٽکريون جن کي انڊ I ۽ انڊ II) ۽ چون ٿا، کان ونڊي اتر ۾ سکر تائين هر ٽين چوٽين ٽکريءَ تي يا ان جي لاهين تي پٿر مان گهڙيل اوزار، ٻڍ (Cores)، کريل اوزار يا گهڙائي دوران لٽل چٽڙ پکڙيا پيا آهن. جن سان اوائلي پٿري دؤر جي پهرين عرصي کان ونڊي نيوليٽڪ جي آخري دؤر تائين پٿري اوزارن جي گهڙڻ جو عمل جاري رهڻ جو پڪو ثبوت ملي ٿو. اها ٽي سرگرمي گهاڙ جي اوير ۽ ڏکڻ ۾ موجود واريءَ سين پٽن ۾ موجود اهڙن ويرن ۾ ۽ ڏسجي ٿي جتي ذري گهٽ تراکڙا ٽاکرو پٽ آهن. ان هنڌان مون کي سنهڙيون ۽ ننڍڙيون ڇريون (Blades) مليون. "گهاڙ" جا مقامي ماٿهو اڇکلهه سيانتي (Flint) سان باهه ٽڪا هارين، پر هتي ٽکر ٽکيندڙ هڪ بروچ مزدور مون کي ٻڌايو ته هو کجهه وقت اڳ تائين بلوچستان ۾ ٻن سيانتن کي پاڻ ۾ ٽکرائي باهه حاصل کندا رهيا آهن.

پروفيسر آلچن ۽ سنڌ جون پٿري آبادیون

مادام برجيت آلچن (Bridget Allchin) 76-1975ع ۾ پنهنجي مڙس پروفيسر آلچن سان گڏ ڪيمبرج يونيورسٽيءَ پاران پاڪستان ۾ آرڪيالاجي بابت هڪ مهم ڪئي هئي، جيڪا سنڌ سميت پاڪستان جي ٻين حصن ۾ ٿي هئي. هن ٿر ۾ اوپر تائين اڳواٽ ٿي تحقيق جو ڪم ڪيو هو. سندس خيال آهي ته اوائلي هولوسين زماني ۾ آڳاٽن آبادگارن، مالوندن ۽ شڪارين لاءِ هتي لازمي طور سٺو ماحول هو. ان سلسلي ۾ هن ڪجهه مشاهدا به ڪيا ۽ اها راءِ ڏني ته اتي پوئين پلائسيٽوسين وارن پيليوليٽڪ لوڪن لاءِ مناسب ماحول موجود هو.

اڳوٽن اپياسن مان جاگرافيائي بيهڪن جي ناتي سان ثابت ٿي چڪو آهي ته اتي اهڙيون حالتون هيون جو ڏکڻ سنڌوءَ جي اولهه ۽ اوپر جي علائقن ۾ ميسوليٽڪ ۽ پيليوليٽڪ صنعتون قائم هيون.

اتر سنڌ ۾ روهڙي ٽڪريون، سنڌو تهذيب جي پُور وچوٽ پٿري چرين جي صنعتي سرگرميءَ سبب به سڃاٽپ رکن ٿيون. اهو دؤر 2300 ق.م. کان 1750 ق.م. جو آهي. پر آلچن جي تحقيق ثابت ڪيو ته ڳار/ سيانٽو يا چمقي پٿر ان کان به اڳي کان چلڻ ۽ اوزار ٺاهڻ لاءِ استعمال ڪيو ويو ۽ اهو وچون ۽ مٿيون پيليوليٽڪ دؤر هو، ان ۾ سنڌو تهذيب کان اڳيون دؤر به شامل آهي. انهن اوائلي شاهدين مان ظاهر آهي ته پوئين پلائسٽوسين زماني ۾ اتر سنڌ جون موسمي حالتون اڄ جي پيٽ ۾ گهٽ خشڪ هيون.

ساڳي نوعيت جي اوائلي پيليوليٽڪ دؤر جا اوزار ڏکڻ سنڌ جي هڪ ٽڪريءَ تان مليا آهن، جتي پوءِ به ڪم جاري رهيو، پر اتي سنڌو تهذيب واري زماني ۾ پٿري اوزارن جي تياريءَ جو ڪوبه اهڃاڻ نه مليو آهي. مادام آلچن انهن معاملن تي مختصر رپورٽ شايع ڪئي آهي.

سنڌو ماٿري اتر کان ڏکڻ تائين آلچن جي لفظن ۾ "ڊبل ايس" (Double "S") ٺاهي ٿي. سنڌوءَ جي اولهه ۾ سليمان ۽ ڪير ٿر جا جابلو سلسلا آهن، جڏهن ته اوپر طرف ريگستان آهي. سنڌوءَ جي وهڪري انهن ٻنهي جي وچ ۾ لٽ وڃائي هڪ ويڪرو ۽ زرخيز ميداني پٽو ٺاهيو آهي. ان ميداني پٽي جي زرخيزي اولهه توڙي اوپر وارن لوڪن لاءِ زبردست ڪشش رکندي آئي آهي. هن وقت اهو سائو ميداني پٽو آبپاشي سرشتي جي واڌاري ۽

سڌاري سبب ايڏا ۾ ويڪرو ٿي چڪو آهي پر اوائلي وقت ۾ سنڌو، ان جي ڏن ۾ پرو ندين، ڦاٽن ۽ قدرتي شاخن تي قدرتي نباتيات، ٻيلا، ٻيلاٽيون ۽ نديڙيون نديڙيون وادیون موجود هيون.

سنڌونديءَ جي هيٺين علائقي ۾ برساتن جي شرح تمام گهٽ آهي. جيڪا اتر سنڌ ۾ سراسري طور 90 ملي ميٽر ۽ حيدرآباد وٽ 173.7 ملي ميٽر رهي آهي. سنڌ جو چؤماسو ۾ بي اعتبارو آهي. ڪڏهن ڪڏهن تہ سالن جا سال برسات نہ پوڻ جي برابر ٿئي ٿي پر هڪ صديءَ ۾ ٽي يا چار ڀيرا ايڏا وڏا مينهن پون ٿا جو ٿر ۾ ۾ ٻوڙان ٻوڙ ٿيو وڃي ۽ درياهي ميدانن ۾ وينل ماڻهو ۾ ٿر ۽ جبل ڏانهن لڏ پلاڻ تي مجبور ٿيو وڃن ٿا. ان بنياد تي اندازو هٿ ڏکيو نہ آهي تہ ميداني علائقي جي زرخيزيءَ جو اصل سبب سنڌو ندي ئي آهي.

آلچن پنهنجي آرڪيالاجيڪل مهم جي دوران ڏکڻ بلوچستان ۾ بالاڪوٽ، سنڌ ۾ ڪراچي، گجو، اونگر، حيدرآباد، عمرڪوٽ، چانهوءَ جي ڏڙي، ڪوٽڏجي، روهڙي، سکر، جهوڪر جي ڏڙي، موهن جي ڏڙي، آمري، اتر بلوچستان ۾ جهڏير جي ڏڙي، مهر ڳڙهه، پيرڪ Pirk (سبي)، پنجاب ۾ ملتان ڪان ديري اسماعيل خان، گومل، رحمان ڈيڙهه، پشاور، ٽيڪسيلا ۽ لاهور وٽي هئي. ٽيڪسيلا جي ويجهو ئي سراءِ ڪوهلا ۽ خانپور غار آهن.

سنڌو ماڻريءَ ۾ سنڌوءَ کي زندگيءَ لاءِ شهہ رڳ جي حيثيت حاصل آهي. باقي اولهہ پاسي کان لهندڙ جابلو نڀيون ۽ ندیون سندس پاڻيءَ جا مکيہ ذريعا آهن. جيئن تہ جبلن تان آيل لٽ سنڌوءَ جي ميدانن تي تهہ ڇمائيندو رهيو آهي ۽ هاڻوڪي آبپاشي نظام ڪان اڳ سنڌو هڪ آزاد ندي هئي، تنهنڪري سنڌوءَ جي ميدانن ۾ ان ليٽ پيٽ سبب ان جو رخ ڪيئي ڀيرا بدليو، ڪيئي آبادیون ڦٽيون ۽ ڪيئي نوان ماڳ آباد ٿيا. اهو سلسلو تاريخ ڪان اڳ واري زماني ۾ ۾ هو ۽ ارڙهين صديءَ جي وچ تائين جاري رهيو آهي پر هاڻي بند ٻڌجڻ سبب اهو وهڪرو سُڪ ٿي ويو آهي.

پر، ان سان گڏ آلچن ياد ڏ ياري ٿي تہ جيتوٽيڪ سنڌوءَ جو مکيہ وهڪرو چند ميلن جي ويڪر اندر محدود ڪيو ويو پر سنڌوءَ جا پراڻا ڦاٽ ۽ وهڪرا ڪير ٿر ڪان ٿر تائين اڄ ۾ آبپاشي نظام ۾ استعمال ڪيا پيا وڃن. سنڌوءَ جي رخ بدلائڻ واري عادت جو گهٽ ۾ گهٽ ٽي هزار سالن جو رڪارڊ تہ موجود آهي. پر اهو سلسلو ان ڪان ۾ اڳ جاري هو جنهن ۾

ڪنهن به شڪ جي گنجائش نه آهي. درياهن جي اهڙي جاگرافيائي مزاج سبب لڏپلاڻ بابت تاريخي دؤر جو هڪ مثال آلچن ڪچ جي علائقي مان ڏنو آهي. جتي 1819ع ۾ زلزلي سبب سنڌوءَ جي هڪ شاخ رخ ڦيرائي وئي ۽ اتان جا ماڻهو هارپو چڏي خاص بدوش ٿيڻ تي مجبور ٿيا. اها غالباً پراڻ ندي‌ءَ جي آخري ڏينهن جي ڳالهه آهي. بئراجن ۾ قاتل سنڌوءَ کان اڳ درياهه ۾ ڪيترو لٺ ايندو هو؟ ان جو جواب يونيسڪو جي رپورٽ 1964ع مان ونئي سگهجي ٿو ته سنڌوءَ جي پيٽ ۽ ميدان جي سطح ۾ هڙپه دور 1750-2300 ق. م. ڪانپوءِ چئن کان پنج ميٽر اوچائي آئي آهي. ان جي معنيٰ اها ٿي ته لٺ سبب پنج هزار سالن ۾ پنج ميٽر يا هر هڪ هزار سال تي هڪ ميٽر زمين اوچي ٿيندي آئي آهي. پر جڏهن خود مُهن جي دڙي جي هيٺين سطحن جو اپياس ڪجي ٿو ته اها رفتار ڀيٽي نظر اچي ٿي. ساڳي يونيسيڪو رپورٽ موجب جڏهن 18 ميٽر هيٺ بورنگ ڪئي وئي ته اتان نرم مٽي ۽ واريءَ بدران خام واري نڪتي جيڪا اڄا به هيٺ 45 ميٽرن تائين پئي وئي. انهن نتيجن سان بهرحال، سنڌ ۾ وڏين جاگرافيائي تبديلين جا اهڃاڻ ثابت ٿين ٿا، جن جا ڪي به سبب تي سگهن ٿا، ڪي زلزلا، زمين جي اٿل پٿل، ڊگهي مدي ۾ درياهي لٺ يا سمنڊ جو اڳتي پوئتي ٿيڻ! هي ڏرتي وديا جو تمام ڳوڙهو سوال آهي.

پروفيسر آلچن اوائلي آبادين بابت پنهنجي راءِ ڏيندي چوي ٿي ته سنڌوءَ جي بي اعتباري طبيعت ۽ هولوسين زماني ۾ ميداني علائقن جي تيزي سان ٺهڻ کي نظر ۾ رکندي ٿي سگهي ٿو ته اهو وڏيڪ حيرتناڪ هجي ته اصل ۾ سنڌو تهذيب جا يا ٻيا اوائلي شهري ماڳ اڄ جي پيٽ ۾ تمام گهٽا هجن، جيڪي هاڻي بنهه ٿورا ڏسجن ٿا. اندازو هٿي سگهجي ٿو ته انهن مان گهٽا ماڳ وقت جي وهڪري سان گم ٿي ويا آهن. لڙهي ويا آهن مٽيءَ ۾ غرق ٿي ويا آهن ۽ جيڪي باقي بچيا آهن اهي چوند مناسب ماڳن تي قائم ٿيڻ ڪري بچيا آهن. سنڌوءَ ۾ اوائلي وقتن کان زراعت ان ڪري ممڪن ٿي سگهي جو اوائلي لوڪن کي هڪ صحرا مثان سنڌوءَ جو مستقل مٺو وهڪرو جاري ٿي مليو ۽ لٺ ستجڻ جو عمل جاري ٿيو، جنهن تي نباتيات ڦٽي ۽ اوائلي آبادگارن، جن کي آلچن چالڪوليٿڪ آبادگار (Chalcolithic farmers) سڏي ٿي، آتي پنهنجن محدود اوزارن سان ڪيتي ڪئي. اهڙي طرح هنن ميدانن

سنڌو تهذيب جي لوڪن کي پنهنجا شهر ۽ آبادیون قائم ڪرڻ ۾ مدد ڏني.

ڏاتو پهڻي يا چالڪوليٿڪ دؤر، نيوليٿڪ زماني کانپوءِ شروع ٿيو ۽ ان ۾ وڏي پئماني تي ڪنجهي وارو دؤر (Bronze Age) به پکڙيل آهي. "چالوليٿڪ" ٻن لفظن جو مرڪب آهي. ٽامي (Copper) کي يونانيءَ ۾ چالڪو (Chalco) چيو وڃي ٿو ۽ Lith معني پٿر آهي. يعني، هي اهو زمانو آهي جڏهن ڏاتو دريافت ٿي چڪو هو ۽ انسان ڏاتو ۽ پٿر ٻنهي مان لاڀ وٺي رهيو هو.

اڪيولين اوزار Acheulian tools

هي لفظ ڪڏهن ڪڏهن Abbeville Acheulian طور استعمال ٿئي ٿو. چاڪاڻ ته Abbevillian ڪلچر کي بظاهر فقط مڪيه اڪيولين ثقافت جي پهرين مرحلي جي حوالي سان ڏنو وڃي ٿو. هي هڪ مخصوص ماڳ آهي جتان سڀ کان پهرين پيليوليٿڪ ثقافتن اهو نالو ورتو. سينٽ اڪيول (Acheul) اتر فرانس ۾ آهي.

پيليوليٿڪ ماڻهو، جيڪو پلائيسٽوسين (Pleistocene) يا يورپي برفاني دؤر ۾ هٿي وڌيو ۽ ويجهيو ۽ چلڻ واري عمل سان پٿري اوزار ٺاهيا (ڪهڻ ۽ پالش ڪرڻ کانسواءِ) مختلف گروهن ۾ اچي ٿو. انهن جو فرق سندن ٺاهيل اوزارن جي نمونن مان ڏنو وڃي ٿو. ائبي ويلي اڪيولين ڪلچر جيڪي اوزار جڏيا انهن کي هٿ ڪهاڑيون چيو وڃي ٿو. اهي هٿ ڪهاڑيون ٻن مڪيه ويڪرن نمونن جون هيون. هڪڙيون اهي جن کي هڪ نوڪ ۽ گول پٺ يا هٿيو هو ۽ ٻيون بيضوي جن کي ٻئي ڪي ٽڪي چٽن پاسن کان سنهي ڌار يا ڪَني ڏني ٿي وئي.

سڀ کان اوائلي ائبي ويلين (Abbevilian) هٿ ڪهاڑيون ادنگي نموني گهڙيل آهن، ۾ پوءِ وارا مثال ڏيکارين ٿا ته انهن جي شڪل صورت ۾ ڪي قدر فرق آيا جن سان انهن کي مختلف ڪمن ۾ استعمال ڪيو ٿي ويو.

اڪيولين ڪلچر يورپ ۾ آهي ۽ ان جهڙا ٻيا آثار برطانيه ۽ آفريڪا جي لڳ ڀڳ سمورن حصن، ويجهي اوڀر ۽ ڏکڻ هندستان مان لڌا ويا آهن. اڪيولين ثقافت جي لوڪن جي رهائش بابت هيل تائين تمام گهٽ ڄاڻ ملي

آهي پر انهن جي اوزارن جو وڏو تعداد ندين ۽ ڏنڊن جي ڪنڌين تان ريتي بجريءَ مان مليو آهي، جنهن سان تجويز ٿئي ٿو ته هن جي زندگي مٽي پاڻيءَ سان لاڳاپيل هئي.

آلچن جو چوڻ آهي ته نيوليٿڪ ۽ چالڪوليٿڪ آبادين ۽ شهر ۽ اهي آبادگار جن سندن سهائتا پئي ڪئي، خال ۾ رهي نٿي سگهيا. اهي لازمي طور هڪ وڏيڪ پيچيدي سماج جو حصو هوندا، جيئن اڄ به سنڌ ۾ مستقل آبادين ۽ پرپاسي جي خانه بدوش قبيلن جو پاڻ ۾ ناتو آهي. انهن خانه بدوشن ۾ اهم لوڪ ڏراڙ يا مالوند هوندا، جن جو مستقل آباد ماڻهن سان واپار هوندو، جنهن ڪري انفرادي شهري مرڪزن ۽ وڏيڪ سڌريل علائقن جو ناتو جڙيو هوندو. اهو ممڪن آهي ته شڪاري لوڪ وادي ۾ ٽي آباد رهندا آيا ۽ ان سان گڏوگڏ آبادگار ۽ مالوند به رهندا آيا جيئن اڄ به اپڪنڊ جي ڪن هنڌن تي ساڳيو سلسلو جاري آهي هڪڙيون برادريون زراعت پيشه آهن يا واپار ڪن ٿيون ۽ هين برادرين شڪار جون سرگرميون جاري رکيون آهن. وڏندڙ آدم لاءِ سنڌو ۽ ان جا پاسا، گهاٽا ٻيلا، ڍرين ۽ مٽن ڏوڏن وارا ٻوٽا، ٻير ۽ ٻيا وڻ هٿا، ايڏا به سنڌوءَ جي ڪڇه ميداني پٽن جي گهاٽي نباتات هن لاءِ شڪار، چراگاهه ۽ خوراڪ مهيا ڪئي هوندي.

اڇڪلهه جيئن ته گهٽن قديم ماڳن تي سر جو مسئلو سامهون آيو آهي تنهن ڪري اسان ميداني علائقي ۾ سڀ کان قديم لوڪن جي آمد جو زمانو نٿا ڄاڻون پر اهو چوڻ مناسب آهي ته اوائلي هولوسين شڪاري لوڪن جو، غالباً اوائلي ڏراڙن سان گڏوگڏ انهن ئي ٻيلن ۽ چراگاهن تي مڪمل ڪنٽرول هو. ٽي سگهي ٿو ته مندن توڙي سنڌوءَ ۽ ان جي ڏن ۾رو ندين جي معمولي ڦيرڦار ان نباتاتي صورتحال تي اثر به وڏو هجي يا تبديلي آندي هجي، پر مجموعي طور تي هي علائقو انساني آبادي جي واڌ ويجهه لاءِ ڏاڍو مناسب رهيو آهي.

لوهه جي دريافت کان اڳ واري زماني ۾ پاڻي ۽ زرخيز مٽيءَ کان پوءِ آبادگارن، ڏراڙن ۽ شڪارين لاءِ سڀ کان اهم شيءِ مناسب پٿري اوزارن جي فراهمي هئي. سواءِ ڪڇه وڏين ڏاتو پاهٽي (Chalcolithic) آبادين جي، اتاهين زمين تان خالص پٿري دؤر جا ماڳ نه مليا آهن. اتر سنڌ جي روهڙي ڪوٽڏجي ٽڪرين تي چقمقي پٿرن مان اوزار ٺاهيا ويندا هئا، جيڪي سڀ

کان پهرين 1866ع ۾ جان ايوانس (John Evans) نوٽ ڪيا ۽ مختصر طور انهن جو ذڪر 1880ع ۾ بلانفورڊ (Blanford)، 1929ع ۾ ڪزنس ۽ 1931ع ۾ مارشل ڪيو. هن سڀني اتي سنڌو تهذيب دؤر جو تعلق نوٽ ڪيو پر جڏهن روهڙي وارين ٽڪرين ۾ ۽ ڏکڻ سنڌ جي هڪ ٽڪري تان وڏي پئماني تي اوائلي پٿري صنعتي ماڳن جي دريافت ٿي تڏهن تحقيق دلچسپ موڙ ورتو، ڇاڪاڻ ته ان دريافت سان سنڌوءَ جي ٻنهي ڪنڌين تي وڏن مرڪزي علائقن تان سڄي پيليوليٿڪ دؤر جي انساني سرگرميءَ جو رڪارڊ هٿ اچي ويو هو.

تاريخ کان اڳ ۾ موسمي حالتون

ڏکڻ بلوچستان جي لسبيلي ۽ ان سان ڳنڍيل سنڌ واري علائقي ۾ هيئين، وچين ۽ مٿين پيليوليٿڪ، ميسوليٿڪ، نيوليٿڪ ۽ چالڪوليٿڪ صنعتن جو هڪ تسلسل، پويون پلائسٽوسين ۽ تازي درياهي ميدانن واري جاگرافيائي صورتحال دريافت ٿي آهي ۽ ان جي مختصر رپورٽ ڈاڪٽر.... 1968ع ۾ ڏني آهي. اها رپورٽ يقينن تاريخ کان اڳ وارن اثرن تي ڪم ڪندڙن ماهرن توڙي جاگرافيدانن لاءِ ڏاڍي دلچسپ هوندي. هونئن ڪيترٿر جابلو سلسلي جي اتر واري پاڳي ۾ ٻه ڪجهه دريافتن جون مختصر رپورٽون آهن.

اوپر ۽ ڏکڻ اوپر طرف ريگستان جي ڪنڌيءَ تي ڳهٽ ۾ ڳهٽ ٻن خشڪ زمانن جون پڪيون شاهديون آهن، جيڪي ٻنڌ پاهٽن ۽ پٽن جي مشاهدي سان هٿ ڪيون ويون آهن. هڪ اهڙي زماني جو ٻه پٽو پيو آهي جيڪو اڄ جي پيٽ ۾ وڌيڪ ڳهميل هو. وچيون پيليوليٿڪ صنعتون وڏي پئماني تي ڳهميل مرحلي جي ٻنڌ پاهٽي تهن سان تعلق رکن ٿيون. ساڳي طرح مٿيون پيليوليٿڪ صنعتون ڪجهه محدود حد تائين آهن.

ٿر ريگستان جي اندروني علائقن ۾ گذريل موسمن جي ارضياتي اپياس وارو ثبوت ڪتل آهي پر اڃڪلهه واريءَ جي پٽن ۾ اڪثر هنڌن تي بند ٿيل ڊرينيج نظام شاهدي ڏئي ٿو ته ماضيءَ ۾ وڌيڪ ڳهميل حالتون هيون.

پٿر جي وچين دؤر جا ماڳ ۽ اوزار وڏي پئماني تي اتي آهن جيڪي

جيسلمير ۽ بيڪانير جهڙن بيحد خشڪ علائقن سان ڳنڍيل آهن، جتي اڇلهه انساني زندگي ڪوهن ڪانسواءِ نٿي رهي سگهي، اهي به 100 ميٽر يا ان ڪان به اونها هجن يا ڪا ٻي هائڊروٽيڪنالاجي هجي جيڪا پٽري دؤر جي ماڻهوءَ وٽ ڪو نه هئي.

سنڌو ماٿري ۽ مجموعي طور تي سنڌوءَ جو سرشتو پڻ موسمي حالتن سبب هر سال ۽ هند ۾ اثر هيٺ آيو آهي. خاص طور تي ان جي به شاهدي آهي ته همالين ۾ سندس وهڪرو ۽ پاڻي ميڙڻ وارو مکيه نمونو اوائلي هولوسين ۽ پوئين پلائسٽوسين زمانن ۾ اڄ ڪان مختلف هو ۽ خاص طور تي سندس مکيه ساڻاري ندي ستلج غالبا اوپر رخ ۾ وهي گنگا سرشتي سان ملندي هئي (Oldham 1893)، (Wilhelmey 1968).

پلائسٽوسين زماني دوران هيئين سنڌو ميدانن ۾ انساني وجود لاءِ مناسب ماحول بابت خود سنڌوءَ جي تاريخ مرتب ڪرڻ هڪ زبردست، گهٽو ۽ گهڻ پاسائون ڪم ٿيندو. سنڌوءَ جي ميدانن ۾ گذريل زماني ۾ موسمن بابت ڇگا مثبت مشاهدا ڪيا ويا آهن. 1937ع ڌاري هڪ اپياس ۾ نوٽ ڪيو ويو ته سکر ۽ روهڙي گارج وٽ سنڌو تهذيبي دؤر جي صنعت ۽ اوائلي وقتن جو مٽيريل سنڌوءَ جي ٻنهي پاسن ڪان ٽڪريءَ جي ڪنڌين تي موجود هو. محقق مختصر رپورٽ 1939ع ۾ لکي، "ايترو چئي سگهجي ٿو ته ٽڪرين جون چوٽيون "terra rossa" سان تعلق رکن ٿيون. اهڙا نمونا جيڪي اڃوکين خشڪ حالتن ۾ نٿا لهي سگهن. انهن جي اصليت لازمي طرح ڪنهن اهڙي پوئين وقت سان آهي جڏهن وڏا مينهن پوندا هئا، جن جي ڪري آخرڪار وڏي ٻوڏ آئي ڇاڪاڻ ته سنڌوءَ جي پراڻن وهڪرن جي ڪنڌين سان ٽڪرين جي لاهين وٽ اهڙا اهجاڻ ملن ٿا.... ۽ ان ڪان گهٽو پوءِ وهڪرن جي لاٽ بعد پٽون ٺهڻ جو عمل شروع ٿيو. "

ان رپورٽ ڪانپوءِ هاڻي سکر ۽ روهڙيءَ جي علائقي مان وڏي پئماني تي پٽر ڊوئيو ويو آهي، جنهن ڪري گهٽو ثبوت ضايع ٿي ويو آهي. هن رپورٽ جا مشاهدا خاص طور تي دلچسپ آهن، ڇو ته اهي گجرات ۽ راجستان ۾ آلچن ۽ گوداءِ (Goudie)، (1947ع) جي مشاهدن سان هڪجهڙائي رکن ٿا. آلچن ۽ گوداءِ ان کوجنا ۾ ڪامياب ٿيا هئا ۽ ان خاطريءَ تائين پهتا هئا ته پلائسٽوسين دوران هيئين سنڌو ماٿريءَ ۾ انسان رهندا هئا، جڏهن ته هو

1937ع واري مشاهداتي رپورٽ کان ٻه اڳتي وڃي سنڌ جي اتر توڙي ڏکڻ وارين ڇڻ پٽر جي ٽڪرين واري علائقي ۾ ماضي وارين موسمن جو ڪجهه نه ڪجهه سڌو ثبوت هٿ ڪري سگهيا هئا.

روهڙيءَ واريون ٽڪريون

سنڌ ۾ پٽري دؤر جي صنعتن جي سڀ کان وڏي علائقي يعني روهڙي کوٽڙجي وارين ٽڪرين کي ٽڪرين بدران ڇن پٽر جا پوٽا چئجي ته بهتر! اتر سنڌ جي خشڪ علائقي ۾ اهي پوٽا اتر کان ڏکڻ طرف اٽڪل 40 ڪلوميٽر ۽ اولهه کان اوپر ۾ 16 ڪلوميٽرن جي پکيڙ ۾ ٽڙيڪڙ آهن، هيءَ ڪا هڪ يڪي قطار نه آهي پر اهي نديون نديون ويجهيون ور وڪڙ ۽ هڪٻئي سان ڪٽي ڪٽي ڳنڍيل يا جدا جدا ٽڪريون آهن. انهن جي وچ وچ ۾ خشڪ وادين آهن جن مان نندا نندا ڊورا پاڻي ڪٽي اولهه يا اوپر طرف وڃن ٿا. انهن پوٽن جي اتر واري پاڳي وٽ روهڙي ۽ سکر آهن، جن جي وچ مان سنڌو درياهه اوپر کان اولهه رخ ۾ لنگهي ٿو. انهن ٻن شهرن جي وچ ۾ هڪ ٻيٽ تي تاريخي قلعو بکر آهي. بکر وادي لنگهه کان اڳتي وڏي درياهه وري ڏکڻ طرف رخ رکي ڏکڻ سنڌ جي ميدانن مان لنگهي ٿو. اهو وهڪرو اوپر ۾ اروڙ جي الهندي ڪنڊيءَ کان وٺي اولهه ۾ ڪير ٿر جي ڪور جي وچ ۾ ليٽ ٻيٽ ڪندو رهيو آهي.

اروڙ کان اوپر ۾ هاٿوڪو نارا ڪئنال جيڪو ڪنهن وقت ۾ سنڌوءَ جو هڪ ڦاٽ رهيو آهي، ڪنهن وقت ۾ غالباً ستلج جو پاڻي ڪٽي ڪوري ڪاريءَ ۾ ڇوڙ ڪندو هو. اهڙي راءِ Oldham 1893ع ۾ ڏني هئي. ناري جو وهڪرو پڻ اتر جي هڪ حصي جي پوٽي مان واٽ ٺاهي ٽڪرين جي اوپر واري ڪور وٽي ڏکڻ طرف وهي ٿو. هتن پوٽن جو مجموعي نظارو ايڪڙ ٻيڪڙ ٻوڙن ۽ ڪٽي ڪٽي ڪنهن وڻ ڪانسواءِ ٻيو سڄو خشڪ آهي.

هتن ٽڪرين جو مٿاڇرو سڌو ۽ لاهيون ذري گهٽ اڀيون آهن. اوچائيءَ جي لحاظ کان سڀ گهٽو ڪري هڪ جيترون آهن، ڪا ٽڪري زمين جي سطح کان 40 ٽ ڪا 50 ميٽر مٿي آهي. سمنڊ جي سطح کان انهن جي مجموعي اوچائي وڌ ۾ وڌ 250-300 فوٽ آهي. اڪثر ٽڪرين کي سنهيون

ڳچيون هڪيئي سان ڳنڍين ٿيون. ٽڪرين جون لاهيون وائڙن پٽرن سان پريل آهن جنهن ڪري مٽي چڙهڻ ڏکيو آهي. چوٽيءَ وٽ ٽڪريون 15-20 فٽ تہ ماڳهي ايڪپريون آهن پر چن پٽر جي پکن ۽ سُک ٽيل بلاکن سبب ڪٽان ڪٽان مٽي چڙهي سگهجي ٿو. انهن ٽڪرين جي اڪثر مٽاڇرن تي چقمقي پٽرن جا قدرتي طور وڏا ذخيرا آهن تہ ڪي انهن کان بنهہ وانجهيل بہ آهن.

اڇڪلهہ چن پٽر جو قدر آهي جو اهو روڊن جي اڏاوت ۾ ڪم اچي ٿو ۽ مزدور سڄو ڏينهن چن پٽر ٽوڙيندا ۽ ٽرڪن ۾ ڊوئيندا نظر اچن ٿا. ماضيءَ ۾ چن پٽر جو نہ، چقمقي پٽر جو وڏو قدر هو ۽ اهو ئي پٽري اوزارن جي صنعت جو وڏي ۾ وڏو ۽ بنيادي ذريعو هو. چقمقي پٽرن جو قدر تڏهن گهٽيو جڏهن لوهہ دريافت ٿيو، روهڙي واري چقمقي پٽر جو رنگ پورو يا سرمائي آهي. جنهن تي ڦڪي لهر يا ڪارو ۽ ڪسيل چٽو ٽئي ٿو.

پروفيسر آلچن ڊسمبر 1975ع ۾ گهٽو تٽو ٽڪرين جو اتر وارو حصو ڏٺو. جتي هن کي سنڌو تهذيب سان لاڳاپيل پٽري صنعت نظر آئي، ان جو ذکر هن بار بار ڪيو آهي. چالڪوليٿڪ دؤر جي پٽري اوزارن جي ورڇ ۽ ماپ هن ڪجهہ تفصيل سان ڏني آهي، پر بنيادي طور تي انهن کي چرين جا بڻ، چرين جا ايڏنگا چٽڙ، ڊگهين چرين جا بُڻ، سنهڙا چليل چٽڙ چريون، چرين جا ٽڪرا ۽ چٽڻ وغيرہ ۾ ورهايو آهي. انهن جي گهٽائيءَ جو اندازو ان مان هٿي سگهجي ٿو تہ 1x2 ميٽرن جي ٽڪري مان Core 13، 20 ايڏنگيون چليل چريون، 14 چريون، 26 چرين جا ٽڪرا ۽ 18 چٽڙ لڌا.

هي نفاست سان گهڙيل چريون ۽ Cores آهن، اهي اوزار نوان هٿا ۽ غالباً استعمال نہ ٿيا هئا. چرين جي ڌار تکي هٿي ۽ انهن تي موسمن جو اثر گهٽ هو، سواءِ ان جي تہ ڪن اهڙن چٽڙن تي هلڪي پٽينا (مٽاچري تي زنگيل نشان) موجود هٿي جيڪي موسم جي سڌي زد ۾ هئا.

مادام آلچن جي تجزئي موجب چالڪوليٿڪ دؤر ۾ استعمال ٿيل چقمقي پٽر ۽ مڊل پيليوليٿڪ دؤر ۾ استعمال ٿيل چقمقي پٽر ۾ ڪجهہ فرق آهي. چالڪوليٿڪ اوزارن ۽ پٽري بڻن جو رنگ گهٽو ڪري پورو ۽ سرمائي آهي. پر، مڊل پيليوليٿڪ اوزارن (جيڪي جيتوٽيڪ ڪن هنڌن تي چالڪوليٿڪ دؤر سان گڏ مليا آهن يا ساڳين ٽڪرين جي لاهين تان مليا آهن.

محسوس ٿئي ٿو ته انهن کي ڇاڻي واڻي نظرانداز ڪري پاسيرو ڦٽو ڪيو ويو آهي.) جو رنگ گهري ناسي ڇڻ وارو آهي ۽ انهن ڇڻن جون تڪيون ڏارون مڏيون ٿي چڪيون آهن. وچين پيليولٿڪ دؤر جا Cores ۽ ڇڻ جن جا ڪيئي مختلف قسم آهن. ٻئي دؤر جي ڏيرن سان سٽيا پيا هئا يا انهن کي ٽڪرين جي پاسي تي ڇڏيو ويو هو جتي هڙپ دؤر جو ڪم ٿيو هو. جڏهن وچين دؤر ۾ گهڙيل پٿري اوزار (چقمقي پٿر) ٽوڙيا ويا، تڏهن پٿر جي اصل جسم جو رنگ مختلف نظر آيو. مدل پيليولٿڪ هنرمند جيڪو چقمقي پٿر استعمال ڪيو سو گهرو سرمائي هو، جنهن تي ڪارو چٽ هو ۽ زنگيل رنگ جي لهر هئي. جڏهن ته سنڌو تهذيب واري دؤر ۾ استعمال ٿيل چقمقي پٿر جو رنگ هلڪو پُورو آهي جنهن تي هلڪي ميٽوڙي رنگ واري لهر آهي.

روهڙي- ڪوٽڏجي ٽڪرين ۾ اوائلي پيليولٿڪ ماڻڪن ۽ انهن جي ماحولياتي حالتن تي بحث ڪندي اٽليءَ جي ٻن ماهرن پاولو بياجي ۽ ايمر ڪريماشي (جيو آرڪيالاجسٽ) تمام بنيادي معلومات سهيڙي آهي. هنن هن علائقي ۾ شاهه لطيف يونيورسٽي خيرپور جي آرڪيالاجي شعبي جي تعاون سان سروي جو ڪم ڪيو ۽ کي بنيادي نتيجا اخذ ڪيا. روهڙيءَ وارين ٽڪرين جو جنم وچين ايوسين (Middle Eocene) يا اوائلي اوليگوسين (Oligocene) دؤر جو چيو وڃي ٿو. پاڪستان ۾ پيليولٿڪ دؤر بابت ڪوجنا جو ڪم ڪو گهٽو پراڻو ڪونه آهي. غالباً 1939ع کان اهو ڪم هٿ ۾ کنيو ويو. سنڌ ۾ انساني ۽ جاگرافيائي اٽل پٽل سبب قديم آثارن کي ڪافي ڇيهو رسيو آهي. اهڙا ماڳ تمام گهٽ ملن ٿا جيکي صحيح سلامت ۽ "جيئن جو تيئن" باقي بچيا هجن. ان ڪري ماهرن وٽ ان ڪانسواءِ ڪا ٻي واٽ نه آهي ته هو مليل اهجاٽن مان وڌ ۾ وڌ نتيجا ڪڍڻ جي ڪوشش ڪن.

روهڙيءَ ۾ اوائلي پيليولٿڪ جي ڪوج جو تاج پروفيسر آلچن جي سر تي آهي جنهن 76-1975ع ڌاري اهو ڪم شروع ڪيو. روهڙيءَ واريون ٽڪريون چن پٿر جون آهن. جن کي هوائن ۽ پاڻيءَ زبردست نموني ڇلي بي ترتيب ڍاکون ڍاکون ڪري ڇڏيو آهي. ٽڪرين ۾ هنڌ هنڌ چقمقي پٿر ٽڙيل پکڙيل آهن، جيکي قديم انسان کي اوزار ناهڻ ۽ باهه ٻارڻ جي ڪم آيا. اولهه پاسي ۾ مان ٽي سنڌو ندي وهندي رهي هئي. ٽڪرين جي اوپر ۾ نارا ڪئنال يا سنڌوءَ وارو پراڻو وهڪرو آهي.

گرمي ۽ پاڻي جي حوالي سان روهڙي ٽکرين جو اوپر وارو پاسو تمام سخت آهي. هتي اونهاري ۾ گرميءَ جو وڌ ۾ وڌ درجو 46 ڊگريون سينٽي گريڊ ۽ سياري ۾ 7 ڊگريون سينٽي گريڊ نوٽ ڪيو ويو آهي. بارش 90 کان 125 ملي ميٽر في سال رڪارڊ ڪئي وئي آهي.

روهڙي واريون ٽکريون گهٽو ٿلو ڇڻ پٿر جون آهن ۽ انهن جو رخ ب سنڌ جي سمورن جبلن ۽ ٽکرن وانگر اتر کان ڏکڻ طرف آهي. جيالاجيءَ ۾ ان قسم جي ٽاکرو/ جابلو سلسلي کي "براهوي فارميشن" چون ٿا جيڪي وچين ايوسين يا اوائلي اوليگوسين دؤر ۾ وجود ۾ آيون.

روهڙي ٽکريون چقمقي پٿرن جي لحاظ کان مالا مال آهن. اهي چقمقي پٿر ٽکرين جي مٿاڇري تي ب هنڌ هنڌ ٽڙيا پکڙيا پيا آهن. ٽکرين جي تفصيلي جيالاجيڪل پڙتال مان پتو پوي ٿو ته انهن ۾ جپسم، ڇڻ، پنڌ پاهڻ ۽ واريءَ جون ذريون آهن.

روهڙيءَ جي ٽکرين ۾ انساني سرگرمي جيئن ته مختلف جاگرافيائي زمانن ۽ مندن ۾ برقرار رهي آهي، ان ڪري ضروري ته هڪ نظر ثقافتي زمانن ۽ جاگرافيائي صورتحال تي ب وجهجي.

دؤر	موسمي حالتون	ثقافتي صورتحال
1- اوائلي/ وچون پلائيسٽوسين	گهميل ۽ گرم	اڪيولين اوزار
2- مٿيون پلائيسٽوسين	خشڪ (پٿن جي حرڪت)	اڪيولين (؟)
3- هولوسين	وڌيڪ گهميل ۽ پوءِ خشڪ	سنڌو تهذيب

اروڙ وٽ نندڙين ڇڻ پٿري غارن ڪي ڏسي ڏرتي وديا جا ماهر انهن کي برساتي ۽ گهميل دؤر جون نشانيون سمجهن ٿا. ٽکرين جي مٿاڇري تي پکڙيل هيڪاندن چقمقي پٿرن قديم زمانن جي لوڪن جو ڏيان ڇڪايو ۽ پوءِ هنن ان ذخيري کي وڏي پئماني تي خام مال طور استعمال ڪرڻ شروع ڪيو. اڇڪلهه ليڇنڊڙ اوزار مختلف دؤرن جي صنعتن جي نشاندهي ڪن ٿا. ماهرن انهن پٿرن جي ڇڪاس لٽبارينرين ۾ ڪرائي ته انهن جي گهڙاوت، استعمال ۽ علائقي ۾ ماحولياتي تبديلين جا باريڪ نقطا سامهون آيا، جن جي بنيادن تي انهن اوزارن کي مختلف خانن ۾ ورڇيو ويو. انهن ئي اوزارن جي بنياد تي باهمي لڳ لاڳاپن جو جائزو ورتو ويو.

اوائلي پيليوليٿڪ اوزار، جيڪي فقط ٽڪرين جي چت تي پکڙيل آهن. انهن تي ٽلهو ڳاڙهو زنگيل قدرتي چٽ (Patina) آهي. انهن پٿرن جو مٿاڇرو ارضياتي قيرقار جي گرمائش ۽ واريءَ جي حرڪت سبب بالڪل بدلجي ويو آهي ۽ اهو اڃ گهڙيل چقمقي پٿرن جهڙو آهي. اوائلي/ وچين ۽ مٿئين پيليوليٿڪ دؤرن جا اوزار هڪٻئي جي ابتڙ صاف پالش ٿيل مٿاڇرو رکن ٿا. اهي اوزار ٽڪرين جي چتين توڙي لاهين تي موجود آهن. اهي انهن هيٺاهين چتين تي به آهن، جيڪي ٽڪرين جي ڪاڌ سبب پيدا ٿيون. نيٺ، اڄ کان لڳ ڀڳ پنج هزار سال اڳ وارو زمانو اچي ٿو جنهن جا اوزار اسان کي نه رڳو ٽڪرين جي چتين تي ملن ٿا پر هيٺ وادين ۾ ۽ اوپر طرف ريگستان جي ڪنڊين تان به ملن ٿا.

هتي اهو حوالو ڏيڻ مناسب ٿيندو ته اڇڙي ٽر جي ڪن اهڙن ويرن ۾ جتي جتي ڪي ٽاڪرو پَٽَ واريءَ هيٺ لتجڻ کان ايجا بچيل آهن، نندڙا نندڙا پٿري اوزار (Microliths) ملن ٿا. مون 1992ع ڌاري هڪ اهڙو ويرو ڏٺو جيڪو پڌعيدن واري پاسي کان پٿن ۾ هو. ان کي "ڪنڊي وارو" يا "پٿرن وارو ويرو" ٿي چيائون. اوڏانهن راڄپرن جي ڳوٺ علي آباد کان ويڃ بهتر ٿيندو.

اهي ويرا سڄ پڄ ته گهٽي تحقيق گهرن ٿا. جيالاجيءَ جي لحاظ کان هن پاسي جي بيهڪ ايئن به عجيب آهي جو هڪ ئي هنڌ بيٺي مختلف رنگن ۽ وزنن جي واريون (Sands) جو مشاهدو ڪري سگهجي ٿو. هڪ اها واري (Sand) آهي جيڪا ويرن کي اڳ وکوڙيل هئي. پي اها واري (Sand) آهي جيڪا دڙن جي صورت ۾ نئين سر ورندي پئي وڃي. هڪ واري (Sand) پوري آهي ۽ پي ميٽوڙي ڦڪي، ويرن ۾ ريتلي پٿرين جا ڪول ٽڪرا به موجود آهن. "پٿرن واري ويري" جي خاص ڳالهه اها سامونڊي ڪجي آهي جيڪا هاڻي خشڪ پٿر بڻجي وئي آهي.

پٿري ثقافت جي تازن دؤرن جي اوزارن ۽ اوائلي پيليوليٿڪ دؤر جي پٿري اوزارن جي پيٽ ڪرڻ سان انهن جي سطح تي موجود رنگ ۾ آيل فطري تبديليءَ (Patina) کي چڱي طرح ۽ سولائي سان ڏسي سگهجي ٿو.

Patina جي اصليت ۽ ماحولياتي خصوصيت سمجهڻ لاءِ ڪجهه نمونن جو چيڪ (Scanning) ڪيو ويو. اهڙن نمونن لاءِ مختلف دؤر جي اوزارن ۽

اڇهيل چقمقي پٿرن جي چونڊ ڪئي وئي. اهڙي طرح هر قسم جي چقمقي پٿر، مائيڪرو لٿس، هڙپ دؤر، پيليوليٿڪ ۽ اوائلي پيليوليٿڪ اوزارن ۾ استعمال ٿيل چقمقي پٿرن جي ساخت، رنگن ۽ نينگهن جو اڀياس ڪيو ويو.


ليبارٽري ٽيسٽ وٺڻ سان ظاهر ٿيو ته روهڙيءَ جي ٽڪرين ۾ گهٽ وڌيڪ پيليوليٿڪ دؤر جي شروعات کان وٺي هڪ خشڪ موسم قائم ٿي چڪي هئي.

سنڌ ۾ پرياتي اوزار Eoliths

پير سُرهيو: سنڌ ۾ هيل تائين دريافت ٿيل پٿري دورن جي سڀني ماڳن مان پراڻي ۾ پراڻو "پير سُرهيو" ماڳ آهي. هي ڪوٽڏيجي وارين ٽڪرين جو ڇڪ ڪاڇو آهي. هي زمينون اڇڪلهه پوکيءَ هيٺ آهن. پير سرهبي جي درگاهه وٽ ايڪڙ ڪن جي ايراضيءَ ۾ سنڌ جا سڀ کان قديم اوزار، جن کي ابتدائي يا پرياتي اوزار (Eoliths) چئي سگهجي ٿو، ٽڙيا پکڙيا پيا آهن. پهرين نظر ۾ اهي عام رواجي ۽ ٽڪل گول پٿر (Pebbles) لڳن ٿا پر انهن تي ٿورو ڏيان ڏيڻ سان قديم انسان جي اها ڪوشش نظر ايندي جنهن سان هنن انهن پٿرن کي ڏڪ هٿي شعوري طرح اوزار ٺاهڻ جي رٿ رٿي هئي. اهي جيڪڏهن ٻه چار پٿر هجن ها ته سمجهيو وڃي ها ته اهي اوزار محض اتفاق سان گهڙيل آهن پر اهي ڪافي تعداد ۾ آهن. هڪ ڪچي اندازي موجب اهي ڏهه لک سالن تائين وڃي سگهن ٿا ۽ سوان پوٺوار جي پرياتي اوزارن (Eoliths) جا همعصر ٻه ٿي سگهن ٿا. پير سرهيو ماڳ وٽان سنڌو تهذيب جا اوزار خاص ڪري پٿري بليڊ ٻه ملن ٿا.

پيليوليٿڪ ماڳ

خيرپور يونيورسٽي جي آرڪيالاجي واري شعبي جي رکاوٽ ۾ هن مهل تائين هتي لڌل هڪ درجن ڪن مکيه ماڳن مان ست ماڳ اوائلي پٿر جي دؤر جا آهن ۽ ستن ماڳن تان اوائلي/ مڊل پيليوليٿڪ اوزار مليا آهن. انهن ماڳن جي تفصيلي کوج کان پوءِ انهن جي پرپاسن مان ننڍا ننڍا بيشمار ماڳ ٻه مليا آهن.



پير سُرهيو ماڳ تان لڌل پرياتي اوزار

ڪجهه مکيه ماڳ هن ريت آهن.

1- انڙ 2- انڙ ٽڪري. هي ٻئي ماڳ ڪوٽڏجيءَ جي ڏکڻ ۾ انتهائي اولهه واري ٽاڪرو حصي ۾ نندڙين ٻنين تي آهن. ٽڪرين جي چؤطرف واري پکڙيل آهي. البت اولهه پاسي سنڌوءَ جا ميدان آهن. 3- برج سائيٽ. 4- ٽانڪي راحب شير. ان جي پرسان 5- راحب شارق ۽ موٽر جو ڳوٺ. 6- شيراز ٽڪري. 7- ڳاڙهي ٽڪري. 8- بنگلو ڪوٽ. 6-7 ۽ 8 ماڳ ڪوٽڏجيءَ کان اوپر اتر ۾ ٿورڙي پنڌ تي آهن. البت راحب شير وارا ماڳ ڪوٽڏجي کان اوپر ڏکڻ ۾ ٽاڪرو سلسلي جي وچ ۾ آهن) 9- شادي شهيد. 10- شادي شهيد کان ڏکڻ طرف سڌ پنڌ تي هڪ ٽاڪرو ماڳ 11- اروڙ غار (جنهن کي ٻڌڪي غار به چيو وڃي ٿو.)

انڙ ٽڪري: انڙ ٽڪريءَ جا ٻه حصا آهن. جيڪي واريءَ سان گهيريل آهن. ٽڪري جي ٻنهي ڇتين ۽ لاهين تان پٿري دؤر جا اوزار لڌا ويا آهن. هڪ ڇت تان اوائلي پيليوليٿڪ اوزار ملن ٿا. ٻي ڇت تان وچين پيليوليٿڪ، آخري پيليوليٿڪ دؤر جا اوزار ۽ سنڌو تهذيب واري زماني جون فيڪٽريون مليون آهن. ٻنهي ٽڪرين جي لاهين تان ٻه سنڌو تهذيب جا پٿري اوزار ملن ٿا. اوائلي پيليوليٿڪ اوزارن ۾ هٿ ڪهاڙيءَ جو هڪ ٽڪرو آهي، جنهن جو مٽاڇرو لسو ۽ لهردار آهي. هڪ ڌار ڀڳل اٽس. اوائلي/ وچين پيليوليٿڪ اوزارن ۾ ٻه عدد لهردار ۽ تکيون هٿ ڪهاڙيون ٻه آهن. ٻين اوزارن ۾ هڪ پاسيون ڪرچٽيون آهن. هڪ ڪرچٽو ٻه ڌارو ۽ ٻه مُنهون آهي. هڪ وڏو ڪرچٽو ڏندن وارو آهي.

انڙ ماڳ کان 300 ميٽر اوپر ۾ انڙ ٽڪري ٻه ساڳي نوعيت جي آهي. جنهن جي ڇت اوائلي پيليوليٿڪ اوزارن سان پريل آهي. هتان ٻه هڪ ڀڳل پر تکي هٿ ڪهاڙي ملي آهي.

شيراز ۽ ڳاڙهو ٽڪر: اهي ٻئي آمهون سامهون آهن. شيراز قد ۾ بهتر آهي البت ڳاڙهو ٽڪر ان جي اڃ جيترو ٻه نه آهي. انهن ٽڪرين کي نديون وادیون هڪٻئي کان جدا ڪن ٿيون. ڳاڙهي ٽڪريءَ جي جهولي نما ڇت تي اوائلي پيليوليٿڪ سائٽ آهي. ڳاڙهو ٽڪر شيراز جي اتر اوپر ۾ آهي.

بنگلو ڪوٽ ماڳ: سوراهه روڊ تي ڪوٽڏجيءَ کان سر اوپر ۾

پهرين ٽڪريءَ جي چت تي اوائلي پليوليٽڪ ۽ وچين پيليوليٽڪ دؤر جا اوزار پکڙيل آهن. جڏهن ته ٽڪريءَ جي لاهيءَ تي مليل اوزارن تان وچين پيليوليٽڪ هجڻ جو گمان آهي.

ٽانڪي ماڳ: سوراهه ويندڙ رستي تي اوائلي پيليوليٽڪ ماڳ آهي جنهن جي چت تي پکڙيل اوزارن کي نئين زماني ايجا تائين نقصان نه پهچايو آهي.

راحب شارق - موٽڻ جو ڳوٺ: سوراهه روڊ تي کي ٽڙيل پکڙيل ٿورا اوزار لڌا ويا، اهي اوائلي پيليوليٽڪ دؤر جا آهن.

برج سائيٽ: سوراهه روڊ تي پوئي جي الهندي پاسي اوائلي ۽ وچين پيليوليٽڪ زمانن جون شاهديون آهن. هيءَ 300 ميٽر موڪري ماٿري آهي. هتان هڪ پاسا کرچٽا، بليڊ وغيره ملن ٿا ۽ ڏندن واريون کرچٽيون به مليون آهن. گول کرچٽا ۽ Cores به گهٽا آهن.

نئين تحقيق

جرنل آف آرڪيالاجي (شعبو خيرپور يونيورسٽي) ڪوٽڏجي - روهڙي ٽڪرين جي حوالي سان هڪ سٺو تحقيقي دستاويز آهي، جنهن ۾ علائقي جي جيالاجي ۽ پٽري دؤر تي تمام بنيادي رپورٽون شامل آهن، جيڪي ڏاڍي مهارت ۽ محنت سان تيار ڪيون ويون آهن.

ڪوٽڏجي ۽ روهڙيءَ وارين ٽڪرين جو سائنسي بنيادن تي پهريون اپياس غالباً 1880ع ۾ بلانفورڊ (Blanford) ڪيو، جنهن ۾ ٽڪرين جي بيهڪ سياٽتي (Flint)، چن پٽر ۽ جاگرافيائي ڪٽائن سان ڳڏوڳڏ انهن گهڙيل پٽرن جو ذڪر به ڪيو ويو، جيڪي ٽڪرين جي چتين تي ٽڙيل پکڙيل آهن. هن کان ا ٽڪل 50 سال پوءِ ڪزنس (Cousens) 1929ع ۾ ۽ ترت ئي پوءِ دي تيرا (DeTerra) ۽ پيٽرسن 1939ع کوجنائون ڪيون. هن اتان ليجندڙ اوزارن جي پيٽ سنڌو تهذيب جي اوزارن سان ڪئي. ان ريت هو پهريان محقق هئا، جن ٻڌايو ته هن ٽڪرين ۾ سنڌو تهذيب واري دؤر ۾ ڪنهن خاص قسم جي سرگرمي رهي آهي.

هن کان پوءِ 76-1975ع ۾ جرمنيءَ مان پروفيسر آڇن ۽ مادام برجيت

آلچن آيا، جن ٽکرين جي اتر ۾ ڏکڻ وارن ڪنڌين طرف ڏيان ڏنو. هن سکر ۾ روهڙي وٽ اهڙن اوائلي ڪارخانن جي نشاندهي ڪئي، جتي سنڌو تهذيب واري دؤر ۾ اوزار ٺهيا. هن ساڳي ابتدائي سروي ۾ ئي پٿر جي وچين ۽ پوئين دؤر جي نشاندهي به ڪئي ۽ اهڙا اوزار هٿ ڪيا. مادام آلچن 1979ع ڌاري پهريون پيرو تصويرن سميت هڪ رپورٽ ظاهر ڪئي ته موهن جي دڙي ۽ روهڙيءَ جي ٽکرين مان ملندڙ اوزارن ۾ زبردست هڪجهڙائي آهي. هن پنهنجي مضمون ۾ سکر ويجهو پٿري دور جي لڌل ورڪشاپ کي گهٽي اهميت ڏني. سندس خيال آهي ته اهي اوزار اتي ٺاهي پوء ٻيڙين جي ذريعي لهواري پاسي واقع موهن جي دڙي پهچايا ٿي ويا. ان جو امڪان ان ڪري به وڌيڪ هو جو موهن جي دڙي ويجهو گهربل اوزارن لاءِ ملندڙ خام مال ۽ سرگرميءَ جو ٻيو ڪوبه ثبوت ڪونهي. مادام آلچن روهڙيءَ جي چؤطرف اهڙن ڏيرن جو به مشاهدو ڪيو جتي ان دؤر جا ماڻهو پٿرن مان اوزار گهڙڻ لاءِ جاءِ صاف ڪري ويهندا هئا.

فيبروري 1986ع ۾ مسٽر بياجي (P. Biagi) ۽ ايم ڪريماشي (M. Cremachi) ڪوجنا جو ڪم اڳتي وڌايو ۽ 1986ع ڪان پوء 1991ع تائين کوجنائون ڪيون، جنهن دوران سنڌو تهذيب ۽ اوائلي پٿري دؤر جا ڪافي ماڳ هٿ آيا. اهڙي طرح شادي شهيد جي اوپر ۽ ڏکڻ ۾ به عدد، ڪوٽڏجيءَ ڪان اوپر ۽ ڏکڻ اوپر طرف 6 عدد ۽ ڪوٽڏجيءَ ڪان اولهه ۾ به عدد اوائلي پٿري دؤر (Palaeolithic) ماڳ رکارڊ تي چڙهيا. پر مان ذاتي مشاهدن جي آڌار تي چئي سگهان ٿو ته سکر ڪان سوراهه ۽ ڪوٽڏجيءَ جي ڏيکهه ويکر ۾ اهڙا ڳاڙاتي ڪان ٻاهر ماڳ آهن، جن تي پٿر جي اوائلي دؤر ڪان وٺي سنڌو تهذيب جي عرصي تائين اوزار گهڙيا رهيا آهن. جڏهن ته اها ڳالهه خود قديم آثارن جا واسطيدار ماهر به قبول ڪن ٿا ته تازو ڪي قديم ماڳ هن ٽکرين مان پٿر ميڙڻ واري عمل توڙي زرعي ۽ صنعتي سرگرمين دوران نابود ٿي ويا آهن. (انهن ئي نابود ٿيل ماڳن مان هڪ دؤر جي هڪ غار بابت به حوالو ڏنو پيو وڃي، جيڪا 1990ع ۾ تباهه ٿي وئي.)


ڪريماشي ۽ بياجي جي رپورٽ (1988ع) موجب اٽڪ ماڳ جي ٻنهي ٽکرين تان، جيڪي هڪٻئي کان فقط 300 ميٽر پري آهن، اوائلي پٿري دؤر جا ۽ منهان اوزار مليا آهن. انهيءَ صنعت کي قديم آثارن جي ٻولي ۾ اوائلي

پٿري ايڪوليئن صنعت (Early Palaeolithic Acheulian Industry) چيو ويجي ٿو جن ۾ هٿ ڪهاڙيون، هڪ پاسا ڪرڻا، "Clactonian" (ڪليڪٽونين اصطلاح اصل ۾ انگلينڊ ۾ پٿري تمدن جي ٻئي دؤرن جي خاصيت متعلق آهي، جنهن ۾ پٿر جي ٽڪرن مان اوزار ٺاهيا ويندا هئا.) ۽ ProtoLevallos Flakes خصوصيتون آهن (ليوالوئس هڪ واضح ثقافتي روايت آهي جنهن جو تعلق اوائلي پٿري دؤر سان آهي ۽ اهو اصطلاح ان خاص ٽيڪنڪ لاءِ آهي جيڪا چقمقي پٿر مان اوزار ٺاهڻ ۾ استعمال ٿي هئي.) بياجي ۽ سندس ٽيم هن مرحلي ۾ شادي شهيد وٽ ڪجهه اهم ماڳ ٻ ڳولي لڌا جن مان هڪ دؤن ڪن سنڌو تهذيب جي اوزارن سان صنعتي بنيادن تي لاڳاپيل هئا.


شاهه لطيف خيرپور يونيورسٽي، خيرپور ڪئمپس جي تعاون سان پاڪستان ۽ اٽليءَ جي گڏيل ٽيم جنوري 1993ع ۾ جيڪو گڏيل سروي جو ڪم ڪيو آهي ۽ جيڪو غالباً اڃتي ٻ جاري رهندو، جانفشانيءَ تي ٻڌل هو. هن ڪجهه ماڳ ۽ علائقا چونڊي تمام باريڪيءَ سان نتيجا حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، انهن جي گڏ ڪيل باريڪ معلومات اڃتي ڪوجنا ڪندڙن لاءِ ڏاڍي مددگار ثابت ٿي سگهي ٿي.

ڪوٽڏجيءَ ڪان روهڙي تائين ٽڪرين ۾ هنڌ هنڌ پٿري اوزارن جي هيڏي پئماني تي صنعت ڏسي ماڻهو اهو سوچڻ تي مجبور ٿئي ٿو ته سڄي سنڌو ماٿري، سنڌوءَ جي ڪن ڏن پرو ندين ۽ الهندي جبل ۾ واقع تاريخ ڪان اڳ وارين ثقافتن ۽ تهذيبن ۾ استعمال ٿيل اوزار اصل ۾ ڪوٽڏجي ۽ روهڙيءَ واري ٽڪر جي اوائلي هنرمندن تيار ڪيا هئا.

روهڙي ٽڪرين ۾ 1993ع واري سروي دوران ڪوٽاين بابت ابتدائي رپورٽ جيڪا يونيورسٽيءَ جي 1994ع واري جرنل ۾ ڇپي آهي، ان موجب شادي شهيد ويجهو 2.5 چورس ڪلوميٽرن ۾ بي شمار نديون وڏيون اڏاوتون، ڪڏون ۽ ورڪشاپ موجود هئا جن جو تعلق سنڌو تهذيب سان هو. انهن ڪوٽاين ۽ ڳولائن مان ثابت اهو ٿيو ته شادي شهيد جي ڀرپاسي ۾ ٽڪرين تي موجود سيانتو اوزار ٺاهڻ جي مقصد سان وڏي پئماني تي استعمال ٿيو. انهن مان هن ماڳن جي ڪوٽائي ڪئي وئي ۽ تمام باريڪ بينيءَ سان انهن جي دستاويز بندي ڪئي وئي. انهن ماڳن تي پوءِ وارن دؤرن ۾ ڪا انساني ڇيڙ ڇاڙ نه هئڻ ڪري اتي پکڙيل ماڳن مان بهتر نتيجا حاصل ٿي



اروڙ وارين ٽڪرين تان لڌل اوزار



جابلو ندين جي پيٽ ۾ لڙهي گول ٽيل پٿرن مان هن قسم جا اوزار اڪثر ڪري شروعاتي ۽ وچين پيليولٿڪ دور ۾ ٺاهيا ويا. انهن پٿرن تان لاٿل چٽڙ پڻ اوزارن طور ڪم آندا ويا.

سگهيا. مثال طور اهو ثابت ٿيو ته ماڳ نمبر 58 جتي پٿري اوزارن جا ٻُڌ (Croes) وڏي تعداد ۾ موجود آهن اتي سنهڙا بليڊ، عام ماپ جا اوزار ۽ تمام وڏي سائيز جا بليڊ ٺاهيا ٿي ويا. اتي تفصيلي کوجنا مان اندازو ٿيو ته اصل ۾ ڪن مختلف قسمن جا Cores موجود آهن جن جي معنيٰ آهي ته اتي ۾ ئي هي ورڪشاپ به هئي. البت ماڳ نمبر 59 تي عام ماپ جا پٿري اوزار تيار ڪيا ٿي ويا. ان مان ظاهر آهي ته علائقي ۾ پٿري اوزار گهڙڻ جا مختلف سلسلا جاري رهيا آهن.

روهڙي- ڪوٽڏجي ٽڪرين ۾ رهائشي غارون

گهاڙ واري سڄي علائقي ۾ اوائلي انساني سرگرميءَ جو ثبوت ته ڪاڦي ڪان ٻاهر آهي پر انهن انسانن جي رهڻ وارن ماڳن جا نشان تمام ٿورا ملیا آهن، خاص ڪري سنڌو آمري تهذيب ڪان اڳ واري زماني جا. سنڌو تهذيب سان لاڳاپيل ٽڪرين جو اهڙن ماڳن وٽان ملڻ جتي سنڌو تهذيب وارا پٿري چاقو ملیا، سنڌو تهذيب جي رهواسين جي رهائش گاهن جي نشاندهي ڪن ٿا. ان دؤر ۾ ۽ ان ڪان اڳ به قديم سنڌي لوڪ گهاڙ ۾ غالباً ائين ئي رهندا هوندا جيئن اڄڪلهه مختصر جهوپڙيون ۽ جڳهيون جوڙي ويٺا آهن. ڇاڪاڻ ته سروٽن وارين اڏاوتن جا نشان ته بنهه ڪونه آهن. البت پير سرهئي واري اڏاوت سميت ڪن هنڌن تي پٿر جا بلاڪ اڏاوت ۾ استعمال ڪيا ويا.

محمد حنيف لغاري روهڙيءَ وارين ٽڪرين ۾ قديم آثارن جي حوالي سان ڪجهه غارن جو مختصر تعارف ڪرائي ٿو، جن جو ايياس خيرپور يونيورسٽيءَ جي آرڪيالاجي شعبي 1992ع ۾ ڪيو هو. سندس مضمون ۾ سکر ضلعي اندر ڇڻ غارن جو ذڪر آهي.

ٻڌڪي غار:

هيءَ غار ٻڌڪي دؤر جي آهي، ان غار جو ذڪر مسٽر بياجيءَ ڪريماشي به (1990ع) ۾ ڪيو آهي. اها غار روهڙي کان ست ڪلوميٽر ڏکڻ اوير ۾ ۽ اروڙ وارن ڪنڊرن جي اولهه واري لاهيءَ تي آهي. ان غار واري ٽڪريءَ تي مٿي اتر پاسي هڪ استوپا بنهه تباهه ٿيل حالت ۾ آهي. ان استوپا


جي ويجهو کان ڪجهه سجاوٽي سرون مليون آهن، جيڪي پڪ سان استوپا ۾ استعمال ٿيون هونديون. ان قسم جي سجاوٽي سرن جو استعمال سنڌ جي استوپائن ۾ عام ملي ٿو.

غار جو منهن اوپر طرف آهي جيڪو 6 فوٽ ڊگهو ۽ 4 فوٽ اوچو آهي. غار اندر اولهه اوپر رخ ۾ 12 فوٽ آهي جڏهن ته چئمبر جي اوچائي 7 فوٽ آهي. ان جي ڇت سڌي آهي، جنهن ۾ ٻه عدد ننڍڙا ڏيئا رکڻ جون جايون آهن. هڪ اولهه طرف ۽ ٻيو ڏکڻ طرف. ان غار جو فرش استعمال ٿيل شين سان ڀريل هو. 1990ع ۾ انهن ڊپازٽس جي ٻه فوٽ هيٺ تائين چڪاس ڪئي وئي پر ان کوٽائيءَ مان ڪنهن به قسم جي انساني سرگرميءَ جو ثبوت نه مليو آهي. البت غار جي منهن وٽان ٽڪرائتو مليو. اها غار 1991ع ۾ پٿر ڪٽندڙ ٺيڪيدارن جي هٿان تباهه ٿي وئي.

کالکان غار:

ڇچ نامي ۾ اروڙ جي ٻهراڙيءَ ۾ هڪ مندر جو ذڪر آهي. اهو مندر يقين ماڻوکو کالکان مندر آهي، جيڪو هڪ غار ۾ قائم آهي. هيءَ کا قدرتي غار نه آهي، پر مڪمل طرح انساني هٿن جي محنت جو شاندار نمونو آهي. قديم آثارن جا ماهر هن غار کي پٿري دؤر سان ملائين ٿا. جيئن ته هن غار واري ٽڪر جي ڇت تي نيوليٿڪ دؤر جا پٿري اوزار آهن ان کري، هن غار کي به نيوليٿڪ زماني جو يادگار سمجهيو وڃي ٿو. جيڪڏهن هن ڳڻا جي ڪنهن ٻي غار سان پيٽ ڪجي ته بنا ڪنهن هڪ جي ڇئي سگهبو ته اها RRI واري ماڳ جهڙي آهي، جيڪا شادي شهيد کان ڏکڻ طرف پڳ واري ٽڪر ويجهو واقع آهي. کالکان معنيٰ کالي ديوي، جيڪا اپڪنڌ ۾ پوڄجندڙ سڀ کان پراڻي ديوي آهي. ايڄ به ائين ڇڄي ته ديوين ۽ ديوتائن جي ميڙ ۾، جنهن تصور کي سڀ کان پهرين پوڄيو ويو، سو اهو ئي "ديوي ماتا" وارو آهي، جنهن جي هڪ اوائلي شڪل کالي يا کالکان آهي.

کالکان واري غار (تصويرون ڪتاب جي آخري صفحن تي) ۾ ٽي وڏا چئمبر ۽ ٻه ٽي ننڍڙيون/ پاسيرون ڇُرون آهن. ٽنهي چئمبرن کي مرڪزي هال واري حيثيت حاصل آهي. جڏهن ته پاسريون ڇُرون هاڻي چلہ ڪشي ۽ اڪانت ۽ تپسيا لاءِ ڪم اچن ٿيون. غار جي ڇت جي اوچائي ڪٿي انساني



كالكان واري غار


قد کان ٿوري مٿي آهي، ته کٽي گهٽ جنهن کري کُهو ٿي هلڻو پوي ٿو. اڳ گول جهڙي هن غار جا ٻه دروازا آهن. غار جي وچين چئمبر ۾ اڇڪلهه کالي ۽ جي مورتي رکيل آهي. اڇڪلهه غار ۾ بجليءَ جو انتظام آهي ۽ ان ۾ کاڻ جا دروازا وڏا ويا آهن پر جڏهن هتي پٿر جي دؤر جو ماڻهو رهندو هو، تڏهن دروازن مان روشني چٽي ايندي هوندي ۽ هوا هلکن جهوٽن سان لنگهي ويندي هوندي.

نندي چت واري هن غار جي چت ۾ کٽي کٽي اهڙي طرح گول کوٽائي کئي وئي آهي جو ماڻهو ان ۾ سڌو ٿي بيهي سگهي ٿو. اهي کوٽايون يقين پوءِ وارن وقتن ۾ يوگ ۽ تپسيا لاءِ ٺاهيون ويون آهن. کالکان غار جي مجموعي ڊيگهه 67 فوٽ آهي، جڏهن ته چت جي اوچائي مختلف هنڌن تي پنجن کان اٺن فوٽن تائين آهي. هڪ دروازي جي ويڪر 5.6 فوٽ ۽ ٻئي جي ويڪر 5 فوٽ آهي. اندريون چُرون 11.5 فوٽ ڊگهيون آهن. هڪ چُر جي چت 4 فوٽ اوچي آهي. ان چُر ۾ ته بس ماڻهو فقط بانڊڻا پائي گهڙي سگهي ٿو ۽ ليٽي نند کري سگهي ٿو!

چچ جي غار:

هن غار کي ٻڌ کي دؤر سان لاڳاپيل ۽ چچ جي غار سمجهيو ويي ٿو، جيڪو اروڙ جو راجا هو. ان غار جو منهن ڏکڻ ۾ آهي. اها غار اروڙ کان ڏکڻ ۾ کانڊڙا ڏانهن ويندڙ پڪي روڊ جي ويجهو اوير پاسي ۾ ۽ روهڙيءَ جي ڏکڻ اوپر ۾ 8 کلوميٽر پري آهي. ان غار جي پير ۾ پٿر جون وڏيون چپون آهن جن ذري گهٽ غار جو منهن بند کري ڇڏيو آهي. (تصويرون کتاب جي آخري صفحن تي) اها 35 فوٽ ڊگهي ۽ گهٽ ۾ گهٽ 12 فوٽ ويڪري آهي. اوچائي 8 فوٽ اٽس. ان جي چت چگي محفوظ حالت ۾ ۽ سڌي آهي ۽ ان ۾ ڏيئا رکڻ جون جايون آهن. ان جو متاڇرو چُن پٿر جي ڊير سان ستيل آهي. جڏهن ته پٿر جي بلاکن سان ۽ مٽي سان اوساري کيل هڪ ديوار غار جي منهن جي پرسان لاهيءَ تان ڏسي سگهجي ٿي. ان هنڌان وچولي ماپ جو ٽکراتو مليو آهي.

اها غار پاڳئي ٽکر ۾ آهي. کالکان واري غار کان پهچڻ لاءِ ويجهو رستو اهو آهي ته کالکان وٽان ٽکر چڙهي ٻئي پاسي لهجي، اهو پنڌ هڪ




چچ واري غار - اروڑ

ڪلو ميٽر ٿيندو. ان پنڌ دوران ٽڪر تي هنڌ هنڌ بليڊ ملندا. غار جي آڏو هڪ وڏي چپ ڪجهه ان ريت اپي بيٺي آهي جو مقامي هندو لوڪن جي اها ڏند ڪٿا جڙ حقيقت ٿي لڳي ته "ان غار ۾ هڪ راکاس رهندو هو. جڏهن هو غار ۾ سمهندو هو يا ٻاهر نڪري ويندو هو تڏهن غار جي آڏو رکيل وڏي چپ سان در بند ڪري ويندو هو ته جيئن ڪائڻ لاءِ ڦاسايل ماڻهو ڀڄي نه وڃن... پوءِ هن ظلم کان چوٽڪارو ڏيارڻ لاءِ ڪالڪان ديوي هتي آئي. اهڙيءَ طرح هنن ٽڪرين تي ڪالڪان ماتا ۽ راکاس جي وچ ۾ جنگ لڳي ۽ راکاس مارجي ويو.


راکاس جو روٽو 1 (RRI):

هيءَ سنڌ ۾ پٿري دؤر جي سڀني کان وڏي ۽ وڏي غار آهي، جنهن ۾ ننڍا وڏا پنج چئمبر آهن ۽ هڪ ٽڪر ۾ آرپار ڪوٽي ٺاهي وئي آهي، جنهن ڪري ٻه دروازا ٺهي پيا اٿس. هيءَ غار شادي شهيد کان ڏکڻ طرف پنجن ڪلوميٽرن جي پنڌ تي "پڳ واري ٽڪر" وٽ آهي. "پڳ وارو ٽڪر" اصل ۾ هڪ اهڙو ٽڪر آهي جنهن جو مٿيون حصو هوائن جي ڪاڌ سبب پٽڪي يا پڳ جهڙو ٿي پيو آهي. پڳ واري ٽڪر جي پير ۾، اصل ۾ ٻه غارون آهن. هتي اسان ان ٻي غار کي RRIB جو نالو ڏيون ٿا، جنهن جا تفصيل الڳ ڏبا. RRI کان ڏکڻ طرف سلطان ابراهيم اڈم جي درگاهه آهي جتي ٽاکرو اڇا آهن. اهڙا ئي اڇا شادي شهيد کان ٿي ڪلوميٽر اوپر طرف درگاهه چٽن شاهه وٽ ۽ نينهن ٽڪر اروڙ وٽ آهن. RRI ماڳ جي مجموعي ڊيگهه 211 فوٽ آهي. غار جو اتر اوپر وارو منهن 8 فوٽ ويڪرو آهي جڏهن ته ڏکڻ اولهه وارو منهن 15 فوٽ ويڪرو آهي.


تفصيلي ماپ: اتر اوپر واري منهن جي ويڪر 8 فوٽ، اوچائي 5 فوٽ ۽ منهن کان پهرين چئمبر تائين ڪل ڊيگهه 42 فوٽ اٿس. جڏهن ته چئمبر -1 جي چت 9 فوٽ اوچي آهي. چئمبر -1 جي ويڪر 13 فوٽ آهي. چئمبر نمبر -2 جي ڊيگهه 27 فوٽ، ويڪر 20 فوٽ ۽ اوچائي 10 فوٽ آهي. چئمبر نمبر -3 جي ڊيگهه 35 فوٽ، ويڪر 20 فوٽ ۽ اوچائي 15 فوٽ آهي. چئمبر -4 جي ڊيگهه 47 فوٽ، ويڪر 20 فوٽ ۽ اوچائي 10 فوٽ آهي. چئمبر -5 جي ڊيگهه (اولهه ڏکڻ دروازي واري لنگهه سميت) 60 فوٽ،



راکاس جو روٹو نمبر I (شادي شهيد)



راکاس جو روٹو نمبر I- B



شادي شهيد كان ڈکڻ طرف راکاس جي روٽي I جي چت تان لڏل Cores ۽ بليڊ .

ويڪر 22 فوٽ ۽ اوچائي مختلف يعني ڪٿي 7 فوٽ تہ ڪٿي 15 فوٽ آهي. هي دروازو 15 فوٽ ويڪرو آهي.

هن غار ۾ پوئين دروازي وٽ ديوار ۾ هوا ۽ روشنيءَ جي بهتر انتظام لاءِ هڪ دريءَ جو وجود بہ آهي. اتر اوپر پاسي واري منهن تي تاريخ کان آڳاٽي دؤر جو ٺڪراٽو پيل آهي. غار جي اندر وارن چئمبرن خاص ڪري ٻئي، ٽئين ۽ چوٽين چئمبر جي چت گنبذ نما گولائيءَ ۾ آهي، جيڪا هيٺ زمين تائين قائم رهي ٿي. فرش سڌو نہ آهي، شايد مقامي ماٿهن خزاني جي تلاش ۾ فرش اکيڙي ڇڏيو آهي. ٽڪريءَ جي اولهہ وارا ميدان ۽ ڏکڻ ۾ سلطان ابراهيم ادهم واري ٽڪريءَ جي هيٺ سڌا باراني پٽ آهن. غار واري ٽڪر جي چت تي اڪثر اوزار ۽ Cores نيوليٿڪ صنعت جي نشاندهي ڪن ٿا.

RRIB:

شادي شهيد وٽان ڏکڻ طرف 5 ڪلوميٽر پري ٽڪر ۾ اوچائي تي جيڪو "ڪوئي وارو ٻر" ڏسڻ ۾ ٿو اچي، اهو ئي ماڳ RRIB آهي. پر اهو ڪوئي جي ٻر وانگر نہ آهي. ويجهو وجبو تہ اها هڪ تمام ڪلئي منهن واري غار آهي، جنهن تائين پهچڻ ڪجهہ ٽڪائيندڙ عمل آهي. غار پوريءَ طرح گهڙيل آهي ۽ ان مان هيٺ ڏوري ۾ پري تائين نظر وجهي سگهجي ٿي. غار جو منهن 20 فوٽ، اونهائي 42 فوٽ ۽ وڏ ۾ وڏ ويڪر 27 فوٽ اٿس. غار جي وات وٽ چت جي اوچائي 16 وٽ آهي پر جيئن تہ اندريون فرش ٽلهن وانگر جيئن پوءِ تيئن مٿي آهي تنهن ڪري اندر ان جي اوچائي گهٽ آهي. ٻئي نمبر ٽلهي تان چت جي اوچائي 7.6 فوٽ آهي. هن غار ۽ RRI جي چت ساڳي آهي.

راڪاس جو روٽو II:

راڪاس جو روٽو II جي وات ڪوٽڙجي ۽ خيرپور جي وچ مان قومي شاهراهہ تان اولهہ پاسي سوراهہ ويندڙ رستي مان ڦٽي ٿي. اها وات اين شاهہ ۽ سراج ٽڪر جي وچ مان ٽيندي اڳتي وڃي ٿي. ان ئي روڊ تي ڳوٺ اول خان ميربحر جي ڳوٺ کان اتر طرف ٽڪرن جو ورن وڪڙن وارو رستو راڪاس روٽي II، راڪاس روٽي IIB ۽ ڪجهہ ٻين ماڳن ڏانهن وڃي ٿو. درگاهہ



II راکاس جو روٹو

اين شاھ ڳوٺ اول خان ميربحر کان 8 ڪلوميٽر پري سوراھ روڊ تي آھي. راکاس روٽو II اول خان ديري کان 12 ڪلوميٽر پري آھي. مختصر طور ائين چئبو تہ راکاس روٽو نمبر-II ڪوٽڏجيءَ کان اتر اوير ھ اٽڪل 30 ڪلوميٽر پري ھڪ ٽاکرو ڏوري جي مڙ ھ آھي. ان ڏوري مان برساتي پاڻي اوير طرف وھي ھڪ ٻئي وڏي ڏوري ھ پوي ٿو.

راکاس جي روٽي -II تائين پھچڻ لاءِ فور ويل گاڏي گھرجي. اھو ھڪ قديم غار ڏانھن ڏکيو پنڌ آھي. ھي غار ڪجھ سال اڳ بچل شاھ بخاريءَ ڪنھن ھڪرار جي ڏس پتي تي ڳولي ھئي ۽ خيرپور يونيورسٽي تائين ان جو اطلاع پھچايو ھو. اھو روٽو جبل جي ھڪ اھڙي ور ھ آھي جو ڪنھن سونھين کان سواءِ اوستائين پھچڻ مشڪل آھي. ڪن اخباري رپورٽن ھ ھن ٽڪر کي ڪوھ ندا ٻ لکيو ويو آھي. ڏکڻ رخ واري ھن غار جو منھن ٻ پري کان ڪوئي جي ھر وانگر ٿو نظر اچي پر ان جو منھن شڪل صورت ھ اڌ گول جھڙو ۽ خلاصو آھي. (تصويرون ڪتاب جي آخري صفحن تي) غار جي منھن جي ويڪر12.5 فوٽ ۽ اوچائي 7.5 فوٽ آھي. ڪجھ اندر جي ويڪر 14 فوٽ ٻيھي ٿي. جڏھن تہ اندرين اوچائي 5.3 فوٽ آھي. غار جو اھو خلاصو حصو 9 فوٽ اونھو آھي. ان کان پوء غار ٻن حصن ھ ورھائجي ويي ٿي. ھڪ حصو اتر اوير ڏانھن 10 فوٽ اندر ھليو ويي ٿو ۽ ٻيو حصو سڌو اتر ڏانھن. ٻنھي حصن جي وچ ھ ھڪ عدد ٻي ڊنگو ۽ ٻي ترتيب حصو آھي جنھن کي ٽنيو چئي سگھجي ٿو. جيڪو غالباً ان خوف کان چڏيو ويو آھي تہ متان غار جھري نہ پوي. ٽل جي پوئين پر کان ھڪ لنگھ انھن ٻنھي حصن کي پاڻ ھ ٻھر ملائي ٿو. ان ريت ٽل سميت غار جي ڪل ٻي ترتيب اونھائي 16.3 فوٽ آھي. وچين ٽل يا ٽنبي جو ڏاکڻو حصو پاڙ ھ سنھو پر مٽي موڪرو آھي. ٽل جي ڏکڻ واري حصي جي مجموعي ويڪر4.7 فوٽ ۽ ڊيگھ 6.7 فوٽ آھي.

انھن سيني نفصيلن کان وڌيڪ اھم ۽ دلچسپ ڳالھ اھا آھي تہ غار جي اتر اولھ واري ڪنڊ مان ھڪ سوڙھي ڇُر جنھن جي اوچائي توڙي ويڪر 2-2 فوٽ آھي، ور وڪڙ ڪائي ايا ٻ اڪتي ويي ٿي. ان ھ اندر گھڙڻ في الحال ناممڪن آھي. ٽارچ جي روشني جي آڌار تي گھٽ ھ گھٽ 10 فوٽ اندر تيئن ور وڪڙ ڏسي پيا سگھجن. اسان ڏٺو تہ اھا سوڙھي ڇُر ھن وقت

چپرن ۽ سهڙڻ جو لنگهه هئي. ان ۾ ڪوبه شڪ نه آهي ته سڄي غار توڙي اهو سوڙهو لنگهه انساني هٿن جو ڪمال آهي ۽ اهي قدرتي نه آهن.

هي 2 فوٽ سوڙهو لنگهه يقين ڪنهن ٻئي چئمبر ڏانهن وٺي ويندڙ محسوس ٿئي ٿو، جنهن جي ڏيگهه، ويڪر ۽ شڪل صورت بابت ڪجهه به نٿو چئي سگهجي ۽ پڪ سان اهو لنگهه زماني جي ڏاڍاين ۽ پٿر ڪرڻ سان لٽجي ويو آهي ۽ اڇڻ وڃڻ جو رستو نندو ٿيڻ ڪري هاڻي ان ۾ چپرن ۽ سهڙڻ واسو ڪري ورتو آهي. امڪان آهي ته اهو سوڙهو لنگهه شروع ۾ گهٽ ۾ گهٽ 3-4 فوٽ اوچو هوندو، جڏهن ته مکيه غار جي اصل سطح به گهٽ ۾ گهٽ 2 يا 3 فوٽ هيٺ آهي. ڇڻڻ طرح ڏسجي پيو ته غار جو اتر اولهه وارو پاسو ۽ خاص ڪري اتر اوپر وارو حصو وڏا پٿر ڏهڻ سبب ڏاڍو متاثر ٿيو آهي.

غار جي وات وٽ ۽ هيٺ ڏوري ۾ گهڙيل پٿرن، لٽل چٽڙن ۽ اوزارن جو خاصو مقدار ٽڙيو پکڙيو پيو آهي البت ان غار واري ٽڪر جي ڇت تي اوزار ٺاهڻ جو ڪارخانو ان ڪري موجود نه آهي جو اتي چقمقي پٿرن جو قدرتي ذخيرو نه آهي. اها ڇت چقمقي پٿرن جي سطح کان 50-60 فوٽ مٿي آهي. چقمقي پٿر ٽڪر جي وڃن تهن ۾ چن پٿرن ۾ قاتل آهن جيڪي چن جي ڪرڻ يا هوائن سبب چلجڻ واري عمل (Wind erosion) سبب ٽڪر جي ديوار مان ڇڏائجي لاهين تي ڪري پون ٿا. اهو ئي سبب آهي جو راڪاس جي روٽي II وٽ اوزارن جي گهڙائيءَ جو ڪم ٽڪر جي لاهين تي ٿيندو رهيو.

هي ماڳ بنيادي طرح پيليولٿڪ دؤر جي پڇاڙيءَ سان تعلق رکي ٿو ۽ هتان ان کان اڳ يا پوءِ جي صنعت نٿي ملي. جڏهن ته پوءِ واري زماني ۾ هتي پڌن جو به اثر رهيو آهي، جنهن جي ثابتي ٻڌڪي دؤر جي ٽڪرائي مان ملي ٿي. گهٽو ممڪن آهي ته راڪاس جي روٽي کي ٻڌڪي دؤر ۾ عبادتگاهه طور استعمال ڪيو ويو هجي.

راڪاس جو روٽو IIB:

راڪاس جي روٽي II واري وات تي ٻي، پر ان کان اڳ هڪ ڏيڍ ڪلوميٽر اورتي هڪ ٽڪريءَ جي نراڙ تي دروازي جهڙو سوراخ پري کان ڏسڻ ۾ اچي ٿو. انساني هٿن سان گهڙيل هن غار جو ذڪر في الحال ڪنهن


بہ ماهر نہ ڪيو آهي. هن غار جو منهن مستطيل آهي، (تصوير ڪتاب جي آخري صفحن تي) جنهن کي ڏسي منهنجي ذهن تي بدي جبل ۾ واقع ڪائيءَ واريون ست گهريون تري آيون. ان غار ۾ پنج ڇهه ماڻهو رهي سگهن ٿا. ٽڪريءَ جي لاهين تي چقمقي پٿر جا اهڙا ٿي اوزار پکڙيل آهن جهڙا راڪاس روٽي II واري ٽاڪرو ڊوري ۽ لاهين تي موجود آهن، جيڪي پوئين پيليوليٿڪ دؤر جا آهن.

مون محسوس ڪيو تہ ان ٽي علاقي ۾ انساني هٿن سان گهڙيل ننڍن ننڍن روٽن (Caves) جو ڪافي تعداد آهي. راڪاس جي روٽي II جي ڀرپاسي وارين ٽڪرين ۾ ٽي اهڙيون ٻيون بہ ننڍڙيون غارون موجود آهن جيڪي پري کان ڪوئن جي ٻرن وانگر نظر اچن ٿيون. ائين ٿو لڳي تہ پٿري دؤر ۾ جڏهن ٽڪر جون موسمي حالتون ۽ شڪار بهتر هو تڏهن لوڪن هر ان جاءِ تي غارون ٺاهيون جتي هن کي موقعو مليو. انهن لوڪن کي موسمي ڦير گهيرن ۽ دشمن تي چڪي نظر رکڻ لاءِ غار واري زندگي وڌيڪ محفوظ لڳي هوندي ۽ تڏهوڪي قديم گڏيل ڪٽنب ننڍن ننڍن ٽولن ۾ پنهنجي لاءِ الڳ غارون کوٽي مستقل گهر جوڙيا هوندا ۽ اهي لاڏائو لوڪ نہ هوندا. هونئن بہ جڏهن اوزارن جي صنعت لاءِ وڏي مقدار ۾ خام مال ۽ شڪار موجود هجي تہ پوءِ لاڏائو رهڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي؟

راڪاس روٽي IIB ڪان بہ ڪجهه اورتي هڪ هنڌ جڏهن اسان رستو وڃائي ويٺا هئاسون، تڏهن اسان هڪ ننڍڙي ٽڪريءَ تي چڙهي پري تائين نظر ڊوڙائڻ جو خيال ڪيو. اها ٽڪري پڻ پٿر جي اوائلي دؤر جو ماڳ ثابت ٿي. هتي بي شمار (Cores) ۽ چٽڻ پکڙيل هئا. هڪ بي ڊولي هٿ ڪهاڙي بہ ملي.

ايراني پير/ نوندو ماڳ:

هيءُ ماڳ هڪ 300 فٽ اوچي ٽڪر جي چت آهي، جنهن تي پٿر جي اوائلي دؤر ڪان وٹي پچاڙڪي دؤر تائين جا انسان اوزار گهڙيندا رهيا آهن. ماڳ تي في الحال ڪو بہ نالو نہ رکيو ويو آهي. پر ان کي ايراني پير ۽ پير نوندو (Pir Nondo) ماڳ چوڻ ان ڪري مناسب ٿيندو جو هن ماڳ کان لڳ ڀڳ ڏيڍ ڪلوميٽر اتر ۾ پير نوندو درگاهہ آهي ۽ هڪ ڪلو ميٽر اتر اولهہ ۾



شادي شهيد کان اڳ اوپر طرف پير نوندو ماڳ وڃان ملهيل هٿ کهاڙي ۽ ٻُليت کوڙ .

ايراني پير آهي.

هن ماڳ تائين پهچڻ لاءِ خيرپور کان لونگ فقير ۽ شادي شهيد واري واٽ ونڊي پوندي. لونگ فقير خيرپور کان 13 ڪلوميٽر اوپر ۾ آهي، جتان شادي شهيد هڪ ميل، درگاهه چتن شاهه ان کان به اڌتي هڪ ميل ۽ ذڪر هيٺ ماڳ ان کان به ٻه ميل اوپر ۾ آهي. يعني اهو ماڳ خيرپور کان مجموعي طور تي 17 ڪلوميٽر اوپر ۾ آهي. ان قديم ماڳ جي چت تي بيهي ڏکڻ طرف نظر وجهبي ته چئن پنجن ڪلوميٽرن جي پنڌ تي ڏسجندڙ ٽڪر، اهو ئي آهي جنهن ۾ "راکاس جو روٽو1" ۽ "روٽو IB" ماڳ واقع آهن.

ايراني پير يا پير نوندو ماڳ مون کي عبدالجبار دايي (جولاءِ 1995ع) ۾ ڏيکاريو جيڪو علائقي ۾ اطالوي آرڪيالاجسٽن سان گڏ هڪ ماڳ کان ٻئي ماڳ تائين ڦرندو رهيو آهي. هن تاکرو چت جي هڪ حصي تان پٿرن جا اهي ٻُڍ (Cores) ملن ٿا جن تان ڏاڍي نفاست ۽ مهارت سان ننڍيون وڏيون ڇريون (Blades) ڇلي لاٿيون ويون هيون. ڇريون ڇلجڻ کان پوءِ انهن ٻُڍن جي صورت بندوق جي گولين جهڙي ٿي پوي ٿي، ان کي آرڪيالاجيءَ جي ٻوليءَ ۾ انهن کي Bullet Cores به چئجي ٿو.

ساڳي ٽڪريءَ جي ڏاکڻي موڪري چت تي پٿر جي اوائلي دؤر جي اڻ ڇهيل سائٽ موجود آهي. جتان ڪجهه هٿ کهاڙيون ۽ بي شمار ڇٽڻا، ڪرچٽا، آڇر، ڇڻڙ ۽ ٻڍ (Cores) مليا آهن. اهو پيليوليٿڪ دؤر آهي. اهي اوزار بهرحال نفيس نه آهن.

وچين پيليوليٿڪ دؤر جا اوزار

برجيت آلچن چوي ٿي ته اسان کي وچين پيليوليٿڪ دؤر ۽ اوائلي دؤر جا اوزار ۽ فيڪٽريءَ جي ڊير جو رد ڪيل مٽيريل مليو. انهن اوزارن جون ڏارون مڊيون ٿي ويون هيون ۽ پٽينا جو رنگ گهرو ناسي هو، پر ايڊو ناسي به ڪو نه هو جيڏو پٿرن جو اصل مٽاچرو هو.

آلچن مشاهدي جي آڌار تي چوي ٿي ته وچين پيليوليٿڪ دؤر جا Cores ۽ مختلف قسم جا چڻڙ هڙپائي دؤر جي ڊيرين سان گڏ يا ته وري انهن جي پرسان ٽڪرين جي پيرن ۾ ڊير لڳا پيا هئا. جڏهن وچئين پيليوليٿڪ دؤر

جي اوزارن کي پڳو ويو ته انهن جي اندرئين حصي جو رنگ انهن پٿرن کان مختلف هو جيڪي هڻڻ لوڪن استعمال کيا هئا.

وچين پيليوليٿڪ دؤر جا اوزار سنڌو تهذيب جي اوزارن کان مختلف آهن. اهي مجموعي طور تي ٽلها آهن، سندن شڪل بي ڊولي آهي ۽ ضرب جا بلب (پٿر تي هڪ مخصوص ايار جيڪو پٿر چلڻ مهل اَچر (چٽڻ) ۽ چري يا بليڊ تي ٺهي ٿو) تمام وڏا آهن. جنهن مان ظاهر آهي ته هنهي دؤرن ۾ اوزار گهڙڻ جو طريقو مختلف هو. شايد هو (پيليوليٿڪ ماڻهو) بَٽ (Core) تي پٿر جي هٿوڑي سان سڌو ڏڪ هڻندا هئا. سنڌو تهذيب جا اوزار وڌيڪ ڊنگائتا ۽ ڊگهائيءَ ۾ پور وچوٽ آهن. جڏهن ته متئين پيليوليٿڪ ماڳ جا اوزار چنچ بلوچ (Chancha Baloch) ماڳ وٽان جمع ٿيل اوزارن کي ويجها آهن. جنهن جو ذڪر هن بعد ۾ ڪيو آهي.

آلچن جي خيال ۾ سنڌو دؤر ۾ بٽ (Core) تي اٽسڌو ڏڪ هٽي بليڊ لاٿو ويندو هو. شايد هڪ ضرب ۽ سگ يا هڏيءَ جي هٿوڑي سان، جنهن لاءِ پٿر کي ليٽيل سنداڻ جي ٽيڪ سان ٽڙڻ کان محفوظ رکيو ويندو هو ۽ ان ريت هو پٿر کي ضرب هٽي گهٽ کان گهٽ بلب وارا بليڊ Core جي مڪمل چلجي وڃڻ تائين لاهي سگهندا هئا.

آلچن لکي ٿي ته، "اسان اهڙو ڪو به ماڳ نه ڏٺو جنهن کي اسان صرف اوائلي پيليوليٿڪ فيڪٽري سائٽ طور الڳ ڪري سگهون. جيتوٽيڪ اهو ممڪن آهي ته اوائلي پيليوليٿڪ مٽيريل سنڌو تهذيب وارن هٿان پاسيري کيل ڊير ۾ شامل ڪيو ويو هجي."

ٽڪرين ۾ پٿري اوزارن جو اڀياس ڪندي پروفيسر آلچن ان ڏڪ جي دانهن به ڪئي ته ان علائقي مان ترقياتي ڪمن لاءِ ڪچندڙ پٿر، پراڻا ثبوت ختم ڪري رهيو آهي. اروڙ لڳ انهن نندڙن "ٽاڪرو اجهن" (Rock Shelters) ۾ وچين ۽ متئين پيليوليٿڪ دؤر جا اوزار ۽ رهائش به ثابت هئي پر اهي تمام ننڍا هئا ۽ امڪان هو ته اهي جلد ئي ڊهي پوندا ۽ آرڪيالاجيڪل اهميت وارا ڊپازٽس رکاوڊ تي آٽڻ ڏکيو ٿي پوندو.

بهرحال، سڀ کان نمايان طور مختلف پيليوليٿڪ ماڳ جيڪو پروفيسر آلچن جي خيال ۾ ٿي سگهي ٿو، سو روهڑي جي ٽڪرين جي ڏاکڻي چيڑي وٽ چنچ بلوچ ڳوٺ وٽ (ڪوٽڏجيءَ وارن آثارن کان چار ڪلوميٽر پرتي)

آهي. اها چن پٿر جي هڪ ننڍڙي ٽڪري/ پوئو آهي جنهن تي چقمقي پٿرن جو تهه موجود آهي. اها ٽڪري ڳوٺ جي اولهه- اتر ۾ آهي ۽ جديد آبپاشيءَ نظام هيٺ آباد ٿيندڙ زمين سان لڳ آهي. ڏکڻ اوپر ۾ ٿوري مٿاهين سطح تي واريءَ جو ڪجهه پٽون آهن. هن ماڳ تي وچين ۽ مٽئين پيليوليٽڪ دؤر جا اوزار ۽ فيڪٽريءَ جا ڊير آهن.

هن ماڳ تي وچين پيليوليٽڪ دؤر جا اوزار، مختلف قسم جا چٽڙي Cores، نوڪدار چٽڙ، هٿ ڪهاڙيون ۽ گهڙيل Cores وڌيڪ آهن جن جو تعداد مجموعي چونڊ جو 65 سيڪڙو هو، جڏهن ته مٽئين پيليوليٽڪ اوزارن، بليڊ Cores ۽ بليڊن جو تعداد 22 سيڪڙو هو. ٻين اوزارن ۾ ڪرچٽيون، ڪوٽٽيون، تيشا ۽ وڊڻ جا اوزار وغيره آهن جيڪي پڻ وچين پيليوليٽڪ دؤر جا ٿي سگهن ٿا.

هوءَ چوي ٿي ته اهو ماڳ وچون مٽيون ۽ پيليوليٽڪ فيڪٽري ماڳ آهي ۽ ان ۾ شڪ جي ڪا به ڳالهه نه آهي. ماڳ تي وچون پيليوليٽڪ دؤر حاوي آهي. هوءَ چوي ٿي ته اهي ٻئي عنصر هندستاني صحرا جي اوپر ۽ ڏکڻ اوپر وارن ماڳن سان مٽئين ۽ وچئين پيليوليٽڪ ربط سان ظاهر ظهور ويجهڙائپ رکن ٿا. هوءَ چوي ٿي ته اهو ڪليل سوال آهي ته اهي ٻئي ٽيڪنڪون هڪ ئي وقت گڏوگڏ ڪيستائين هليون ۽ انهن ڪيستائين چنڇ بلوچ ۽ سڄي صحرائي علائقي ۾ تسلسل قائم ڪيو. ٻئي عنصر صحرا جي ڪنڌين تي خشڪ علائقي ۾ گهميل دؤر سان لاڳاپيل آهن.

ساڳئي علائقي ۾ "نواب پنجابي" نالي هڪ ٽڪريءَ تائين مقامي ماڻهن ڊاڪٽر آلچن جي رهنمائي ڪئي، جتي هن ڏٺو ته آڪاٽن لوڪن اتي ويهي چگو خاصو ڪم ڪيو هو. سڀ چقمقي پٿر گهري رنگ جا هٿا ۽ اهي اهڙا ئي هٿا جهڙا روهڙي وارين ٽڪرين جي اترئين پاسي ۾ وچين ۽ آخري پيليوليٽڪ هنرمندن گهڙيا هٿا. ڊاڪٽر صاحب موجب هتي وچئين پيليوليٽڪ مٽيريل جو ڪجهه پاڳو ضرور آهي پر اتي هڪ بليڊ انڊسٽري ۽ ان جون باءِ پرادڪٽس وڌيڪ آهن ۽ ايئن ٿو لڳي ته هتي بليڊ گهڙيندڙ پاڻ کان اڳوٽن لوڪن جو استعمال ڪيل پٿر هٿائڻ جي ڪوشش نه ڪئي آهي، پر هن ان جي مٿان ڪم ڪيو آهي. ڪڏهن ڪڏهن ته اڳوٽن Cores کي ٻيهر استعمال ڪيو اٿائون.

ورڪنگ فلورز جي بليڊن ۽ بليڊ Cores ۾ فرق آهي، جيڪي پٽ تي

ڇڏيا ويا ۽ جيڪي عام طور چونڊيا ويا. عام چونڊيل اوزار ماپ ۾ توڙي صفتن ۾ تقريبن هڪجيترا ۽ انهن جهڙا آهن، جيڪي ويجهڙ ۾ وچين ۽ مٿئين پيليوليٿڪ ماڳ چنچ بلوچ جا آهن. پر، انفرادي ورڪنگ فلورز وارا اوزار ماپ، صفتن ۽ لاڙن جي لحاظ کان مٿئين پيليوليٿڪ ۽ سنڌو تهذيب جي اوزارن جي وچ ۾ اچن ٿا. اهي فرق جن ۾ مٽيريل جي چونڊ ۽ ماڳ جي ٽريٽمينٽ شامل آهي، مان لڳي ٿو ته اهي ماڳ لازمي طرح اهڙن ماڻهن جي گروهن سان تعلق رکن ٿا جيڪي مخصوص سنڌو تهذيبن کان مختلف هئا. اهي پٿر جي ٽيڪنالاجيءَ جي حوالي سان انهن جي برابر نه هئا ۽ وڏي حد تائين سڌريل ۽ اوڏا سڌا نه هئا. اهي يا ته ميسوليٿڪ، نيوليٿڪ يا وري شروعاتي چالڪوليٿڪ برادريءَ سان تعلق رکندڙ هوندا. ممڪن آهي ته اهي سنڌو تهذيب کان اڳ جا هجن پر اهي هولوسين دؤر جي شروعات کان پوءِ هئا.

اوائلي سنڌو ۽ سڌريل هڙپائي ماڳ ڪوٽڏجي جي ويجهڙائپ تجويز ڪري ٿي ته نواب پنجابي ماڳ تي بليڊ گهڙيندڙ ئي اصل ۾ ان ماڳ جا اوائلي رهواسي هئا. ان ڏس ۾ ڪوٽڏجيءَ جي بليڊن جي ڪوڙهي ايياس سان ان خيال جي تصديق يا ترديد ٿي سگهي ٿي. پر، ان ڪم ۾ ان ڪري تڪليف ٿي سگهي ٿي جو ڪوٽڏجيءَ جو ڪوٽيل ماڳ وقت سان ڌهي ويو آهي ۽ مختلف تهن کي گهٽو نقصان ٿيو آهي. ڊاڪٽر آلچن لفظ "سنڌو تهذيب" جي جاءِ تي "هڙپن دؤر" ۽ انهن کان آڳاتن ماڳن لاءِ "ٻري هڙپن" جا لفظ استعمال ڪرڻ کي ترجيح ڏني آهي. اهو بهرحال، ڪو آرڪيالاجيڪل فرق نه آهي ۽ ٻنهي اصطلاحن جي معنيٰ ساڳي آهي.

ڊاڪٽر آلچن موجب ٻري هڙپن تهذيبن ۽ هڙپه دؤر جي ماڳن ۾ جيڪا صفت فرق ڪري ٿي اها ٻري هڙپن بليڊ انڊسٽري ۾ عام طور ڪجهه ننڍي ماپ ۽ گهٽ هڪجهڙائيءَ واري صفت آ هي. ان جي ابتڙ هڙپن دؤر ۾ گهڻن شهري ماڳن جو مٽيريل هڪ ئي ذريعي وٽان آيل ٿو ڏسجي. هوءَ واضح طور تي چوي ٿي ته اتر سنڌ جي "هڙپائي" ماڳن جي ڏس ۾ روهڙيءَ وارين ٽڪرين جي اترين پاڳي مان اهي اوزار ويندا هئا.

ڊاڪٽر صاحبه پنهنجي مقالي ۾ اشارو ته برابر ڏيئي وئي آهي پر اها حقيقت آهي ته سنڌو تهذيب وارن انهن اڪثر ماڳن جيڪي سنڌ، اوير بلوچستان ۽ خود هڙپه وارا آهن، مان مليل اوزار ڪوٽجي روهڙي وارين

ٽڪرين جا آهن. البت رحمان ٽيڙهي کي اوزارن جي سپلاءِ ۾ين علائقن کان ب ٽيندي هئي. خود مُهن جي دڙي مان مليل ڪن اوزارن جو پٿر ءِ رنگ اهڙو آهي جيڪي ڪوٽڏجي - اروڙ ٽڪرين ۾ موجود ٿي ڪو نه آهن. ان ڪري ايئن ٿي سمجهڻ گهرجي ته اهي واپاري سرگرمين دوران ڪن ڏورانهين ماڳن کان آيل آهن، جن مان مهن جي دڙي وارن لوڪن جي واپاري رشتن جو پتو پوندو.

ڊاڪٽر آلچن پنهنجن مشاهدن جي آڌار تي چوي ٿي ته هڙپائي دؤر وارن لوڪن روهڙي وارين ٽڪرين کي فيڪٽري ايريا ءِ خام مال جي ذريعي طور استعمال ڪري اصل ۾ اها پراڻي روايت برقرار رکي جيڪا وچين پيليوليٿڪ يا شايد ان کان ب اڳي کان هلندڙ هئي. وچين پيليوليٿڪ ءِ هڙپن دؤر جي فيڪٽرين جي سائيز تجويز ڪري ٿي ته اهي اوزار يا ڪجهه ڪر ڪيل چقمقي Cores ٽڪرين جي حدن کان ٻاهر ب فراهر ڪيا ويندا هئا. اها ڳالهه هڙپائي دؤر لاءِ شايد حيران ڪندڙ نه هجي. ڇاڪاڻ ته ان تهذيب جي مختلف ماڳن ۾ جيڪي سڄي پاڪستان ءِ اتر اولهه هندستان جي ڳڇ حصي ۾ آهن. گهٽن پهلوئن کان هڪجهڙائي آهي.

ان سلسلي ۾ هوءَ سنڌو ندي ءِ نارا جي اڳوٽي وهڪري جو حوالي ڏئي ٿي، جيڪو روهڙي وارين ٽڪرين جي اتر مان هو. هوءَ چوي ٿي ته وڏو امڪان آهي ته هن ٽڪريءَ تي تيار ڪيل بليڊ ءِ بليڊ Cores پاڻيءَ جي رستي شهري ماڳن ڏانهن نيا ويندا هئا ءِ خاص ڪري هيٺ، موهن جي دڙي ڏانهن.

حيرت جي ڳالهه وچين پيليوليٿڪ فيڪٽرين جي گهٽائي آهي. جن جو اڳواٽ ذڪر ڪيو ويو ءِ جيڪي اڇڪلهه ٽر جي سڄي انتهائي خشڪ علائقن ۾ آهن ءِ جن جو تعلق وچين پيليوليٿڪ گهميل دؤر سان آهي، جڏهن صحرا ۾ اڄ جي پيٽ ۾ بهتر پاڻي هو ءِ جڏهن صحرا جي اوپر واري پاسي ۾ دهيل زمينون گهٽيون شاهوڪار هيون ءِ اڄ جي پيٽ ۾ وڌيڪ وٽڪار هئي. مادام آلچن وچين پيليوليٿڪ دؤر جا فيڪٽري ماڳ ڏنا، اهي روهڙيءَ جي ٽڪرين ۾ ٻنهي وهڪرن (اڇوڪي سنڌو ءِ پراڻي ناري) جي وچ ۾ 10 کان 15 ميلن اندر آهن. اهي ماڳ پڙ اهو ٿي تجويز ڪن ٿا ته ان دؤر ۾ هتي اڄ جي پيٽ ۾ وڌيڪ پاڻي هو جيڪو هنرمند استعمال ڪندا هئا. اهو ڪڏهن ڪڏهن سالن ۾ ٽيندو هوندو ته هتي پاڻي ڪجهه وقت لاءِ نه هجي!

صحرائي مند ۾ بهتري جي نتيجي ۾ سنڌو ماٿريءَ جي چوڌير وڏو شڪار ۽ مڊل پيليوليٿڪ وقت ۾ شڪاري ماڻهن لاءِ تمام سٺو ماحول هوندو. جيتوٽيڪ ان وقت، وقت جي مکيه جي ندي مختلف سببن ڪري ڪجهه مختلف هوندي پر اها همالياه ٿي ڪنهن نه ڪنهن علائقي مان جاري ٽيندي هوندي. ٿر جو ڊرينيج وارو اڳوٽو نظام ۽ سنڌو ماٿريءَ جي بيهڪ عام طور، اشارو ڏئي ٿي ته مکيه ندي يا نديون لازمي طور تي هيٺ سمنڊ ڏانهن سنڌ ۽ ان جي مختلف متبادل وهڪرن کان وهنديون هونديون.

وچين پيليوليٿڪ دؤر جو وڏو مقدار شاهدي ڏئي ٿو ته روهڙيءَ وارين ٽڪرين ۾ چگي خاصي آبادي ڏکهي عرصي تائين اوزار ٺاهڻ ۾ مصروف هئي. وچئين پيليوليٿڪ دؤر جا سڀ کان وڏا ٿري يا ڏکڻ بلوچستان وارا ماڳ جيڪي سنڌو ماٿريءَ جي ٻنهي پاسن ۾ آهن، روهڙيءَ وارين ٽڪرين جي مقابلي ۾ محض عارضي ٽڪاڻا لڳن ٿا.

اهو پڻ ظاهر آهي ته هيڏي وڏي صنعتي پکيڙ مان ماٿري، اوڙي پاڙي توڻي باهر تائين شڪاري گروهن کي مڊل پيليوليٿڪ دؤر ۾ اوزار مهيا ڪيا ويندا هئا. ان سان ايئن لڳي ٿو ته ان وقت سماجي ۽ معاشي تنظيم جو اعليٰ درجو هو ۽ هن ڏورانهين دؤر ۾ شڪارين جا پاڻ ۾ باهمي رابطا موجود هئا. هندستان ۾ مڊل پيليوليٿڪ دؤر جي قوت جو پورو تعين ايا تائين نه ٿي سگهيو آهي پر دکن ۽ وچ هندستان ۾ ٽيل ڪاربان ڊيٽنگ تجويز ڪري ٿي ته اهو زمانو اڳروال موجب اڄ کان 30000 سال کان اڳ هو ۽ اهو مدو هزارن بلڪه لکن سالن ۾ پکڙيل هو.

ميل پٿر 101

ڊاڪٽر برجيت آلچن ماڳ "ميل پٿر 101" تي 75-1976ع ڌاري ڦهتي، پر اهو ماڳ 1965ع ڌاري پاڪستان جي ڊپارٽمينٽ آف آرڪيالاجيءَ جي هڪ آفيسر دريافت ڪيو هو. جيئن ته هن ماڳ جي ڀر ۾ ڪا آبادي ڪونه هئي ان ڪري ان ماڳ جو نالو "ميل پٿر 101" رکيو ويو ڇاڪاڻ ته ان هنڌ تي (قومي شاهراهه حيدرآباد- ٽٺو- ڪراچي) ڪنهن وقت ۾ "ڪراچي 101 ميل جو پٿر لڳل هو. هاڻي ملڪ ۾ ڪلوميٽر رائج آهن، ان ڪري ان هنڌ تي

هاڻي "ڪراچي 163 ڪلوميٽر" جو پٿر لڳل آهي.

ڏکڻ سنڌ ۾ انساني سرگرميءَ جي حوالي سان هن مهل تائين دريافت ٿيل هي قديم ترين ماڳ آهي، جيڪو سنڌوءَ جي ساڄي ڪپ تي ٺٽي ضلعي ۾ جهرڪن ويجهو اونگر ولیس استيشن کي ويجهو آهي.

ڊاڪٽر آلچن ان ماڳ کي ڳار (چقمقي پٿرن) جو وڏو ذخيرو قرار ڏنو. (حقيقت اها آهي ته هي ذخيرو ان کان گهڻو وڌيڪ ۽ پري تائين پکڙيل آهي، جيڪو ڊاڪٽر صاحب مڪمل نه ڏٺو آهي.)

جُن پٿر جي هي ٽڪري گهوڙي جي نعل وانگر اڌ گول آهي. جنهن جي چت پڙ اروڙ جي ٽڪرين وانگر تراکڙي يا سڌي آهي. هن مخصوص ٽڪريءَ جي پکيڙ هڪ ڪان ۽ چورس ڪلوميٽر آهي ۽ ان تي ڳار يا چقمقي پٿر پکڙيل آهن. ان بنياد تي ڊاڪٽر صاحب هن ٽڪريءَ کي پرپاسي جي ٻين ٽڪرين کان "نرالي" قرار ڏئي ٿي، جيڪو درست نه آهي ڇاڪاڻ ته چقمقي پٿرن جو اهو سلسلو پري تائين ٻين ٽڪرين تي ۽ موجود آهي.

هتي ملندڙ چقمقي پٿر جو رنگ گهرو ناسي آهي ۽ زنگيل Patina ۽ اٽس، بالڪل ايئن جيئن روهڙي وارين ٽڪرين ۾ استعمال ٿيل اوزارن ۾ ڏٺو ويو. هوءَ اوزارن جي عمر ڪٽيندي چوي ٿي ته، "هتي موجود اوزار ۽ فئڪٽري جا ڊير هيٺين، وچين ۽ پيليوليٽڪ دؤر جا آهن شايد ان جو تعلق ميسولٿيڪ ۽ پري هڙپن دؤر سان ۽ آهي ۽ اهي تمام وڏي تعداد ۾ آهن. اتي ڪجهه دورن جا امتياز جوڳا ورڪنگ ايرياز آهن پر انهن تي ٻين ۽ ڪم ڪيو. انهن جو تفصيلي اڀياس ابتدائي معائني ۾ ڏکيو آهي. ماپيل ورڪنگ فلورز مان اوزار کنيا ويا ۽ انهن کي جدا جدا رکارڊ ڪيو ويو ۽ انهن اوزارن بابت هڪ لسٽ ترتيب ڏني وئي، جنهن سان روهڙيءَ وارين ٽڪرين ۽ هن ماڳ جي وچ ۾ فرق نکري آيو.

انهن 336 چونڊ اوزارن ۽ گهڙيل پٿرن لاءِ ڊاڪٽر صاحب جيکي لفظ استعمال کيا، اهي ۽ انهن جو تعداد پڙ نوٽ ڪرڻ جهڙو آهي.


Polyhedral cores 1.49%, Lavallois cores 2.38%, Discoidal cores 2.08%, Longitudinal blade core trimming flakes 3.57%, Blade core fragments 0.89%, Unidirectional cores 0.30%, Flakes from prepared and previously struck cores 40.18%, Blade 56.85%, Blades cores 5.65% tablates 1.49%, Burins 0.3%, Carinated scrapers 0.6%, Concavo-convex

scrapers 12.20%, Other flakes (?), Points 0.6%, Hand axes 10.12%, Chopping tools 3.87%, Side choppers 1.20%, Adzes (?), Cleavers 2.38%, Ovates 0.6%, End scrapers 0.6%, Beaked double concave scrapers 0.6%, Carinates 2.08%.


هوءِ ٻڌائي ٿي ته "ميل پٿر 101" وٽان ملندڙ اوزارن ۾ گهٽائي انهن جي آهي جيڪي هينئين پيليوليٿڪ دؤر سان تعلق رکن ٿا جن ۾ خاص ڪري وڏا اوزار، ڪات، هٿ ڪهاڑيون ۽ Cores شامل جيڪي ڪل چونڊي جو 19 سيڪڙو آهن. Blade Cores، بليڊ ۽ بليڊن جون ٻاڻ پروڊڪٽس ٻه 19 سيڪڙو آهن. انهن ۾ اهڙا اوزار ٻه آهن. جن مان لڳي ٿو ته اهي هينئين، مٿئين ۽ وچين دؤر ۾ ٻيهر گهڙيا ويا هئا. مجموعي چونڊ مان 40 سيڪڙو ڪانپوءِ، باقي 20 سيڪڙو وچين پيليوليٿڪ زماني جا آهن جن ۾ چٽڙي Cores ۽ نوڪون شامل آهن. ڪي اوزار جهڙوڪ مختلف قسمن جون ڪرچٽيون وچين يا مٽين صفت جون ٿي سگهن ٿيون. اڪثر اوزار موسمي حالتن ۽ جيالاجيڪل شدتن سبب متاثر ٿيل آهن. ميل پٿر 101 تان مليل ڪجهه بليڊ Cores جي نندي سائيز تازي ڏِک سبب چئي سگهجي ٿو ته اهي ميسوليٿڪ يا وري هڙپن دؤر جا آهن ۽ انهن جو تعلق مٿئين پيليوليٿڪ دؤر سان ناهي. پر، هن ماڳ تي هڙپن دؤر جو ڪو ٻه ثبوت ڪونهي جيئن اسان روهڙيءَ وارين ٽڪرين ۾ ڏسو ن ٿا. نه ئي وري هتي نواب پنجابي ٽڪري جهڙي وڏي پٹماني تي ڪا بليڊن جي فيڪٽري ڏٺي وئي. صرف ايترو چئي سگهجي ٿو ته ڏکڻ سنڌ ۾ جيئن مثال طور چانهوءِ جو دڙو، نهوڻو ۽ الهڏنو آهن، وٽ چقمقي پٿر جو ڪو ٻيو ذريعو هو يا وري اهي آتر کان آندا ٿي ويا. ساڳي ڳالهه ٻري هڙپن ماڳ ٽرڙو ٽکريءَ لاءِ چئي سگهجي ٿي جيڪا نٽي کان 10 ڪلوميٽر اولهه ۾ گجي لڳ آهي.

هن پٿري صنعت ۾ اهي سڀ نمونا آهن جيڪي هڙپائي صنعت ۾ نٿا ملن، جنهن ڪري ان کي خاص طور ميسوليٿڪ صفت حاصل ٿئي ٿي. بليڊن ۽ بليڊ Cores جي ماپ ۽ خاصيتون ڪافي حد تائين نواب پنجابي سان ميل کائن ٿيون.

ڊاڪٽر صاحبه ميل پٿر 101 ۽ ٽرڙو ٽکر ماڳ جي ذکر سان گڏ چوي ٿي ته انهن ۾ ناسي رنگ جي تمام سٹي ڪوالٽي وارو چقمقي پٿر استعمال ٿيو آهي ۽ ان سان گڏ ٻري هڙپن ٽڪراڻو صنعت ۽ مڃيءَ جون بي



"میل پټر 101 ماڅ" تان لاندل هټ کهاڑي ۽ ګول پټري اوزار



"میل پٹر 101 ماڈل" تان لڈل نوکون، چیٹیون ء چٹ جا اوزار

شمار پاڇيون موجود آهن. هوءَ مسٽر فيئر سروس سان متفق آهي ته هي ماڳ سنڌو تهذيب کان آڳاتو آهي. شايد ان ثقافت جا پويان هڙپائي زماني سان گڏ هلندا رهيا هجن ۽ هتي شايد اهي ماڻهو رهندا هئا جيڪي پنهنجي خوراڪ مڇيءَ جي شڪار سان حاصل ڪندا هئا. اڇلهه سنڌوءَ جو مکيه وهڪرو ٿلهي جي اوپر کان لنگهي ٿو پر ڏيلتا هئڻ ڪري سنڌوءَ جي وهڪرن ۾ تبديلي ايندي رهندي آهي ۽ ساموندي ڪنڌي ويجهي ماضي ۾ به تبديل ٿيندي رهي آهي. هن موقعي تي هوءَ لئمبرڪ جي دليل کي اهميت ڏئي ٿي جنهن موجب هڙپن دؤر کان سنڌ جي ڏکڻ ۾ عام استحڪام عام طور بهتر ٿيو آهي.

ميل پٽر 101 وٽ پيليوليٿڪ فيڪٽري جي بظاهر مستقل استعمال ۽ ان جي درست حالت هڪ ٻيو دليل آهي ته هي علائقو پلائيسٽوسين زماني تائين عام استحڪام ۾ رهيو. اهو ذري گهٽ ناممڪن آهي ته هن قسم جو فئڪٽري ماڳ مکيه زمين کان ڏار ۽ ٻيٽ جي صورت ۾ هجي ۽ استعمال ۾ ٿئي. ان جي وڏي سائيز ٻڌائي ٿي ته اها فيڪٽري وڏي خطي لاءِ ڪم ڪندي هئي. هتي مڊل پيليوليٿڪ مٽيريل گهٽ آهي ۽ هيئيون پيليوليٿڪ زمانو اتر وارين ٽڪرين جي ٻيٽ ۾ ميل پٽر 101 وٽ وڌيڪ نمايان آهي جيڪو بلوچستان ۽ هندستان ۾ موجود سلسلي سان هڪجهڙائي رکي ٿو. اڇوڪن سخت خشڪ علائقن جهڙوڪ ٿر ۽ روهڙيءَ وارين ٽڪرين ۾ هيئين پيليوليٿڪ دؤر جو ٿورو ثبوت ملي ٿو، پر اتي مڊل پيليوليٿڪ حصو هيڪاندو آهي. ان بحث جي بنياد تي مادام آلچن نتيجو ڪڍي ٿي ته هيئين سنڌو ماٿريءَ ۾ پٽر جي سيني مرحلن جي فيڪٽرين جي دريافت سنڌ جي تاريخ کان آڳاتي دؤر جي باب ۾ هڪ ٻيو اضافو آهي. سنڌو ماٿري اپکنڊ کي اولهه ايشيا کان جدا ڪري بيهاري ٿي. تنهنڪري اهي ماڳ انهن علائقن وچ ۾ تعلق قائم ڪن ٿا جتي پٽر جي زماني جو تسلسل ۽ اڳوٽي موسم نسبتن بهتر طور ڄاتي وڃي ٿي. هڪ خشڪ علائقي مان مکيه ندي جي وهڪري سبب ڏاکڻي سنڌوءَ ۾ قديم ثقافتون خاص دلچسپيءَ جون حامل آهن. انهن ثقافتن کي خاص طور تي سنڌو تهذيب جي پيشرو طور ڏسي سگهجي ٿو. هن ماڳن جو شايد سڀ کان دلچسپ پهلو سماجي ۽ معاشي آهي جنهن سان واپار، تبادلي، سماجي تنظيم ۽ پيليوليٿڪ ماڻهوءَ جي ڪميونيڪيشن جي

صلاحيت جي حوالي سان مختلف سوال اٿن ٿا. انهن مان کو بہ سوال ان مهل تائين حل نٿو ڪري سگهجي جيستائين ماڳ 101 سميت روهڙيءَ جي ٽڪرين مان روڊ ناهڻ لاءِ ڪچندڙ مٽيريل کي بچائي هڪدم محفوظ نٿو ڪيو وڃي.

ڪارونجهر ۾ امڪان

سوال آهي تہ آرڪيالاجي ڪاتي يا ڪنهن بہ ماهر ڪارونجهر ۾ پٿر جي دؤر جي ڪا نشاندهي ڪئي آهي؟ گهٽ ۾ گهٽ مون کي اهڙو کو بہ مواد هٿ نہ آيو آهي. البت ڪارونجهر جي جاگرافيائي بيهڪ ۽ محل وقوع ڪجهہ اهڙو آهي جو ڪارونجهر کي پٿر جي ڪنهن بہ زماني ۾ انساني سرگرميءَ جي دائري کان ٻاهر ڪيڙي ئي ٿو سگهجي. جيتوٽيڪ منهنجي سامهون هتي پٿري دؤر واري ڪنهن سرگرميءَ جو واضح ثبوت موجود کو نہ آهي. ان هوندي بہ "واقعاتي شاهدي" ڏيئي سگهجي ٿي.

سڀ کان پهرين ڳالهہ تہ خود ڪارونجهر جي پنهنجي عمر 2.5 ارب سال آهي ۽ اهو اوڙي پاڙي ۾ ڪير ٿر کان ابو پهاڻ تائين يا ڪنيات کان، ڪچ گجرات، راجستان تائين سيني جي مرڪز ۾ آهي ۽ لوٽي نديءَ جي ڇوڙ سبب ڪارونجهر مٿي پاڻيءَ جو علائقو هو. اڄ بہ توڙي جو موسمي حالتون گهٽ برساتن واريون ۽ خشڪ آهن، ڪارونجهر ۾ پاڻي جا مستقل چشما زندگيءَ کي ٽيڪ ڏيو بيٺا آهن. ٻي ڳالهہ اها آهي تہ گجرات، ڪچ، راجستان، ۽ سنڌ، جتي هر پٿري دؤر جي سرگرمي موجود آهي، ڪارونجهر انهن سيني جي عين وچ تي آهي. اهو ممڪن ئي نٿو لڳي تہ شڪار ۽ زندگيءَ جي باقي لوازمات سان مالا مال ڪارونجهر جون محفوظ ماڙيون ۽ ڪنڊيون قديم انسان کي پاڻ ڏانهن ڇڪي يا پناهہ ڏيئي نہ سگهيون هجن. ڪارونجهر ۾ ڪجهہ دلچسپ غارون قديم انسان جون پناهہ گاهون ٿي سگهن ٿيون، جن جو تعارف پيش ڪجي ٿو.

انڌارو اجواڙو: ڪارونجهر جي سڀ کان مکيہ برساتي ندي گوڙ ڏري واري واٽ ۾ موجود پير سر ڊوري جي ڏکڻ اوپر ۾ جبل جي ٻئي پاسي هڪ غار 100 فوٽ ڪن ڏگهي آهي. ان غار کي "انڌارو اجواڙو" چون ٿا،

چاکاڻ تہ ان ۾ اونداهہ ۽ اجالو آهي. غار ۾ پاڻيءَ جو چشمو آهي. جنهن جي ڏيگهہ 5 يا 6 فٽ ۽ ويڪر 3 فٽ آهي. غار جو منهن ننڍو آهي. غار ۾ 20-25 ماٹھو ويهي سگهن ٿا، سمهي گهٽ سگهندا. غار جا ٻہ منهن آهن، هڪ اولهہ طرف ۽ ٻيو اوپر طرف، اوپر وارو رستو سولو ۽ اولهہ وارو ڏکيو آهي. چشمو غار ۾ اندر لڪل آهي.

پيپريو: هڪ غار جو نالو پيپريو (Peeprio) آهي جنهن ۾ چڙهڻ ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي. اها 400-500 فٽ ڊگهي غار آهي. ان غار ۾ سنهڙي ڏار جيترو پاڻي ٽمي ٿو.

گوڙ ڏري جون غارون: گوڙ ڏري جي هڪ ڏڻ ۾ برساتي نالي ۾ سر نديءَ (ڊوري) تي ٽهيل قديم بند آڏو هڪ دلچسپ غار 17 فٽ اونهي ۽ 40 فٽ ويڪري آهي. دروازي وارو لنگهہ 20 فٽ اٽس ۽ اوچائي گهٽ ۾ گهٽ 2 فٽ ۽ وڌ ۾ 5 فٽ اٽس. هي غار انساني هٿن جي محنت سان ويڪري ٽيل آهي. (تصوير ڪتاب جي آخري صفحن تي).

ڀيم سر ڪان اڀتي گئو مک ڏانهن ويندي ساڄي پاسي هڪ ڊوري ۾ 25-30 فٽن جي اوچائي تي هڪ غار گهڙيل آهي، جنهن ۾ ٻہ چار ماٹھو سولائيءَ سان رهي سگهن ٿا. ٿورو پرتي گئو مک وارو پاڻي وهي ٿو.

هتي ئي ست لڪي تلاءُ وٽ ڀيم سر، ساڪڙيو ۽ گئو مکي ڊورن جي سنگم لڳ هڪ قديم بند جا نشان آهن جيڪو گئو مک ڊوري جو پاڻي جهليندو هو. هي بند 100 فٽ ڊگهو 8 فٽ ويڪرو ۽ 15 فوٽ اوچو هو، بند ۾ ڪارونجهر جي گرينائٽ جا ٿي ٻہ ايڏائي فوٽن جا بلاڪ استعمال ٽيل آهن. ضروي ناهي تہ اسان هن بند کي تاريخ ڪان اڳ وارن حوالن سان ڏسون. اهو تاريخي دؤر جو ٿي هوندو.

انچليا سر: ڪارونجهر ۾ ٿي هڪ غار انچليا سر چشمي جي پڻيان آهي، جنهن ۾ گهڙڻ جا ٻہ رستا آهن. هڪ واٽ چشمي جي پرئين پر پاڻيءَ کان فوٽ ڏيڍ مٿي لڪل آهي. ٻي واٽ سنهڙي ۽ ايپي آهي، جنهن مان هيٺ لهجي ٿو. انچليا سر نگر پارڪر کان اتر اولهہ ۾ ا ٽکل ٽي چار ڪلوميٽر پري زمين کان 500 فٽ ڪن مٿي هڪ تيرٽ آستان آهي جتي هاڻي پٽرن جا ڏاڪا ٺاهيا ويا آهن. هن غار ۾ 8-10 ماٹھو آرام سان ويهي سگهن ٿا. (تصوير ڪتاب جي آخري صفحن تي).

گنگا ٻاڻ/ ارجن ٻاڻ: انچليا سر جي اتر ۾ جبل جي ٻئي پاسي انچليا سر کان ٻہ سؤ کن فٽ مٿي هڪ غار پٿر جي چپ سان ڊيڪيل آهي. هن غار ۾ ٻہ ٻارهن مهينا پاڻي رهي ٿو. غار اونداهي آهي. غار "مهاپارت" جي هيرو ارجن سان منسوب آهي.

ٻَنگ: هيءَ غار پٽياڻي نديءَ جي پر ۾ اتر طرف آهي. هيءَ اونداهي ۽ ور وڪڙ غار 50 فٽ کن ڊگهي ۽ 4 کان 10 فوٽ ويڪري آهي.

چندن گـد واري غار: گئومک کان فقط هڪ فرلانگ کن پهرين کاهي پاسي هڪ غار آهي. پٿرن جي هيٺان هڪ ڏکيو منهن اٿس. جتي غار جو چيڑو اچي ٿو، اتان هڪ ٻي غار مٿي نظر اچي ٿي. مٿين غار ۾ صفا اونداهي آهي. پهرين غار ۾ جهکي يا کُهو ٿي اندر داخل ٿبو، ان مان کٽان کٽان کليل آسمان ڏسجي ٿو ۽ اها چاليهارو فوٽ گهري آهي.

ڏک ٻيڑ غار: ويلڑيو چشمي واري هيءَ غار گهرٽياري نديءَ جي اولهه ۾ آهي. هي تمام خطرناڪ غار آهي. موت کي دعوت ڏيڻ برابر! ان ۾ اندر هيل تائين کوبہ نہ لٿو آهي.

يقين هي کارونجهر جي سيني غارن جو احوال کونہ آهي پر هتي ان غار جو ذکر رهجي ويو آهي. جيکا نگرپارکر ويجهو کارونجهر جي الهندي ڪنڊيءَ تي آهي. مقامي ماٹهو ان کي "روپلي کولهي جو پونڑو" چوندا آهن، جيکو آخري پيرو انگريزن خلاف مزاحمت مهل استعمال ڪيو ويو ۽ روپلو کولهي اتان بارود چورائيندي گرفتار ٿيو ۽ پوءِ ڪيس قاسي ڏني وئي.

(کارونجهر جي هن غارن بابت ابتدائي معلومات علي نواز کوسي ۽ الله رکئي کوسي 1993ع ۾ ڏني. الله رکيو يونين کائونسل ۾ کلارک آهي ۽ ننگرپارکر ۾ رهي ٿو.

مکليءَ واري ٽکري

سامي‌ءَ واري غار: جيتوٽيڪ هن غار مان يا ان جي پرپاسي مان بہ پٿر جي دؤر جو کو بہ اوزار هٿ نہ آيو آهي پر ان کي امکاني طور تي سنڌ

جي ڏکڻ ۾ پٿر جو آخري ماڳ چئي سگهجي ٿو. ان جو منهن هوبهو اهڙو آهي جيئن خيرپور ضلعي ۾ راکاس جي روڻن جا منهن آهن. فرق اهو آهي ته ڪوٽڏجيءَ لڳ راکاس جي روڻن جا وات وڏيڪ وڏا ۽ ڪشادن ڏورن جي مٿاهين تي آهن. سامي‌ءَ جي غار انهن جي ڀيٽ ۾ ننڍي ۽ هڪ مختصر ٽاکرو ڏوري جي لڪي ۾ آهي. (تصوير ڪتاب جي آخري صفحن تي).


سامي‌ءَ جي غار پير پٺي ۾ سخي ڏاتار جي درگاهه ويجهو آهي. ان ڏوري جو برساتي پاڻي سخي ڏاتار جي درگاهه جي پر ۾ هيٺ ننڍڙي ڍنڍ ٺاهي ٿو. غار جو وات 10 فٽ ويڪرو ۽ ست فٽ اونهو آهي. اندرين طرف غار ٻن حصن ۾ ورهايل آهي. ساڄي طرف ڪنڊ ڪان ڪاپي پاسي ديوار تائين ڪل ڊيگهه 13.8 فٽ ۽ ڪاپي پاسي اندرين ڪنڊ ڪان ساڄي پاسي ديوار تائين 8.9 فٽ آهي. غار جي اندر وڏ ۾ ويڪر 4.6 فٽ آهي. غار جي ٻنهي مختصر حصن جي ڇت چار فٽ ۽ سادا ڇهه فٽ اوچي آهي.

اڇڪلهه غار جي وات ۾ اندرئين پاسي توڙي ٻاهر ڏوري ۾ ۽ غار جي مٿان قديم وقتن ۾ ٽيل پلستر ۽ سرن جو ڪجهه ڪم نظر ايندو جيڪو شايد ٻڌڪي زماني ۾ ان وقت ڪيو ويو هو جڏهن هي علائقو جوڳ ۽ تپسيا جو هڪ مرڪز ٿي رهيو. غار هٿرادو طور ڪوٽيل آهي. ڀرپاسي مان پٿر جي دؤر جون باقيات هٿ ڪرڻ هاڻي سولو نه آهي ڇاڪاڻ ته هي‌ءَ مختصر ٽڪري اوائلي دؤر کان اڄ تائين هر دؤر ۾ انساني پهچ هيٺ رهي آهي. پير پٺي کان اتر طرف سيمينٽ فيڪٽري ويجهو ڏوماڻي غارن کي به ساڳئي تسلسل ۾ آڻي سگهجي ٿو.

مڪلي‌ءَ ۾ پوربل ڏوماڻي غارون:


اها جنوري 1992ع جي ڳالهه آهي جڏهن مون مڪلي‌ءَ وارين ٽڪرين ۾ الڳ نوعيت جون غارون ڏٺيون. مان يقين اهي غارون ڏسي نه سگهان ها، جيڪڏهن ٻٽو هستاريڪل سوسائٽي منهنجي رهنمائي نه ڪري ها.

ان ڏينهن تي مون ڪلان ڪوٽ جو نقشو پڻي ٺاهيو. لڳاتار ٽن ڏينهن جي ماپن کان پوءِ جڏهن مان پنهنجو ڪم مڪمل ڪرڻ تي هئس ته هڪ ٻڪرار هڪ ڏند ڪٿا بيان ڪئي: "هن ڪوٽ مان هڪ سرنگهه نڪرندي هئي، ڪوٽ تي حملي جي وقت بادشاهه ان سرنگهه مان لنگهي پري وڃي



پير پٹو غار

مکلي ٽکريءَ تي ڏوماڻي لڳ تهه خانن جهڙيون غارون



ڏوماڻيءَ لڳ سيءِ کان مکيه غار/ تهه خانو

نکرندا هئا."

اهو ماڻهو کوٽ اندر سرنگهه جو منهن ته ڏيکاري نه سگهيو البت ٻڌايائين ته کلان کوٽ کان ڇهه ميل ڏکڻ ۾ سرنگهه جو ٻيو منهن آهي. "هائو! برابر آهي!" هستاريکل سوسائٽيءَ جي محمد امين شيخ به خاطري ڏني: "اسان ٻڌو آهي، مو ن کي اهو ماڻهو به سمجهي، جيکو اسان کي ان سرنگهه جو ٻيو ڇيڙو ڏيکاري سگهندو."

اهو ماڻهو ناڻو خان جوکيو هو. ناڻو خان ڳوٺ مولا بخش جوکيو، ديهه ڏوماڻيءَ جو ويڙل هو. سرنگهه جي ڳاڻايل منهن تائين جيپ ذريعي وڃي سگهجي ٿو، ڇاڪاڻ ته اهو ٽاکرو پنڌ آهي.

پر اها سرنگهه نه هئي. هي قديم غارن جو هڪ سلسلو هو جيکو انساني هٿن جو ڪمال آهي. جلد ئي اسان کي ان سرنگهه (غار) جي ڀرپاسي ۾ ساڳي نوعيت جي ٻي غار به نظر آئي. تفصيلي معائني مان اندازو ٿيو ته اهڙيون گهٽ ۾ گهٽ ٽي غارون مٽيءَ سان ڀرجي ڍڪجي چڪيون آهن. پر ان مهل گهٽي حيرت ٿي، جڏهن مقامي ٻکرارن ٻڌايو ته: "ڀرپاسي ۾ اهڙيون ڏاهکو ڪن غارون هيون، جن مان پنج ڇهه غارون سيمينٽ فيڪٽريءَ جي سرگرمين سبب ڪجهه سالن اندر بلڪل لٿجي ويون آهن، جيتوٽيڪ ٽڪرين جو اهو پاسو سيمنٽ فيڪٽريءَ لاءِ ڪنيل زمين کان ٻاهر آهي.

هي غارون مڪلي قبرستان ۽ پير پٺي جي وچ ۾ واقع ٽٽو سيمنٽ فيڪٽريءَ کان پنج ڪلو ميٽر اتر اوپر ۾ آهن. انتظامي حدن جي لحاظ کان اهي غارون ديهه مڪليءَ ۾ اچن ٿيون. مختيارڪاري نقشي موجب هيئن ڇٻو ته: "اها سر زمين ڪنڊي وارو ڪُن، ڍنڊ آبداٽو، ڏوماڻي الهندو، ديهه مڪلي ۽ ضلعي ٺٽي ۾ آهي." غارن جي گهٽائي محسوس ڪندي، اسان ڀرپاسي مان قديم شيون ڳولڻ جي ڪوشش ڪئي.


ڪافي قديم ٽڪريون هٽ آيون، جن مان ڪي مسلم دؤر جون، باقي تاريخ کان اڳ واري زماني جون هيون، ٿوري گهٽي ڳولا دوران اسان کي پٿر جا چاقو ته نه مليا. البت چقمقي پٿر جا ننڍڙا ٽڪرا برابر نظر آيا. واضح هجي ته مڪليءَ واري ٽڪريءَ ۾ چقمقي پٿر جا ذخيرا نه آهن، جنهن ڪري اهو گمان پئي ٿيو ته، انهن ننڍڙن چقمقي ٽڪرن جي موجودگي انساني سرگرميءَ جو حصو ٿي سگهي ٿي. جيتوٽيڪ چقمقي پٿر جا چاقو مختصر

ڳولا سان نہ ملیا، تنهن هوندي بہ تاريخ کان اڳ واري دؤر جي ٺڪري هن هنڌ تي قديم زماني کان انساني سرگرميءَ جو ثبوت ڏئي ٿي.

دلچسپ ڳالهہ اها آهي تہ ويجهڑائيءَ ۾ غارن کانسواءِ اهڙو ٻيو ڪو بہ کنڊر نڏو ملي، جنهن بابت چئي سگهجي تہ اهي قديم ٺڪريون ان قديم ماڳ سان تعلق رکنديون هونديون. ڪنهن بہ ٻئي کنڊر جي موجودگيءَ ۾ اهي غارون اهميت اختيار ڪن ٿيون. خاص ڪري ان صورت ۾ جڏهن اسان اهو ڏسون ٿا تہ مڪليءَ ۾ پٿري دؤر جي انسان ڇڪو خاصو وقت گذاريو آهي. ان لاءِ ثبوت ۾ مڪليءَ تي ڪالي مندر لڳ هڪ غار پيش ڪئي ويندي آهي. جيڪي بنهہ ڦو مي شاهراهہ تي آهي. ساڳئي تسلسل ۾ هڪ غار پير پٽي ۾ شاهہ ڏاتار جي درگاهہ ويجهو آهي، جنهن جو ذڪر مٿي ڪيو ويو آهي.

مڪليءَ پير پٽي واريون غارون ڪنهن حد تائين غفائي مندرن واري سلسلي ۾ شامل ڪري سگهجن ٿيون، ڇاڪاڻ تہ اهڙيون شاهديون ملن ٿيون تہ اهي غارون ڪنهن وقت ۾ هندو سنياسين يا جوڳين جي تپسياءِ جوڳ لاءِ ڪم آنديون ويون هيون. ڏوماٽي واريون غارو ن بهرحال مڪليءَ پير پٽي وارين غارن کان الڳ نوعيت جون ءِ وڌيڪ دلچسپ آهن.

غارون، عام طور تي جبل جي پٽ ۾ ڪوٽيون ويندیون آهن پر هي غارون تهہ خانن وانگر ٺاهيون ويون آهن. غارن ۾ داخل ٿيڻ لاءِ اول ڏاڪڻيون لهٽيون پون ٿيون. (تصويرون ڪتاب جي آخري صفحن تي). سنڌ ۾ اهڙي نوعيت جي فقط هڪ غار اڳ ۾ دريافت ٿيل آهي. اها غار لکي ۾ گرم پاڻيءَ جي چشمي واري واڌ تي آهي. جنهن بابت مشهور ڪيل آهي تہ شاهہ صدر ان ۾ عبادت ڪندو هو. لکيءَ واري غار ان لحاظ کان ڏوماٽي غارن جهڙي آهي، جو اهي سڀ تهہ خانن وانگر آهن پر اها ڳالهہ نوٽ ڪرڻ جهڙي آهي تہ لکي واري غار جي ڇت فقط ڏيڍ ٻہ فٽ ٿلهي آهي، جڏهن تہ ڏوماٽي غارن جون ڇتيون گهٽ ۾ گهٽ ساڍن ٽن کان ست فٽ ٿلهيون آهن. ٻين لفظن ۾ ڏوماٽي غارون لکي غار جي پيٽ ۾ وڌيڪ اونهيون آهن. ڏوماٽي غارن جي اها خاصيت نوٽ ڪرڻ لائق آهي تہ ڏاڪڻ ڏکڻ کان اتر طرف هيٺ لهي ٿي، جنهن ڪري اُس غارن جي وات تائين سڌي طرح پوي ٿي. يقين ان طرح غارون ڏينهن جو روشن رهنديون هونديون.



مكلي غار

اسان نوٽ ڪيل غارن کي فرضي نمبر ڏيئي انهن جون ماپون نوٽ ڪيون. سڀ کان بهتر غار کي نمبر 1 ڏنو ويو. ان غار جي منهن تائين پهچڻ لاءِ ايائي فٽ ويڪري، سادا ست فٽ ڊگهي ۽ 9 فوٽ اونهي ڏاڪڻ تان لهڻو پوي ٿو، جنهن کي 9 عدد ڏاڪا آهن. هر ڏاکو ڇهن کان اٺ انچ ويڪرو ۽ الن کان يارهن انچ اوچو آهي. ڏاکن جي پڄاڻيءَ تي غار جو منهن آهي. پر ان ۾ داخل ٿي نڏو سگهجي. زماني جي لٽ ۽ دز سبب منهن ذري گهٽ بند ٿي چڪو آهي. اندر جهاتي پائڻ سان اونداهو ڇڪمبر محسوس ڪري سگهجي ٿو، ڇا ان ڇڪمبر کانسواءِ اندر کو ٻيو ڇڪمبر ٻه آهي؟ ڇا ان ڇڪمبر جي فرش تي قديم انسان سان لاڳاپيل کي ثبوت باقي هوندا؟ ڇڪمبر جي ڊيگهه ويڪر بابت ته ڪجهه ٻه چئي نڏو سگهجي. البت انهن غارن مان کي ثبوت ضرور ملندا، شرط آهي ته انهن جي احتياط ۽ مهارت سان کوٽائي ٿئي.

ٻيو نمبر غار پهرين غار کان 68 فٽ ڏکڻ ۾ آهي. ان غار جي ڏاڪڻ پوٽا چار فٽ ويڪري، سادا ست فٽ ڊگهي ۽ سادا ٽي فٽ اونهي آهي. ان کي ٽي چار ڏاڪا آهن. ان غار جي ظاهري صورتحال ٻه پهرين غار جهڙي آهي. ٽيون نمبر غار ٻئي نمبر واري غار کان 65 فٽ اوپر ۾ آهي. چوٿون نمبر غار پهرين نمبر واري غار کان 73 فٽ اتر اولهه ۾ آهي. پنجون نمبر غار پهرين نمبر واري غار کان لڳ ڀڳ ٻه سؤ فوٽ اتر ۾ آهي. پويون ٿئي غارون لٽيل ۽ ڊنل محسوس ٿين ٽيون. سيمنٽ فيڪٽري جي سرگرمين سبب لٽيل باقي غارون گهڻو ٿو اوپر ۽ اوپر اتر ۾ هيون.

گمان ٿئي ٿو ته هي غارون پٿري دؤر جي آدم ٽاهيون هونديون پر ان دعوا لاءِ اڃا پرپور دليل جي ضرورت پوي ٿي. في الحال فقط ايترو سوچي سگهجي ٿو، سنڌ جي ماڻهن ڪيون جايون اڏڻ جو هنر تاريخ کان اڳ واري دؤر ۾ ٿي سکي ورتو هو. اسان کي سنڌ ۾ پٿر جي پڇاڙڪي دؤر جا نه رڳو گهر پر "گجو" جهڙا اهم آثار ٻه ملن ٿا، جيڪي پٿر جي ڪوٽ اندر محفوظ هئا. جهوپڙيون، سرن مان جايون يا ڪچا گهر ٽاهڻ جي ڀيٽ ۾ غارون کوٽڻ وڌيڪ ٽڪائيندڙ ۽ محنت طلب ڪم آهي. ان ڪري گهٽ ۾ گهٽ سنڌ جي حوالي سان اها راءِ ڏيئي سگهجي ٿي ته پڪا گهر اڏڻ جو هنر سکڻ ڪانپوءِ سنڌ جي ماڻهن غارون کوٽڻ بند ڪيون هونديون.

اهو بلڪل ممڪن آهي ته هڪ ڀيرو جڏهن غارون کوٽجي ويون،

تڏهن تپسوين انهن تي ديرو ڇمايو. اهي تپسوي هندو ۽ هوندا. پر گهڻو ڪري ٻڌمت سان تعلق ۽ ٽي سگهي ٿو. اهو بلڪل ممڪن آهي ته ڏوماڻي غارون ۽ ٻوءِ وارن وقتن ۾ غفائي مندرن طور تپسيا لاءِ استعمال ٿيون هجن! بهرحال اهو سوال ايڏا پنهنجي جاءِ تي آهي ته ڇا سيمينٽ فيڪٽريءَ جي وڌندڙ سرگرمي باقي غارون ۽ ڌاهي يا لٽي ڇڏيندي؟

رني ڪوٽ جون غارون

جيتوٽيڪ هن مهل تائين رني ڪوٽ جون غارون ڪنهن محقق جي محنت کان محروم رهيون آهن پر لکي جابلو سلسلي جون هي غارون گهٽ ۾ گهٽ نيوليٿڪ آبادين جي تسلسل کان آجيون ڪونه آهن. مون کي رني ڪوٽ ۾ اهڙيون گهٽ ۾ گهٽ پنج غارون نظر آيون آهن جيڪي يا ته قدرتي نه آهن، يا وري قدرتي هجڻ جي صورت ۾ انساني هٿ انهن کي وڌي جفاڪشيءَ سان ڪوٽي ويڪرو ڪيو آهي.

هن غارن جي ماپ مختلف آهي ۽ جيئن ته ڪنهن محقق انهن جي کوٽائي نه ڪئي آهي، ان ڪري انهن جي عمر بابت حتمي راءِ نه ٽي ڏيئي سگهجي. اسان کي انهن غارن جي ويجهو بُنين تان نيوليٿڪ دؤر جون پٿري ڇريون ملن ٿيون. هي ڪشاديون غارون اهو به تجويز ڪن ٿيون ته هتي ڇڪي خاصي تعداد ۾ انسان آباد هئا، جن جي خاص ڪرت اوزار ٺاهڻ نه پر اوزار استعمال ڪرڻ هئي. اسان ڏسون ٿا ته رني ڪوٽ جي ڀرپاسي ۾ ڪي به ٻيلا نه آهن ۽ نه وري هتي نيوليٿڪ دؤر ۾ ايڏيون زبردست برساتون هيون جو هتي گهاٽن ٻيلن ۽ زراعت جي وجود بابت سوچي سگهجي.

هن علائقي ۾ به تمام بنيادي شيون اڄ به موجود آهن جيڪي نيوليٿڪ دؤر جي پيٽ ۾ اڄ تمام گهڻ آهن، يعني شڪار ۽ پاڻي. پاڻيءَ جو چشمو ته اڄ به جاري آهي، جنهن جو وهڪرو اڇڪلهه 100 گيلن في منٽ آهي. باقي، علائقي ۾ سرهه ۽ گد اڄ ڇڏو ڇڏو سهي، آهي ضرور. ٻيو ته ٺهيو، اڄ کان ويهارو ڪن سال اڳ تائين هتي هرڻ به جام هو. هن ئي جابلو سلسلي ۾ نيوليٿڪ دؤر ۾ رڇ، بگهڙ، چيتو، چرخ، گدڙ، سيهڙ به موجود هئا. انهن مان رڇ ۽ چيتي جو نسل ته ايڏا هاڻي اڇي ڪٿو آهي.

سو، لکي جابلو سلسلي ۾ شڪار جام هو. ان حد تائين جو اڄ به هيءَ جابلو پاسراٽي جهنگلي جيوت جي وجود سبب نيشنل پارڪ ۾ ذري گهٽ شامل آهي. اسان وٽ ڪو واضح ثبوت ڪونہ آهي، جنهن جي بنياد تي چئي سگهجي تہ هي غارون ميسوليٿڪ يا پيليوليٿڪ شڪارين نہ ٺاهيون هونديون يا استعمال نہ ڪيون هونديون. گهٽو ممڪن آهي تہ هي غارون پٿر جي وچين دؤر يا پيليولٿيڪ جي پوئي دؤر ۾ ڪوٽي ٺاهيون ويون هجن! پاڪستان ۾ غارن ۾ رهندڙ انسانن جو رڪارڊ في الحال ائين ئي تجويز ڪري ٿو.


رني ڪوٽ مان لڌل پٿري ڇريون ڪٽي ڪٽي ٽڙ پکڙ ۽ ٻگل ٽٽل حالت ۾ ملن ٿيون ۽ في الحال کنهن بہ غار جي منهن تان يا انهن جي اندر جي کوج لڳي نہ سگهي آهي. ان جو سبب اهو آهي تہ هي غارون جن جابلو ڊورن تي واقع آهن، تيز برساتي وهڪرن انهن غارن جا منهن کائڻ ۽ ڊاهڻ ۾ وڏي فراخدليءَ جو مظاهرو ڪيو آهي، جنهن ڪري اهو تصور ڪري سگهجي ٿو تہ غارن جي منهن تي جيڪڏهن ڪا سرگرمي يا ثبوت هو تہ اهو لڙهي چڪو آهي. البت غارن ۾ اندر جيڪي ڪجهہ آهي سو محفوظ آهي. بدقسمتيءَ سان اڪثر غارن ۾ غارن جي ڇتن مان وڏا وڏا پٿر ڇڄي وڃ تي اچي پيا آهن جن غارن جو هيڪاندو حصو والاري ڇڏيو آهي ۽ انساني سرگرمين جا ثبوت انهن جي هيٺيان هوندا. غارن ۾ نقصان جي باوجود اهو خاطريءَ سان چئي سگهجي ٿو تہ هي غارون انساني هٿن جو ڪمال آهن.

رني ڪوٽ ۾ ٽوري ڊوري واري غار جي اوچائي انساني پهچ کان مٿي آهي ان ڪري اها غار وڏي حد تائين قدرتي آهي پر ان کي ڇلي ويڪرو ڪيو ويو آهي (تصوير ڪتاب جي آخري صفحن تي). ان ئي غار جي ڪڪ ۾ هڪ ٻيو ننڍو چئمبر ڪوٽيو ويو آهي جنهن جي ڊيگهہ هن ريت آهي:


مکيہ غار: 70x15 فوٽ


ننڍو چئمبر: 25x8 فوٽ

ٽوري ڊوري جي اولهہ ۽ نئين رني جي ڏکڻ ۾ واقع ڊورو جيڪو اصل ۾ هنج ڊوري جو ڏڻ پرو آهي، ۾ گهٽ ۾ گهٽ چار دلچسپ غارون آهن جن جي شڪل بيضوي ۽ گولاين ۾ آهي. (تصويرون ڪتاب جي آخري صفحن تي). هڪ غار 50x60 فوٽ آهي. ٻي غار 50x70 فوٽ آهي. ٽين غار 50x25 فوٽ آهي، جيڪا اصل ۾ ٻن چئمبرن تي مشتمل آهي. 50x70 فوٽ واري




رني ڪوٽ ۾ پٿري دور جون ڪجهه غارون





دهل ڊوري ۾ غارون



ٽوري ڊوري ۾ غار

کشادي غار جا ۾ دروازا آهن. 50x60 فوٽ ويڪري غار جي ڇت 5 کان 6 فوٽ اوچي آهي. اها ئي اوچائي سنڌ جي اڪثر غارن جي آهي. اروڙ واري کالکان مندر کي ڏسو، کائيءَ واريون ست گهريون ڏسو، لکيءَ واري اندر گرائونڊ غار هجي يا سيوهڙ واري هڪ ٽنيي، هر هنڌ لڳ ڀڳ ساڳي صورتحال آهي.

رني کوٽ ۾ هي غارون اتفاقي کونہ آهن. غارن جي هيڏي کشادي هجڻ مان ئي اندازو لڳي ٿو تہ انهن جي کوٽائي سالن ۾ ٿي هوندي ۽ انهن ۾ وڏي تعداد ۾ ماڙهو رهندا هوندا.

جيئن تہ في الحال انهن غارن مان کنهن ۾ پٿري دؤر جو سڌو ثبوت نہ مليو آهي تنهن ڪري بهتر آهي تہ کوٽاين جو انتظار ڪجي. ان سان گڏوگڏ جيئن تہ رني کوٽ ئي نيرون کوٽ آهي (ان راءِ لاءِ مون وٽ دليل آهن، جنهن جو هت ذکر ڪرڻ مناسب نہ آهي) ۽ نيرون کوٽ ۾ڪي آبادي هئي، ان ڪري امڪان آهي تہ رني کوٽ جون غارون پکشوئن ۾ جوڳ لاءِ استعمال ڪيون هجن. سنڌ عجائب گهر جي اڳوڻي ڊائريڪٽر جناب ظفر ڪاظميءَ ۾ هي غارون ڏٺيون آهن ۽ سندس راءِ آهي تہ اهي "انسان جون پهريون آبادیون" آهن، جيڪي هن پنهنجن اوزارن سان گهڙي تيار ڪيون آهن. رني کوٽ ۾ هڪ غار موهن کوٽ طرف ويندي "نيان گر" ڪنڊ وٽ آهي.

رني کوٽ جي ٽڪرين تان هتان هُتان ليجنڊ پٿري چاقو لڳ ڀڳ اهڙائي آهن جهڙا ڪرچات جي اولهہ ۾ واقع ڪيرٿر جي هڪ غار جي منهن وٽان ملن ٿا. اسانکي رني کوٽ ۽ بزن جهڏي وٽان کوڙ Core نہ مليو آهي، انڪري چئي سگهجي ٿو تہ انهن ماڳن تي اوزار ڇلڻ جو ڪم کونہ ٿيو آهي توڙي جو هوٽياڻي جبل تي چقمقي پٿرن جا ذخيرا موجود آهن.

ڪرچات غار: ڪرچات غار، ڪرچات کان ٽي ڪلوميٽر اولهہ ۾ ڪيرٿر ۾ ڪجهہ اهڙي طرح واقع آهي جو ان جو ڪشادو ۽ قدرتي منهن اوپر ڏانهن منهن ڪري بيٺو آهي. هيءَ غار ڪوهتراش ٻٽيءَ کان اتر طرف چار پنج ڪلوميٽر پري ٽيندي. مون کي ان غار جي منهن تان ناسي رنگ جا نڊيڙا ۽ ٽٽل پٿري چاقو ۽ نڊيڙا Cores مليا.


هيءَ ڪا وڏي غار نہ آهي. غار جي منهن جي ويڪر 10 فوٽ ۽ اندر

اونهائي 20 فوٽ آهي. پر، جيئن ته هيءَ قدرتي غار آهي ۽ غار کي کشادو ڪرڻ جي کوشش ورتل نٿي ڏسجي، ان ڪري هيءَ غار خوفناڪ شڪاري جانورن کان بچاءَ جي پوزيشن ۾ نه آهي. ان هوندي به غار جي منهن تي پٿري چاڪن جو مناسب تعداد تجويز ڪري ٿو ته شڪار جي هن جنت ۾ هتي ميسوليٿڪ ۽ نيوليٿڪ دؤر جي ماڻهن سٺو وقت گذاريو هو ۽ ويندي ويندي ٻڳل ٽڪر اوزار ۽ ڇرين جا ٽڪرا اسان لاءِ ثبوت طور ڇڏي ويا. هن غار کي ڪرچات جا ماڻهو چمڙن جي غار سڏين ٿا. (تصوير ڪتاب جي آخري صفحن تي).

آدم ڊَر: رني ڪوٽ جي موهن گيٽ کان اولهه اتر ۾ اٽڪل 8 ڪلوميٽر پري ڏاڪڻي جبل جي سلسلي ۾ آدم ڊَر نالي هڪ قدرتي غار آهي، جنهن جي منهن تي آمري دؤر جو ٽڪراٽو موجود هو. جيتوٽيڪ اسان کي هن هنڌان کو پٿري چاقو کونه مليو، پر اتي ٿي گوربندي جبل ۾ واقع تاريخ کان آڳاٽي بند جنهن کي هتي "گوربندي" چيو وڃي ٿو، وٽان پٿري چاقو ٻگولڻ ۾ ڪاميابي ٿي وياسين. گوربندي ۽ آدم ڊَر جي وچ ۾ ٽي ڪلوميٽر ڪن پنڌ ٿيندو. "آدم" هڪ ڏاڙيل جو نالو هو جيڪو ڪنهن وقت ۾ هن ڊَرڙ (غار) ۾ اچي لڪو هو. هيءَ غار هن وقت ٻئي ڪنهن به ڪم جي ناهي، سواءِ ان جي ته اوچتي برسات ۽ اس کان ڇپر ڇانءَ مهيا ٿئي. (تصوير ڪتاب جي آخري صفحن تي).

گوندراڻي غارون

بلوچستان جي ضلعي لسٻيلي ۾ لسٻيلي شهر کان 20 ڪلوميٽر ڪن اڀتي آر. سي. ڊي. هاءِ وي کان کاٻي طرف اٽڪل 8 ڪلوميٽر اندر ڪڍ گنداڇو نالي هڪ ڳوٺ جي ڀرسان ڪڍ ندي۽ ۾ پوندڙ هڪ برساتي ڊوري ۾ موجود لاتعداد غارن جو پُر اسرار شهر گوندراڻي ماڳ آهي. هن ماڳ کان پوءِ ڪڍ ندي جبل ڇڏي لسٻيلي جي شاهي پٽ مان لنگهڻ شروع ڪري ٿي. ڪجهه محققن انهن غارن کي تازيون يعني اسلام کان پوءِ جون ڪوٺيو آهي. (والٽيئر فيئر سروس؛ روٽس آف اينشينٽ انڊيا- صفحو 415) جڏهن ته ڪماندر ڪيئرلیس کي اڪثر غارون محض اڏنگن سوراخن جهڙيون لڳيون. اهي اڄ به



گوندرائي غارن جي چٽمبرز جا نمونا

موجود آهن. (تصويرون ڪتاب جي آخري صفحن تي).

هن غار جي قدامت ڪان انڪار جي خيال جو ڪارڻ ان جبل جي ڪمزور ساخت آهي. غار جو ڇڪو خاصو تعداد ڏهي ڇڪو آهي. جڏهن ته هاڻي اهي باقي پنج ڇهه سؤ ڪن بچيون آهن جن مان ڇڪي طرح محفوظ ڪي پنجاهه ست هوندیون. هي غارون هزارن سالن کان ويران پيون آهن، ان ڪري انهن ۾ دز ۽ ڏوڙ جا ٽلها تهه جمع ٿي ويا آهن، جيڪي پير رکڻ سان ماحول دزاڻي ڇڏين ٿا. هن جبل جي ساخت سخت گچ ۽ گول پٿرن تي ٻڌل آهي. ننڍا وڏا ۽ بي حد رنگين گول پٿر قدرتي گچَ ۾ قاٽل ۽ هڪٻئي مٿان سٽيل آهن. وڏي ۾ وڏو پٿر به ڪنهن ڳوٺ کان وڏو نه آهي. هن ساخت کي جيالاجي ۾ Conglomerate چئبو آهي. انهن ۾ ڳاڙهي چوني جو حصو ڪجهه سرس آهي. ڏوري جي ڪل ڊيگهه (ورن وکرن ۾) اڌ ميل کن ٿيندي. ڏورو ٽن طرفن کان بند آهي. برسات جو پاڻي تمام تيزيءَ سان ورن وکڙن مان ڏوري جي پيتين سان ٽکرائجندو، جئين پوءِ تيئن ڏوري کي ڪشادو ڪندو ڪڊ ندي (Kud River) ۾ پوي ٿو.

پاڻيءَ جو اهو تيز رفتار وهڪرو ۽ جبل جي گچ ۾ جذب ٿي اندران ئي اندران سمي ايندڙ پاڻي غار جي تباهيءَ جو ڪارڻ بڻيو آهي. سمندڙ پاڻي غار جون چتيون ۽ پٽيون ڌاهڻ جو ڪم ڪري ٿو ۽ وهڪري وارو پاڻي غار جي منهن تي حملو ڪري ٿو، جنهن ڪري ڪيئي غارون پٽي ڪٽي ويو آهي يا انهن جا اڌيان حصا لوڙهي ڇڏيا اٿس. هوڏانهن ڏوري جي ديوارن تان ترڪندڙ پاڻيءَ گچ ڳاري پٿرن کي آزاد ڪرايو آهي، جنهن ڪري زمين کان مٿانهين وارن غارن تائين چڙهڻ جا رستا ڏهي ويا آهن ۽ انهن ۾ داخل ٿيڻ ممڪن نه رهيو آهي.

غار جي قدامت خلاف هي گواهي غارن جي بيهڪ يا انهن جا نقشا آهن. ڪهڙو ڪري سڀ غارون ڪشادیون ۽ مستطيل يا چورس آهن. ديوارن جا پاسا توڙي ڇت سڀ ذري ڪهڻ پور وڇوٽ آهن. اڪثر غارن جي ڪمرن جي ماپ 10x8, 12x12, 10x10 آهي. ڪن غارن جي ڇتن تي ڪارنهن جا تهه آهن جيڪي باهه جي استعمال جو ثبوت آهن. ٽن چئن غارن جي ڪجهه حصن کي مٽيءَ جو ليپو نظر آيو جنهن جي بنياد تي چئي سگهجي ٿو ته اڪثر غارن ۾ ليپو ڪيو ويو هوندو جنهن جا نشان هاڻي باقي نه رهيا آهن.

ڪمانڊر ڪيئرليس کي 1838ع ۾ اڪثر غارن ۾ متي جو ليپو نظر آيو هو (لسٻيلا گزيٽئر). ڪن غارن جي هڪ ڪنڊ ۾ پٿرن يا ڪچين سرن جي اهڙي اوساري ۽ نظر اچي ٿي، جنهن سان گمان ايري ٿو ته اها رڌ بڃاءِ جي ڪم ڪار لاءِ ڪئي وئي هوندي. شايد ان کي ئي ڪمانڊر ڪيئرليس اَنَ جي ڳندي چيو آهي. ڪن غارن جي ديوارن ۾ سامان رکڻ لاءِ جارا کوٽيل آهن، هڪ اڌ جاءِ تي نوٽ ڪيو ويو ته گچ ۾ ڦاٽل وڏن پٿرن کي ڇاٽي واٽي ٻاهر نڪتل ڇڏيو ويو ته جيئن اهي سائگئي مقصد لاءِ ڪم آڻي سگهجن. سموريون غارون ڏوري جي ٻنهي ديوارن تي منڌ کان آخر تائين زمين کان متي تائين، ٽي ٽي ۽ چار چار ماڙ فليٽن وانگر ٺهيل آهن. اهي سڀ جدا جدا "يونٽ" آهن. کي يونٽ هڪ ڪمري تي ٻڌل آهن ته کي ٻن تي. اڪثر يونٽن کي هڪ هڪ ڪشادو وراندو آهي، گهري نظر وجهڻ سان محسوس ٿئي ٿو ته وراندن کي ڪچين سرن جو ڪٺهڙو ۽ ڏنل هوندو هو. اهڙي طرح جيڪڏهن ڪنهن يونٽ ۾ پير رکبو ته محسوس ڪبو ڇڻ ڪنهن گئلري نما وراندي ۾ پهتا آهيون، جنهن مان ٻيهي ٻاهر جو ٻرپور نظارو وٺي سگهبو. وراندي مان هڪ يا ٻن ڪمرن جا دروازا ڦٽندا پر ٻن ڪمرن وارا يونٽ کي ٿورڙا آهن.

ڪُڌ ندياءَ ۾ سياري دوران پاڻياءَ جو معمولي وهکرو رهي ٿو، جڏهن ته اونهاري جي گرم هوائن ۾ اهو ۽ سڪيو ويڃي پر جر ۾ سو ٻچي ٿو. پرپاسي ۾ جهنگلي ٻير ۽ اهڙو کو سنهو ٽلهو قدرتي قوت آهي، باقي اهي فصل ۽ حاصل ڪري سگهجن ٿا جيڪي سنڌ جي جابلو علائقن ۾ ٿين. ٽي سگهي ٿو ته اڄي اها صورتحال نه هجي ۽ بهتر برساتن سبب ڪڌ ندياءَ ۾ ٻارهوئي پاڻي هجي! بهرحال هتي، ڪنهن وقت شڪار جام هو ۽ مقامي ماڻهن جو گذارو انهن جي گوشت تي هو. هي ماڳ ان قديم شاهراهه تي واقع آهي جيڪا سنڌ کي بلوچستان جي پٻوٽي نا ڪي ذريعي (جنهن کي بلوچستان جو دروازو چئي سگهجي ٿو) ايران، افغانستان ۽ وچ ايشيا سان ڳندي ٿي. هاٿوکي آر. سي. ڊي. شاهراهه لڳ ڀڳ ساڳي قديم شاهراهه تي ناهي وئي آهي.

هن پر اسرار غارن جي گهري جاچ پڙتال کان پوء جنهن شيءِ جي شديد کوٽ محسوس ٿئي ٿي، اهي آهن ٽکريون. هيل تائين ڪنهن هڪ اڌ

رپورٽ ۾ ٽڪريءَ جي ملڻ جي ڳالهه درج آهي. ٽڪرين جو نه هڻڻ ڏاڍي عجيب ڳالهه آهي، ممڪن آهي ته هي ٽڪراتي کان اڳ جو دؤر هجي يا غار واسين وٽ ٽڪر جي ٽانون جو خاص استعمال نه هجي، جابلو علائقي جا ماڻهو پاڻي ۽ اهڙي ٻي ضرورت لاءِ جانورن جي کلن مان پکالون ۽ ڳوٽريون ٺاهي استعمال ڪندا آهن. ان حد تائين ته ڳالهه سمجهه ۾ اچي ٿي پر چمڙي جو استعمال سڀ ضرورتون پوريون نٿو ڪري سگهي.

اسان کي (فيبروري 1989ع) ۾ ان هنڌان ڪجهه ٽڪريون مليون هيون، جيڪي ڪافي اهم محسوس ٿين ٿيون. هڪ ٽڪري سنهڑي ۽ ڳاڙهي آهي جيڪا ڪنهن ننڍڙي نازڪ ٽاڻ جي نظر اچي ٿي. ٻي ٽڪري پوري رنگ جي آهي جنهن تي ڪارو ليڪو پيل آهي، انهن کان سواءِ مٿن کي به چٽ نه آهن. اها پوري ٽڪري هڪ غار مان ملي جڏهن ته باقي ٽڪريون ڏوري جي مختلف ڪنڊن پاسن مان لڌيون. ڪجهه ٽڪريون هڪ غار مان هڪ هنڌان مٽيءَ جي تهن کي ڦلهورڻ سان مليون، پر انهن ۾ ڪا خاص ڳالهه نه آهي. مون اهي ٽڪريون قديم آثارن سان تعلق رکندڙ ۽ ٽڪري وديا جي ڄاڻو ڪجهه صاحبن کي ڏيکاريون ۽ صلاح مشورو ڪيو. سڀني صاحبن جي گڏيل راءِ هئي ته اهي "آمري ڪلچر" سان تعلق رکندڙ ٿي سگهن ٿيون.

آمري ڪلچر وارين ٽڪرين غارن جي موجودگيءَ کي ويتر منجهائي ڇڏيو آهي. خاص طور تي ان مهل جڏهن تباهي جي رفتار کي ڏسندي انهن جي عمر جو ڪاٽو وڌ ۾ وڌ هڪ هزار سال ٻڌايو ويو آهي. ٽڪرين جي موجودگي ظاهر ڪري ٿي ته هن ماڳ جو سنڌو ماڻريءَ واري تهذيب کان اوائلي ثقافتن سان لاڳاپو هو. گوندراٽي غارن کي انهن قديم تهذيبن کان جدا رکي پرکڻ ڪنهن به صورت ۾ مناسب نه ٿيندو. اهو بلڪل ممڪن آهي ته غارن جو هيڪاندو تعداد بعد واري زماني ۾ ٺاهيو ۽ وڌايو ويو هجي پر اهو به ممڪن آهي ته سنڌو تهذيب کان اڳ واري دور ۾ به هتي ڪجهه غارون گهڙيون ويون. ان سان گڏ اهو به ممڪن آهي ته آمري ڪلچر کان اڳ پٽر واري زماني ۾ به ان ماڳ تي ڪجهه غارون هجن جن ۾ پوءِ هوريان هوريان واڌارو ايندو ويو ۽ نيٺ نون دؤرن ۾ انهن جو تعداد ڏيڍ هزار ڪن ٿيو ۽ انهن جي بيهڪ به بهتر ٿي. اهو به ذهن ۾ رکجي ته پورالي ۽ ڪڇ ندين جون وادين قديم زماني کان انساني آبادين رهنديون آيون آهن.

برگيڊيئر رٽائرڊ محمد عثمان پڻ هن ماڳ تي چگو ڪم ڪيو آهي ۽ هتان ڪجهه اهم شيون هٿ ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيو آهي. هن کي انهن غارن مان مختلف قسم جا ٻج مليا، جن ۾ ٻير جون ککڙيون ۽ جَوَ شامل آهن. هن کي جيڪو ٽڪراٽو مليو، اهو ٻنهي قسمن جو آهي، يعني چڪ تي گهڙيل ۽ چڪ کان سواءِ گهڙيل. ڪجهه ٽاڻا پڪل آهن ۽ ڪجهه ڪچا، ڪجهه ٽاڻا پٿر مان گهڙيل آهن. هن کي پٿر جا موتي به مليا جيڪي زيورن طور استعمال ٿيندا هئا. هن کي هڏين مان ٺهيل سُيون ۽ پٿرن مان گهڙيل اوزار به مليا آهن. برگيڊيئر صاحب هن ماڳ کي پٿري زماني سان ڳنڍيو ٿو.

گوندراڻي غارن جي ٻرپاسي ۾ بروهي قبيلا رهن ٿا "ڪڍ گنڍاچو" ڳوٺ جي هڪ پير مرد ٻڌايو ته ندياڻ جي سڃاڻپ انهن غارن جي نسبت سان آهي، جن کي مقامي ماٿهو بلوچي لهجي ۾ "ڪڍ" چون ٿا، جنهن جو سنڌيءَ ۾ نعم البدل "ڪڍ" يا "ڪڍي" آهي. جئين ته اهي غارون شڪل صورت ۾ ڪڍين جهڙيون آهن، تنهنڪري ڪڍ ندياڻ جي معنيٰ بيهي ٿي، "ڪڍين واري ندي."

هوڏانهن فيئر سروس هن ماڳ کي اسلامي دؤر سان جوڙي ٿو ۽ دليل ۾ چوي ٿو ته غارن جي ڍهڻ جو عمل ايترو تڪو آهي جو اهي ايڏو عرصو قائم رهي نٿيون سگهن. هو، هن ماڳ تان پٿر جي جنڊ ۽ لوهه جي هڪ نوڪدار شيءِ لڀڻ جو اطلاع ڏئي ٿو.

گوندراڻي غارن جو ٻيو نالو روغن شهر آهي ۽ ان سان هڪ ڏند ڪٿا منسوب ٿيل آهي جنهن جا مکيه ڪردار شهزادو سيف الملوڪ ۽ شهزادي بديع الجمال آهن. ڪردارن جي تاريخي حيثيت بابت ڪجهه نٿو چئي سگهجي، البت اهي ايراني ۽ عربي ادب ۾ به آهن. اهي نالا پنهجي جاءِ تي صفاتي آهن، جيڪي بهادريءَ سونهن جي نمائندگي ڪن ٿا. ساڳيا ڪردار سنڌو ماٿريءَ جي بلڪل اتر ۾ ڏکڻ ۾ به قصن ڪهاڻين ۾ مرڪزي ڪردار ادا ڪن ٿا. اتر ۾ سيف الملوڪ ڏنڊ ۽ ڏکڻ ۾ بدين جي ٻرپاسي ۾ پراڻ جي ڪنڊيءَ تي ڳاڙهو دڙو ان جا مثال آهن. گوندراڻي غارن جي حقيقت ڳولهڻ جو هڪ رستو هن هنڌ موجود ڏند ڪٿا جي جزن جي ڇنڊڇاڻ مان به ڳڻي سگهي ٿو. پر ان سان به محض ڪو هڪ پهلو يا ڪنهن هڪ دؤر جي تاريخ واضح ٿيندي.

ڏند ڪٿا موجب، هن علائقي ۾ هڪ بادشاهه حڪومت ڪندو هو جنهن جي ڌاهپ ۽ سندس ڏيءَ شهزادي بديع الجمال جي سونهن سڃي اوير ۾ مشهور هئي پر ڇهه شيطان شهزاديءَ تي عاشق ٿي ڪيس چورائڻ لاءِ حملا ڪندا هئا، جن کان بچائڻ لاءِ بادشاهه ستن نوجوانن کي سڏايو جن جي پاڻ ۾ دوستي به هئي. اهي پئي شهزاديءَ کي پسند ڪندا هئا پر هڪ هڪ ٿي شيطانن هٿان مارجي ويا. ان دوران مصر جو شهزادو سيف الملوڪ پنهنجن ساٿين سان روغن شهر پهتو ته جيئن هو پنهنجي حڪومت لاءِ ڪا زمين فتح ڪري سگهي. شهزادو سونهن ۽ بهادريءَ ۾ سپ ڪان سرس هو. سو، شهزاديءَ جو ساٿس نينهن ٿي پيو. هڪ ڏينهن جڏهن شيطانن مايوس ٿي وڏو حملو ڪيو ته سيف الملوڪ کين ماري وڌو جنهن کان پوءِ بادشاهه؛ سيف الملوڪ جي بهادريءَ کان خوش ٿي ڪيس پنهنجي ڏيءَ پرٽائي ڏني. پوءِ، ڪيتري عرصي ناٿين هي جوڙو هن علائقي تي حڪومت ڪندو رهيو. علائقي جا ماڻهو اڄ به انهن ستن غارن جي نشاندهي ڪن ٿا جن ۾ ستن دوستن جي رهائش هئي ۽ انهن جي پر ۾ شهزاديءَ واري ڪشادي غار به آهي.

گهٽو ممڪن آهي ته ڳولا ڪرڻ سان اسان کي بلوچستان جي هن حصي بابت جيڪو ثقافتي طرح اڄ به سنڌ جو حصو آهي، ڪنهن اهڙي چار پنج سؤ سال پراڻي جنگي داستان بابت ڪا ڄاڻ ملي پوي جنهن ۾ ست "قومي هيرو" هجن، جن ڇهن طاقتور دشمنن سان لڙاين ۾ شهادت حاصل ڪئي هجي ۽ نيٺ آخري لڙائي ۾ انين سورمي جي اڳوائيءَ ۾ دشمن ناس ٿيا هجن. پر اهو واقعو به گوندراڻي غارن جي هزارها سال پراڻي تاريخ مان محض هڪ ۽ آخري پڙاڏو ٿي سگهي ٿو.

جنهن هنڌ گوندراڻي غارن وارو ڊورو ڪُڊ نديءَ ۾ پوي ٿو ان کان فرلانگ ڪن پهرين هڪ مزار آهي. جيڪا "مائي گوندراڻي" سڏي وڃي ٿي. ان ئي حوالي سان غارن کي اهو نالو ڏنو ويو آهي. اها شاهي قبر جبل جي هڪ ننڍي پاسراڻيءَ تي آهي. مٿي ڪو گنبذ وغيره ناهي. عقيدتمندن ان جي چوڌاري پٿرن جي اوساري ڪري مٿس ڪڪائين ڇت ٺاهي آهي، جڏهن ته قبر کي هاڻي سيمينٽ سان پڪو ڪيو ويو آهي. مائي گوندراڻيءَ کي نانيءَ، جيجان، هنجاڻي، قلندراڻي، هروچاڻي ۽ اهڙن ٻين نالن سان سڏيو وڃي ٿو.

هڪ پيرسن بروهيءَ ٻڌايو ته هتي هندو توڻي مسلمان زيارت لاءِ اچن

ٿا ۽ ٻکر جي قرباني ڪن ٿا. مسلمان عيد جي ٻئي ڏينهن ۽ هندو پنهنجن خاص ڏينهن تي اچن ٿا، پر ٻنهي ڌرين جي اڇڻ لاءِ هروپرو انهن خاص ڏينهن جو هڪڙ شرط ناهي، هو ڪڏهن ٻه اڇي سگهن ٿا. 1989ع ۾ گونداراڻي ڏانهن ويندي واٽ تي نديءَ جي پيٽ ۾ اسان اهڙي قرباني‌ءَ جا نشان ڏٺا. رت تازو هاريل هو، جڏهن ته قربان ٿيل جانور جا ٻيا ڪي ٻه تفصيل موجود نه هئا. هندو ۽ مسلمان لوڪن ۾ هن هنڌ ڪي "تقدس" ڏيڻ وارو پهلو ٻه دلچسپ آهي جو هو هتي قرباني‌ءَ جهڙي قديم رسم ادا ڪرڻ اچن ٿا. واضح هجي ته قرباني‌ءَ واري رسم تاريخ کان اڳ واري زماني کان هلندي پئي اچي.

"شري هنگلاج ماتا جي ياترا" جي ليکڪ رامچند ڪتري‌ءَ گونداراڻي غارن بابت هڪ ٻيو پهلو لکيو آهي. هو چوي ٿو ته "هيڱ ٻيلي (لسٻيلو شهر) ۾رسان هڪ ننڍڙو ڳوٺ آهي جيڪو جبل تي واقع آهي. گوتم ٻڌ جي زماني ۾ هتي گهٽا مندر هوندا هئا پر هن وقت هتي خالي غفائون آهن."

غارن جي گهٽائي ذهن ڪي منجهائي وجهي ٿي ۽ اهو سوال ايري ٿو ته آخر ڪهڙي سبب کان هيڏيون ساريون غارون ٺاهيون ويون؟ ان جو ڪو ٻه حتمي جواب في الحال ممڪن ناهي، سواءِ ان جي ته انومان ڪيڄن. رامچند ڪتري جو حوالو ٻه اهم آهي ۽ گهٽو ممڪن آهي ته ڪنهن وقت ۾ ٻڌمت جي ٻڪوشئن ٻه هتي تپسيا لاءِ مرڪز جوڙيو هجي. اهو ٻه ممڪن آهي ته هن وقت جنهن هنڌ تي مائي گونداراڻي‌ءَ جي قبر آهي اتي ڪنهن وقت ۾ ڪالي مندر يا استوپا هجي ۽ اهي غارون هندن يا ٻڌن جي تپسيا لاءِ ڪم آيون هجن. ٻڪشو توڙي رشي مني اهڙي ٻي طرح ويران علائقن ۾ جهڳيون جوڙي يا غفائن ۾ گڏيل توڙي هيڪلو رهي تپسيا ڪندا آيا آهن. سنڌ ۽ بلوچستان ۾ شِو ۽ ڪالي جي پوڄا آريا سماج کان ٻه اڳ هلندڙ آهي.

غارن جي ٻيهڪ ڏاڍي پراسرار آهي. ڪو ٻه ماڻهو اهو نوٽ ڪرڻ ڪانسواءِ رهي نٿو سگهي ته هتي حفاظتي قدم طور ڪي غارون اهڙن زاوين تي ٺاهيون ويون آهن جو اهي وادي‌ءَ جي نگراني يا چوڪيداري ڪندڙ محسوس ٿين ٿيون. ان ڪري هڪ تڪڙي راءِ اها ٻه ڏيئي سگهجي ٿي ته ڪنهن وقت ۾ ڪنهن پاڻ ڪاڏل شاهي لشڪر ڪجهه سال پناهه لاءِ هن ماڳ جي چونڊ ڪئي هوندي ۽ ان عرصي دوران هتي وڌيڪ غارون ڪهڙيون

هونديون. بلوچستان جي تاريخ جنگن ۽ معرڪن جي تاريخ رهي آهي.

انهن غارن جو تعداد ۽ انهن جي ڊيگهه ويڪر کي ڏسي اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته غير آباد ٿيڻ کان اڳ هتي لڳ ڀڳ 5 هزار ماڻهو رهندا هوندا. اهو تعداد معمولي نه آهي. پرپاسي جي زمين ايڏي آبادي ۽ لاءِ قدرتي ذريعن مان خوراڪ مهيا ڪرڻ جي قابل نه آهي. يقيني خوراڪ جو بندوبست باهرين ذريعن مان ڪرڻو پوندو هوندو. ڪا ندي پاڻ ۾ اوائلي گذرگاهه آهي. ان کري باهرين ذريعن کان خوراڪ حاصل ڪرڻ ڏکيو نه رهيو هوندو. البت غارن جي هن شهر کي ڇڏي وڃڻ وارو مرحلو خوراڪ جي کمي ۾ ٿي سگهي ٿو. يا ممڪن آهي ته ڪو ناموافق جاگرافيائي واقعو پيش آيو هجي.

ڪرنل ڪيئرليس جي ابتدائي رپورٽ ۾ (1838ع ۾) هن غارن جو تعداد "1500 کان گهٽ نه" لکيل آهي. جڏهن ته والٽر فيئر سروس جو خيال آهي ته انهن جو تعداد (1929ع ۾) 500 کان ۾ گهٽ آهي. والٽر فيئر سروس کي تنهن وقت ۾ ٽڪريءَ جون ڪيئي ديوارون ڏهي پيل نظر آيون هيون ۽ ڪجهه غارن جا فقط پويان حصا باقي نظر آيا هئا. اها ئي صورتحال اڃڪلهه ۾ آهي، پر اسان کي (فيبروري 1989ع ۾) هڪ هنڌ هڪ هيڏي ساري ڇپ لڙهي ڏوري ۾ ڪريل نظر آئي، جيڪا شايد هيٺاهينءَ واري هئڻ ڪري ايڏا سالم حالت ۾ هئي ۽ ان ۾ ڪوٽيل هڪ غار جا نشان ايڏا باقي هئا.

والٽر فيئر سروس کي ٻڌايو ويو هو ته هن مان ڪن غارن ۾ پينٽنگ ۾ ٿيل آهي پر باوجود ڪوشش جي ڪيس اهڙو ڪو ۾ نشان نه مليو. اسان کي البت هڪ غار ۾ جيڪا ڏوري جي ٽئين وڪڙ ۾ ٿورو مٿانهينءَ تي آهي، ڳاڙهي ۽ سائي رنگ جا لينگها پيت جي ڪن حصن ۽ ڇت تي نظر آيا. اهي لينگها ڪجهه ان ئي قسم جا هئا جهڙا هندو ياترين اڪثر تيرٿن تي هٿندا آهن. انهن لينگهن مان ڪو ۾ اڪر يا تصوير واضح نه پئي ٿي. البت سواستيڪا جو نشان ڇڻو هو.

ڪراچي ۽ لسبيلي جي پرپاسي ۾ پٽري دؤر

لسبيلي ضلعي ۾ واقع گوندراڻي غارن واريون ٽڪريون جيالاجيءَ جي اصطلاح ۾ ڪانگلو ميرٽ آهن پر اهي پنهنجن اوپر وارن ڪانگلوميرٽ جبلن

کان ٻيهڪ ۽ ڊپازٽس ۾ مختلف آهن. ڪراچيءَ کان ولي ڪوٽڙي ۽ مڪليءَ کان ولي اتر ۾ لکي ۽ ڪير ٿر جا جبل هڪٻئي جي پويان ٽريشري ۽ پوئين ٽريشري دؤر ۾ ظاهر ٿيا هئا، جيڪي گهٽو ڪري آيا ۽ ايڪرا آهن. ماهرن انهن ٻيهڪن کي منڇر، گاج ۽ ناڑي ٻيهڪن جا نالا ڏيئي جدا جدا واضح ڪيو آهي. هونئن اهي ٻيهڪون، خاص ڪري گاج ۽ منڇر ٻيهڪن جا سلسلا ڪٿي ڪٿي هڪٻئي ۾ گهيرجي ٻه ويا آهن. اهي بهرحال جيالاجيءَ جا ڳتيل سوال آهن جن تي مسٽر عبدالروف خان پنهنجي تحقيقي رپورٽ "Studies in Geomorphology and Pre-history of Sindh" ۾ ڏاڍو ڳوڙهو اپياس پيش ڪيو آهي.

ان اپياس مان اها وضاحت ملي ٿي ته آخر کهڙي سبب ڪري منگهو پير، مول، ملير، لياري، ڪديجي، لکي، ڪير ٿر ۽ ٻڌو ماڙيون ان قابل ٿيون جو اُتي زندگي ۽ خاص ڪري انساني سرگرميءَ کي واڌ ويجهه ۾ مدد ملي! بار بار جاگرافيائي اٿل پٿل جي انهن سلسلن، ارتقائي ۽ اوچتين تبديلين سان هتي جبلن ۾ پاڻيءَ جي وهڪرن ۽ هوائن جي گهڪن سان ڪي مخصوص تبديليون ٿيون آهن جن مٿاڇري کي هڪ خاص شڪل ڏني ۽ زمين جي اندروني ٻيهڪن کن مخصوص جاين تي چشما ۽ وهڪرا جاري ڪيا ۽ موسمن جي ڦيرڦار سان هتي چراگاهه ٻيلا وڌيا جن ۾ شڪار لاءِ جانور موجود ٿيا. هن وقت جيتوڻيڪ اڄڪي جهڙيون موسمي حالتون ڪونه آهن ۽ سنڌ جا جبل وسيع ۽ زرخيز چراگاهه ڪونه رهيا آهن ۽ شڪار ٻه گهٽجي ويو آهي ۽ جيڪڏهن سنڌ جي آبادي اڄ ٻه ڀڙي دؤر جي شڪارين جيتري هجي، تڏهن ٻه هتي اهڙيون جاگرافيائي حالتون موجود آهن جو هو شڪار تي گذارو ڪري سگهن.

سنڌ جي ڪوهستان ۽ بلوچستان جي لسٻيلي ضلعي ۾ تاريخ کان آڳاٽن ڪافي ماڳن جو ذڪر رکاردِ تي جڙهي چڪو آهي پر اهو گهٽو تڻو چالڪوليٽڪ دؤر آهي. ڪجهه عرصو اڳ تائين ڪراچيءَ جي پرپاسي مان فقط ست اٺ ماڳ رکاردِ تي آيا آهن. جهڙوڪ: اميلاڻو، سيوهڻ روڊ تي ڪراچيءَ کان 26 ميل پري هڪ ماڳ اورنگي، منگهي پير ٽڪرين ۾ "لالا چڪرو" وٽ هڪ ماڳ، منگهي پير واري زيارت لڳ هڪ ماڳ، ڪراچي يونيورسٽيءَ جي اتر اولهه ۾ ديهه گجرو ۾ هڪ ماڳ، ملير ماڙي ۾ نل بازار

يا الهه ڏنو ماڳ ۽ حب ۾ قلعه ليوي پوسٽ وٽ ٻيلا ضلعي ۾ هڪ ماڳ، ساڳي طرح ٽرڙو (گجو) کي آمري ثقافت سان واسطي ۾ ۽ نيوليٿڪ دؤر طور ڏٺو ويو ٿو. پر اها تحقيقي لسٽ مڪمل نه آهي. ڪراچيءَ لڳ ڪوهستان ۾ هنڌ هنڌ ڪيئي ڪوٽيرا، ڪافر ڪوٽ ۽ ڪافر قبرون آهن. هڪ ماڳ سپر هاءِ وي جي ڪنڌيءَ تي روڊ جي ڏکڻ ۾ ڪراچيءَ کان 51 ڪلوميٽر جي پنڌ تي ان هنڌ آهي جتي هاءِ وي "S" وکڑ ٺاهي ٿي. ان کي ڪوٽيرڙو به چون ٿا. ان ماڳ مان ٻئي ٽڪراڻي سان گڏ ٽڪر جا پيڙا ملن ٿا. ان Object جي في الحال کا به وضاحت ڪونه ٿي آهي. گڏاپ ۾ نارا ٽر کان ڏکڻ طرف "ڪافرن جا گهر" ٽهيل آهن جن جي پٽ کابه ڪوٽائي ڪو نه ٿي آهي. ڊملوٽي کان ڏکڻ پاسي هڪ ڊوري جي ڪنڌي تي "نٽالي جو ڪوٽ" پٽ تاريخ کان آڳاٽي ماڳ تي ٻڌل آهي ۽ هتان پٽر جا بليڊ به ملن ٿا.

ڊاڪٽر رؤف هڪ ماڳ ڳڙڪر يا گزڪل جو ذڪر ڪري ٿو جيڪو سنڌو تهذيب سان تعلق رکي ٿو. هي سيوهڻ ڏانهن ويندڙ پراڻي رستي تي اميلاٿو کان فقط 5 ميل ۽ الهه ڏنو کان فقط 3.5 ميل پري آهي. ان ماڳ جي پرسان هڪ ڊگهو گبر بند پڻ آهي جيڪو ٽڙ واري (Tara Wari) نديءَ ۾ ٻڌل آهي. هونئن به ڊاڪٽر صاحب ڪراچيءَ جي پرپاسي ۾ 6 عدد گبربندن جي موجودگيءَ جي دعوا ڪري ٿو جيڪا منهنجي خيال ۾ اصل کان گهٽ آهي. ٻه گبر بند ته فقط ٻاهري (مهير جبل) ۾ موجود آهن، جيڪي ايا تائين سرڪاري رڪارڊ تي ڪونه چڙهيا آهن. ٻاهرو سنڌو ثقافت کان آڳاٽو ماڳ آهي.

سنڌو تهذيب کان آڳاٽا ڪوٽ

ٻاهرو ماڳ تان به چقمقي بليڊ ۽ آمريءَ جو ٽڪراٽو ملي ٿو ۽ ان جي چوڌاري به پٽري ديوار ڏني وئي هئي. اها ئي صورتحال ٽرڙو (گجو) ماڳ جي آهي. جيڪو اُن وقت گهٽو ڪري ٻيٽ وانگر هو. سنڌو تهذيب کان آڳاٽن ماڳن ۾ "مائي ڳاڙهي" به شامل آهي. هي ماڳ حب نديءَ جي ڪاپي ڪپ تي هڪ ڇن پٽري ٽڪري تي نديءَ طرف منهن ڪري ٻيٽل هڪ ننڍڙي ڪوٽ واري آبادي آهي. آبادي ڪي ٽن پاسن کان پٽري ديوار سان محفوظ ڪيو ويو

هو. اتر واري ديوار شايد درياهي ڪناءَ ۽ ٽڪريءَ جي ويڪ ڪرڻ سبب ڏهي پئي هوندي. مائي ڳاڙهي ماڳ وٽ نہ رڳو پور وڇوٽ پٽري بليد ملن ٿا جيڪي چالڪوليٽڪ دؤر جي خاص نشانين مان آهن، پر هتان چڪي خاصي تعداد ۾ هلالي ڪولائيءَ ۾ گهڙيل مائڪروليٿس به ملن ٿا. تازو ئي اهڙا مخصوص گهڙائيءَ وارا اوزار آنجيره دڙي وٽان به مليا آهن جيڪو هونئن نيوليٽڪ ماڳ آهي. آرڪيالاجسٽ ان تسلسل ۾ ۽ پيا ماڳ به شامل ڪن ٿا. هڪ ته اهو ئي ڪديجي آبشارن جي مٿان بيٺل سپ ڪان اوچي بُڻي وارو آهي، جنهن کي ننڍڙي پٽري ديوار ڏنل آهي ۽ مقامي ماڻهو ان کي "ڪوٽاري بُڻي" چون ٿا. ٻيو ماڳ ديهه ڪونڪر ۾ ٽڏو ندي لڳ ڪاري جبل وٽ آهي. اها هڪ الڳ ٽلڳ ۽ ڪانگلو ميرٽ بڻي آهي.

ڪوٽاري بڻيءَ جي پنهنجي اهميت آهي ڇاڪاڻ ته اها آبادي هڪ اهڙي ٽڪريءَ جي چت تي قائم ڪئي وئي جيڪا ڪديجي ماٽريءَ تي پري تائين نظر رکي ٿي. ان بُڻي ڪان هيٺ هڪ خوبصورت ۽ مستقل آبشار آهي، جنهن جو پاڻي ماٽريءَ ۾ ڪجهه ڪلوميٽر اڳتي تائين هلي ٿو ۽ پوءِ مول ندياءَ جي پيٽ ۾ جذب ٿي وڃي ٿو. گهٽو ممڪن آهي ته تڏهوڪي زماني ۾ هن آبشار ۾ ايترو گهٽو پاڻي هجي جو اهو ڍملوٽي ۽ مليز تائين رسندو هجي. هن وقت به ڍملوٽي ۽ مليز ويجهو جر مان نڪرندڙ پاڻيءَ جو ظاهري منبع اهو ئي ڪديجيءَ وارو آهي.

ڪديجيءَ وارا جبل ۽ ان جون ماٽريون اوائلي شاهراهه تي آهن ۽ خاطريءَ سان چئي سگهجي ٿو ته اوائلي رولاڪ قبيلا ۽ قافلا ڪديجي ماٽريءَ مان ضرور لنگهندا هوندا. ڪديجي ماٽري سنڌو تهذيب کان اڳ به آباد هئي ۽ اهڙو ڪوبه ظاهري سبب نظر نٿو اچي جو اسان چئي سگهون ته هن خوشحال ماٽريءَ ۾ موجود قدرتي غارون ۽ ٽاڪرو اجها آمري دؤر کان اڳ انساني پناهه گاهون نہ رهيا هوندا. (تصوير ڪتاب جي آخري صفحن تي)

اهڙي ئي هڪ ڪوٽاري آبادي دادو ضلعي ۾ ان هنڌ تي آهي جتان گاجي شاهه وارو گرم چشمو (ٻڌي جبل جي هڪ ڇاڙ مان) ڦٽي ٿو. ان ماڳ جي معائني مان اها دلچسپ صورتحال به نظر اچي ٿي ته انهن لوڪن ان جابلو چشمي جي پاڻيءَ کي مخصوص استعمال لاءِ، جيڪو زراعت ئي ٿي سگهي ٿو، چئنلائز ڪيو ۽ شايد سنڌ جو پهريون واهه ڪوٽيو.

سنڌ بلوچستان ۾ ساموندي ڪنڌيءَ جا ڪجهه پٿري ماڳ

مسٽر عبدالرؤف خان سنڌ بلوچستان جي ڏاکڻي حصي تي ايڄا به دلچسپ بحث ڪري ٿو. هو ميگاليٿڪ مقبرن جو به ذڪر ڪري ٿو، جيڪي سندس خيال ۾ ڪراچيءَ جي ويڑهاسي ۾ آهن ۽ ڏکڻ هندستان جي ساڳي تسلسل سان تعلق رکن ٿيون. ان سلسلي ۾ هو مول ماٿريءَ ۾ ڪجهه قبرن جو ذڪر ڪري ٿو جيڪي چگيءَ طرح محفوظ آهن ۽ انهن تي وڏين پٿري سرن جو ڍڪ به آهي. ڪي قبرون 8 فوٽ ڊگهيون آهن. مسٽر رؤف بهرحال، انهن قديم قبرن جي ماڳن جي ٺيڪ ٺيڪ نشاندهي ڪونه ڪئي آهي. البت هو ائين چوي ٿو ته اهي قبرون ڊملوٽيءَ وارين پٿري ڊوُر جي قبرن کان بالڪل مختلف آهن. هو حب ماٿريءَ ۾ وڏن پٿرن سان ٺاهيل دائرن جي موجودگيءَ جو ذڪر به ڪري ٿو.

ساحلي علائقي ۾ پٿري دوُر تي بحث ڪندي هو جاگرافيائي تبديلين جو ذڪر ڪرڻ ضروري سمجهي ٿو. هو چوي ٿو ته سڀ کان دلچسپ ۽ اهم ڳالهه هن خطي ۾ مائيڪرو ليٿس جي موجودگي آهي. انهن جو تعلق ٺاڪرو ماٿرين ۽ انهن جي ڊورن ۾ اڏامندڙ پراڻي ريتيءَ سان آهي. اهي ٺاڪرو ڊورا آخري برفاني دوُر جا ٿي سگهن ٿا. جڏهن اهي وهڪرا يا ڊورا گهرا هئا ۽ ساموندي سطح اڄ جي پيٽ ۾ گهٽو هيٺ هئي. ان وقت جي مند به اڄ جي پيٽ ۾ وڌيڪ بارشي هئي ۽ ڊورا گهرا هئا، پر جڏهن برفاني دوُر ختم ٿيو ۽ سمنڊ جي سطح چڙهي تڏهن ٺاڪرو ڊورا ريتي ۽ بجريءَ سان پرجي ويا. برفاني دوُر جي پڄاڻيءَ مهل موسم تمام خشڪ ٿي وئي، اڃوڪي مند کان به وڌيڪ خشڪ. ان زماني ۾ تيز هوائن سان اڏاندڙ ريتي ۽ واري هن علائقي کي لَٽڻ شروع ڪيو.

ان واريءَ جي وچ ۾ ٿي ميسوليٿڪ ۽ پويون پيليوليٿڪ دوُر ملي ٿو. انهن مان اڪثر ماڳ پاڻ ۾ ويجها آهن ۽ ڳڀاني کان داهيجي ۽ جنگشاهي تائين پکڙيل آهن. انهن ۾ ٺاڪرو ڊورا خاص ڪري ڪَلو، رن پٽياڻي، ڪديجي، مول، ٽڏو ۽ شَمر ندين وٽ ڪافي ماڳ آهن. هڪ ماڳ يونيورسٽي ڪئمپس وٽ هو ۽ اهو پٿو هاٿوڪي حب ڊئم کان منگهو پير ٽڪرين تائين آهي. هتن ٽڪرين ۾ اڄ به ڏزن ڪن چشما آهن، جن مان اڪثر چالو آهن. علائقي ۾ ايڄا به وڌيڪ چشمن جون شاهديون موجود آهن، جيڪي هاڻي يا

ته خشڪ ٿي ويا آهن يا وري ڪارا ٿي ويا آهن.

هن علائقي ۾ ميسوليٿڪ ماڳن جو ذڪر ڪندي ڊاڪٽر رؤف چوي ٿو ته اهڙا ماڳ تمام گهٽا آهن. اهي يا ته مستقل آبادیون آهن يا وري ڪئمپنگ گرائونڈ يا وقتي پڙاءَ آهن. اوائلي ماڳن تي پوئين پيليوليٿڪ دؤر جا ڪيئي اوزار پيا آهن ۽ انهن مان ڪافي اوزار دنيا جي ٻين حصن ۾ ميسوليٿڪ ثقافتن سان ٻ ڳنڍيل آهن. پوئين دور جي ماڳن جا اوزار اڪثر ڪري وڏا آهن ۽ رواجي تير نٽا ملن. نندڙا بليڊ (مائڪرو بليڊ) ۽ ڏاڙي جهڙي گولائي وارا اوزار عام طور موجود آهن. سنڌو ماڙيءَ وارا پُور ويڇوٽ بليڊ پوءِ واري دؤر ۾ يعني نيوليٿڪ دؤر ۾ گهڙڻ جو رواج پيو آهي. اهڙا اوزار هتي موجود نه آهن، جنهن جي بنياد تي هن ماڳن کي نيوليٿڪ کان آڳاٽيون آبادیون چيو ويو. بهرحال، هتي ڪن ماڳن تان ڪجهه ٽڪراڙو ٻ ملي ٿو، جنهن بابت خيال آهي ته اهو گهٽو پوءِ ڪنهن ٻئي دؤر جو آهي، نوان ماٹھو ٻ پراڻن ماڳن تي پنهنجا نشان ڇڏيندا رهندا آهن.

اوائلي گروپ وارن ماڳن تان ملندڙ ڇقمقي اوزارن ۾ پَن جي شڪل واريون ۽ پوئتي مُڙيل تيرن جون نوڪون ملن ٿيون. انهن سان گڏ ڏندن واريون ڇريون، گهٽن ٽي قسمن جون ڪرچٽيون، برما ۽ ڪوٽٽيون ملن ٿيون. برمن ۽ ڪوٽَين جا ٻ ڪيئي قسم آهن. مثال طور، طوطي جي چهنب وانگر، ڪنڊ واريون، تمام نندڙيون، وڏيون ڏاڙي نما. اهڙا ٽي بليڊ ۽ ڪرچٽيون ٻ آهن. ڪي ٽڪنڊا اوزار آهن ته ڪي سوراخ ڪرڻ لاءِ نوڪدار آهن. ٽلها ۽ ٽڪنڊا پٿر شايد مترڪا آهن. گول هٿوڙا ٻ ملن ٿا ۽ مختلف قصن جا cores ٻ آهن، انهن cores جا پڻ ڪيئي نسونا آهن.

هڪ پالي جي ٽڪندي نوڪ ڪراچي يونيورسٽيءَ جي علائقي مان ملي هئي. گهٽو ڪري هر ماڳ تي اوزار گهڙيو ويو، ڇاڪاڻ ته اسان کي لڳ ڀڳ انهن مان هر ماڳ تي cores ۽ گهڙائي دوران لٽل چٽڙ ملن ٿا. ڊاڪٽر رؤف استعمال ٽيل چقمقي پٿر کي گهٽ ڪوائلٽي جو قرار ڏيندي اندازو هٽي ٿو ته اهو سنڌ جي ڪوهستاني علائقي مان ڪنهن اهڙي هنڌان کنيو ويو هوندو، جيڪي ايوسين زماني جون ٽڪريون آهن. ڊاڪٽر صاحب نشاندهي ڪري ٿو ته فقط گڊاڻيءَ وٽ ٽي چن پٿري ٽڪرين ۾ ڳاڙهو چقمقي پٿر آهي، باقي اڇي رنگ جو چقمقي پٿر گهٽو ٽي ڇلبو ويو پر اهو اوزارن لاءِ بهتر نه هو.

انهن ئي اوزارن ۾ سماجي ارتقا جي بنياد تي ماهر راءِ ڏين ٿا تہ سنڌ ۾ بلوچستان جا ميسوليٿڪ لوڪ لازمي طور تي جانورن ۾ مڇيءَ جا شڪاري هئا. سمنڊ جي ڪنڌين تي ڪين سپون، ڪوڏ، ڪڇون، ڪميون ۽ ڪيڪڑا ملندا هئا ۽ تانگهن پاڻين ۾ ڏينڊن مان مڇي جهليندا هئا. انهن مان ڪن ماڻڪن تان اٽسجاتل جانور جون هڏيون ۽ ملیون آهن.

جيستائين چقمقي پٿرن جي حصول يا ڪاٽين جو ذڪر آهي تہ في الحال ڪوٽ ڏجي، روهڑي ٽڪريون ۽ اونگر واري ٽڪري اسان جي آڏو آهي. البت لڪي جابلو سلسلي ۾ هوٿياٽو جبل ۽ ڪرچات جي اتر ۾ پوکڻ لڳ ڪي ٽڪريون پڻ چقمقي پٿرن سان ڀريل آهن.

سنڌ ۾ پوئين پيليوليٿڪ دؤر جي اوزارن بابت ڊاڪٽر رئوف چوي ٿو تہ انهن مان هڪ ڇُريءَ جهڙو آهي، انتهائي مڙيل، تيز ڌار ۽ پڳل پٺ وارو. ان جي ڌار ڳهٽو تڻو سڌي آهي. هي اوزار بن انچن کان ڪجهہ ننڍو آهي. هن قسم جو بهترين اوزار ڪديجيءَ واري ماڻريءَ مان مليو هو ۽ پڻ ٻين ماڻڪن تان بہ ملي ٿو. ان دؤر جا ٻيا اوزار مول واري ماڻري ۽ حب ندي جي وات وٽ "ٻيارو" ٽڪريءَ مان ملن ٿا. ٻيارو ٽڪري ڳوٺ حاجي شاهہ بيگ جي اتر ۾ آهي. اتان مخصوص تيرن جون نوڪون مليون هيون. پوئين پيليوليٿڪ زماني جي انهن ماڻڪن تي پوءِ ميسوليٿڪ لوڪ بہ آباد رهيا، پر ڪن ماڻڪن تي ميسوليٿڪ لوڪن جا نشان باقي نہ آهن. شايد اهي نشان موسمي تبديلين دوران ٽڪرين جي ڪاڌ سبب ڍهي ويا.

اوائلي پيليوليٿڪ ماڻڪن بابت ڊاڪٽر صاحب چوي ٿو تہ آخري پيليوليٿڪ ۽ ميسوليٿڪ ماڻڪن جو ڳڏ وچڙ هجڻ هڪ طرف، پر ڪن ماڻڪن تان ملندڙ اوزار ايجا بہ پراڻا آهن. ڪونڪر جي علائقي ۾ موجود اوچين ٻڌين وٽان ڪي ڪرچٽيون ملن ٿيون. لانديءَ جي ڏڪڻ ۾ هڪ پراڻي ٽڪريءَ ويجهو بجريءَ مان پن جي شڪل واري هڪ نوڪ ملي هئي. هڪ ٻي نوڪ واڳهو ڏر ويجهو اتي هڪ (قلعبندي واري) ديوار جي ٻاهرين پاسي کان کنئي وئي. اهي نوڪون ميسوليٿڪ دؤر جي تيرن کان مختلف آهن. هونئن، اها بجريءَ واري بڌي پاڻ بہ پوئين پلائسٽوسين دؤر جي آهي. ان ڪري اهو چئي سگهجي ٿو تہ هن هنڌ انساني سرگرمي ايجا بہ آڪاڻي آهي. هڪ چقمقي نوڪ ڳوٺ جالاب (Goth Jalab) ويجهو ديهہ ڪونڪر مان ملي. اها ليوالوائزن

ٽيڪنڪ جي پوئين مرحلي جو نمونو آهي. ڊاڪٽر صاحب ڪراچيءَ جي پرپاسي ۾ موجود پٽري دؤر جي انهن سرگرمين کي اوپر آفريڪي همعصر لوڪن جي سرگرمين سان ميل کائيندڙ محسوس ڪري ٿو.

اوائلي پيليوليٿڪ دؤر جا ڪراچيءَ جي پرپاسي ۾ في الحال کي به نشان ڪونہ مليا آهن. جيتوٽيڪ هن علائقي ۾ پلائسٽوسين دؤر جون ٽڪريون موجود آهن پر سخت موسمي تبديلين هٿ ڪانگلوميرٽ جبلن کي زبردست متاثر ڪيو آهي ۽ اوائلي پيليوليٿڪ دؤر جي ڪنهن آبادي ۽ جو نشان باقي نہ ڇڏيو آهي. مٽي، ٽڪرين تان برساتن جي وهڪرن ۾ نڪري وئي ۽ ڇڙواڳ پٽرن پنهنجون جايون ڇڏي هيناهين ڏانهن ڊرڪٽ شروع ڪيو. قدرتي چن پٽري غارن ۽ تاکرو آجهن مان پٽ في الحال اوائلي پيليوليٿڪ سرگرميءَ جو ڪوبہ ثبوت ڪونہ مليو آهي. ان هوندي بہ اهو ياد رکڻ ضروري آهي تہ هن سلسلي ۾ ايڏا تائين اپياس ٽيڪ طرح شروع ٿي ڪونہ ٿيو آهي.

ٽرڙو: موهن جي دڙي کان بہ پراڻي لکت وارو ماڳ

ٽٽي ۽ ڪراچيءَ جي وچ ۾ گجو لڳ قومي شاهراهہ کان ڏکڻ طرف هڪ ننڍڙي ٽڪريءَ تي اها علامتي تصويري لکت موجود آهي، جنهن لاءِ چئي سگهجي ٿو تہ اها سنڌ ۾ موهن جي دڙي واري دؤر کان بہ اڳ جي آهي. بدقسمتيءَ سان جيئن تہ ايڏا تائين موهن جي دڙي واري لکت ئي پڙهجي نہ سگهي آهي، تنهنڪري اهو نٿو چئي سگهجي تہ هن قديم تصويري لکت ۾ ڇا لکيل آهي؟ ڇا اها لکت اصل ۾ سنڌو ماڻريءَ جي قديم عقيدي جي علامتي نشانن تي مشتمل آهي؟

هن ماڳ جو نالو ٽرڙو يا ٽرڙي آهي، جنهن کي ٽرون بہ چيو ۽ لکيو ويو آهي. مقامي ماڻهو هن ڦٽل ڪوٽ کي ٽرون ۽ ڪرون نالي ٻن پائرن سان منسوب ڪن ٿا. ٽرون چڱو هو ۽ ڪرون ظالم. ٻنهي ۾ ٽڪراءُ ٿيو ۽ نيٺ ٽرون کٽي ويو. هتي ٽرون جي حڪومت هئي.

هتي هڪ ٻي ڏند ڪٿا بہ آهي. ٽرڙ ٽڪريءَ جي اوپر طرف ڪجهہ پنڌ تي هڪ ٻي ٽڪري ڏسجي ٿي جنهن جا چار ئي پاسا آيا آهن. اها پري کان

هڪ ساموندي جهاز جو ڏيڪ ڏئي ٿي. اِن ٽڪري جي مٿين سطح سڏي آهي. مقامي ماڻهو ان ٽڪريءَ کي ٽرڙ ٻيڙي چون ٿا. سندن چوڻ آهي ته هڪ درويش جي ڪرامت سبب اها ٻيڙي پٿر ٿي وئي آهي. ان ٽڪريءَ تي ننڍڙا چقمقي پٿر گهڙيل حالت ۾ موجود آهن.

هو چون ٿا، "اڳي هتان درياهه وهندو هو. ٽرڙ ٽڪريءَ تي هڪ وڏو بزرگ شيخ تراب اچي پنهنجو آستانو ٺاهيو. هن دين جي تعليم ڏيڻ شروع ڪئي ۽ وٽس گهٽا شاگرد هئا. جڏهن بزرگ جو اثر وڌڻ لڳو ته ڪافرن کي پريشاني ٿي. هنن درويش کي تنگ ڪرڻ شروع ڪيو، پر ڪجهه ڪري نه سگهيا. هڪ ڏينهن ڪافرن وڏي ٻيڙيءَ ۾ چڙهي درويش جي آستاني تي حملي جي رٽ رٽي. جڏهن درويش جي شاگردن ڪافرن کي ٻيڙيءَ تي چڙهي ايندي ڏٺو ته گهٻرائجي ويا. هنن وڃي پنهنجي بزرگ کي اطلاع ڏنو. بزرگ کين اطمينان ڏياريو ۽ چيو ته مونکي اتي وٺي هلو جتي ٻيڙيءَ تي نظر پوي. درويش جي عمر تمام وڏي هئي، اکين جا ٻيرون تمام گهاٽا هئا، ايستائين جو جڏهن هٿ سان ٻيرون هٽائيندا هئا تڏهن اک پٽي سگهندو هو. جڏهن شاگرد درويش کي ٽرڙو ٽڪريءَ جي ڪنڌيءَ تي وٺي آيا ۽ درويش جا ٻيرون هٽائي کيس ڪافرن جي ٻيڙي ڏيکاري وئي، تڏهن ڪرامت ظاهر ٿي. جيئن ئي بزرگ جي نظر ٻيڙيءَ تي پئي، ٻيڙي پٿر ٿي وئي ۽ راکاس ان تان لهي ڊپ ۾ وٺي ٻڌا ۽ هن ملڪ مان نڪري ويا."

ظاهري طور تي اجائي نظر ايندڙ هن ڪهاڻيءَ ۾ ٽرڙ ٽڪري جي سڄي تاريخ ۽ جاگرافي موجود آهي. ماڻهن مختلف جاگرافيائي ۽ تاريخي واقعن کي گڏي هڪ مختصر آکاڻي تيار ڪري ورتي آهي. ٽرون جي پنهنجي بيهڪ ڏسي اندازو ٿئي ٿو ته سمنڊ جي پوئتي هٽڻ واري دؤر کان گجي جي ٻرپاسي واريون سموريون ٽڪريون خاص ڪري ٽرڙو ۽ ٽرڙ ٻيڙي ساموندي چولين سبب چلجنديون رهنديون هيون. گهٽو ممڪن آهي ته هي ٽڪريون ساموندي ٻيٽ ۾ رهيون هجن، پر جڏهن هتان درياهه ليٽ ٻيٽ ڪئي تڏهن پنهنجي لَٽ وڃائي نه رڳو زمينون مٽيون ڪيائين پر سڏا ميدان ٺاهي ڇڏيائين. هن وقت اهي ٽڪريون بالڪل سڏن ميداني علاقن ۾ بيٺيون آهن، جيڪي پاڻيءَ جي لاٽ واري عمل سبب ٺهيا هئا.

جيئن ته ٽرڙ ٽڪريءَ تي انساني سرگرميءَ جا نشان پٿر جي پچاڙڪي

۽ آمري دؤر کان، ٻڌ کي زماني، اوائلي مسلم دؤر، کلهوڙن جي دؤر ۽ هاڻوڪي زماني تائين هر وقت جا ملن ٿا. تنهن ڪري تجويز ڪري سگهجي ٿو ته ٽرڙ ٽڪري گهٽ ۾ گهٽ ڏهاڪو ڪن هزار سال اڳ سمنڊ جي گهيري مان آزاد ٿي چڪي هئي ۽ ان سان گڏوگڏ درياهه نئون جاگرافيائي ماحول ٺاهڻ ۾ جنبي ويو هو، جنهن ڪري ٽرڙو ٽڪريءَ تي هوريان هوريان انساني سرگرمي به شروع ٿي وئي.

محترم اين. جي. مجمدار آرڪيالاجيءَ جو معتبر نالو آهي. سندس ڪنهن به راءِ ڪي سولائي سان ۽ تڪڙ ۾ رد ڪري نٿو سگهجي. هن ٽرڙو ٽڪريءَ تي ڪنهن باقاعدي آبادي۽ واري خيال کي ان بنياد تي رد ڪيو آهي ته اتي جاين جا نشان نٿا ملن. هو صاحب هن ماڳ کي چقمقي پٿرن مان اوزار گهڙڻ جو ڪارخانو سمجهي ٿو. پر هتي ڪارخاني لاءِ جنهن خام مال يعني چقمقي پٿر جي ضرورت هئي ان جو ڪوبه قدرتي ذخيرو موجود نه آهي. ٽرڙو ٽڪريءَ تي چقمقي پٿر (Flint) اوپري شيءِ آهي. هتي اچي پٿر جا Cores به ملن ٿا جيڪو پوءِ ڪنهن ٻئي هنڌان آندو ٿي ويو.

مسٽر مجمدار هن ماڳ کي پٿري اوزارن جو ڪارخانو ان ڪري قرار ڏنو آهي جو هن کي هتان انهن چقمقي پٿرن جا ٽڪرا مليا، جن مان اوزار گهڙيا ويا هئا. اهڙا پٿر ته پٿري دؤر جي ڪنهن به ماڳ تان ملي سگهن ٿا، ان ڪري اهو دليل گهٽ مضبوط لڳي ٿو ته هتي محض ڪارخانو هوندو. جيڪڏهن هتي فقط ڪارخانو ئي هو ته پوءِ پٿري دؤر جي ماڻهن وڏي جاکوڙ ڪري هتي پٿرن جون تمام موڪريون ديوارون چو ٺاهيون؟ اهي ديوارون 10-15 فوٽ ويڪريون ۽ 5-6 فوٽ اوچيون آهن. هيو سوال هي آهي ته پٿر مان اوزار گهڙيندڙ ڪاريگر ۽ سندن ڪٽنب جيڪڏهن ٽرڙو ٽڪريءَ تي نه رهندا هئا ته پوءِ ڪٽي رهندا هئا. خاص ڪري ان وقت جڏهن پرپاسي ۾ اهڙو هيو ڪوبه ماڳ نه آهي، جيڪو پٿر جي پڇاڙڪي دؤر سان تعلق رکندڙ هجي. مجمدار ان پهلوءَ جي وضاحت نه ڪئي آهي.

اين. جي. مجمدار 1927ع ڪان 1933ع تائين سنڌ ۾ ڪوجنائن جي سلسلي ۾ جهرڪن ڪان پوءِ ٽرون ڏانهن ويو. جيڪو ٽڪي ۽ گهاري وچ ۾ ۽ ٽڪي ڪان اولهه ۾ ڏهاڪو ڪن ميل پري آهي. هيءُ هڪ نديڙي ٽڪري آهي، جيڪا سورجاٽي ۽ مڪلي جي ڪا چاڙ آهي. هيءَ وسيع پٽن ۾ ٽيهه پنجٽيهه

فوٽ اوچي ٽڪري آهي پر هن کان اڳ مسٽر کارٽر هتان ٽي ويو هو جنهن جو حوالو هينري کزنس ۽ پنهنجي کتاب "اينٽيڪئٽيز آف سنڌ" ۾ ڏنو آهي.


کزنس هن ماڳ بابت لکي ٿو ته، "ٽرڙو نزد گجو پٿري ديوار ڏنل هڪ عاليشان نيوليٿڪ شهر آهي." هن کي هتان کافي شيون هٿ آيون، خاص کري چقمقي پٿر جون چريون. گجو ۽ ٽرون وچ ۾ ۽ ميل پنڌ آهي. ٽڪري هڪ طرف کان هوريان هوريان مٽي چڙهي ٽي، گهٽو ٽڪو هموار سطح اٽس پر اوپر ڏکڻ کنڊ تي ايڪپري آهي. ٽڪريءَ جي ڏکڻ ۾ اٽڪل 800x1600 فوٽ ايراضيءَ ۾ لاتعداد چقمقي چريون پکڙيل هيون.

ٽن جاين تي پٿريلي مٽاچري تي علامتون اُکريل آهن. هڪ هنڌ تي ڇهن کان گهٽ نشان نه آهن، پر ٻن ٻين جاين تي هڪ هڪ علامت ملي آهي. آرکيالاجسٽ انهن علامتن ۾ ماڻهو، کمان ۽ تير ڏسن ٿا. انهن ۾ هڪٻئي کي ڪٽيندڙ، هڪ ٽڪنڊو ۽ آهي. هو، انهن علامتن کي موهن دڙي ۽ هڙپه جهڙيون سمجهن ٿا پر هو انهن علامتي تحريرن بابت کا حتمي راءِ نٿا ڏئي سگهن ته اها کڏهن لکي وئي.


مجمدار 250 کن بليڊ ۽ ٻُڌ (Core) کنيا. مجمدار جي خيال ۾ ٽرون ٽڪريءَ تي کابه آبادي نه هئي پر هتي اوزار ٺاهڻ جو کارخانو هو. مٽاچري تي کي ۽ چار انچ مٽي آهي.

هتي پٿرن جا پنج ڇهه فوٽ اوچا ڊير آهن جن هن علائقي کي وکوڙي رکيو آهي، شايد ان کري کارٽر ان کي Walled City چيو آهي. کوٽائيءَ ۾ هيکاندو ٽکراڙو مليو آهي، اهو سادو آهي. کجهه ٽکرين مان پتو پيو ته انهن تي پينٽنگ هئي. انهن تي پاسيرا ۽ آپا پٽا ۽ هٿا ته چوکنڊيون شطرنج خاني جهڙيون، ٽکنڊيون، ڊائمند شڪل جون، اڌ گول، لهردار، جهالر دار ڊزائنون ۽ آهن.

تصويري لکتون يقين موهن جي دڙي کان مختلف آهن تڏهن ته مجمدار چوي ٿو ته ٽرون مان مليل شين مان في الحال تاريخ کان اڳ واري تاريخ جو تعين ٿو کري سگهجي ۽ نه ئي ان جي تصويري اسکرپٽ جو سنڌو ماڻريءَ واري لکڻي سان تعلق قائم کري سگهجي ٿو پر اهي موهن دڙي ۽ هڙپه جهڙيون آهن. هتي پٿر جون سؤ کن نندڙيون ڊِگيون يا دڙيون آهن جيکي پهرين ئي نظر ۾ قبرون محسوس ٿين ٿيو. انهن مان کن جو رخ اتر ڏکڻ،



"عاليشان نيوليٿڪ شهر" ٽرڙو (گجو) مان لڌل دنيا جي قديم ترين (؟) علامتي تحرير



"ٽرڙو" (گجو) تان لڌل پٽري ۽ چقمقي بليڊ. اهي ناسي، اڇي، ڪڪي، تيز ناسي، اڇي ڪاري لهر ۽ چٽن وارا آهن.

ڪي اوپر اتر ۾ آهن ته وري ڪي گول آهن.

مجمدار انهن مان رڳو ٽي ڏڳيون کوٽيون ته هيٺ چئمبر نڪتا جن ۾ ڪراٽو ۽ ٽانءَ هئا. اهي بي ترتيب چئمبر هئا جن جي وڌ ۾ وڌ ويڪر 9 فوٽ ۽ گهٽ ۾ گهٽ ويڪر 4 فوٽ هئي. اهي اڻ ڍڪيل هئا. انهن چئمبرن ڪي ديوارون آهن جيڪي بي ڍولائيءَ سان چليل پٿرن جون آهن ۽ ٻن کان ٽي فوٽ اوچيون آهن. ڪراٽو ننڍن وڏن گهڳهي نما (Vessels) استينڊ وارن ٽانون تي ٻڌل آهن. اهي نمونا سنڌو ماڻريءَ جي چالکوليٽڪ ماڳن جي ياد ڏيارين ٿا.

هن هتان ڪي بہ هڏيون نہ لڌيون ان ڪري چئي نٿو سگهجي ته چئمبرن ۾ پيل اهي ٽانءَ اتي ڇو رکيا ويا هئا. بهرحال، اهي تاريخ کان اڳ واري دؤر جون نشانيون ٽي سگهن ٿيون ڇو ته مٽاچري تي ڇريون ۽ اهڙو ڪراٽو موجود آهي.

انهن مان ڪجهہ ننڍا ڏڙا گهٽو پوءِ جا آهن. هڪ گول ڏڙو جڏهن اڃا ڇهہ انچ مس کوٽيو ويو ته ان مان سٺي مٽيءَ جو هڪ وڏو ٽوس ڳوڙهو نڪتو. جنهن کي ٽوڙيو ويو ته ان مان هڪ سؤ کان مٿي ٻڌڪيون ٽڪيون نڪتيون. انهن اڻ پڪل ٽڪين کي ٻن حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. هڪ اهي جن ۾ وينڊل ٻڌ هو ۽ ٻيون اهي جن ۾ Chaityas جي قطار آهي. ٻنهي صورتن ۾ 7-8 صدي عيسويءَ جون اتر هندستاني ٻڌڪيون لکتون موجود هيون. اهي ٽڪيون ميرپورخاص وٽان کوٽاين مان لڌل ٽڪين جهڙيون هيون.

ٽرڙ ٽڪري ماڳ جي هڪ خاص سجاٽ سپن جي صنعت آهي. پٿري دؤر جي ٻين ماڳن توڙي ان کان پوءِ وارن زمانن جو اهڙو شايد ئي ڪو ٻيو ماڳ سامهون آيو هوندو جنهن ۾ سپن ۽ ڪوڏين کي ڇلي انهن مان اوزار ۽ زيور ٺاهڻ جو ڪم صنعتي بنيادن تي هلندو نظر آيو هجي. سائيٽ جي اوپر واري حصي ۾ اتر ۽ ڏکڻ طرف انهن سپن ۽ ڪوڏن جا بچيل حصا اڃا تائين ڍير لڳا پيا آهن. جن مان اوزار يا زيور گهڙيا ويا هئا. يقين، اهي زيور پوءِ همعصر شهرن ڏانهن وڪري لاءِ روانا ڪيا ويندا هئا.

مسٽر ڪارٽر ۽ هن کان پوءِ ٻين محققن هن ماڳ کي نيوليٽڪ ماڳ قرار ڏنو آهي. جيتوٽيڪ مسٽر مجمدار ان کي رهائشي ماڳ نٿو ڀانئي پر نيوليٽڪ ماڳ هجڻ کان انکار بہ نہ ڪيو اٿس. قديم آثارن جا ماهر جڏهن

سنڌ ۾ نيوليٿڪ لفظ استعمال ڪندا آهن، تڏهن سندن ذهن ۾ ان ماڳ جي حياتيءَ جو زمانو گهٽ ۾ گهٽ پنج ڇهه هزار سال اڳ وارو هوندو آهي. جيڪڏهن مسٽر مجمدار هن ماڳ کي رهائشي علائقو نه به سمجهي، تنهن هوندي به ماڳ تي هڪ ٽلهي ٽٻريلي ڪوٽ جو وجود آهي. ان ريت چئي سگهجي ٿو ته ٽرڻ ٽڪريءَ وارو ڪوٽ دنيا جي سڀ کان قديم ڪوٽن مان هڪ ۽ پنج ڇهه هزار سال پراڻو قلعو آهي.

جهول ماڙي - سون ماڙي

جهول ماڙي، اڇلهه ڪينجهر جي ٻئي ٻر يعني اتر اوڀر ۾ هڪ ٽاڪرو ٻيٽ آهي. جيڪڏهن ڳوٺ عمر گندري کان اتر طرف ٻيڙي ذريعي سفر ڪجي ته 15 منٽن جي اندر هن ٻيٽ تي اتر اولهه پاسي کان لهي ٻيٽ گهمي ڦري سگهجي ٿو.

مقامي ماڻهو هن ماڳ کي جام تماچيءَ جو تخت گاهه سڏي سمن سان منسوب ڪن ٿا ۽ کا خاص ڏند ڪٿا نه ٿا ٻڌائين. البت اهو ضرور چون ٿا ته هتي سمن جي ماڙي هئي جيڪا جبل جي ٻُرڻ سبب دٻجي وئي آهي. جڏهن به ڪنهن ڳوٺاڻي کان تفصيل ونڻ جي ڪوشش ڪبي تڏهن هو اهو ٻڌائيندو ته هتي ٽڪريءَ جي پاڙ ۾ هڪ سرنگهه هئي. جبلن ۾ اندر محل اڏيو ويو هو. جيڪو ڪنهن وقت ۾ زلزلي ۽ جبل ٻُرڻ سبب دٻجي ويو آهي ۽ هاڻي ان سرنگهه جي در جو اڳيون حصو نظر ايندو.

ڳوٺاڻا ٻڌائين ٿا ته هڪ نسل اڳ ڪجهه باهمت نوجوانن ان سرنگهه ۾ گهڙڻ جي ڪوشش ڪئي هئي، پر اهي به ناڪام ٿي ويا هئا. انهن جي رپورٽ موجب سرنگهه جو منهن ٽورو اڳتي هلي بند ٿي ويجي ٿو. اهڙيءَ طرح ان سرنگهه جو وجود هڪ ڏند ڪٿا جي صورت اختيار ڪري ويو آهي.

سر زمين تي اسان جي مشاهدي ان ڏند ڪٿا جي پويان ڪنهن ٻي صورتحال ڏانهن ڏيان ڇڪايو. اها حقيقت آهي ته جبل جي پاڙ ۾ ان هنڌ هڪ اهڙي ويڪري سرنگهه جا نشان آهن، جنهن کي غار چئي سگهجي ٿو. پر هن وقت ان غار جي منهن تائين لهڻ به هڪ وڏو جوکم آهي، ڇو ته ڀڳل ٽٽل جبل هونئن به ٻُريٻُرو ۽ جاگرافيائي اعتبار کان ڪانگلو ميرٽ آهي.


جهريل ٽڪر جي جنهن پٿر تي هٿ يا پير سان دٻاءُ پوي ٿو اهو حصو جهري پوي ٿو. ان جي باوجود ڪريل چپن جي هيٺان ڊيل غار جي وجود کي محسوس ڪري سگهجي ٿو، جيڪا پنهنجي وقت ۾ يقين ڇڳي خاصي خلاصي هوندي. اها غار ڪيتري اونهي هئي؟ ڪجهه به نٿو چئي سگهجي، سواءِ ان جي ته اتي غار هئي. هن وقت ڪوبه ماڻهو ان ڳالهه جي تصديق ڪري نه سگهندو ته ٽڪريءَ جي ان جهريل حصي هيٺ سچ پچ به سما سلطنت جو ڪو عظيم اهجاڻ ڊيل آهي، خاص ڪري ان صورت ۾ جڏهن اڄ تائين سمن جي سلطنت جو ٻيو ڪوبه اهڙو ماڳ رکارڊ تي نه آيو آهي، جيڪو ڪنهن جبل جي پاڙ ۾ زمين دوز جوڙيو ويو هجي.

البت پري کان مهن جي دڙي واري جهريل استوپا جي ڏک ڏيندڙ هن ٽڪريءَ تي موجود ٻيون شاهديون هن ماڳ کي تمام جهونو آرڪيالاجيڪل ماڳ ثابت ڪن ٿيون. هتان ليجنڊ آرڪيالاجيڪل شين کي سولائيءَ سان ٻن حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو.

اول اهو ته هتان ليجنڊ ٽڪريون اوائلي مسلم دؤر جون آهن، جن ۾ هڪ رنگي نيري ڪاشي، اوائلي شيشو جيڪو ڪاريءَ هلڪي اڇي پر انڊي شيڊ ۾ آهي، شامل آهن. هتي قديم ٽڪراتو به موجود آهي، جيڪو سر جي استعمال جي شاهدي به ڏئي ٿو. پر هن ٽڪري جي اتر اوپر ڪنڊ تي موجود ٽڪراڻي کي ڏسي چئي سگهجي ٿو ته هيءُ ٻيٽ هن کان اڳ ٻيٽ نه هو، پر هتان جي آبادي جي گهرن گهاتن وارو حصو هاٽوڪي پاٽيءَ هيٺ اچي ويو آهي. اها صورتحال خاص ڪري ان وقت کان پوءِ پيدا ٿي آهي جڏهن کان ڪينجهر ۾ ٻڙاج جي ذريعي وڏو پاٽي جمع ڪرڻ شروع ڪيو ويو آهي.

ڪينجهر جي واڌ سبب ڪينجهر جي سونهن ته برابر وڌي آهي، پر ڪيئي اهم آرڪيالاجيڪل ماڳ پاٽيءَ هيٺ ڏڻي ويا آهن. جهول ماڙي به ڏڻي چڪي آهي. تنهنڪري سمن جي سلطنت جو ڪو شهر جيڪڏهن هو، ته به ان جو ڪوڇ هٽڻ يا ان جي وسعت جو اندازو هٽڻ ايڏو سولو نه ٿيندو.

مقامي ماڻهن جو چوڻ آهي ته پاٽيءَ سبب ٽڪريءَ جي پرڻ جو عمل ڪافي تڪو آهي، خاص ڪري ڏکڻ واي پاسي کان اڌ ٽڪري ته بنهه گوڏا ڪوڙي چڪي آهي، جنهن ڪري ان حصي جي پاڙ ۾ ٽهيل غار وڏين چپن جي چيٽ ۾ چڇجي ايتري ته تباهه ٿي چڪي آهي جو ڪنهن تمام وڏي مهر



سيوهڙ لڳ "يڪتنپي" غار



"امير پير" غارون (ڪينجهر)

کان سواءِ ان جو انت لهڻ ممکن نہ آهي.

هتان ليجندڙ شين جو ٻيو حصو غارن ۾ رهندڙ ماڻهن جي شاهدي ڏئي ٿو. جيتوٽيڪ اسان کي هتان وڏا پٿري اوزار نہ مليا، پر اسان کي ٿن چئن جاين تان چقمقي پٿر جا ننڍڙا ننڍڙا ڇليل ٽڪرا مليا، جن جو رواجي حالتن ۾ ڪنهن اوائلي مسلم دؤر واري ماڳ تان ملڻ ممکن نہ آهي. لڏل ٽڪريون ڇاکاڻ تہ سنڌو تهذيب واري روايتي دؤر جون ٻہ نہ آهن، تنهنڪري ان امڪان کي رد ڪري نٿو سگهجي تہ هتي چالڪوليٽڪ دؤر ڪان اڳ ٻہ انساني سرگرمي هئي.

هتي پٿر جي دؤر واري انسان جي سرگرميءَ جا امڪان ان ڪري ٻہ وڌيڪ آهن جو هن ماڳ ڪان ڪجهہ ٿي ڪلوميٽر اولهہ ۾ امير پير واري آستاني جو ماڳ پٿري دؤر واري سرگرميءَ جو حصو رهيو آهي. جڏهن تہ جهول ماڙيءَ ڪان ڏکڻ ۾ اونگر وٽ پٿري دؤر جا قديم ترين اهجاڻ آهن.

جهول ماڙيءَ واري ٽڪريءَ جي پاڙ ۾ هڪ وڏي غار جي موجودگيءَ بابت شاهدي ۽ چقمق واري پٿر جي ننڍڙن ڇليل ٽڪرن ڪان سواءِ هڪ ٻي وڏي شاهدي اها غار آهي جيڪا ٻيٽ جي اتر اولهہ ۾ اٽڪل ڏيڍ سؤ ڪن فوٽن جي اوچائيءَ تي اتر اولهہ منهن ڪري بيٺي آهي.

اتر اولهہ ڪنڊ ڪان ٻيڙيءَ مان لهڻ شرط هيءَ غار پاڻ ڏانهن ڏيان ڇڪائي ٿي. غار جي گهرائي اٽڪل 12 فوٽ ۽ ويڪر 16-15 فوٽ آهي. جڏهن تہ ڇت فقط چار سادا چار فوٽ آهي. غار جو منهن ٻہ اٽڪل 8 فوٽ آهي. (تصوير ڪتاب جي آخري صفحن تي)


منهنجي ذاتي راءِ ۾ هن هنڌ ٻہ مائڪروليٽڪ سرگرمي جاري هئي ۽ هي علائقو بعد ۾ سمن جي بادشاهيءَ واري وقت ۾ شهري آبادي‌ءَ طور ٻہ آباد ٿي چڪو آهي.

سيوهڻ ۽ لکيءَ لڳ غارون

يڪ ٽنيي:

سيوهڻ ريلوي اسٽيشن جي اولهہ ۾ هڪ ٽڪريءَ تي قبرستان آهي.

لكيء مـ تهـ خاني جهزي غار



تيڪسيلا جي اتر ۾ هارو نديءَ ڀڳ "خانپور غار"

انهن ئي قبرن لڳ هڪ سوڙهي ۽ دلچسپ غار آهي. هن غار کي وڏو تقدس حاصل آهي. مجاورن ٽکريءَ تي کجهه ڏاکڻيون ٽاهيون آهن جيکي ان غار تائين پهچائين ٿيون. هن وقت غار جي سوڙهي منهن کي کاڻ جو دروازو هڻي بند کيو ويو آهي. مقامي ماڻهن هن غار کي قلندر لال شهباز سان منسوب کري ڇڏيو آهي. سندس چوڻ آهي ته قلندر شهباز هتي عبادت کندو هو ۽ ان ئي غار مان مکي ۽ مديني ويندو هو.

جيئن ئي کاڻ جي دروازي مان اندر ويجو ته هڪ سوڙهي ۽ مختصر گهٽي نظر ايندي. ان گهٽيءَ مان اڳتي ويجو ته اندر هڪ مختصر ۽ بي ترتيب چئمبر ۾ پهچبو جنهن جي وچ ۾ هڪ سنهڙي ٽنبي ڇڏي وئي آهي. (تصوير کتاب جي آخري صفحن تي) غار هٿ سان گهڙيل آهي ۽ ان ۾ موجود هڪ ٽنبيءَ سبب ئي هن غار جو نالو "يک ٽنبي" پيو آهي.


يک ٽنبيءَ واري ٽکريءَ جي پوئين پاسي ۾ هڪ غار آهي، جنهن ۾ هڪ يا ۾ ماڻهو سمهي سگهن ٿا. اها پڻ هٿ سان گهڙيل آهي پر اها ايتري سهڻي ۽ دلچسپ کونه آهي جيتري خود يک ٽنبي آهي.

لکي غار:

لکي جبل ۾ جنهن هنڌ گندرف وارا چشما آهن، اتي ئي هڪ عدد غار تهه خاني وانگر آهي. مقامي ماڻهو چون ٿا ته ان کرامتي غار ۾ درويش شاهه صدر چله کشي کندو هو. پر حقيقت اها آهي ته هيءَ غار پڻ پٽري دور سان تعلق رکي ٿي. غار جو وات 10 فوٽ ويکرو ۽ چهه فوٽ اوچو آهي. ڏهه فوٽ ويکري ڏاکڻ زمين ۾ ست فوٽ هيٺ هڪ کشادي چئمبر ڏانهن ولي وڃي ٿي جيکا اڳتي هلي 15 فوٽ ويکري ٿي وڃي ٿي. (تصوير کتاب جي آخري صفحن تي) هن غار جي ڊيگهه 25 فوٽ آهي. غار جي آخري ڇيڙي تي هڪ نندڙي دري آهي، جيکا اندرين غار ڏانهن ولي وڃي ٿي. اندرين چئمبر جي بي ترتيب ديگهه ويکر 25x10 فوٽ آهي. اندريون چئمبر اونهو آهي ۽ منجهس گندرفيل پاڻي ٻيڻو آهي. ٻئي چئمبر گندرف جي تيز بوءِ سان واسيل آهي.

بزن جهڏو:

لکيءَ کان کجهه کلوميٽر ڏکڻ ۾ بزن ڊورو آهي. هن ڊوري ۾ اڄ



لکي جبل ۾ آمريءَ ويجهو ٽن چٽمبرز تي مشتمل 80 ميٽر اونهي "بزن جهڙو" غار


کان ڏهاکو سال اڳ هک گبربند جا نشان به هڻا پر هاڻي ڏهي چکا آهن. هن ئي ڏوري ۾ به غارون آهن. هک کي بزن ڪوٽ ۽ ٻيءَ کي بزن جهڏو چيو وڃي ٿو. بزن ڪوٽ هک مختصر پهاڙي ڇت آهي پر بزن جهڏو هک اونهي ۽ گهٽ ۾ گهٽ چئن چئمبرن تي مشتمل غار آهي. ان غار ۾ اسان جنريٽر جي روشنيءَ جي مدد سان گهڙياسون.

بزن جهڏو بزن ڏوري ۾ اندر ڪابي پاسي ڏيڊ سؤ ڪن فوٽ مٿي ڪوئي جي ۾ وانگر نظر اچي ٿي. مون کي ٿوري ئي دير ۾ مٿان غار جي منهن تان پٿري چاقو ملي ويا. غار جي منهن تي کوٽائي ڪري ڪجهه حصو سڌو ڪيو ويو هو جتي غار جا نيوليٽڪ واسي ويهي ڪم ڪار ڪندا هوندا.


غار جو منهن سوڙهو، اونهو ۽ لاهيءَ ۾ هو. مُنهن جي اوچائي وڌ ۾ وڌ ٽي فوٽ، ويڪر 5 يا 6 فوٽ ۽ اونهائي 12 کان 15 فوٽ آهي. (تصوير ڪتاب جي آخري صفحن تي) غار ۾ داخل ٿيڻ لاءِ پُٽيءَ ۾ ليٽي ٽونئين جي مدد سان ريڑهيون پائڻيون پون ٿيون. جيئن ئي دروازي واري سوڙهي سرنگهه مان لنگهي اندر پهچبو، پاڻ کي هک ڪشادي چئمبر ۾ بيٺل محسوس ڪبو. هي چئمبر ڪنهن بي ڊولي ابتي پيالي وانگر هو. پهرين ۽ ٻئي چئمبر جي وچ ۾ ونگ جهڙو لنگهه آهي. ٻيو چئمبر ڪنهن وچولي ماپ جي ڪمري جيترو آهي. ٻئي ۽ ٽئين ڪمري جي وچ ۾ پڻ ونگ جهڙو لنگهه آهي. ٽيون چئمبر هک ننڍڙي ڪمري جيترو آهي. ٽيئي چئمبر بي ڊولن اونڌن پيالن جهڙا آهن. وچيون چئمبر 10x8 فوٽ ٽيندو ۽ ٽيون چئمبر 6x5 فوٽن جو مس هوندو. چوٽين غار ڏانهن هک سوڙهو لنگهه وڃي رهيو آهي. اسان ٽارچن جي مدد سان ڏسو ته چوٽون چئمبر ڪافي ڪشادو هو. جيئن ته اسان وٽ موجود 180 فوٽ تار ٽئين چئمبر تائين پهچڻ ڪانپوءِ ڪٽي وئي ۽ اندر آڪسيجن جي ڪوٽ محسوس ٿي رهي هئي ان ڪري اسان چوٽين چئمبر يا ان کان اڳتي جي صورتحال بابت ڪجهه به نٿا چئي سگهون.

غار ۾ اندر پوسل هئي. وچين غار ۾ هک ننڍڙي ڪوهه جا آثار به هئا. ڪجهه حصي ۾ ڏبڻ به محسوس ٿي رهي هئي. بهرحال اسان وٽ اهو اطمينان ڪرڻ لاءِ مناسب مواد آهي ته اسان بزن جهڏي کي انساني هٿن سان تراشيل نيوليٽڪ غار چئي سگهون ٿا، جيڪا هن وقت پوسل ۽ گهٽ ٻوساٽ جو شڪار آهي.


(سنڌ ۾ قديم انسان جي سرگرمين ۽ پٿر جي دؤر جي آبادين جي ڪوج جو ڪم ايجا هلندڙ آهي.)



گنجي ٽڪر واري غار نمبر II



غار نمبر II ڏانهن لهندڙ ڏاڪڻ



كائي وارين غارن جو ٻاهريون منظر




كائيءَ وارين غارن مان هڪ غار ۾ ٽنيو ۽ اندريون چئمبر




مکلي تي کالي مندر لڳ قديم غار




کارونجهر ۾ هڪ غار




گوادر لگ کوھ باطل پر پہ جاڑیون غارون




نينهن ٽکر ۾ ٽاکرو آهي




اروڙ لڳ خوبصورت نينهن ٽکري



راکاس جو روٹو I جا ٻني مُنهن




راکاس جو روٹو II-B



راڪاس جي روڻي II مان غار جي منهن جي تصوير



شادي شهيد وتان نظر ايندڙ راڪاس جو روٽو II-B




راڪاس جو روٽو نمبر II .




لكيء ير هك تاكرو اجهو



لكيء ير زمين دوز غار



گوندراڻي غارن جا ٻه منظر




چچ واري غار آڏو ڇپ




اروڙ لڳ چچ واري غار جو اندريون منظر



مکليءَ واري ٽکريءَ تي زمين دوز غار نمبر II




مکلي واري ٽکري تي زمين دوز غار نمبر I



سيوهڻ لڳ مشهور يڪٽنيي غار جو اندريون حصو



ٹیکسیلا لگ خانپور غار



كديجيء آبشار وتّ غارون




كديجي آبشار ء تاكرو أجهو




كينجهر ير جهول ماڑيء وت غار




رني ڪوٽ ۾ وڏي غار جنهن کي ۾ دروازا آهن




پير پني لڳ "سامي‌ءَ جي غار"



بلوچستان ۾ ملوي زوب لڳ تاڪرو آڇا




رني کوټ ېر هک غار




ڪلان ڪوٽ جا جِن




گنجي ٽڪر ۾ ڪالي مندر لڳ غار




اروڙ ۾ کالکا مندر واري غار جو پيو در



کرچات ۾ "چمڙن واري غار"




گوربندي جبل پر آدم ډر



پيمبيٽڪا (پارت) ۾ ٻيلي سان ڍڪيل ٽڪريون ۽ ٽاکرو اجها



سنگھاؤ پارکو، درہ غار



پيمبيڙکا ۾ هڪ هنڌ مختلف زمانن ۾ استائلن ۾ ٽيل چترڪاري جنهن ۾ گهوڙيسوار ۽ هاٿي سوار به موجود آهن.



ايشيا مائنر ۾ ڪيپاڊوسيا (Cappadocia) ۾ گوريمي (Goreme) ماڻريءَ جو منظر. غارن جهڙا مُنهن، جيڪي اصل ۾ عيسائين جا چرچ آهن. اهي غارون عيسائيت جي اوائلي ڏينهن ۾ گهڙيون ويون. اهي اڏاوتون انساني ماضيءَ جا اهم يادگار آهن. ڪجهه اهڙو ئي منظر بلوچستان جي گوندرائي غارن جو آهي، جيڪي پٽري دؤر کان ٻڌڪي دؤر تائين جون سمجهيون وڃن ٿيون.

مددي ڪتاب ۽ حوالا

- Early Man by F. Clark Howell (Time-Life Books)
- The Dawn of Man by Steve Parker.
- Hunters of the Stone Age by Karel Sklenar.
- Man the Took- maker by Kenneth P. Oakley.
- The Archaeology of India by D. P. Agrawal.
- The Roots of Ancient India by Walter A. Fair Servis, Jr.
- The Out line of History by H. G. Wells.
- Historical Geography of Sindh by Maneck B. Pithawala.
- Soan, The Palaeolithic of Pakistan, By T.T. Paterson. and H.J.H. Drummond.(Published by The Department ofArchaeology.Pakistan)
- Man: The Fallen Ape by Branko Bokun.
- Ancient Sindh-1 (Annual Journal of Shah Abdul Latif University, Khairpur Sindh.
  - The early Palaeolithic sites of the Rohri Hills by P. Biagi and Mauro Cremaschi.
  - Surveys and Excavations in Rohri Hills (1993) by P. Biagi and A. Pessina.
  - Notes on a Flint Sickle from Kot Diji by B.A. Voytek. Palaeolithic Sites in the plains of Sindh and their geographical implication: Bridget Allchin.
- Ancient Sindh II (Annual Journal of Shah Abdul Latif University, Khairpur, Sindh.
- Grass roots vol: III No. 2 (1979) Pakistan Studies Centre University of Sindh, Jamshoro.
  - New Archaeological sites in LasBela. (A report published in 1973, Geography Department, Karachi University.)
  - Palaeolithic Sites Discovered in Lower Sindh and their significance in the pre-history of the country. (1975)
  - Ancient settlements in Karachi Region.
- Sanghao Cave Excavation: by Dr. A. H. Dani. (Ancient Pakistan, Bulletin of Department of Archaeology University of Peshawar). 1964.
- The Last Two Million Years. (Reader's Digest History of Man)
- Pakistan Archaeology 1964.

- Pakistan Archaeology 1973.
- Pear's Cyclopedia.
- Encyclopedia of Archaeology-Larousse.
- The Hutchinson Encyclopedia- 1992.
- New Age Encylopedia.
- The Concise Encyclopedia of Archaeology by Leonard Cotterll.
- The Caveman Convention: Sharon Begley. (Nesweek, May 27, 1996)
- The Iceman's Secrets. (Time: October 26, 1992)
- How Man Began: Michael D. Lemonik. (Time: March 14, 1994)
- Secrets of The Stone Age. (Time: Feb 13, 1995)
- Rockcarvings and Inscriptions in the Northern areas of Pakistan. By Karl Jettmar.

- سنڌ: ايڇ. ٽي. لئمبرڪ
- تاريخ پاڪستان قديم دور: يحيٰ امجد
- ملير وادي کي قديم آثار: سيد حاڪم علي شاهہ بخاري (وادي ملير)
- سنڌو تهذيب: تاج صحرائي
- انسان بڻا ڪيسے بنا؟
- ارتقا جي ڪهاڻي: ڊاڪٽر سڪندر مغل
- مختلف اخبارون، ريڊيو ۽ ٽي وي رپورٽون

۽

- ذاتي مشاهدا، سير ۽ سفر

نيو فيلڊس جا نوان شايع ٿيل ڪتاب

1. ڏسي ڏوھ اکين سين (آتم ڪتا) جلد-I	جمال ابڙو	100/-
2. اونهي ڳالھ اسرار جي (آتم ڪتا) جلد-II	جمال ابڙو	110/-
3. اسپارٽيڪس (ناول)	هاورڊ فاسٽ/ پرويز	150/-
4. بک (ناول)	نٽ همسن /يوسف سنڌي	50/-
5. اندر ملھ املھ	حيدر علي لغاري	100/-
6. ذات ۽ حيات (شاعري)	نارائڻ شيام	100/-
7. اوڙاھ (ناول)	غلام نبي مغل	150/-
8. دونھاٽيل راتيون ۽ رولاڪ (ناول)	غلام نبي مغل	80/-
9. حق موجود	يوسف شاهين	150/-

نسيم نگر قاسم آباد ۾ ادبي ڪتابن جو مرڪز

نيو فيلڊس ڪتاب گھر فون: 653270

اوھان جڏھن بہ حيدرآباد اچو تہ ھڪ دفعو ضرور اسان جي دڪان **نيو فيلڊس ڪتاب گھر** ايندا، جتي اوھان کي ھر ادبي اداري جو ڪتاب رعايت سان ملي ويندو.

سنڌي ادارن ۾: نيو فيلڊس پبليڪيشنس، سنڌي ادبي بورڊ، سنڌالاجي، سنڌي لينگويج اٿارٽي، روشني پبليڪيشن، سنڌيڪا، منصور پبلشنگ ايجنسي، سچائي اشاعت گھر، مھراڻ اڪيڊمي وغيره.

اردو ادارن ۾: فڪشن ھائوس، تخليقيات، سنگ ميل، مڪتبہ دانيال، گورا پبليڪيشن وغيره

نيو فيلڊس اداري جو ميمبر ٿيڻ لاءِ

ڪوبہ شرط وغيره نہ آھي صرف -/20 روپين جون پوسٽ ٽڪليون موڪلي ميمبر ٿي سگھو ٿا. ميمبر کي نيو فيلڊس جو ھر شايع ٿيندڙ ڪتاب V.P ڪيو ويندو. جنھن جو اڳواٽ اطلاع پڻ ڏنو ويندو. پوسٽ مين کي پيڪيٽ تي لکيل رقم ڏئي ڪتاب وصول ڪندا. ڪتاب جي V.P وصول نہ ڪرڻ جي صورت ۾ ميمبرشپ ختم ٿي ويندي. ڪابہ معلومات يا ڪتابن جي لسٽ گھرائڻ لاءِ -/3 روپين جون پوسٹ ٽڪليون موڪلڻ ضروري آھي. گھٽ ۾ گھٽ ٻہ ڪتابن جي آرڊر جي تڪميل ڪئي ويندي. فون: 653270

نيو فيلڈس پبليڪيشنس جا شايع ٿيل ڪتاب

-1	بين الاقوامي قانون ۽ تنظيم	فيروز احمد	(ختم ٿيل)
-2	جيل ۾ 22 مهينا (پاڻ1)	طارق اشرف	(ختم ٿيل)
-3	اڌ ملاقات (خط)	طارق اشرف	(ختم ٿيل)
-4	جيل گهاريم جن سان	طارق اشرف	(ختم ٿيل)
-5	جيل ۾ 22 مهينا (پاڻ 2)	طارق اشرف	(ختم ٿيل)
-6	زندگيءَ جو تنها مسافر (ڪهاڻيون)	طارق اشرف	(ختم ٿيل)
-7	4- مارچ ۽ سنڌي جوڌا	—	20/-
-8	بهترين ڪهاڻيڪارن جون بهترين ڪهاڻيون	—	(ختم ٿيل)
-9	اونداهي ڌرتي روشن هٿ (ناول)	آغا سليم	80/-
-10	رات منهنجي روح ۾	غلام نبي مغل	(ختم ٿيل)
-11	30 سالن جون چونڊ ڪهاڻيون (پاڻ 1)	—	(ختم ٿيل)
-12	ٽڏا چپ (ڪهاڻيون)	ايشور چندر	40/-
-13	وايون وڻجارن جون (سفرنامو)	الطاف شيخ	60/-
-14	30 سالن جون چونڊ ڪهاڻيون (پاڻ 2)	—	(ختم ٿيل)
-15	بندر بازاريون (سفرنامو)	الطاف شيخ	60/-
-16	شڪليون (خاڪا)	عبدالقادر جوئيجو	(ختم ٿيل)
-17	يادگار ڪهاڻيون	مختلف ڪهاڻيڪار	(ختم ٿيل)
-18	ٽين دنيا جون ڪهاڻيون	مترجم: ولي رام ولڀ	(ختم ٿيل)
-19	عظيم ڪهاڻيڪارن جون عظيم ڪهاڻيون	—	(ختم ٿيل)
-20	دل اندر درياءُ (ڪهاڻيون)	مدد علي سنڌي	(ختم ٿيل)
-21	دل جو بندر (ناول)	آنورل آئيويس/ نصير مرزا	(ختم ٿيل)
-22	رهيل قرض (ڪهاڻيون)	ظفر حسن	(ختم ٿيل)
-23	درد جي خوشبو (ناول)	قاضي خادم	(ختم ٿيل)
-24	ڪنهن سان سور سليان (ڪهاڻيون)	مرتب: فيروز احمد	(ختم ٿيل)
-25	فڪر جي آزادي	مترجم: ابراهيم جويو	(ختم ٿيل)
-26	منهنجو ساگر، منهنجو ساحل (سفرنامو)	الطاف شيخ	65/-
-27	غلامن جو ٻيڙو (ناول)	دوست محمد پٽي	65/-
-28	سي ٽي جوپن ڏينهن (سفرنامو)	الطاف شيخ	60/-
-29	عاشي (ناول)	هينري رائڊر هنگرڊ/ فضل احمد بچاڻي	75/-
-30	سي ٻيڙيون رکين ٻاجهه سين (سفرنامو)	الطاف شيخ	60/-
-31	سڏارت (ناول)	هرمن هيس/ فضل احمد بچاڻي	20/-
-32	جهان رس (ڪهاڻيون)	مترجم: الطاف شيخ	(ختم ٿيل)
-33	روح جي ڳولا (ناول)	مترجم: فضل احمد بچاڻي	(ختم ٿيل)
-34	درد جي ڏينهن، درد جون راتيون	طارق اشرف	(ختم ٿيل)
-35	سانباهو سموند جو (سفرنامو)	الطاف شيخ	80/-
-36	سورج هوندي مرجهايل (ڪهاڻيون)	نجم عباسي	30/-
-37	آسيب (ناول)	هينري رائڊر هنگرڊ/ فضل احمد بچاڻي	80/-
-38	قلندر (ڪهاڻيون)	قرة العين حيدر/ مدد علي سنڌي	(ختم ٿيل)
-39	الطاف شيخ جي نوٽبڪ تان	الطاف شيخ	(ختم ٿيل)
-40	سزا جا سڪ	آسڪر وائلڊ/ فضل احمد بچاڻي	(ختم ٿيل)
-41	بهترين سفرنامه	الطاف شيخ	50/-
-42	للڪار (ڪهاڻيون)	نجم عباسي	(ختم ٿيل)
-43	تڪل سريت (ڪهاڻيون)	البرتو موراويا/ ولي رام ولڀ	(ختم ٿيل)
-44	لندن تائين لفٽ (ڪهاڻيون)	مترجم: الطاف شيخ	(ختم ٿيل)
-45	تصوير جو خون	آسڪر وائلڊ/ فضل احمد بچاڻي	(ختم ٿيل)
-46	حليم شو	حليم بروهي	(ختم ٿيل)
-47	ٻارن جون آڪاٿيون	مترجم: الطاف شيخ	60/-
-48	سپون	خليل جبران/ فضل احمد بچاڻي	(ختم ٿيل)
-49	سفر يورپ جي ڊائري (سفرنامو)	قاضي عبدالمجيد عابد	(ختم ٿيل)


-50	آزادي خاطر (کهاڻيون)	مترجم: فيروز احمد	35/-
-51	چانديءَ جون تارون (کهاڻيون)	ماهتاب محبوب	(ختم ٿيل)
-52	مس سدا بهار چنبيلي (ناول)	مترجم: الطاف شيخ	(ختم ٿيل)
-53	پيار کهاڻي (ناول)	نجم عباسي	70/-
-54	نيگرو، عشق ۽ بغاوت (ناول)	کرسٽو فرنکول/ نصير اعجاز	55/-
-55	شرم هوتي (ناول)	گوبند مالهي	(ختم ٿيل)
-56	اڇي ايٽن هياس (جلد 1)	فضل احمد بچاڻي	(ختم ٿيل)
-57	پرهه کان پهرين (کهاڻيون)	ماهتاب محبوب	(ختم ٿيل)
-58	بلنديون (ناول)	نجم عباسي	(ختم ٿيل)
-59	رڄ ۽ پاڇا (ناول)	موهن کلپنا	(ختم ٿيل)
-60	مون توکي پيار ڪيو (کهاڻيون)	پوپٽي هيراننداڻي	(ختم ٿيل)
-61	آيل ڙي اولاٽا (کهاڻيون)	علي بابا	(ختم ٿيل)
-62	شاه لطيف جي شاعري (جلد 2)	تنوير عباسي	(ختم ٿيل)
-63	آپٿي گهوٽ تہ نشا ٽيوٽي (سفرنامو)	لوڪارام ڏوڏيجا	80/-
-64	موهن جو دڙو (ناول)	علي بابا	(ختم ٿيل)
-65	ادو عبدالرحمان (کهاڻيون)	امر لعل هنگوراڻي	(ختم ٿيل)
-66	ڏرتي روشن آهي (کهاڻيون)	آغا سليم	40/-
-67	دارون هن ديواني جو (کهاڻيون)	نجم عباسي	(ختم ٿيل)
-68	پيغامبر	خليل جبران/ ستار	(ختم ٿيل)
-69	همه اوست (ناول)	آغا سليم	60/-
-70	اداس واديون (کهاڻيون)	حميد سنڌي	(ختم ٿيل)
-71	آئيني جي اڳيان	17 ساهتڪار	(ختم ٿيل)
-72	چند چنبيليءَ ول (شاعري)	شيخ اياز	(ختم ٿيل)
-73	لهر لهر زندگي (کهاڻيون)	ماهتاب محبوب	(ختم ٿيل)
-74	انون ماڻهو (کهاڻيون)	سراج	25/-
-75	ہہ نندا ناول	آغا سليم	(ختم ٿيل)
-76	اڇي ايٽن هياس (جلد 2)	فضل احمد بچاڻي	40/-
-77	رڻ تي رم جهم (شاعري)	شيخ اياز	50/-
-78	وات ويندي	علي احمد بروهي	(ختم ٿيل)
-79	مڪليءَ کان ملاکا تائين (سفرنامو)	الطاف شيخ	80/-
-80	کهاڻي جو قافلو	نجم عباسي	(ختم ٿيل)
-81	ساهيوال جيل جي ڊائري	شيخ اياز	80/-
-82	سنگاپور ويندي ويندي (سفرنامو)	الطاف شيخ	80/-
-83	چند جا تمناڻي (کهاڻيون)	آغا سليم	(ختم ٿيل)
-84	پڳت سنگهه کي ڦاسي	شيخ اياز	(ختم ٿيل)
-85	ست يوگوسلاوياڻي آکاڻيون	جگت آڏواڻي	10/-
-86	ست ڪشميري آکاڻيون	اختر محيعيدين/ ايشور چندر	12/-
-87	پن ڇڻ ۽ چند (شاعري)	آغا سليم	(ختم ٿيل)
-88	ڪوالالمپور ڪجهه ڪوه (سفرنامو)	الطاف شيخ	100/-
-89	ڪير ٿو ڪن ڪري (شاعري)	شيخ اياز	100/-
-90	سڏڪن متي سڏڙا	علي احمد بروهي	(ختم ٿيل)
-91	گانڊي	لوئي فشر/ نجم عباسي	(ختم ٿيل)
-92	پگل ڪنڙاٽيون	خليل جبران/ عبدالله الفائز	35/-
-93	ماستر هريام جو بنڪاڪ وڃڻ...	الطاف شيخ	(ختم ٿيل)
-94	ڪي جو ٻيجل ٻوليو (شاعري)	شيخ اياز	60/-
-95	سرهي سرهي سار (سفرنامو)	ماهتاب محبوب	(ختم ٿيل)
-96	خط، انٽرويو ۽ تقريرون (ٻاڪو 1)	شيخ اياز	(ختم ٿيل)
-97	دنگيءَ منجهه درياهه (سفرنامو)	الطاف شيخ	(ختم ٿيل)
-98	ڏينا تيل ڦليل جا	علي احمد بروهي	(ختم ٿيل)
-99	راڄ- گهاٽ تي چند (سفرنامو)	شيخ اياز	80/-
-100	موتي جي مهراڻ جا	مرتب: فيروز احمد	(ختم ٿيل)

-101	تلاش (ناول)	نجم عباسي	(ختر ٹيل)
-102	لڙيو سج لکن ۾ (شاعري)	شيخ اياز	-/40
-103	ڏاهي جهرڪي ۽ ٻيون آکاڻيون	الطاف شيخ	(ختر ٹيل)
-104	مرڻ مون سين آءُ (ناول)	سراج	-/60
-105	پڙاڏو سوئي سڏ (ناول)	سراج	-/100
-106	رات وچ ۾ (ناول)	بريٽ هيليدي/ فضل احمد بچاڻي	(ختر ٹيل)
-107	برڙ جي ڇانوَ اڳي کان گهاڻي (شاعري)	شيخ اياز	(ختر ٹيل)
-108	اک سور (ناول)	رابندر ناٿ ٽئگور	-/100
-109	جت جر وهي ٿو جال (سفرنامو)	الطاف شيخ	(ختر ٹيل)
-110	رني کوٽ جو خزانو (کهاڻيون)	امر جليل	-/60
-111	ماسترياڻي (ناول)	مترجم: نجم عباسي	(ختر ٹيل)
-112	آکِ نيرا ڦليا (شاعري)	شيخ اياز	(ختر ٹيل)
-113	منهنجي دنيا، هيڪل وياڪل (ناول)	سراج	(ختر ٹيل)
-114	رڻ ۾ رڄ جو اتهاس (کهاڻيون)	نورالهدي شاهه	-/50
-115	انقلابي ماءُ (سوانح حيات)	مترجم: آزاد قاضي	(ختر ٹيل)
-116	ڪراچيءَ جا ڏينهن ۽ راتيون	شيخ اياز	-/80
-117	جلاوطن (کهاڻيون)	نورالهدي شاهه	-/75
-118	جڏهن مان نه هوندس (کهاڻيون)	امر جليل	-/70
-119	يونر پري آڪاس (شاعري)	شيخ اياز	-/80
-120	راهون چند ستارا (سفرنامو)	ماهتاب محبوب	-/60
-121	يادين جي اندلڪ	الطاف شيخ	(ختر ٹيل)
-122	جهڙ نيڻان نه لهي (شاعري)	شيخ اياز	(ختر ٹيل)
-123	وقت وٽيون وڇوٽيون (ناول)	ڪلا پرڪاش	(ختر ٹيل)
-124	شاهه لطيف جي شاعري (جلد 1، 2 ۽ 3)	تنوير عباسي	(ختر ٹيل)
-125	تنهنجي دنيا، سڀ رنگ سانول (ناول)	سراج	(ختر ٹيل)
-126	وڇون وسڻ آئيون (شاعري)	شيخ اياز	-/80
-127	رندسر محل جو مسافر (سفرنامو)	عبدالجبار جوٹيجو	-/20
-128	ڳالهيون آهن ڳڇ (سفرنامو)	الطاف شيخ	(ختر ٹيل)
-129	روس جو سير (سفرنامو)	جواهر لال نهرو	-/30
-130	پنهل کان پوءِ جڳ مڙيوئي سپنو	شيخ اياز	-/80
-131	منهن تنين مشعل (خاڪا)	تنوير عباسي	-/50
-132	فرينچ انقلاب	مترجم: محمد ابراهيم جويو	-/100
-133	علم تحقيق	ڊاڪٽر الهداد پوهيو	(ختر ٹيل)
-134	اڻين ڪٽا (کهاڻيون)	موهن ڪلپنا	-/50
-135	اُپر چند پس پرين (شاعري)	شيخ اياز	-/80
-136	منهنجي دنيا مرڪهه ترشنا (ناول)	سراج	(ختر ٹيل)
-137	اي جرني ٽو ٽانليند (سفرنامو)	الطاف شيخ	-/80
-138	پٽڻ ٽو پور ڪري (شاعري)	شيخ اياز	-/70
-139	مني مراد (کهاڻيون)	ماهتاب محبوب	-/55
-140	منهنجو ڏس آسمان کان پچو (کهاڻيون)	امر جليل	-/60
-141	دنيا پنهنجي ديس پرايا (سفرنامو)	ايار لطيف پليجو	(ختر ٹيل)
-142	سوزيءَ سان پيار	مترجم: الطاف شيخ	(ختر ٹيل)
-143	هينئڙو ڏاڙهونءَ گل جئن (شاعري)	شيخ اياز	-/80
-144	خط، انترويو، تقريرون (پاڳو 2)	شيخ اياز	-/80
-145	کوٽ لکپ جو قيدي (پاڳو 1)	رسول بخش پليجو	(ختر ٹيل)
-146	لندن تنهنجا ڪيڏا روپ (سفرنامو)	طارق عالم ابڙو	(ختر ٹيل)
-147	سنڌو منهنجي ساهه ۾	امر جليل	-/80
-148	ڪرا ٽڪل صليب جا ۽ واٽون ڦلن چانئيون	شيخ اياز	-/80
-159	ڪربلا (کهاڻيون)	نورالهدي شاهه	-/65
-150	تاريخ جو ڪفن (کهاڻيون)	امر جليل	-/60
-151	رهجي ويل منظر (ناول)	طارق عالم ابڙو	(ختر ٹيل)

152-	پسي ڳاڑها گل (کهاڻيون)	رسول بخش پليجو	45/-
153-	دل جي دنيا (کهاڻيون)	امر جليل	60/-
154-	الوداعي گيت (شاعري)	شيخ اياز	60/-
155-	خبرون ڪيڙائن جون (سفرنامو)	الطاف شيخ	(ختم ٿيل)
156-	پاڻ ۽ پيڙا (ناول)	دوستو وسڪي/ رشيد پٽي	50/-
157-	ڪتين ڪر موڙيا جڏهن - 1 (شاعري)	شيخ اياز	90/-
158-	ورهاڱي جو ورجاءُ	ماهتاب محبوب	45/-
159-	مٺ مٺ موتي جي	محمد ابراهيم جويو	85/-
160-	قيديائيءَ جون اکيون ۽ چند	نورالهدئ شاهه	75/-
161-	اوهريا جي عميق ڏي (سفرنامو)	الطاف شيخ	100/-
162-	وهڻ مون نه وڃاءُ	رسول بخش پليجو	55/-
163-	سَندي ادب جو مختصر جائزو	اڪبر لغاري	70/-
164-	ڪتين ڪر موڙيا جڏهن - 2	شيخ اياز	100/-
165-	تنهنجي ڳولا، تنهنجون ڳالهيون (کهاڻيون)	زرينه بلوچ	55/-
166-	نند وليون (شاعري)	شيخ اياز	55/-
167-	ارائونڊ دي ورلڊ (سفرنامو)	الطاف شيخ	(ختم ٿيل)
168-	تاريخ جو سفر	ڊاڪٽر مبارڪ علي/ ابوبڪر شيخ	45/-
169-	سانگهڙ (ناول)	محمد عثمان ڏيپلائي	150/-
170-	سر لوهيڑا ڳڀيا (شاعري)	شيخ اياز	100/-
171-	ڪوٽ لکپت جو قيدي (پاڳو 2)	رسول بخش پليجو	65/-
172-	چا جو ديس چا جو..... بندر ديسان ديس	الطاف شيخ	60/-
173-	قومي غدار ۽ حساب ڪتاب	لياقت عزيز	50/-
174-	منهنجو وطن منهنجا ماڻهو	لوڪرام ڊوڊيجا	100/-
175-	سورج مکيءَ سانجهه (شاعري)	شيخ اياز	90/-
176-	اوچا ڳاٽ پهاڙن جا	نجم عباسي	50/-
177-	عورت ۽ پيار ٻنهون شهر (هڪ ڪتاب گڏ)	غلام نبي مغل	45/-
178-	ٽيون وجود (کهاڻيون)	امر جليل	60/-
179-	پياسي ڏرتي رمندا بادل (ناول)	سراج	150/-
180-	جر- ڏيئا جهمڪن	شيخ اياز	80/-
181-	منهنجي سڀ کان پياري ڏيءُ	ذوالفقار علي پٽو	50/-
182-	ڪيني ڪتاب (آتم ڪهاڻي- جلد 1)	رئيس ڪريم بخش خان نظاماڻي	150/-
183-	هرڻ اکي ڪيڏانهن	شيخ اياز	70/-
184-	آواره (ناول)	موهن ڪلپنا	50/-
185-	اوڙاهه (ناول)	غلام نبي مغل	150/-
186-	اچن جي ملڪ ۾ اسين ڪارا (سفرنامو)	الطاف شيخ	100/-
187-	ملير کان مالمو (سفرنامو)	الطاف شيخ	90/-
188-	مونجهارن ۾ ڦاٽل هڪ شخص	ڊاڪٽر صالح	55/-
189-	قيدي (ناول)	فخر زمان	60/-
190-	جت برف پٽي ٽي جام (سفرنامو)	الطاف شيخ	80/-
191-	ڪٽي تہ پڇبو تڪ مسافر (آتم ڪهاڻي)	شيخ اياز	100/-
192-	ڪراچي کان ڪرين هيگن (سفرنامو)	الطاف شيخ	70/-
193-	سهسين ٽيا سارنگ (سفرنامو)	عنايت بلوچ	100/-
194-	چند ڳليون (شاعري)	شيخ اياز	115/-
195-	اندر جنين اڄ (سفرنامو)	ماهتاب محبوب	70/-
196-	اڻڄاتل شهر جو نقشو (کهاڻيون)	شبنم گل	70/-
197-	ميهڙ کان ماسڪو (سفرنامو)	ڊاڪٽر محبوب علي شيخ	100/-
198-	رني آهي گهوٽ سان (چوٽيون ۽ پهاڪا)	الطاف شيخ	90/-
199-	ڪيني ڪتاب (جلد ٢) آتم ڪهاڻي	رئيس ڪريم بخش نظاماڻي	200/-
200-	خواب خوشبو چوڪري (ناول)	ماهتاب محبوب	100/-
201-	ڳهاڻ مٽان ڳهنگهور ڳهٽا ۾	شيخ اياز	70/-
202-	پڳوانن جي پونه (سفرنامو)	بدر ابڙو	90/-

203	يورپ جا ڏينهن يورپ جون راتيون (سفرنامو)	الطاف شيخ	90/-
204	مون کي محبت آهي	خليل جبران	40/-
205	ڪٽي نہ پيجبو تڪ مسافر (آتر ڪهاڻي)	شيخ اياز	120/-
206	حق موجود ـ تاريخ جو ڪيڏارو	يوسف شاهين	150/-
207	دونهاڻيل راتيون ۽ رولاڪ (ناول)	غلام نبي مغل	80/-
208	اي روڊ ٽ مدينہ (سفرنامو)	الطاف شيخ	130/-
209	ڪونجون ڪرڪن روهہ تي (شاعري)	شيخ اياز	70/-
210	سائنس جو معاشري تي اثر	برٽرنڊ رسل/ محمد علي شاهہ	70/-
211	ذات ۽ حيات (شاعري)	نارائڻ شيام	100/-
212	جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي (خط)	شيخ اياز	70/-
213	ڏسي ڏوهہ اکين سين (آتر ڪهاڻي) جلد - 1	جمال ابڙو	100/-
214	پن چڻ پچاڻان (شاعري)	شيخ اياز	100/-
215	ڪلهي پاتم ڪينرو (شاعري)	شيخ اياز	50/-
216	اندر ملهہ، اُملهہ (نشر)	حيدر علي لغاري	100/-
217	بُک (ناول)	نٽ همسن	50/-
218	اسپارٽيڪس (ناول)	هاورڊ فاسٽ	150/-
219	اونهي ڪاليهہ اسرار جي (آتر ڪهاڻي ـ جلد II)	جمال ابڙو	110/-
220	پلصراط (جيل جي ڊائري)	ڊاڪٽر دودو مهيري	80/-
221	مانهو	بدر ابڙو	250/-

گهرائڻ لاءِ: نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ٽندو ولي محمد، حيدرآباد
فون: 653270



اسانجي خوشقسمتي آهي جو سنڌو ۽ بولان وادين سان گڏ سنڌ ۽ بلوچستان جي ٻيگهه ويڪر ۾ اهڙا ٻي شمار ماڳ لڌا ويا آهن، جيڪي مهن جي دڙي واري دؤر کان به اڳ جا آهن. انهن ماڳن کي مجموعي طور تي سنڌو تهذيب کان اڳيون ثقافتون (Pre- Indus Cultures) چيو وڃي ٿو. پر ٽلهي ليکي انهنکي آمري ثقافت، کوٽڙيجي ثقافت ۽ مهر ڳڙهه ثقافت جا نالا ڏنا ويا آهن. مهر ڳڙهه جو دور هن مهل تائين لڌل دنيا ۾ سڀني قديم زرعي ثقافتن ۾ ٻئي نمبر تي آهي. مهر ڳڙهه سڀيءَ ويجهو بولان نديءَ جي ڪنڌيءَ تي آهي ۽ اهو ماڳ 9 هزار سال پراڻو سمجهيو وڃي ٿو. اهي ٽيئي ثقافتون پنهنجي پر ۾ اهو ثابت ڪرڻ لاءِ ڪافي آهن ته انهن ئي مهن جي دڙي جهڙي شاندار تهذيب جا بنياد وڌا. پر، اهو سوال اڃا به باقي آهي ته انهن ٽنهي ثقافتن جا ماڻهو ڪٿان آيا؟ ڇا اهي ماڻهو به ٻاهران آيا؟ هرگز نه. اهي ماڻهو ايامن کان سنڌ ۾ هٿ ۽ سنڌ جي ٽاڪرو علاقن ۾ لکا سالن کان پنهنجي ڪارڪرت ۾ مشغول هٿا. هن مختصر تحقيقي سلسلي ۾ مون انهن ماڳن جا تفصيل ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. پٽر جي دور جا سنڌي ماڻهو هتي ئي رهندا هٿا. اهي ماڳ سڄي سنڌ جي جبلن ۽ ٽڪرن ۾ موجود آهن. مون هتي تاريخ کان اڳ واري تسلسل جون ڪڙيون ڳنڍڻ جي نندڙي ڪوشش ڪئي آهي. ممڪن آهي ته ڪا ڳنڍجي نه پوي. ايتري گذارش ضرور ڪندس ته سنڌ جي حوالي سان جنهن جنهن ماڳ جو ذڪر ڪيو ائٿم، اهو مون اکين سان ڏٺو آهي، انجي پيمائش ڪئي آهي ۽ مختلف محققن سان خيالن جي ڏي وٺ سان گڏوگڏ ڪي ثبوت هٿ ڪيا آهن، جيڪي ڪنهن به صورت ۾ نظرانداز ڪري نٿا سگهجن. هن ڪتاب کي آدجگادي انسان جي ارتقا ۽ سفر جي ڪهاڻي سمجهڻ گهرجي، جنهنجي آخري باب ۾ سنڌ جي حوالي سان اوائلي لوڪن جي ٽاڪن جي نشاندهي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ائٿم.

بدر ابڙو

پڑهندڙ نسُل . پ ن

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين " اُداس نسلين" نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ "اُڌهندڙ نَسُل" نالي ڪتاب لکي پنهنجي دور جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ جٽيندي آهي اونڌا سونڌا ٻار
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڑا ٻار

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڏهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، چُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندڙُ، ياڙي، ڪائُو، ياڃوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سيني وِچان "**پڑهندڙ**" نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوُٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنيe-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڑهندڙ نسل کي وَڏَڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڑھندڙ نَسل (پَـنَ) کا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو کو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن کو بہ شخص اهڙي دعویٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَـنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن کو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بِہ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وٽن جا پَنَ ساوا، گاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڑھندڙ نَسُل وارا پَـنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙھندڙ، بَرندڙ ۽ پڙھندڙ، سُست ۽ پڙھندڙ يا وِڙھندڙ ۽ پڙھندڙ بہ ٿي سگھن ٿا. ہيں لفظ ہِ پَـنَ کا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَـنَ جا سي ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿين. اهڙي حالت ہِ پَـنَ پاڻ هِڪَٻئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَـنَـن پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن کو پيسا ڪمائي سگھي ٿو تہ پلي ڪمائي، رُڳو پَـنَـن سان اُن جو کو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پڑھندڙ نَسُل . پ ن The Reading Generation

پَنَن کي ڪُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي ته هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکَڪَن، چپائيندڙن ۽ چاپيندڙن کي هِمتائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ جاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن به رُڪاوٽ کي نه مڃن.

شيخ اَياز علمَ، جاڻ، سمجهَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽ، پُڪارَ سان تَشبيهه ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو ته:

گيتَ بہ جٽ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو بوليءَ جي آڙ چُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهِ پهاڙ چُپن ٿا؛

... ...

ڪالهَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄ ڪلهه نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہ جٽ گوريلا آهن.....

... ...

هي بيتُ اَڄي، هي بَم- گولو،

جيڪي به ڪٽين، جيڪي به ڪٽين!

مون لاءِ بنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ به بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄاڻائي کي پاڻ تي اِهو سوچي مَڙهڻ ته "هاڻي ويڙهه ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وجايو" ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر کڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَـنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽنر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ياڪي پائي چيو تہ "منهنجا پاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَـنَ پَـنَ جو پڙلاءُ".
- اياز (ڪلهي پاتر ڪينرو)